P.6 (129)

اوم

شري ستنام ساکي 000100

پاڳو پهريون

شري پريم پرڪاش سمپردايا چاريه پوجيه پاد برهم نشٺ برهم شروتريه شري شري ١٠٨ ستگرو سوامي ٽيئون رام مهاراج جن جو جيون چرتر

پرڪاشڪ- پريم پرڪاش منڊل ٽرسٽ،
امراپور آستان، ڄئپور-١

سنبت ٢٠٣٠ چيت
اپريل ١٩٧٣

ڇاپو پهريون
جلد ٢٠٠٠

پيسا ٥ رپيه

اوم

شري ستنام ساکي

ڀومڪا

مھان آتمائون جي پنھنجي گيان، ويراڳ، يوگ ۽ برھمچريه جي ساڌنائن ساڻ ڪانپوءِ ڪنھن اوچ پدوي کي پھتيون آھن، تن مان سنڌو ديش جو ١٠٨ **ستگرو سوامي ٽيئُون رام مھاراج جن** پڻ پرسڌ ھستي ٿي گذريا آھن. سندن گروديو جو نالو **سوامي آسورام** ھو.

ستگرو جن جو جنم سنبت ١٩٤٤ ۾ حيدرآباد ضلع جي کنڊوءِ نالي ڳوٺ ۾ ٿيو ھو. ٻالڪپڻي کانوني، ھو اپار شڪتيءَ جا مالڪ ھئا. ھنن لکڻ جي پٽي ڇڏي، ويراڳ ۽ تياڳ وارو جيون گھارڻ وڌيڪ پسند ڪيو جو ھنن ايشور ڀڳتيءَ جي رھسيه کي چڱيءَ ريت ڄاتو ھو.

گيان پراپت ٿيڻ کانپوءِ ھنن پنھنجي ھڪ ساڌ منڊلي ٺاھي ۽ اُنجو '**پريم پرڪاش**' نالو رکي ھڪ اُتم وچار کي ساکي ڪيو. ھن منڊليءَ جو متو آھي تہ ھر جيوَ، ھر ڌرم ۽ ھر پنٿ کي عزت ۽ پريم سان پسڻ، صرف آڪاس ورتيءَ اُنوسار دان سويڪار ڪرڻ، ڌارمڪ ايڪتا ۽ اکنڊتا بڻائي رکڻ.

جوڀن اوستا ۾ ھنن کنڊوءَ جو ڳوٺ ڇڏي، پنھنجي ساڌ منڊليءَ سان اچي ٽنڊو آدم وسايو. سندن سادگي، سچائي، نرمل سڀاءَ ۽ عملي جيون، ڪنھن الوڪڪ شڪتيءَ جيان انيڪ منشن جو اچي اُڌار ڪيو. ھنن ايشوري راھ ۾ انيڪ اوچ ڪوٽيءَ وارا مھاتمائون ۽ سوين گرھستي ساڌڪ پيدا ڪيا. ھر ڪنڀ جي ميلي تي، ھنن ساڌن ۽ سنتن جي

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

١. سوامي ٽيئُون رام جي مهاراج، امراپور استان، جئپور-١.
٢. پريم پرڪاش آشرم، پوپٽ والا، هريد وار (يو- پي).
٣. سوامي بسنت رام جي، پريم پرڪاش آشرم، دهلي گيٽ، اجمير.
٤. سوامي ماڌوداس جي، پريم پرڪاش آشرم، آدرش نگر، اجمير.
٥. سوامي شانتي پرڪاش جي، پريم پرڪاش آشرم، ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٥ - (بمبئي).
٦. سوامي چندن پرڪاش جي، پريم پرڪاش ڀؤن، آگروال ڪالوني، پونا - ٢.
٧. سوامي جئه پرڪاش جي، پريم پرڪاش آشرم، ملڪا گنج، دهلي - ٣.
٨. سوامي مرليڌر مهاراج، پريم پرڪاش آشرم، ٣ ڪاڇو ڪالوني، اندور ٢.
٩. سوامي جيون مڪت جي، پريم پرڪاش آشرم، ڪيرٿل منڊي (الوَر).
١٠. پريم پرڪاش آشرم، جمادار ڪي گوٺ، لشڪر گواليار
١١. پريم پرڪاش آشرم، شري پورا، ڪوٽا (راجستان).
١٢. پريم پرڪاش آشرم، گلاب خانه، آگرا (يو- پي).
١٣. پريم پرڪاش آشرم، بلاڪ ٦٥٠، سردارنگر، احمد آباد
١٤. پريم پرڪاش منڊلي، ڀاڳيه نگر، سٽي لائيٽ سئنيما جي پٺيان، مهيم، بمبئي - ١٦.
١٥. پريم پرڪاش ڀون، بارودخانا، لکنو (يو. پي.)

هن پستڪ جي ڇپائي شيوا شري ڀڳوانداس هيرانند دادلاڻيءَ ڪئي آهي.

آدرش ساڳيوئي رهيو آهي . آشرم ۾ ايندڙ برهمڻن ۽ سنتن لاءِ لنگري (ڀوڄن) هميشه چالو رهي ٿي ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌي ۽ ٻين سمپردائن جا مهاتمائون پڻ اُتي اچي نواس ڪن ٿا.

جهڙوڪ: سوامي بسنت رام (اجمير)، سوامي ماڌوداس (آدرش نگر ۽ پشڪر راج) اجمير، سوامي شانتي پرڪاش (ڪلياڻ بمبئي)، سوامي چندن پرڪاش (پونو ۽ ناسڪ)، سوامي جڳ پرڪاش (دهلي)، سوامي جيون مڪت (ڪيرٿل)، سوامي مرليڌر (اندور)، سوامي گڻيشانند (گواليار) وغيره انهن مهاتمائن ڪانسواءِ ٻيا سوامي سوير پرڪاش، سوامي گنگارام، سوامي ڪرشنداس، سوامي ڌرمداس، سوامي ستيه پرڪاش، سوامي وديا پرڪاش، سنت ڀڄن داس ۽ سنت تيرٿ پرڪاش پڻ پڌرا آهن.

ان کانسواءِ ڍولوڪ واسي سوامي گوال لعل، سوامي گرمکداس، سوامي آتمانند، سوامي پرمانند، سوامي اوڌوداس، سوامي هرپرڪاش، سوامي ارجن ديو، سنت هيرانند، سنت گوبند پرڪاش، سنت اوم پرڪاش، سنت سنتداس، سنت ڀڳوانداس، سنت پريتمداس، سنت هريرام، سنت ڪيدارام، سنت نامديو، سنت ڪملداس، سنت هنسراج، سنت هرداس، سنت چرنداس، ساڌ جيوڻ لعل برهمڻ، ڀڳت ايسرداس، ڀڳت ديولداس، برهمچاري نانڪرام، سرو سنت لڇيه پرڪاش، واڌورام، پري ڀڳت، ليلارام، گوپالداس، وانورام، هزاريرام، مينگهنداس، ڪيولرام (گويو)، هنس پرڪاش، ڀڳت پرڪاش، ڪلياڻ پرڪاش ۽ شنڪرلعل گرمتر جو ڪائون دان وٺي اُمرديس وڃي وسايو.

چاوٽي لڳائڻ آرنڀ ڪئي. چاوٽي لڳائڻ جي پرٿا هن وقت پڻ چالو رهندي آئي آهي. نه رڳو ايترو پر سنائن ويدڪ ڌرم جو پرچار سنڌ ۾ اُن وقت جو ايترو ڦهليل ڪونه هو، انکي خوب ڦهلايو. جنهن ڪري سنڌ جي سنسڪرتي ۽ سماج جو پاڙو ئي چمڪي پيو.

۵۵ ورهين جي عمر ۾ سوامي جن حيدرآباد سنڌ جي 'پريم پرڪاش' آشرم ۾ سوامي مادوداس جن وٽ سنبت ۱۹۹۹ ۾ برهم لين ٿيا. سنت منڊل سندن شرير کي ننڍي آدم جي اَمراپور (پرڌان اَستان) ۾ آڻي سماڌي ۾ رکيو. جنهن بعد ستگرو مهاراج جن جي پريرڻا سان سنت منڊل ۽ جڳياسين سوامي سروانند مهاراج جن کي سندن گادي نشين بڻايو.

ڏورڀاڳيه وس سنه ۱۹۴۷ع ۾ ڀارت جي ورهاڱي ڪارڻ سنڌ پرانت پاڪستان جي حصي ۾ آيو. ملڪ ۾ لڏپلاڻ سبب ستگرو مهاراج جن جا پوتر سنک جئپور ۾ اَمراپور استان ٺاهي، سماڌيءَ اندر رکيا ويا آهن. جنهنڪري هي استان، جڳياسين لاءِ جڻ ته هڪ تيرٿ استان بڻجي پيو آهي. غفا اندر، سائينجن جي من موهيندڙ سماڌي ۽ سنگمرمر مان ٺهيل سندن دلڪش مورتي استاپت ٿيل آهي. اُن ڪانسواءِ پنجن سٺن هزار ماڻهن جي وهڻ لاءِ، اوچن گنبذن سان دل لڀائيندڙ ستسنگ هال ۽ ياترين لاءِ سوين ڪٺيائون ڏسي، هي استان جڻ سرڳ سمان پيو ڀاسي. ڇت ۾ لڳندڙ چٽن ڏيئن وارو اتهاسڪ ساليانو ميلو جو اڳ ننڍي آدم (د.پ) ۾ لڳندو هو، سو هينئر هتي ئي لڳندو آهي ۽ واقع ئي ڪنهن يگيه سمان ڀاسندو آهي.

هن استان ڪانسواءِ، سڄي هندستان ۾ ستگرو جن جا ٻيا هينيان آشرم سندن سنڌ اُپديش جو پرچار پيا ڪن. سندن

ॐ

اوم

شري ستنام ساکي

شري گر پرماتمي نمه

ست شري ١٠٨ ستگرو سوامي ٽيئون رام مهاراج جن جو جيون چرتر

ڀاڱو پهريون - باب ١

منگلا چرڻ -

وندؤ سري گرديو کو - جو هئه سر کا تاج
جانکي کرپا درشٽ تي - هوؤن پورن کاج.

سنتن درويشن جي ڀومي سنڌ ديش ۾ حيدرآباد جو ضلع. تنهن ۾ سنڌو درياهه جي ڪنڌي تي، سر سبز ميدانن ۾ موهيندڙ باغن باغيچن وچ ۾ هو کنڊو ۽ نالي هڪ ڳوٺ. ان ڳوٺ ۾، سنبت ١٩٤٤ متي آکاڙ ٤، تٿي چيٽ شکل پکش ۾، برابر سن ١٨٨٧ع ۾ جولاءِ مهني جي ٦ تاريخ، ڇنڇر ڏينهن ٩ بجه صبوح جو ستگرو سوامي ٽيئون رام صاحب جن جو جنم، ڦول ونشي کتري کل جي ڀڳت چيلارام جي گهر ۾ ٿيو.

سندن پتا ڀڳت چيلارام ۽ ڏاڏو آسنداس وڏا هري ڀڳت هئا. ڀڳت چيلارام کي اهڙو سنت شيوي هو، جو ڪٿي به ڪو سنت مهاتما ڏسندو هو ته اکي پنهنجي استان تي آڻي، پريم سان رسوئي پاڻي ڪرائي، پوءِ ڇڏيندو هو. مهمانن ۽ مسافرن جي پڻ پريم ۽ آدر سان شيوا ڪندو هو. سندس

پڇاڙيءَ جا ٻه اکر: سوامي سروانند جي مهاراج جن جي هن وقت ستگروجن جا گادي نشين آهن سي پريم پرڪاش منڊل ٽرسٽ جا پرڌان پڻ آهن. هنن ستگروجن جي انوکي ۽ انيو واري جيوني ۽ سنڌن اپديش سنگره وارو هي ڀاڳو ڀريون اَمولڪ پستڪ، ڀريون دفعو پيش ڪري، نه رڳو ستگروجن جو مها شيوا ڪاريه پورو ڪيو آهي، پر هند ۽ سنڌ ۾ ستگرن جي پريمين لاءِ آتمڪ پرڪاش ڏانهن اڳتي وک وڌائڻ جي وات کولي آهي ۽ سنڌي ساهتيه جي شيوا پڻ ڪئي آهي.

هن پستڪ جي ڇپڻ کان اڳ '**پريم پرڪاش**' گرنٿ جنهن ۾ ستگرو مهاراج جن جي سموري واڻي (ديوناگري سنڌي ٻولي ۽ هنديءَ ۾ لکيل) ۸۰۰ صفحن جي هڪ وڏي گرنٿ جيان پرڪاشڪ ٿيل آهي. هنن ٻنهي پستڪن پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ستگروجن هڪ اَديت شڪتي جا مهاپرش آهن جن پرماتما جي اکنڊ جوتي، سنسار جي جڙ ۽ چيتن جيون ۾ ڏٺي هئي.

اپريل ۱۹۷۳.

پريم پرڪاش منڊل ٽرسٽ،
اَمراپور آستان،
ايم. آءِ. روڊ، جئپور (راجستان)

ڇپيندڙ:- سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪيسرگنج اجمير.

پنهنجي پتي ديو کان آگيا وٺي چاليهن ڏينهن جو ورت شروع ڪيائين. انهن پهر صرف آٽو کن جل ورتائيندي هئي ۽ سمورو وقت پرماتما جي ڌيان ۾ رهندي هئي.

ورت جا چاليهه ڏينهن پورا ٿيا ته رات جو پرماتما سپني ۾ کيس درشن ڏيئي چيو، ماتا، اسين تنهنجي تپ تي پرسن ٿيا آهيون، تنهنجو سنڪلپ پورو ٿيندو. اهو ٻڌي ماتا گد گد ٿيڻ لڳي. ماتا جو ورت سڦل ٿيو. ايڪيتاليهين ڏينهن صبوح جو ٧ بجي ورت ڇوڙيائين. انکانپوءِ ئي ٻالڪ ٽيئون رام سندس گود پِري. ڇهين ڏينهن دستوري ريت موجب ڇٺي ڪئي وئي. سنگت ٻالڪ جو درشن ڪيو. ڪٽنب ۾ واڌايون وري ويون. مهراج جيرامداس ٻالڪ جا گره ۽ راس ريکا ڏسي چيو ته ٻالڪ هونهار آهي ۽ ڌرم اوتار ٿيندو ۽ سندس نالو ٽيئون رام رکيو.

ڀڳت چيلارام کي اڳ ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون هيون. پٽن جا نالا هئا ويرسي مل ۽ ٿهلرام ۽ نياڻين جا گياني ٻائي ۽ ايشوري ٻائي. سڀني جي شادي ٿي وئي هئي. ويرسي مل ڀڳت چيلارام جي جيئري ئي جدا ٿي ويو هو. باقي ٿهلرام گهر جو ڪم ڪار ۽ دڪان جو ڪاروبار سنڀاليندو هو.

ٻالڪ ٽيئونرام سڀجي گهر ۾ سورج سمان هو. جئن سورج اڀرڻ سان اونده هلي ويندي آهي ۽ باغيچن ۾ گل ٽڙي پوندا آهن، تئن ئي سڀئي گهر جا ڀاتي، پاڙيوارا، مٽ مائٽ ۽ ستسنگي ٻالڪ جو شوڀنيڪ ۽ ڪلمک چهرو ڏسندا هئا ۽ سندس طوطلي ٻولي ٻڌندا هئا ته سندن چنتا روپي انڌيرو مٽي ويندو هو. سڀ ائين محسوس ڪندا هئا ته اسانجي گهر ساکيات ونڪنٺ ناٿ اوتار ڌاري آيو آهي. سڀني جي دل گلاب جي گل وانگر ٽڙي پوندي هئي.

استان تي هر روز نت نيم سان ست سنگ ۽ ڀڄن ڪيرتن ٿيندو هو. سوامي جن جي ماتا ڪرشنا ديوي به پنهنجي پتيءَ کان پٺتي پيل ڪانه هئي.

هڪ دفعي رشي ڪيش هردوار جي هڪ سنت منڊلي سنڌ جو سير ڪندي اچي ڪنڌڪوٽ ۾ نڪتي. ڀڳت چيلارام کين پنهنجي استان تي وٺي آيو ۽ سندن ٽهل شيوا ڪرڻ لڳو. مهاتمائون صبوح شام ست سنگ ڪندا هئا ۽ ستار تي ڪيرتن ڪندا هئا. ڳائيندي ڳائيندي اهڙو ته پريم ۾ مگن ٿي ويندا هئا جو پنهنجي سرير جي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندا هئا. ڀڄن ڪندي پنهنجي آسڻ کان به ٽي فوٽ اڀتي رڙهي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن ماتا ڪرشنا ديوي ستسنگ ۾ ويٺي هئي. جڏهن سنت، ڀڄن جي موج ۾ آيا تڏهن سنتن ڏانهن نهاري من ئي من ۾ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ لڳي ته هي انترجامي، مان نماڻي اوهان جي در تي اها ئي ارداس ٿي ڪريان ته ديا پالي هن ڪانپوءِ هنن منيشورن جهڙا ئي ٻار ڏجو ۽ اها ارداس اگهائجو. اهو سنڪلپ ڪري ستسنگ جي سماپتي وقت ماتا هٿ جوڙي سنتن کي پرارٿنا ڪئي ته هي سنتو ڪرپا ڪري هن ست سنگ ۾ پلؤ پايو ته منهنجي دل ۾ جيڪا آس آهي سا پرماتما پوري ڪري. سنتن پلؤ پاتو ۽ رام نام جي ڌني لڳائي، ستسنگ پورو ڪيو.

رات جو ماتا کي ويچار آيو ته ٻڌندي آهيان ته ڀڳوان تپ ڪرڻ سان ئي پرسن ٿي من جون مرادون پوريون ڪندو آهي. ڇو نه مان به ڪٺن تپ ڪري پرماتما جي پرسنتا پائي من جو منورٿ پايان. اهڙو سنڪلپ ڪري صبوح جو



لاڳي لاڳي شبد کي چوٽ تن ۾

ماتا ڪرشنا کيس کير پيئاري، گود ۾ وهاري مٿي سر سان شووهم جي لولي ڏيئي جتي ٻه گهڙي سمهاريندي هيس يا وهاريندي هيس ته، اتي ئي شانتيءَ سان سمهي پوندو هو يا ويهي رهندو هو. ڪڏهن ٻه ٻين ٻارن جيان اجايو سجايو ڪين روئندو هو. سڀاءُ سدائين نرمل، سانتيڪو ۽ ڪلمک هوندو هوس. ٻن سالن جو ٿيو ته، ماتا کيس ڳالهائڻ سيکارڻ لڳي. پهريائين سيکاريائينس رام جو نالو ۽ پوءِ ڏاڍي ڏيري پيا ٻالا.

منڊڻ سنسڪار جو سمو آيو ته، آکاڙ جي پورڻماسي ڏي، وڏي ڌام ڌوم سان ٻائي جوهر ڳر جي باغيچي واري کوه تي ٻالڪ جو منڊڻ لهرايو ويو.

ماتا ڪرشنا هر روز نت نيم سان پرڀات جو ۴ بجي اٿي جنڊ پيهندي هئي. ننڍڙي ٻينگر کي گود ۾ وهاري ڪبير صاحب جو هينئون پڄن ڳائيندي هئي.

لاڳي لاڳي شبد کي چوٽ تن ۾

ٻالڪ ماتا کي چوندو هو: اما 'لن ۾' ڳاءِ. ماتا به هر روز کيس ڳائي ٻڌائيندي هئي.

ستگرو مهاراج جن جو راند ڪرڻ جو طريقو ئي نرالو هو ٻارن کي ڪٺو ڪري آسڻ لڳائيندا هئا. پاڻ به اکيون بند ڪري ۽ ٻين ٻارن کان به اکيون ٻوٽائي، ويهي پريم سان رام نام جي ڌني لڳائيندا هئا. جتي به ستسنگ ٿيندو هو، اتي ٻارن کي ساڻ ڪري ويندا هئا.

سڀني ٻارن کي اهڙو نه پريم جي ڏور ۾ ٻڌي قابو ڪيو هئائون، جو هر روز صبوح جو، ننڊ مان اٿڻ سان ئي سڀئي

ٻار وٽن هليا ايندا هئا ۽ سارو ڏينهن مهاڻن ۾ مهاراج جن سان گڏ رهندا هئا. وچ ۾ صرف هڪ دفع روٽي کائڻ لاءِ گهر ويندا هئا.

ان نموني ستن ورهين جا ٿيا ته هڪ ڏينهن سيٺي ڇوڪرن کي چوڻ لڳا ته اڄ هلو ته درياهه تي هلي راند ڪريون. سڀئي گڏجي درياهه تي ويا. اُتي سيٺي کي چيائون ته اڄ سڀڪو پنهنجو پنهنجو گهر ٺاهي. تنهنتي جيڪي ١٥-١٦ ڇوڪرا آيا هئا تن سيٺي گڏجي وٽن جون ٽاريون ڀڳيون. ڪن ٽاريون زمين ۾ کوڙيون ۽ مٿان وجهي پنهنجا گهر ٺاهيا ۽ ستگرو مهاراج جن پنهنجو هڪڙو گهر ٺاهي تيار ڪيو. پوءِ سيٺي کي چيائون ته هاڻي هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر ۾ آسڻ لڳائي ۽ اکيون بند ڪري رام جو نالو جپي. ايترو ٻڌي سڀئي ڇوڪرا آسڻ ٻڌي اکيون ٻوٽي رام نام جپڻ لڳا. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ ستگرو مهاراج جن سيٺي کي سڏي پنهنجي گهر اڳيان وهاري چيو ته هاڻي درياهه شاهه ۾ اشنان ڪري پوءِ گهر هلنداسون. رڃهوءِ نالي هڪ ڇوڪرو چوڻ لڳو ته ڪپڙا ته لاهي رکون پر ڪو کڻي نه وڃي. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته اوهان چنتا نه ڪريو. مان ڪپڙن جي سنڀال ڪندس. توهان وڃي ڀلي اشنان ڪري اچو ته پوءِ مان وهندس. سڀئي ڇوڪرا ڪپڙا لاهي ستگرو مهاراج جن کي ڏيئي وڃي اشنان ڪرڻ لڳا. هڪ ڇوڪرو ڪلوُ ڪجهه چنچل سڀاءَ جو هو، سو اشنان ڪندي درياهه ۾ ڪجهه اڳتي هليو ويو جتي پاڻي تمام وڏو هو ۽ يڪدم ٻڏي ويو. ڪلوُ کي ٻڏي ويل ڏسي سڀئي ڇوڪرا ٻاهر نڪري دانهون ڪرڻ لڳا. دانهن تي ستگرو ڊوڙندا آيا ۽ ڇوڪرن کان دانهن جو سبب پڇڻ لڳا. هٿن جو اشارو



ورڻ ديوتا سان ميلاپ

ڪري چوڪرن چيو تہ ڪلوءُ ٻڏي ويو. ستگرن چوڪرن کي چيو تہ دانهون نہ ڪريو، مان ڪيس ڪڍي ٿو اچان. ائين چئي وٺي ڪپڙن سوڌو دريا ۾ ٽپو ڏنائون ۽ اندر هليا ويا. اهو حال ڏسي چوڪرا وڌيڪ روئڻ لڳا ۽ دانهون ڪرڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ هاءِ، ٻئي ڄڻا ٻڏي ويا. پر اَنَ منٽن کانپوءِ ستگرو ڪلوءَ کي ٻانهن کان وٺي ڪنڌيءَ تي ڪڍي آيا. چوڪرا ڪلوءَ کي ڏسي خوشيءَ مان ٽاڙيون وڄائڻ لڳا. ڪلوءَ کي ڪپڙا پارائي سڀئي چوڪرن سان گڏجي اچي هڪ وڻ هيٺان ويٺا. چوڪرا ستگورن کان پڇڻ لڳا تہ، ڪلوءَ کي ڪٿان ڪڍي آيا؟ سواميءَ جن چيو تہ، ڪلوءَ کان پڇو. چوڪرن ڪلوءَ کان پڇيو. ڪلوءُ ستگورن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو تہ جنهن وقت غوطا کائي رهيو هوس تنهن وقت ائين ٿي هڪڙي ديوتا مون کي ٻانهن کان وٺي گود ۾ وهاريو. ايتري ۾ سائينجن اچي ويا ۽ اهو ديوتا ڦل ڦوُل ڪٽي سائينجن جي اڳيان رکي پيرين پيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو، تہ هي پريو منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو اوهان اچي درشن ڏنو آهي. هن وقت ٻي ڪهڙي اوهان جي شيوا ڪريان؟ هن داس جي وينتي آهي تہ جڏهن بہ ڪو هن داس ۾ ڪم پوي تہ داس کي شيوا ڪرڻ لاءِ آگيا ڪندا. انهيءَ تي سائينجن ان ديوتا کي چوڻ لڳا تہ مان بہ اوهان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو گهڻن ڏينهن کانپوءِ ميلو ٿيو آهي. ايترو ٻڌي ديوتا سائينجن کي پيرين پئي انترڌان ٿي ويو. تنهن کانپوءِ سائينجن مولکي ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڪڍي آيا.

چوڪر هٿ جوڙي پڇڻ لڳا تہ سائين، اهو ديوتا ڪير هو؟ تنهن تي ستگورن مشڪي چيو تہ اهو اسانجو پريتم ورن ديوتا هو.

ڪلاڪُ ۽ ٻن کن ڇوڪرن گهر اچي پنهنجن مائٽن سان اها ڳالهه ڪئي جي ٻڌي ڏاڍي اچرج ۾ پئجي ويا. اهڙيءَ طرح ستگرو ڇوڪرن سان ڪڏهن باغن ۾، ڪڏهن گهر ۾، ڪڏهن درياه تي ۽ ڪڏهن نهر جي ڪناري تي وڃي رام نام جو جاپ ڪندا هئا ۽ ٻروليون ناهي ڇوڪرن کي ڏيندا هئا. جيڪو ڇوڪرو ٻرولي سلهندو هو تنهنکي نول ڏيئي سڀني جو اڳوان ٻڻائيندا هئا.

هڪ ڏينهن راند ڪندي وڃي مکي جهامراء جي باغ ۾ وينا. اتي سڀني ڇوڪرن کي وهاري چوڻ لڳا ته اڄ اوهان لاءِ هڪ ڳجهارت ناهي آيو آهيان، جيڪو ڀڃندو تنهنکي پاءُ پيڙن جو ملندو.

اها ڳالهه ٻڌي سڀئي ڇوڪرا خوشيءَ مان ٽاڙيون وڄائڻ لڳا ۽ ساوڌاني سان ويهي مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته جلد ٻڌايو.

سوامي جن هيءَ ٻرولي ناهي ڇوڪرن کي ڏني:

اکر ٻکي (ڃ)، راند جا کي ڪَرنا ڏنا تو.

اهو ٻڌي ڇوڪرا ڀڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. ڪلاڪ کن مٿو هڻيائون پر ڪير به ڀڃي نه سگهيو. تڏهن سڀئي کين چوڻ لڳا ته توهان ڀڃي ٻڌايو. مهاراج جن چيو ته چڱو اڌ مان تو ڀڃان باقي اڌ اوهان ڀڃي ٻڌائجو. جيڪو اڌ به ڀڃي ٻڌائيندو تنهنکي ٻه پاءُ پيڙن جو ملندو. انهن چئي چيائون ته چڱو هاڻي ٻڌو. اکرن جي نالن ۾، پکين جي نالن ۾، برتڻن جي نالن ۾، راندين جي نالن ۾، ماڻهن جي نالن ۾ هيءَ ٻرولي ڀڃندي. اهڙو ٻڌي وري سڀئي نالا وٺي ڀڃڻ لڳا. ٻيو ڪلاڪ به مٿو ماريائون پر ڀڃي ڪين سگهيا. تڏهن

شبد سُر هُرو

پڙهو اکر سو هڪڙو پياري - جنهن مان هي جنسار ٿيو.
١- بنگلا ماڙيون باغ باغيچا - سارو هي سنسار ٿيو
٢- چوراسي لک جوُٽي جنهن مان - اَديت هي اسرار ٿيو
٣- اَکر اهو ٿا سنت سڻائن - جنهن مان جڳ اظهار ٿيو
٤- کهي نيڻون هي آهي اوهو -
جنهنجو چئن طرف چمڪار ٿيو.

پڇن ڪانڻ لڳا نه وري به پهرين ڏينهن واري ڪار ٿي.

اها وارتا ساري شهر ۾ پکڙجي وئي ۽ ان ٻئي ڏينهن کان ئي اسڪول ۾ ماستر ڇوڪرن کي پاڙهين ئي ڪو نه ٿا. انهيءَ تي شهر جا ٻه چار پنچ، مکيءَ سان گڏجي اسڪول ۾ ويا. ماسترن کي چيائون نه اها ڳالهه ته ڪين ٺهي جو سڄو ڏينهن اسڪول ۾ ستسنگ لڳائي ويٺا آهيو ۽ ڇوڪرن کي پاڙهيو ئي ڪو نه ٿا. ڇوڪرن کي چڱيءَ طرح پاڙهيو نه واهه نه نه آفيسرن کي درخواست ڪري ٻيا ماستر گهرايون. پنچن جو دڙڪو ٻڌي، ماسترن چيو نه توهان ڪو به خيال نه ڪريو، آئينده اسين ڇوڪرن کي چڱي طرح پاڙهينداسون. انهيءَ خاطريءَ تي مکي پنچ موٽي پنهنجي جاءِ تي آيا.

ٽئين ڏينهن به ماستر ڪين ٽِڪي ڏٺي. ستگرن ٻئي وٺي آهستي آهستي اسڪول جي دروازي کان ٻاهر نڪري سڌو ٻاني ٺاڪر ڳِر جي باغ ۾ ويا ۽ انب جي وڻ هيٺان پٽي گوڏي هيٺان رکي، اکيون بند ڪري پريوءَ جي ڌيان ۾ ويهي رهيا. ڪنهن مهل پريوءَ جي ڌيان ۾ ۽ ڪنهن مهل پڇن ناهي ڳائڻ ۾ گذاريائون. انهن ڪندي منجهند جا ٻارهن لڳا، نه به منجهند جي روٽي کائڻ گهر ڪو نه ويا. ٻه لڳي

ستگرو مهاراج چوڻ لڳا، هاڻي ساوڌان ٿي ڪن ڏيئي ٻڌو. اکر گرمکي - پکي هنس، برڻ مت، راند ۾ گيان ۽ ماڻهن جي ٽالن ۾ ساڌُو. مطلب - گرمکہ هنس، مت گيان جا - ڪي ساڌو ڏنا ٿو.

اهو ٻڌي ڇوڪرا خوش ٿيا ۽ هڪ ڇوڪري کي بازار موڪليائون جنهن پاءُ پيڙن جو آڻي ستگرن کي ڏنو. سوامي جن منگهن کي چيو ته پيڙا کڻي سڀني کي ورهائي ڏي. منگهن پيڙا سڀني کي ورهائي ڏنا. پيڙا کائي کوه تان پاڻي پي سڀئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا.

اهڙيءَ طرح رانديون ڪندي جڏهن ستگرو اٺن ورهين جا ٿيا ته سندن پتا کين سڪول ۾ وهاري آيا.

ٻهرين ڏينهن ماستر ستگرن کي پٽيءَ تي اکر لکي ڏنا ۽ چيائونس ته پکا ڪر. ستگرو پٽي کڻي ايڪانت ۾ وڃي پٽي پاسيري رکي ويٺا ڀڄن ٺاهي پنهنجي موج ۾ ڳائڻ. ڀڄن ٻڌي اسڪول جا سڀئي ڇوڪرا ۽ ماستر اچي ڪٺا ٿيا ۽ ڀڄن ٻڌڻ لڳا. ماستر اهڙو ته مگن ٿي ويا جو ڇوڪرن کي پڙهائڻ به وسري وين.

ٻئي ڏينهن به ماستر مهاراج جن کي پٽي لکي ڏني چيو ته وڃي اکر پکا ڪر. ستگرو مهاراج ٻئي ڏينهن پٽي کڻي ايڪانت ۾ ويهي چئن پنجن ڇوڪرن کي سڏ ڪري پڇيو ته، توهان ڇا ڇا پڙهيا آهيو. ڇوڪرن جيڪي پڙهيو هو سو پڙهي ٻڌايائون. تڏهن ستگرو مشڪي چوڻ لڳا ته اوهان ڏاڍو سٺو پڙهيا آهيو، پر هڪ اکر اڃا ڪونه پڙهيا آهيو. تنهن تي ڇوڪرا پڇڻ لڳا ته اهو اکر ڪهڙو آهي؟ ستگورن هينيون شبد ٺاهيو.



اِسڪول ۾ ايڪانت ڪٿي !

ويا ته به ڪونه ويا. گهر جا ڀاتي ۽ ماتا ڪرشنا وهلوُر وڃڻ لڳا. آس ۾ ته اجهو ٿو اچي، اِئين ٿي پنج لڳي ويا. پنجين بجه ڀڳت چيلارام ٻنيءَ تان موٽيو ته ماتا کيس ٻڌايو ته ڇوڪرو اِسڪول مان موٽيو ئي ڪونهي. اوهين وڃي سڌ سماءُ ته لهي اَچو.

ڀڳت صاحب اها خبر ٻڌي سڌو اِسڪول ويو. وديارٿي سڀ هليا ويا هئا ۽ ماستر به وڃڻ تي هئا. ڀڳت چيلارام ماستر کي چيو ته اڄ اسانجو ڇوڪرو گهر روٽي کائڻ به ڪين آيو آهي، ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اهو ٻڌي ماستر چوڻ لڳو ته ڀڳت صاحب مون ته اوهان جي ڇوڪري کي صبوح جو پٽي لکي ڏيئي چيو ته ويهي پڙهه؛ پوءِ جي مونکي خبر ڪانهي ته ڪيڏانهن هليو ويو. مون ائين ٿي سمجهيو ته ضرور گهر آيو هوندو. اهو جواب ٻڌي ڀڳت صاحب پٽ کي ڳولڻ نڪتو. درياهه، نهرون، باغ باغيچا ڳوليندي سج لٿي مهل ٻائي ٺاڪر گر جي باغ ۾ اچي پهتائون. هڪ پريميءَ کيس ٻڌايو ته اوهان جو ڇوڪرو باغيچي جي ڪنڊ ۾ هڪ اَنب جي وڻ هيٺان ويٺو آهي. ڀڳت صاحب باغ ۾ اَندر وڃي پٽ جي ويجهو پهتا. ستگرو اُٿي کين پيرين پيا. ڀڳت صاحب مهاراج جن کي ٻانهن کان وٺي چوڻ لڳا ته اَبا اِسڪول ڇڏي ڇو اچي هتي باغ ۾ ويٺو آهين ۽ منجهند جو گهر روٽي کائڻ ڇو ڪين آئين؟ ماستر توکي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي ڇا؟ مهاراج جن نمرتا سان چوڻ لڳا ته بابا، مونکي ماستر پٽي لکي ڏيئي چيو ته ويهي پڪي ڪر. اِسڪول ۾ ته گوڙ ڏٺم تنهنڪري هتي ايڪانت ۾ اچي ويٺس. پوءِ مون کي وقت جي ڪا خبر نه پيئي. ايترو ٻڌي ڀڳت صاحب، مهاراج جن کي گهر وٺي آيو. ماتا ڪرشنا مهاراج جن کي پيار مان ڀرانڙي

ٻاتي ۽ گود ۾ وهاري ٻچڻ لڳي ته ٻٽ اڄ سڄو ڏينهن ڪٿي هئين؟ مهاراج ڄڻ ٿورو مشڪيو. جيڪو جواب پتا کي باغ ۾ ڏنو هئائون سوئي جواب ماتا کي ڏنائون. ٻڌي ماتا ۽ گهر جا ڀاتي کلڻ لڳا. ٻوءِ ماتا ڪرشنا مهاراج ڄڻ کي روٽي کارائي ۽ پاڻ به کاڌي.

ٻئي ڏينهن ڀڳت صاحب سوامي ڄڻ کي پاڻ اسڪول وٺي ويو. ماستر کي پارت ڪري چيائين ته سائين، ڇوڪري جو خيال رکجو، ڄڻ اڄ به ڪيڏانهن نڪري نه وڃي.

ماستر مهاراج ڄڻ کي وري پٽي لکي ڏيئي چيو ته ويهي اکر ٻڪا ڪر. پر مهاراج ڄڻ پٽي کڻي ڏيري ڏيري اسڪول کان ٻاهر نڪري باغ باغيچا گهمندا وڃي درياه جي ڪناري تي نڪتا. اتي هڪ پپل جي وڻ هيٺان پٽي رکي ويهي پريوءَ جو ڌيان ڌرڻ لڳا. ڪلاڪ کن ڌيان لڳائي اتي درياه مان ٿورو پاڻي پي وري به ساڳي جاءِ تي ويهي، درياه شاه ڏانهن نهاري هيٺيون ٻچن ناهي ڳائڻ لڳا:-

راڳ ڌناسري

ٿل- پار وڃڻ مولڪي آهي ضروري-
وشيون واهڙ واٽن تي آهن گهڻا

١- هڪڙا مڇ ٻيا ڪڇ ٽيون واڳون (واگهو) ٿا وڙهن
چوٿون ڳُن ڪُڙڪن- پنجون لهرون لعل جو ويني ڳٽيان

٢- هڪڙو ڪام، ٻيو ڪروڌ، ٽيون لوڀ ٿو لپائي
چوٿين چنتا تي چُڪائي، پنجون پوءِ انهيءَ ۾ ٻيئي پُٽان

٣- هڪڙي رات ٻي تات، ٽين منگان ٿي ذات
چوٿين تي پرڀات، پنجون سڌ سڄڻ جا ٻيئي سٽان

٤- هڪڙو موه، ٻي ممتا، ٽيون نيڻون لڳا نيئي
چوٿون ٻڌ پچان پيئي، پنجون ڌر ٻنهنجي کي شال وٽان.

۾ ٻڌو، جتي ڀڳت آئل رام جن رهندا هئا. ڀڳت صاحب کي سموري حقيقت ٻڌايائون. سنت آئلرام کيس چيو ته چنتا نه ڪريو، ڇوڪر ڀاڻيهي گهر ايندو. ڀڳت صاحب موٽي ڪنڊ ۾ آيو. گهٽي گهٽي گهميا، پريمين جي گهرن مان پڇا ڪيائون، پر پتو ڪونه پيو. اڌ رات جا ڏهه ٻارهن اچي ٿيا. ٻراس ٿي گهر آيو ۽ سربستي ڳالهه ماتا ڪرشنا ڪي ڪري ٻڌايائين. ماتا صاحب بيحد وياڪل ٿيڻ لڳي. ان رات گهر جي ڪنهن به پاڻي ۽ روٽي نه کاڌي. سڀني ساري رات چنتا ۾ گذاري ۽ ڪنهن به ننڊ ڪانه ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو وري ڀڳت چيلارام پاڻ سان ٻئي جڻا وٺي ڳولا تي نڪتو. نهر جي ڪناري تي پهتا، هڪ ڏنار بيٺو هو، جنهن کان ڀڳت صاحب پٽ بابت پڇيو. ڏنار چيو ته ڪالهه سج لٿي مهل ڪڇي مان پور ڪاهيو پئي آيس ته توهان جي ڇوڪر کي درياه جي ڪناري تي پپل جي وڻ هيٺان ڳائيندو ڏٺم. ڏنار جي ڳالهه ٻڌي سڀئي اوڏانهن ويا. ڏسن ته برابر مهاراج جن ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي ڌيان ۾ ويٺا آهن. ڀڳت چيلارام مهاراج جن جي ويجهو اچي کين سڏ ڪيو. مهاراج جن ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجي پتا کي ڏسي اٿي اچي کين پيرين پيا. ڀڳت، صاحب جن کي پريم سان ڀاڪر پائي چيو، پٽ اڄ ڇو اچي ويٺو آهين؟ ڪالهه کان وٺي اسان توکي سارو شهر، باغ باغيچا، نهر جي ڪناري ۽ پريمين جي گهرن ۾ ڳوليندا رهيا آهيون. تنهنجي چنتا ۾ رات گهر ۾ نه ڪنهن روٽي کاڌي آهي ۽ نه وري ڪنهن ننڊ ئي ڪئي آهي. ايترو چئي مهاراج جن کي گهر وٺي آيو. مهاراج جن ماتا کي پيرين پيا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا. ماتا کين ٻانهن کان وٺي پنهنجي گود ۾ وهاري

اهڙيءَ طرح ڪنهن مهل پڇن ٿاهين ته ڪنهن مهل پرپوءِ جو ڌيان لڳائين ائين سارو ڏينهن آلي ئي وينا رهيا.

هوڏانهن ماتا ڪرشنا مهاراج جن جي اچڻ جو انتظار ڪري ٻاهر دروازي تي ڀي بازار ڏانهن نهارڻ لڳي. انتظار ۾ ڪلاڪ ڏيڍ گذري ويو پر مهاراج جن گهر ڪين آيا. ان بعد ماتا دڪان تي اچي ٽهلرام کي چوڻ لڳي ته پٽ، اڄ به ٻائين اسڪول مان روٽي کائڻ ڪونه آيو آهي. مٿان اچي هڪ ڏيڍ لڳو آهي، سو وڃي اسڪول مان وٺي اچئس. ڀائي ٽهلرام دڪان بند ڪري وڃي اسڪول ۾ ماستر کان پڇا ڪئي. ماستر ڀائي ٽهرام کي چوڻ لڳو ته مون اوهان جي ڀاءُ کي ڇٽي لکي ڏني چيو ته وڃي اکر پڪا ڪر. پوءِ ته مان ٻين ڇوڪرن کي پاڙهڻ ۾ لڳي ويس. ان کانپوءِ خبر ڪانهي ته ڪيڏانهن ويو. الي هڪڙي ڇوڪري خبر ڪئي ته سائين مون ڏٺو ته صبوح جو ڇٽي کڻي آلائي ڪيڏانهن ڇٽي ويو. ڇوڪري جي ڳالهه ٻڌي ڀائي ٽهلرام سڌو ڀائي ٺاڪر گر جي باغ ۾ اچي مهاراج جن کي ڳولڻ لڳو. مهاراج جن کي الي نه ڏسي وري ٻين باغن ۾ ويو، پر ڪٿي به پتو ڪونه پيو. آخر نراس ٿي موٽي گهر اچي ماتا کي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. ماتا ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي چنتا ۾ پئجي ويا. ايتري ۾ ڀڳت چيلارام گهر آيو ۽ سڀني کي چنتا ۾ ڏسي پڇڻ لڳو ته اڄ به ڇوڪرو گهر ڪونه آيو آهي ڇا؟ ماتا ڪرشنا اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته اڄ به اڃا ڪونه آيو آهي. پاڻس کي ڳولڻ لاءِ موڪليم پر ڇوڪري جو پتو اڃا ڪونهي.

ڀڳت صاحب ٻه چار جڻا ساڻ ڪري نهر جي ڪناري ۽ باغيچن ڳوليندي وڃي سالاري جي ڳوٺ ۾ پريم نگر دربار

جڏهن ستگورو مهاراج جن جي اوستا ٻارهين ورهين جي ٿي تڏهن تاريخ ١٣ آکاڙ، سنبت ١٩٥٤، ٿٿي پورنماسي، برابر ٦ جولاءِ سنه ١٨٩٧ع، ڀڳت چيلارام جي گهر پنجين پٽر سوامي گوال رام جو جنم ٿيو. ڌوم ڌام سان ڇٺي ڪئي ويئي. مهراج گرڌاري لال ٻالڪ جون ريکائون ڏسي چيو ته هي ٻالڪ به وڏو هري ڀڳت ٿيندو.

ٻالڪ گوال لال جو سڀاءُ به ننڍڙي هوندي کان ئي نرمل ۽ شانتيڪو هوندو هو. انڪري سارو گهر سرڳ سمان ٿي پيو.

دوهرو- آگياڪاري پٽر هو، پتورتا هو نار
ڌن سچ ڪا، سنتوش هن، چار سرڳ سنسار.

ارٿ:- جنهن گهر ۾ پٽر آگياڪاري، استري پتورتا، ۽ ڌن، سچ جي ڪمائيءَ جو آهي؛ جتي من ۾ سنتوش ۽ شانتي آهي، اُتي اُتئي ڀر سرڳ آهي؛ يعني اُتي سک آنند سان وقت گذري ٿو.

پر جتي انهن ڳالهين سان گڏ، ستسنگ ۽ هري ڀڄن هجي، ته اُهو گهر وري مها سرڳ بڻيو پوي. سو ڀڳت چيلارام جن جي گهر اِهي سڀئي ڳالهيون موجود هيون، ۽ ڀڳوان جي ديا سان چار ئي پدارٿ پراپت هئا.

هڪ ڀيري، سنت ٻڌ پوري سنياسي لاڙ جي پاسي جو تنبوري تي ڀڄن ڪندو هو، سو گهمندو ڪنڌوءَ ۾ ڀڳت صاحب جن جي آستان تي آيو. ستگرو مهاراج سنت کي ڏسي خوش ٿيا، وڏي آدر ستڪار سان سنت جي شيوا ۾ لڳي ويا. منجهند جو سنت آرام ڪري اُٿيو، ته پاڻي پيئي تنبورو کڻي، ويٺو ڪيرتن ڪرڻ. ستگرو مهاراج به ڪنجهيون کڻي ويٺا وڄائڻ. سنت اهڙو ته پريم سان ڪيرتن ڪيو، جو شهر جا ڪيترا ماڻهو ڀڄن ٻڌڻ آيا ۽ برابر ٻه ڪلاڪ ڪيرتن

پيرڻ لڳي، پر ڪالهه سارو ڏينهن رات ڪٿي هئين؟ روني ڪاڏي آئيئي؟ اهڙو چئي ماتا کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. مهاراج جن اصل چپ رهيا ۽ ڪجهه نه چيائون.

ڀڳت صاحب سموري حقيقت پنهنجي ڌرم پتنيءَ کي ٻڌائي. ماتا ڪرشنا ڀڳت صاحب کي وينتي ڪئي ته اڳتي ڇوڪري کي اسڪول نه موڪلجي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ڀڳت چيلا رام، مهاراج جن کي سڏي پريم سان چيو ته پٽ! اڳتي تون گهر رهي، پريم سان سنتن مهاتمائن ۽ مسافرن جي شيوا ٽهل ڪر ۽ گهر جو پاڻي به ڀر. اِها اسان جي آڳيا آهيئي. ٽهلرام پاڻهي دڪان جو ۽ گائن جو ڪم سنڀاليندو. مان باغ ۽ ٻنيءَ جي سنڀال لئي ٿو وڃان. پتا جي آڳيا اُنوسار ستگورو مهاراج سنتن ۽ مهاتمائن جي شيوا ۾ لڳا رهيا ۽ کوهه تان پاڻي به ڀريندا رهيا. پنگهائي کوهه تي پاڻي ڀرڻ ويندا هئا ۽ دلا رکي نار هلائيندا هئا. اوڏي مهل جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جا مائي يا ڪو پاڻي کين چوندو هو ته ڇوڪر، نار کي بيهي ڦيرا ته ڏج ته اسين به پاڻي ڀريون ته پريم سان بيهي نار هلائيندا هئا جيستائين سڀئي پاڻي ڀري وڃن. پوءِ پنهنجو پاڻي ڀري گهر ايندا هئا. پاڻي ڀري وري اچي سنتن جي شيوا ۾ لڳي ويندا هئا. سنت رسوئي ڪري آرامي ٿيندا هئا ته پريم سان کين پنکو هڻندا هئا. سنت جڏهن اُٿي پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪندا هئا ته اها ڌيان سان ويهي ٻڌندا هئا. شام جو سنتن کي گهمائي سڀ لئي واپس اچي ستسنگ لاءِ آسڻ وڇائيندا هئا.

ڀڳت چيلا رام جن اچي ستسنگ ڪندا هئا. ڪيترا شهر جا پريمي اچي ستسنگ ٻڌندا هئا.

اهڙي طرح هر روز سنتن مهاتمائن جي شيوا ڪندي

ٿيا. سوامي آسورام صاحب جن اسڪول جي ڪم کان فارغ ٿي هر روز اچي ستسنگ ڪندا هئا.

ستگرو مهاراج به نت نيم سان گهر جو ڪاٽي پوري ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان سنتن مهاتمائن، مهمانن ۽ مسافرن جي سيوا ڪندا رهيا ۽ جيڪو وقت سيوا کان بچندو هو سو ڪڏهين باغيچي ۾، نه ڪڏهين درياهه جي ڪناري تي، يا شمشان ڀومي ۽ قبرستان ۾ وڃي ايڪانت ۾ نام جو ابياس ڪندا هئا. ڪڏهن نه ويهي ڀڄن ڳائيندا هئا. اهڙيءَ طرح، سنتن جي سيوا ڀڄن ڪندي، ستگرو مهاراج جن جي اوستا سورهن ورهين جي ٿي نه ڀڳت چيلارام جن جو سريرُ ڍلو ٿيڻ لڳو ۽ تاريخ ١١ ڪتيءَ سنبت ١٩٦٠ تي ڀڳت صاحب سيني ستسنگين ۽ پريمين کي گهرائي چيو ته اَبا تاريخ ١٧ ڪتيءَ جي پرڀات جو ٤ بجي، اسين هيءَ ديهه روُپي جُونو گهر تياڳي، پنهنجي اَمر اَبناسي گهر ڏانهن ويندا سون. هن شريرَ جي ياترا اچي پوري ٿي آهي. جنهن ڪم لاءِ هن سنسار ۾ آيا هئاسون، سو پورو ڪري چڪا آهيون. تنهن ڪري اوهان ڪوئي خيال نه ڪجو. توهان به جنهن ڪم لاءِ آيا آهيو، سو پورو ڪري اچي اسان سان ملجو. باقي ڇهه ڏهاڙا، اوهان سڀ ستسنگي، جيڪي سنت مهاتمائون هتي رهيل آهن، تن سان ملي رات ڏينهن ستسنگ جي موج مچايو، ۽ ٽهلرام سان ملي ٻاهرين سنتن سادن ۽ مٽن مائٽن کي چٺيون لکي گهرايو ته پڇاڙيءَ جو اچي درشن ميلو ڪن.

اها ڳالهه ٻڌي ستگرو مهاراج، ستسنگي ۽ گهر جا ڀاتي گهبرائجي ويا. پر پوءِ ٽهلرام سان ملي سيني سنتن مهاتمائن ۽ مٽن مائٽن کي چٺيون لکيون ويئون. اِن ٽن ڏينهن ۾ اچي سيني گڏ ٿيا. ڀنڊارو ۽ ستسنگ برابر ١٥ تاريخ تائين، ٥

جي موج ورتائون. وري رات جو ٻه سنت آڌي پهر سان ٽنبوري تي ستسنگ ڪيو. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج پريم سان سنتن جي شيوا ڪندا رهيا، ۽ هري ڀڄن ۾ چوندا رهيا. ٻارهن ورهين جا ٿيا ته کين وڏي ڀورڀڪ جٽيو ڀالو ويو. ستگورو مهاراج ٽيرهن چوڏهن سالن جا هئا جو سائين آسوُرام صاحب جن ڪنڊوُءَ جي اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿي آيا. ڀڳت چيلارام جن جي شيوا ۽ پريم جي هاڪ ٻڌي آستان تي آيا. ڀڳت صاحب سائين آسوُرام جن کي آدرستڪار سان آسڻ تي وهاري، پريم ۽ شرڌا سان سندن شيوا ۾ لڳي ويا. سائين آسورام صاحب اُن وقت ۽ وري رات جو ڏاڍيءَ موج سان ستسنگ ڪيو. سندن پريم ۽ اپڊو وارو ستسنگ ٻڌي، ڀڳت چيلارام جن کين پرارٿنا ڪئي ته ڪرپا ڪري، روزانو هتي اچي، پنهنجي مڌر وچنن جي اَمرت ورکا ڪريو، جو اسان کي ۽ ستسنگين کي ڏاڍو آنند اچي رهيو آهي. اها پرارٿنا سائين آسورام جن سوڪار ڪئي ۽ روزانو ڀڳت صاحب جي آستان تي ستسنگ ڪرڻ ايندا هئا. ستگورو مهاراج جن به وڏي چاهه ۽ ڌيان سان ستسنگ ٻڌندا هئا.

قدرت سان اُن رات، ستسنگ ۾ ٻه ستگرو ڪرڻ جي وارتا هلي. سنتن چيو ته ستگروءَ کانسواءِ آتما جو ساکيات ڪار ڪين ٿيندو ۽ ديهه ڌاري ستگرو ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. ستگرو برهم نيشٽي ۽ برهم سروتري هجي، يعني کيس شاسترن جو به گيان هجي ۽ پنهنجي آتما ۾ به نيشٺا هجي. اهڙي گروءَ جي سنگ سان جگياسوءَ جو جلد اڌار ٿئي ٿو. اها ڳالهه سنتن ڀڄن ۾ درشٽانت پرماڻ ڏيئي سڌ ڪيا. اها وارتا ساريءَ سنگت ٻڌي. ٻئي ڏينهن سوامي آسورام صاحب کان وڌيءَ انوسار نام جو اُپديش وٺي کين ستگرو ڪيو. ماتا ڪرشنا ۽ ڀڳت چيلارام جن به ڏاڍو خوش

٢- ڇا تو آئندو ڇا ٿيندين اَدا ـ سڀ ماڙيون محل ڇڏيندين اَدا
ڪجهه ساڻ کڻي نه ويندين اَدا ـ
ڪر ايڏو ڪيئن پسارو تون
٣- هي جڳ تو سڀ جنسار اَٿي ـ سڀ مطلب جو پروار اَٿي
سچو ساٿي سرجڻهار اَٿي ـ جنهن ڀانئج موکيه دوارو تون
٤- ڇوي چيلو سندر ويلو ٿئي ـ مليو مانش جنم سُهيلو ٿئي
هت گهڙي پلڪ جو ميلو ٿئي ـ
وٺ ساڌ سنگت جو لاڙو تون ٠

هن پڇين ۾ مهاراج جن پنهنجي پتا کي عزت ڏيڻ لاءِ جڏهن سندن نالو وجهي ڳائي بس ڪيو، تڏهن سڀئي ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا. تنهن کانپوءِ، ڀڳت چيلارام جن هٿ جوڙي ساريءَ سنگت کان موڪلايو. پوءِ پٽ تي آسڻ وڇائي سمهي پيا ۽ مٿان چادر پائي "شووهم" ڌني وني لڳائي. پوري ڇئين بجه پرڀات جو پرلوڪ پڌاريا. ٻارهين بعد، نهلرام مهاراج جن کي چيو نه هينئر دوڪان ۽ گهر جو ڪم تون سنڀال. مان پنهين ۽ ٻاغن وغيره جي سنڀال ڪندس. ستگورو ائين ئي ڪرڻ لڳا. رات جو ستگرو مهاراج جن ٿلهي تي ويهي ستسنگ ڪرڻ لڳا. اَڳ ۾ ڪڏهن به ائين کلي طرح ستسنگ ۾ ويهي ڪونه ڳائيندا هئا. هاڻي پاڻ ستسنگ ۾ ڳائڻ لڳا. ستگرو مهاراج يڪتاري تي ڳائيندا هئا. ڀائي آسورام سونارو ۽ ٻيا ستسنگي دلا ڪرتال ڪنجهيون ۽ ڏلدا وڄائيندا هئا. هر روز رات جو ستسنگ جي اهڙي نه موج مچندي هئي جو سارو ٿلهو نه خلق سان ڀرجي ويندو هو، پر ساري بزار به ڀرجي ويندي هئي. هڪ نه ستگرو مهاراج جن جو آواز هوندو هو تمام مٺي، مٺو ۽ سريلو، ٻيو وري ستسنگ ۾ چوندا هئا پنهنجا ناهيل ويراڳ

ڏهاڙا هليو. تاريخ ١٦ سڄو ڏينهن ۽ رات ستسنگ جي موج لڳي. رات جا ٻه لڳا ته ڀڳت چيلارام جن موڪلائيءَ جو اِشارو ڏنو. چوڻ لڳا ته هاڻي ڀڄاڙيءَ جو اسان اوهان کي اِهائي آشيرواد ٿا ڏيون ته اوهان جو چت سدائين نام، پر اُپڪار ۽ آتم چنتن ۾ لڳو رهي، اوهان جو پاڻ ۾ پريم ۽ پيار وڌندو رهي. ستسنگ منڊليءَ کي مڃائيندا رهجو. اِها ڳالهه ٻڌي سڀ پريمي ۽ ستسنگي اکين مان جل وهائي چوڻ لڳا ته هي سوامي، اسانکي ڪنهن جي آسري ٿا ڇڏي وڃو؟ اسان کي پنهنجي بدلي ۾ ڪائي ٻانهن ته ڏئي وڃو، جنهن جو آڌار وٺي، اسين هن ڀؤساگر مان ترِي پار پئون. اهترو چئي، سڀ ستسنگي روئڻ لڳا.

پريمين جي اِها اُرداس ٻڌي، ڀڳت چيلارام جن ستگرو ٽيئون رام جن، جي سندن پر ۾ ويٺا هئا، تنکي ٻانهن کان وٺي، ستسنگين کي چيو ته، "هيءَ ٻانهن اسان اوهان کي پنهنجي بدلي ۾ ڏيئي ٿا وڃون. هيءَ توهان جي من جي هر مراد پوري ڪندو. ستسنگي چوڻ لڳا ته پريو، اسانکي ڪيئن وشواس اچي ته هي بالڪ توهان جون سکون لاهيندو. تنهن لي، ڀڳت صاحب مهاراجن کي چيو ته اَبا، سنگت کي هڪ ڀڄن ڳائي ٻڌاءِ.

ستگرو مهاراج جن هينئون ڀڄن ڏاڍي پريم ۽ دردِي آلاپ ۾ ڳاتو:

راڳ ٽوڙي ڀڄن

ٿل- رهي رام نام کان نيارو ٿون- ڇو جنم وڃائين سارو ٿون

١- ڇو ڀوڳن سان دل لائين ٿو- من مايا سان ملائين ٿو
ڇو کوٽا ڪرم ڪمائين ٿو- ڪر پريوءَ کي نه پيارو ٿون



سچو سؤدو نام جو

۽ مستيءَ ۾ رهيا پيئن؛ سو جيڪي به ٻڌندا هئا، سي پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي اچي اُتي ويهندا هئا.

جيڪي ڇوڪرا ننڍي هوندي سنگورن سان رانديون ڪندا هئا، سي به نت نيم سان ستسنگ ۾ اچي شامل ٿيندا هئا، ۽ سويل صبوح جو اچي مهاراج جن سان گڏجي ٻاڻي پڙهندا هئا. تنهن ڪانپوءِ سنتن جي سيوا ڪري وڃي پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ لڳندا هئا. ستگرو مهاراج جن به گهر جو پاڻي ڀري، سنتن جي سيوا ڪري، پوءِ وڃي دوڪان کوليندا هئا.

پر چت جا اهڙا اُدار هئا، جو جيڪو دوڪان تان سودو وٺڻ ايندو هو، تنهن کي شيون خريدي اڳ ۾ ئي ڏيئي ڇڏيندا هئا. ساڌن، فقيرن کي ته بنا تور تڪ جي، جيڪي گهرندا هئا، سو ڏيندا هئا. اوڌر پاڌر لکندا ئي ڪو نه هئا. جي ڪوئي پاڻيهي پيسا ڏيئي وڃي ته واهه، نه ته سڪ ۽ ڪنهن کان گهرندا ڪو نه هئا. ڪو ساڌو سنت اچي نڪتو ته گراهڪ کي ڇڏي به ويهي اُن سان رهاڻ ڪندا هئا. گراهڪ کي چوندا هئا ته جيڪي آندو اٿيئي سو آسڻ تي ڇڏي، جيڪي کپيئي سو پاڻ توري کڻي وڃ. پاڻ ڏانهنس نهاريندا به ڪو نه هئا.

ڇهه ست مهنا گذريا. ساري شهر ۾ ڦهلجي ويو ته ڀڳت ڇيلارام جي دوڪان تي هر ڪا شيءِ سٺي ۽ سستي پيئي ملي. بعديءَ نه تور تڪ جو حساب به ڪونهي. اوڌر به ڏي يا نه ڏي. انهن گراهڪ وڌي ويا. فقيرن جو تعداد به وڌي ويو. آخر، ڪن وڃي ٿهلرام جا ڪن ڀريا ته پاڻين دوڪان تي لٽائي ڇڏيو اٿيئي. ٿهلرام چاچ ڪئي. ڳالهه ته سچي هئي. ڪيس ڪاوڙ لڳي، ۽ وڃي مالا ڪرشنا کي چيائين

نه جهڳي جي ڪا خبر ۽ اُٿيئي نه دوڪان ڪيئن پيو هلي. تنهنجو ڀڳت پڻ سدا ورت لڳائي ويٺو آهي. دوڪان لٽي، سڀ ڪري ڇڏيو اٿس. فقيرن جا ٽولا وينا اُچي ويٺا اٿس. اوهان کي جي ڀڳتي ڪرڻي آهي ته ڀلي ماءُ پٽ وڃي ٽڪاڻي ۾ ويهو.

ماتا ڪرشنا ٽهلرام کي ڪاوڙ ۾ ڏسي چوڻ لڳي، پٽ، تون ڪو خيال نه ڪر. ڀڳت کي ڪجهه نه چئج. مان کيس پاڻيهي سمجهائي ڇڏينديس. تون دوڪان تي مال جاچي ڏس ته ڪيئن آهي. ٽهلرام دوڪان تي وڃي سمورو مال نظر مان ڪڍيو، ۽ دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته مال ته وڌيڪ، بلڪ ڀيٽو ٽيٽو نظر پيو اچي. ڪٿي اوڌر تي ته مال ڪين ونيو آهي. مهاراج جن کان پڇڻ لڳو ته هيترو مال پئسا ڏيئي ونيو آهيو يا ڪنهن وٽان اوڌر تي آندو اٿيئي؟ مهاراج جن مشڪي چيو ته هيءُ سڀ مال دڪان جي وڪري جي پئسن مان ئي آندل آهي؛ اوڌر هڪ پائي به ڪنهن وٽان ڪانه ورتي اٿئون. ستگرو مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي، ٽهلرام حيرانيءَ ۾ پئجي ويو ته سدا ورت هلائيندي به ڪو نقصان ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. چيائين هاڻي جيئن وڻيس تيئن پيو دوڪان هلائي.

ستگرو مهاراج جن بلڪل ساڳئي نموني دوڪان جو ڪاروبار هلائيندا رهيا. سنتن جي شيوا ۽ ستسنگ به ڪندا رهيا. اهڙيءَ طرح ڪجهه وقت گذري ويو ۽ جيئن پوءِ تيئن ستگرو مهاراج جن جو چت ڀڳتي، وئراڳ ۽ نام جي ڌيان ۾ وڌندو رهيو.

روز شام جو ٥ بجه دوڪان بند ڪري، درياهه جي ڪنڌي تي وڃي ايڪانت ۾ ويهي سماڌي لڳائيندا

ستسنگين وڃي مهاراج جن کي هٿ جوڙي چيو تہ، پرڀو، ٽلهو تيار آهي؛ ڪرپا ڪري هلي ڏسو. ستگرو مهاراج جن ٽلهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ سڀني کي آسيس ڪري چيائون تہ اٻا، هاڻي اشنان ڪري، روٽي کائي پوءِ پنهنجي جاءِ تي وڃجو. ائين ئي ٿيو. ستگرو مهاراج بہ لوٽو کڻي، درياهہ جي ڪناري تي ايڪانت ۾ ڀڄن ڪري جاءِ تي آيا. صبح جو، ماڻهو نئون ٽلهو ڏسي، اَچرج ۾ پئجي ويا، ۽ سوچڻ لڳا تہ هيءُ ٽلهو راتو رات ۾ ڪيئن تيار ٿيو. ڪي پريمي تہ ڏاڍو خوش ٿيا، پر ڪن کي اِيرکا سبب ڳالهہ ڪين وڻي. تن وڃي شهر جي مکيءُ، پنچن ۽ تپيدار کي چيو تہ، سنتن بي قاعدي ٽلهو ٺهرايو آهي، جنهن ڪري بازار ۾ سوڙهہ ٿي پيئي آهي؛ سو هلي روبرو ڏسو. ٻہ-ٽي مکيہ پنچ ۽ مکي، تپيدار سان گڏجي، ٽلهو ڏسي هليا ويا. جڏهن ١١ بجہ ڌاري مهاراج جن دوڪان کولي اَچي ويٺا، تہ تپيدار اَچي کين چيو تہ توهان هي ٽلهو بي قاعدي ٺهرايو آهي؛ سو اَجوڪي ڏينهن ۾ ئي ڊهرائي ڇڏيو، نہ تہ، قاعدي جي ڪارروائي ڪئي ويندي. ايترو چئي، تپيدار هليو ويو. سنج لٿي مهل ستسنگي آيا تہ مهاراج جن کين سموري حقيقت کان واقف ڪيو، ۽ کانئن سندن رايو پڇيو. ستسنگين هٿ جوڙي چيو تہ، هي پرڀو، ڇو نہ اِنهيءَ ٻاري ۾ مکيءَ سان ڳالهايون يا نون هالن جي مختيارڪار کي درخواست ڪريون. ستگرن چيو تہ هينئر ستسنگ جي مهل ٿي آهي. ساز کڻي اَچو تہ ستسنگ شروع ڪريو. ستسنگ بعد، اوهان کي ٻڌائينداسون. ستسنگ پوري ٿيڻ تي، پريمين کي سڏي چيائون، تہ مکي ۽ ڪي پنچ تہ تپيدار سان ساڻ آيا هئا. وٽن وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. اوهين ڪوئي خيال نہ ڪريو.

ٻئي ڏينهن، صبح جو ستگرو مهاراج جن ١١ بجہ درياهہ

هئا. جنهن مهل سماڌي کلندي هئن، تنهن مهل وٺي ٻڄن ناهيندا هئا. سڀ لٺي گهر اچي آسڻ وڇائي، ستسنگين کي چوندا هئا ته دلا، يڪتارا ۽ ساز کڻي اچو ته ستسنگ ڪريون. ستسنگي ساز کڻي ايندا هئا ۽ ستسنگ شروع ٿيندو هو. ٻه ٽن ڪلاڪ کن ڀيا مهاتمائون ستسنگ ڪندا هئا، ۽ پوءِ ستگرو مهاراج جن پنهنجي موج مڃائيندا هئا.

سوامي گوال لال جن، ڀائي ڀالڻ رام ۽ ڀيا پريمي مهاراج جن کي ڀڄنيان ونائيندا هئا. ائين، ستسنگ جي رونق وڌندي ويئي.

هڪ ڏينهن سڀيئي ستسنگي ۽ آتمانند، پرمانند، منگهن رام، اوم پرڪاش، لالو رام، ڀالو رام، ريجهو رام، ٺاڪر رام ۽ آسو رام سونارو ۽ رامون مل اچي مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته، هي پريو، هيءُ ٿلهو ستسنگ لاءِ تمام ننڍو آهي. آگيا ڏيو ته ٿلهي کي بزار جي پاسي ٽورو وڌايون. ستگرو مهاراج جن فرمايو ته، "ابا، جيئن اوهان جي مرضي؛ ڀلي وڌائي ڇڏيو."

سيني ستسنگين پاڻ ۾ ماٺي صلاح ڪئي ته ڏينهن جو هرڪو وڃي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري، باقي رات جو ۱۰ بجه ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ٿلهي جو ڪم شروع ڪيو وڃي. ٿلهي لاءِ گهربل سامان وغيره ڪٺو ڪري رکيو ويو. رات جو ۱۰ بجه ستسنگ سماپت ٿيڻ ڪالپوءِ، اٽڪل هڪ سؤ کن پريمي مڙي، ٿلهو ناهڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن ڀي ڏسڻ لڳا. ڪلاڪ کن ڪانپوءِ سيني ستسنگين ستگرو مهاراج جن کي چيو ته ڪرپا ڪري، اوهين وڃي آرام ڪريو. اسين ٿلهو تيار ڪري، اوهان کي سڏ ڪنداسون. مهاراج جن وڃي آرامي ٿيا، ساري رات ڪم ڪري، پرڀات جو ۵ بجه ڌاري ٿلهو ناهي

سنگت پڇڻ سٺي، پريم ۾ مگن ٿي ويئي. ستسنگ کان پوءِ ساري سنگت ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته آڳيا ڪريو ته وري رات ئي رات ۾، ٿلهو ٺاهي تيار ڪري ڇڏيون. تنهن تي ستگرو مهاراج جن فرمايو، ته ڀلا، جيڪا اوهان جي مرضي، ٿلهو راتو رات وري ٺهي ويو.

ٻئي ڏينهن شام جو ٻه چار پنچ ۽ ٽپيدار، گڏجي مهاراج جن جي دوڪان تي آيا. پنچ مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته ٽپيدار ٿلهو ڊهرائي ويو هو ۽ اوهان وري ڪٺي ٺهرايو. اِنهيءَ لاءِ هُو اسان کي وٺي آيو آهي ته اسين اوهان کي سمجهايون. اِهو ڪم نيڪ نه آهي. ڪرپا ڪري ٿلهو ڊهرائي ڇڏيو، نه ته اَجايو بکيڙو ٿي پوندو. سوامي جن ڪو جواب ڪو نه ڏنو. کين ويهاري، جل پان ڪرايائون. پوءِ ته هُو هليا ويا. رات جو ستسنگين کي سمورو قصو ٻڌايائون. هنن چيو ته سائين، ٿلهو ٺهيو پيو هجي. جي ڪٺي هوڏ تي چڙهيا ۽ ڊاهي ڇڏيائون ته وري ٺاهڻ ۾ ڪهڙي ويرم لڳندي. صرف اوهان جي آسيس گهرجي. سوامي جن مشڪي چيو جيئن اوهان جي مرضي.

ستسنگي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا. صبوح ٿيڻ سان ستگرو مهاراج جن گهر جي ساري سيوا پوري ڪري، درياهه جي ڪناري تي وڃي ايڪانت ۾ ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳا. هوڏانهن ڀائي ٽهلرام ٻه ٻنين تي هليو ويو. پر ڪنهن ڪم سبب ٨ بجي ئي گهر موٽي آيو. ڏسي ته دڪان جي ٻاهران فقيرن جون ٽوليون ويٺيون آهن. گراهڪن کيس چيو ته اوهان جو ڀڳت ڀاءُ دڪان تمام دير سان ٿو کولي، جنهن ڪري اسان کي ڏاڍي تڪليف ٿئي ٿي. توهان ڀڳت کي سمجهائي ڇڏيو ته آئينده دوڪان

تان اشنان پاڻي ڪري، موٽي گهر اچي ڏسن ته ٽلهو ڊٺو پيو آهي، ۽ ماتا ڪرشنا در تي بيٺي ٻهاري. ماتا کان پڇيائون ته ٽلهو ڪير ڊاهي ويو. ماتا چيو ته پٽ، تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ، ٺيڪيدار، ٻن ٽن پٺاڻن کي ساڻ ڪري، ٧-٨ مزور وٺي آيو ۽ ٽلهو ڊهرائي ويو. مون گهڻو ئي منع ڪئي مان، پر هن منهنجي هڪ به نه ٻڌي. ماتا جي اها ڳالهه ٻڌي، ماتا کي چيائون ته ڪائي چنتا نه ڪريو. پوءِ پاڻ وڃي دڪان کوليائون. ٽلهي ڊهڻ جي خبر ساري شهر ۾ پکڙجي وئي.

شام جو سڀئي ستسنگي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي چوڻ لڳا، ته هي ڀرپُور، ٽلهو ته ڊاهي ويا، هاڻي جتي آگيا ڪريو اُتي ستسنگ لاءِ آسڻ وڇايون. چيائون ته ابا، ان جاءِ تي ئي سرُون ڀري ڪري پٽ سنئون ڪري فراش وڇايو. اها آگيا پائي، ستسنگي ١٠-١٥ منٽن اندر، پٽ سنئون ڪري، فراش وڇائي، ساز کڻي آيا. پوءِ ويهي ستسنگ شروع ڪيائون، ۽ هي ٽئُون پڄن ناهي ڳائڻ لڳا.

راڳ لوڙائو ڀيروي:

ٽڪ - لوڪ سڀ ويا پڪ آهين - ڪٿي ڇوان لون ناهين
١- ڪاٿي يوڳ وشيه کي يوڳين - ڪاٿي جوڳ ڪمائين
ڪاٿي مون ڪرين ٿو موليٰ - ڪاٿي هرگُن ڳائين
٢- ڪاٿي ناڪر ٻڌجي وينين - ڪاٿي پوڳ لڳائين
ڪاٿي ديول مڙهيون پوڄين - ڪاٿي مندر ڊاهين
٣- ڪاٿي در در ڀيک منگين ٿو - ڪاٿي شاهه سڏائين
ڪاٿي لوڙت نياز ڪرين ٿو - ڪاٿي حڪم هلائين
۴- ڪاٿي نيارو ٿي نهڪرمي - ڪاٿي ڪرم ڪمائين
ڪاٿي پرگهٽ پاڻ ڪرين ٿو - ڪاٿي پاڻ ڇپائين
۵- ڪاٿي گياني گرو ٿي وينين - ڪاٿي چيلو چوائين
کهي ٽيئُون هر رنگ روپ تي - نانا کيل کيلائين.

ڪم ڪندين يا فقط ڀڳتي ڪندين؟ ٻي ڪلاڪ مس تو دوڪان کولين؛ گراهڪ پيا دانهون ڪن. ٻڌاءِ ته ٻيو سارو وقت ڪيڏانهن تو وڃين؟ دوڪان چڱيءَ طرح سنڀالين ته واهه، نه ته اسين ٻيو ڪو بندوبست ڪريون. مهاراج جن ڪنڌ هيٺ ڪري بلڪل ماٺ ۾ رهيا. تنهن تي ماتا، ٿهلرام کي چيو ته پٽ، تيئون دوڪان جو ڪم برابر چڱي طرح نٿو سنڀالي. انهيءَ ڪري منهنجي مرضي آهي ته هن تي ٻيو ڪو ڪم رک. ماتا جي اها ڳالهه ٻڌي، ٿهلرام مهاراج جن کان پڇيو ته ڀلا، ٻنهين ۽ باغيچن جي سنڀال ڪندين؟ مهاراج جن جواب ڏنو ته جيئن اوهان چئو. ٿهلرام چيو ته چڱو سڀاڻي کان وٺي تون ٻنهين ۽ باغن جي سنڀال ڪج ۽ گهر جو پاڻي به ڀرج، ڳوال سنڀن ۽ مهمانن جي شيوا ڪندو ۽ مان دوڪان جو ڪاروبار سنڀاليندس. ڪڏهين ٻنهين ۽ باغن جي نگهباني به ڪرڻ ايندس.

ٻئي ڏينهن، صبح جو سوير اُٿي، گهر جو پاڻي ڀري، ماتا ۽ ٿهلرام کي پيرين پئي، جڏهن ستگرو ٻنهين ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيا، ته ٿهلرام کين چيو ته هارين نارين کان چڱيءَ طرح ڪم وٺج. باغ جي مهندارن کي به چڱيءَ ريت ڪم ۾ لڳائج، جيڪي وڇائت اَنب وڻ اُڃن تنکي پريم سان روٽي کارائجو. باغ جي بلڪل ساوڌاني سان سنڀال ڪجو، جئن اَنب نه ڪاڄي وڃن. روٽي توکي هر روز ڳوال اچي پيو پهچائي ويندو.

باغ شهر کان ميل کن دور هو ۽ ٻنيون وري باغ کان ميل کن پري هيون. ستگرو مهاراج جن سڌو باغ ڏانهن ويا ۽ بيٺڪ ۾ وڃي ويٺا. مهاراج جن سيٺي کي چيو ته اڳتي مان توهان وٽ رهي ڪم ڪندس. توهان هاڻي پنهنجي ڪم

صبح جو سويرو کولي، ۽ شام جو ٧ بجي تائين کليل رکي. گراهڪن جي دانهن ٻڌي، ٿهلرام ڏمرجي گهر آيو ۽ اچي ماتا ڪرشنا کي چوڻ لڳو ته ڀڳت دڪان ١١ بجي ٿو کولي ۽ شام جو ٤ بجي ٿو بند ڪري، ڪيڏانهن ٿو وڃي ۽ ڇا ٿو ڪري؟ ائين ته دوڪان جو ڪم ڪيئن هلي سگهندو. مان جي هن کي چوان ٿو ته اوهان سدائين سندس پاسو ٿا کڻو. اڄ شام جو انهيءَ ڳالهه جي صفائي ڪبي. ائين چئي ٿهلرام هليو ويو. هوڏانهن ستگرو مهاراج جن ١١ بجي اچي دوڪان کوليو. اول فقيرن کي ۽ پوءِ گراهڪن کي سؤدو ڏيئي روانو ڪيائون. ايتري ۾ ماتا ڪرشنا به دوڪان تي آئي ۽ اچي مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته ابا، هاڻي پاڻين ٿهل دوڪان بند ڏسي، اچي مون تي ڪاوڙيو. تنهن ڪري تون دوڪان صبح جو سوير اچي کوليندو ڪر ۽ شام جو ستسنگ جي مهل کڻي بند ڪندو ڪر، جنهن ۾ هو به راضي رهي.

ماتا جا اهي وچن ٻڌي، ستگرو مهاراج هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي ماتا، جي سچ ڪري پڇو، ته هاڻي منهنجو چت، هن وهنوار ۾ بنهه نٿو لڳي. مرضي آهي ته ڪٿي ايڪانت ۾ وڃي ڀڳوان جو ڀڄن ڪريان. ورني به جئن توهان آگيا ڪريو تئن ڪريان. ماتا چيو ته چڱو، شام جو ٿهل گهر اچي ته صلاح ڪنداسون. ائين چئي ماتا گهر هلي وئي.

رات جو، ستسنگ کانپوءِ، ٿهلرام ماتا کي چيو ته ڀڳت کي سڏ ڪريو ته پڇونس ته دوڪان چڱيءَ طرح سان هلائيندو يا نه. ماتا مهاراج جن کي سڏ ڪيو. ستگرو ماتا ۽ ٿهلرام کي پيرين پئي، پرسان ٿي ويٺا. ٿهلرام مهاراج جن کي چيو ته هاڻي تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟ چڱيءَ طرح سان

باغ جي خبرداري ڪجه. ڀڳوان جي ڪرپا سان هن سال ڦل به سٺا لڳا آهن.

ٻي ڳالهه ٻڌ، ٻنيءَ تان به ٿي آيو آهين؟ مهاراج جن واٽيو ته اڄ ٿي آيو آهيان. سڀئي تمام سٺي نموني ڪم پيا ڪن. اوهين ڪو خيال نه ڪريو. گرو مهاراج سڀ پاڻهي ڪندو. تنهن تي ٺهلرام چيو ته ٻنيون ٿورو پري آهن. توکي ضرور تڪليف ٿيندي. ڀائي هاسارام جي ٻنيءَ اسان جي ٻنيءَ ويجهو آهي. هوءَ ته پيو ويندو. مان ڪيس چئي ڇڏيندس ته اسان جي ٻنيءَ جي به پيو سنڀال ڪجه. مان به ٽئين چوٿين ڏينهن پيو ويندس. تون فقط باغ جي نگهباني پيو ڪجه. ايترو چئي ٺهلرام موٽي دوڪان تي ويو.

شام جي ستسنگ کان پوءِ، سوامي جن آتمانند کي چيو ته سياڻي به يڪتارا هٿ ڪري، باغ ۾ پهچائي وڃجه. دل وڻائڻ وارا اُتي آهن. ڪنهن مهل ويهي ڀڄن ڪبو.

سياڻي تي يڪتارا باغ ۾ پهچي ويا. ڪيرتن منڊلي لڳي وئي. سوامي جن بيٺڪ ۾ ويهي، رسيلي آلاپ ۾، سائينءَ جا گڻ ڳائڻ شروع ڪيا. چقمق جي ڪشش تي؛ باغ جا ڪمي ڪاسبي ڪم ڦٽو ڪري، اچي ويٺا رنگ ۾ رنگ رچائڻ. باغ جو واهي ڀڳوان. سورج ديوتا پنهنجو تيج گهٽ ڪيو. شام ٿي، موٽي گهر آيا. ڏسن ته ٿلهو ٻٽو پيو آهي. ڇپانون مڙيوئي ستسنگ ڪرڻو آهي؛ پٽ تي به چگو پيو ٿئي. هينئر ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. جنهن ڊاٺو آهي، سو ٺاهيندو به پاڻ.

هينئر سوامي جن جي اِها روزاني ڪار ٿي پيئي. باغ ۾ وڃڻ، اُن جي وڻ هيٺان ويهڻ، گليلا گوڏي هيٺان ڪري ويهي گيت ٺاهڻ، ڳائڻ ۽ رام کي رجهائڻ.

جي سنڀال ڪريو. مون کي ٻه هڪ گليل ڏيو ته مان ٻه ٽوهڪ پاسي وڃي سنڀال ڪريان. نوڪرن چيو، ته، سائين، اسين جو وينا آهيون. اوهين وينا آنند ڪيو. سوامي جن چيو ته، نه، مان ٻه ڪم ڪندس. آگيا پائي سڀئي وڃي ڪم ڪي لڳا.

ستگرو مهاراج جن ٻه هڪ وڏي انب جي وڻ هيٺان گوڏي هيٺان گليل رکي پڇن ناهي ويهي ڳائڻ لڳا. رکي رکي پکين جي هڪلڻ جو آواز ٻه ڏئي ڪيائون ته جئن سڀئي سمجهن ته پکين کي پيا ٽا هڪلين. اِئين ڪندي ١١ اُچي لڳا، ته گوال لال روٽي کڻي باغ ۾ آيو. سوامي جن سڀني کي سڏي، گڏجي ويهي روٽي کاڌي. شام ٿي، موٽي گهر آيا. آسڻ لڳل هو ۽ ستسنگ شروع ٿيو. باغ ۾ ناهيل پڇن، پنهنجي مڌر، پريم ۽ ويراڳ ڀرئي آواز ۾ ڳايائون. سنگت ۾ آنند جي لهر ڇانجي وئي.

ستسنگ سماپت ٿيو. آتمانند ۽ ٻيا ستسنگي سوامي جن کي چوڻ لڳا ته، سوامي جي، اوهان ته وڃي باغ وسايو ۽ اسين هتي درشن کان رهجي وياسون، پر اسين اٿي ٻه ايندا سون.

ٻيو ته پرڀو، ٿلهي لاءِ اَج وري پڇن اسان کي چيو ته ڌهرائي ڇڏيو ۽ ڪٿ پٽ نه ڪريو. سوئي هاڻي جئن اوهين آگيا ڪريو. اسان ته جئون ٽا ته نه ڊاهجي. مهاراج جن چيو ته چڱو، جئن اوهان جي اِڇا. پوءِ، سڀئي موڪلائي، وڃي گهرن پهتي ٿيا. صبوح جو ستگرو نيم پٽاندر باغ ڏانهن ويا ۽ وڃي پنهنجي ڪرت کي لڳا. اُن ڏينهن ٿهلرام روٽي کڻي آيو. سڀني کي سڏي، روٽي کارايائين. روٽيءَ کان پوءِ ٻيا سڀ هليا ويا، باقي سوامي جن ترسيا.

ٿهلرام کين ٻاڻ وڻ وهاري چيو، ڏاڍو سنو. اهڙيءَ طرح

توهان هيڏيءَ مهل باغ ۾ ڪيئن آيا آهيو. پريمي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته، هي پريو، آنانند ڳالهه ڪئي ته اوهان هر روز باغ ۾ به ستسنگ ڪندا آهيو. سو اسان اڄ پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هلي باغ ۾ ستسنگ ٻڌون ۽ اوهان جو درشن به ڪريون. پريو، هت ته اهڙو آنند لڳو پيو آهي جو هاڻي اسين به روز هتي ستسنگ ٻڌڻ ايندا سون. مائٽ ته اڳيئي پيا گهٽ وڌ ڳالهائين ۽ چون ته ڀڳت وٽ نه وڃو، پر اسان جي دل ته لائين ٽپي چاهي ته، سدائين اوهان سان گڏ وينا هجون. ايترو چئي مهاراج جن کان آگيا وٺي سڀئي پنهنجي گهر آيا. اُن بعد، ستگرو مهاراج جن به نهر جو ڪنارو ڏيئي گهمندا ڦرندا، سڄ لٿي مهل گهر موٽي اچي ڏسن ته ٿلهي جون سرون به ڪونهن، مٿي به ٽٽڙي پڪڙي پيئي آهي ۽ ستسنگي مٿي گڏ ڪري وينا ڀت کي سنئون ڪن. اِهو رنگ ڏسي ستگرو مهاراج جن مشڪي پريمين کان پڇڻ لڳا ته، اَبا اڄ به سرون ڪٿي ويا آهن ڇا؟ تنهن تي پريمي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين اڄ منجهند جو ٽپدار گاڏي وٺي آيو ۽ سرون کڻائي ويو. چئي ويو آهي ته حد دخلي ڪري وينا آهيو. مان اِها رپورٽ سپاهي هالن ۾ وڃي مختيارڪار کي ڪندس. مهاراج جن ڇيو خيال نه ڪريو. جيئن ايشور جي اِڇا هوندي تيئن ٿيندو. توهان فراش وڇائي ساز ڪڍي اچو ته ستسنگ شروع ڪيون. ستسنگي ساز ڪڍي آيا ۽ ستگرو مهاراج جن ستسنگ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن باغ جي سنڀال به ڪندا هئا ۽ نت نيم سان ٽي دفعا، صبح شام ۽ رات جو ستسنگ به ڪندا رهيا.

هوڏانهن، ٽهارام دڪان جو پوتاميل ڪرڻ لڳو ته ڏسان ته نفعو آهي يا نقصان آهي. ٽن ڏينهن ۾ مال سنڀالي، ايڪو

ٻئي ڏينهن ساڍي ١١ ٻجي گوال لال روئڻي ڪٿي آيو. هميشه جيان سڀيئي روئڻي ڪائي وڃي ڪم کي لڳا. مهاراج جن گوال لال کي چيو ته هيٺئر گهر نه وڃج. ڪلاڪ کن آرام ڪري، ڪلاڪ ڏيڍ ستسنگ ڪنداسون. تنهن کانپوءِ ڏينهن ٻه ٽرندو، پوءِ ڀلي گهر وڃج. جي ڀائو ٿلهرام پڇيئي ته چئجانس ته، ڏينهن ٽـل هو، تنهن ڪري باغ ۾ آرام ڪيم. گوال لال چيو جيئن اوهان جي آگيا. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج ۽ گوال لال جن ڪلاڪ ڏيڍ آرام ڪري ستسنگ شروع ڪيو. هڪ يڪتارو مهاراج جن پاڻ وڄائڻ لڳا ۽ ٻيو گوال لال کي ڏنائون. مزور مهندار ٻه ڪم ڇڏي اچي ڀڄن ٻڌڻ ويٺا. ستگرو مهاراج جن ڀڄن جي موج ۾ اهڙو ته مست ٿي ويا، جو ڪائي خبر ڪانه پيئي پوين ته شهر ۾ آهيون يا باغ ۾. ستسنگ کان پوءِ مهاراج جن گوال لال کي چيو ته هاڻي ڏينهن ٽريو آهي، تون ڀلي گهر وڃ. ايترو چئي گليل ڪٿي وڃي ساڳئي أنب جي وڻ هيٺان ڀڄن ڳاهي ڳائڻ لڳا. ايتري ۾ آلمانند سان گڏ شهر جا ١٠-١٥ پريمي باغ ۾ اچي نڪتا. ڏسن ته ستگرو مهاراج جن يڪتارو ڪٿي ڀڄن ويٺا ڳائين. باغ جا مهندار، مزور ڪم ڇڏي ويٺا دلا وڄائين ۽ ڳائين. پکي به باغ جا أنب ڪائي ويٺا مٺيون مٺيون ٻوليون ٻولين. رمڻيڪ نظارو هو. سڀئي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. ڪلاڪ ڏيڍ کانپوءِ ستسنگ سماپت ٿيو، ته مزور ۽ مهندار هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته جلدي ڪريو؛ أتو پکين باغ جا أنب ئي ڪائي ويا. جي اها خبر ڀائي ٿلهرام کي پيئي ته اسانجو خير ڪونهي. پوءِ ته سڀئي ڊوڙ پائي پکين کي هڪلڻ لڳا.

ستگرو مهاراج جن سڀني پريمين کان پڇڻ لڳا ته، أبا،

به خانو خراب ڪري ڇڏيو اٿوَ. دل ۾ ويچار ڪري ڏسو ته اُئين ڪاروبار ڪيئن هلندو. ايترو چئي، مزورن ۽ مهندارن کي گهرائي سخت ڇنڊ ڪڍيائين ۽ چتاءُ ڏنائين ته جي اڳتي ڪم ڇڏي اچي ستسنگ ٻڌندا ته هڪڙي پائي به اوهان کي ڪين ڏيندس. جيڪو نقصان پوندو سو به اوهان کان پرائي وٺندس. جي اوهان کي ستسنگ ڪرڻو آهي، ته وڃي نڪاڻو وسايو اچ مون کي پنهنجي سچي نيت ٻڌايو، ته ڪم ڪرڻو اٿوَ يا نه.

سيٺيءَ هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين، اڄ اسان کي معافي ڏيو، آئينده اسان اُئين ڪونه ڪنداسون. تنهن ڪانپوءِ ٺهلرام سارو باغ گهمي ڏٺو. ڏٺائين ته پڪين تمام گهڻو نقصان ڪيو آهي. سو دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته هاڻي ڇا ڪجي. ويچار ڪندي، گهر موٽي آيو. ماتا ڪرشنا کي سارو حال ٻڌائي چيائين ته جي اوهان جي مرضي هجي ته باغ ۽ ٻنيون وڪڻي ڇڏيون. ماتا ڪرشنا چيو پٽ، تون ڪوئي خيال نه ڪر. شام جو ڇوڪرا گهر اچن ته ڪين سمجهائينديس. ٺهلرام پوءِ دڪان تي هليو ويو.

هوڏانهن ستگرو مهاراج جن گوال لال کي چيو ته تون هاڻي جلدي گهر وڃي سنتن جي شيوا ڪر. پاڻ گليل کڻي، هڪ اَنب جي وڻ هيٺان وڃي ويٺا. ڇا ڏسن ته هڪ طوطو وڻ جي هڪ ٽاريءَ تي ويٺو مٺي ٻولي ٻولي. ستگرو طوطي ڏي نهاري هيءُ پڇن ٿاهي ڳائڻ لڳا.

ڏاهي ڏسي ته اڳئين سال کان ڏيڍوڻو نفعو ٿيو آهي. ايترو فائدو ڏسي، اُچرج ۾ پئجي، دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳو ته اجايو ماتا ۽ ڀڳت کي پئي ڳالهايو اٿم. وڏي ڀل ڪئي اٿم. گهر وڃي، ماتا ڪرشنا کي پيرين پئي ٻڌائڻ لڳو ته ماتا، دڪان ۾ ڏيڍوڻو نفعو ٿيو آهي. مون اجايو اوهان ٻنهي کي پئي ڳالهايو آهي. مونکي معاف ڪريو، پر نفعي جي ڳالهه ڀڳت سان نه ڪجو ۽ دل ۾ رکجو.

ڏهن پندرهن ڏينهن کانپوءِ ڪن ماڻهن وڃي ٺهلرام کي چيو ته توهان جي باغيچي ۾ سادو رهيا پيا آهن. سڄو ڏينهن ستسنگ لڳو پيو آهي. ڪم ڪتو ڪري وينا ستسنگ ٻڌن. پنهنجي مرضيءَ تي ڪو ڪم ڪن ته واهه، نه ته بس. سڄي باغيچي جي ميوات پکين کائي ناس ڪري ڇڏي آهي. توهان کا خبر به لڌي آهي ته باغ جا ڪهڙا حال ٿيا آهن؟ اعتبار نه اچيوَ ته اَج ٢ بجه منجهند جو روبرو باغ ۾ وڃي ڏسجو، ته ڪهڙو نه تماشو لڳو پيو آهي. ٺهلرام اهو ٻڌي وڏي ويچار ۾ پئجي ويو. چيائين چڱو، اَج مان پاڻ وڃي باغ مان گهمي ڦري ايندس. ٺهلرام جو آواز ٻڌڻ سان باغ جا مزور ۽ مهندار گليليون کڻي، ڊوڙ پائي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهي پکين کي هڪلڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن ۽ سوامي گوال لال يڪتارا پٽ تي پاسيرا رکي، ڪنڌ هيٺ ڪري، چپ ڪري ويهي رهيا. ايتري ۾ ٺهلرام گهٽ وڌ ڳالهائيندو اچي ٻنگڪ جي جاءِ تي ويٺو. مهاراج جن ۽ گوال لال ڪيس پيرين پئي پاسيرا ڏي ويٺا. ٺهلرام ڪاوڙ مان ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته سارو باغ پکين کان کارائي ناس ڪري ڇڏيو اٿئي. هتي به سڄو ڏينهن ستسنگ لڳائي وينو آهين. توهان پاڻ ته ڪم نٿا ڪريو، پر مزورن ۽ مهندارن جو

ڪوبہ وس هلي نٿو سگهي. بس، ايترو چئي ۽ ڊوڙ پائي وڃي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پکين کي هڪالڻ لڳا.

ان ڏينهن ستگرو مهاراج ڄڻ باغ ۾ شام جو ستسنگ ڪونہ ڪيو ۽ سوير ئي باغ مان روانا ٿي نهر جو ڪنارو ورتائون. نهر جي ڀرسان هڪ وڏو مقام هوندو هو. مقام ۾ اندر هڪ وڏي ڪٻڙ جي وچ ۾ جاءِ ٺاهي ويهي نام جو اڀياس ڪرڻ لڳا ۽ اِئين ئي سماڌيءَ ۾ اچي ويا.

هوڏانهن سڄ لٿي ٧ بجہ ڌاري ستسنگين آسڻ وڇائي ساز آڻي رکيا. ڪلاڪ کن بعد پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ چو اڄ اڃا ستگور مهاراج باغ مان ڪونہ موٽيا آهن. گوال لال کي چيائون تہ ڄيستين مهاراج ڄڻ اچن تيستين توهان ئي هڪ ٻہ ڀڄن سنگت کي ٻڌايو. گوال لال ٻئي ڀڄن ڳاتا تہ بہ اڃا ستگرو مهاراج ڪين موٽيا. ساري سنگت، ماتا ڪرشنا ۽ ڀائي ٿهلرام ويچار ۾ پئجي ويا. ڀائي ٿهلرام ٻن ٽن ستسنگين کي چيو تہ وڃي ڏسو تہ باغ ۾ تہ ڪونہ ويٺا آهن. باغ جي مالهين ڪين ٻڌايو تہ مهاراج ڄڻ تہ اڄ هتان سوير ئي گهر ويا آهن. اهو ٻڌي پٺتي ڀير ڪيائون. رستي تي هيڏانهن هوڏانهن ڳوليندي ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ موٽي اچي سيٺي کي ٻڌايائون تہ باغ ۾ ڪونہ هئا ۽ نہ ڪٿي رستي تي ئي ڏسڻ ۾ آيا. اهو ٻڌي سيٺي جون ٻہ ٻہ ويئون تہ ڇهہ ٻہ ويئون. ڪنهن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. آخر سواءِ ڪن ٿورن ستسنگين جي ٻيا سڀ هليا ويا. ستسنگين ٿهلرام کان پڇيو تہ سائينجن کي ڪنهن ڪجهہ چيو هو ڇا؟ ڪنهن تي ماتا ڪرشنا پريمين کي چيو تہ اُبا، برابر اڄ ٿهل ڳالهائي آيو اُٿس. ڪنهن ڪري توهان سڀ ٿهل سان گڏجي وري ڳولڻ وڃو، ضرور ڪنهن باغ ۾ يا درياهہ جي ڪناري تي، ڪنهن وڻ

راڳ ڪنسو ڀڄن

ٿل - بدن جي باغ ۾ طوطو - مٺا نت ٻول ٿو ٻولي
۱- ڀڪي ڦن ڀار جو آهي - آيو قربٽون هٿي ڪاهي
ڏنءُ لنهنڪي نه تو ناهي - اُتي ٽارين ٻنن اولي
۲- ڀڪي مهمان ڄاڻج تون - وڃين ويجهو سڄاڻج تون
ملي ڪا موُج ماڻج تون - اُتي جيئن اندر چولي
۳- ڪٽي آيو خبر ڪالي - ٻرينءَ جي ڀار جي پالي
لنوين ڏينهن رات جا لائي - ٻڌج سا ڪن ٻئي ڪولي
۴- ڪهي **ٽيئُون** ٽبي ڏيئي - ڀسج سو ڀاڻ ۾ ٻيهي
ڏسي هڏ ماس جي ديهي - ٻاسي نا تون ٻڌج ٻولي.

اهو ڀڄن جڏهن پريم ۾ اچي مڌر سر سان ڳائڻ لڳا تڏهن سڀ هاري، مزور وري به ڪم ڇڏي ڊوڙي اچي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. جڏهن ستگرو مهاراج جن ڀڄن ڳائي بس ڪيو تڏهن ڪين چوڻ لڳا ته ٻائي هينئر اڄا ٻائي ٽهلرام جن اوهان سڀني کي گهٽ وڌ ڳالهائي ۽ سمجهائي ويا آهن تڏهن به اوهان ڪم ڪار ڇڏي وري اُچي ڀڄن ٻڌڻ وينا آهيو. تڏهن سڀئي هاري مزور، مهندار مهاراج جن کي همٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو، سچ ڪري ٻڇو ته جئن ٻ ج ۾ سري ڪرشن ڀڳوان جنهن وقت مڌر مرلي ڪٽي وڄائيندا هو تنهن وقت ساري ٻرج جون گوپيون، گوال ٻال ڀڳوان جي مرلي ٻڌڻ سان گهر ٻار ۽ سڀ ڪم ڪار ڇڏي، لوڪ لڄا لاهي پريم ۾ مگن ٿي اچي ڀڳوان جي مرلي ٻڌندا هئا جن کي رات ڏينهن ۽ سرير جي سڌ ڪانه ٻولدي هئي ته گهر ۾ آهيون يا ٻن ۾ ٿهڙيءَ طرح هي پريو توهان به جنهن وقت ڀڄن روُپي مرلي تا وڄايو تنهن وقت اسان سڀني جو به اهڙو ساڳيو حال برجواسين جهڙو ٿي ٿو وڃي ۽ ٻاڻ لي



مقام اندر سماڌيءَ ۾

هينئان وينو هوندو. ڪڏهن به ڳولي ونئي اچوس.

ٽهلرام ۽ ڪيترا ستسنگي لالڻ ڪٽي ڳولڻ نڪتا. گوال لال سالاري جي شهر ۾ سنت گهنبوءرام وٽ پريم نگر ۾ ويو ۽ اسان جو سڄڻ سائين ڪٿي تو مليو؟ نه نهر، نه درياهه، نه باغ ۾ چوڌاري ڀاڪاريائون، پر پرين جو پتو ڪٿي نه مليو. ماتا کي چيائون ته وڌيڪ ڳولا صبح جو ڪنداسون. ايترو چئي سيئي ستسنگي پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. گهر جي سيني ڀاتين ۽ ماتا ڪرشنا، سواءِ ڪاڪي ٻيٽي، ساري رات ستگرو مهاراج جن جي انتظار ۾ ويني گذاري.

ٻئي ڏينهن سويل صبح جو ٽهلرام ڳولا ۾ نڪتو. ستسنگي به نڪتا پر شام تائين ڪجهه ڪونه وريو. اتي ماتا ڪرشنا ڳوال لال کان پڇيو ته تون جو ڪالهه باغ مان آئين ته توکي ته ڪجهه ڪونه چيو هئائين؟ گوال لال چيو ته ماتا مونکي صرف ايترو چيائون ته تون هاڻي گهر وڃي سنتن جي شيوا ڪر. وڌيڪ مونکي ڪونه چيائون. ايترو ٻڌي ماتا سيني کي چوڻ لڳي ته هڪڙو ستسنگي شاهه جي پٽ موڪليو، متان اتي ڀيڻن وٽ ويو هجي. ماتا جي آگيا تي آلماڻند کي گهوڙي تي چاڙهي شاهه جي پٽ روانو ڪيو ويو. اهو ڏينهن به ائين گذري ويو.

ٻئي ڏينهن ٥ بجه صبح جو ٽهلرام نڪتو، ٿڪو ماندو ١١ بجه گهر موٽيو. ائين ئي آلماڻند به شام جو پٽ تان واپس آيو پر خالي. ڏينهن گذرندو ويو. جيڪي ٻيا ستسنگي ڳولا ۾ ويا هئا تن به شام جو اچي چيو ته مهاراج جن جو ڪو پتو ڪونهي. سڀاويڪ ماتا ڪرشنا جي اندر جهل نه ڏني. سندس اکين ۾ آنسو ڇلڪي پيا. ستسنگ ته نيم انوسار ٿيو، ليڪن اها

موُج ڪٿي؟ اهو رنگ ڪٿي؟ اهو رس ڪٿي؟ پرين ۽ ڪانسواءِ ساز ۽ راڳ سڀ ڦڪا. دلبر ڏاران، دل جوئي ۽ دلپذيري ڪير ڪري؟

رات جو روئي ۽ ڪانپوءِ ماتا ڪرشنا، ٽهلرام کي چيو ته پٽ تو ڀڳت کي ڪجهه چيو آهي ڇا جو هو ڪاوڙجي خبر ناهي ڪيڏانهن هليو ويو آهي؟ توکي مون اڳ ۾ به سمجهايو آهي ته ڀلي ڀلائي به ڀڳت کي ڪجهه نه چوندو ڪر. اتي ماتا جي اکين ۾ جل ڀرجي آيو.

وري ٽئين ڏينهن صبح جو ٽهلرام ۽ ستسنگي ستگرو مهاراج جن کي ڳولڻ ويا. سارو ڏينهن ڳوليندي ڳوليندي وياڪل ٿي شام جو اچا نهر جي ڪناري تي اچي بيٺا ته هڪ ٻڪرار، ٽهلرام کي اچي ٻڌايو ته توهان جو هڪ ساڌ هن مقام ۾ هڪ وڏي ڪٻڙ جي وڻ ۾ ويٺو آهي. مون ڪالهه ٻڪريون چاريندي ڪيس ڏٺو هو. اهو ٻڌي ٽهلرام ۽ ستسنگي مقام ۾ اچي ڏسن ته برابر ڪٻڙ جي وچ ۾ اکيون بند ڪري مهاراج جن ڌيان ۾ ويٺا آهن. ٽهلرام ستگرو مهاراج جن کي سڏ ڪيو. ستگرو مهاراج جن ڪٻڙ مان ٻاهر نڪري آيا. ٽهلرام کي پيرين پئي ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيا. ٽهلرام کين چوڻ لڳو ته ٽن ڏينهن کان وٺي اسان توکي ڪيترو نه ڳوليو آهي. شاهه جي پٽ ڀرڻ ماڻهو چاڙهي موڪليو سين، پر تون اچي هتي ويهي رهيو آهين. ڪيتري نه سڀني کي تڪليف ڏني اٿيئي. ماتا ته ٽن ڏينهن کان روئي به ڪانه ڪاڍي آهي. انهن چئي مهاراج جن کي گهر وٺي آيا. ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراج جن کي پيار مان پنهنجي ڀرسان وهاري چوڻ لڳي:-

ڪي سڏ ڪري پنهنجي پير ۾ وهاري چوڻ لڳي تہ اَبا، باغ جي سنڀال لاءِ هاسارام يا واڌورام کي ڪٽي ڇڏ. باقي ٻنهين ٻي ساڌ کي روانو ڪر. مان هاڻي گهڻو ئي سمجهايو ٿي مانس ۽ اڳتي اِئين ڪونہ ڪندو. ٽهلرام چيو تہ، چڱو اِئين ئي ڪندس. اِتي اَچي سڀ لٿو. مهاراج جن ستسنگ شروع ڪيو. اهڙا تہ نوان نوان پڇن ويراڳ مان ڳاتائون جو ساري سنگت پريم ۾ اَکين مان جل وهائڻ لڳي. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ سڀيئي پرساد وٺي گهر ويا.

صبح جو مهاراج جن ٦ بجي گهوڙي تي چڙهي ٻنهين ڏانهن ويا. اتي سڀني هارين کي گهرائي، سمجهائي ڪم تي موڪليائون. پوءِ پاڻ ساري ٻني گهمي اَچي نار تي ويٺا، جتي ڪنهن مهل پڇن ناهي پيا آهستي ڳائين تہ ڪنهن مهل اَنترمک ٿي نام جو اڀياس پيا ڪن. اهڙي طرح سڄو ڏينهن گذاري، سج لٿي گهوڙي تي چڙهي گهر اَچي ستسنگ ڪيائون.

ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ستسنگين مهاراج جن کي ٻڌايو تہ جنهن تپيدار ٻئي دفعي تلهو ڌرايو هو سو هاڻي سعدآباد بدلي ٿي ويو آهي. ان جي جاءِ تي ٻڌو اٿئون تہ حيدرآباد جو تپيدار واحد بخش بدلي ٿي آيو آهي. ستسنگي ۽ سنت شيوي ٿو ٻڌجي. اسان جي مرضي آهي تہ سڀاڻي ڪيس ستسنگ ۾ وٺي اَچون ۽ تلهي بابت بہ ساڻس ڳالهہ ٻولهہ ڪيون. ستگرو مهاراج جن فرمايو تہ اَبا ستسنگ ۾ ڀلي وٺي اَچوس باقي تلهي لاءِ ڪجهہ بہ نہ چئجوس. تنهن کانپوءِ سڀيئي ستسنگي پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن پرڀاتي، تپيدار واحد بخش کي ستسنگ ۾ وٺي آيا. ستسنگ ۾ اهڙي تہ موج لڳي جو واحد بخش بہ هڪڙي

گهنا شري ڇند

کهي مات ڪرشنا، سن پُوت ميرا
جڳ سُوک لي تم ڪيون دُوک سهتا
گهر ٻيٺڪي اَپنا ڪام ڪرلو
جيوُن جڳت ڪرتا، هٺ ويد ڪهتا.

ارٿ- ماتا ڪرشنا چوڻ لڳي تہ هي پٽ تون پنهنجي سرير کي ايترو ڪشٽ ڇو ٿو ڏين. جئن ٻيا سنساري ماڻهو ٻيا ڪائين ۽ وهنوار ڪن تئن تون بہ گهر ۾ وهنوار بہ ڪر ۽ ڀڳتي بہ ڪر. جئن تنهنجا وڏا، پتا، ڏاڏو ۽ ٻيا ڪيترا سنت گرهست ۾ رهي ڀڳتي ڪري ويا آهن تئن تون بہ ڪر. اهو ٻڌي ستگرو مهاراج جن ماتا کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا:-

سن مات ميري ڪهون بات ساچي
جئن ڪال ڪي دند سي بهت ڊرتا
کهي **ٽيئُون** ديکا مئن سوچ ڪرڪي
سک ناهه جڳ ۾ هر ڏيان ڌرتا.

ارٿ- هي منهنجي سچي ماتا، ڪال جو نغارو رات ڏينهن وڄي رهيو آهي جو ٻڌي مان سدائين ڏڄان ٿو ۽ سرير ڪنبي ٿو. مون چڱي طرح جاچي ڏٺو آهي تہ سڀئي سوارٿ جا مٽر آهن، سنسار ۾ ڪو سک ناهي. هينئر سنسار کان من اُپرام ٿيو پيو آهي.

ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراج جن جا هي وچن ٻڌي چوڻ لڳي، پٽ، جي توکان باغ جي سنڀال نٿي پڄي تہ ان جي سنڀال ڪر. مان ٿلهل کي چوان ٿي تہ باغيچي جي سنڀال لاءِ پئي ڪنهن کي ڇڏي. ايترو چئي ماتا، ٿلهرام

انهن کي ڪندا سون.

صبح جو ٺيڪيدار واحد بخش پاڻ سان ڪاريگر ۽ مزور وٺي گهربل سامان کڻائي اچي ٽلهي جو ڪم شروع ڪرايو. ٻن ڏينهن ۾ سڄو ٽلهو پڪين سرن جي فرش سان ٺهرائي تيار ڪرايائين. مهاراج جن سندس شيوا ۽ شردا تي پرسن ٿي کيس آشيرواد ڏني.

شام جو لڳين ٺهيل ٽلهي تي ستسنگ ٿيو. انهيءَ رات ستسنگ جي اهڙي نه موج لڳي جو سارو ٽلهو نه پر جي ويو پر ڪيتري خلق بزار ۾ بيهي ستسنگ ٻڌڻ لڳي. ستسنگ پورو ٿيو تنهن کانپوءِ هڪ پريميءَ چيو ته، مون ٻڌو آهي ته شهر ۾ پنچات ڪٺي ٿي هئي. سياڻي لوُن هالن وڃي مختيارڪار کي درخواست ڏيندا ته ٽلهو ڊهرايو وڃي. اها ڳالهه ٻڌي ٺيڪيدار چيو ته فڪر نه ڪريو، فقير سائين چڱي ڪندو.

ٻئي ڏينهن پرڀات جو ٥ بجي اُٺي واحد بخش گهوڙي تي چڙهي لوُن هالن ويو. پنهنجي چاچي مختيارڪار کي ساري ڳالهه سمجهائي چيائين ته بزار جو رستو اُجا ڪافي پيو آهي ڪاٽي سوڙهو ڪانهي. ماڻهن کي سنتن لاءِ اپرڪا آهي. چيائين، چاچا سائين، فقير درويش آهي. ڪنهن مهل توهان به ڪندوءَ ۾ اچي اهڙي درويش جو ديدار ڪري وڃو. پنچات طرفان ڪا دانهن اچي ته اُن تي ڌيان نه ڏيندا. ٽلهو مون درويش سائينءَ کي خيراتي ٺهرائي ڏنو آهي. ڪيتري خلق آرام سان ويهي سک پائيندي. پنهنجي چاچي کي چئي ٺيڪيدار ڪندوءَ واپس اچي پنهنجو ڪم سنڀالڻ لڳو. اها خبر ڪنهن کي ڪانه رهي.

هوڏانهن ستگرو مهاراج جن صبح جو اُٿي ٻنين ڏانهن ويا

ستسنگيءَ کان دلو وٺي وڄائڻ لڳو. اهڙي نه پريم سان دلو وڄايائين جو ساري سنگت جهُولڻ لڳي. مهاراج جن به موج ۾ اچي ڳائڻ لڳا. ستسنگ کانپوءِ واحد بخش مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته درويش سائين، ڪا شيوا ٽهل هجي ته هي غلام حاضر آهي. مان اوهان جو راڳ ٻڌي تمام گهڻو خوش ٿيو آهيان. اِئين پيو سمجهان ته منهنجي ڪا تقدير جاڳي آهي جو هتي ڪنبوءَ ۾ بدلي ٿي آهي. تنهن تي مهاراج جن واحد بخش کي مشڪي چيو ته ڏاڍو سٺو. روزانه ستسنگ ۾ دلو وڄائجو ۽ ڪجهه ڪلام به ٻڌائجو.

ٻئي ڏينهن واحد بخش ستسنگ ۾ اچي دلو وڄايو ۽ ستسنگ پوري ٿيڻ کانپوءِ مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته درويش سائين، ٻڌو اٿم ته اڳئين تپدار ٻئي دفع اوهانجو ٽلهو ڊهرايو هو. پر مان ڏسان ٿو ته ستسنگين کي وهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي، جيڪڏهن حڪم ڪريو ته مان سپاٽي تي روبرو ڀي اچي ٽلهو ٺهرايان. مهاراج جن چيو ته جئن اوهان جي مرضي. واحد بخش چيو ته سائين، مونکي لٺ سان نشان ڪري ڏيو ته ڪيترو ٽلهو ٺهرائجي. مهاراج جن آٿي ڪيس اڳئين ٽلهي جو نشان ڏيکاريو. تنهن هوندي به اوهان جي جا مرضي هجي اوڏو ٺهرايو. تپدار چيو، سائين، پنج فوٽ ٻيا وڌائي ٿاهو وڏو ڪجي. ان ٻاري ۾ پوءِ جيڪي ڪجهه ٿيو ته هيءُ غلام پاڻيهي منهن ڏيندو. هالن ۾ منهنجو چاچو مختيارڪار آهي ۽ حيدرآباد ۾ هن غلام جو ڀاءُ ڊپٽي ڪليڪٽر آهي. تنهن ڪانسواءِ هي ته ڌرم جو ڪم آهي. جيڪو خرچ ايندو سو به مان ڪندس. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چيو ته، پنج فوٽ اوهان چئو ٿا سي ڀلي وڌايو پر ٻزار لاءِ رستو ڇڏي ڏجو. تپدار چيو ته چڱو سائين،

۲- لوڻا مالهه تي ٻڌجانءِ ٽاڻي- ڏاڍن جوڙو ڳڙو آڻي
ٻڌي هردم ٿيءُ هوشيار- ٻاڻي آهي وچڻ سو وارو
۳- ڏينهن جو ٿيرو رات وهاڻي-
ڀوڳ ڀنهنجيءَ کي ڏئي ڌن ٻاڻي
غافل ٿي تون سنت سڄاڻ- ڀُورب ٻاسي اُڀريو تارو
۴- ڪهي ٽيئُون ڪر هاڻي هوشياري-
ڀوڳ ڀڄائي ڪٽي وٽ ساري
جاڳي ڌهائج نيهه سان تار- وري نه ملندو اهڙو وار۔

ڪوڙا ڇند

ست چت ڪاڪر منا پڪانا-
ڌيرج ڌرا ڌراوو آنند پاوو جي
سرتا ڪاڇڻ تا پر راکو-
مڪوڙي شبد ملائو- آنند پاوو جي
ديهه چڪر کي چال سڌاري-
اندريان آرا لڳاوو- آنند پاوو جي
لر تي نيمر، پريتي پاڙج-
رهتي ساٿ رکاوو، آنند پاوو جي
مالهه سرتي پر سواسين لوڻا-
ٻنڌن ڀوڳ ٻڌاوو- آنند پاوو جي
ٻئل گيان وئراڳ بانڌ کي-
چيتن چڙکي لائو آنند پاوو جي
پريم ندي کي تٽ پر پياري-
اُنسا ارٿ چلائو آنند پاوو جي
کهتا ٽيئُون گيان گڻن کا رس-
ڀورڻ کيمت پڪائو آنند پاوو جي۔

۽ پنهنجن ٻه هڪ لنبي درخواست هڪ ماڻهو هٿ نئون هالن ڏانهن مختيارڪار وٽ موڪلي. هو ماڻهو مختيارڪار کي چوڻ لڳو، حضور اوهان جي راڄ ۾ ههڙو انڌير، اوهانجو تپيدار پاڻ ٽلهو نهرائي ٻزار جو رستو بند ڪري ڇڏي! ماڻهن کي ٻزار ۾ اچڻ وڃڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي پيئي آهي. مهرباني ڪري اوهين پاڻ هلي ڏسو يا اچ ئي اهڙو حڪم ڪيو ته اهو ٽلهو ڊهرايو وڃي.

مختيارڪار درخواست وٺي ماڻهو کي چيو ته هاڻي توهان وڃو. انهيءَ ڳالهه جي جاچ ڪنداسون، پنهنجن کي ڇنڊو ته توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. مڙيوئي ٺاڪي چڱي ڪندو، ماڻهو واپس اچي پنهنجن کي سموري ڳالهه ٻڌائي.

هاڻي ستگرو مهاراج جن جو چت پڱتي، ونراڳ ۾ پڄندو ويو ۽ سنسار کان ڪٿو ٿيندو ويو. هڪ ڏهاڙي صبح جو سوير ٻنيءَ تي ڏسن ته هاري ڏاندن ۽ اُنن کي نار ۾ تمام زور سان پيا وهائين. اهو حال ڏسي ستگرو مهاراج جن هارين کي چيو ته ڇو ٿا جانورن کي ايترو ماريو، پليٺ ڏيري پيا هلن. تنهن تي هاري نمرتا سان چوڻ لڳا ته سائين هيٺئين سانگهارو لڳو آهي، پاڻي هيٺئين کن ۾ سڪي ويندو. تنهنڪري ٻوڪ کي ڪجهه پاڻي ڏيئي وٺون نه ته ٻوڪ سڪي ويندي. مهاراج جن الي هيٺيون ڀڄن ناهي ڳائڻ لڳا.

ڀڄن سر جوڳ

راهه- نيڻي نار هڪل هردم- آهي عاشقن اصل سانگهارو

ا- منوپکانو کوڙج ناهي- مکڙو ڪاڇڻ ساڻ ملائي
چڪر شب کر چت سي چال-

ڦر ويچارو ويچار جو رکجاڻ نارو



ڪٻٽيءَ جي سنڀال يا ستسنگ؟

مهاراج جن مٺون پڙهن ۾ چند اُوچي آواز ۾ مٺي سُر سان ڳائڻ شروع ڪيو. پرماتما ڄاڻي سندن آواز ۾ ٻاڻيءَ ۾ ڪهڙو جادو ڀريل هو جو ڪن تي پرلاءُ پوڻ سان ٽِي هاري ناري ڪم ڇڏي موج ۾ موج وڌائڻ لڳا. ڪن ڪنيان دلاءِ وڃائڻ لڳا ته ڪي مهاراج جن پٺيان ڳائڻ لڳا. اِنسان ته پنهنجي جاءِ رهيا پر ڍور به اثر کان آجا نه رهيا. نار ۾ وهندڙ ڏاند ۽ اُٺ به جي جتي هئا اُتي ئي بيهي رهيا. گانيون مينهون ٻود ۾ اچي گهڙي پيئون ڪيمت ۾ ۽ خوب جاوا ڪرڻ لڳيون.

اُنهيءَ وقت ٻرپوءَ جي ليلا اهڙي ٿي جو ٿهلرام جي دل ۾ ويچار آيو ته سانگهاري جا ڏينهن آهن، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن جو ٻنيءَ تي ڪين ويو آهيان، سو اڄ ضرور وڃي ٻنيءَ ڏان تي اُچان. اهو ويچار ڪري ٿهلرام ٻنيءَ تي وڃي اڪتو. پري کان ڏسي ته ٻنيءَ ۾ گانيون مينهون پيون چرن، اڃا ٿورو ويجهو اُچي ڏسي ته اُٺ ۽ ڏاند نار ۾ ٻڌا بيٺا آهن ۽ ڪين هڪلڻ وارو ڪو به ڪونهي. اهو حال ڏسي سوچڻ لڳو ته اڄ ٻنيءَ ڇڏي سڀ ڪيڏانهن ويا آهن. اڃا ٿورو هليو نار تي اچي ته ڏسي ته پڙهن پيو ٿئي ۽ هاري ناري ۽ مزور سڀ اُتي ويٺا آهن، ڪي پيا دلا وڃائن ته ڪي پيا راڳ ڳائن ۽ ڀڳت يڪتاري تي وينو ڳائي. اهو رنگ ڏسي ٿهلرام سخت ڪاوڙجي سيٺي کي چوڻ لڳو ته، هي توهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟ توهانکي پنهنجو خيال ڪونه ٿو پوي ته سانگهاري جا ڏينهن آهن، پاڻي سڪي ويندو ۽ پوک جي ستياناس ٿي ويندي. تنهن کان ته جيئن اڳ چيو اٿم ته وڃي نڪاڻا وسايو. ٿهلرام پوءِ ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته توکي دڪان تي وهاريو سين ته دڪان ڦٽائي

ڇڏيء، باغ ۾ ڇڏيوسين ته باغ اُجڙ ڪري ڇڏيء. وري ماتا جي ڇوڪري ٻنيءَ تي رکيوسين ته ٻني به ساري ناس ڪري ڇڏيء. لوڪن کي خيال اَيو ته ڪو نه تو ٿئي. سارو چمن ڦٽائي ڇڏيو اٿيئي. گوال کي به ڪاري چٽ ڪري ڇڏيو اٿيئي. هو به ٿورو مٿاڇرو ڪم ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي تو رهي. مان هاڻي ڏسان تو ته لوڪان کو به ڪم ڪونه ڏيندو. پلا جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن هليو وڃ. وڏيڪ مان لوڪي ڇا چوان. جي ڪجهه چوان تو ته ماتا تي رنج ٿئي. مان وڃان سو ڪيڏانهن وڃان؟ اَڪيلو ڪهڙو ڪم سنڀالي ڪهڙو ڪم سنڀاليان. مان به تو گهر ويهان. پوء اوهان سڀني کي جيئن وڻي تيئن ڪريو، ڦٽايو يا وسايو اوهانجي مرضي. ڀائي ٿهلرام ايترو چئي ٻنيءَ جي نظرداري ڪري هاريس مزورن کي تنبيهه ڪري گهر هليو ويو.

ٿهلرام جي وڃڻ کانپوء ستگرو مهاراج جن چپ ڪري جهنگل جو رستو وٺي گهمندا گهمندا سج لٿي مهل شاهه جي پٽ پنهنجن پيئرن وٽ ڀائي وشنداس جي گهر وڃي پهتا. ڀائي وشنداس سنت- شيوي هري- ڀڳت هوندو هو. سندس پٽ لکميچند، شيوڪرام، ٽيڪچند، تيرٿداس، بصرام به هري ڀڳت ۽ سنت شيوي هوندا هئا. ٽيڪچند ۽ تيرٿداس ته تياڳي اَوڌوت هئا ۽ لکميچند ۽ شيوڪرام گرهستي هئا. هنن ڀڳت چيلارام جن جي گهران شادي ڪئي هئي. سمورو ڪٽنب هري ڀڳت هو. روز نيم سان رات جو ستسنگ ڪندا هئا. جڏهن وقت مهاراج جن وٽن پهتا تنهن وقت لکميچند جو پٽ گرمکداس ۽ شيوڪرام جو پٽ سروآنند ۽ شيوڪرام پاڻ ۽ چيتارام، ڪرشنداس سڀ ملي ستسنگ ڪري رهيا هئا. شهر جا ٻيا به ڪيترا پريمي ستسنگي وهنا

سنت مينگھو رام جن، لکميچند ۽ شيوڪرام کان پڇڻ لڳا تہ ھي ساڌ ڪٿي جو آھي. ھي تہ پورن وئراڳي مھاتما ٿو ڏسجي. جنھنجي درشن ڪرڻ سان ئي آنند پيو اچي. ساکيات ڀڳوان جي مورتي آھي.

لکميچند ٻڌايو تہ مھاتما ڪنڌڪو نواسي ڀڳت چيلارام جن جو پٽ آھي. ھتي اسان وٽ گھمڻ آيو آھي. ننڍي ھوندي کان وٽي پريوءَ جي لاءِ لڳل اٿس. اھو ٻڌي سنت مينگھورام جن تمام گھڻو خوش ٿيا.

صبح جو ٻئي ڪلاڪ ستسنگ ۽ پاڻ ۾ رھاڻ ڪري روٽي کائي آرام ڪيائون. شام جو سيئي ستسنگي ۽ سنت ملي شھر گھمڻ ويا. رات جو ستسنگ ڪيائون. مھاراج جن ۽ سنت مينگھو رام جن جو ٻڌي شھر جا ڪيترا ماڻھو آيا ھئا. رات جو ھڪ ڏيڍ وڳي ويو. ڪنھن کي بہ پرلاءِ ۾ وقت جي خبر ڪانہ پيئي. سڀني کان پنھنجو گھر ٻار وسري ويو.

سنت مينگھو رام جن ٻہ ڏھاڙا رھي پنھنجي منڊليءَ سميت ٻيراٽيءَ روانا ٿي ويا. اُنھيءَ موقع تي چيتارام ۽ ڪرشنداس، ڏنارام ۽ دُولارام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ستگرو مھاراج جن کان گرمنتر وٺي سڌن شش ٿيا.

ھوڏانھن ڪنڌڪوءَ ۾ ٿھلرام ٻنھيءَ ڄڻن موٽي اچي ماتا کي سموري روئداد کان واقف ڪيو. شام جو ستگور مھاراج جن کي ستسنگ ۾ نہ ڏسي پريمي، گوال لال کان پڇڻ لڳا تہ ڇو اڄ مھاراج جن ٻنھيءَ ڄڻن کوئہ موٽيا آھن. گوال لال چيو خبر ڪانھي تہ ڇو ايتري دير لائي اٿن. جيسين ستگرو مھاراج جن اچن تيسين اسين ٿا ستسنگ ڪريون. ستسنگ شروع ٿيو. واحد بخش تپدار بہ آيل ھو.

پھريائين گوال لال ۽ پوءِ ٻين پريمين ستسنگ ڪيو. رات

هئا. مهاراج جن کي ڏسي سڀئي خوش ٿيا. آدرستڪار ۽ پريم سان کين وهاريائون ۽ چيائون ته اوهين به چار ڏينهن ٻڌايو.

ستگرو مهاراج جن ايڪتارو کڻي ڀڄن شروع ڪيو. سروآنند ۽ گرمکداس کين پنيان وٺايو. موج لڳي ويئي. ساري سنگت پريم ۾ گد گد ٿيڻ لڳي. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ ساري سنگت پرساد وٺي پنهنجي پنهنجي گهر وئي. ان بعد ڀڳت لڪميچند، ڀڳت شيوڪرام شريمتي گيانِي ٻائي ۽ شريمتي ايشوري ديوي اچي مهاراج جن کان خبرچار پڇڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن چيو ته اڄ ٻنيءَ ۾ ويٺو هوس ۽ چت ۾ آيو ته شاهه جي پٽ تان گهمي ڦري اچان. سو لار تان سڌو هليو آيس. سڀ سمجهي ويا ته شايد ٽهلرام کين گهرايو آهي جنهن ڪري ٻنيءَ تان پرڀارو هئي هليو آيو آهي. اها ڳالهه اسان کان لڪائي ٿو. انهيءَ ڪري مهاراج جن کان وڌيڪ ڪجهه کين پڇيائون.

صبح جو سوير سنت مينگهو رام ٻيراڻي وارا پنهنجي منڊليءَ سان اچي لٿا. لڪميچند ۽ شيوڪرام سنتن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پريم سان کين آسڻ تي وهاريائون. ستگرو ٽيئُون رام جن به سنتن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سارو ڏينهن روح رهاڻ ڪيائون. رات جو ستسنگ ٿيو. پهريان ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس ڀڄن چيو، پوءِ ڀڳت لڪميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام ڀڄن ڪيو اُن بعد سنت مينگهو رام پنهنجي منڊليءَ سميت ڀڄن ڪيو. آخر ۾ ستگرو مهاراج جن ستسنگ ڪيو. پنهنجا نوان نوان ناهيل ڀڄن پريم ۽ وٿراڳ سان ڳايائون. ستسنگ جي موج ۾ ڪنهن کي به وقت جي خبر ڪانه پيئي. مٿان اچي ١٢ لڳا. تنهن کانپوءِ رام نام جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

آهن. هٿ جوڙي مهاراج جن کي وينتي ڪيائون ته سائين ڪرپا ڪري جلد سنڀرو ته گوٺ هلون. ستگرو سندن اُداس اُنائي. سيني کان موڪلائي، اُچي ڪنڌُوءَ پهتا ۽ اُچي ماتا جي چرنن تي هٿ ڏيي ڪنڌ نوائي ويهي رهيا.

ماتا ڪرشنا اکين ۾ جل آڻي پريم سان ستگورو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته اُبا، هي تون ڇا ٿو ڪرين؟ ٻنا ٻڌائڻ جي ڇتان ٿو اُچين اُتان ٿو پڇي وڃين. هتي سڀ ستسنگي ۽ اسين ساري رات نهاري چتائون پيا ڪريون. ٻنيون، باغ ۽ ٻيو ڪم ڪار رلي ويو آهي. هڪڙو ٽهل ڇا ڪري ڇا ڪري سگهندو، ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن ويندو؟ تون ڀڳتي ڀلي ڪر پر گهر جي به ته ڪجهه ڪر. جي توکان ٻنيءَ جو ڪم نه ٿي سگهي ته گهر ويهي سنتن ۽ گائن جي شيوا ڪر.

ستگورو مهاراج هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته ماتا، مان ته رات ڏينهن پنهنجي گهر ناهڻ ۾ لڳو پيو آهيان. پر ڇا ڪريان؟ تمام گهڻن ڏينهن کان گهر ڦٽل آهي. ڪوشش ته تمام گهڻي ٿو ڪريان، وڏيڪ اوهانجي آسيس ٿيندي ته ضرور جلد ٺهي پوندو، جنهن ۾ ويهي آرام ڪندس. وري به جيئن آگيا ڪريو تيئن ڪريان.

ستگورو مهاراج جن جي اِيؤ جا اهڙا پڻارت وچن ٻڌي خوش ٿي ڪين چوڻ لڳي ته پٽ، مان توکي اِهائي آسيس ٿي ڪريان ته شل جلد اُي اُنهيءَ اُبناسي گهر ۾ آرام پائين، پر هن گهر جي به ڪجهه ڪار ڪر ته چڱو. ٽهل گهڻي ڪم ڪرڻ ڪري ٿڪجي ٿو پوي ۽ تمام ناراض ٿو ٿئي. گوال به پورو دل سان ڪم ڪونه ٿو ڪري. تنهن ڪري ڀڄا اُئين نه ڪر. جنهن ۾ ٽهل خوش ٿئي سوئي ڪر. ايترو چئي ماتا

جو ١٠ بجه ستسنگ سماپت ٿيو. سنگت پاڻ ٽهلرام کان پڇڻ لڳي ته اڄ مهاراج جن کي ڪيڏانهن ٻاهر موڪليو اٿوَ ڇا؟ ٽهلرام جواب ڏنو ته مون نه ڪيڏانهن ڪونه موڪليو ٿي مانس. خبر ناهي ته ڇو ٻنهيءَ تان ڪين آيو آهي. شايد سانگهاري جي ڏنهن ڪري ٻنهيءَ تي نڪي پيو آهي ۽ سڀاڻي اچي. پر سڀاڻي تي به مهاراج جن ڪونه آيا. ٽئين ڏينهن ٽهلرام پاڻ ڳولا ۾ نڪتو، ڀرپاسين ويو ٻنهيءَ تي. اتي معلوم ٿيس ته هتان ته اُنهيءَ ڏينهن شام جو واٽر ڪورس جو ڪنڌو ڏيئي روانا ٿي ويا هئا. ٽهلرام پوءِ باغ ۾ ويو پر باغ وارن کي به ڪا خبر ڪانه هئي. آخر جيڪي هنڌ سڀهيس تي سي ڳوليندو ڳوليندو واپس گهر آيو ۽ اچي ماتا ڪرشنا کي ٻڌايائين ته پتو ڪونه پيو. سڄو ڏينهن انتظار ۾ ڪٽيو.

رات جو ستسنگ ڪانپوءِ گوال لال کان ستگرو مهاراج جن بابت پريمي پڇڻ لڳا ته اتي آسورام گوپالداس جي پٽ چيو ته ستگرو مهاراج جن کي مان شاهه جي پٽ پڳمت وشنداس جي گهر ستسنگ ڪندو ڏسي آيو آهيان. تن ڏينهن کان وٺي سنمت ميگهورام جي منڊليءَ سان گڏ ستسنگ ڪري رهيا هئا. مونکي خبر هجي ها ته مهاراج جن هتان بنا موڪلائي ويا آهن ته مان پاڻ سان وٺي اچان ها. اتي سڀني کي دلجاءِ ٿي. سنگت ٽهلرام کي چيو ته اوهين ڪين وٺي اچو ته اوهان جي مرضي، نه ته آڳيا ٿئي ته اسان مان ڪي وڃن.

صبح جو ٥ بجه آتمانند ۽ منگهن رام گهوڙن تي چڙهي شاهه جي پٽ ويا. ستگورن کي مٿي نهال ٿيا. ڪين ٻڌايائون ته ڪيئن ماتا سندن وڇوڙي ۾ ٽن ڏينهن کان روئي به ڪانه ڪاڌي آهي. گوال لال پيو روئي ۽ ستسنگي سڀ اُداس

وڃهندا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندا. ڪنهن مهل نه ڳاريون به ڏيندا. اهو سڀ صبر سان سهڻو آهي. ٽنهين ڪانپوءِ ڪُل لڇا يعني گهر جا ڪٽنبي، مت مائٽ چوندا نه تو اسانجو ڪل ٻوڙي ڇڏيو آهي، اسانجا ڪنڌ پڇي ڇڏيا اٿيئي. ٻاهر ڪنڌ هيٺ ڪيو پيا هلون. ماڻهو اسان تي ٺٺڪار ٿا وجهن نه توهانجو ڪل ڪهڙو؟ اوهان شان مان وارا توهانجا ڇوڪرا پيا ساڌن وٽ ڀاريون پائين، جتيون صاف ڪن ۽ جوُٺا ٻاسڻ ملين! توهان پنهنجن وڏن جي عزت تي ٻوڙي ڇڏي آهي. اُنهيءَ ڪانپوءِ ٽين آهي- ويد لڇا يعني ڪرم ڪانڊي، مذهبي چوندا نه هي ڪرم ڌرم ڪان ڀرشٽ ٿي ويو آهي. پيا ٻه انيڪ پرڪارن جا ڏک ڏيئي ستائيندا. پڇاڙيءَ ۾ اُنهن ڀوپوءِ جي پيارن کي مذهبي مارڻ لاءِ ٻه تيار ٿيندا آهن، سو هيءَ پڳتيءَ جي ڳالهه تمام ڏکي آهي. ٻيو پنڌ ڀري آهي. يعني آتم تتو جي ڳالهه سوکيم ۾ سوکيم آهي. جا اول نه سمجهه ۾ ٿي اچي ۽ وشواس به ڏکيو ٿو ڀَڌجي. ڪيترا ٻڌي رستو ٿي ٽٽا وڃن، ڪيترا اهو رستو ڏسي موٽيو اچن، ڪي نه ٿورو پنڌ ڪري ٿڪجي واٽ تي ويهيو رهن، ڪي وري اَڌ ٽان موٽيو اَچن، ڪي دروازي تي پهچي در لنگهڻو ڏسي موٽيو اچن. ڪوئي ڪوئي ڀرم وٽرائي ۽ ووڪي وڏ ڀاڳي، ستگرن جي ڪرپا سان انهيءَ اُبناسي آتم گهر ۾ وڃي پهچي ٿو. اهو ٻڌي سڀيئي ستسنگي همٿ جوڙي چوڻ لڳا نه هي پريو، اهو رستو اسانکي به ڏيکاريو. توهانجي آشيرواد سان ڏکي ڳالهه ٻه سؤلي ٿي پوندي ۽ ضرور پنڌ ڪري وڃي پهچنداسون.

اها گيان چرچا ڪري سڀ لٿي مهل آسٿان تي موٽي اچي ستسنگ ڪياٺون. اُلهي ڏينهن ستسنگ ۾ تمام گهڻي

بس ڪئي. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن ۽ گوال لال سنتن کي روٽي کارائي ۽ پوءِ پاڻ به کاڌائون. ڪلاڪ کن آرام ڪري سنتن سان رهاڻ ڪرڻ لڳا.

هوڏانهن ستگرو مهاراج جن جي اچڻ جي خبر ڪنڊوءَ ۽ سالاري ۾ پکڙجي ويئي، سو ڪيترائي پريمي ستسنگي مهاراج جن جي درشن لاءِ اچي ڪٺا ٿيا. ٻه اڍائي ڪلاڪ سنتن جي گيان وارتا هلي. اُن بعد ستسنگي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته هي پريو، توهان جو چار چار ڏينهن ٻاهر هليا ٿا وڃو، سو اسان تمام اداس ٿي ٿا پئون. ڀيئنئر به پنجن ڏينهن کانپوءِ درشن ڪيو اٿئون. پر اهو پنجن ڏينهن جو وڇوڙو پنجن ورهين برابر ٿا سمجهون. ڪرپا ڪري ڪيڏانهن به نه وڃجو. جي وڃو ته آئينده اسان کي به ساڻ وٺي هلجو. تنهن تي ستگرو مهاراج جن مشڪي فرمايو ته اَبا، اِها ڳالهه ڏکي آهي. پنڌ تمام پري آهي، متان ٿڪجي واٽ تان نه موٽي اچو يا ويهي رهو. تنهن ڪري ڌيري ڌيري هلڻ چڱو آهي. ايترو چئي ستگرو مهاراج سنتن ۽ ستسنگين سان گڏجي باغيچي مان ٿيندا درياهه جي ڪناري تي سير ڪرڻ لڳا. اُتي ڪيمارام هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريوُ، توهانجو اسانکي چيو ته ڳالهه ڏاڍي ڏکي آهي ۽ پنڌ به تمام پري آهي سو ڪرپا ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي ڳالهه آهي ۽ ڪيترو پري آهي.

ستگرو مهاراج جن فرمائڻ لڳا ته اَبا، ڳالهه ڏکي اِنهيءَ ڪري آهي جو پريوءَ سان نيهه لڳائي اُنت تائين نباهڻو آهي ۽ پڇاڙيءَ تائين نباهڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. ٻيو ٽي لڄائون لاهڻيون آهن. ١. لوڪ لڄا ٢. ڪُل لڄا ٣. ويد لڄا. پهرين لوڪ لڄا. ماڻهو مهڻا ڏيندا، طعنا هڻندا، نندا ڪندا، لعنتون

ٿا، دعا ڪجو. ٻي ڪا اسان لاءِ ڪار خدمت هجي ته
اسين حاضر آهيون. مهاراج جن مختيارڪار کي مٿڪي چيو
ته اَڄوڪو ڏينهن هتي رهو ۽ ٽڪري پاڻي ٻڌ. اسان وٽ
کائو. ٽپدار هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي سائين روٽيءَ جو
اسان اڳ ۾ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. اَڄوڪو ڏينهن
مختيارڪار صاحب کي هتي ترسايون ٿا. رات جو اچي
اوهانجو ستسنگ ٻڌنداسون. ايترو چئي سڀيئي موڪلائي
پنهنجي جاءِ تي ويا. جيڪي پنچاتي ماڻهو مختيارڪار سان
گڏ آيا هئا تن اهو سارو رنگ ڏسي وڃي مکيءَ کي ڀڙڪائڻ
لاءِ چيو ته مختيارڪار پاڻ پيتا رکي مٿو پيو ٽيڪي ۽ چوي پيو
ته ٻي ڪا خدمت هجي ته حڪم ڪريو، باقي ٿلهي
بابت ته مختيارڪار ڪجهه به ڪين چيو. تنهن ڪري توهان
اسان سان گڏجي ديري تي هلو ته روبرو مختيارڪار کي ٿلهي
بابت ڪيس ساري حقيقت ڌيان تي آڻيون. مکي، پنچن سان
گڏجي مختيارڪار کي ٿلهي بابت ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽
زور ڀرڻ لڳو ته اهو ٿلهو ضرور ڊهرايو وڃي. مختيارڪار ڪين
چيو ته مان ٿلهو ڏسي آيو آهيان، بزار کي ڪا به روڪ ڪانهي.
بزار لاءِ اڃا ڪافي رستو آهي. مختيارڪار مکيءَ کي چيو ته هي
ڌرم جو ڪم آهي. ڪيتري خلق درويش جي آستان تي روٽي
کائي ۽ ستسنگ ٻڌندي آهي. توهان ته پاڻ خوش ٿيو جو
توهانجي ڳوٺ ۾ هڪڙو ڪامل درويش پيدا ٿيو آهي. سچ
پڇ ته توهانجي شهر جو ڀاڳ جاڳيو آهي. اسان ته درويش
جو ديدار ڪري ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. توهان ٿوريءَ ڳالهه
ڪري ناراض نه ٿيو. ڀل ٿلهو ٺهيو پيو هجي. مختيارڪار
جي اها ڳالهه ٻڌي سڀئي موٽي مکيءَ جي جاءِ تي آيا. پنچ
مکيءَ کي چوڻ لڳا ته ڊپٽي ڪليڪٽر کي درخواست ڪري
اهو ٿلهو ڊهرائجي. مکيءَ پنچن کي چيو ته ساري شهر جي

خلق آئي هئي. ستگرو مهاراج جن ٻه ڏاڍو رنگ رچائي ڇڏيو. ستسنگ ڪانپوءِ ٽپدار واحد بخش مهاراج جن کي چيو ته توهان کان سواءِ تمام ٻسائي تي پيئي هئي. ٻيو ته ڪالهه پٺئين وري مختيارڪار صاحب کي ٻي درخواست ڪئي آهي. مختيارڪار صاحب چيو آتن ته مان روبرو اچي ڏسندس، سو سڀاڻي صبح جو ۱۰ بجه مختيارڪار صاحب هتي ايندو. اهڙو اطلاع موڪلي ڇه آيو آهي. تنهن ڪري سڀاڻي توهان ڪرپا ڪري ڪيڏانهن نه وڃجو. ستگرو مهاراج جن مشڪي چيو ته ٻابا اسان چار پنج ڏينهن شاهه جي پٽ تي سنتن جو ديدار ڪرڻ ويا هئاسون ۽ هاڻي هتي ئي آهيون. ڀلي مختيارڪار صاحب اچي. توهان ڪوئي خيال نه ڪريو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ۱۰ بجه ڌاري واحد بخش ٽپدار، مختيارڪار ۽ ۱۵-۲۰ پٺيج ستگرو مهاراج جن جي آستان تي آيا. ٽپدار، مختيارڪار کي ٻڌايو ڏيکاريو ۽ ٻڌايائين ته هتي هر روز چار پنج ڪلاڪ ستسنگ ٿيندو آهي جنهن ڪنڌ وهٽ ۽ سالاري شهرن جي گهڻي خلق ايندي آهي. ٻيا به ڪيترا سنت فقير هن درويش جي ديدار لاءِ ايندا آهن. ڀنڊارو به رات ڏينهن چالو رهندو آهي. جيڪي اچن سي روٽي کائي وڃن. هي درويش درد وارو ۽ ڏاڍو سان ٻهتل آهي.

مختيارڪار ايترو ٻڌي ستگرو مهاراج جن ڏانهن نهاريو ته ستگرو مهاراج جن ٿورو مشڪي مختيارڪار کي چيو ته اچو مٿي اچي ويهو. مختيارڪار ۽ سڀ پٺيج مٿي ٿلهي تي چڙهي مهاراج جن جي پرسان اچي ويٺا. ستگرو مهاراج جن ستسنگين کي چيو ته ٻابا ٽڪري ۽ چٽڻي کڻي اچو ۽ سڀني کي ڪارائي جل پياريو. تنهن کان پوءِ مختيارڪار سر زمين ڏسي روانه ٿيا. ستگرو مهاراج جن ائيان رکي ڇوڙ لڳو ته هي فقير سائين هاڻي اسين وڃون

بگاڙو نه ٿيو. ان تي ٻنهي ريجهورام مکيءَ کي چيو تہ ووٽ وٺي فيصلو ڪرايو. جنهن پاسي ووٽن جي گهڻائي هجي اهو فيصلو اسان کي قبول آهي. مکي صاحب پنهنجن کي چيو تہ جيڪي پائر تلهي ڍهرائڻ جي فائدي ۾ هجن سي هٿ مٿي ڪن. اَنڪل مٿو سؤ کن ماڻهن هٿ مٿي ڪنيان. وري مکيءَ چيو تہ هاڻي جيڪي پائر تلهي قائم هجڻ جي فائدي ۾ هجن سي هٿ مٿي ڪن. اَنڪل ٻوڻن ٻن سؤن ماڻهن هٿ مٿي ڪنيان. اهڙيءَ طرح گهڻائيءَ جي راءِ ڏسي مکيءَ فيصلو ڏنو تہ تلهو پلل نهيو ٿيو هجي. رات جو ستسنگ ۾ تپدار ۽ مختيارڪار بہ آيا. تلهو تہ بجاءِ خود پر بزار بہ خلق سان ڀرجي ويئي. ڀهرين گوال لال ۽ ٻين ستسنگ ڪيو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن جيڪي ڀڄن ڳايا تن ۾ هيٺيون ڀڄن پڻ هو.

راڳ وهاڳ

تل- جت پاهه ٻري سا جاءِ جري-
دک درد ٻندا دانهن ڪير ڪري.
١- درد دکن جت ڪيڙا ڏيرا- جوش جلايا تن جا جيرا،
جان جنديءَ جيئن ڏيئي ڦيرا- ڏُولگر من کي روز ڏري.
٢- درد دکن جا اُڀرها ڏُونهان- ستگر وچنن تيڙا سُونهان،
عشق اَگن جون ساڙن لونهان- محبت جي مچ ۾ تہ مري.
٣- جنهن گهر جاڙيو تنهن گهر ٿاريو- صورت ۾ سو ساز نهاريو،
ڏيهہ ڀنهنجيءَ ۾ ڏيهڪ ٻاريو- ڌيان تنهن جو روز ڌري.
٤- درد دکن جون ٻڌجن دانهون- سر ڏئي سي سڄ سدائون،
٥- ڪُرجوڙ ڪر ڪهتا ٽيئون- پريم سندو آهہ پند پري.

اهڙي پريم ۽ وئراڳ سان ڳايائون جو ستسنگ ڪان پنهنجو گهر ٻار بہ وسري ويو. مختيارڪار کي پريم مان اکين ۾ جل

پنچايت ڪٺي تا ڪريون، پوءِ جنهن پنچن فيصلو ڪيو تنهن ڪنداسون. ساري شهر جي پنچايت ڪٺي ٿي. اُتي مکيءَ اُٿي چيو ته ياڻو، سنتن جيڪو بي قاعدي ٿلهو ٺهرايو آهي تنهن بابت اسان به درخواستون هالن ٽون جي مختيارڪار کي ڪيون هيون ۽ اڄ مختيارڪار پاڻ ٿلهو روبرو ڏسڻ آيو هو پر ڪجهه ڪيائين ڪو نه. اُلٽو چيائين ته هي ڌرم جو ڪم آهي ۽ توهان ناراض نه ٿيو، پر ٿلهو ٺهيو پيو هجي. تنهن ۾ هاڻي ياڻو توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟ جنهن فيصلو ڪريو تنهن ڪريون. مکيءَ جي ڳالهه ٻڌي ڪي پنچ چوڻ لڳا ته حيدرآباد هلي ڊپٽي ڪليڪٽر کي درخواست ڏيڻ گهرجي ڇو جو اڄ ٿوري جڳهه ڪٺيون اٿن، سڀاڻي وري بزار جو ٽڪرو ڪٽي وٺن ته ڇا ڪنداسون؟ تنهن ڪري ٻئي ڄڻا اڄ ئي حيدرآباد روانا ڪريو. ڪي چوڻ لڳا ته ياڻو توهان سنتن ۽ ستسنگ جي مهما ڄاڻو ٿا ۽ جيڪي مختيارڪار چوي ٿو سو بالڪل ٺيڪ آهي. برابر ڌرم جو ڪم آهي، ساري شهر واسطي سک آهي. سڀئي هر روز نت نيم سان ستسنگ ٻڌي جنم سڦلو ڪن ٿا. تنهن ڪري ضد ڇڏي ڏيو. ذرا ويچار ڪريو ته جتي مختيارڪار جهڙو ماڻهو پيتا رکي مٿو ٽيڪي ويو آهي، الي جي حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر به اچي پيتا رکي مٿو ٽيڪي وڃي ته پوءِ پاڻ ڇا ڪنداسون؟ اُلٽو جيڪي ٻيا ماڻهو ٻڌندا سي پاڻ تي کلندا. تنهن ڪري اُنهيءَ ڳالهه کي اُتي ڇڏي ڏيو ڇو جو سنتن کي رنجائڻ به ٺيڪ ڪين آهي.

مکي صاحب پنچن کي چيو ته اوهان ٻئي پاسا ٻڌا آهن. ڪي چون ٿا ته ٿلهو ڊهرايو وڃي ۽ ڪي چون ٿا پيو ٺهيو پيو هجي. سو هاڻي اهڙو فيصلو ڪريو جنهن پنچايت ۾ بـ

جا پريمي ڀائي مائي ۽ واحد بخش ٽپدار ستگر مهاراج جن کان نام جو اُپديش وٺي شش بڻيا.

جڏهن پوءِ لٿن ستگرو مهاراج جن جو چت وئراڳ ۽ ڀڳتيءَ ۾ ڀربو ويو ۽ ڏاڍي پريم ۽ وئراڳ سان ستسنگ ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن مهاراج هوندلداس اَچي ستگورو مهاراج جن جي ستسنگ ۾ ويٺو. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ هٿ جوڙي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته هيءُ داس بکيو اوهان جي در تي آيو آهي. ڪرپا ڪري ڀنڊاري مان ڪو ٽڪڙو ڪاڍيو، جو کائي من ۾ شانتي اچي. ائين ئي پريم وچان اکين ۾ پاڻي ڀري آيس. ستگورو مهاراج جن هوندلداس ڏانهن نهاري چوڻ لڳا ته توهان پاڻ وڏا ودوان آهيو ۽ شاستر به پڙهيل آهيو ۽ ڪٿائون به ڪندا آهيو. سڀ ڪجهه ڄاڻو ٿا. اسان ته ايترو ڄاڻون ڪو نه جو توهان کي وڌيڪ ڪجهه ٻڌايون. تنهن تي مهاراج هوندلداس هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پرڀو، پڙهيا ته گهڻو آهيون، پر سڀ شاستر به چون ٿا ته پورن ستگروءَ کان سواءِ آتما جو ساکيات ڪار نه ٿيندو ۽ نه وري من کي شانتي ملندي. سو مان گهڻي وقت کان وٺي ستگروءَ جي ڳولا ۾ هوس. گهڻن ئي مهاتمائن، سنت پرشن سان روح رهاڻ ڪيم پر منهنجو من ڪٿي به نه لڳو. اڄ توهان جو ستسنگ ٻڌي منهنجي دل ۾ پورن وشواس ٿيو آهي ته منهنجو اُڌار اوهان وٽان ئي ٿيندو.

گنگا متُرا ڪاشي ڦريو - ڦريو تيرٿ ساري،
ڪهان نهين مُجهه پربهو ملبا - آيو شرن تمهاري.

سو پرڀو مان اوهان جي شرن آيو آهيان. ڪرپا ڪري ڀڳوان ملڻ جو رستو ڏيکاريو ته آتما جو درشن ڪري جنم مرڻ جو ڦيرو مٽايان.

پئجي آيو. ستسنگ سماپت ٿيڻ ڪاڻ پوءِ ساري سنگت پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي. مختيارڪار ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته هي درويش سائين اسان توهان جو ستسنگ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. سڀاڻي صبح جو اسان هاڻ موٽي وينداسون. ٿلهي جو فيصلو ٿي ويو جو قائم رهندو. ٻي ڪا ڪار خدمت هجي ته اسين وڏي خوشيءَ سان ڪنداسون. توهانجو نياپو ئي اسان لاءِ ڪافي آهي. ائين چئي مختيارڪار ۽ ٽپيدار پنهنجي پنهنجي جاءِ ٿي ويا.

ڪيترا ستسنگي هٿ جوڙي سعگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته هي پريو اسان هر وقت توهانجي چرن ڪملن ۾ رهڻ ٿا چاهيون ڪرپا ڪري اسانکي پنهنجي شرڻ ۾ رکو. سنساري وهنوار ۾ هاڻي اسانجو چت ٿو لڳي. مرضي اٿوَن ته سدائين اوهان جي چرنن ۾ رهي سيوا ڪريون. ائين چئي سڀئي پريمي مهاراج جن جي چرنن ۾ ڪري پيا. ستگرو مهاراج جن سندن اهڙو اٽي پريم ڏسي کين اٿاري دلداري ڏيئي چوڻ لڳا ته ابا ڪوئي خيال نه ڪريو، صبح جو سوير اچجو، پرماتما سڀ ڀلي ڪندو. ستگرو مهاراج جن جا اهي دلداريءَ جا وچن ٻڌي سڀئي پريمي خوش ٿيا.

صبح جو سوير سڀئي ستسنگي پرساد ۽ پوڄا جي سامگري کڻي اچي ستگرو مهاراج جن جي پوڄا ڪري گرو منتر وٺي شش ٿيا. انهن مان ڪن مکيه ماڻهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا - آسو رام، آتمانند، پرمانند، منگهن رام، ميگهراج، ٺاڪور رام، کيما رام، اوم پرڪاش، جيجن رام، آلو رام، ريجهو رام، لالو رام، ڪلو رام، پاريا رام، جينو ڀڳت، آسو مل سونارو، بابو جاليرام، ٽڪيارام، ٽيڪورام، واڌو رام، ويرسي رام، ڪشن رام، راءِ ڙاءِ، آنند رام ٻيا به ڪيترا ڪنڊ وڙءِ ۽ سالارن

سنتن جي شيوا ڪرڻ لڳو. سنتن کي روٽي ڪارائي، پاڻ به ڪائي پنهن جي گهر ويو. شام جو اچي ستسنگ جا فراش وڇائيائين. اهڙي طرح ڪجهه وقت ڏاڍي پريم سان شيوا ڪيائين.

جڏهن ستگرو مهاراج جن ڏٺو ته هوندلداس کي ذات يا وديا جو ايمان ڪونهي ۽ ڪهڙي به قسم جي شيوا م سنڪوچ نٿو ڪري، تمام گهڻي شرڌا ۽ پريم به اٿل اٿس تڏهن ڪيس نام جو اڌڪاري سمجهي چيائون ته، اَبا سڀاڻي ٨ بجه اَچجو ته توهان کي نام جو رستو ٻڌائيندا سون.

اوڏي مهل ستگرو مهاراج جن گوال لال کي چيو ته سڀاڻي توکي به هوندلداس سان گڏ نام ڏيندا سون.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٨ بجه گوال لال ۽ هوندلداس پوڄا جي سامگري ۽ پرساد کڻي آيا ۽ ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي اچي وينا ۽ گر منتر وٺي ستگرو مهاراج جن جا شش ٿيا. تنهن کان پوء ستگرو مهاراج جن کين چيو ته هاڻي پرشارٿ ڪري پنهنجي آتم سروپ کي پايو. ٿورو ڳالهايو، ٿورو کائو ۽ ٿوري ننڊ ڪريو. رات ڏينهن اَڀياس ڪريو ۽ سنتن جي شيوا پرڻ چت لائي ڪريو.

بيا به ڪيترا جگياسو ۽ ستسنگي هر روز صبح جو سوير اَئي مهاراج جن وٽ ايندا هئا، ڪي ڳائين جي شيوا ڪندا هئا، ڪي ٻهاري ڏيندا هئا، ڪي پاڻي ڀريندا هئا، ڪي باسڻ مليندا هئا ته ڪي سنتن جي شيوا ڪندا هئا. شيوا ڪري وڃي پنهنجن گهرن جا ڪم ڪاريون ڪندا هئا ۽ وري به اَچي سنتن جو گيان گوشٽ ٻڌندا هئا. رات جو ستسنگ سماپت ٿيڻ ڪانپوء ١٠-١١ بجه گهر موٽي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن شام جو ٦ بجه مهاراج هولدلداس ستسنگ

مهاراج هوندلداس جو اهڙو پريم ڏسي ستگرو مهاراج جن چيس ته ڇگو آبا هر روز صبح جو سوير اچي سنتن جي شيوا ڪجو. ڀڳوان مڙيو ئي ڀلي ڪندو. مهاراج هوندلداس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پيرين پئي پنهنجي گهر ويو.

رات جو روٽي کائي ستگرو مهاراج جن آرامي ٿيا ته گوال لال کي چيائون ته آبا، هاڻي وڃي آرام ڪر. گوال لال هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريؤ، هن داس ٿي به ڪرپا ڪري نام جو اُپديش ڏيو. مهاراج جن چيس ته توهان اڃا ٻار آهين، پريم سان سنتن جي شيوا ڪندو رهه، پوءِ توکي نام ڏينداسون. اُکين ۾ پاڻي آڻي گوال لال چيو ته هي پريؤ ڪرپا ڪري موکي هينئر ئي نام جو اُپديش ڏيو جو پوءِ مٿان سنساري مايا ڦاسائي ڇڏي. مان سدائين اوهان جي چرڻن ۾ رهي شيوا ڪندس.

گوال لال جو اهڙو پريم ڏسي چيائون ته آبا، توکي به جلد ئي نام ڏينداسون، خيال نه ڪر. هاڻي وڃي آرام ڪر.

صبح جو سوير مهاراج هوندلداس آيو. ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته پريؤ داس حاضر آهي، جيڪا شيوا هجي سا آگيا ڪريو. ستگرو مهاراج جن چيس ته ميٺ تيل ڪٽي سڀني سنتن کي اشنان ڪرائي، ٽڪري کارائي پاڻي پياريو. اِها آگيا پائي مهاراج هوندلداس ميٺ تيل ڪٽي سنتن کي وٺي کوهه تان اشنان ڪرائي آيو ۽ ٽڪري کارائي جل پياريائين تنهن کانپوءِ ستگورو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته ٻي ڪا شيوا ڏيو. ستگرو مهاراج جن چيس ته سنتن وٽ وڃي ويهو ۽ جيڪا شيوا چون سا ڪجو. سنتن کي روٽي کارائي پاڻ به کائي پوءِ گهر وڃجو. شام جو ٦ بجه اچي ستسنگ جا آسڻ وڇائجو. مهاراج هوندلداس وڃي

مليءِ. ٻڌي گرڌاري لال چپ ٿي ويو.

رات جو ستسنگ ٻڌي مهراج هوندلداس گهر موٽيو ته مهراج گرڌاري لال کيس چيو ته تون ٽيئون رام جي گهر ڇو ٿو وڃي شيوا ڪرين؟ مون ٻڌو آهي ته تو هن کان اُپديش ورتي هن جو شش بڻيو آهين. هن جي گهر ۾ ٻهاريون ٻيو پائين، ڄُتا پاسڻ ٻيو ملين ۽ فراش ٻيو وڇائين. ماڻهو ڇا چوندا؟ تون پنهنجي شان ڏانهن ڏس. اسين برهمڻ ٿي واڻين جي شيوا ڪريون؟ اِها ڳالهه توکي سُونهين ٿي؟ پنهنجو ڪرم ڌرم ڀرشٽ نه ڪر.

هوندلداس هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته ڀائُو مون برابر کين ستگرو ڪيو آهي ۽ شيوا به ڪندو آهيان، جو جگياسُوءَ جو ڌرم آهي ته گرن جي هر پرڪار شيوا ڪري. سڀيئي شاستر به اِئين ٿا چون ته ديهه ڌاري گروءَ کان سواءِ گيان جي پراپتي نه ٿيندي آهي ۽ گيان کان سواءِ مڪتي نه ملندي آهي. خالي شاسترن پڙهڻ سان آتما جو ساکيات نه ٿيندو.

سلوڪ - ويد آڌي اُدَ ڌي گر بن لڳي - لاڳي لوڻ سمان
بادل گرمک دوارڻي - امرت ٿي اڌ ڪان.

ارٿ:- ويد شاستر بادل سمان آهن. گروءَ کان سواءِ کارا لڳندا، جئن سمنڊ جو پاڻي کارو آهي. پر اُهوئي پاڻي بادلن دواران مٺو ٿي اُچي ٿو، تئن ويد گرنٿ پورن گروءَ دواران پڙهبا ته امرت سمان ٿي جيو کي اَمر بڻائيندا. انهيءَ ڪري مون شاسترن جي آگيا پائي ستگرو ڪيو آهي. تنهن لي مهراج گرڌاري لال چوڻ لڳو ته تنهنجي ڳالهه برابر آهي پر ڪو مهاتما، ڪو وڏو سنياسي، ڪو وڏي ناليءِ وارو گديسر گرو ڪرين ها ته تنهنجو نالو به ٿئي ها. هينئر جيڪو ٻڌندو سو اُلٽو نندا ڪندو. اسانکي به ڪنڌ هيٺ ڪرڻو

جي ٿلهي جي وڃڻي ٻهاري پائي ته سندس هڪ پيارو ججمان ڀڳت باسري رام اُتان اَچي لنگهيو. مهاراج هوندلداس کي ٻهاري پائيندو ڏسي چوڻ لڳو ته مهراج هي ڇا وڃا ڪريو؟ توهان پاڻ وڃا ٻهاري ڏيو! هي واٽيا توهان جي شيوا ڪن يا توهان هنن جي شيوا ڪريو؟ ماڻهو ڇا چوندا؟ شهر جا ماڻهو اوهان جي ننڊا ڪندا. تنهن تي مهاراج هوندلداس چيس ته سارو سنسار ته اسان جي وڃو شيوا ڪري پر اسان جو به ته ڌرم آهي ته ڪنهن جي شيوا ڪريون، سو هيءُ جاءِ اسان جي شيوا ڪرڻ جي آهي. ستگرن ۽ سنتن جي شيوا نه ڪريون؟ گرو گرنٿ صاحب اوهان روز پڙهندا آهيو، صاحبن لکيو آهي ته 'چار پدارٿ جيڪو مانگي، ساڌ جنا ڪي سيوا لاڳي.' سوئي پيارا جي توهان به پنهنجو اُڌار چاهيو ته هن در تي اَچي شيوا ڪريو. اِهو ٻڌي باسري رام، مهراج جي گهر اَچي سندس وڏي ڀاءُ مهراج گرڌاري رام کي ٻڌايو ته اوهان جو ننڍو ڀاءُ هوندلداس، ٽيئون رام جن جي گهر وڃو ٻهاري پائي، جو نا ڀاسڻ ملي ۽ توهان جو ڪرم ڌرم ڀرشٽ ڪري. توهان اسان جا پوڄيه گرو آهيو، اسين توهان جي شيوا ۽ پوڄا ڪريون ڪين توهان اسان واٽين جي ڪريو؟ ڪيترن ڏينهن کان وٺي مهراج هوندلداس، ٽيئون رام جو شش ٿيڻجي شيوا پيو ڪري. توهان کي شايد اُنهيءَ ڳالهه جي خبر ناهي، جي توهان برهمڻ ٿي اِنين ڪرڻ لڳندا ۽ پنهنجو ڪرم ڌرم وڃائيندا ته ڪير اوهان جي پوڄا ڪندو؟ جي توهان کي اعتبار نه اَچي ته روبرو وڃي ڏسي اَچو. مهراج گرڌاري لال اهو ٻڌي پنهنجي ڇوڪري کي سڏي چيو ته، پٽ ڏسي اَچ ته ڪاڪهن ڇا وڃو ڪري. ڇوڪري ڏسي اَچي ٻڌايو ته ڪاڪو ڀاسڻ پيو

توهان جا لوڪ تي ڊر پئي وينا نهاريون ته اڄهو ٿا اچن. پر توهان کي پنهنجو ڪو به خيال ڪونه ٿو ٿئي. اڄ ڏينهن کان وٺي سنت وٽ نه وڃجو. جي ويندا ته ٻاهر ڄاڻو ٿا. ٻيو به گهڻو ئي گهٽ وڌ ڳالهائي مائٽن کين منع ڪئي. پر اُنهن پريمين ۽ ستسنگين پنهنجي مائٽن جي سمجهائڻ يا ڊڙڪن تي ڪو به ڌيان نه ڏنو. جئن روزانه نت نيم سان ستگرو مهاراج جن وٽ ايندا ويندا هئا، تئن ئي اچڻ وڃڻ لڳا. آخر ڇوڪرن کي مائٽ مارڻ لڳا. ڪن کي ڪوٺين ۾ پوري، تالا ڏيئي بند ڪيائون. ڪن کي نوڙين سان ٻڌي ڇڏيائون. پر جئن جئن مائٽ پيا مارين تئن تئن سندن وِرهي وڌيئي ويراڳي ٿيندي ۽ پريم وڌيو پختو ٿيندو ويو جو سنسار جو دک به وِراڳ جو ڪارڻ آهي.

ساوڪ - جئن جئن توکي لوڪ - تئن تئن مون تاڪيد ڏني.

اُنهيءَ ڪري ٻاهر جيڪو سنسار ۽ مٽن مائٽن ۾ موهه هون سو نڪرندو وڃي. جئن بندرابن ۾ گوپيون گوال، ڪرشن جي مرليءَ جو آواز ٻڌي، لوڪ لڄا لاهي، پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي ۽ ڪنهن جي پرواهه نه ڪري ڀڳوان جي چرڻن ۾ ڀڄي مرليءَ تي مست ٿي ويندا هئا، ڪا به وهنوار يا سنسار جي خبر ڪانه پوندي هئن تهڙي طرح سڀئي جگياسو ۽ پريمي ستگرو مهاراج جن جي پڇن روپي مرلي ٻڌندا هئا ته يڪدم ستگرو مهاراج جن جي چرڻن ۾ اچي ستسنگ ٻڌندا هئا.

ساوڪ - نوَ نيمر ڏهه ڏاوڻ - پند رهن پيند پيا،

جڏهن پرين ياد پيا - تڏهن چرڪ ڇنائون هيڪڙي.

ارٿ - جن کي سچو پريم ۽ وِراڳ ۽ پرڀوءَ جي ملڻ جي پياس آهي تنکي سنسار جو ڪو به بندن ٻڌي نٿو سگهي.

ڇوڪرن جو اهڙو حال ڏسي، مائٽ منجهي پيا ته ڇا

ٻوندو. ماڻهو اُپجس ڪندا تہ توهان ڇا ڪيو آهي جو پنهنجي آتم برهمڻ پڻي کي ناس ڪري ڇڏيو. ڪل کي ڪلنڪ لڳايو، تنهن ڪري اڄ کان وٺي ٽيئُون رام جو شش نہ چوائج ۽ نہ سندس گهر وڃي شيوا ڪج. جي اسان جي ڳالهہ نہ مڃيندين تہ اسان توکي گهر ۾ ڪونہ رهائيندا سون. اهو ٻڌي هوندلداس پاڻ کي چوڻ لڳو تہ توهان مون کي پتا سمان آهيو. ودوان ۽ شاسترن جا ڄاڻو آهيو سو توهان ڪهڙي ٿا صلاح ڏيو؟ سندر مهراج وڏو ودوان هو، پوءِ سودر ذات جي پڄاري دادوءَ کي ڇو گرو ڪيو هئائين؟ هنڪي گرو ڪرڻ سان ڇا سندس برهمڻپڻو ناس ٿي ويو؟ توهان ودوان آهيو. مون کي ناهي سمجهايو. مهراج گرڌاري لال چوڻ لڳو تہ سندر مهراج برابر برهمڻ ٿي ڪري دادو مهراج جو چيلو ٿيو هو پر ڪيس برهمڻن جي پنچات پنهنجي نيات مان ڪڍي ڇڏيو هو. تنهن تي هوندلداس چوڻ لڳو تہ ڀلي مونکي بہ نيات مان ڪڍي ڇڏيو.

دوهرو- گنگا ڪاشي گرنار تڪ- ڪوجا چارون ڌام
هوندل کي من پائيا - ستگرو ٽيئُون رام.

مون جيڪو ستگرو ڪيو آهي تنهن جو ئي شش چوائيندس ۽ شيوا بہ ڪندس. اهو جواب ٻڌي مهراج گرڌاري لال ڪڇي چپ ڪئي ۽ دل ۾ ويچار ڪيائين تہ سنت کي وڃي چوندس تہ هوندل کي پاڻ وٽ اچڻ نہ ڏيو. اهو ويچار ڪري ٻاهر هليو ويو.

ٻئي پاسي ستگرو مهاراج جن جا پيا بہ جيڪي جگياسو ۽ پريمي هئا تن کي بہ سندن مائٽ چوڻ لڳا تہ توهان گهر جو ڪو بہ ڪم دل سان نٿا ڪريو ۽ سارو ڏينهن ساڌن وٽ وينا آهيو. رات جو ١٢ بجہ ڌڪا کائي گهر ٿا اچو. اسان

ٿيندي. اسان وٽ ڪو اچي ها ڪو وڃي اسان ته ڪنهن کي به ڪونه جهليندا سون. ايترو چئي مهاراج جن گوال لال کي چيو ته ابا، نڪري ڪارائي سيٺئي کي جل پيئاريو. انهيءَ تي سيٺئي اٿي چوڻ لڳا ته اسان کي پاڻيءَ جي گهرج ناهي، اسين وڃون ٿا.

ايترو چئي سيٺئي ڪاوڙجي اٿي هليا ويا ۽ سڌو مکي وٽ ويا. مکيءَ کي پنهنجن چوڪرن ۽ مهاراج جن جي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائون. ڳالهه ٻڌي مکي صاحب چوڻ لڳو ته انهيءَ باري ۾ مون کي اڳ ۾ به سالاري شهر مان به ڪي دانهون آيون آهن. برابر اها ڳالهه سچي ڪانه آهي جو نوجوان چوڪرا ڏاڍا ڏاڍا ڏاڙهي ڇڏي، پنهنجا گهر ڦٽائي، سارو ڏينهن سنت وٽ ويٺا هجن. تنهنڪري سڀاڻي ساري شهر جي پنچائت ڪٺي ڪري ويچار ڪنداسون. ايترو ٻڌي سيٺئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا.

رات جو ستسنگ کانپوءِ مهاراج جن چوڪرن کي چيو ته ابا، ٻي خبر ٻڌي اٿوَ. اوهان جا مائٽ گڏجي اڄ صبح جو اسان وٽ آيا هئا ۽ چوڻ لڳا ته توهان اسان جي چوڪرن کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيو، ڇاڪاڻ ته چوڪرا ڪرجي پيا آهن. گهر جو ڪم ڪار ڪونه ٿا ڪن. ابا، توهان سڀ وڏن جي آڳيا ۾ رهو ۽ گهر جو ڪم ڪار به ڪريو. ستگرو مهاراج جن جي ڳالهه ٻڌي آتمانند، هوندلداس، اوم پرڪاش ۽ ٻيا پريمي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته سائين، اسين گهر جو ڪم ڪريون به پيا تنهن هوندي به مائٽ پيا مار ڪٽ ڪن ۽ گهٽ وڌ ڳالهائين. چون ٿا ته ماڳهين ساڌن وٽ وڃو ئي نه. اڄ توهان ونان تي وڃي مکيءَ کي دانهن ڏني اٿن. سڀاڻي ٻنهي شهرن جي پنچائت ڪٺي ٿيندي. وڌيڪ

ڪجي. ڪيترو به کين ماريون ٿا، بند ڪريون ٿا ته به پنهنجون ٽيپي هليا ٿا وڃن، اسان جي ڪا به پرواهه نٿا ڪن. جيڪي ٽيهه چاليهه اهڙا ڇوڪرا هئا تن جا مائٽ پاڻ ۾ گڏ ٿيا. اها خبر مهراج گرڌاري لال جي ڪن تي به پيئي، سو هو اُٿي آيو ۽ اچي پنهنجي پاءُ هوندل جي وارثن به کين ٻڌايائين ۽ چيائين ته هلو ته هلي سخت تي زور آڻيون ته اسان جي ٻارن کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏئي. سيٺين چيو ته اسان پاڻ اهڙي صلاح ڪري رهيا هئاسون. اها ڳالهه نه مڃي ته پوءِ مکي صاحب کي هلي چونداسون.

اهو فيصلو ڪري سيٺيئي گڏجي ستگرو مهاراج جن وٽ آيا. ستگورو مهاراج جن سيٺين کي آدر ستڪار ڏيئي ويهاريو ۽ پريم سان پڇڻ لڳا ته توهان جو اڄ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي. تنهن تي مهراج گرڌاري لال چوڻ لڳو ته اسان سڀ اڄ اڌيءَ ڪري توهان وٽ آيا آهيون جو اسان جا ڇوڪرا پنهنجن گهر جو ڪم ڪار اصل نه ٿا ڪن، سارو ڏينهن توهان وٽ ويٺا آهن ۽ رات جو ١٢ بجه ڏاري مس ٿا موٽن. اسان کين گهڻو ئي سمجهايو آهي پر اسان جي هڪ به نٿا ٻڌن. اسان جو تنهنڪري اوهان کي عرض آهي ته کين اوهين پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيو.

مهاراجن مشڪي چيو ته اسان وٽ جيڪو ايندو تنهن کي ڪيئن چونداسون ته اسان وٽ نه اچ. توهان پاڻ پنهنجن ڇوڪرن کي جهليو. مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي سيٺيئي چوڻ لڳا ته ڀڳت صاحب ڇوڪرا اسانجي ضابطي کان نڪري ويا آهن، ڪرپا ڪري اوهان پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيون. ستگرو مهاراج جن وري مشڪي چيو ته توهان ويچار نه ڪريو ته اسان وٽ اچن ته کين لوڏي ڪڍون. اها ڳالهه ڪيئن

ته وڻ کي پاڙ کان وڍيو ته ڏار، ٽاريون ۽ پن پاڻهي سڪي ويندا. باقي جو توهان ڏار ۽ ٽاريون پيا وڍيندا ۽ پن پيا پٽيندا ته وري پيا پيا ڦٽندا. تنهن تي مکي آتي چوڻ لڳو ته ڪئن پائرو انهيءَ ڳالهه جو مطلب سمجهيو اٿو؟ هن جي چوڻ جو مطلب اهو آهي ته چوڪرا آهن ڏار، ٽاريون ۽ پن تن کي مارڪٽ ڪري جي چپ ڪرائيندا ته وري پيا چوڪرا اهڙا پيدا ٿيندا ۽ وڻ آهي ڀڳت ٽيئون رام. جيڪڏهن ماڳهين سنت کي شهر مان لڏائي ڇڏيندا ته چوڪرا پاڻهي ٻچڙا ٿي چپ ڪري ويهندا. تنهن ۾ اوهان پائرن جو ڪهڙو رايو آهي.

هڪ سچڻ آتي چيو ته پائرو، سنت کي ڪئن لڏائي سگهندا؟ هو وس وارو آهي، لڏي يا نه. انهيءَ تي ٻيو آتي چوڻ لڳو ته سنت جي گهر کي پنچات مان لاهي ڇڏجي. ڪنڊوُ ۽ سالاري جو ڪوبه ماڻهو هنن کي پاڻيءَ جي شيءِ به نه ڏئي. ڪوبه ساڻن لاڳاپو يا واسطو نه رکي. ڪير به سنڌن گهر نه وڃي. جيڪو وڃي يا پنچن جي فيصلي جو اُلنگهڻ ڪري انهيءَ تي پنج روپيه ڏنڊ رکيو وڃي. سنت کي لڏائڻ جو اهو ئي هڪ طريقو آهي. ائين ڪندا ته هُو پاڻهي لڏي ويندو. انهيءَ تي پنچات ۾ ڏاڍو اَجهي گوڙ متو. ڪي چون اها راءِ ٺيڪ آهي ۽ ڪي چون ته ائين ٺيڪ نه ٿيندو. سنتن کي ستائڻ معنيٰ نگريءَ جو ناس ڪرائڻ. مکي صاحب آتي چيو ته شانتي ڪري ٻڌو. اوهان اڳيان ٻه رايا آهن. هاڻي فيصلو ڪريو. پائي ڦتورام آئي چوڻ لڳو ته ووٽ ورتا وڃن. گهڻن جو رايو بيٺو ته سنت جي آڪهه کي ٽالهيون لاٿو وڃي. ٻئي ڏينهن مکي صاحب سالاري ۽ ڪنڊوءَ ۾ هوڪو ڏياريو ته ڀڳت ٽيئون رام جي

چوڻ لڳا ته هي ٻرپوُ، اسان کي مائٽ ڪيترا به ڏک ۽ ڪشٽ ڏيندا ته به توهان جو در ڪين ڇڏيندا سون. ڇت ته اُئين ٿو چوي ته سدائين توهان جي چرنن ۾ ويٺا رهون. مهاراج جن تنهن تي مشڪي چوڻ لڳا ته ابا، گهٻرايو نه. جيڪي مائٽ چون يا ڏک ڏين ته به مائٽن کي اڏو جواب نه ڏجو. سدائين شانت ۾ رهجو. هاڻي ڀلي گهر وڃو.

ٻئي ڏينهن رات جو ڪنڌوءَ ۽ سالاري جي پنچات جو ميڙ ٿيو، جتي مکي صاحب سيني پنچن کي هدايو ته ڪٿن ڪن ڇوڪرن جا مائٽ دانهن ڪٺي آيا هئا ته ڀڳت ٽيئون رام جي صحبت ۾، سندن ڇوڪرا نه گهر جا رهيا آهن نه گهاٽ جا. انهيءَ لاءِ، هوءَ ٽيئون رام وٽ به ويا هئا ۽ ڪيس عرض ڪيو هئائون ته اسان جي ڇوڪرن کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيو، پر هن ڪين ڪنو جواب ڏنو ته مان اُئين ڪين ڪندس. اوهين پنهنجا ڇوڪرا پاڻ سنڀاليو. تراس تي، هوءَ مون وٽ دانهين آيا هئا ته هيءَ ڳالهه ٺهي ڪين. پنهنج ڪجهه ڪن. انڌيءَ لاءِ، اوهان کي تڪليف ڏني ويئي آهي. هينئر اوهان جو جيڪو ويچار هجي.

ايترو چئي مکي صاحب بس ڪئي ته مهراج گرڌاري لال اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هيڏو ظلم ڪٿي ڏٺو، جو ڀڳت ٽيئون رام منهنجي پاءِ کان گهر جي ٻهاري پارائي، جونا ڀاسڻ ملائي، پاڻي ڀرائي ۽ ٻيو اهڙو ڪم ڪار ڪرائي؟ اسين برهمڻ، اوهان جا پوڄيه. ڀڳت ٽيئون رام کي اهو به خيال ڪونه ٿو ٿئي. اوهين پنهنج مٿس زور آڻيو ته اسان جي ٻارن کي پاڻ وٽ اچڻ کان منع ڪري؛ يا جي چئو ته اسين اوهان جو شهر ڇڏي هليا وڃون.

اُلي ڀڳت بانسري رام چوڻ لڳو ته منهنجي صلاح آهي

٦- هن وڻ جا گل ڪن گلزاري - پوءِ جن ۾ آهه بهاري
سڳنڌ سان تو ڪارج سري •
٧- هن وڻ جا ڦل جاڻ الستي - ڪائڻ سان چڙهي خود مستي
أمر رهي، جم ڪان نه ڊري •
٨- هن وڻ جي آهه سندر ڇايا - تنهن جي هيٺان جي جن آيا
تن من تنجو تتل ٺري •
٩- هن وڻ جو ٻج آهه وڪاٽو - ملهه ڪان مهانگو أصل أباٽو
وٺندو ڪو سر پيت ڌري •
١٠- هن وڻ کي پوُ جي جن جوئي - کهي ٿنڌون سکه پائي سوئي
پوُ ساگر کان تُرت ترے •

اهو ڀڄن جڏهن ارت سهت ڳائي پورو ڪيائون تڏهن جيڪي مهاراج جن جا پريمي جگياسوُ آئي ويٺا هئا سي ڀڄن دواران دلداري پائي پريم منجهان وڏي آواز ستگرو مهاراج جن جي جئه مدائڻ لڳا. تنهن ڪانپوءِ پريمي چوڻ لڳا ته اسين نه لٽ نيم سان ايا ايندا سون. ماٺ جاٽن پٺڇات جاٽي • سڀئي پيرين پئي گهر ويا •

ٻئي ڏينهن ني سڄو ڏينهن شهر جو ڪو نه ماڻهو ستگرو مهاراج جن جي دڪان يا گهر ۾ ڪو نه آيو • شام جو ستسنگ جي سمي ڪن پريمين مهاراج جن کي ٻڌايو ته أج ماڻن پنهنجن ٻارن کي ٻڌي قابو ڪري وهاريو آهي • اسين توهان جي ديا سان ڪنهن لوواي پڄي آيا آهيون • مهاراج جن ڪين منڪي چيو نه چنتا نه ڪريو • ايشور چڱي ڪندو • ايترو چئي ستسنگ شروع ڪيائون • واحد بخش تپدار دلو وڃايو • أنهيءَ رات ستسنگ ۾ ٢٥-٣٠ ماڻهو مس آيا هئا • جڏهن ستسنگ سماپت ٿيڻ تي هو نه پٺڇاڻي نهليو، جيڪي ستسنگ ۾ آيل هئا تن جا تالا لڳي ويو • تنهن ڪان پوءِ

گهر کي پنچات ٽالهڻ لائق آهي، تنهن ڪري ڪير به ساڻن وهنوار نه رکي. جيڪو هن فيصلي جي ڀڃڪڙي ڪندو اُن تي پنج روپيه ڏنڊ رکيو ويندو. سچ لڳي سيٺ ڀرومي مهاراج جن وٽ ويا ۽ جيڪي پنچات ۾ ٿيو واپريو هو، سو کين ٻڌايائون. سيٺي ملول ٿي چيو ته اسين اوهان کان سواءِ ڪئن رهي سگهنداسون.

ڀروميءَ جا اهي وچن ٻڌي ستگرو مهاراج جن مشڪي کين دلداري ڏئي چيو ته اَبا، اسان سدائين توهان سان گڏ آهيون. توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. ايشور چڱي ڪندو. هاڻي توهين ساز کڻي اَچو ته ستسنگ شروع ڪريون. ڀرومي ساڻن کي سڏي ساز کڻي آيا. ستسنگ شروع ٿيو. ستگرو مهاراج جن ڀڄن ڪندي جڏهن موج ۾ آيا تڏهن هيٺيون ڀڄن ناهي ڳائڻ لڳا.

سر ڪوهياري

ٿل- هي وڻ نه ويڻ ڪان اَٿوَ ڀري ڀري
اوهين ڏسجو دل ۾ ڌيان ڌري.
١- هن وڻ جي آهه پاڙ پاتالي- آد اَنت مڌيه آهه اَڪالي
جل ٿل جنهن جي جوت ڀري.
٢- هن وڻ جا ٽي ڏار وڏائي- تنجي ڪر لون سيوَ سدائين
تن ڌن جو ايمان هري.
٣- هن وڻ جون ٽي شاخون سهائي- تنکي جاڻن ڪي وڏڀاڳي
اوگڻ پنهنجا دور ڪري.
٤- هن وڻ جا پن پارس آهن- چاهه رکي جي تنکي چاهين
تنجي من جي مئل نري.
٥- هن وڻ جا ٽي ڪندا ڪرارا- دل ۾ درد وڌائڻ وارا
جنهن کي لڳي سو جيئري مري.

پنج روپيه ڏنڊ جي ڇٽي وڌي. هڪڙو ڪمايو ڪين، ٻيو اُلٽو گهر کي ٽوٽو وڃهو. انهيءَ کان نه ڄمو ها ته چڱو هو، جو هنن سُورن ۾ نه پئون ها. هاڻي هلو اندر ته جي وري ويا آهيو يا سنت سان ٻُڌلي ٻلائي راهه. وينديءَ به ڳالهايو اٿو ته ڪل لاهي ڇڏينداسونءَ.

ڪن ڇوڪرن جيتوڻيڪ مار کاڌي ۽ ڪوڙا وچن پڌا پر زبان سان ماڻهن کي ڪجهه نه چيائون، بالڪل سانت رهيا.

هوڏانهن ٽهلئي وڃي مکيءَ کي اُنهن ماڻهن جا نالا ڏنا جي پنچائتي حڪم جي پرواهه نه ڪري وڃي ستگرو مهاراج جن جي ستسنگ ۾ شامل ٿيا هئا. مکيءَ پنچائتي خزانچيءَ کي گهرائي چيو ته ٽهلئي کي ساڻ ڪري وڃي انحرافي ڪندڙن کان پنج پنج روپيه ڏنڊ وصول ڪري اچو. خزانچي ويو، پر جيڪي ڇوڪرا اُجا تائين مهاراج جن وٽ ويندا هئا ۽ گهر آيا ئي ڪو نه هئا، تن جي ماڻهن ڏنڊ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. باقي ٻين کان ڏنڊ وصول ڪري آيا. تنهن تي مکيءَ ڪين چيو ته چڱو جن ڏنڊ نه ڏنو آهي تن جا نالا ٻاڻ وٽ لکي ڇڏيو. هفتي کن ۾ پنچات گڏ ڪري اُنهن جو فيصلو ڪرائبو. مکيءَ پوءِ پنچائتي ٽهلين کي چيو ته توهان صبح جو ۵ بجي کان رات جو ۱۱ بجي تائين سنت جي گهر وٽ رهجو ۽ جيڪي به اُتي اچن تن جا نالا لکندا وڃجو. رات جو احوال ڏيئي پوءِ پنهنجي گهر وڃجو.

ٻئي ڏينهن فقط ۱۵-۲۰ پريمي ستسنگ ۾ آيا. ٽهليا اُنهن جا نالا لکي ويا ۽ اچي مکيءَ کي ٻڌايائون. مکيءَ ڪين چيو ته سڀاڻي اوهان مان هڪڙو چوڪسيءَ تي وڃي ۽ ٻيو موديءَ کي ساڻ ڪري وڃي ڏنڊ وصول ڪري اچي. انهيءَ ڏينهن به ان ڇهن ڏنڊ ڪو نه ڏنو.

ٽئين ڏينهن مکيءَ چار ماڻهو جاچ لاءِ ڇڏيا ۽ پنهنجن اهڙي

ستگرو مهاراج جن ستسنگين کي چوڻ لڳا ته اٻا، توهان ستسنگ ۾ آيا آهيو پر پنڌچاڻي ٿليو اوهان جا نالا لکي ويو آهي. سڀاڻي ڏنڊ ڀرڻو پوندو. پر اٻا ڪو خيال نه ڪريو. اهي سڀ ڀڳوان جا کيل آهن. پريکيا ٿو وٺي. انت ۾ سولي ڪندو. هاڻي توهين ڀل گهر وڃو. مائٽ ڪجهه به چون ته غم ڪائي وڃجو.

پوءِ سيئي گهرن ڏانهن ويا. گهر پهتا ته ڏسن ته دروازا بند. در ڪڙڪائي، زور سان آواز ڪري مائٽن کي سڏ ڪرڻ لڳا پر جواب خير. ڪنهن ڪنهن کي اندران آواز آيو ته دروازو ڪونه کوليندا سون، توهان اسان کي ڪونه کپو. جيڏانهن ڏٺيو تيڏانهن هايا وڃو. ڪن کي ته مائٽن جواب ئي نه ڏنو. لاچار ٿي ڪي پنهنجي گهرن ٻاهران ئي سمهي پيا ته ڪي موٽي ستسنگ واري ٿلهي تي اچي سمهيا.

پرڀات جو ۴ بجه ستگرو مهاراج جن ٻاهر آيا ته ڇا ڏسن ته ١٠-١٥ پريمي سمهيا پيا آهن. انترجامي ستگرو پريمين کي اٿاري چوڻ لڳا ته اٻا، صبح ٿيو آهي، اٿي نام جپيو. ستگرو مهاراج جن جو مڌر آواز ٻڌي سڀ اٿي کڙا ٿيا ۽ پيرين پئي، آسڻ ٻڌي اڀياس ڪرڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن به ڏندڻ پاڻي ڪري پنهنجي ڌيان ۾ ويهي رهيا.

٦ بجه اڀياس مان اٿي مهاراج جن کي پيرين پئي نهاري ڪلڻ لڳا ستگرو مهاراج جن به مشڪي کين چوڻ لڳا ته اٻا، رات توهان کي مائٽن در ڪونه کوليو ڇا؟ سڀيئي پريمي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين اوهين جاڻي جاڻهار آهيو. پوءِ ستگرو جن کان موڪلائي جڏهن پنهنجي گهر آيا ته مائٽن کين ڪاوڙ ڪندي چيو ته ڪالهه توهان کي ڪيترو سمجهايوسين ۽ منع ڪيسين ته ستسنگ ۾ نه وڃجو جو پنڌچاڻي ڏنڊ پوندو. پر توهان ڪو ڌيان نه ڏنو هاڻي

اسين اڄ سنت کي سمجهائينداسون. تنهن کان پوءِ مهمان ۽ ستگرو مهاراج جن پاڻ ۾ ويهي روح رهاڻ ڪئي. شام جو سيٺيءَ گڏجي درياهه تي گهمڻ ويا ۽ اُتي کي مهمان ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته اڄ صبح جو شهر ۾ گهمڻ ويا هئاسون. ماڻهو توهان جي ڏاڍي نندا پيا ڪن. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چيو ته توهين خيال نه ڪريو. سنسار جي اهائي ريت آهي. ڪنهن مهل سنتن جي پيا نندا ڪن ته ڪنهن مهل پيا ساراهه ڪن.

سلوڪ- هرش بڙائي ديکڪي- ڀڳت ڪري سنسار،
جب ڪڇه ديکي هينتا- اوگڻ ڏري گنوار.

ارٿ- سنساري آدمين کي جڏهن مان عزت ۽ دنيوي پدارٿ ملندا آهن تڏهن هو ڏيکارڻ لاءِ ڀڳتي ڪندا آهن ۽ جڏهن ڪو دک ڏيئن، گلا ڪرين، ڪو پدارٿ نه ملين تڏهن اُلٽندو ڀڳوان ۽ سنتن کي پيا ننديندا ۽ گاريون ڏيندا. رات جو ستگرو مهاراج جن ستسنگ ۾ هيٺيون شبد ناهي درد مان ڳائڻ لڳا.

راڳ ڪوهياري

ٽل- ڦِٽ ڀڳڙي جنت جامان پا ڪر-
پاپ سِرو مٿن ڌويا- سک گهر سويا.
١- لوڪ نندا کي ناو بڻائي- بد نيڪي کا پار چڙهائي،
پار دوندسين هويا- سک گهر سويا.
٢- پايہ گلا کا گل ۾ گهانگها- چوڙا لوڪن کا آسانگا،
هر آرامي هويا- سک گهر سويا.
٣- کت پت کي مٿن بالدي ڏولي- مهٽي طعالي کي ڪرمولي،
سندر هار پرويا- سک گهر سويا.
٤- کهي ٽيڻون مٿن پيا نرالا- خود مستي کا پي کر پيالا،
نين لجا کو کويا- سک گهر سويا.

نه سگهي ڪٿي جو ستگورو مهاراج جن کي ڪابه شيءِ شهر
مان ملي نه سگهي- جيڪا شيءِ گهر ۾ ڪٿي ٿي ته گوال لال
گهوڙي تي چڙهي هالن مان وٺي ايندو هو. ٻنهي ڀائرن جو
اڳئين وقت زور هوندو هو. اِها خبر هالن، شاهه جي پٽ،
شهداد پور، ٽنڊي آدم ۽ ٻين ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پريمين
کي پهچي وئي. ڪيترا پريمي ستگرو مهاراج جن وٽ اَچڻ
لڳا. شاهه جي پٽ مان ڀڳت لکميچند، ڀڳت شيوڪرام،
سرو آنند ۽ گُرمکداس مهاراج جن وٽ ڪنڊوءَ ۾ آيا. سڀ
ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا ۽ خبرون
چارون پڇڻ لڳا. مهاراج جن مشڪي چيو ته ڏاڍا آنند منگل
آهن. ڀڳوان جي وڏي ڪرپا آهي. ڏاڍو چڱو ٿيو جو توهين
آيا. تنهن کان پوءِ ڀڳت لکميچند ۽ شيوڪرام پنهنجي منهن
ٿهارام کان پڇڻ لڳا ته ٻنهي ڀائرن جو توهان سان تڪرار ڇا
ٿي ٿيو آهي؟ ٿهارام ڪاوڙ ۾ اَچي چوڻ لڳو ته ڪهڙي
ٿا خبر پڇو؟ عزت ئي وئي. سارو جهڳڙو ساڌ ڪرايو
آهي جو پرائا ڇوڪرا سارو ڏينهن پاڻ وٽ وهاري ويٺو
آهي. ڇوڪرن جا مائٽ هتان وٺي ٿا وڃن ته ٿورو گهر جو
ڪم ڪري وري ساڌ وٽ ٿا پهچي اَچن. تنهن تي ساڌ کي
ٻنهين اَچي چيو ته توهان ڇوڪرن کي پاڻ وٽ اَچڻ نه ڏيو.
مون پڻ ساڌ کي گهڻو ئي سمجهايو آهي ته تون ڇوڪرن کي
اَچڻ نه ڏي. پنهنجو ڪهڙو ڪم جو اسين ويٺا کُٽڪا ڪريون.
پر ساڌ ڪنهن جي ٻڌي چو ٿو. چوي ٿو ته اسان ڪنهن
کي به وات سان نه چونداسون ته اُچو يا نه اَچو. هاڻي توهان
به آيا آهيو. رات جو ساڌ کي سمجهائجو نه ته لاچار هن اَباڻي
وطن مان لڏڻو پوندو. اها ڳالهه ٻڌي ڀڳت لکميچند، ڀڳت
شيوڪرام، پاڻ ٿهارام کي چيو ته توهان ڪائي چنتا نه ڪريو.

١٠-١٥ ٻيا مهمان مسافر به آيا. ٢٥-٣٠ مهمان، مسافر سنت ساڌو هر روز سندن آستان تي ايندا ويندا هئا. ستگرو مهاراج جن جو ڀنڊارو رات ڏينهن چالو هوندو هو. ڪو به غريب اناٿ ايندو هو ته روٽي کائي ويندو هو. ڪنهن کي به ڪنهن قسم جي روڪ ڪانه هوندي هئي.

هوڏانهن جيڪي ڇوڪرا مهاراج جن وٽ ويندا هئا ۽ پنهنجي گهر ڪونه ويا هئا تن کي ڇوٽين ڏينهن مائٽ وٺڻ آيا. ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته هي پرڀوءَ، هاڻي اسان جي ڇوڪرن کي موڪل ڏيو ته ڪين گهر وٺي وڃون، جو سندن مائرون روئن ٿيون. ستگرو مهاراج جن چيو ته ابا، اسان ته ڪنهن کي به ڪونه جهليو آهي ته نه وڃو. اسان ته پاڻ ڪين چوندا آهيون ته گهر وڃي پنهنجو ڪم ڪار ڪريو ۽ مائٽن جي آگيا ۾ رهو ۽ وڏن کي ڪابه ورندي نه ڏيو. سو توهان پاڻ سيني کي وٺي وڃو. ڪجهه ڇوڪرا مائٽن کي چوڻ لڳا ته اڌيءَ رات اسان گهر اچي توهان کي سڏ ڪيا، در کڙڪايا پر توهان جواب ڏنو ته در ڪونه لاهينداسون. جيڏانهن وٽيو تيڏانهن وڃو، سو هاڻي اسان گهر ڪونه هلنداسون. ڇوڪرن جو اهو جواب ٻڌي سيٺي ڀائي ٽهلرام ڏانهن نهاري چوڻ لڳا ته توهان ڇوڪرن کي سمجهايو. تنهن تي ڀائي ٽهلرام ڇوڪرن کي چوڻ لڳو ته ابا توهان کي مائٽ وٺڻ آيا آهن سو هاڻي توهان هنن سان گڏجي گهر وڃو. ستسنگي ٿيا آهيو، ڪجهه ته وڏن جي آگيا مڃيو.

ڇوڪرن چيو ته جڏهن مائٽن اسان کي لوڌي ڪڍيو ته پوءِ اسين گهر ڇو وڃون؟ جي توهان به اسان کي پاڻ وٽ رهڻ نه ڏيو ۽ لوڌي ڪڍو ته ڀڳوان جو ملڪ گهڻو ئي ٻيو آهي. جيڏانهن آيو تيڏانهن هليا ويندا سون. باقي گهر ڪونه

ڏاڍي موج متي. انهيءَ ڏينهن ٤٠-٥٠ ماڻهو آيا هئا جن مان شهر جا فقط ١٠-١٢ ڄڻا هئا. انهيءَ رات ڀڳت لکميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام ستگرو مهاراج جن کان وينتي ڪري پڇيو ته سائين هي شهر ۾ پنچائتي گوڙ ڇا تي ٿيو آهي. ٽهلرام چيو ته ساڌ جيڪڏهن ڇوڪرن کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏين ته سمورو گوڙ لهي پوي. ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته مان ڪنهن کي ٻه سڏ ڪري وٺي ڪونه ٿو اچان. جيڪو پريمي پاڻهي گهر ۾ اچي ٿو تنهن کي لوڌي ڪين ڪڍندا سون. توهان کي اهو ٺيڪ لڳي ٿو ته مان ڪين لوڌي ڪيان؟ جيڪا ڳالهه مريادا کان ٻاهر ۽ ڌرم جي ورڌ آهي سا مان هرگز ڪونه ڪندس. ساڌن وٽ ڪير اچي يا وڃي ته انکي روڪڻ سنتن جو ڌرم نه آهي.

جو شرن آويا تسي ڪنٺ لاوي- ايهه برد سوامي سندا.

وري ٻه توهان وڏا ٻڌيوان آهيو. ويچار ڪري ٻڌايو ته ڇا ڪجي؟

ستگرو مهاراج جن جا اهي سندر وچن ٻڌي ڀڳت لکميچند ۽ شيوڪرام ويهي پاڻ ۾ ويچار ڪيو. پوءِ مالا ڪرشنا ۽ ٽهلرام کي وهاري ڪين چوڻ لڳا ته اسان ساڌ کان ساري حقيقت پڇي آهي. هو جيڪا ڳالهه ڪري ٿو سا بلڪل ڌرم انوسار ۽ ٺيڪ آهي. سنتن وٽ ڪير اچي يا وڃي ته سنتن جو ڌرم نه آهي ته انجو نرادر ڪري ڪيس لوڌي ڪڍي. ڀڳوان سڀ چڱي ڪندو. ١٥-٢٠ ڏينهن ڏسون ٿا ته پرڀوُ ڇا ٿو ٻڌائي، نه ته پوءِ شاهه جي هٽ ۾ گهڻيون ئي جايون پيئون آهن؛ هلي اتي ويهبو.

ٻئي صبح جو ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس، ليکراج ۽ ٻيا ڪيترا ستسنگي شاهه جي هٽ تان آيا. انهيءَ ڏينهن

رکيو هو. ستگرو مهاراج جن سيني پريمين ڏي نهاري مشڪي چوڻ لڳا ته ابا، ڀڳتيءَ ۾ سر جو سانگو لاهڻو آهي. سڀ جنيون تڪليفون سهڻيون آهن. ڀڳوان پريکيا وٺندو آهي. جيڪي پريمُءَ جا سچا پياسي آهن تن کي دک ۽ تڪليفون ايندئون ئي آهن. پوءِ مهاراج جن هي ڀڄن ناهي ستسنگين کي ٻڌايو.

راڳ پيلو

ٽيڪ - برهه جي باهه ۾ ڪي - پيارا پچن ٿا،
جيءُ جلائي پنهنجو - رنگ رچن ٿا.

١- مرلي سرپ سن - سرندي سن ڌن،
ڏياچ جنءَ پن - سيس ڏين ٿا.

٢- ڪرنگ سن ناد - ڀنور لي سگند،
ديکہ چڪور چند - الا چڳن ٿا.

٣- مينا رهت جل - سورا لڙت دل،
ڏسيو بادل - مور نچن ٿا.

٤- مڇ ۾ پئي پتنگ - ساڙن سڀ انگ،
نريهءَ تي اسنگ - جيئري جلن ٿا.

٥- ٽيهئون لڄائون ٽوڙي - من جون واڳون موڙي،
جيو برهم جوڙي - امر ٿين ٿا.

اهو ڀڄن ارٿ سميت ٻڌائي دلداريءَ ڏئي چوڻ لڳا ته ابا، هي سڀ ڀڳوان جو ڪم آهي جو آد جڳاد کان وٺي پنهنجن پيارن سان ائين ڪندو آهي. اهائي سندس ڪرپا آهي. تنهن ۾ لوهان پنهنجي چت کي سدائين ڀڳتيءَ ۾ اسٿت رکو، ڪنهن به ڳالهه ڪري دلگير نه ٿيو. سڀ ايشور چڱي ڪندو. اهڙو پريمين کي سمجهائي پوءِ ستگرو مهاراج جن

ويندا سين. ايترو ٻڌي ڀائي ٽهلرام ڇوڪرن جي مائٽن کي چيو ته مون کي جيڪي چوڻو هو سو مون کين چيو باقي جيڪو ڊر ويٺي آيو آهي، تنهن کي اسين لوڏي ڪين ڪڍنداسون. توهان هينئر ساڌن کي چئو ته هو کين سمجهائي.

مائٽ ستگرو مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته توهان ڇوڪرن کي چئو ته گهر هلن. ستگرو مهاراج جن ڇوڪرن ڏانهن نهاري مشڪي چوڻ لڳا ته ڪئن ابا گهر ويندا؟ مائٽ وٺڻ آيا اٿوَ، ڀلي گهر وڃو.

ڇوڪرا هٿ ٻڌي چوڻ لڳا ته هي ٻريؤ، اسين گهر وڃڻ لاءِ تيار آهيون پر گهر وڃي هلي مائٽ اسان کي ماريندا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندا ۽ ڪوٺين ۾ بند ڪندا، توهان وٽ اچڻ جي به موڪل نه ڏيندا. تنهن ڪري اسان گهر ڪئن وڃون؟ تنهن تي ڇوڪرن جي مائٽن چيو ته، مهاراج اسين کين نه ماريندا سون، نه وري هيڏانهن اچڻ کان روڪيندا سون. ايترو ٻڌي مهاراج جن ڇوڪرن کي چيو ته ابا، توهان ڪو به خيال نه ڪريو، هاڻي مائٽ توهان کي ڪجهه به نه چوندا. توهان ڀلي مائٽن سان گڏجي گهر وڃو. پوءِ سڀئي ڇوڪرا مائٽن سان گڏجي گهر ويا.

شام جو جيڪي ڇوڪرا مائٽن سان گڏجي گهر ويا هئا اُهي ۽ ٻيا ڪيترا ستسنگي گڏجي وڃي ڀائي ٺاڪر گر جي باغ ۾ ڪٺا ٿيا.

ٻئي ڏينهن ستگرو مهاراج جن کين ڏسي مشڪي چوڻ لڳا ته ابا، لڪي لڪي آيا آهيو؟ کيمچند چوڻ لڳو ته سائين، برابر لڪي لڪي آيا آهيون. جنهن رات اسان توهان وٽ اچي سمهيا هئاسون تنهن رات اسان سڀني کي ڏاڍي مار پئي هئي. چار ڏينهن مائٽن ڪوٺين ۾ بند ڪري

۽ مت ئي مارجي وئي اٿن. سندن صلاح بلڪل غلط آهي. اسان جيڪو فيصلو ڪيو آهي اُنهيءَ تي قائم رهنداسون. جيڪي ڏنڊ نٿا ڏين تن کان زوريءَ وصول ڪيو وڃي. اُنهيءَ تي پنچائت ۾ گهڻو گوڙ ٿي پيو. هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. تنهن تي مکي صاحب اُٿي چيو ته، گوڙ ڪرڻ ٺيڪ ناهي. توهان کي ڪو به فيصلو ڪرڻو آهي ته شانتيءَ سان ويهي ڪريو، هاڻي ٻڌايو ته جيڪي ڏنڊ نٿا ڏين تن تي ڪهڙو قدم کڻجي.

آخر رت آئي ته جيڪي ڏنڊ نه ڏين تن کي پنچائت مان لاٿو وڃي. اُن رت تي ووٽ ورتا ويا ۽ رت گهڻائيءَ سان بحال ٿي. لاچار ٿي ڪن ڏنڊ ڏيڻ قبول ڪيو. جن اِنڪار ڪيو تن کي پنچائت مان لاٿو ويو.

ڏنڊ کان اِنڪاري سڄڻ رات جو ستگرو مهاراج جن وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا ته ڀڳوان جي دربار ۾ اَنڌير آهي، ڪوئي نياءُ ناهي. ڦُريو سو ڦريو. غريب جي ڪير ٻڌي ئي ڪو نه ٿو. ستگرو مهاراج جن چيو ته اَبا ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڀڳوان جي دربار ۾ سدائين پرڪاش آهي. هو ڪنهن سان به اَنياءُ ڪو نه ڪندو آهي، فيصلو تمام پورو ڪندو آهي. پر دير ضرور پوندي آهي. باقي ڀڳوان ڪڏهن اَنيائي نه ٿيندو.

پريمين ستگرو مهاراج جن کي پنچائت جي ڪارروائي ۽ فيصلي کان واقف ڪيو ۽ چيو ته سائين، ڀڳوان جو اِهو اِنصاف آهي يا بي اِنصافي؟

ستگرو مهاراج جن چيو ته اَبا، اسين ڪٿي ٿا چئون. ڀڳوان جي گت ڀڳوان ڄاڻي. پر اسان کي پُورن نشچو آهي ته جيڪي ڀڳوان ڪري ٿو سو اسان جي ڀلي لاءِ ڪري ٿو. اوهين اهو وشواس رکو.

ستسنگ شروع ڪيو. هفتو ڪن گذري ويو. مکي جهامراءِ، ڀائي ڀڄوومل سان صلاح ڪري، ڏنڊ جي وصوليءَ جي باري ۾ ڪنڊوءَ ۽ سالاري جي پنچائتين جو ميڙ سڏايو. مکي صاحب پنچن کي ٻڌايو ته اَڃا ٥٠-٦٠ ماڻهن ڏنڊ ڪين ڏنو آهي. اوهين اُنهن کان پڇو ته ڏنڊ ڇو ڪين ڏنو اٿن. اُن موجب پوءِ فيصلو ڪيو وڃي. مکي صاحب اُنهن ٻچڪڙي ڪندڙن جا نالا پڙهي ٻڌايا.

اُتي ته ڪي پريمي اُٿي چوڻ لڳا اسان ڇوڪرن کي گهڻوئي ماريون ٿا ۽ ٻڌي ٿا وهاريون ته به لِڪي ڪري پڇيو ٿا وڃن ۽ ٻه چار ڏينهن گهرن ۾ نئي ڪين ٿا اچن؛ ٻڌايو ته اسين ڇوڪرن کي ڇا ڪريون. جن ڏنڊ ڏنا هئا سي اُٿي چوڻ لڳا ته اسان وٽ وري پئسا وڌيڪ ٿيا هئا ڇا جو اسان ڏنڊ ڀري ڏنا. اسانجو ويچار آهي ته ڏنڊ زوريءَ وصول ڪيو وڃي نه ته آئينده اسين به ڏنڊ ڪو نه ڀريندا سون. جڏهن زوريءَ به ڏنڊ نه ڏين ته ڪين پنچات مان لاٿو وڃي. سيٺ گوپالداس، ڀائي ٻاڳارو رام ۽ ڀائي ڇبلداس اُٿي چوڻ لڳا ته ڀائرو اسان جي صلاح آهي ته ڏنڊ بلڪل لاهي ڇڏجي ڇو جو ڇوڪرا ساڌ وٽ وڃڻ کان رهندا نئي ڪين. سنت پاڻ ته ڪنهن کي اچڻ لاءِ ڪو نه ٿو چوي. هو ته پنهنجي موج ۾ وٺو آهي. تنهن سواءِ سنتن سان وير وجهڻ به ٺيڪ ناهي. سادن کي دک ڏيڻ سان ٻچاڙيءَ جو نتيجو تمام خراب نڪرندو، جنهن جو ڦل سڄي شهر کي ڀوڳڻو پوندو. اسان جي ڳالهه مڃيو ته اِها ڳالهه ڇڏي ڏيو.

اِيترو ٻڌي ڪي وڏي آواز چوڻ لڳا ته اَهي ماڻهو سنت جو پاسو ٿا کڻن. شايد هنن تي به جادو ڪيو ويو آهي

ڪندو آهي ۽ شڪتي روپي ڦل پيدا ٿي ڌرم جي رکيا ڪندو آهي. ليڪن سارو برهمانڊ به گهگهوڙ مان ٺهيو آهي. ايشور نراڪار آهي. گهگهوڙ ڪري سرگڻ ساڪار ٿي پوندو آهي. ويدن جي شرتيءَ چيو آهي - "ايڪو هم بهو شان." بيو جئن ستگرو ويدانت جي ڀشارت وچنن جي گهگهوڙ ڪندو آهي ته جگياسو جي انتهڪرڻ روپي پرٿويءَ ۾ گهگهوڙ ڪري ديوي سمپدا جو گڻن روپي گاهه پيدا ٿيندو آهي. گاهه اندرين روپي گانيون کائي گهگهوڙ ڪري ڪميا روپي کير ڏينديون آهن. انهيءَ ڪميا روپي کير ۾ ستگروءَ جو بخشيل نام روپي سنڀائڻ وجهي ڄمائيو آهي ته گهگهوڙ ڪري پڪتي روپي ڏهي ڄمي پوندي آهي. انهي پڪتي روپي ڏهيءَ کي وشواس روپي منڪي ۾ پريم روپي مانڌاڻيءَ سان وويڪ روپي ولوڙو ڏبو آهي ته گهگهوڙ ڪري مڪتي روپي مکڻ نڪري ايندو آهي. انهيءَ مڪتي روپي مکڻ کي شرڌا روپي ديگڙي ۾ وجهي آتم چنتن روپي چاهه تي چاڙهي ويراڳ روپي اگني ڏبي ته گهگهوڙ ڪري خودي روپي ڪتو جدا ٿي نج آتم روپي برهم گيان جو گهه تيار ٿيندو. انهيءَ گهه جو جگياسو ڀوڳ پرپندو ته من جي پيٽ ۾ گهگهوڙ ڪري آتم شڪتي پيدا ٿيندي جنهن مان جگياسو اندرين کي جيتي جيون مڪت ٿي وديهه مڪتيءَ کي پراپت ڪري ٻاڻ کي امر بڻائيندو آهي.

ستگرو مهاراج جن جا ڀشارت وچن ٻڌي سنت ٻڌ پوري خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان توهان ته اڄ ويدانت جي هڪ نئين پرڪريا ٻڌائي آهي. اسان به گهڻن ئي سنتن مهاتمائن جو سنگ ڪيو آهي پرنتو اوهان جو انڀو ڏسي مان اڄ پرسن ٿيو آهيان. توهان بالڪل سچ چيو آهي ته

صبح جو لکميچند ۽ شيوڪرام مهاراج جن کان موڪلائي ماڳ موٽڻ لاءِ هلڻ لڳا ته سرو آنند ۽ گرمکداس روئي چوڻ لڳا ته اسين ڪونه هلنداسون. ستگرو مهاراج جن چيو ته ڀل هي ڇوڪرا رهن، اسين ڪنهن هيڪي ماڻهو سان پوءِ ڪين موڪليندا سون. لکميچند ۽ شيوڪرام روانا ٿي ويا.

اُنهيءَ وقت سنت ٻڌ پوري ۽ ٻيا ٻئي سنت ستگورو مهاراج جن وٽ اچي لٿا. ستگرو مهاراج جن وڏي پريم سان سنتن سان مليا. سنت ٻڌ پوريءَ مهاراج جن کي چيو ته سوامي، هي ڪهڙو رنگ رچايو اٿو، جو حيدرآباد ڏانهن اهائي چرچا آهي ته ڪنڊءَ ۾ ويهي، ساڌن سان وڏو گوڙ ڪيو آهي.

ستگرو مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته سنسار ئي گجگوڙ سان ڀريو آهي. گجگوڙ کان سواءِ ڪو ڪم ڪونه ٿو ٿئي. آڪاس منڊل ۾ بادل گجگوڙ ڪري وسندا آهن پوءِ جيڪي ٻج ڌرتيءَ ۾ پيل هوندا آهن سي گجگوڙ ڪري سلا ٿي ٻاهر نڪرندا آهن ۽ اهو گاهه گائيون کائينديون آهن. گاهه اُنهن جي پيٽ ۾ گجگوڙ ڪري کير ٿي پوندو آهي. ڏهڻ مهل اهو کير برتڻ ۾ گجگوڙ ڪري مٿي چڙهي ايندو آهي. انهيءَ کير کي چاٽي چلهه تي رکي هيٺان باهه ڏيندا آهن ته کير گجگوڙ ڪري مٿي اُٻامندو آهي، پوءِ هيٺ لاهي رکبو آهي ٿورڻ بعد اُن ۾ سنباڻ وجهي ماٽيءَ ۾ رکبو آهي ته اُهو کير گجگوڙ ڪري ڏهي ٿي پوندو آهي. ماڻهون مانداڻي وجهي، ڏهيءَ کي ولوڙيندا آهن ته ڏهي گجگوڙ ڪندي آهي ۽ مکڻ نڪري پوندو آهي. مکڻ دگڙي ۾ وجهي چلهه تي رکي هيٺان اُگهي ڏيندا آهن ته مکڻ گجگوڙ ڪري رجي گيهه ٿي پوندو آهي. گيهه جو ڪو ڪير بو آهي ته پيٽ ۾ گجگوڙ

٣- هي پريم نہ سستو ڄاڻج، ڪٽي ڪنڌ ڪلهن ڪان آڻج
هي ملهہ ڪان آه مهانگو.

٤- ڪهي ٽيهئون سوئي پائي، جو لوڪ لڄائون لاهي
هي سودو ناهي سهانگو.

پريمين کي پڇن ٻڌائي ڇپائون نہ آيا، توهان هاڻي پلي ڳهر وڃو، ورِي صبح سوير اچجو. ايترو ٻڌي سيٺ پريمي چوڻ لڳا تہ هي پريو، اسان گهر ڇڏيو، هاڻي پريوءَ جو پڇن ڪري اَبناسي گهر وسائيندا سين ۽ توهان جي چرنن جي شيوا ڪري جنم سڦلو ڪندا سون. ايترو چئي جڏهن اکين ۾ پاڻي آندائون تڏهن ستگرو مهاراج جن چيو تہ چڱو آيا، هاڻي روٽِي کائي هتي ئي سمهي پئو.

صبح جو وِڏي پرڀات گور منتر وٺي جگياسوُ سوامي جن جا شش ٿيا. منجهند جو آرام ڪري سنت ستگرو مهاراج جن سان گيان چرچا ڪرڻ لڳا.

هي ڪندي ڪندي سنت ٻڌ پوُري، ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو تہ هي سوامي جي، هيءَ ڳالهہ تہ ٻڌايو تہ سنت مهاتمائون سنسار جا سڪہ تياڳي رات ڏينهن ڀڳوان جو پڇن ڪن ۽ سندس نالو ڳائي، مهما پرگهٽ ڪن ۽ ٻين کان سندس نالو جپائين پوءِ بہ ڀڳوان سنتن کي مائيايي ماڻ وانگر ڇو ٿو ستائي ۽ ڏک سوُر ڏئي؟

ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا تہ سائين سڪہ آهي ئي ڏک ۾. جو سدائين ٿڌيءَ ڇايا ۾ وينو هوندو ۽ ڪڏهن گرمي ڏٺي ئي ڪانہ هوندائين تنهن کي ٿڌڪار جي آنند جو ڪهڙو اَپوُ ٿيندو؟ جڏهن گرمي ڏسندو تڏهن ٿڌڪار مان آنند ايندس. تنهن سواءِ سنسار جا سڪہ، دک روُپ آهن ۽ ڀڳوان جا دک بہ سڪہ روُپ آهن، اُنهيءَ ڪري مهاتمائون ڀڳوان

ڳجهوڙ مان ٿي ٿل نڪرندو آهي. ڪنڊن ۾ به ڀڳوان لئين ڳجهوڙ ڪئي آهي.

ستگرو مهاراج جن چيو ته جنهن اڳ ۾ ڀڳوان جي ڳجهوڙ مان ٿل سنئو نڪتو آهي تنهن هاڻي به توهان سنتن جي آسيس سان ٿل سنئو نڪرندو. سيئي سنت مهاراجن سان گڏجي درياهه تي گهمڻ ويا.

سڀ لئي گهمي ڦري اچي ستگرو مهاراج جن ستسنگ شروع ڪيو. پهرين ڪرشن داس ۽ ڀڳت چيتارام پنهنجي منڊليءَ سميت ڀڄن ڪيو، پوءِ سنت ٻڌ پوري تنبوري تي اهڙو ته نرئه ويدانت جو ڀڄن چيو جو اُن مهل ساري سنگت کي سنسار جو ڏپ ته نهيو پر ڪال جو ڀؤ به نه رهيو. آخر ۾ ستگرو مهاراج جن اهڙا ته ويراڳ جا ڀڄن ڳايا ۽ ارٿ ڪيو جو پريمين کي ونراڳ لڳو. ستسنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ مهاراجن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو اسانجو چت هن جؤ ٿي سنسار کي نٿو چاهي. ڪرپا ڪري اسان کي نام جو رستو ڏئي سڀ بنڌن ٽوڙيو ته آزاد ٿي گوبند جا گڻ ڳايون ۽ پرمانند پايون جنهن جي مهما اڄ توهان ورنن ڪئي آهي.

مهراجن پوءِ هيٺيون ڀڄن ڳاهي پريمين کي ٻڌايو:-

راڳ ڪنسو

ٿل- آهي پريم جو پنڌ اُٽانگو، هيءَ ڏکيو لنگهڻ آ لانگهو.

١- جيڪو سخنيون سؤُر سهائي، هاءِ اٽيءَ اُڏيءَ ۾ ڪاهي سڀ لاهي سر جو سانگو.

٢- سو پار پوي هن ٽڙ کان، جو ڪين ٻڄي ڪنهن اُڙ کان ڳلي پائي ڳلا جو ڳالگهو.

جي ڏاڍي موج لڳائيندا رهيا. اِئين هفتو کن گذري ويو تنهن کان پوءِ اُچي شهر ۾ ڪالرا جي بيماري پيئي. پهرين ڏينهن ٻه ٽي ڪيس ٿيا. ٻئي ڏينهن ٧-٨ ماڻهو مري ويا. ٽئين ڏينهن ١٠-١٥ ماڻهو مري ويا. شهر جو اِهو حال ڏسي شام جو ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس ستگرو مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي ٻريوُ هاڻي اسان کي هتي آئي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، ڪرپا ڪري اڄ اسان کي موڪل ڏيو ته ڳوٺ وڃون. مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته اَبا، ڊڄو ٿا ڇا؟ ڊپ نه ڪريو. ٻه ٽي ڏينهن ترسو، پوءِ وڃجو. تنهن تي ڪرشنداس چيو ته سائين، اسان ته توهان جي چرنن ۾ وينا آهيون، پوءِ ڇو ڊپ ڪنداسون. سچ ته اِئين آهي ته ستسنگي بيماري ڏسي گهٻرائجي ويا آهن ۽ زور رکيو اُٿن ته ڪٿن به نڪري هلو. چون ٿا ته جي توهان نه هلندا ته اسين وينداسين. سو هي ٻريو جي هي ويندا ته اسان جي گهرن ۾ بيماريءَ جي خبر پئي ڏاڍو گوڙ وجهندا تنهنڪري اسان کي به موڪل ڏيو ته سڀ گڏجي وڃون. ايترو ٻڌي مهاراج جن چوڻ لڳا ته چڱو اَبا، ڀلي وڃو. اُتي توهان ڀڳت لڪميچند ۽ شيوڪرام کي نياپو ڏجو ته ڇوڪرن ۽ اسانجو ڪو به خيال نه ڪن. ڪجهه ڏينهن هن پاسي نه اَچن، جيستائين شانتي ٿئي. پوءِ ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس پنهنجي منڊليءَ سميت شاهه جي پيٽ ڏانهن روانا ٿيا.

اُنهي ڏينهن سج لٿي مهل آتمانند ستگرو مهاراج جن کي چيو ته هينئر ته سارو شهر ڀڳت ٿي ويو آهي جو سيئي ماڻهو مالهائون هٿن ۾ کڻي، ڪنڌ هيٺ ڪري رام نام پيا جپين ۽ دک مان پيا چون ته ڀڳوان هاڻي ديا ڪر. پريمين جي اها ڳالهه ٻڌي ستگرو مهاراج جن ستسنگ ۾ پهچن پيا هو.

ڪان دک گهري ونندا آهن.

سلوڪ:- سک ڪي ماٿي سِل پَڙي- جو نام هردي سؤن جاء،
بلهاري دک پُئه سدا- پل پل نام جپاء.

ارٿ- جي سک پرڀوء جو نالو ڀلائين ٿا سکن جي مٿان
شل ڪا ڇپ پوي. اُهي دک بہ چڱا جن مان پرڀوُء جو
نالو هردم ياد پوي.

سلوڪ:- ڏک سکن جي سؤنهن- گهوريا سک ڏکن تان،
جنجي ورؤنهن در ڏيکاريو دوست جو.

سلوڪ:- سوَ سک ڏيئي مون گؤندر ورتو هڪڙو،
تنهن گؤندر ڏيئي مونکي- در ڏيکاريو دوست جو.

تنهن ڪانپوء ڀڳوان پنهنجن پيارن کي اُنهيء ڪري دک
تو ڏي جو هوُ اُهو ويچار ڪندو آهي تہ منهنجي مايا مهابل
آهي، مٿان ڪنهن پدارٿ ۾ اُٽڪي پوَن ۽ مون وٽ اُچڻ
۾ دير ٿِي وڃين تنهن ڪري سهاري سارو ڏک ڏيئي سندن
چت سنسار کان اُپرام ڪندو آهي. جئن رستي ۾ ڪابہ
رڪاوٽ نہ پوين ۽ جلد اُچي مون سان ملن. ٽيون ڀڳوان
ڏک ڏيئي پريکيا وٺندو آهي تہ ڏسان تہ ڀڳت سچو آهي
يا ڪوڙو. جي سچو هجي تہ ڪيس رستي ۾ مدد ڏيئي پاڻ
سان ملايان. جي پاکنڊِي يونگي هجي تہ سهاري کان باهر
دک ڏيئي اُهڙو ڏلڊ ڏيالس جو پلي اُنت جنمن ۾ روئندو
رهي. ڀڳوان پنهنجن پيارن سان اهو هڪ ناز ڪندو آهي.

ستگرو مهاراج جن جا هي اُنيوي وچن پڌي سنت
پڌ پؤري خوش ٿِي چوڻ لڳو تہ توهان باڪل يٿارٿ
چيو آهي.

اُهڙي طرح ستگرو مهاراج جن جو چت ڏينهون ڏينهن
يڳتي ۽ وئراڳہ ۾ وڌندو رهيو. هر روز نت نيم سان ستسنگ

ويرسي مل ۽ هاسارام جن سيٺيءَ شاهه جي پٽ ٿيا وڃن. منهنجي ۽ ماتا جي پڻ مرضي آهي ته پاڻ سڀ ٻه هنن سان گڏجي هلون. سک شانت ٿئي ته پوءِ وري جلد ئي موٽي ايندا سون.

ستگرو مهاراج جن چيو ته توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. ڀڳوان مڙيو ئي جئڪار ڪندو ۽ ڀائي ويرسي رام ۽ هاسارام کي به چيائون ته توهان به نه وڃو، ٻه ٽي ڏينهن ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي. اهو ٻڌي سيڪو وڃي آرامي ٿيو.

ٽوٽين ڏينهن شهر ۾ ويهارو ڪن ماڻهو گذاري ويا. شهر جي اهڙي ڀيانڪ حالت ڏسي ڳوٺواسي گهٻرائڻ لڳا. هالن ۽ ٽنڊي آدم جا ڪيترا سرڪاري ڊاڪٽر ۽ ڀنگي صفائيءَ لاءِ گهرايا ويا. شهر ۾ سيٺني کي ڪالرا جون سيون هڻيون ويون. شهر جي گهٽين ۽ بزار ۾ دوائون ڇٽڪاريون ويون. مطلب ته ڪالرا کي روڪڻ لاءِ هر پرڪار جي ڪوشش ورتي وئي پر جئن ٻيا ڪوشش ڪن تئن بيماري وڌئي زور ورتي ۽ سالاري جي شهر ۾ پکڙجي وئي. ٻنهي شهرن جي اهڙي حالت ڏسي بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ ڊاڪٽر چڱيءَ طرح جاچ ڪرڻ لڳا. ڏٺائون ته ٻنهي شهرن ۾ صفائي خاطرخواهه ٿي رهي هئي، پر بيماريءَ جي ڪارڻ جو پتو لڳائي نه سگهيا. ڊاڪٽر، مکي صاحب ۽ پنچن کان پڇڻ لڳا ته هيءَ بيماري شهر ۾ ڇو پيئي آهي؟ ڊاڪٽري خيال کان ته هن بيماريءَ جو ڪوبه ڪارڻ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پنچ، سيٺ گوپالداس، ڀائي ڀاڳورام، ڀائي ڇبلداس ۽ ڀڳت بصر رام چوڻ لڳا ته سائين سچي ڳالهه پڇو ته هيءَ بيماري پنچن پاڻ سڏ ڪري گهرائي آهي.

ڊاڪٽرن چيو ته اسان کي به اهڙي ڪجهه خبر پيئي آهي.

ڀڄن ڪوهياري

راڳ:- جب آءِ وَبا اِن تن لاڳي - تب ديکا لوڪن وڙاڳي ۔

١- ساوَن چيٽي پهڪ جب آوي - اَپني ڪولب پتنگ کهاوي ،
ديکه اَگن ڪو ڊر ڀاڳي ۔

٢- مانسرووَر بگلا جاوي - ديکه هنس ڪو ڌيان لڳاوي ،
مڇلي ۾ من هٺ راڳي ۔

٣- ڀوڳ وشيه ۾ من ڀرماوي - مايا مد ۾ گيان گنوائي ،
هر ڪو سمرت نه جاڳي ۔

٤- مؤلا مرن سين دم دم ڊرتي - سنمت اَمر ڀئي هري سمرتي ،
کهي ٽيئُون وي ٻڙ ڀاڳي ۔

اُنهيءَ رات ڀائي ويرسي مل، ڀائي هاسارام ۽ ڀائي واڌورام سيٺيءَ گنڌجي اَچي ڀائي ٽهلرام کي چوڻ لڳا ته اڄ ته ١٥-١٦ ماڻهو مري ويا آهن. اسين سڀ سياڻي شاهه جي پٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا آهيون. ٻيا به ڪيترا شهر جا ماڻهو ٻيا لڏين. توهان جو ڪهڙو خيال آهي. ڀائي ٽهلرام ماتا ڪرشنا کي سڏ ڪري چوڻ لڳو ته ماتا، ڀائي ويرسي رام ۽ هاسارام جن سيٺيءَ سياڻي شاهه جي پٽ وڃن ٿا جو شهر ۾ بيماري زور وٺي ويئي آهي ۽ تمام گهڻا ماڻهو مرن ٿا، تنهن ڪري منهنجي به مرضي آهي ته ٻارڻ به سياڻي هنن سان گڏجي شاهه جي پٽ هلو. سو توهان جي ڪهڙي صلاح آهي. ماتا چوڻ لڳي ته اَبا، منهنجي به دل چوي ٿي ته سياڻي صبح جو هنن سان گڏجي هلون. وڏا چوندا آهن ته ٻاهه کان پاسو ڪرڻ گهرجي. پر ساڌ کان ته پڇو ته ڇا ٿو چوي. ڀائي ٽهلرام ستگرو مهاراج جن کي سڏ ڪري پڇڻ لڳو ته اَبا، شهر ۾ ته بيماري وڌندي ٿي وڃي. ڀائي

ڏانهون ڪيون هيون پر ڪنهن به نه ٻڌو. پر هاڻي به وئي ڪانهي. جلدي هلي سوامي جن کان ڏوهه بخشايو ۽ معافي وٺو. پر جي اڃا به نه مڃيندا ته ياد ڪجو ته سارو شهر هڪ هفتي اندر ناس ٿي ويندو. اتي ساري پنچات ۾ ٿي منت شانتي ڇانئجي وئي.

سيٺي کي چپ ڏسي مکي صاحب چيو، هي وقت چپ ڪري وهڻ جو ناهي. ويچار ڪري ڏسو ته هيڏي ڳوٺ مان جي روز ٢٠-٢٥ ماڻهو مرندا ته شهر جو ڪهڙو حال ٿيندو. تنهنڪري منهنجي به مرضي آهي ته سوامي جن کان هلي معافي وٺون. ڊاڪٽرن به اهو رايو ڏنو ته سواءِ ان ڳالهه جي بيماريءَ جو ٻيو ڪو به سبب ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. ان ڪري جلد سنتن جي شرڻ هلي پئو. ان بعد پنچ چوڻ لڳا ته اسان سيٺي کي توهان جي راءِ قبول آهي. اتي مکي جهامراءِ وري به چيو ته جن ڀائرن کي اڃا به قبول نه هجي همت مٿي ڪڻن. صرف ٢٠-٢٥ همت مٿي ڪئي چوڻ لڳا ته معافي وٺڻ نه گهرجي. مکي صاحب وري چيو ته ڀائرو ٢٠-٢٥ ڄڻا معافي وٺڻ جي برخلاف آهن، باقي سڀ پنچ فائدي ۾ آهن، تنهنڪري هاڻي هلو ته سوامي جن کان هلي معافي وٺجي ۽ سٽسنگ ۾ سوامي جن کان پلاءُ به پارائجي ته هي ڏرت ٽري وڃي. اهو فيصلو ڪري ميٽنگ سماپت ٿيو ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر ويو.

شام جو هڪ سٽسنگي اچي ستگرو مهاراج جن کي پنچات جي فيصلي جي ڳالهه ڪئي. ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته اُها ڀلي اچن، توهان وڌيڪ فراش وڇائي جل جو بندوبست ڪري ڇڏيو.

ستگرو مهاراج جن جا اُهي وچن سڻي شيوادارين فراش وڇائي پاڻي پيئارڻ ۽ جتين رکڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو. سٽسنگ شروع ٿيو. پهريائين گوال لال، سروانند ۽ گرمکداس

تنهن ڪري هاڻي ٻه پنهنجو ڀلو چاهيو ته دير نه ڪريو ۽ جلد ئي سنتن کان معافي وٺي شهر جو ڪلياڻ ڪريو. ڊاڪٽرن کان اُهي اکر ٻڌي مکي صاحب ٻه چار ماڻهو موڪلي سالاري ۽ ڪنبوءَ جي سيٺي پنچن کي سوچنا موڪلي ته اڄ شام جو ۴ بجي پنچات جو ميڙ آڪاڙي ۾ ٿيندو جتي سڀ اچي حاضر ٿين.

شام جو ۴ بجي ٻنهي شهرن جا پنچ ۽ ڊاڪٽر آڪاڙي ۾ اچي گڏ ٿيا. اُتي مکي جهاءِراءِ اُٿي چوڻ لڳو ته ڀائرو ڪالرا وڃي ٿي هر روز وڌندي. اڄ ڪنبوءَ ۾ ٢٠-٢٥ ڪيس ۽ سالاري ۾ ٽي چار ڪيس ٿيا آهن. ڊاڪٽرن ته تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي پر ڏينهون ڏينهن بيماري زور وٺندي پئي وڃي تنهن ڪري ڪا صلاح مصلحت ڪريو.

تنهن تي سيٺ گوپالداس اُٿي چوڻ لڳو ته ڀائرو منهنجو ويچار آهي ته ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي هلي ستگرو مهاراج جن جي شرڻ پئي معافي وٺون ته سڀ جئڪار ٿي ويندي. ڀائي چيلداس پڻ چيو ته منهنجي به اِها راءِ آهي ته بيماري سنتن کي رنجائڻ ڪري پيئي آهي تنهنڪري سڀئي پنچ هلو ته هلي سوامي جن کان معافي وٺون. سنت ديالوُ پرش ٿيندا آهن، ضرور اسان کي معافي ڏيئي ڪلياڻ ڪندا. ٻيا به ڪي اُٿي چوڻ لڳا ته هڪوار سنتن کي پنچات مان لاهي وري هلي معافي وٺون؟ تنهن کان ته مرڻ بهتر آهي. اسين معافي ڪونه وٺنداسون.

اهو ٻڌي ڀائي ريجهومل چيو ته اسان سڀني مورکتا ڪري سوامي جن کي پنچات مان لاٿو آهي. هاڻي منهنجي به صلاح آهي ته هلي معافي وٺون. تنهن ڪانپوءِ ٻئي پنچ اُٿي چوڻ لڳا ته اسان ته توهان کي مڏي ۾ چيو هو ته پنچات مان نه لاهيو. سنتن کي ڏک ڏيڻ سان وڏو نقصان ٿيندو. اسان گهڻيئي

سماپتيءَ وقت هڪ جئڪار جو ٻلڻ ٻه پائجو. ايترو چئي مکي صاحب ۽ پنج همت جوڙي ستگرو مهاراج جن اڳيان ويهي رهيا. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراج جن هي پرارٿنا جو پڄن چيو:-

پڄن سر ڪوهياري

ٽِل- جڳت پتي جڳ پالڪ پرڀُو- جيون ڪا دک دُور ڪرو.
١- جيو جڳت ۾ پاپ ڪرت هئه- جنم جنم ڪي پاپ هرو.
٢- سرو جيون ڪي سر پرسوامي- ڪرُوڻا ڪر نج هاٿ ڌرو.
٣- ديوي سمپت ڪي گڻ ساري- ڀڳون دي ڀنڊار ڀرو.
٤- کهي ٽيئون هر ڪرپا ڌاري- جنم مرڻ ڪي دُک هرو.

پڄن ڳائي ارٿ سمجهائي پلؤ پائائون. پوءِ نام جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

صبح جو سوير سڀني اُتي جڳپال جڳديش جا منا روٽ پچائي پنهنجي پنهنجي در تي ٻهي ورهايا. پنچاٽ طرفان ٽانهريءَ جون ديگيون لهرائي ساري ڪنڊوءَ ۽ سالاري ۾ غريبن اناٿن هندو مسلمانن کي کارايو.

شام جو ٤ ٻجه مکي صاحب ۽ ٣-٤ پنج ستگرو مهاراج جن وٽ آيا. پيرين پئي همت جوڙي اَرداس ڪرڻ لڳا ته هي پرڀُو توهان جي آگيا اَنوسار سڀ ڪاريه ڪيو ويو. هاڻي والدا تي سڌو توهان صاحبن وٽ پيا اَچون. هاڻي جيڪا آگيا هجي لئن ڪريون. اڄ توهان جي آسيس سان شهر ۾ ڪجهه شانتي آهي. فقط ٻه چار ڪيس ٿيا آهن. باقي اڳين ٽيهن چاليهن بيمارن مان ١٠-١٢ تڪليف ۾ آهن. توهان جي ڪرپا سان اُنهن جي تڪليف ٻه دُور ٿي وينديِ.

پنچن جو اهو عرض ٻڌي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته جن برهمين کان ڏلب ورتا اُٿو تن کي موٽائي ڏيو ۽ سڀاڻي ٻتي ديگيون ڪنڊ جي سيري جون تيار ڪرائي ٻارن ۾ ورهايو.

أتي ڏندن ۽ ڀڪتارن تي وڏي پريم سان ٻڇن ڪيو. ايتري ۾ ڪنڊوءَ ۽ سالاري جي ساري پنچات مصري ۽ پرساد جا ٿالهه کڻي ستسنگ ۾ اچي ويٺي. پرساد مهاراج جن جي اڳيان رکي پيرين پئي وهندا ويا. جڏهن گوال لال ٻچن ڪري بس ڪيو ته ستگرو مهاراج جن سيني پنچن ۽ مکي صاحب جو آدر ستڪار ڪيو. پوءِ مکي صاحب، بابو ريجهو رام، سيٺ گوپالداس، ڀائي چيلداس ۽ ٻيا أتي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پيا ۽ اکين ۾ پاڻي آڻي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو اسان کان وڏي ڀل ٿي آهي، هاڻي ڪرپا ڪري اسان کي معافي ڏيو، توهان جي شرڻ ۾ آيا آهيون. اسان جي رکيا ڪريو.

اهي دين وچن ٻڌي ستگرو مهاراج جن، مکي صاحب ۽ سيني پنچن کي دلداري ڏني چوڻ لڳا ته اوهان ڪوئي خيال نه ڪريو. ايشور چڱي ڪندو. صبح جو هرڪو سوا سير اٽو آڻي گهه کنڊ وجهي جڳپال جڳديش جا روٽ پچائي دروازي تي ڀي نياڻين، ٻارن ۽ فقيرن کي ۽ سيني جيون کي ورهائي ڏجو ۽ پنچات طرفان ڏهاڪو ديگيون ٿانهريءَ جو نهرائي ساري شهر ۾ هندو مسلمانن سيني ۾ پريم سان ورهائجو. اهو وچي يگيه ڪريو ته ايشور ڪندو ته سڀ ڪلياڻ ٿي ويندو.

ستگرو مهاراج جن جا آسيس جا وچن ٻڌي سڀ پنچ ستگرو جي جئه جئه ڪار ٻولائي خوش ٿيا. مکي صاحب هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پڀو توهان جئن آڳيا ڪئي آهي تئن ڪنداسون پر اسان جي أرداس آهي ته پنهنجي ڪمل چرنن جو جل ڏيو ته اسان پنهنجن گهرن ۾ ڇٽڪاريون ۽ جيڪي بيمار پيا آهن تن کي به پياريون. پيو ستسنگ

ڪونهي جو ڪنهن کي مارين يا دک ڏين ۽ وري ڀڳوان به
ڪنهن کي ڪوله تو ماري جو ڀڳوان جو نالو ئي آهي
دين ديال، ننگ پال، پتت پاون، ڪرپانڌان، دين ترايا ۽
وشو پال سو ڪيئن پنهنجن ٻچن کي ماريندو.

ٻريو نهين ڪسي مارتا - پاپي نهين هئه رام،
آپي هي مرجات هئن - ڪرڪر ڪوتي ڪام.

ارٿ - ڀڳوان ڪنهن کي ماري ڪونه تو. هي جيو پنهنجن
ڪرمن ڪري ئي سکه دک پيو ڀوڳي ۽ پيو جمي مري.
سو هيترا آدمي جو شهر ۾ مري ويا آهن سي به پنهنجن پاپن
ڪري جو جو شپ ڪرمن ۽ ڀڳوان جي ڀڳتيءَ کان ڪنهن
کي روڪڻ به وڏو پاپ آهي. سوئي پاپ ڪرڻ ڪري ئي
اهو دک آيو آهي. وري پراشچت ڪرڻ سان جلد سکه ٿي
ويو. انهن ماڻهن جي مرڻ جو پاپ پنڊتن جي مٿان پيو.
پنڊتن ستسنگ ۾ اچي پشچاتاپ ڪري هٿ جوڙي معافي
وٺي اهو پاپ لاهي ڇڏيو.

ستگرو مهاراج جن جا لاهي وچن ٻڌي سنت ٻڌ پوري
۽ سيٺيون ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا. تنهن کان پوءِ ستگرو
مهاراج جن ۽ سيٺيون سنت گهمندا ڦرندا سڀ اٿي محل اچي
ستسنگ ۾ ويٺا.

صبح جو پنڊتن پنج ديگيون پرساد جون تيار ڪرائي،
سنتن کي پرساد موڪلي نياڻين، ٻارن ۽ غريبن ۾ ورهايو.
تنهن کان پوءِ مکي صاحب پنڊتن گڏ ڪئي ۽ جن ماڻهن
کان ڏنڊ ورتو ويو هو تن کي واپس ڏنو پوءِ اٿي چيائين ته
ڀائرو، ڀڳوان اسان کي جلدي سمت ڏني جو سنت هلي
سواميءَ جن کان معافي ورتيسون. سوامي جن ته اهڙا سنتوشي
۽ ديالو پرش آهن جو اسان جيڪي به ڪيو هو تنهن لاءِ ڪوبه

توهان کو به خيال نه ڪريو. ڀڳوان سڀ جئڪار ڪندو.

ستگرو مهاراج جن جي اها آگيا ٻڌي مکي صاحب ۽ پنچ خوش ٿيا. ستگرو مهاراج جن جي جئه جئڪار منائي هٿ جوڙي اُرداس ڪرڻ لڳا ته هي ٻريو توهان جيڪا آگيا ڪئي آهي تنهن جو صبح سان پالن ڪنداسون. هاڻي اسان کي موڪل ڏيو ته وڃون ۽ گهر جو ڪم ڪار لاهي وري رات جو اچي ستسنگ ٻڌون. ائترو چئي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي سڀئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراج جن ستسنگين ۽ سنتن سان گڏجي باغيچا گهمندا اچي درياهه جي ڪناري تي وڃي رهاڻ ڪرڻ لڳا. اُتي سنت ٻڌ پڙوري ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته ڀڳوان، هي ته ايشور جي نئين گهگهوڙ ٻڌي اٿئون جو هفتي کن ۾ شهر ۾ سؤ سوا سؤ کن ماڻهو مئا آهن ۽ وري هڪ ٻي ڏينهن ۾ اوچتو جئڪار ٿي وئي آهي؛ سو هيترا ماڻهو ڪنهن ماريا ۽ ڪئن مئا. سنتن ماريا يا ڀڳوان؟ اهو پاپ ڪنهن تي پوندو؟

ستگرو مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته شنڪا ته عجيب وڏي اُٿي. شهر ۾ دک آيو ۽ هيترا ماڻهو مئا سي سنتن ڪونه ماريا آهن چاڪاڻ ته سنت ڪنهن کي به سراپ ڪونه ڏيندا آهن ۽ نه وري ڪنهن کي پٽيندا آهن؛ ٻاڻ کي ڏک ڏئي ٻين کي سک ڏيندا آهن. اهو سنتن جو ڌرم آهي سنت سڀني جيون جا هتڪاري ٿيندا آهن.

ترور، سرور، سنت جن - چوٿا برسي ميهه،
پر- سوارٿ کي ڪارڻ - چارون ڌاري ديهه.

ارٿ - برڇ، نديءَ، بادل ۽ مهاتمائون اهي چار ئي پر- اُپڪار لاءِ سنسار ۾ پيدا ٿيندا آهن سو سنتن جو ڌرم ئي

پاڳو پھريون - باب ٢

هن ڪان پوءِ ٻنهين ۽ باغ جي سنڀال جو ڪم گوال لال کي ڏنو ويو ۽ مهاراج جن هڪ نه ٻئي ڏينهن وڃي سڌ سماءُ لهي ايندا هئا. سندن مؤل ڪم هميشهه ٿيو ستسنگ ڪرڻ ۽ آتم اڀياس ۾ لڏوَلين ٿيڻ.

هڪ ڏينهن ستگرو مهاراج جن ٻنيءَ تي وڃي ڏسن ته ڪيترا مسلمان ميڙ ڪيو ويٺا ڳائين. ستگرو مهاراج جن کي ڏسي رمضان نالي هڪ مسلمان اُٿي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي درويش سائين اڄ ڪو برهه جو ڪلام ٻڌايو. گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن جو توهان جو ڪلام ڪونه ٻڌو اٿئون.

ستگرو مهاراج جن ڪانئس پڇيو ته توهان هتي هيترا ڄڻا ڇو اَچي ڪٺا ٿيا آهيو؟ رمضان چيو ته سائين خشر جو ڏينهن آهي تنهن ڪري هي سڀ اڄ اسانجي ڳوٺ ۾ عاشورا ملهائڻ آيا آهن. اهو ٻڌي ستگرو مهاراج جن يڪتارو وٺي اُتي ئي پڇن ٿاهي ذاڍي وئراڳ ۽ پريم سان ڳائڻ لڳا.

راڳ ڪنسو

ٿل- پڙهين ڇو ٿو ڪلها مومن - ڪُٽي ڪڍ نفس شيطاني.

١- اَندر تنهنجي سدا ٻولي - سهي ڪر صاف سو ڇولي،
حقيقي ڳالهه لهه ڳولي - پڙهي اُون شهد رُوحاني.

٢- مڃي مرشد پاءِ ڄهاڻي - اَندر ۾ پڙهه ذڪر ذاتي،
سدا ڪر پاڻ اسباڻي - اهو ٿي وچن فُرقاني.

٣- نفس ڪافر اَٿي ڪارو - رُلايو جنهن جڳت سارو،
ٻڌي مڙدن ٿهين مارهو - پڙهي سو حرف حقاني.

٤- سڄڻ مومن ڪهي ٿيئون - سبق طريقت سندو پڙهه تون،
حقيقت حق ٻولي هون - معرفت ماڻ مڙداڻي.

ڏوراپو وغيره نه ڪونه ڏنائون پر پاڻ اهڙي آسيس ڪيائون جو جلدئي جئڪار ٿي ويئي. هاڻي منهنجو ويچار آهي ته پنهنجائي پندارو ڪري سيني سنتن، برهمڻن ۽ ٻارن کي روٽي کارائجي، تنهن ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي. سيني پنهنجن چيو ته اسان کي اِها ڳالهه پسند آهي. شام جو آئلداس، منگهن رام، واڌو رام، سيٺ گوپال داس، سيٺ ريجهو رام، ڀڳت جينارام، مينارام ۽ ڇبلداس مکي صاحب سان گڏجي سوامي جن وٽ ويا ۽ دڀالو سوامي جن رسوئي ڪرڻ سويڪار ڪئي. ٻئي ڏينهن سنتن مهاتمائن ۽ برهمڻن کي سوامي جن سان گڏ ڀوڄن ڪرايو ويو. رات جو ستسنگ ۾ مهاراج جن، سنگت جي وڻ تي سک شانتيءَ جو ٻلوءُ پاتو.

سلوڪ - پاءُ جي پائين - ستگور تنهنجي در تي،
دانار در آئين جا - عرض اونائين.
مڙيئي ڪن جي من ڪن جا - ڏکڙا مٽائين،
آسوُن اَگهائين - آسوُن آس وندن جون.

تنهن ڪانپوءِ ستگرو مهاراج جن سمت نام ساکي جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو.

اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن هر روز نت نيم سان ستسنگ جي موج مچائيندا رهيا. شهر جي ماڻهن جو پريم ڀاو ستگرو مهاراج جن ۾ وڌندو ويو ۽ ڪيترائي نر ناريون ستگرو مهاراج جن کان گور منتر وٺي شش ٿيا. ستگرو مهاراج جن ٻه پريم ۽ وئراڳ جا ڀڄن اهڙي نه مٺڙ آواز ۾ ڳائيندا هئا جو ساري سنگت ٻڌي خوش ٿيندي هئي.

ٺيٺ سنت ٻڌپوري ٻه موڪلائي پنهنجي آستان ڏانهن روانو ٿي ويو. پوءِ ٻه هڪ نه ٻئي ساڌ جو ڏيرو سوامي جن وٽ لڳوئي رهندو هو. سنت ٻڌپوري ويو ته سالاري مان سنت گهنبورام آيو.

حال احوال پڇڻ لڳس.

ڀائي گوبندرام جيو ته سائين، مان سکر ضلع جي عزمت ڳوٺ جو آهيان ۽ شڪارپور جي سيٺين جا ٻيلن جا ٺيڪا سنڀاليندو آهيان. هاڻي هن پاسي هالن پراڻن ڀرسان ٺيڪو کنيو اٿم، انهيءَ ڪري مهينو کن ٿيو آهي ته هالين آيو آهيان. ٻه ٽي ڏينهن ٿيا آهن ته ڏٺم ته بزار ۾ ڪن پريمين ڀڳتارن لئي وڃي ڀڄن ڳايا. مون انهن کان پڇيو ته اهي ڀڄن ڪهڙي مهاتما جا ڳائي رهيا آهيو؟ هو ڪهڙي شهر ۾ رهندو آهي. هنن توهان جي ڳالهه ڪري ٻڌائي. منهنجي چت ۾ چيو ته سنتن جو درشن ڪريان. انهيءَ ڪري اڄ صبح جو اٿان آيو آهيان. ستگرو مهاراج جن چيو ته ڏاڍو چڱو، ڀلي آيا.

رات جو ڀائي گوبندرام، ستگرو مهاراج جن جو ستسنگ ٻڌي مهاراج جن جي چرنن تي سر نوائي چوڻ لڳو ته هي پرڀو، هن داس تي ديا ڪريو. ستگرو مهاراج جن مشڪي ڏانهنس نهاري چيو ته ابا توهان جي پوشاڪ، هلت چلت آفيسرن جهڙي آهي. ڪيترو سون پيو اٿو. ڀڳتي ڪرڻ تمام ڪٺن ڪم آهي. توهان کان ڪين ٿي سگهندي. ابا هي هڪ ٻن ڏينهن جو ڪم ناهي. پريم لڳائڻ سولو آهي پر آخر تائين نباهڻ تمام ڪٺن آهي. تنهن ڪري توهان انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو ۽ ڀلا موج ڪريو.

اهو ٻڌي ڀائي گوبندرام اٿي، سون، سوٽ ڪوٽ لاهي پيٽيءَ ۾ وڌو ۽ خميس ۽ ڌوتي پائي هٿ جوڙي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته سوامي جي هاڻي ڪرپا ڪري هن داس کي پنهنجن چرنن جو داس بڻايو.

ڀائي گوبندرام جو پورن پريم دڍ وشواس ڏسي

ستگرو مهاراج جن مسلمانن کي ڪلام جو مطلب سمجهايو. هو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ قربان قربان وڃڻ لڳا.

تنهن پوءِ ستگرو مهاراج جن ٻنيءَ گهمڻ ويا ته رمضان به ڏيري ڏيري پٺيان وڃي مهاراج جن کان پڇڻ لڳو ته سائين، توهان جو چيو ته نفس کي ماري ٻاهر ڪيو سو نفس کي مارڻ جو رستو ته اسان کي ٻڌايو.

ستگرو مهاراج جن مشڪي چيو ته اَبا اسان ته توکي ٻڌايون پر ٻهرين پنهنجن ماٽن کان پڇي اچ ڇو جو توهان مسلمان آهيو. جي مؤلوين کي اها خبر پوندي ته توکي ماريندا ۽ نيات مان ڪڍي ڇڏيندا.

تنهن تي رمضان چوڻ لڳو ته سائين توهان اسان تي ٻاجهه ڪريو. ماٽن ۽ مؤلوين سان پيا منهن ڏيندا سون ۽ بلا شاهه وانگر سر ڏيڻو پيو ته اهو به ڏيندا سون. رمضان جو اهڙو پريم ۽ صدق ڏسي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته چڱو سڀاڻي آستان تي اچج ته چڱي ٿيندي. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن ٻنيءَ جي سنڀال ڪري گوال لال کي سمجهائي گهر آيا.

ٻئي ڏينهن صبح جو رمضان ناريل ۽ گل کڻي اچي ستگرو مهاراج جن کان گر منتر وٺي مريد ٿيو ۽ هٿ جوڙي عرض ڪيائين ته سائين، هن غلام کي به ڪا خدمت ڏيو ته وڏي مهرباني ٿيندي. ستگرو مهاراج جن چيس ته اَبا، صبح جو گائين لاءِ ڪتر ڪري هڪ ڳوڻ چيڻن جي چوُڌي کڻي اچج. اها آگيا پائي رمضان وڃي سيوا ۾ لڳو. ستگرو مهاراج جن ٻه ساڌن سان رهاڻ ۾ لڳا ته ايتري ۾ ڀائي گوبند رام ٺيڪيدار سکر ضلع جي عزت ڳوٺ جو مهاراج جن جو آستان پڇائي اچي پهتو ۽ اُت تان لهي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي اچي ويٺو. ستگرو مهاراج جن خبرون چارون ۽

أستول تياڳ اهو آهي جو پنهنجو وهنوار ۽ گهر ٻار ڇڏي، گنگا ڪناري يا ڪنهن جهنگل يا پهاڙ تي ايڪانت استان ۾ وڃي رهڻ ڪجي.

سوکيم تياڳ اهو ۽ کي چئجي ته جو چت جو تياڳ ڪري گرهست ۾ رهي سمورو وهنوار شاسترن جي مريادا انوسار ڪندو رهجي. پنهنجي گهر کي هڪ ڌرمشالا سمجهجي ۽ ٻار ۽ ساري پروار کي مهمان ڄاڻجي. پنهنجو تن پدارٿ، پرماتما ستگرو ديو جي امانت ڄاڻجي ۽ سڀاڻ شيوا ڌاري ٻڌجي اُنکي سنڀاليندو رهجي.

منُ ميرا گرچرن ۾ - ديهي پيٽ چڙهاءِ،
ڪهي تيئُون تيهون لوڪ ۾ - سهج مڪتي هوءِ جاءِ.

ارٿ - منُ معنيٰ مانڻو ايمان - سرير، ذات ورڻ - ڪل آشرم، تن ٻل آد جو ايمان. ميرا معنيٰ ممت - هي سڀ تن پدارٿ منهنجا آهن اهي ٻئي ڳالهيون ستگورن جي چرنن ۾ ڇڏي سچي آزادي پائي، گوبند جي ڀڳتي ڪري، تنهي لوڪن ۾ جيون مڪت ٿي گذاري.

آئي هرک نه اُپجي - جائي شوڪ نه هوءِ،
ائسي رهڻي جو رهي - گرهه بن يوگي سوءِ.

ارٿ - پدارٿ اچي يا وڃي، جمي يا مري، گهاٽو واڌو سڀ ستگرو ڀڳوت جو ڄاڻي خوشي يا غم نه ڪري. اهڙو جگياسو بن ۾ رهي يا گرهست ۾ ڪڏهن به تياڳي آهي. تنهن ڪري توهان چت جو تياڳ ڪري سڀ جو وهنوار ڪندا رهو. ان قسم جو وهنوار پرمارٿ ۾ ڪڏهن به رڪاوٽ نٿو وجهي. تنهن ڪري توهان ڀلي وڃي سڀاڻي پنهنجي وهنوار کي لڳو.

ستگرو مهاراج جن کيس چيو ته ڇگو آيا، شام جو درياھ تي گهمڻ هلنداسون، اُتي توهان کي ٻڌائينداسون. شام جو ستگرو مهاراج جن گوبند رام کي گر منتر ڏنو. پوءِ سيٺ ساڌ سنت ۽ ستسنگي درياھ جي ڪناري تي گهمڻ لڳا. گهمندي گهمندي هڪ شيشم جي وڻ هيٺان اچي ويٺا. اُتي پاڻي کيمارام، ستگرو مهاراج جن کي چيو ته سائين ڀڳتي جي سانگ نباهڻ لاءِ ڪهڙا مکيه ساڌن آهن سو ڪرپا ڪري ٻڌايو. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چيو ته آيا اَنت تائين ڀڳتيءَ جي سانگ نباهڻ لاءِ هيٺيان پنج ساڌن آهن:-

١. گرو ڀڳتي يعني ستگرن ۾ شرڌا ۽ اَٽل وشواس رکي پرارٿنا ڪرڻ.

٢. سادگي يعني سادو کائڻ، سادو پهرڻ ۽ سادو هنڊائڻ. تنهن کان سواءِ اُڃ، بک، ٿڌي ڪوسي صبر سان سهڻ.

٣. تياڳ يعني سنسار جون سڀ اِڇائون تياڳي، ڀڳوت جي مايا کان سدائين نرچندو رهڻ.

٤. اُپيدي، تتو ويتا مهاتمائن جو سنگ.

٥. ايڪانت ۾ ويهي ستگورن جي ڏنل منتر جو ابياس ڪرڻ ۽ اِندرين کي جيتي من نرمل ڪرڻ.

اِنهن پنجن ئي ساڌن سان ڀڳتيءَ جو سانگ نبهي ايندو. ايترو چئي سڀ اٿي آستان تي اچي سيٺي ستسنگ ڪيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻي گوبند رام ستگرو مهاراج جن کي چيو ته ڪرپا ڪري آگيا ڪريو ته هي سامان ۽ ڪاغذ وغيره شڪارپور سيٺين کي ڏياري موڪليان ۽ بالڪل آزاد ٿي اوهان جي چرنن ۾ رهي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪريان. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته آيا آزادي ٻن پرڪارن جي آهي. ١. اسٿول تياڳ، ٢. سوکيم تياڳ.

چيو ته سائين آيو آهي پر اندر ٻنيءَ ۾ ويٺو آهي. ڀائي
ٽهلرام اچي ڏٺو ته برابر اندر ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي.
ڪاوڙ مان سڌ ڪري چيائينس ته تون هتي ڪنڌ هيٺ ڪيو
ويٺو آهين، ٻي ڪنهن جي حوالي ڇڏي آئيئي؟ سارو ڪم
بگڙيو پيو آهي. آخر توهان ٻنهي ڀائرن جو ڪهڙو ويچار
آهي؟ جي تون به هي ڪم نه سنڀالين ته هلي ساڌ سان گڏجي
گهر رهه ته هڪ آسرو ٿئي. ائين سيٺي کي گهٽ وڌ ڳالهائي
موٽي دڪان تي آيو؛ ڏسي ته دڪان تي فقيرن جي لمبي
قطار لڳي پيئي آهي. ساڌ ويٺو دڪان لٽائي. اهو رنگ
ڏسي ستگرو مهاراج جن کي چيائين ته هي ڇا پيو ڪرين؟
سارو دڪان ٿي لٽي ڇڏيو اٿيئي. فقير ڀائي ٽهلرام جو آواز
ٻڌي اٿي ڀڳا. ستگرو مهاراج جن چپ ڪري ويهي رهيا.
اهتري ۾ ماتا ڪرشنا، ڀائي ٽهلرام جا واڪا ٻڌي دڪان
تي آئي. ٽهلرام کي چوڻ لڳي ته ابا ڇا آهي؟ ساڌ کي
ڇو ٿو ڳالهائين؟ ڀائي ٽهلرام ماتا کي چيو ته ماتا، هوڏانهن
ٻنيءَ تي ڏٺم ته گوال ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي؛ سڄو
ڪم ڦٽائي ڇڏيو اٿائين؛ ڪابه سنڀال ڪانه ٿو ڪري. هيڏانهن
ساڌ دڪان تي ڇڏي ويس ته سارو دڪان فقيرن کي ڏيئي
لٽائي ڇڏيائين. وري تون به ويهي ٻڌر ڪڍين. هن سال باغن
۽ ٻنين مان گهڻو نقصان پوندو؛ دڪان جو به حال ڪونه ٿو
ڏسجي. وري جي توهان به هٿ سان ڦٽائيندا ته گهر جو
وهنوار ڪيئن هلندو؟ اهترو ٻڌي ماتا ڪرشنا چوڻ لڳي
ته تون ڪائي چنتا نه ڪر، ايشور مڙيوئي چڱيڪندو.
ٽهلرام ڪڇي چپ ڪئي. تنهن کان پوءِ ماتا ڪرشنا وڃي
گهر جي شيوا ۾ لڳي؛ ستگرو مهاراج جن وڃي سنتن جي
شيوا ۾ لڳا.

گوبند رام اکين ۾ پاڻي آڻي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان منهنجو چت هميشه سنساري وهنوار کان ڪٽو ٿي پئو آهي. دل ائين پئي چوي ته سدائين توهان جي چرنن ۾ وهنو ڀڳتي ڪريان وهنواري ڪُٽڪي ۾ مون کان ڀڳتي ڪانه ٿي سگهندي.

ستگرو مهاراج جن تنهن تي چيو ته اَبا، ڀڳتي ۽ ستسنگ ۾ هڪ ڪٽڪو آهي.

برهما ڪٽڪا، وشنوُ ڪٽڪا، ڪٽڪا شنڪر سوامي،
سارا جڳ ڀي ڪٽڪا ديکا، وِرلا سنت آرامي.

برهما سنسار جي اُتپتيءَ جي ڪٽڪي ۾، وشڻو سنسار جي پالن جي ڪٽڪي ۾، شنڪر سرشٽيءَ جي سنگهار جي ڪٽڪي ۾ آهي. اهڙي طرح سارو سنسار ڪٽڪي سان ڀريل ٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. فقط برهم گياني ئي ڪٽڪي کان ڇٽل آهي. واستو ۾ ڪٽڪو دکدائي ڪونهي. هن جيوَ ڪٽڪي ۾ ڪٽڪو پيدا ڪري وڌو آهي ۽ اهوئي دکدائي آهي. مطلب ڀڳوت مايا روُپي ڪٽڪو رچيو آهي، تنهن ۾ هي جيوُ 'مان ۽ منهنجي' جو ڪٽڪو پيدا ڪري ڏاڍو دکي ٿو ٿئي. سو اَبا توهان 'مان ۽ مالپڻي' جو ڪٽڪو هٽي ڇڏي آزاد ٿي وهنوار ڪريو.

ستگرو مهاراج جن جا وچن سڻي، ڀائي گوبند رام چيو، پريوُ جڳن اوهان جي آگيا. ٻئي ڏينهن صبح جو ڀائي گوبند رام ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي موڪلائي روانو ٿي ويو.

هڪ ڏينهن ڀائي ٽهلرام ستگرو مهاراج جن کي چيو ته اڄ مان بنيءَ تان گهمي ٿو اُچان توون تيسين دڪان جي سنڀال ڪجِ. بنيءَ تي اچي ڏسي ته ڪم سارو بگڙيو پيو آهي. هارين کان پڇيائين ته اڄا گوال لال ڪوڏه آيو آهي ڇا؟ هارين

ٻاهر ۾ ٿي مليا تنهن مهل جڏهن ساوڻ جا بادل گجي رهيا هئا. پرهمين جا هردا وئراڳ سان ڀرجي ويا.

رات جا ١٢ لڳي ويا تنهن ڪانپوءِ ستسنگ سماپت ٿيو. مهراج ليکراج ستگرو مهاراج جن کي ارداس ڪئي تہ سائين سڀاڻي اوهين سڀئي ساڌ اسان وٽ ڀوڄن ڪريو ۽ ستسنگ بہ ڪريو. ستگرو مهاراج جن اها ارداس قبول ڪئي.

ٻئي ڏينهن ستسنگ مهراج ليکراج جي جاءِ تي ٿيو. ستسنگ ۾ ويدانت جي وارتا هلايائون. ستسنگ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ شامداس، مهراج ليکراج جي ڀاءُ شنڪا وڌي تہ توهان جو ستسنگ ۾ چيو تہ هي جيو ڀڳوان جو سروپ سک روپ آهي پر پنهنجو پاڻ کي ڀلائي دکي ٿيو آهي سو پنهنجو پاڻ ڪيئن ٿو ڀلائي ۽ ڪيئن وري پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي سگهي ٿو ٿئي. ڪرپا ڪري اها ڳالهہ اسان کي سمجهايو.

ستگرو مهاراج جن چيو تہ هي جيو پنهنجي ڀرم ڪري ٿي پيو آهي. اُتي هڪ سندر درشٽانت ڏنائون:- هڪ هاريءَ جوئر جو کيت پوکيو. جڏهن کيت پچي تيار ٿيو تڏهن مزورن کي وٺي اچي ٻنيءَ ۾ لابارو شروع ڪيائين. هڪ ڏينهن سج لٿي مهل مزورن کي چوڻ لڳو تہ هي پاڻي اُنڌيرو ٿي ويو آهي، هاڻي ڪم بند ڪريو. کيت ۾ هڪ شينهن ڏينهن جو لڪي اچي ويٺو هو، تنهن جو اُنڌيري جو نالو ٻڌو تہ سوچڻ لڳو تہ اهو اُنڌيرو وري ڪهڙي بلا آهي. مان جهنگل جو راجا آهيان:- پر انهيءَ بلا کان منش بہ ڊڄن ٿا. شينهن انهيءَ ويچار ۾ هو تہ هاريءَ مزورن کي چيو تہ ڪم جيتي آهي اُتي ئي ڇڏي ڏيو ۽ جلد ئي نڪري هلو، اُنڌيرو اچي ويو. هاري ۽ سڀئي مزور هليا ويا. شينهن ويچار ڪيو تہ ماڻهو ٿا ڀڄي وڃن تہ مان بہ هتان ڀڄي

١١ بجي سيٺيءَ ڀوڄن کائي سمهي پيا. ڀائي ٽهلرام به دڪان تي سمهي پيو. ستگرو مهاراج جن سيٺيءَ کي ننڊ ۾ ڏسي آهستي آهستي دڪان ٻاهر نڪري رستو ورتو جهنگل جو سير ڪندا ٧ بجي شام جو وڃي شاهه جي پٽ ۾ پهتا. ستگرو مهاراج جن بزار ۾ پهتا ته ڀڳت لڪميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام ستگرو مهاراج جن کي پري کان ڏٺو. خيال ڪرڻ لڳا ته ساڌ پيرين پنڌ، اُگهاڙي پيرين، اُگهاڙي مٿي الاجي ڪٿان پيا اچن. اڳيان وڌي وڃي مهاراج جن سان مليا ۽ خوش ٿي کين گهر وٺي آيا. گهر جا سيٺيءَ ڀائي ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا ۽ خبرچار پڇڻ لڳا. ڀڳت لڪميچند پڇيو ته ڪٿان اچڻ ٿيو آهي؟

ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته اڄ روٽي کائي چيم ته ٻئي ڏينهن ٻاهران گهمي اچان، جو جهڙالو لڳو پيو هو. اهو ويچار ڪري شهر کان ٻاهر اچي خيال پيو ته شاهه جي پٽ تان گهمي اچان. پوءِ ته جهنگل جو سير ڪندو اچي اوهان وٽ لٿو آهيان. ڀڳت لڪميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام چوڻ لڳا ته ڏاڍو سٺو، ڀلي آيا. اتي ماتا گياني ٻائي ۽ ماتا ايشوري ٻائي خلاصو وڃي پاڻ ۾ چوڻ لڳيون ته شايد ٽهلرام گهٽ وڌ ڳالهايو اٿس تڏهن آيو آهي پر اسان کان لڪائي ٿو. تنهن ڪري پوءِ ستگرو مهاراج جن کي جلپان ڪرايائون. ايتري ۾ ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس به اچي پهتا ۽ مهاراج جن کي پيرين پئي مليا.

رات جو ستسنگ ٿيو ۽ ڏاڍي خلق آئي. مهراج ليکراج به دلربا کڻي آيو ۽ ستسنگ ۾ وڄايائين. ستگرو مهاراج جن به اهڙا ويراڳ ڀريا ڀڄن ڳايا جو ساري سنگت پريم ۾ اچي جهوُلڻ لڳي. جنهن وقت سازن جو آواز ۽ ستگرن جو آواز

پاڻ، هي تون ڇا ڪري رهيو آهين جو ڪپڙن جو بوجو
پنهنجي ٻي رکائي مار کائيندو پيو وڃين؟ اهو ٻڌي ڌوٻيءَ
وارو شينهن جهنگل واري شير کي چوڻ لڳو ته اَدا، مون
کي اَنڌيري پڪڙي رکيو آهي. تون به چپ ڪري پٺي
وڃ، متان توکي به اچي پڪڙي. ٻٻر شير اَنڌيري جو نالو
ٻڌي چوڻ لڳو ته هي مهامورک اَنڌيرو ڪٿان آيو؟ توکي
هڪ آدمي ماريندو ڪٽيندو پيو وڃي. تنهنجي شيرپڻي
کي ڌڪار آهي جو تون شينهن هوندي به مار پيو ڍوئين ۽
مار پيو کائين. تنهن تي ڌوٻيءَ وارو شينهن چوڻ لڳو ته
اَدا، مون کي ڪا ڏڪڻي ٻڌاءِ ته مان هن اَنڌيري جي چنبي
مان ڇٽان. اَنڌيرو مون کي ڏاڍو ڏک ڏيئي رهيو آهي.
انهيءَ تي ٻٻر شير چيس ته پاڻ، هاڻي ٻڌ، جڏهن مان ڪريان
تڏهن تون به ڪڇ ته اَنڌيري جي خبر پئجي ويندي. ايترو
چئي پاڻ جو نڪاءُ ڪري وڏي گجڪار ڪيائين، ته ڌوٻي
ڪپڙا ڇڏي وٺي ڀڳو. ڌوٻيءَ وارو شينهن به ڪپڙا پٽ
تي ڪيرائي پٺيان وڃي ٻٻر شير سان گڏيو. ٻئي شير پاڻ ۾
ملي اُرڻ تي جهنگل جو سير ڪرڻ لڳا. مطلب ته چت
روُپي ڪڙمي ڏيهه روُپي ڪيمت پوکي آهي، جتي اللدرين
روُپي مزور ڪم ڪن ٿا. جنهن مهل چت چوي ٿو ته
جلدي پنهنجي آتم- گهر ۾ وڃو جو ڪال روُپي اَنڌيرو اچي
رهيو آهي ته جيو روُپي شير جو هن سرير ۾ وينو آهي سو
ڪال جو نالو ٻڌي ڊڄي دل ۾ چوي ٿو ته اهو ڪال نه
اچي مون کي پڪڙي. اُتي اڳيان روُپي ڌوٻي جيوَ کي
پڪڙي ممتا روُپي گهر ۾ وجهي موهه روُپي ڪلي سان ٻڌنو
ٻڌي ڇڏي ٿو.

جيوَ دل ۾ چوي ٿو ته مان هاڻي هتان ڇٽي ڪين

وڃان، متان اهو اُنڌيرو اچي مونکي پڪڙي. ايترو ويچار ڪري آهستي آهستي هلڻ لڳو. ايتري ۾ هڪ ڌوٻي جنهن جو گڏهه گم ٿي ويو هو سو ڳوليندي اچي اُنهيءَ جوءِ جي ڪيمت ۾ نڪتو. جتي شينهن ويٺو هو. اوندهه ۾ شينهن کي پنهنجو گڏهه سمجهي وڏي آواز سان چوڻ لڳو ته هي بدمعاش ڪيمت ۾ اُچي لڪو آهين. پيهه ته هاڻي تنهنجي خبر وٺان. اِئين چئي جوش ۾ گهٽ وڌ ڳالهائيندو شينهن ڏانهن وڌڻ لڳو. شينهن آواز ٻڌي ڊڄي ٻهڻي رهيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته هاڻي پڪي ته ڪين سگهبو جو اُنڌيرو اچي ويو آهي، آواز وارو مونکي ضرور پڪڙيندو. ايتري ۾ ڌوٻي ٻه اچي شير وٽ پهتو. هڪ ڪاوڙ جو جوش ٻيو اوندهه، ڪانئي خبر نه پيس ته شينهن آهي يا گڏهه. سو ته ڪيائين هم نه تم، شينهن کي لٺيون زور سان وهائي ڪڍيائين. پوءِ ڪن ۾ هٿ وجهي پنهنجي گهر وٺي آيس. شينهن کي ڪلي سان ٻڌي ٻئي ڏڪ هڻي چوڻ لڳو ته خبردار جي هتان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي اُٿيئي، ته اُقت مارڻ کان سواءِ نه ڇڏيندوسانءِ. ايترو چئي ڌوٻي روٽي کائي وڃي آرامي ٿيو. هوڏانهن شينهن دل ۾ ويچار ڪيو ته هي اُنڌيرو جو مون کي پڪڙي وٺي آيو آهي سو مون کي مارڻ کان سواءِ ڪين ڇڏيندو. اُنهيءَ چنتا ۾ ساري رات گذري ويس. صبح جو ڌوٻي ۴ بجي اُٿي اوندهه ۾ ئي ڪپڙن جون هڙون ٻڌي شينهن جي پٺيءَ لي رکي نديءَ ڏانهن روانو ٿيو. ندي شهر کان ميل ڪن پري هئي. شينهن کي ماريندو ڪٽيندو جڏهن نديءَ جي ويجهو آيو ته ڏٺائين ته پيو هڪ ٻيو شير جهنگل ۾ ويٺو آهي، جنهن پري کان پنهنجي ياءُ شير کي ڏسي وڏي آواز سان چيو ته هي مدهجا

شايد ڪيس خبر ڪانه پئي آهي نه ته هو ضرور رات ستسنگ ۾ اچي ها. ستگرو مهاراج جن ستسنگين سان گڏجي روُپي ڀڳت جي لار ٽي اچي ساڻس مليا. روُپي ڀڳت وڏي پريم سان ستگرو مهاراج جن ۽ پريمين کي وهاري چوڻ لڳو ته هي پرڀوُ، منهنجا وڏا ڀاڳ جاڳيا آهن جو ڪرپا ڪري توهان پاڻ اچي درشن ڏنو آهي. ستسنگ ۾ سنتن جي مکاروند مان اِئين ٻڌندا آهيون ته وڏڀاڳي، ڀڳتوتسلا مهاتمائن جي درشن ڪرڻ سان ڪيترن جنمن جا پاپ ڌوپجي وڃن ٿا. سندن وچن هُلاس سان هردو ٺري پوي ٿو. تنهن ڪري هي پرڀوُ، توهان ڀلي آيا. توهان جي هينئر ڪهڙي شيوا ڪريان. آگيا ڪريو.

ستگرو مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته توهان پنهنجن هٿن سان جنڊ تي اٽو پيهي روٽي پچائي سنتن ۽ مسافرن کي کارائيندا آهيو سو انهيءَ مان ڪا ٽڪري پئي هجي ته کڻي اچو ته کائي پاڻي پيئون.

روپو ڀڳت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٽڪري ۽ سائي ڀاڄي کڻي اچي ستگرو مهاراج جن ۽ سادن جي اڳيان رکي؛ جئن ڪرشن ڀڳوان وِدر ڀڳت جي گهر وڃي ساڳ ۽ روٽي کائي خوش ٿيو هو تئن ستگرو مهاراج جن به روُپي ڀڳت جي ٽڪري ڏاڍي پريم سان کائي ۽ پاڻي پي خوش ٿيا. تنهن کان پوءِ روپي ڀڳت جا پٽ، مکائيءَ جا سنگ پچي پچائڻ لڳا ۽ روپو ڀڳت ستگرو مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پرڀوُ، آتما نراڪار آهي جنهن جو ڪوبه رنگ روُپ ۽ چهن ڪونه آهي. شاستر چون ٿا اندرين جي وشيه ڪانهي يعني اندريون به ڏسي نٿيون سگهن ۽ ٻڌي به نٿيون سگهن سو اهو ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندو.

سگهندس. اُنهيءَ پرم ۾ ٻڌو پيئو آهي ته اگيان اڇي مٿانس ڪرمن روپي ڪپڙن جي هڙ وجهي ڪيس آشا روپي لڏيءَ تي وڌي وڃي ٿو. جنهن وقت اگيان هن جيوَ کي ماري ٿو يعني دک ڏئي ٿو تنهن وقت هوءَ دکي ٿي روئي پڪاري ٿو ته آهي ڪو پراُپڪاري پرڀوءَ جو پيارو جو مون کي هن دک مان ڇڏائي؟ اهو آواز ٻڌي ڪو مهاتما برهم گياني پراُپڪاري شير جي سمان اچي چويس ٿو ته هي منهنجا ڀائي تون ڇو اچي هن اگيان جي وس ٿي دکي ٿيو آهين؟ تڏهن جيو روُپي جگياسوُ همٿ جوڙي چوي ٿو ته هي ڀڳون ڪرپا ڪري مولکي ٻڌايو ته هن اگيان کان ڪئن ڇٽان؟ تنهن تي گرو چويس ٿو ته هي بابا، تون ست چت آنند روُپ آهين، اُبناسي ۽ نراڪار آهين. اگيان جي ڪري مڃي ويٺو آهين ته سري، ڪٽنب آدي پدارٿ جي ڏسٽ ۾ اچن ٿا سي منهنجا آهن پر واسٽو ۾ ڪنهن جا به ڪونه آهن؛ خالي ڀرم جي ڪري ڀاسٽ ۾ اچن ٿا. تون اُنهن کي جوُنا مڃي ڪري ڇڱه کان نراس ٿي وئراڳ ڌار، پوءِ آتم گيان جي گهڪار ڪر ته اگيان پاٿهي ڀڄي ويندو. جڏهن جگياسوُ آتم گيان جي گهڪار ڪري ٿو تڏهن اگيان ڀڄي وڃي ٿو. تنهن کان پوءِ اهو جگياسوُ سنسار روُپي بن ۾ جيون مڪت ٿي وچري ٿو.

ستگرو مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي مهراج شامداس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس شنڪا دوُر ٿي وئي. سنگت پرساد وٺي گهر وئي ۽ ستگرو مهاراج جن ۽ ساڌو سنت پڻ رسوئي ڪري پنهنجي جاءِ تي آيا.

شام جو سڀيئي ساڌ ۽ پريمي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته هي پرڀوُ، اڄ هلو ته روُپي ڀڳت جي نار ٿان گهمي اچون. هو وڏو ستسنگي ۽ سنت سيوڪ آهي. توهان جي

دوھا - آپنا مک تب ديکيں - تيں وست جب ھوءِ،
درپن نئن پرڪاش بن - ديک سڪي ناڪوءِ.

ارٿ - جيئن ڪنهن کي پنهنجو منهن ڏسڻو هجي ته پنهنجيس اکين جي پرڪاش ۽ آرسيءَ دوارا ئي ڏسي سگهندو. پر اُنهن ٻنهي وستن مان جي ڪا به هڪ نه هوندي ته ڪڏهن به پنهنجو منهن ڏسي نه سگهندو.

اُتم بڌي کي نئن هون - ديپڪ ستگور نام،
کهي ٽيئون ست گرنٿ پر - ديکو آتم رام.

اُتم بڌي روُپي اکيون هجن، پوُرن ستگروءَ جي نرگن اُپاسنا جي شبد گيان جو پرڪاش هجي تنهن کان پوءِ ويدانت گرنٿ روپي آئيني ۾ آتم رام ڏسڻ ۾ ايندو. روپو ڀڳت ۽ ٻيا ڏاڍو خوش ٿيا. تنهن بعد ستگرو مهاراج جن ۽ ستسنگي مڪانيءَ جا سنگ ڪائي، روپي ڀڳت کي ساڻ ڪري چاءِ لي آيا.

شهر جا ماڻهو به ڏيري ڏيري ستسنگ لاءِ اچڻ لڳا ته ڀائي کيمارام ۽ مهراج هوندلداس ڪنڌوءَ مان اچي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي اچي ويٺا. مهاراج جن کين چيو ته آيا، توهان ڪيئن آيا آهيو. پئي ڄڻا هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين ٽيون ڏينهن منجهند جو توهان ١٢ بجه ڌاري ڪنهن کي به نه ٻڌائي لئين هليا آيا آهيو. پنيان سڀني لئين سمجهيو ته توهان گهمڻ ويا هوندا ۽ سڀ اٿي ستسنگ ۾ ايندا. پر جڏهن ستسنگ ۾ به اوهان نه آيا تڏهن ستسنگ کان پوءِ سڀئي ستسنگي توهان کي ڪنڌو ۽ سالاري جي باغيچن ۾ ڳولڻ ويا. وري صبح جو به توهان کي تمام گهڻو ڳوليوسون. پئي ڏينهن شام جو پٽ شاهه جو ماڻهو گڏيو تنهن ٻڌايو ته سوامي جن شاهه

ائترو ٻڌي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته اها جنهن شيءِ جو رنگ روپ ڪونهي سا ٻه ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

سلوڪ - جئسي ڦولن باغيچي ۾ -
بڙي سڳندي آتي هئہ،
روپ رنگ ڪڇ ڇهن نہ ٿانڪا -
من ڪو ڀهہ هرشاتي هئہ.

٢- جئسي پيڙا پيٽ اندر ڪي -
اؤر نہ ڪو پهچانت هئہ،
تئسي اُر ۾ آتم ڪوهي -
نج انڀؤ سين جانت هئہ.

مطلب ته جئن باغيچي يا ڦلواڙيءَ ۾ وڃي گهمبو آهي ته خوشبوءِ ايندي آهي اُنهيءَ خوشبوءِ جو ڪوبه رنگ روپ ڪونهي پر تڪ جي دوارا پاسڻ ۾ ايندي آهي ۽ دل کي خوش ڪندي آهي. جئن پيٽ ۾ تمام ڏاڍو سور پوي ته ڪوبه ماڻهو يا ڊاڪٽر اُنهيءَ سور کي ڏسي ڪونہ ٿو سگهي ڇو جو اُنهيءَ جو ڪوبه رنگ روپ ناهي پر جنهن کي پيٽ ۾ سور آهي سو ٻڌيءَ وسيلي اُن سور کي سمجهي ٻڌائي ٿو ته مون کي هن جاءِ تي سور آهي. پر جيڪڏهن ڪو ڪانئس پڇي ته ٻڌاءِ ته سور ڪهڙو آهي ته بيمار فقط ائين چوندو ته هن جاءِ تي سور آتم باقي ڪهڙو آهي سو ڄهڙي طرح گلن جي سڳندي ۽ پيٽ جي سور جو ڪوبه رنگ روپ ڪونہ آهي تئن ٻڌي جا جڙ آهي سا ساکي چيتن جو پرڪاش پائي، آتما جو ساکيا تڪار ڪرائي ٿي. آتما کي هي باهريون اکيون نٿيون ڏسي سگهن ڇو جو اندرين جي وشيہ ناهي پر ٻڌيءَ روپي اکين سان اُنکي ڏسي سگهبو.

آهي پر منهنجي سک لاءِ فقط سري رام جو درشن آهي. ٽنهي لوڪن جو بہ ڪٺي مون کي راڄ ملي پر جيسين سري رام جي چرن ڪملن جو درشن نہ ڪندس، تيسين منهنجي من کي شانتي پراپت نہ ٿيندي. سو مان صبح جو سوير ضرور سري رام وٽ ويندس ۽ پهرين سري رام جو درشن ڪري پوءِ روٽي کائيندس. اهڙي پرتگيا ڪري سري رام جي ملڻ لاءِ روانو ٿيو. اُنهيءَ کي سچو پريم چئبو آهي. اهڙي پريم ۽ وئراڳ کان سواءِ هيءُ جيوُ ٻيو ڇوٽندو نہ ساري سنسار جي جهنجهٽ کي ڇڏي ڀڳوان جو ڀڄن ڪبي پر ڇڏي نہ سگهندو ڇو جو ڪٽنب جي موهہ روُپي رسي هن جيوَ جي گلي ۾ بلڪل مضبوط ٻڌل آهي. جئن رٻڙ جي ڏوري ڇڪڻ سان ڊگهي ٿيندي آهي ۽ وري ڇڏڻ سان واپس اچي ملي ويندي آهي، تئن هي جيو موهہ جي ڏوري ڇڪي ڀڳوان جي طرف، شب ڪرمن جي پاسي ۽ ستسنگ ۾ اچي ٿو پر جنهن وقت من ۾ سنسار جو سنڪلپ ڪري ٿو تنهن وقت وري رٻڙ جي رسيءَ وانگر واپس اچي سنسار جي وهنوار ۾ لڳي ٿو. اهو سنسار جو موهہ آتم گيان کان سواءِ ناس نہ ٿيندو ۽ آتم گيان پورن ستگرو دواران پراپت ٿيندو، آتم گيان پائي پوءِ ٻن ۾ رهي يا گهر ۾ رهي وهنوار ڪري ٽڏهن بہ اهو وئراڳ ۽ آنند ناس نہ ٿيندو آهي. ايترو ٻڌي مکي ٽنورام ۽ ساري سنگت ڏاڍو خوش ٿي. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراج جن اُن وشيہ تي ستسنگ ڪري ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو ۽ ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي گهر وئي.

مکي ٽنورام ۽ روُپي ڀڳت پوڄن ڪرڻ لاءِ سوامي جن کي اَرداس ڪئي. سوامي جن، تنهن ڪري، ٻئي ڏينهن

جي پٺ ۾ آهن. اهو ٻڌي سيٺ کي ٻڌائي اسان شام جو ۴ بجي پنڌ ٿي پنڌ ڪتا آهيون. هاڻي ڪرپا ڪري ڇوٽ هلو. ايترو ٻڌي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته اڇا، جل پان ڪريو. هيٺ ستسنگ جي مهل ٿي آهي. سڀ ڇڳي ٿيندي.

ستسنگ ۾ مکي ٽنورام اٿي عرض ڪيو ته هي پرڀو، ڪرپان ته بي ادبي ٿو. منهنجي هڪ شنڪا آهي جا ڪرپا ڪري دور ڪريو. ستگرو مهاراج جن ڀڪتارو جهلي چيو ته جيڪا شنڪا هجيوَ سا پلي ٻڌايو.

مکي ٽنورام چيو ته هي پرڀو، جنهن مهل ستسنگ جو ويهي ٿا ستسنگ ٻڌون تنهن مهل آنند تو اچي ۽ اهڙو وئراڳ ٿو لڳي جو پاڻ ته گهر ٻار ڇڏي وڃي ڀڳونت جو ڀڄن ڪريون. انبين به سمجهون ٿا ته هي سنسار ڪوڙو آهي. اڪيلا آيا آهيون ۽ اڪيلا ئي وينداسون. ڪير به ڪنهن جو ڪونهي. پر جنهن مهل گهر ٿا وڃون تنهن مهل اهو آنند ۽ وئراڳ لهي ٿو وڃي. جهڙي جا لهڙا ٿي ٿا وڃون. سو هي پرڀو، اهو وئراڳ ۽ پريم ۽ آنند هميشه لاءِ ڪئن اسان کي پراپت ٿيندو.

ستگرو مهاراج جن چيو ته توهان کي ٽيبر وئراڳ ۽ پرلوڪ سان ملائڻ وارو سچو پريم ڪونهي جو سنسار کان ڇڪي ڀڳوان سان ملائي. اهڙو وئراڳ ۽ سچو پريم پرت کي هو. ماتا ڪيڪئي گرو وسشٽ آدي جڏهن چوڻ لڳس هن وقت ٻي ڪا به چنتا نه ڪري، سيئي ڳالهيون ساري راج ڪر. ۱۴ سال جاد ئي سڀئي وانگر گذري ويندا، رامچندر پاڻهي اچي توسان ملندو؛ تڏهن پرت هٿ جوڙي چوڻ لڳو.

دوها - آپن دارن دينتا ڪهون سپن نر نايه،
ديئي بن رگهنات پد - جيءَ کي جرن نه جايه.

توهان ته پنهنجي سک لاءِ مونکي ڏاڍي سٺي صلاح ڏني

جو وڃڻا، تڏهين ٽهلرام کي منت ڪيائون ته سوامي جن کي هفتو کن ڇڏي وڃو. ٽهلرام، سندن بيحد پريم جي وس ٿي، مهاراج جن کي ٻه ڏينهن ڇڏي وڃڻ قبول ڪيو. صبوح جو وڃڻ وقت ٽهلرام وري به سيٺين کي عرض ڪيو ته وچن جي پالنا ڪري، ساڌ کي ٻن ڏينهن کان پوءِ روانو ڪجو. ائين نه ٿئي جو اسان کي وري پنڌ ڪرڻو پوي.

نوڙهن جي ڳوٺ ۾ اُنهيءَ ڏينهن سڌن جو ميلو هو. ڀڳت شيوڪرام، مهاراج جن کي ٻڌايو ته ميلي ۾ ٻڪرن جي ٻَلِ ڏني ويندي آهي ۽ ڪين وينتي ڪيائين ته اوهين به هلو ۽ هلي ستسنگ ڪري اهو ڪوس بند ڪرايو. ستگرو مهاراج جن وڃڻ قبول ڪيو ۽ سيٺين کي چيائون ته تيار ٿيو ته هلون. ايتري ۾ ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس ۽ ٻيا پريمي به پاڻهي آيا ۽ ٻين کي پڻ سڏ ڪري سڀئي گڏجي ٣٠-٣٥ ڄڻا منڊلي ڪري اڪٺا. جهنگل جو سفر ڪندي ڪندي صبح جو ستگرو مهاراج جن سيٺين ستسنگين سميت سڌن جي ميلي ۾ پهتا.

سنتن اڳ ۾ ئي وڃي ستسنگ ڪيو. ستگرو مهاراج جن ۽ ساري منڊلي ڀڳت پرسورام سان اچي ستسنگ ۾ ويٺا. ڀڳت پرسورام ستگورو مهاراج جن کي چيو ته توهان به ٻئي وچن ٻڌايو.

ستگرو مهاراج جن چيو ته پهرين توهان ڪجهه ٻڌايو جو اسان پياس رکي آيا آهيون، پوءِ اسين به ٻڌائينداسون.

ڀڳت پرسورام چيو ته چڱو، توهان هينئر اشنان ڪري جل پان ڪريو تيسين ڀل ٻيا سنت ڀڄن ڪن. اسان ٢ بجي کان ٣ بجي تائين ڪنداسون ۽ توهان جو وقت ٤ بجي کان ٥ بجي تائين رکون ٿا. ايترو چئي ڀڳت پرسورام پنهنجن

منجهند جو مکي ٽئورام وقت ستسنگ ۾ کيو ۽ رسوئي ۾ ڪاڙهي ۽ کيس گرمنتر ڏنائين، پنهنجي چرڻن ۾ جاءِ ڏني. شام جو روهڙي ڀڳت وقت ڀوڄن ڪيائون. اهڙيءَ ريت ٻيا پريمي اچي رسوئيءَ لاءِ پرينا ڪندا هئا ته ستگرو مهاراج جن اُهن کي ٻه ڏينهن جو راضي ڪري، رات جو اچي ڀڳت لڪميچند جي گهر ستسنگ ڪندا هئا.

اهين چار ڏينهن گذري ويا. ڪنڊيءَ ۾ پريمي ۽ ستسنگي وڇوڙو سهي نه سگهيا. کيمارام ۽ مهراج هوندلداس جي مهاراج جن کي وٺڻ آيا هئا، سي به اُتيئي رهي پيا. آخر ڀائي منگهن رام، آسورام ۽ ولرسيرام چڙهي آيا ۽ اچي سوامي جن کي ٻاڏائي چوڻ لڳا ته اوهان کان سواءِ ماتا ۽ سارو ڪنڊو اُٻاڻڪو آهي. ڪرپا ڪري اڄ ئي هلڻ جي ديا ڪريو.

مگر ڀڳوان جي قدرت اهڙي اچي ٻڻي جو پريمين جي سوالن ۽ ستسنگ جي آنند ۾ هنن کان به گهر موٽڻ جي ڳالهه وسري وئي ۽ هو به رهي پيا.

ماتا ڏٺو ته جيڪو ٿو وڃي سو وڃي ٿو ويهي رهي. آخر ماجرا ڪهڙي آهي؟ تڏهن ٿهلرام کي موڪليائين ته تون وڃي ڏس ته آهي ڇا ۽ ساڻ کي وڃي وٺي اچ. ٿهلرام، لالورام ۽ اوم پرڪاش کي ساڻ ڪري، پٽ ڏانهن ويو. اچي ڏسي ته سڀيئي اسٿمت ٿي اُتي ويٺا آهن. تڏهن ٿهلرام سوامي جن کي چيو ته ٻنا دير سهيرو نه هلون. پر، ڀڳت لڪميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام ۽ ٽنهن کان پوءِ ماتا گياني ٻائي ۽ ماتا ايشوري ٻائيءَ جي زور ڀرڻ تي، ٿهلرام اُها رات اُتي رهيو.

ستسنگين کي جڏهن خبر پيئي ته سوامي جن سڀاڻي صبوح

ته اُنهيءَ شنڪا جو نراڪرڻ ستسنگ ۾ ئي ٿيڻ گهرجي، اسين ٻه سڀ ٻڌون، تنهن کان پوءِ پلي پڇن ٿئي. سنگت جي راءِ ڏسي ڀڳت پرسورام چوڻ لڳو ته آد کان وٺي ديوين ديوتائن تي ٻليون چڙهنديون آيون آهن. ديوتا سمرٿ آهن. تلسيداس مهاراج ٻه چيو آهي ته 'سمرٿ ڪو ناهين دوش'. تنهن ڪري ديوتائن تي ڪو ٻه پاپ نه لڳندو آهي. هتي اسان وٽ ٻه وڏن کان وٺي سڌن تي ٻليون چڙهنديون آيون آهن تنهن ڪري اِهو پاپ ڪنهن تي ڪونهي.

انهيءَ تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته ديوتائون ٽن پرڪارن جا آهن. ١. ساتوڪي ٢. راجسي ٣. تامسي. ماس شراب تامسي ديوتائن جو کاڌو آهي ۽ اُهو ساتوڪي ديوتائن تي چاڙهڻ پاپ آهي. شادين مرادين ۽ اُلسون تي درياهه شاهه ۽ ٺاڪرن تي ٻيا سڀ پوڄ لڳائيندا آهن پر ماس شراب جو پوڄ ڪڏهن نه لڳائيندو آهي ڇو جو اِئين ڪرڻ وڏو پاپ آهي. دنيوي سرڪار جا قاعدا ۽ قانون سڀني سان هڪجهڙا لاڳو آهن، ليڪن پاپ ۽ پُنج ڪرم جو ڦل ٻه ننهي لوڪن ۾ ديوتائن ۽ خواهه جيوَن کي هڪ سمان ڀوڳڻو آهي. پر هتي لاء ستپرش سڌ ستوگڻي هئا سو هنن تي ماس ۽ شراب چاڙهڻ ڌرم ڪونهي. سڀني شاسترن ۾ ماس کائڻ جي منع ڪئي آهي ۽ نيتي شاستر ته اِئين چوي ٿو:-

ست ڪرتا، اُپديشتا، اُپڪاري انمنت،
گهاتڪ، سوادڪ ڪت يي اگهه سم ڀاڳي جنت.

ارٿ- ست ڪرڻ وارو، صلاح ڏيڻ وارو، وٺي اچڻ وارو، ڪهڻ وارو، رڌڻ وارو ۽ کائڻ وارو اُنهن ڇهن ئي تي هڪ جيترو پاپ پوي ٿو. هن منش جو ڌرم آهي ته ٻنا ڪنهن ڪارڻ جي ڪنهن ٻه جيو کي دک نه ڏي ۽ سڀني

شيواڌارين کي سڏ ڪري چيو ته آيا، هنن سڀني سنتن کي اشنان ڪرائي جل پان ڪرايو ۽ هنن واسطي ونڌو رسوئي ٺهرائجو. شيواڌارين ستگرو مهاراج جن ۽ سڀني برهمڻن کي کوهه تان اشنان ڪرائي جل پان ڪرايو. تنهن کان پوءِ مهاراج جن پنهنجن برهمڻن سان گڏجي ستسنگ ۾ سنتن جو بچن ٻڌڻ وينا. ۱۲ بجه رسوئي کائي آرام ڪري ۲ بجه اچي ستسنگ ۾ وينا - ڀڳت پرسورام به اوڏي مهل پنهنجن ستسنگين سان گڏ تنبورُ ري ۽ ڪنجهين تي ستسنگ ڪرڻ وينو. ڀڄن ڪندي اها وارتا هلايائون ته ڪنهن به جيو کي نه ڏکوئڻ گهرجي جو سڀني جيون ۾ ڀڳوان وياپڪ آهي. پاپ ڪرڻ سان هي جيوُ چؤراسيءَ ۾ وڃي اننت جنمن ۾ دک ڀوڳي ٿو. تنهن ڪري پاپ کان پاسو ڪريو. جڏهن ستسنگ بس ڪيائون تڏهن مهاراج جن کي چيائون ته هاڻي توهان ستسنگ ڪريو. تنهن تي ستگرو مهاراج جن هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته ڀڳت صاحب اسان کي هڪ شنڪا آهي، جي آگيا ڏيو ته چئون. ڀڳت پرسورام چيو ته ڀلي چئو.

ستگرو مهاراج جن چيو ته ڀڳت صاحب اوهان ستسنگ ۾ چيو ته ڪنهن به جيو کي دک نه ڏجي ۽ پاپ ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي جو پاپ ڪرڻ سان هي جيوُ چؤراسيءَ جي چڪر ۾ دک پائيندو. اسانجي اُن باري ۾ شنڪا آهي ته هتي جو هر مهني ڪيترا ٻڪرا ٻل چڙهن ٿا سو اُنهن جيون جي هتيا جي پاپ جو ڇا ٿيندو؟

اهو ٻڌي ڀڳت پرسورام ۽ ساري سنگت چپ ٿي وئي. ڀڳت پرسورام جو هڪ چيلو پائي رامو چوڻ لڳو ته اُنهي ڳالهه کي ڇڏي ڏيو، هينئر ستسنگ ڪريو. اها رهاڻ پوءِ ٻاڻ ۾ خلاصي طرح ڪجو. تنهن تي ساري سنگت چوڻ لڳي

چاڙهينداسون ۽ ڪنهن به جيو کي ڪونه مارينداسون.

ستگرو مهاراج جن چيو ته سڀني کي ڌنيواد هجي، سڀ پاپ کان ڇٽا. اسين وڌيڪ خوش تڏهن ٿينداسون جڏهن ڀڳت صاحب پرسورام جن به ماس کائڻ ڇڏين. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن ڀڳت پرسورام ڏانهن نهاريو. ڀڳت پرسورام به مهاراج جن ڏانهن نهاري چيو ته هي پريو، اڄ کان وٺي اسان به ماس ڇڏيون ٿا. آئينده سڌن لئي دال ۽ ٿانهري ورهائينداسون. اهو ٻڌي ساري سنگت ڌرم جي جئه جئڪار ٻولائي ۽ تاڙيون وڄايون. اُن بعد ستگرو مهاراج جن ڀڄن ڪيو. ڏاڍي موج لڳي ۽ ٥ بجي ستنام ساکي جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. ساري سنگت چوڻ لڳي ته اڄ اسانجو سڌن جي ميلي لئي اچڻ سڦلو ٿيو. تنهن کان پوءِ ڀڳت پرسورام پلئُو پائي ميلو سماپت ڪيو. سنگت رومت وٺي رواني ٿي ۽ مهاراج جن به ڀڳت پرسورام کان موڪلائي گهمندا ڦرندا اچي شاهه جي پٽ تي پهتا.

رات جو نت نيم سان ستسنگ شروع ٿيو. انهيءَ رات خلق به تمام گهڻي آئي هئي. ١٢ بجي تائين ستسنگ چالو رهيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڀائي سوڀراج، رامون ڀڳت جو پٽ مهاراج جن ۽ سڀني سادن کي رسوئي لاءِ پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ستگرو مهاراج جن کان نام جو اُپديش وٺي شش بڻيو. اتي ڀڳت پرسورام جن پڻ آيل هئا. مهاراج جن ڀڳت پرسورام ۽ ٻين سان ويٺا ته ڀڳت رامون ستگرو مهاراج جن کي عرض ڪيو ته هاڻي ڀڄن شروع ڪريو. مهاراج جن ڀڳت پرسورام کي چيو ته اول اوهان هڪ ڀڄن ڳايو ته اسين به ٻڌون ٿا. ڀڳت پرسورام جن تنبورو کڻي پنهنجن ستسنگين سان ڀڄن ڳايو.

جيئن لئي ديا ڪري. ڀڳوان به چيو آهي ته ’جيو ديا تئو مم ديا.‘ يعني جيڪو منهنجي جيون لئي ديا ڪري ٿو سو مون لئي ديا ڪري ٿو. سيني منشن جو ڌرم آهي پيج ڪرڻ. پر جي پيج نه ڪري سگهي ته پاپ ته نه ڪري، ڇو جو پاپ جو ڦل آهي ڏک، سو اُوس هن جيو کي ڀوڳڻو پوندو. اُني ستگرو مهاراج جن هي پيجن ڳائڻ لڳا.

راڳ ڀيروي

ٽل- من پاپ ڪرم نهہ ڪرنا- هرِي ڪا نام سمرنا.

١- پاپ ڪرم ڪا ڦل ڏک هوگا- تاسين هردم ڏرنا،
پُنيه ڪرم ڪا ڦل سک هوگا- يهه نشچيه اُسر ڌرنا.

٢- اُنسا ڪرم ڪرونا جاسين- ديکا هووي پرنا،
ساڌ سنگت کي سيوا ڪرڪي- سرو دوک ڪو هرنا.

٣- تن ڌن ڪا ايمان ليا ڳي- جيتي جڳ مين مرنا،
نام هرِي ڪا هردم سمري- ڀوساگر سين ترنا.

٤- ٽين لڄا ڪو ٽوڙي جلدِي- جانو گر ڪي شرنا،
کهي ٽيئُون لي آلم گيالا- جيون مڪت وِچرنا.

اهو ڀڄن ستگرو مهاراج جن اهڙي ته درد مان درشٽانتن ۽ پرماڻن سان سنگت کي ٻڌايو جو ڪيترن پريمين همت ڪٺي ستگرو مهاراج جن کي چيو ته هي پرڀو اڄ کان وٺي اسين ماس ۽ شراب کين ورتائيندا سون. اهو ٻڌي ستگرو مهاراج جن چيو ته ڏاڍو سٺو، انهيءَ لاءِ توهان کي ڌنيواد. اسين خوش ٿيا آهيون پر اڄا به ساري سنگت همت مٿي ڪٺي، اها پرڻگيا ڪري ته ڪٿي به ٻڪرين جي ٻل کين چاڙهيندا سون.

ساري سنگت همت مٿي ڪري وڏي آواز سان پرڻگيا ڪري چوڻ لڳي ته اڄ کان وٺي اسان ڪٿي به ٻل ڏ

رُوپي قل لڳل آهن. اُن ۾ پڻ ٽاويون ڪونه آهن. اهو شبد اُتي ڪملن ۾ رات ڏينهن آواز ڪري رهيو آهي. جڏهن پکي آڪاس ۾ اُڏامي ٿو ته سندس پير جو وستو سوڪيم ٿئي ٿو ۽ جڏهن مڇلي پاڻيءَ ۾ هلي ٿي ته سندس هلڻ جو وستو به سوڪيم آهي، تيئن ڪبير صاحب جن چون ٿا ته مون ويچار ڪري ڏٺو آهي ته آتم پد جو وستو به اهڙوئي سوڪيم آهي. پر ستگرن جي ڪرپا سان هن ديهي رُوپي صورت ۾ اهو سوڪيم وستوئي آتم صورت جو درشن ڪيم. جن اهڙي ست چت آنند سرُوپ جو درشن ڪرايو تن ستگرن تان مان بلهار وڃان.

ستگرو مهاراج جن جڏهن ارت ڪري بس ڪئي تڏهن ڀڳت پرسو رام جن ڏاڍو پرسن ٿيا تنهن ڪان پوءِ ستگرو مهاراج جن ڪلاڪ کن ستسنگ ڪيو جنهن ۾ يوگ مارگ جي وارتا هلايائون. پوءِ ستگرو مهاراج جن ڀڳت پرسو رام کان موڪلائي جاءِ تي آيا. رات جو ستسنگ ڪيائون. پڇاڙيءَ جي رات سمجهي خلق تمام گهڻي آئي هئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ستگرو مهاراج جن، سروانند، گرمکداس، مهراج ليکراج، سيٺ پريمين سان گڏجي پنهنجي آستان ڪنڊوءَ ۾ آيا ۽ ماتا کي پيرين پئي مليا. ماتا کين چوڻ لڳي ته اُبا تون هتان چوريءَ نڪري ٿو وڃين، اسان کي پنيان خيال ٿي ٿو پوي. چت ڏاڍو اُداس ٿو رهي. اڳتي ڪيڏانهن نه ويندو ڪر ۽ گهر ۾ رهي ڀڄن ڪيرتن ڪندو ڪر.

ماتا جا اهي وچن ٻڌي ستگرو مهاراج جن هي ڀڄن ٽاهي ٻڌايو.

راڳ رامڪلي

ٽل- سو يوگي گرو ميرا اوڌو- سو يوگي گر ميرا .
١- ترور ايڪ پنڇي دو بئٺي- ايڪ گرو اِڪ چيلا،
چيلي سب جڳ چن چن کايا- گرو رها تہ اَڪيلا .
٢- گگن منڊل ۾ اَرڌ مکہ ڪوُها- تان ۾ اَميءَ ڪا واسا،
سگرا هووي ڀر ڀر پيوي- نگرا رهي نراسا .
٣- ترور ايڪ مُول بن ٺانڊيا- بن ڦُولي ڦل لاڳا،
شاخا پتر ڪڇ نهين واڪي- اِشٽ ڪمل مکہ ڳاجا .
٤- پنڇي ڪا کوج مين ڪا مارگ- ڪهت ڪبير وچارا،
مورت ۾ اِڪ صورت ديکي- ستگر پئہ ٻلهارا .

اهو ڀڄن چئي ڀڳت پرسورام مهاراج جن کي چيو تہ هي ڀڳون هن ڀڄن جو ارٿ ڪري پوءِ توهان ڀڄن شروع ڪريو. ستگرو مهاراج جن مشڪي ڀڳت پرسورام کي چوڻ لڳا تہ ڀڳون توهان تہ جهونا يوگي آهيو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻو ٿا پر اسان کان پريکيا ٿا وٺو. اسانجو جهڙو حال آهي تهڙو توهان کي ٻڌايون ٿا. ايترو چئي مهاراج جن ارٿ شروع ڪيو.

ارٿ- ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهو يوگي منهنجو گرو آهي جو هن ڀڄن جو ارٿ ڪري. هي سرير هڪ وڻ آهي جنهن ۾ هڪ گرو ساکي چيتن ۽ ٻيو چيلو اَڪيلو يعني اَسنگ نرليپ رهي ٿو. گگن منڊل يعني ڏسوين دوار ۾ هڪ اُلٽو کوهہ آهي منهن هيٺ ۽ امرت رُوپي جل ڀريو رهي ٿو. جنهن جڳياسُو پورن ستگرو ڌارڻ ڪيو آهي سو اڀياس ڪرڻ سان اهو امرت پئي ٿو ۽ جو نگرو آهي سو پي نٿو سگهي. ترور ايڪ يعني شبد رُوپي هڪ وڻ آهي جو بنا ٻج جي نراڌار آهي ان گگن منڊل ڪا نسواهہ وويڪ آد ساڌن

٢- مُلن قاضين کي خبر نه ڪائي - اُچيو ڪن ٿا روز لڙائي ،
ڦلمي کان آهيون ڦريا ڦريا .

٣- مسجد ڊاهيسون هيءَ ديهي - تنهن ۾ سجدو ڪريون ٿا ويهي ،
اُلٽو مکه آهيون هريا هريا .

٤- رمضان رنگ لڳو ساڌن جو - پيتم پيالو دردولدن جو ،
ٻاڳ منهنجا آهن ڦريا ڦريا .

سائين اهو راڳ ڳائي بس ڪيم ته ڏاڍا ڪٽي اچي مون کي ورڪائون . مان چپ ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيس . خوب ماري ڪوٺيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيائون . مان ته ايڪانت جي ڪوٺي ڏسي خوش ٿيس ۽ دل ۾ چيم ته سائينءَ مون لئي ڏاڍي ٻاجهه ڪئي آهي جو ابياس لاءِ ايڪانت ڏني اٿائين . اهڙي طرح ٽي ڏينهن مون کي بند رکيائون . روٽي به مون کي اُتي ڏيئي ويندا هئا . ٽن ڏينهن کانپوءِ وري مونکي چوڻ لڳا ته هاڻي قسم کڻ ته توکي ٻاهر ڪڍون . مون تنهن تي چيومان ، خدا توهانجو ڀلو ڪندو مونکي مهنو ڏن اڃا هن ڪوٺيءَ ۾ بند رکو ته مان عبادت ڪري ڌڻيءَ جو ديدار ڪريان . ايترو ٻڌي مونکي ڪوٺيءَ مان ڪڍي خوب مارڻ لڳا . منهنجي ماءُ اچي مونکي ڇڏايو ۽ هنن کي چيائين ته هنکي نه ماريو . هو ساڌن وٽ ڪو نه ويندو . مان پاڻهي سمجهائيندي سانس . تنهن کانپوءِ ڳائين ميهن کي باغ ۾ ڇڏي ، وڃي ايڪانت ۾ ويهي ابياس ڪندو هوس . ڪالهه توهانجي اچڻ جي خبر پيئي تڏهن اڄ سوير اُٿي ڳائيون مينهون باغ ۾ ڇڏي سڌو توهان وٽ هليو آيو آهيان . سائين ، هاڻي جيڪا خدمت چئو سا ڪريان . ستگرو مهاراج جن چيس ته اَبا ، تون گهر وڃي ڪو ڪم ڪر نه ته ماٽ مارينديءِ . تنهن تي رمضان چوڻ لڳو ته سائين ، مارون ڪائي هاڻي ڏاڍو

سُر ڪلنگڙو

ٿل- متان جيڏيون جهليو موٽي - ڏنو مون سواس ساڌن کي.

١- تيس جڳت کان هيڪل - دنيا کان دوُر ٿئي مون دل،
جلن جيرا ٻيا پل پل - سدا سارين پرين کي.

٢- سڏي ساڌو ڪرن نڪتا - ڪاسائي جئن کهي ٻڪرا،
ڪڍي اڳيان جا ڪڪرا - ڏيهن تا ڏس ڏکوين کي.

٣- مائي مون سچ سنڌي سُرڪي - پيتم سا پريم سان ٻرڪي،
رنجهايم رام کي مرڪي - خبر تنهن جي پيا ڪن کي.

٤- ڏنم ستسنگ ۾ ويهي - ٽيئون چت سنت ها سيئي،
پريت تن سان ڪئي پيئي - لڳايو جن لعلن کي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ستگرو مهاراج جن اِشنان ڪري ويٺا ته ايتري ۾ رمضان اچي پيرين پئي ستگرو مهاراج جن اڳيان اچي ويٺو ۽ اکين ۾ پاڻي آڻڻ لڳو. مهاراج جن چوڻ لڳس ته ڪئن اُبا ڪر خبر. رمضان روئي چوڻ لڳو ته سائين توهان جي وٽي ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن رکي منهنجو وڏو پاءُ ٻئي مانٽ وٺي آيو ۽ مون کي مار ڏيئي ٻڌي گهر وٺي ويا. اُتي سڀ ملان مولوي گڏجي چوڻ لڳا ته توکي شرم ڪونه ٿو اچي جو پنهنجا مرشد ڇڏي وڃي هندوءَ جو مريد ٿيو آهين؟ هاڻي اسانجي اڳيان ڪلمون پڙهي قسم کڻ ته مون اهو مرشد ڇڏيو ۽ اڳتي اُنهيءَ در تي بلڪل ڪونه ويندس. تنهن تي مون هنن کي پنهنجو ڪلام ٻڌايو.

راڳ تلنگ

ٿل- اسين مست گهمون ٿا چريا چريا - دين دنيا کان ڪريا ڪريا.

١- تن من جي اسان توڙي ڦاسي - امرپور جا ٿيا سي واسي،
پڪتيءَ ۾ آهيون پريا پريا.

ڀائي آلورام مهاراج جن کي ٻڌايو ته شهدادپور جا ڪي ٻاوا سالاري ۾ پنهنجن شيوڪن وٽ آيل آهن. اهڙا ٨ - ١٠ گهر آهن. اُنهن کي چون ٿا ته ٽن سالن جو ٻنڌيان روپيه ٽيهه ڏيو. جيڪي شاهوڪار هئا تن ڀري ڏنا. باقي ويچارا جيڪي غريب آهن سي ڪين چون ٿا ته روپيه پنج ونو جو اسين غريب آهيون ۽ وڌيڪ ڏيڻ جي طاقت ڪانهي. ايترين منٿن ڪندي به ٻاوا چون ٿا ته ڪٿان به آڻي ڏيو. نه ته وڪڻي به ڏيو، نه ڏيندا ته اسين اوهان کي ڦٽينداسون. شهر جي ٻن ٽن شاهوڪارن کي ماس مدرا کارائي پنهنجي پاسي ڪيو اٿن ۽ اُنهن کي چيو اٿن ته هنن کان پئسا اُگاڙي ڏيو. هنن ويچارن غريبن کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي، سو ڪرپا ڪري اُنهيءَ ٻاري ۾ به ٻه چار وچن چئو. ايترو چئي ڀائي آلورام ستگرو مهاراج جن کي چيو ته مان اوهان کي ٨ بجه ونڊ ايندس. پوءِ روانو ٿيو.

تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن گهمڻ ويا. موٽي پنهنجي آستان تي ڏٺن ته ڀڳت آئل لال ۽ سيٺ گهنبورام جن ويٺا آهن. مهاراج جن وڏي آدرستڪار سان ساڻن مليا ۽ خوش ٿي چوڻ لڳا ته ڀڳون اڄ وڏي ڪرپا ڪئي اٿو جو اڄ درشن ڏنو اٿو. ڀڳت آئل لال جن چيو ته اڄ ڪنڀوءَ ۾ ڪنهن پريميءَ وٽ آيا هئاسون. اُتي ٻڌوسون ته توهان شاهه جي پٽ کان موٽي آيا آهيو. سو ويچار ڪيوسين ته اڄ پوءِ سنتن جو ستسنگ ٻڌندا وڃون. ستگرو مهاراج جن سنتن کي جل پان ڪرائي ستسنگ شروع ڪيو. پهرين ساڻن ڀڄن چيو تنهن کانپوءِ ڀڳت آئل لال ۽ سيٺ گهنبورام ۽ آخر ۾ ستگرو مهاراج جن ستسنگ ڪرڻ لڳا. سنتن جي مهما جو ورڻن ڪيائون. ستسنگ کانپوءِ سنتن کي رسوئي پاڻي ڪرائي لالٽين کڻي ستسنگين

ٿي پيو آهيان. آخر ماري ڪٿي گهر کان ڪڏي ڇڏيندا نه؟ ٻلي ڪڏي ڇڏين. باقي مان گهر کولي ويندس. هتي جيڪا شيوا چئو سان ڪريان.

رمضان جو اهڙو اٽل ارادو ڏسي ستگرو مهاراج جن چيس ته اٻا، چڱو وڃي ساڳي شيوا ڪر. ڳالهين لاءِ ڪتر ڪر، چيٽن جي ڳوٺ ۾ ڪانيون ڪري اچ. اهو آگيا پائي رمضان وڃي ڪتر ڪرڻ لڳو.

ٻئي صبح جو سوير مائي رياست ستگرو مهاراج جن وٽ آئي ۽ اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳي ته سائين، جنهن ڏينهن کان منهنجو پتار رضا ڪري ويو آهي تنهن ڏينهن کان وٺي منهنجو من دنيا کان تمام اُداس ٿي پيو آهي. ڪرپا ڪري مونکي نام جو رستو ٻڌايو ته مان پڻ ڪري جنم سڦلو ڪريان. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چيس ته ٻچڙي پنهنجن وڏن کان اهڙي آگيا وٺي اچ ته پوءِ توکي نام جو رستو ٻڌايون. اهو جواب ٻڌي مائي رياست چوڻ لڳي ته هي ٻريو، آگيا ته مون ورتي ڪانهي پر جي ونديس ته به ڪاله ڏيندا. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چيو ته ٻچڙي توڻ پريم سان وڃي چوين ڇو ته عورت جو ڌرم آهي ته جي خاوند هجي ته اُن کان آگيا وٺجي، خاوند نه هجي ته وڏن کان آگيا وٺي پوءِ ڪنهن پورن مهاتما کان اُپديش وٺجي. اها مريادا آهي. ايترو ٻڌي مائي رياست چوڻ لڳي ته چڱو مان وڃي ٿي چئي ڏسان.

شام جو پائي آلورام ۽ جيجن رام سالاري جا وينل ستگرو مهاراج جن وٽ آيا ۽ اچي وينتي ڪيائون ته سڀاڻي ستسنگ اسان وٽ ڪريو ۽ سڀني سنتن مهاتمائن سميت ڀوجن پڻ ڪريو. ستگرو مهاراج جن سندن وينتي سويڪار ڪئي. پوءِ

ڇٽو نه ٻنيون ۽ باغ ڇڏي ڏيون. ستگرو مهاراج جن ڇيو ٻنيون ۽ باغ اڃا نه ڇڏيو. توهان کو به خيال نه ڪريو. گوال ٻنيءَ تي اڪيلو آهي. گرمکداس ڳوٺ وڃڻ جي تياري ڪري هن کي گوال سان گڏ ٻنيءَ جي سنڀال لاءِ روانو ٿا ڪريون. مان به هاڻي هر روز ٻنين جي نظرداري ڪري پيو ايندس. پئسا کپن نه سيٺ ڇبلداس کان وٺجو، مان چٺي ڇڏيندو ساڻس. اهڙو ٻڌي ٽهلرام وڃي دڪان تي ويٺو. رات جو آلورام جي گهر سالاري ۾ رسوئيءَ لاءِ ويا ۽ ستسنگ ڪيائون. پرسنگ هو 'ست گور مهما'. اُتي هيٺيون ڀڄن سڀو ڳاتائون:-

راڳ جوڳ

ٽل- نه ڪن جاپ نه ڪو تاپ- جڙ جيءَ ڪهائي
نه ڪن ڪرم نڪو ڌرم- وڃن جنم رلائي.
١- مٺن منند ملي اند- ويڻا واٽ وڃائي،
ڪريو ڪڏ ڪن سڌ- گام اندن آهي.
٢- ڪن بيکه ڄڳت ڏيکه- وڏا ٽلڪ چڙهائي،
اندر دئمت باهر سنت- ڌن ڀگهه جن لڳائي.
٣- دايا پوند ڏسي موند- وڏا ديو مدائي.
ڇڏي ساچ ڪٽن ڪاچ- وڃن پاپ ڪمائي.
٤- اهيءَ مايا سوين گهايا- وڏا مير منجهائي،
پڙهيا پنڊت ڪئين ويهر، ڪٺن چير ٽنگائي.
٥- کهي ٽيهٺون ٽڳا ٽوڙي- سرت شبد ملائي،
سچا سنت ڪلاوات- وڃن جنم مٽائي.

ڀاوارٿ- هي جيءُ مولڪ وانگر نه ڪري ڪو جپ نه ڪو تپ، نه ڪو نيم، نه ڪري ڪو ڌرم نه ڪرم جهڙا گرو لهڙا چيلا ٿيا ٻُڌي ملين. جن کي ٻڌي روُپي ليٽر کواهن، سي ٿيا اُندا ڀڳوان جي ملڻ جو رستو وڃائي

کي ساڻ ڪري ڀڳت آئل لال کي اماڻڻ ويا. تورو پند ڪري جڏهن ڦِرِڻ لڳو وقت ڀڳتا تڏهن ڀڳت آئل لال جن کي چيائون ته سائين ڪڏهن آهن سو ڏيري ڏيري سنڀالي هلجو.

اڳتي ۾ ٻه ڀيرا دانهون ٿي ته اُڙي کڏ ۾ ڪري پيس ۽ مري ويس؛ ته ڪنهن ٻڌي هن کي چيو ته ڇوماڻو ته ڏيري ڏيري هلو، هتي ڪڏهن اٿو- اِنهن ٿي اهو ٻه وڃي کڏ ۾ پيو ته ٽئين واڪو ڪري چيو ته اُڙي اَنڌا آهيو ڇا؟ اڳتي ڇٽي اهو ٽيون ٻه هنن ٻنهي جي مٿان وڃي پيو. تڏهن ڀرٻون ڇوڙ لڳو ته سڀيئي انڌا آهيو ڇا جو اڇي منهنجي مٿان ڪريا آهيو؟ ٻين چيو ته اُدا ڇا ڪريون، اوندهه آهي. خبر ڪانه ٿي پوي. دانهون ٻڌي ستگرو مهاراج جن اِڳتي وڌي لالٽين کڻي وڃي ڏسن ته ٻه چار ٻاوا ۽ ٤-٥ گرهستي آهن. ڪالهه ڀچپائون ته ڪٿي ڪريا؟ ٻاون چيو ته راحت اونداهي آهي هتي ڪانه آهي تنهنڪري کڏ ۾ ڪري پياسين. ستگرو مهاراج جن پوءِ سڀني کي وٺي اڳتي هليا. رستي ۾ ڀڳت آئل لال سوامي جن کي ٻڌايو ته اهي ٻاوا هر روز شام جو ٻنهي غريب ججمانن کي ٻنديان جي پئسن لاءِ ستائي، موٽي وڃي ڪنڊوءَ ۾ لڪندا آهن. ڏسجي ٿو ته اڄ غريبن جي پٽ لڳي اٿن، جو ڏک ڪاڏا اٿن. مهاراج جن ٻڌي دل ۾ ڪٿي رکيو. سڀني کي پرم لڳو ۾ چڙي پنهنجي آستان تي آيا.

صبح جو ڀائي ٽهلرام ستگرو مهاراج جن کي ڇوڙ لڳو ته ڪالهه سارو حساب ڪتاب ڪري ڏنوسين ته ٻنهين ۽ ٻاڻين مان ٻه هزار روپيه گهاٽو پيو آهي ۽ دڪان مان ٻه ڪو فائدو ڪونه نڪتو آهي. هاڻي پئسا ڪٿان، ڪنهن کان وٺون؟ توهان ئي جنتا ۾ ڪو ڪم نتا ڪريو. مان اڪيلو ڇا ڪريان؟

ته ڏاڍو سٺو مليو آهي. انهن ويچار ڪري ڀائي منوُداس چيس ته ادا ٽوڪي لوپ ڳام جي ڌرمشالا ۾ وٺي هلي ڇڏيندس. پر مون کي ڏيندين ڇا؟ واڻئي چيس ته ڀڳوان جي نالي مون کي وٺي هل. منوداس چيس ته نه ادا مان ڀڳوان جي نالي مان ڪونه ڄاڻان. ٥ روپيه ڏين ته وٺي هلانءِ نه ته پل هتي جهنگل جا جانور ٽوڪي ماري کائين. منوداس جا اهي ڀيچاريندڙ وچن ٻڌي واڻيو ڇرڪ لڳو ته ڀائي مون وٽ پنج روپيه ڪونه آهن باقي اڍائي روپيه اٿم سي وٺ. پر منوداس چوي ته پنجن روپين کان هڪ پائي به گهٽ نه وٺندس. هنداءِ اٿيئي قبول نه ته مان وڃان پنهنجو رستو. واڻئي چيو ته ادا ڇڱو اڍائي روپيه روڪ وٺ باقي اڍائي روپين ۾ لوٽو ٿو ڏيانءِ. منوداس اڍائي روپيه روڪ وٺي چيلهه سان سوگها ٻڌي ۽ لوٽو وٺي هڪ هٿ ۾ ڪنيون ۽ ٻئي هٿ سان واڻئي جي ٻانهن وٺي هلڻ لڳو. دل ۾ خيال ڪندو پيو وڃي ته ڏاڍو سٺو ٿيو جو اڄ صبح جو اڍائي روپيه روڪ ڪمايم ۽ لوٽو به جهنگل پاڻيءَ لاءِ سٺو مليم. ڀڳوان کي ڀيو چوي ته هي پريو، اهڙا گراهڪ مون کي روز ڏياريندو ڪجانءِ. اهڙي طرح دل ۾ ڏاڍي خوشي ڪندو پيو وڃي. خوشيءَ ۾ رستو ڀلجي ويس ۽ وڃي ٻئي رستي ۾ پيو. اهو رستو سڌو هڪ کڏ ڏانهن پئي ويو. کڏ ۾ ٻٽر نڪر، ڪنڊا گند ڪچرو ڀريل هو. کڏ کي ويجهو آيا ته منوداس واڻئي کي ڇرڪ لڳو ته وک وڌائيندو هل جو دير ٿي ٿئي. انهن ڇئي اچا ٿورو لڪڙي وک کڻي اڳتي وڌيا ته اڳيان منوداس ٻنيان واڻيو سنسارام ڌوُ وڃي هڪ ٻئي مٿان کڏ ۾ ڪريا. ٻنهي کي اهڙو ته ڌڪ لڳو جو ٻئي منٽ ته بيهوش ٿي ويا. جڏهن سجاڳ ٿيا تڏهن واڻيو، منوداس کي ڇرڪ لڳو

آشا ترشنا رُوپي ڪنڊ ۾ ڪري اِئين پيا دانهون ڪن ته هن سنسار ۾ ڪوبه ڀڳوان جي ڀڳتي ڌڪارڻ وارو ڪونهي. سڀ اَنڌا آهن.

درشٽانت. هڪڙي ڏينهن ڀڳوساگر جي سوُرداس واٽئي ٻڌو ته لوپ گانءَ جي ڌرمشالا ۾ رهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جو ڏاڍو عيش آرام آهي سو لٺ لوڻو هٿ ۾ کڻي گانءَ جو رستو وٺي پنڌ ڪندي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اچي لوپ گانءَ جي ويجهو پيو. باقي ٿورو پنڌ ٻيو هو ته اُتي رستو ڇڏائي ويس ۽ جهنگل ۾ منجهي پيو ۽ سڏ ڪرڻ لڳو ته آهي ڪو ٻيو جو پيارو جو مون کي لوپ گانءَ جي ڌرمشالا وٺي هلي؟ اُنهيءَ وقت هڪڙو لوپ گانءَ جو سورداس ڀائي منوداس به اُتي جهنگل ڪرڻ آيو هو تنهن جو اهو آواز ٻڌو سو چوڻ لڳو ته اَدا ڪير آهين؟ تنهن تي ڀڳوساگر جو واٽيو چوڻ لڳس ته مان ڀڳوساگر جو واٽيو آهيان. لوپ گام جي ڌرمشالا ويندس. هتي منجهي پيو آهيان. منوداس واٽئي کان سندس نالو ۽ ذات پڇندو پڇندو سندس آواز جي اوٽ تي پهريان وڃي ٻانهن کان پڪڙي چوڻ لڳس ته اَدا، جيڪي تو اِئين ۾ ٻڌايو سو پورو سمجهه ۾ ڪين آيو. هاڻي ٻڌاءِ ته تون ڪٿي وينو آهين؟ ذات جو ڪير آهين؟ نالو ڇا اٿيئي؟ ڪيڏانهن وڃين؟ واٽيو چوڻ لڳس ته اَدا، ڀڳوساگر جو وينل آهيان، ذات جو واٽيو آهيان، منهنجو نالو سنسارام آهي. لوپ گام جي ڌرمشالا ۾ ويندس. هاڻي ڀلائي ڪري مون کي وٺي هل.

اهو ٻڌي ڀائي منوُداس چيس ته اَدا، پنهنجو نالو ته وري ٻڌائج. واٽئي چيو ته منهنجو نالو سنسارام آهي. ڀائي منوداس نالو ٻڌي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ته گراهڪ

ٻيڻا ڏک مون کي لڳا آهن. هاڻي توهان ويچار ڪريو ته ٽيڻا ڪيئن واپس ڏيندو سانس. ايترو ٻڌي سڄڻ پريمي، واڻئي کي چوڻ لڳا ته هي پائي، ٿيو هاڻي اڍائي روپيه ڪڍي ڇڏينس ته واڻيو چوڻ لڳو ته مري ويندس ته به روپيه ڪونه ڇڏيندو سانس. تنهن کان پوءِ وري منوداس کي چوڻ لڳا ته تون ته ساڌ ٿو ڏسڻ ۾ اچين سو ٽيڻن ۾ ڇو لوڀ رکيو اٿيئي، ڪڍي واپس ڏينس. اُنهيءَ تي منوداس چوڻ لڳو ته هيتري تڪليف ورتم سا مفت ۾؟ مان مري ويندس پر هڪ پائي به ڪونه ڏيندو سانس. جتي ڪاٺو هجيس اُتي ڪاهي. اهو ٻڌي واڻيو پريمين کي چوڻ لڳو ته ڀڳوان جي ڌالي تي اسان ٻنهي کي ڪورٽ ۾ وٺي هلي ڇڏيو. مان اِهو فيصلو مئجسٽريٽ کان ڪرائيندس، جي نه وٺي هلندا ته منوداس کي جيترو ڪونه ڇڏيندس. ايترو ٻڌي اُنهن پريمين مان هڪڙو پراپڪاري ٻنهي سورداسن کي وٺي ويو ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽ اڳيان ٻهاريائين. مئجسٽريٽ اُنهيءَ گرهستيءَ کان پڇيو ته هنن غريب سورداسن کي ڪنهن ماريو آهي؟ گرهستي پريميءَ چيو ته حضور هي ٻئي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا ته مان وڃي اُتي نڪتس. جي مان ڪين نه ڇڏايان ها ته وڙهي هڪ ٻئي کي ماري وجهن ها. مون کي تڪڙو ڪم آهي سو مان وڃان ٿو وڌيڪ جيڪي توهان کي پڇڻو هجي سو پل هنن کان پڇو. مئجسٽريٽ ٻنهي کان بيان وٺي خيال ڪري فيصلو ڏنو ته منوداس اڍائي روپيه واڻئيءَ کي واپس ڏي ۽ ٻنهي کي هفتو هفتو جيل ۾ رکيو وڃي. واڻئي کي سزا اُنهيءَ ڪري ٿي ڏجي جو خبر به هيس ته لوڀ ڳام جا ماڻهو لوڀي ۽ ٺوڳي ٿيندا آهن پوءِ به هي لوڀ ڳام ۾ آيو. فيصلو ٻڌي منوداس اکين ۾ پاڻي آڻي اڍائي روپيه ڇوڙي

ته تون به اُنڌو آهين ڇا؟ سچ ته پڌاءِ ته تون آخر آهين ڪير جو مون کي اچي ڪنڌ ۾ ڪيرايو اٿيئي. منهنجا هڏ گڏ ڀڃي پيا آهن. ٻهي گوڏن مان رت پيو وهي. تڏهن تو پاڻي منوداس چوي ته اُدا جي سچ تو پڇين ته مان نه برابر اُنڌو آهيان، پر توکان وڌيڪ مون کي ڌڪ لڳو آهي. ڏس ته منهنجي ٽوڻين ۽ گوڏن مان رت پيو وهي. پيٽ به ڦسي پيو اُٿم جو تون به اچي منهنجي مٿان ڪري پئين. واڻيو اهڙو ٻڌي هاءِ، هاءِ ڪري چوڻ لڳو ته پنج روپيه به ڏنم ۽ ڌڪ به کاڌم. هي ڀڳوان، هي شهر ئي ڪو اُنڌن جو آهي جو مون لاءِ به ڪٺي اُنڌو موڪليءِ. اهڙو چئي ڌيري ڌيري ڪنڌ کان ٻاهر نڪري منوداس کي زور سان ٻانهن کان پڪڙي چوڻ لڳس ته ڪنڌ ۾ ڪيرايءِ سو ته ٺهيو پر هاڻي اڍائي روپيه ۽ لوٽو ته ڏي. منوداس لوٽو واپس ڏئي چيس ته روپيه اڍائي ته ڪونه ڏيندوسانءِ. هيتڙو جو پنڌ ڪري توکي وٺي آيس سو ڪو پٺين جو نوڪر هوس ڇا؟ واڻئي ٻئي هٿ وجهي منوداس کي قابو جهلي چيو ته ڇگي مڙس جا پٽ پئسا واپس ڏي. منوداس به ڪٺي ٻئي هٿ وڌس. واڻيو منوداس کي ٽنگ کان وٺي هيٺ ڪيرائي مٿان چڙهي زور سان ٻڌي مڪون هڻي چوڻ لڳس ته هاڻي روپيه ڏين ٿو يا نه؟ منوداس وٺي دانهون ڪرڻ لڳو. پريان ٻئي سڄڻ پريمي رستو وٺي پئي ويا. دانهون ٻڌي ڊوڙي اچي ٻنهي کي ڇڏائي پڇڻ لڳا ته اُدا پاڻ ۾ ڇو ٿا وڙهو؟ تنهن تي واڻئي روئي ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي. منوداس به چيو ته برابر اڍائي روپيه، لوٽو ڏنو اٿس. لوٽو مون کيس واپس ڏنو آهي. باقي اڍائي روپيه منهنجي محنت جا آهن جو مان اُن پنڌ وٺي آيو آهيانس. پلجي اچي ڪنڌ ۾ ڪرياسون ته هن جا

پڻي ٿو لنهن کي پيرن نه پوڻ گهرجي. اُنهيءَ گروءَ جي ماءُ جو مان مٿو ڪوڙايان جنهن گرو دوارن منهنجو پرم ناس ٿئو ٿئي اَهڙو گرو ٻاڻ نه چؤراسيءَ ۾ وڃي ٿو ۽ چيلن کي به ٻاڻ سان چؤراسيءَ ۾ وٺي وڃي ٿو.

چوپائي ١ـ ڏن هر هڻن پن شوڪ نہ هر هڻن،
سو گهور نرڪ ۾ پڙ هڻن.
چوپائي ٢ـ ڪن ٻيڪ جڳت ڏيک وڏا لالڪ چڙهائي،
آندر دئت ٻاهر سنت ڏُن بگ جيوُن لڳائي.

تاتپريه ـ جو ٻاهران سنسار جي ڏيکاءَ لاءِ مالهائون پائي، ڀڀوُت لڳائي، جٽا رکائي، وڏا تلڪ ڏئي ٻاهر سنت ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر هن جي اندر ۾ ڀوڳ جي واسنا ۽ پاکنڊ آهي سو جئن بگهه پکي نديءَ تي اکيون ٻوٽي سمادي لڳائي ويٺو آهي ۽ جڏهن مڇي ڏسندو آهي تڏهن جهٽ هٽي اُنکي پڪڙي ٻاهر ڪڍي ويهي کائيندو آهي تهڙي طرح پاکنڊي ساڌو اکيون بند ڪري سنسار کي ٺڳيندو وتي ٿو.

دنيا ڀوندي، ڏسي موند وڏا ديو منائي،
ڇڏي ساچ ڪٽي ڪاچ وڃن پاپ ڪمائي.

مطلب اگياني جيو هت مايا روپي ڀوند کي ڏسي وڃي ديوتائن، سنتن، مهاتمائن کي ارداسون ڪن ٿا ته اسانکي ٻت، ڌن آدي پدارٿ ڏيو. ڀڳتي گڻ روُپي سچ کي ڇڏي وشئن روُپي پدارٿن جو ڪچ ڪٽي وڃي اُنهيءَ مايا سان پاپ ڪرم ڪن ٿا.

انهيءَ مايا سوين گهايا وڏا مير منجهائي،
پڙهيا پنڊت ڪئين وير ڪنن چير ٺڳائي.

تاتپريه ـ هن مايا اننت جيوَن کي گهائل ڪري ڇڏيو

واٽڻي کي ڏنا. تنهن کان پوءِ پوليس ٻنهي کي وٺي وڃي جيل ۾ بند ڪيو.

دوها- گرو جانڪا آنڌلا- چيلا آنڌ نرنڌ،
آنڌي کو آنڌا ملا- پڙا ڪال ڪا ڦند.

منهنجو گرو آنڌو آهي يعني آتم سروپ ۾ لشنا ڪاڻ اٿس تنهن جو چيلو وري آنڌي کان ٻه آنڌو آهي. يعني جنهن کي سچ ڪوڙ ۽ ڌرم ڪرم جو ويچار ڪونه آهي ۽ سنسار جي وشين ڀوڳن ۾ آنڌو ٿيو پيو آهي. جهڙو گرو اوهڙي تهڙو چيلو مورک. سي ٻئي وڃي چوراسي رُڻڻي کڏ ۾ ڪري دک پائين ٿا.

دوها- گرو لوڀي شش لالچي- ڏُٻني ديا لڳاءِ،
کهہ ڪبيرسي آنت کو- سيڏي ڀير پور جاءِ.

ارٿ- گرو لوڀي يعني جيڪو پنهنجن جگياسن کان پئسا گهري يا زوريءَ وٺي، جيڪو صرف پنهنجو مطلب چاهي ۽ شش جي اُڌار ڪرڻ جو ڪو به خيال ڪونه ڪري، جيڪو صرف ٻنڌيان جو خيال ٿو ڪري ته کهڙيءَ طرح جگياسن کان ڌن وٺان؛ ۽ شش آهي لالچي جو چاهي ٿو ته گروءَ کي پائي به نه ڏيان پر پاڻ گروءَ جا ٽپڙ به کڻي وڃان. ڏُٻني معنيٰ مايا سو اهڙي گرو شش کي مايا ڏُٻي ڇڏيو آهي. ڪبير صاحب جن چون ٿا ته آنت ۾ اهي ٻئي يم لوڪ وڃن ٿا

چوپائي- گرو پير هوڪي مانگن جاءِ-
مُول نہ لاڳو تانڪن پايہ.

دوها- ماءُ منڊئون تس گورڪي- جانتي پرم نہ جاءِ،
آپ ڊُٻا پڻ سنڌ ۾- چيلي ديا ٻهاءِ.

گرو سنت ٿي جيڪو پنهنجن جگياسن لٽا پرڀين کان

ڪٿيا ٻي آيو. گروءَ کي پنهنجي ڪٿيا ٻي ڏسي سنگيرت وڏي آدرستڪار سان گروءَ کي وهاري چوڻ لڳو ته پريو، ڪا شيوا هجي ته آگيا ڪريو، گروءَ چيس ته ابا، تون هتي جدا آشرم ٺاهي اچي ويٺو آهين سو اِها ڳالهه سٺي ناهي. هاڻي ٻيهر تون هلي اسانجي آشرم ۾ رهه. هتي ٻيو ڪو شيواداري ڏٺا ڇڏيون ڏروءَ جا اُهي وچن ٻڌي سنگيرت چوڻ لڳو ته سائين، توهان وٽ مايون تمام گهڻيون تيون اچن. هتي مان زالن کي اچڻ اصل ڪين ڏيندو آهيان ۽ مون پرتگيا ڪئي آهي ته ڪنهن ٻي زال جو منهن نه ڏسندس. تنهن ڪري توهان سان گڏ ڪونه هلندس. شش جا اُهي وچن ٻڌي گرو واپس موٽي ويو. ٻنجن ڇهن مهينن ڪانپوءِ اهو گرو ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي وارن کي زالن وانگر ٻڌائي چوٽي ڪري، ٻکل لڳائي سينگار ڪري هڪ مهاسندريءَ جو روپ ڌاري پنهنجي شش سنگيرت جي ڪٽيا جي ويجهو جهنگل ۾ اچي ويهي رهيو. ساوڻ جي موسم هئي. برسات به پئجي رهي هئي. سج لٿي مهل سنگيرت جي ڪٽيا وٽ اچي ويٺو ته سنگيرت چيس ته تون ڪير آهين؟ ڪٿان آئي آهين؟ ڪيڏانهن وينديءَ؟ هتي ڇو ويٺي آهين؟ ايترو ٻڌي سندس گرو زناني آواز ۾ چوڻ لڳو ته مان راڄ ڪنيا آهيان. پنهنجي پتا سان گڏ هن جهنگ ۾ شڪار تي آئي هيس. منهنجي پتا کي شينهن ماري ڪائي ويو ۽ مان ٻن ۾ منجهي توهان وٽ آئي آهيان. هاڻي ته رات ٿي وئي آهي ۽ برسات به ٿي پئي پوي، تنهن ڪري اڄوڪي رات پاڻ وٽ رهڻ ڏيو. صبح جو مان پنهنجي راڄڌانيءَ ڏانهن هلي وينديس.

اهو ٻڌي سنگيرت چوڻ لڳو ته مان زالن کي پاڻ وٽ

آهي. هنن جا ڦٽ پيا ڇڪن ۽ هو رات ڏينهن دانهون پيا ڪن گهڻن ئي وڏن وڏن بادشاهن کي منجهائي ڇڏيو اٿس. ڇترو ٻڌي ٻڌت ۽ ڪيترا ڀڳت سادو ٻلائي ڇڏيائين.

درشٽانت- هڪ رشي پنهنجي گروءَ وٽ رهندو هو جتي ڪيترا گرهستي مائي ڀائي ايندا ويندا هئا ۽ ڌن پدارٿ به پيٽا رکي ويندا هئا. رات ڏينهن ڀنڊارو چالو رهندو هو جنهن غريب انات، سادو مهاتما آيو ويو پيو کائيندو هو. هڪ ڏينهن اهو رشي پنهنجي گروءَ کي چوڻ لڳو ته توهان وٽ گرهستن جو ڏاڍو گوڙ لڳو پيو آهي ۽ مايون به ڏاڍيون گهڻيون ٿيون اچن جنهن ڪري منهنجي ورتي ڀڄن ۾ نٿي لڳي. تنهن ڪري موڪلي آگيا ڏيو ته ڪنهن ٻن ۾ وڃي ايڪانت ۾ ڀڄن ڪريان. پر جي مائن جو اچڻ بند ڪريو ته پوءِ مان هتي ئي رهان. تنهن تي گروءَ چيس ته ابا انهيءَ گوڙ ۽ مائين وچ ۾ پنهنجي ورتيءَ کي پڪو ڪري رهه. هتي آشرم جي سيوا به ڪر ۽ ڀڄن به ڪر. ان تي سنگيرٿ چوڻ لڳو ته نه نه سائين جي خوشيءَ سان آگيا ڏيو ته چڱو نه ته مان وڃان ٿو. ايترو چئي گروءَ کان بنا موڪلائي گروءَ جي آشرم کان ٻه اڍائي ميل پري گهاٽي ٻن ۾ ڪکن جي جهوپڙي ٺاهي وڃي ويٺو. ١٥-٢٠ ڏينهن ڪانپوءِ ماڻهن کي خبر پيئي سو گرهستي شش سندس ڪٽيا تي اچڻ لڳا پر زالن کي اچڻ وڃڻ ڪون ڏيندو هو. مهني ڏيڍ ڪانپوءِ انهن گرهستين به پڪيون ڪٽيائون به ٺاهي ڏنس چوطرف ڦلواڙي لڳارائي ڏنائونس. اها خبر وڃي هنجي گروءَ کي پيئي، سو دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته پنهنجي آشرم جي سيوا ڇڏي جدا آشرم ٺاهي پاڻ پيو ٻوجائي. چڱو ته هڪي سمجهائجي. اهو ويچار ڪري هڪ ڏينهن پنهنجي شش سنگيرٿ جي

ته مهاتما، هي ڇا ٿا ڪريو؟ سنگيرت پاڻ کي ٽڪرڙو ڪٽي هيٺ ڇڏيو ته سندس سڀ ٻن ٽيڙن جي وچ ۾ ڦاسي پئي. پئي همت ٽيڙن ۾ وڄهي مٿي نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر نڪي مٿي پئي نڪري سگهيو نڪي هيٺ پيو لهي سگهي. اهڙي طرح لٽڪندو رهيو. تنهن تي راج ڪنيا جي روپ ۾ گروءَ چيس ته ٻچا، ڪهڙو حال آهي؟ ڪائي تڪليف ته ڪانه آهي؟

اُتي سنگيرت پنهنجي گروءَ جو آواز سڃاڻي چوڻ لڳو ته هي راجڪماري اهو آواز ته منهنجي گروءَ جو آهي سو سچ ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ ايترو ٻڌي سندس گروءَ چيو ته هي پاپي نيچ مان تنهنجو گرو آهيان. منهنجي آڳيا جو نراد ر ڪري زالن کان پڇي اُڇي هتي ويئو آهين. جيءَ تي ته مان زالن جو منهن به نه ڏسندس مان ورڪت آهيان. سو هي پاکنڊي اڄ اهو تنهنجو ورڪتپڻو ڪيڏانهن ويو؟ اهڙي ورڪتپڻي کان تون لٽڪي مرين ته چڱو. هاڻي مان ٽالو کولي پنهنجي آشرم ڏانهن ٿو وڃان. گروءَ جا اهي وچن ٻڌي سنگيرت اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته هي پرڀو، هاڻي مان مران ٿو، ڪرپا ڪري معافي ڏيئي بچايو. مان اوهان کي وچن ٿو ڏيان ته هن کانپوءِ مان توهان جي چرڻن ۾ ويهي پنهنجو جنم سڦلو ڪندس. ايترو چئي زار زار روئڻ لڳو. شش جا ورلاپ ٻڌي گرو ٽالو کولي ٻاهر نڪتو ۽ ڇت تي چڙهي ڇت مان وڏيڪ سرون کوٺي ٽيڙن کي ٽورو موڙي شش کي ٻانهن کان ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين. تنهن کان پوءِ سنگيرت روئي گروءَ جي چرڻن تي ڪري چوڻ لڳو ته هي پرڀو، توهان جي مايا ڏاڍي پربل آهي، ڪرپا ڪري منهنجي رکيا ڪريو. مهاتما سنگيرت کي آشرم ۾ وٺي اچي ڳائين ۽

اڇڻ ڪونه ڏيندو آهيان ۽ منهن ٻه ڪونه ڏسندو آهيان. هاڻي تون آئي آهين ته هي تالو وٺ ۽ هن ٻيءَ ڪٽيا ۾ اندران تالو ڏيئي وڃي رهه، مان ٻه ٻاهران تالو ڏئي ڇڏيندس. سڀ اُپرڻ کان اڳ ڪير ٻه چوي ته تالو نه کولج. جي اهو وچن ڏين ته ڀلي رهه نه ته هلي وڃ.

اهو ٻڌي راج ڪنيا چيو ته ڇڱو مهاراج اهو منهنجو وچن آهي ته مان در ڪونه کوليندس. تنهن کان پوءِ سندس گرو راج ڪنيا جي ويس ۾ ڪٽيا ۾ اندران تالو ڏئي وڃي ويٺو. سنگيرت پڻ ٻاهران تالو لڳائي پنهنجي ڪٽيا ۾ وڃي سمهيو. اَڌ رات ڪالپوءِ جاڳي ويچار ڪرڻ لڳو ته مها سندري پاڻهي مون وٽ آشرم ۾ آئي آهي. آشرم ۾ ٻيو ڪو ماڻهو ٻه ڪونهي. چونه هن مها سندريءَ سان ملجي. اهو ڪوڙو ويچار ڪري ڪٽيا کان ٻاهر نڪري راج ڪماريءَ جي ڪٽيا جو تالو کولي چوڻ لڳس ته راجڪماري در کول. راجڪماريءَ چيس ته مون کي مهاتما ڇڏي ڇڏيو آهي ته صبح کان اڳ ڪنهن کي ٻه در نه کولج. تنهن تي سنگيرت چوڻ لڳو ته سندري، اهو مهاتما مان ئي ته آهيان. جلد ڪر در کول، منهنجي اندر ضروري ڪم آهي. اهو ٻڌي راج ڪنيا چوڻ لڳس ته مهاراج مان در اصل ڪونه کوليندس. اوهان سنت پنهنجي وچن تي قائم رهو. اهو ٻڌي سنگيرت ويچار ڪيو ته هن مها سندريءَ سان ضرور ملڻ گهرجي. پر دروازو لوهه جو ۽ پتيون پٿر جون آهن سو ڪٽڻ ملجي. اهو ويچار ڪري پنهنجي ڪٽيا ۾ اُچي وڏو ڇنڊو ۽ ڪوڏر کڻي راج ڪنيا جي ڪٽيا جي پٺ تي ڏاڪڻ رکي ڇت تي پهچي ڪوڏر سان ڇت کولي ڇنڊي سان چار پنج سرون ڪڍي ڳڙکو ڪري آهستي آهستي اول ٽنگن کي هيٺ لاهڻ لڳو ته راج ڪماري چوڻ لڳيس

ڪري آسڻ ٻڌي نام جي ڌيان ۾ ويٺا. سنت آتمارام ٻه ٥ ٻڄه اُٺي ستسنگ ڪرڻ لڳو. شهر جا پريمي ٻه آيا هئا. ستگرو مهاراج جن به وڃي ستسنگ ۾ ويٺا. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ سوامي جن شهر گهمڻ لڳا. گهمندي گهمندي بزار ۾ ڏسن ته هڪ دڪان تي تمام سهڻا تنبورا رکيا آهن. دڪان واري کان پڇيائون ته تنبوري جي قيمت گهڻي آهي. دڪاندار جواب ڏنو ته ڏهه روپيه. ستگرو مهاراج جن کي تنبوري وٺڻ تي ڏاڍي دل هئي پر دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳا ته پئسا ڪٿان اچن؟ اهو ويچار ڪري اڳتي هلي مارڪيٽ وٽ اچي بيهي رهيا ۽ جتي هڪ سيٺ جي جڳهه ٺهي رهي هئي ۽ مزورن سان بيٺي ڳالهايائين. مهاراج جن کي ڏسي پڇيائين ته مزوري ڪندين؟ ستگرو مهاراج جن پڇيو روز ڪيتري مزوري ڏيندا؟ سيٺ چيو ته هڪ روپيه روزاني مزوري آهي. جي روز تي نه ته سرن جو سٿو بولي ڏيانءِ ۽ اهو اندر ڪٽي ڏي. سرن جو سٿو ڏيکاري سيٺ پڇيو ته گهڻو وٺندين؟ ستگرو مهاراج جن سٿو ڏسي چيو ته سيٺ ڪم ته گهڻو آهي پر توهان کان ڏهه روپيه وٺندس. سيٺ چيو ته پنج روپيه وٺ. آخر سيٺ ستن روپين ۾ سٿو بولي ڏنو.

ستگرو مهاراج جن يڪدم ڪم کي لڳي ويا ۽ ١١ ٻڄه تائين ڪم ڪري اشنان ڪري ٽڪاڻي مان روٽي کائي، ٿورو آرام ڪري وري ٣ ٻڄه اچي ڪم کي لڳا. ٧ ٻڄه تائين ڪم ڪري ٽڪاڻي ۾ اچي ستسنگ ۾ ويٺا. اهڙي طرح ٻن ڏينهن ۾ اهو ڪم ختم ڪري سيٺ کان ٧ روپيه وٺي ويچار ڪرڻ لڳا ته اجا ٽي روپيه ڪٿن ٿا ته ايتري ۾ سيٺ ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته سڀاڻي ڪان وٺي

باسڻن جي صفائي ڪرڻ جي شيوا ۾ لڳايو. اِجهو اُهڙي طرح هن مايا سنگيرڻ کي لتاڙيو.

ڪهي ٽيئُون تَڳا توڙي سرت شبد ملائي،
سچا سنت ڪلاونت وچن جنم مٽائي.

سنسار جي موهه ۾ آشا جا بندن توڙي کو مهاتما، آتم گياني وئراڳي پنهنجي ورتي لام سان جوڙي چوراسيءَ جي چڪر کان ڇٽي ٿو.

اهو پڇن پرماڻن ۾ ارٿ سان سنگت کي ٻڌائي ستسنگ سمايت ڪيائون.

هڪ ڏينهن ستگرو مهاراج جن ۴ بجي صبح جو ڪرمنڊل ۾ اَنگوڇو کڻي حيدرآباد جو رستو وٺي گهمندا گهمندا منجهند جو مٽياريءَ جي شهر ۾ اچي پهتا. شهر جي ٻاهران هڪ سندر باغيچو هو. هڪ اَنب جي وڻ هيٺان ٿورو آرام ڪري ۳ بجي وري پنڌ پيا ۽ رات جو ۸ بجي اچي حيدرآباد پهتا. شاهي بزار وٽي گهمندا ٿي ويا ته ڏٺائون ته هڪ ٺڪاڻي ۾ ستسنگ پئي ٿيو. ۲۰-۲۵ ماڻهو ويٺا هئا. سنت صندل تي ويهي ستسنگ ڪيو. ستگرو مهاراج جن به سنت کي نمسڪار ڪري ستسنگ ۾ ويهي رهيا. ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ جڏهن ستسنگ سمايت ٿيو ۽ سڀئي ماڻهو پرساد وٺي گهر ويا ته سنت آتمارام ستگرو مهاراج جن کان پڇيو ته توهان ڪٿي ويٺا آهيو، هتي ڪٿان آيا آهيو؟ هتي رهندا آهيو ڇا؟ روٽي کائيندا؟ ستگرو مهاراج جن سنت کي ٻڌايو ته مان ڪنڊيءَ جو ويٺل آهيان ٻئي ڏينهن هتي گهمڻ آيو آهيان. تنهن تي سنت مهاراج جن کي چيو ته پني آيا، روٽي کائي هتي ورانڊي ۾ سمهي پئو. ستگرو مهاراج جن روٽي کائي ورانڊي ۾ سمهي پيا. صبح جو ۴ بجي اُٿي ڏنڊڻ اشنان

منٽ ۾ آرام اٿو ڏئي. ستگرو مهاراج جن مزورن کي چوندا
هئا ته ڀائي سيٺ برابر ڏسي ڪونه ٿو پر ڏسڻ وارو ڀڳوان
ته وينو ڏسي. تنهن ڪري هميشه سچائيءَ سان ڪم ڪرڻ
گهرجي، ايترو ٻڌي سڀيئي وڃي ڪم کي لڳندا هئا. اهڙي
طرح مهاراج جن ٽي ڏينهن ڪم ڪري سڀ لٿي مهل سيٺ
کي چوڻ لڳا ته سڀاڻي کان وٺي مون کي ضروري ڪم آهي
سو ڪونه اچي سگهندس. هنن ٽن تاريخن جا پئسا ڏيو.
سيٺ چيو ته اَبا، اسان مهنو ڪن توکي ڪونه ڇڏيندا سون.
سڀاڻي کان وٺي سوا روپيه ۽ روٽي ڏيندا سون. جيسين جڳهه
نهي تيار ٿئي تيسين ڪم ڪر. ستگرو مهاراج جن چيو ته مون
کي ٻيو ڪم ڪرڻو آهي تنهن ڪري مان ڪونه ايندس.
ستگرو مهاراج جن جو اهو جواب ٻڌي سيٺ کين ٽي روپيه
مزوريءَ جا ڏنا ۽ چيائين ته ڪم لاهي وري ۾ اسان وٽ
اَچج. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن هٿ منهن ڌوئي بزار
مان تنبورو وٺي ٽڪاڻي ۾ اَچي ستسنگ ۾ ويٺا. ڏٺائون
ته هڪ نئون مهاتما يڪتاري ۽ ڪرتالن تي وينو ڳائي ۽
ڀائو آتمارام وينو ٻاجو وڄائي ستگرو مهاراج جن نمسڪار ڪري
اچي ڌوڪڙيءَ جي پاسي ۾ ويٺا. سنت ڳائي بس ڪئي
ته ڀائو آتمارام مهاراج جن جي هٿ ۾ تنبورو ڏسي چوڻ لڳو
ته اڄ نئون تنبورو وٺي آيا آهيو، توهان به ڳائيندا آهيو
ڇا؟ مهاراج جن چيو ته ٿورو گهڻو ڀڄن ڪبو آهي. ڀائي
آتمارام چيو ته ڏاڍو چڱو، اوهان به هڪ ڀڄن ٻڌايو. مهاراج جن
تنبوري تي پريم ۽ وئراڳ مان هڪ ڀڄن ڳائڻ لڳا. جڏهن
ڀڄن ڳائي بس ڪيائون تڏهن ساري سنگت ڀائي آتمارام کي
چوڻ لڳي ته هن ساڌ کي چئو ته هڪ ٻه ڀڄن ٻيو به ٻڌائي.
ڀائو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته ڏاڍو سٺو ڀڄن ٻڌايو اٿوَ،
هڪ ٻه ٻيو به ٻڌايو. ستگرو مهاراج جن هڪ ٻيو به ڀڄن ڳاتو.

اڄي روز مزوريءَ لئي ڪم ڪر. هڪ روپيه روز به ڏيندس ۽ روٽي به کارائيندو سانءِ. تون ڪم جو چڱو آهين. ستگرو مهاراج جن چيو ته چڱو، سڀاڻي صبح جو اچي ڪم لئي چڙهندس. سيٺ سان پڪ ڪري نڪتي تان هٿ منهن ڌوئي ٽڪاڻي ۾ اچي ستسنگ ۾ ويٺا. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ ستگرو مهاراج جن روٽي کائي آرام ڪرڻ لڳا ته ٻائو آلمارام چوڻ لڳو ته اٻا، توهان ڪي ٻئي ڏينهن ته ٿي ويا، ڪوٺ ڪڏهن ويندا؟ تنهن تي ستگرو مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته مان اڃا سڄو شهر ڪونه گهميو آهيان، اڃا ٻه چار ڏينهن رهندس. جي رهڻ ڏيو ته مهرباني نه ته ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهندس. ٻائي چيو ته ٻه چار ڏينهن ڇو، ڀلا سو ڀلي رهو، پر صبح جو سوير پاڻي ڀريو، ٽڪاڻي جي ٻهاري ڏئي پوءِ ڀلي شهر گهمڻ وڃجو. ستگرو مهاراج جن چيو ته چڱو. ايترو چئي وڃي آرامي ٿيا.

صبح جو ٣ بجه اٿي پاڻي ڀري، ٻهاري پائي، ڏندڻ پاڻي اشنان ڪري آسڻ ٻڌي اڀياس ۾ ويهي رهيا. صبح جو ستسنگ ٻڌي ڪڙاهه پرساد وٺي ٧ بجه ٽڪاڻي مان نڪري شهر مان گهمندا ٨ بجه سيٺ جي جڳهه تي پيا مزور هڪ تغاري کڻي اچن ته مهاراج جن اُنهيءَ وچ ۾ ٻه تغاريون ٻيا کڻي اچن. سيٺ ستگرو مهاراج جن جو ڪم ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا.

سيٺ روٽي کائڻ لاءِ گهر ويندو هو ته ٻنيان مزور ڪم ڇڏي ويهي ٻيڙيون ۽ سلفيون ڇڪيندا هئا. ستگرو مهاراج جن کين چوندا هئا ته ڀائي صاحبو، هاڻي اٿي ڪم ڪريو ته مزور چوندا هئا ته ڀائي، سيٺ ته آهي ڪونه ٿڌهن ڀلا ٿورو آرام ڪريون. توهان به ڏسو پيا ته سيٺ ڪنهن کي هڪ

هرڪو ويهي رهيو ته پاڻهي مهر ڪري اچي درشن ڏيندا.
هوڏانهن ستگرو مهاراج جن صبح جو گدو بندر جو رستو وٺي اچي گدو بندر پهتا. گدو بندر گهمي، درياهه ۾ اشنان ڪري ڪناري تي آسڻ ٻڌي، سماڌي لڳائي ويٺي ۽ ڪي پنهنجي شڌ سروپ ۾ استٿت ڪيائون. ١١ بجه سماڌيءَ مان اُٿيا ۽ هڪ پريمي اچي ڪائن خبرچار پڇڻ لڳو. ستگرو مهاراج جن ٻڌايس ته مان ڪنڌڪوٽ مان حيدرآباد ۾ گهمڻ آيو آهيان. توهان ٻڌايو ته ڪٿي رهندا آهيو. پريميءَ چيو ته مان هتي گدو بندر ۾ رهندو آهيان ۽ دڪان جو ڪم ڪندو آهيان. هر روز سنت هرداس رام جي ستسنگ ۾ شام جو ۴ بجه ويندو آهيان. سنت هرداس رام وڏيءَ ڪمائيءَ وارو آهي. اهو ستگرو مهاراج جن چيس ته مون کي اُنهيءَ سنت جو آستان ڏيکاريو ته سنت جو درشن ڪري پوءِ حيدرآباد وڃان. پريمي مهاراج جن کي سنت هرداس رام جي آستان تي وٺي آيو.

ستگرو مهاراج جن سنت کي نمسڪار ڪري ويهي رهيا. سنت جي پڇڻ تي کين ٻڌايائون ته ڪنڌڪوٽ جو ويٺل آهيان. حيدرآباد گهمڻ آيو آهيان. سهج سڀاءِ هن پريميءَ سان درياهه تي ملڻ ٿيو. اوهان جو نالو ٻڌي چيم ته درشن ڪري اچان. سنت هرداس رام کين چيو ته ڀلي آيا. رسوئي ڪري، آرام ڪريو، شام جو ۴ بجه ستسنگ ٿيندو. اوهين ٻچار ڏينهن هتي ئي رهي پئو. مهاراج جن چيس ته رهي ڪو نه سگهندس، باقي ستسنگ ٻڌي پوءِ موٽي حيدرآباد ويندس.

رسوئي کائي، منجهند جو آرام ڪري ٣ بجه ڀڳت هرداس رام وٽ وڃي پريم ۽ نمرتا سان پڇڻ لڳا ته سائين، هي سنسار سچ آهي يا اسـت.

راڳ آسا

ٽل- گرو مانگون خزانا ڀڄن دا- هي ننگ لياءِ نندردا.

١- آش ولدي گر تو در آئي- سؤرن مون لهه سيج وڇائي،
دارون ڏي ڪو درد دا.

٢- ستگور تو در ڪريان نيزاري-
منهنجي من جي ميت مونجهاري،
کول اَندر دا پڙدا.

٣- پائي پلؤمان پل پل پڪاريان- هر هر توتان تن من واريان،
هات گهماءِ مهر دا.

٤- کهي ٽيئون ڪر جوڙ اَرداسا- ڪرپا ڪري گور پرڪاشا،
سيتل ڪر مون هردا.

پوءِ هڪ ٻه ڀيو ڀڄن ڳائي ارت به ڪري ٻڌايائون. ساري سنگت پريم ۾ مست ٿي جهوُلڻ لڳي. رات جو ٩ اَڇي لڳا. ستسنگ ڪانپوءِ ڀائي آتمارام مهاراج جن کي چيو ته ڀڳت صاحب اسان کي نه خبر ئي ڪانه هئي ته توهان به ڪو ڀڄن ڳائيندا آهيو. توهان جو ستسنگ ٻڌي ڏاڍو آنند آيو آهي. سڀاڻي به هن سنت ڪانپوءِ اوهان ڪيرتن ڪجو. سڀاڻي کان پاڻي ڀرڻ ۽ ٻهاري پائڻ جي شيوا ٻئي کي ڏيون. ستگرو مهاراج جن چيو ته توهان وٽ ٻئي ڏينهن ڏاڍي آنند سان رهيو آهيان ۽ شهر ۾ گهمي ڏٺو اٿم. سڀاڻي پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جو ارادو اٿم. اهو ٻڌي ڀائي آتمارام هٿ جوڙي سوامي جن کي ٻچار ڏينهن وڌيڪ رهڻ لاءِ وينتي ڪئي. سوامي جن سندن پريم ڏسي رهڻ قبول ڪيو. هوڏانهن ڪنڌؤءِ ۾ سوامي جن جي ڏاڍي سار ٿي. هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا پر خبر نه ڪنهن کي به ڪانه هئي. نيٺ سنتوش ڪري

جو اوهين ٻه ستسنگي آهيو. تنهن کان پوءِ اُڌ ڪلاڪ کن ڏرياهه
تي گهمي مهاراج جن اچي ستسنگ ۾ ويٺا. آرتوار جي
ڏينهن حيدرآباد مان به گهڻي خلق آئي هئي. ستسنگين
پڇن ڪري جڏهن بس ڪئي تڏهن سنت هرداس رام
مهاراج جن کي چيو ته هاڻي توهان ڪجهه ٻڌايو. ستگرو
مهاراج جن ڪتارو ڪٽي ستسنگ ڪرڻ لڳا. وهدانت جي
پرڪريا هلائي پڇن ڇوڙڻ لڳا.

کستوري سي مرگهه ڪي مانهين-
بن کنڊ کوجت سُونگهت تانهين، هوءِ رهيا حيرانا.

جئن هرڻ جي نابيءَ ۾ کستُوري رهندي آهي پر هرڻ
انهيءَ سڳنڌ کي ٻن ۾ گاهه، ٻُوٽن ۽ وڻن جي پنن ۾ ڳوليندو
آهي ۽ حيران ٿي چوندو آهي ته اهو سڳنڌ وارو گاهه ڪٿي
آهي جو مان کائي آنند وٺان، تئن هن جيوَ جي اندر آتما
سک روپ رهي ٿو پر هي جيوُ سنسار رُوپي ٻن ۾ وشئن
ڀوڳن رُوپي پدارٿن ۾ انهيءَ سک کي ڳولي ٿو ۽ ڳوليندي
ڳوليندي ٿڪجي پوي ٿو پر ڪين اهو سک پراپت نٿو ٿئي.

ساوڪ- جئسي مرگها مارو ٿل ڪو-
نير ديک هرشاتا هئه،
دوڙ دوڙ کي وياڪل هوتا-
ايک بُوند نهين پاتا هئه.

جئن هرڻ رڃ کي پاڻي سمجهي خوشيءَ مان ڊوڙندو
آهي ته پاڻي پي پياس مٽايان پر ڊوڙي ڊوڙي پران نڪري
ويندا اُتس پاڻي ڪونه ملندو اُتس ڇو جو سورج جي ڪرڻن
ڪري رڃ ۾ هنڪي پاڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر واستوءَ ۾ پاڻيءَ
جي هڪ بوند به ڪانه آهي. تهڙي طرح هي اگياني جيوُ

سنت هرداس رام چوڻ لڳو ته ابا، ڪٿي چئجي ته
سنسار ست آهي يا اَست. جي چئون ٿا ته ست آهي ته
ڪوبه پدارٿ ست ڏسڻ ۾ اٿو اچي، جي چئون ٿا ته اَست
ته هي سڀ پدارٿ- شهر بازارين، ندين، پهاڙ، باغ باغيچا
پرتڪش ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي سڀ اسان کان اڳ به ڏسي
ويا، اسين به ڏسون پيا ۽ اسان کان پوءِ به ڏسندا. انهيءَ
ڪري سنسار اَست به ڪونهي. سنسار نالو آهي نام روپ
جو، سو نام روپ ته مٿيا آهن. آتما ۾ سنسار آهي ئي ڪونه.

اهي وچن ٻڌي مهاراج جن چوڻ لڳا ته سائين چئو ٿا ته
سنسار ست به ڪونهي، اَست به ڪونهي تڏهن باقي ڇا
ڪري سمجهون. ڀڳت هرداس رام جن چوڻ لڳا ته ابا هي
سنسار ڪلپت آهي يعني ڏسڻ ۾ اچي پر هجي نه. مرگهه
ترشنا جو جل، نوڙيءَ ۾ نانگ، سپيءَ ۾ چاندي، سپني
جا پدارٿ ۽ آڪاس ۾ نيلتا اهي سڀ آهن ڪونه پر ڏسڻ
۾ اچن ٿا. ٺهڙي طرح هي سنسار ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر آهي
ڪونه. انهيءَ تي وري ستگرو مهاراج جن چيو ته سائين جي
چئو ٿا ته آهي ڪونه ته مٿيا يعني اَست ٿيو. سنت هرداس رام
چيو ته جيئن نوڙيءَ ۾ نانگ ٽيستائين ڏسڻ ۾ اچيٿو جيستائين
نوڙيءَ جو پورو پورو گيان نه ٿيو آهي. جنهن وقت نوڙيءَ
جو گيان ٿيو تنهن وقت اهو نانگ ئي نه رهيو. نڪو ٻاهران
آيو هو نڪو ٻاهر ويو. پر نوڙيءَ جو روپ ٿي ويو. ٺهڙي
طرح هي سنسار ٽيستائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيستائين آتم گيان
نه ٿيو آهي. آتما جي گيان ٿيڻ بعد هي سنسار آتما جو روپ
ٿي وڃي ٿو. توهان جي شنڪا ٻڌي مان ڏاڍو خوش
ٿيو آهيان.

شام جو توهان به ستسنگ ۾ چار وچن اسان کي ٻڌائجو

راڳ ڪنيات

ٽل- ڪري ستگر رکـي شرڌا - سڀو سودو وڻڻ گهرجي،
ڏيئي لـن من سندي ڏکڻا - وڪارن کان هٽڻ گهرجي.

١- شبد صابـڻ ڪٽي سنگـہ ۾ - ٻڌي ڪپڙو ڌوئي گنگہ ۾،
رڱي لنهنکي برہ رنـگ ۾ - گڻن جو چِت چٽڻ گهرجي.

٢- لڌي لعل ٻـري مٺڪي - ڀلـي ڪڙميءَ جيئن سٺڪي،
وچاء نـا سواس لڻئن ڀڪي - سمي هن ۾ ڪٽڻ گهرجي.

٣- اُٺي شب ڪرم جو ڦل سڪہ - ملي ڪب ڪرم جو ڦل دڪہ،
آهي ويدن سندو هي رخ - سيـاڻن ڪـي مڃـڻ گهرجي.

٤- ڪهي ڏيئون سمجهہ پياري - وڻج وٽ نـام جو ساري،
خنجر گر گيان جو ڌاري - ٻنڌن جڳہ جو ڪٽڻ گهرجي.

اهو ڀڄن ٻائي بس ڪيائون تہ ساري سنگت چوڻ لـڳي تہ سائين ڪلاڪ کن اچا ٻہ وڌيڪ ستسنـگ ڪريو. تنهن تي ڀـائي آتمارام چيو تہ پروگرام ١٠ بجہ تائين هو. هاڻي ١١ اچي لـڳا آهن. سو هاڻي ستسنگ سماپت ٿا ڪريون. وري سياڻي وڌيڪ ٻڌجـو ۽ ٻين کي بہ وٺي اُچجـو. سياڻي لائوڊ اسپيڪر بہ لـڳائينداسون.

صبح جو آسادي وار ٻڌي ٻائي آتمارام کي چيائون تہ اسان ٻڌو آهي تہ ڀائي ڪونورام جي باغيچي ۾ سنت رهندا آهن سو مان سنتن جو درشن ڪري ٿو اچان. روٽيءَ جو خيال نہ ڪجو. ايترو چئي شهر کان ٻاهر نڪري قليليءَ جو ڪنارو وٺي گهمندا ڀائي صوڀراج جي باغيچي ۾ آيا جتي سنت مهاتمائون رهندا هئا. انهن سنتن جو درشن ڪري پوءِ ڀائي ڪونورام جي باغيچي ۾ اچي سنتن جو درشن ڪيائون. اُتي ٽيهہ چاليهہ سنت رهيل هئا. سڀني سنتن جـو درشن

هرڻ وانگي سنسار جي پدارٿن روُپي رڃ ۾ ڦاٿي روُپي سک سمجهي ڏينهن رات ڊوڙي ٿو پر اَنت تائين اُنهن پدارٿن مان رتي ماتر به سک جي پراپتي نٿي ٿئيس؛ ڇو جو اُنهن پدارٿن ۾ سک آهي ئي ڪونه. جنهن سک کي هي جيوُ چاهي ٿو، سو سک هنجي اندر موجود آهي. پر جيئن پوُرن ستگرو رستو نه ڏيکاري تيسين ڪيترا به ڪٽي اُپاءَ ڪري پر لڌهن به آتم سک جي پراپتي ڪانه ٿيندس. انهيءَ وشئه تي ستگرو مهاراج جن پڇن ڪري بس ڪيو ته ستسنگ ڪانپوءِ سنگت سنت هرداس رام کي چوڻ لڳي ته هي ساڌ ڏاڍو گيانوان، وئراڳي ٿو ڏسجي. توهان وٽ ڪڏهن آيو آهي. هن کي هفتو کن پاڻ وٽ رهائجو ته اسين به حيدرآباد مان روز ستسنگ ٻڌڻ ايندا سون. سنت هرداس رام ستگرو مهاراج جن کي هفتو وڌيڪ رهي ستسنگ ڪرڻ لاءِ چيو.

تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته سائين، توهان سڀني جو پريم ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. پر هن وقت ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ لٿل آهيان، اُتي پريمين کي ستسنگ جو وقت ڏنل آهي. تنهن ڪري هاڻي حيدرآباد وڃبو. اَن جل هوندو ته اچي اوهان جو درشن ڪندس. ايترو چئي سنت هرداس رام کان موڪلائي حيدرآباد ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ پهتا. جل پان ڪري تنبوُرو کڻي ستسنگ شروع ڪيائون. پريمي ايترا ته آيا هئا جو ٽڪاڻو نه پڄي ويو پر ڪيترا بازار ۾ ويهي ٻڌڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن تمام پريم ۽ وئراڳ مان ستسنگ ڪرڻ لڳا ۽ هي پڇن چيائون.

ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته موکيه جا گهڻيئي ساڌن آهن پر مکيه چار آهن.

١. سنتن جي سيوا ٢. ستسنگ ٣. وئراڳ ٤. آتم گيان.

ڀائي ڪوڙورام هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته سائين اهي چار ئي ساڌن ڪيئن پراپت ٿيندا. ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته جگياسوءَ پهرين نرمان ٿي شڀ ڪرم ڪري. ٻيو سندس پورب ڪليل هجي تنهن ڪان پوءِ ستسنگ ۽ سنت سيوا پراپت ٿيندي. سنتن جي سيوا ۽ ستسنگ ڪرڻ وئراڳ اُتپن ٿيندو. وئراڳ ڪانپوءِ ستگروءَ جي کوج ڪندو. ستگرو ڪرڻ ڪانپوءِ آتما جو گيان پراپت ٿيندو. آتم گيان بعد موکيه حاصل ٿيندو. اهو ٻڌي ڀائي ڪوڙورام ڏاڍو خوش ٿيو. اُتي رسوئيءَ جي گهنٽي لڳي. ڀوڄن ڪري آرام ڪيو. شام جو ستگرو مهاراج جن اُتي باغ ۾ اَچي ستسنگ ۾ ويٺا. مهاتما آتم پراڻ جي ڪٿا ڪري سماپت ڪئي. ستگرو مهاراج جن ڀائي ڪوڙورام کان موڪلائڻ لڳا ته ڀائي ڪوڙورام چيو ته سائين، هتي ئي ايڪانت ۾ رهي جيڪڏهن ڀڄن ڪريو ته ڪٽيا ڏيانوَ. مهاراج جن چيو ته هيئنر وڃان ٿو. اَن جل هوندو ته ڪنهن وقت اچي رهبو. ڀائي ڪوڙورام کان موڪلائي شام جو ٧ بجي ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ اَچي ڏسن ته سارو ٽڪاڻو پريمين سان ڀريو پيو آهي. مائيڪروفون ۽ ساز صندل تي رکيا آهن. ڀائو آتمارام مهاراج جن کي ڏسي چوڻ لڳو ته جلدي ڪريو جو اڄ ٦ بجي کان وٺي اچي ستسنگي ويٺا آهن.

اول ڀائي آتمارام ڪلاڪ کن ستسنگ ڪيو پوءِ ستگرو مهاراج جن ستسنگ ڪيو ۽ ڌرم جو پرسنگ هليو. چيائون ته هن سنسار اندر ٻياري ۾ پياري وستو ڌرم آهي. ڌرم جي خاطر ڪيترن رشين منين مهاتمائن سيس قربان ڪري ڌرم جي پالنا ڪئي آهي.

ڪري هڪ مهاتما وٽ اچي ويٺا. ڀائي ڪنورام سيٺي سنتن وٽان ٻڌندو ان مهاتما جي ڪٽيا وٽ آيو جتي ستگرو مهاراج جن به ويٺا هئا. ستگرو مهاراج جن کي ڏسي ڇپائين ته اوهين ڪٿي ويٺا آهيو.

ستگرو مهاراج جن چيو ته ڪنڊو ڳوٺ ۾ ويٺا آهيون. هتي حيدرآباد ۾ گهمڻ سانگي آيا آهيون ۽ ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ لٿل آهيون. ٻڌوسين ته ڀائي ڪنورام جي باغ ۾ ڪيترا سنت مهاتمائون رهندا آهن ۽ ڀائي ڪنورام به ڏاڍو پراُپڪاري سنت - سيوي آهي سو چيوسين ته سنتن جو درشن ڪري اچون ۽ ڀائي ڪنورام جو به ديدار ڪري اچون. اهو خيال ڪري ڀائي صوڀراج جي باغيچي مان گهمندا هتي آيا آهيون. ڀائي ڪنورام توهان آهيو ڇا؟ ڀائي ڪنورام مشڪي چيو ته هن داس کي ڪنورام چوندا آهن. ڀائي ڪنورام پڇيو ته ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ توهان ستسنگ ڪندا آهيو ڇا؟ ٻڌو اٿم ته اُتي هڪ وئراڳي ساڌو آيل آهي ۽ ستسنگ ڪندو آهي. ستگرو مهاراج جن چيو ته برابر اسان ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ ستسنگ ڪندا آهيون. باقي ٻه راتيون رهي پوءِ ڳوٺ ويندا سون. توهان به اڄ ستسنگ ۾ اچجو ايترو ٻڌي ڀائي ڪنورام چيو ته اڄ ضرور اچبو. توهان هاڻي هتي ئي سنتن سان گڏ رسوئي پاڻي ڪري آرام ڪجو. شام جو هڪ منڊليشور مهاتما ستسنگ ڪندو آهي. انجو ستسنگ ٻڌي پوءِ پنهنجي شهر ۾ وڃجو. ان بعد ڀائي ڪنورام مهاراج جن کي ونئي پنڊارو، ڪنواري جي جاءِ، گئوشالا گهمائي جنهن ڪٽيا ۾ پاڻ رهندو هو تنهن ڪٽيا ۾ رکيل کٽ تي ويهاري چوڻ لڳو ته هي ٻڌايو، موکيه جا ڪهڙا ساڌن آهن؟

اشنان ڪري، سنتن، مهاتمائن ۽ مندرن جو درشن ڪري رات جو ستسنگ ڪيائون. ٻئي ڏينهن صبح جو ڀائي آتمارام کان موڪلائي لنبوُ رو ڪلهي تي کڻي پيرين پنڌ روانا ٿيا. ١١ بجه مٽيارن جي شهر جي ٻاهران جنهن باغيچي ۾ ايندي وقت آرام ڪيو هئائون تنهن ۾ ساڳئي انب جي وڻ هيٺان اچي ويٺا. مٽيارن جي شهر جو ٺڪر صوبراج جو ستسنگي وديارٿي، سنت - شيوي هو سو باغيچي ۾ اچي نڪتو ۽ ستگرو مهاراج جن کي ڏسي چوڻ لڳو ته توهان ڪٿي جا ويٺل آهيو ۽ ڪيڏانهن ويندا؟ ستگرو مهاراج جن چيو ته ڪنبڙ جو ويٺل آهيان. حيدرآباد گهمڻ ويو هوس. هاڻي موٽي ڪنبڙ تو وڃان.

ٺڪر صوبراج مهاراج جن کي چيو ته ڪرپا ڪري اسان جي اڱڻ تي هلو. روٽي ڀاڄي کائي آرام ڪريو. شام جو ڪي چار وچن اسان کي ٻڌائي سياڻي ٻوٽ وڃجو. ستگرو مهاراج جن چيو ته توهين اسان کي سڃاڻو ٿا ڇا؟ جو چئو ٿا ته ستسنگ ڪريو. تنهن تي ٺڪر صوبراج چوڻ لڳو ته ڀالو ته توهان جو اڳ ۾ ٻڌو آئٿون. تنهن سواء

ڀڳت ڪر پاتال ۾ - پرگهٽ هوت آڪاس،
رجب تينون لوڪ ۾ - ڇپي نه هرڪا داس.

ڀلي ڪو ٻريوءَ جو ڀڄن، جهنگلن ۾، پهاڙن جي غفائن ۾ اُتوا پاتال ۾ ڪري پر رجب چوي ٿو ته اهو ٻريوءَ جو پيارو ڀڳت لڪي ڪين سگهندو. جئن عطر جي دڪان وارو عطر جي شيشيءَ کي ڪيترو به ڪبٽ ۾ بند ڪري رکي ته به سندس دڪان تي عطر جي خوشبوء ضرور ايندي، تئن توهان جي درشن سان توهان مان وئراڳ ۽ ٻريوءَ جي ڀڳتيءَ جي سڳنڌ اچي ٿي. ٺڪر جو ٻريم ڏسي سواميءَ جن سندس

شوي ڌڌيچ هريچند نريشا ـ
سهي ڌرم هت ڪوٽ ڪليشا ،
رنت ديو ٻل ڀوپ سجانا ـ
ڌرم ڌريو سهه سنڪٽ نانا ،
ڌرم نه دوسر ستيه سمانا ـ آگم نگم پران بکانا .

مطلب ته راجا شوي، ڌڌيچ رشي، راجا هرشچندر، راجا رنت ديو، راجا ٻلي آد اننت دک ڪشٽ سهاري ڪيا پر پنهنجي ڌرم کان نه هٽيا. گرو تيغ بهادر، گرو گوبند سنگهه سندن ٻچن آدي پنهنجا سر ڌرم مٿان قربان ڪيا. ويد شاستر سڀئي پراڻ ائين ٿا چون ته ڌرم جي سمان ٻي ڪا اهڙي وستو ڪانهي. سيڪو پنهنجي پنهنجي ڌرم ۾ رهي سچ جو ونهوار ڪري. ڌرم جا ڏهه انگ آهن. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن هي ڀڄن ڳايو.

راڳ پهاڙي

ٽل- ڌرم سنالن سار- دل ڌر اپني ڌرم سين.
١- اؤر ڌرم سين چيت هٽا ڪي- اپني ڌرم سين دل ڪولاڪي،
گيتا گيان ويچار- رهئي اپني شرم سين.
٢- ڌرم جسي ۾ لن هئه ڌارا- ڌرم اسي ڪو ڌرلي پيارا،
ڌرم هيت سر ڊار- موه نه ڪر اپني چرم سين.
٣- پشو پنڇي ڪي سهسر ذاتي- اپني اپني بولت ٻالي،
آلم شڪتي سنڀار- مڪت پاء اپني مرم سين.
٤- ڪهي ٽيئون لن لوڪن مانهين- ڌر سنالن سر ڪو ناهين،
پرم ٻدارت چار- پايو اپني ڪرم سين.

ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.
صبح جو لوٽو انگوڇو کڻي قلميءَ جي رشي گهاٽ تي

ستگرو مهاراج جن جيو کي برابر هي جيوُ اُبناسي موکش روپ آهي پر ڀرم ڪري جو منجهس جيوَ پڻو پيو آهي انهيءَ کي مٽائڻو آهي.

جيو ڪو سڇُ روپ اَت آنند گهن ويد -
تانکي سک پراپت ڪو اسمي بکاني ،
آگي جو اپراپت وستوُ تانکي پراپت سنڀوت -
نت هي پراپت ڪي تو پراپت ڪم جانيئي ،
اُئسي شنڪا لين آن ڪيجي نه وشواس هان -
گور ڪي پرساد ڏي ڪُتڪ پلي پانيئي ،
ڪر ڪو ڪنگن ڪوئيو آئسو ڀرم پيو جنهن -
گيان تي ملت اهه پراپتي جانيئي .

ارٿ - جيوُ جو ست چت آنند سروپ آهي تنهن جي سک لاءِ ساڌن ۽ گرو ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. ڇاڪاڻ ته ڪا وستوُ پاڻ وٽ نه هجي ته پوءِ انهيءَ جي پراپتي لاءِ ڪوشش ڪجي. پر جا وستو سدائين پنهنجي گهر ۾ موجود آهي تنهنجي پراپتيءَ لاءِ ڇو يتن ڪجي. تنهن تي ستگرو فرمائين ٿا ته اهڙي شنڪا آئي ڀڳوان جي ملڻ جو وشواس ناس نه ڪجي. ستگورن جي ڪرپا سان جيڪا شنڪا هجي سا دور ڪجي.

درشٽانت - هڪ راجڪمار کي اڌ لک جي ملهه وارو هيرن جو ڪنگڻ ٻانهن ۾ پيل هو. پنهنجي ڪمري ۾ اندران دروازو بند ڪري سمهي پيو. ننڊ ۾ پاسو ورائيندي ڪنگڻ ٻانهن ۾ مٿي چڙهي ويس. صبح جو جاڳي ڏسي ته ٻانهن ۾ ڪنگڻ ڪونهي. پهريدارن کي چوڻ لڳو ته منهنجو ڪنگڻ الائي ڪير ٻانهن مان لاهي ويو آهي سو جلد پيدا ڪريو.

اِنجڻ لئي آيا. ٺڪر وڌي سک ۽ پريم سان سندن آدرستڪار
ڪيو ۽ شهر ۾ سوُچدا ڏياري ته شام جو ستسنگ ٿيندو. شام
ٿيندي ئي ڪيترا ستسنگي اچڻ لڳا. مٽيارن جو ڀڳت
ڀلو رام ۾ پنهنجي منڊليءَ سان آيو. ستگرو مهاراج جن وٽراڳه
ئي ستسنگ ڪيو. ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ٺڪر سوڀراج
اُئي ساري سنگت کي چوڻ لڳو ته اڄ پنهنجي شهر جا ڀاڳه
آهن جو ههڙو وٽراڳي سنت پرش پڌاريو آهي. مهاتمائن جو
درشن ۽ ستسنگ ايشور جي ڪرپا کانسواءِ ڪين ملندو آهي.

سُت دارا اور لڪشمي پاپي ڪو ڀي هوءِ -
سنت سماگم هر ڪٿا تلسي درلڀ دوءِ.

مطلب ته پٽ، استري، پدارٿ پاپين کي ۾ ملن ٿا پر
گوسائين تلسيداس چوي ٿو ته نشڪامي، نرماڻي، لتو وشين
سنتن جو درشن ۽ ستسنگ پوُرب جي ڀڄن کان سواءِ ڪين
ٿو ملي. ساري سنگت جي ڀارن هن داس جي سنتن کي
اَرداس آهي ته ۾ ٿي ڏينهن هتي رهي امرت روُپي وچن
جي ورکا ڪري اسان جي تتل هردن کي سيتل ڪن.
تنهن تي مهاراج جن چوڻ لڳا ته ٻُوت چڏئي ڏهاڙا ڏينهن
تي ويا آهن، تنهن ڪري جلد موٽڻ جو ويچار آهي پر توهان
سڀني جو پريم ڏسي هڪ رات ٻي ۾ ٽڪنداسون. وڌيڪ
ٽرسي ڪين سگهنداسون. سنگت خوش ٿي جئه جئڪار
بولائڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن شام جو ٺڪر سوڀراج، ڀڳت ڀلو رام ۽ شهر
جا ۱۹-۲۰ ستسنگي آيا مهاراج کي نمسڪار ڪري اچي
ويٺا. ٺڪر سوڀراج هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هڪ شنڪا
آهي. هي جيوُ اڳه ۾ ٿي موڪه روُپ آهي، پوءِ مڪتيءَ
جي پراپتي لاءِ جپ تپ سادن ڇو ڪري؟

آتم ديو جو درشن ڪرائي ٿو جو اڳ ۾ ئي سندس سروپ هو. مطلب ته موکي ڪي موکيه ڪرڻو آهي. يعني پراپتيءَ جي پراپتي ڪرڻي آهي تنهن لاءِ ستگروءَ جي ضرورت آهي ۽ ستگرو دوارا ويراڳ ۽ وويڪ آد سادن ڪرڻا آهن. سادنن کان سواءِ ڪڏهن به آتم سک جي پراپتي ڪانه ٿيندي.

ستگرو مهاراج جن جا وچن پڌي ٺڪر صاحب جي شنڪا مٽجي وئي. تنهن کان پوءِ رات جو ويدانت جي وشيه تي ستسنگ ڪيائون. صبح جو مٿياريءَ مان روانا ٿيا. ڏهين بجه ڌاري سيڪاٽ پهتا ۽ اڌ ڪلاڪ ڪن هڪ باغيچي ۾ آرام ڪري ڪوهه ٽان پاڻي پي ١٢ بجه ڌاري مهڙن ۾ ڀائي ٻوليگر جي آستان تي اچي پهتا. ٻوليگر، ستگرو مهاراج جن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ آدرستڪار سان وهاري چوڻ لڳو ته سائين، اڄ وڏي ڪرپا ڪئي اٿو جو اچي درشن ڪرايو اٿو. ساري ڳوٺ ۾ مهاراج جن جي اچڻ جي خبر پئجي وئي. ڀڳت مورج رام، ڀڳت لکي رام، ڀڳت شنڪر ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ستگرو مهاراج جن سان ملڻ آيا. رات جو ستسنگ ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو جهنگل ۽ درياهه ٽان گهمي مهاراج جن ٨ بجه ستسنگ شروع ڪيو ته ايتري ۾ ڪنڌوءَ مان ڳوال لال، سروانند، آتمانند، ڀائي ڪيمارام، مهراج هولدلداس، اوم پرڪاش، ڀائي منگهن رام، ڀائي پرمانند ۽ ٻيا ستسنگي ڏندا ۽ يڪتارا کڻي ڀڄن ڪندا ستسنگ ۾ مهاراج جن کي پيرين پئي اچي ويٺا. ستگرو مهاراج جن اشاري سان سندن ستڪار ڪري وهڻ لاءِ چيو. ڳوال لال، سروانند ۽ گرمکداس مهاراج جن جي پنيان ڳائڻ لڳا. پريم اپديش جي وارتا هلي. جڏهن موج ۾ آيا تڏهن چوڻ لڳا ته پريوءَ جي پريم

پھريدارن ڏاڍي جاچ ڪئي پر ڪنگڻ جو پتو نه پيو. تنهن تي راجڪمار پنهنجي پتا سان ڪنگڻ جي گم ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي. راجا پنهنجي وزير کي گهرائي چيو ته ڪنگڻ جي ڳولا ڪريو. وڏو وزير جو تمام عقلمند سياڻو پرش هو تنهن راجڪمار کان پڇيو ته ڪٿي ڪيرايو ته ڪونه اٿيئي؟ ڪٿي لاهي نه ڪونه رکيو اٿيئي؟ تنهن تي راجڪمار چوڻ لڳو ته مان ڪمري ۾ دروازو اندران بند ڪري سيجا تي سمهيس ته ان مهل به ٻانهن ۾ پيل هو. پوءِ مون کي ننڊ اچي وئي. صبح جو اٿي ڏسان ته ڪنگڻ ٻانهن ۾ ڪونهي. خبر ڪانهي ته ڪٿي گم ٿي ويو.

منتري ٿورو ويچار ڪري راجڪمار کي ويجهو سڏيو. آنڪل سان سندس ساڄي ٻانهن تي هٿ ڦيرايائين. ڏٺائين ته ڪنگڻ سندس ٻانهن ۾ ئي پيو آهي. سو راجڪمار کي چيائين ته جي توکي ڪنگڻ لهي ڏيان ته ڇا ڏيندين؟ راجڪمار چيو ته ساري عمر توهان جو ٿورو نه وساريندس. وزير سندس قميص مٿي ڪئي ۽ ڏيکاريائينس ته ڪنگڻ سندس ڏوري ۾ ئي پيو آهي. چيائينس ته پنهنجي هٿ سان ڪنگڻ هيٺ لاهي ساڳي جاءِ تي پيهار. راجڪمار ڪنگڻ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

سڌانت - هي جگياسو استول ديهه روپي ڪمري ۾ موهه روپي رات جو اڀمان روپي سيجا تي، ممتا روپي غاليچو وڇائي، اگيان روپي ننڊ ۾ سمهي پيو آهي. جڏهن ويچار روپي جاڳرتيءَ ۾ اچي ٿو تڏهن چوي ٿو ته مان آتما جي سک کي پايان ۽ انهيءَ سک لاءِ جڏهن يتن ڪري ٿو ۽ ستگور وٽ وڃي ٿو تڏهن ستگرو جگياسوءَ جا مل وکيپ آورڻ جا سڀ پڙدا هٽائي ست چت آنند سک سوروپ

ڏي، سڀ خوش پرسن آهيو نہ؟ توهان کي اسان جو ڪنهن ٻڌايو؟

گوال لال هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ جنهن ڏينهن کان توهان پرڀات جو ڪنڊوءَ مان هليا ويا تنهن ڏينهن کان وٺي مائا ۽ سيٺيءَ ستسنگي پريمي ڏاڍو اُداس ٿي پيا آهن. ٻهريان ٻئي ڏينهن تہ توهان کي ڏاڍو ڳوليوسين تنهن کان پوءِ آئي وٺي کان پئي پڇا ڪئيسين پر پتو ڪو نہ لڳو. اڄ شام جو مهڙن جو هڪ ڀائي پنهنجي دڪان تي آيو انهيءَ کان خبر پيئي تہ اوهان مهڙن ۾ آهيو. سو پاڻ ۾ صلاح ڪري ڀائو ٽهلرام کان موڪلائي اچي اوهان جو درشن ڪيو اٿئون.

ستگرو مهاراج جن کين حيدرآباد جو سمورو احوال ٻڌايو. سيٺي سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ سياٽي ڪنڊوءَ هلو. ستگرو مهاراج جن کين چيو تہ سياٽي هتي آرام ڪريو ۽ شهر گهمي ڏسو. ٻئي ڏينهن سوير ڪري هلنداسون. پوءِ سيٺيءَ وٽي آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن شام جو ڀائي ڀوليگر ۽ ڪن ستسنگين کي ساڻ ڪري گهمندا ڦرندا اچي ڪيمرن جي ڳوٺ ۾ ڀڳت ڏيون رام جي ٽلهي تي اڪتا، جتي ڀڳت چيتن رام سندن آدرستڪار ڪيو. حال احوال ڏيندي ڀڳت چيتن رام، مهاراج جن کي ٻڌايو تہ ڀڳت ڏيون رام جو ميلو لڳائيندا آهن. چنڊ، چوڏس ۽ ترونءَ تي ستسنگ ٿيندو آهي ۽ هر روز ٻه ڀاڻ ۾ ساڌ رس رهاڻ ٿيندي آهي. ڀڳت چيتن رام جي عرض ڪرڻ تي سوامي جن گوال لال ۽ ٻين کان بہ پڇن چوايا. موڪلائڻ وقت ڀڳت چيتن رام کي انهيءَ رات ستسنگ ۾ اچڻ جي نينڊ ڏئي موٽي آيا. رستي ۾ ڀڳت موڙج رام ستگرو مهاراج جن کي ٻڌايو تہ هنن ساڌن جي ٽلهي تي ١٥-٢٠

ڪالسواء هي منش ڀسوڻ سمان آهي. ڀسن کي به ڀنهنجي مالڪ جي ديدار جو پريم ٿيندو آهي. پر جن منش کي ڀڳوان جي درشن جي پياس ڪانهي سي پسن کان به پري آهن. پريم ته سڀني کي آهي.

ساوڪ - پريم جڳت ۾ بهت هئن - پريم بنا نه ڪوءِ ،
ٽيئون ساچا پريم سو - لڳا هري سي هوءِ.

مطلب ته پريم سنسار ۾ سڀني جيون کي آهي. ڪنهن جو ڌن سان، ڪنهن جو تن سان، ڪنهن جو پريم پروار سان، ڪنهن جو ڪاڻ، پيئڻ، پهرڻ سان، ڪنهن جو سرير جي سينگار سان، ڪنهن جو گهوڙ ڦرڻ هوٽل سان، ڪنهن جو ناٽڪ سينما سان.

ڪن جو چاهه چام سان - ڪن جو آ سينگار سان ،
ڪن جو شؤق شراب سان - ڪن جو ماس آهار سان ،
ڪن جو گانجي ڀنگ آفيم سان - ڪن جو چرش چمار سان ،
ڪي ٽيئون سڀئي ڏٺا ڳي - ڪر پريم ست ڪرتار سان.

مطلب ته ڪو به جيؤ پريم کان خالي ناهي پر جڳت جي پدارٿن جو پريم جهوٺو آهي. سنت، ستگورن ۽ ڀنهنجي آتم رام سان جو پريم آهي هو سچو پريم آهي، تنهن ڪري سنسار جو جهوٺو پريم ڇڏي سچو سکدائي پريم پرماتما سان لڳائڻ گهرجي ته انهيءَ سچي آتم سک جي پراپتي ٿئي. پيا به اهڙا پريم جا به چار پدن وبراڳ مان ڳايائون. رات جو ١٢ بجي ستسنگ سمابت ڪري چوڻ لڳا ته جيڪي ٻاهريان مهمان هجن سي پنڌاري ۾ روٽي کائين. تنهن کان پوءِ ساري سنگت پاو پرساد وٺي گهر ويئي. ستگرو مهاراج جن به رسوئي ڪري ڀنهنجي جاءِ تي آيا. گوال لال کي چيائون ته آبا، خبر چار

جو سنگ تياڳي گوروَ مکن، ستپرشن، ڌرماتمائن جو سنگ ڪرڻ گهرجي.

سريشٽ جنون ڪا سنگ ڪرِ، ڪريئي تاس پيار،
پاوينگي پد پرم ڪو، نا تو سرڳ دوار،
نيچ نرن ڪو سنگ ڪرِ، ڀوڳ دُک اپار،
نسچئه جاوي نرڪ ۾، يا تو يم ڪي دوار.

ستپرشن جو ستسنگ ڪندو ته آتم گيان پائي جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽي ويندو. ڀڳتي آد شڀ ڪرم ڪري اُوس سرڳ لوڪ جا ڀوڳ ڀوڳيندو. تنهن ڪري هن منش جو ڪرتويه آهي ته شڀ ڪرمن جو ٻج پوکي، سچ سان پريت رکي، سچ جو وهنوار ڪري، شڌ آهار ڪري شراب، ماس مڇي نه ورتائي، ڇو جو شراب، ماس، مڇي کائڻ هن منش جو ڌرم ناهي. اُن جي کائڻ سان هردو ملين ٿئي ٿو. ملين هردي انت پاپ ڪري هي جيوُ نرڪ ۾ وڃي ٿو.

سلوڪ- ماس مڇلي کات هئه - سُرا پان سي هيت،
تي نر نرڪي جات هئه - مات پتا سميت.

مطلب ته جنهن جو شراب، ماس ۽ مڇيءَ سان ڏاڍو پريم آهي، اهو ماتا پتا سميت نرڪ ۾ وڃي دک ڀوڳي ٿو. ماتا پتا ساڻس الهيءَ ڪري نرڪ ۾ وڃن ٿا جو ننڍي هوندي کان وٺي اُنهن کي ماس تي هيرائين ٿا. انهن ڪري ماتا پتا جو ڌرم آهي ته پنهنجي اولاد جي هر ڪار سان رکيا ڪن ۽ منجهن سٺا سنسڪار وجهن. پاڻ به سدائين ستوگڻي رهي اولاد کي پالين. ڇو جو رجو گڻ مان لوڀ پيدا ٿيندو آهي ۽ تمو گڻ مان ڪروڌ ۽ ڪروڌ ڪري سڀئي ٻج ناس ٿي وڃن ٿا. شراب، ماس تامسي کاڌو آهي، جو بلڪل نه

ٻڪرا هر مهني ٻل چاڙهيندا آهن. توهان جيڪر ڪجهه ماس بابت اُپديش ڪريو ها ته ڏاڍو چڱو ٿئي ها. اها ڳالهه مون ساڌن جي ڏپ ڪري توهان سان اُني ڪانه ڪئي. ستگرو مهاراج جن چيو ته اَبا، تو ڏاڍي ڀل ڪئي جو اُني اسان سان ڳالهه ڪانه ڪئي. هاڻي اڄ رات جو ماس جي باري ۾ ضرور ستسنگ ۾ چرچا ڪبي. اُئين گهمندا ڦرندا سڀ لئي مهل اَچي پنهنجي استان تي پهتا ته ڀائي لالورام اَچي ٻڌايو ته سيڪاٽ ڪيمرن جي ڳوٺ جا اٽڪل ٤٠-٥٠ ماڻهو ٽڪاڻي ۾ اَچي ويٺا آهن. سو ڪرپا ڪري هلو.

ستسنگ شروع ٿيو. اُپديش ۾ چيائون ته منش جو ڌرم آهي يگيه ڪري، تپ ڪري، دان ڪري، ورت رکي نيم اَنوسار سنڌيا گايتري پاٺ ڪري، ڪيرتن جو رٽڻ ڪري ۽ ستسنگ ڪندو رهي. ڀلي ڀلائي ۾ پاپ ڪرم نه ڪري، پاپين، ڪڪرمين جو سنگ نه ڪري، ڇو جو سنگ جو وڏو اثر پوي ٿو. جهڙو سنگ تهڙو رنگ.

سلوڪ ـ جئسي جس سنگت ڪري ـ تئسا تس ڦل لين،
ڪدلي سيپ ڀجنگ مک ـ ايڪ بوند گڻ ڏين.

مطلب ته جنهن منش کي جهڙي سنگت ملندي تهڙوئي هنجو سڀاءُ ٿي ويندو. جئن سواتي نکيتر جي برسات جي بوند ڪيوڙي ۾ پوي ته ڪافور پيدا ٿئي، اِهائي بوند سپ جي وات ۾ پوي ته موتي ٿي پوي، پر جي اِهائي بوند نانگ جي وات ۾ پوي ته زهر ٿي پوي ٿي. جئن ڪو ماڻهو شرابيءَ جو سنگ ڪندو ته شرابي ٿي پوندو، جوئاريءَ جو سنگ ڪندو ته جوئاري ٿي پوندو، چور جو سنگ ڪندو ته چور ٿي پوندو، ماس کائيندڙ جو سنگ ڪندو ته ماس آهاري ٿي پوندو. تنهن ڪري من ـ مکن

गीता अ-४- श्लोक २१

यद्यदाचरति श्रेष्ठस्तत्तदेवेतरो जनः ।
स यत्प्रमाणं कुरूते, लोकस्तदनु वर्तते ॥

مطلب ته هي اَرجن، پوڄنيه، يوگيه، سريشٽ پرش جهڙو جهڙو وهنوار ڪن ٿا ته ٻيا منش به اهڙو اهڙو ڪرم ڪرڻ لڳن ٿا.

न मे पार्थास्ति कर्तव्यं, त्रिपुलोकेषु किंचन ।
नानंवाप्तमवाप्तव्यं, वर्त एव च कर्मणि ॥ "२२"

مطلب ته هي پارٿ اَرجن، مون کي ٽنهي لوڪن ۾ ڪنهن به ڪرم ڪرڻ جو ضرور ڪونهي ۽ نڪي ڪنهن پراپت وستو جي اَپراپتي آهي، تڏهن به مان ڪرم ڪندو رهان ٿو.

उत्सीदेयुरिमे लोका, न कुर्या कर्म चेदहम् ।
संकरस्य च कर्ता स्या मुपहन्यामिमाः प्रजा॥ "२४"

مطلب ته هي اَرجن جيڪڏهن مان ڪرم نه ڪريان ته مون کي ڏسي ڪو به جيوُ ڪرم نه ڪندو. سڀ جيوَ ڀرشٽ ٿي ويندا ۽ انهنجو پاپ مونکي لڳندو.

جئن ماتا کي ٻچو پيٽ ۾ آهي يا کير پي رهيو آهي، ته ماتا انهي ٻچي جي تندرستيءَ لاءِ ڪِري ڪندي آهي. جي ڪِري نه ڪندي ته ٻچو روڳي ۽ بيمار ٿي دکي ٿيندو، پوءِ انهيءَ ٻار جي دک ۾ ماتا به دکي ٿئي ٿي. تنهن ڪري سريشٽ پرش يعني ساڌن، ٻاون، براهمڻن کي مڇي ماس کائڻ، جوئا ڪرڻ، شراب پيئڻ آدي ڪو به اهڙو ڪرم نه ڪرڻ گهرجي. سڀني جيون کي پنهنجي اُڌار لاءِ سدائين ست ڪرم ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري ساري سنگت هٿ ٽي ڪٽي ٻهرين اها پرتگيا ڪري ته اڄ کان وٺي ڪٿي به،

ڪائڻ گهرجي. ايترو ٻڌي ڀائي شنڪر ستسنگ ۾ اُٺي هٿ جوڙي مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته سائين، جي ماس مڇي کائڻ پاپ آهي ته ماڻهو ديوتائن لئي ٻڪرن جون ٻليون ڇو ٿا چاڙهين ۽ ساڌ ڇو ٿا کائين.

ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته جيڪي منش ناسونت پدارٿن جي پراپتي لاءِ آستانن لئي ٻڪرن جون ٻليون ٿا چاڙهين سي وڏو پاپ ٿا ڪن. ڇو جو جيتي دان پڃ ڪري پاپ لاهجن اُلٽي پاپ ڪرم ڪجي اها ڪيتري نه اُسمجهه ۽ مونڌتا آهي. اسان ٻڌو آهي ته هتي ٻه ساڌن جي ٽلهي لئي ماڻهو ٻڪرن جون ٻليون چاڙهيندا آهن. سو اُهي نه چاڙهڻ کپن.

ڇند- جوئي پوجنيه يوگيه هووي-
تس نرادر ڪري هئَن،
ٽي نر سوُک ڪهي نهين پاوت-
آنت دکي هو مري هئَن.

مطلب ته ديو ديوين، مهاتمائن جا آستان ستڪار ڪرڻ يوگيه آهن. اُنهن جي ايمان ڪرڻ سان منش دکي ٿي نرڪ ڀوڳي ٿو. اُنهيءَ ڪري سنتن، ديوتائن جي آستان لئي وڃي ڪو به اهڙو پاپ ڪرڻ نه گهرجي. جيڪي ساڌ، براهمڻ، ڀاوا شراب، ماس، مڇي ورتائين ٿا تن کي ٻه پاپ لڳي ٿو. جي يڳتي، دان، پڃ پراپت ڪري اُهي پاپ لاهي ڇڏيندا ته اُنهن کي ڏسي جيڪي گرهستي کائين ٿا تنجي پاپ جو حصو اُنهن ساڌن برهمڻن جي مٿان پوندو ۽ اهو پاپ ساڌ، براهمڻ پراشچت ڪري لاهي نه سگهندو. اُنهيءَ ڪري شري ڪرشڻ گيتا ۾ اُرجن کي چيو آهي ته-

جو هو سنتن جي برخلاف آهن. باقي شامن مل جيڪو توهان
وٽ ايندو آهي تنهن ۾ ماتا کان آگيا وٺي آئي آهيان.
ستگرو مهاراج جن چيو ته پتري، سونا زيور ۽ ريشمي
ڪپڙا ڪين پائيندين، چاڪاڻ ته اُهي وڌوا اِستريءَ کي
پائڻ ڌرم نه آهي. سر جو ڪوبه سينگار نه ڪرڻ گهرجي.
اڇو ڪپڙو پائي سدائين سادگيءَ ۾ رهجي. مڇي ماس نه
کائجي. سادو ڀوڄن اُٺين پهر هڪ ويلو کائڻ گهرجي. من ۾
ويراڳ ڌاري رات ڏينهن ڀڳوان جو ڀڄن ڪري پنهنجو
جنم سڦلو ڪرڻ گهرجي. مائي ريات هٿ جوڙي چوڻ لڳي
ته ڀڳوان، جيئن چئو ٿا تيئن ئي اڄ کان وٺي ڪنديس. ستگرو
مهاراج جن کان گرو منتر وٺي پنهنجي گهر وئي.

مائي ريات گهر پهچي ڳهڻا ۽ ريشمي ڪپڙا لاهي سادا
اَڇا ڪپڙا پائي ايڪانت واري ڪوٺيءَ ۾ ويهي نام جو
اڀياس ڪرڻ لڳي. اِها خبر سندس گهر جي سڀني ماڻهن
کي پئجي وئي. رات جو کيس سڏ ڪري پڇڻ لڳس
ته ڳهڻا لاهي سفيد ڪپڙا ڇو پاتا اٿيئي؟ هن چيو ته سينگار
آهي پتي ديو لاءِ. اڳ ۾ مونکي ڌرم جي ڪا خبر ڪانه
هئي. اڄ ستگرو ڪرڻ کانپوءِ خبر پيئم ته سينگار وڌوا جو
ڌرم ناهي. تنهن تي پڇيائونس ته ڪهڙو ستگرو ڪيو اٿيئي.
مائيءَ جواب ڏنو ته ستگرو ٽيئون رام مهاراج جن کان اُپديش
وٺي ستگرو ڪيو اٿم.

اهو ٻڌندي ئي سندس ڀاءُ موليرام کيس ٻٽي ڏک هٺي
چوڻ لڳو ته مورک تو اسان جي ڪل کي ٻوڙي ڇڏيو. اڄ
کان وٺي سادن جي ستسنگ ۾ نه وڃ ۽ نه وري ڪنهن
کي ٻڌائج ته ڪو مون گرو ڪيو آهي. اها رات مائي ڪاڏي
ٻا وڃي سمهي پئي.

ڪنهن جيوَ جي ٻل نہ چاڙهيندا سون. ستگرو مهاراج جن جا وچن ٻڌي ساري سنگت هٿ ٻڌي اها پرتگيا ڪري ڄڻ جي ڄڻ جئڪار ٻولائي. ڪنهن ڪانپوءِ وري ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا تہ پنهنجي منش چولي جي آڌار لاءِ پرلوڪ جي سڌار لاءِ هٿ ٻڌي ڪري هي پرتگيا ڪريو تہ اڄ کان وٺي شراب، ماس مڇي ڪونہ ورتائيندا سون. سڀني ڪيترن ماڻهن هٿ ٻڌي اها پرتگيا ڪئي. ستگرو مهاراج جن چيو تہ جن اڄ ڏينهن ستسنگ ۾ ماس کائڻ ڇڏيو آهي تن تان اڳيون پاپ ماس کائڻ جو معاف ٿيندو. اسين توهان کي ڏيوتا ڏيون. ان کان پوءِ ستسنگ سماپت ٿيو.

صبح جو ستگرو مهاراج جن ڀائي ٻوليگر ۽ ٻين پريمين کان موڪلائڻ لڳا تہ ڀائي مورج رام ۽ ڀائي شنڪرداس ۽ ڀاري لال چوڻ لڳا تہ هي پريو اسان کي ساڻ وٺي هلو تہ ڪجهہ وقت توهان جي چرنن ۾ رهي سيوا ڪريون، ستگرو مهاراج جن چين تہ ڀلي هلو. ايترو چئي ساري منڊلي سميت پنڌ روانا ٿيا. درياهہ جو ڪنارو ڏيئي جهنگلن جا سير ڪندا ٨ بجے صبح جو ڪنڌ وءِ اچي پهتا.

ستگرو مهاراج جن ماتا کي ٻير ٻس پئي ڀائي ٿهلرام ۽ سنت آلورام سان ملي اچي وينا تہ شهر جا ڪيترا ستسنگي ۽ پريمي بہ اچي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو مائي رياست پرساد ۽ پوڄا جي سامگري کڻي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي اکين ۾ پاڻي آڻي چيو تہ هي پريو، هاڻي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، ڪرپا ڪري درشن جو دان ڏيو، جو چت تمام اداس ٿي پيو آهي. ٻين پاڻ کان مون ڪٿي ڪري ڪولہ ڇپيو آهي

مرنا اپنا ياد کرنا - يہ پلاؤ نا کہي ،
جان من ۾ مرني کا دن - نکٽ آيا هئہ اپي .

مطلب تہ جنهن کي سدائين موت ياد آهي سو جلدي پنهنجي
من کي اسٿت ڪري پرم پد کي پائيندو. اهڙي طرح لت
نيم سان جيڪي ستسنگ ڪندا رهيا تن جي ورتي ڏن بدن
ڀڳتي ۽ وئراڳ ۾ وڌندي رهندي.

هفتو کن پوءِ هڪ ماڻهو مائي ريات جي ڀاءُ موليرام
کي اچي چيو تہ توهان جي ڀيڻ روز ساڌن وٽ وڃي
ڀڄاري پائيندي آهي ۽ باسڻ ملينديِ آهي ۽ ٻي شيوا
ٽهل ڪنديِ آهي. توهان تہ سنتن کي ڪين مڃيندا
آهيو پوءِ ڀيڻ کي ڪئن ٿا موڪل ڏيو؟ موليرام اِهو ٻڌي
چپ ٿي ويو. دل ۾ گهڻو ڏک ٿيس. سڌو گهر اچي ماءُ
کان اچي پڇيائين تہ ريات ڪيڏانهن وئي آهي؟ ماڻس چيس
تہ ابا، ڪنهن پاڙي واريءَ وٽ وئي هوندي. ايتري ۾
مائي ريات بہ ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري گهر آئي
تہ ڀاڻس چيس تہ سچ ٻڌاءِ، ڪيڏانهن وئي هئينءَ؟ ريات
چيو تہ اما کان موڪلائي مهاراج جن جو درشن ڪرڻ وئي
هيس. اهو ٻڌي اَمالڪ ٻئي ڏک هڻي چوڻ لڳس تہ توکي
شرم ڪونهي. تنهن ڏينهن هيترو سمجهايو هوءِ تہ ساڌن وٽ
نہ وڃ. پر تون روزانو اوڏانهن وڃي ڀڄاريون پئي ڏين ۽
باسڻ پئي ملين. سڄي شهر ۾ بدنام ڪيو اٿيئي. تو اسانجي
ڪل کي لڄايو آهي. تو اسانجو ڪنڌ پيچي ڇڏيو آهي.
بزار ۾ ٿا وڃون تہ ماڻهو ميڻا ٿا هڻن. ماءُ کان پڇڻ لڳو
تہ توهان کي ساڌن وٽ وڃڻ جي موڪل ڏني آهي ڇا؟
ماڻس چيس تہ اَبا، هن جي دل اُداس ٿي پئي آهي. ماڻهن
کي ڇا ڪنداسون. ڀل وڃي سنتن جو درشن ڪري. تون
ماڻهن جي چوڻ کي نہ لڳ. سنتن جي پاسي کان روڪڻ پاپ

صبح جو مائيءَ جا پائر ڪپهه جي مشين تي ويا. مائي رپات پنهنجي ماءُ کي چيو ته مان، مون کي موڪل ڏي ته ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري اچان. ماڻس چيس ته ڏيءَ توکي رات ٻه پائرن ماريو آهي ۽ جهلي ويا آٿيئي ته نه وڃ، پوءِ وري ڪڏهن ٿي وڃجن. رپات چيو ته جلدي درشن ڪري اچهو ٿي موٽان. اهترو چئي ستگرو مهاراج جن وٽ اچي پيرن پئي ٻاسڻ ٻهاري ڪرڻ لڳي. ڪلاڪ ڪن شيوا ڪري پنهنجي گهر آئي ۽ هر روز اهڙي شيوا ڪري ايندي هئي.

هڪ ڏينهن ستگرو مهاراج جن سنتن سان گيان چرچا ڪرڻ لڳا ته سنت آلورام چوڻ لڳا ته هي پڳون، من کي وس ڪرڻ ۽ شانتي پراپت ڪرڻ جا ڪهڙا مکيه ساڌن آهن. ستگرو مهاراج جن چيو ته من جي استٿي ۽ شانتيءَ لاءِ ونراڳ ۽ ابياس ٻه مکيه ساڌن آهن. برهم نيشٽي ۽ برهم سروتري پورن ستگرو دواران پوگ جي اُتن اُلگن سهت ترڳڻ اُپاسنا ڪجي ۽ تيبر ونراڳ ڌاران ڪجي يعني سنسار جي سڀني ڀوڳن کان چت سدائين اُپرام هجي.

ساوڪ- برهم لوڪ ليئون ڀوڳ جيون-
چهي سين ڪو تياڳ،
ويد ارٿ گياتا مني- ڪهت تانهه ونراڳ.

مطلب- مرت لوڪ کان وٺي برهم لوڪ تائين جيڪي به سک ۽ ڀوڳ آهن تن سڀني جو تياڳ انهيءَ کي رشي مني، سنت ونراڳ چون ٿا. سو ابياس ۽ ونراڳ اُهي ٻئي ساڌن من کي جيتڻ ۽ شانتي پراپت ڪرڻ لاءِ آهن. ٽيون ساڌن آهي:-

مکي صاحب موليرام کي چيو ته پنهنجي من کي نه ٽپايو، ڪوئي خيال نه ڪريو. اُنهيءَ ڳالهه جو بندوبست ڪنداسون. موليرام پوءِ پنهنجي مشين تي هليو ويو.

ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن درياهه تي اشنان ڪرڻ تي ويا ته هڪ ٻڍي مائي مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته هي سوامي، ڀڳوان جي نالي هن پنگياڻيءَ کي چئو ته ڪتي جو ڀونگڙو جو رات منهنجي در تي مري ويو آهي سو ڪڍي وڃي ٻاهر ڇڏي اچي. مان هڪ غريب ٻڍي زال آهيان. جنڊ پيهين گذر ڪنديِ آهيان، تنهن هوندي به ٻه آنا ڏيڻا ڪيا ٿيمانس. ڀونگڙي کي ٽوڙي به ٻڌي اُٽس پر چوي ٿي ته چار آنا ڏي ته پوءِ ڪڍان. مهاراج جن پنگياڻيءَ کي چيو ته بابا، مائي تمام غريب آهي تون کانئس ٻه آنا وٺي هنجو ڪم ڪر.

پنگياڻيءَ چيو ته مان چئن آنن کان گهٽ ڪين وٺنديس. پنگياڻيءَ جو ٺڳپائيءَ جو جواب ٻڌي مهاراج جن پاڻ مئل ڀونگڙي کي گهلي ڪڍي اُڇلي درياهه تان اشنان ڪري هڪ پپل جي وڻ هيٺان آسڻ ٻڌي پنهنجي ورتيءَ کي آتم سروپ ۾ استٿت ڪيائون.

پنجي جو پنگياڻي سو ٻهارو گهٽيءَ ۾ ڇڏي سيٺين، ٻاون ٻانيڻن کي وڃي چيو ته اڄ ظلم ٿي ويو جو ساڌ مئل ڪتو گهلي اسان پنگين جو ڪم ڪيو آهي ۽ اسانجي روزيءَ تي لت ڏني آهي. ائين ٿيندو ته اسان بک مري وينداسون.

پنگياڻيءَ جي ڳالهه ٻڌي ٻاوا ٻانيڻ، سيٺيون، موليرام ۽ ٻيا پاڻ ۾ ملي خوش ٿي چوڻ لڳا ساڌ تي وڏي قدم کڻڻ جو هي ڏاڍو سٺو موقعو مليو آهي. جي هي وجهه هٿان وڃايوسون ته پوءِ هٿ هٿڻا پوندا. هاڻي مکيءَ کي ساري ڳالهه ٻڌائجي.

آهي. ٻيو ڪو رستو نه ڏسي موتيرام وڃي شهر جي ٻاون
کي چيو ته ڌرم مان اَڌرم تي رهيو آهي. ساڌ توهان جو چيلو
ٿي توهان جي چيلن کي ڦاسائي اُنهن کان ڀاو پرساد وٺي
پنهنجا چيلا پيو ڪري. اها خبر توهان کي آهي يا نه؟

ٻاوا چوڻ لڳا ته اَدا خبر ته سڀ اَٿئون. اسانجي ٻاون،
براهمڻن مان نه مهراج هوالداس وڃي ساڌ جو چيلو بڻجي
پيو ٻهاريون ڏي. دل ۾ ته گهڻو خيال اٿئون پر ڇا ڪريون؟
ٻاون وٽان ٿي موتيرام اچي براهمڻن کي چيو ته توهان براهمڻ
ٿي ڪري پنهنجي ڌرم کان ڪري پيا آهيو جو توهان جو
ڇوڪرو هوالدل سنتن جا جُوٺا باسڻ پيو ملي ۽ واٽين جون
جتيون پيو کڻي ۽ ٻهاريون پيو ڏي. ڪٿي توهان براهمڻ ۽
ڪٿي توهانجو ڌرم! توهان کي ڪير پُڇيندو؟ اسان اَڄ
ئي مکي صاحب سان صلاح ڪري شهر لاءِ ٻيا براهمڻ ٿا
گهرايون. اُنهيءَ براهمڻ کيس چيو ته ڪرپا ڪري توهان ٻيا
براهمڻ نه گهرايو اسان کي پاڻ اُنهيءَ ڳالهه جو گهڻو ڏک آهي.
رات ڏينهن اُنهيءَ ويچار ۾ آهيون ته ڪو رستو ملي ته ساڌوءَ
تي قدم کڻون. توهان خيال نه ڪريو. اسان اُنهيءَ ڳالهه جو
بندوبست ڪنداسون. ايترو ٻڌي موتيرام مکي صاحب وٽ
ويو جنهن اڳ ۾ ئي ٻن چئن ڏينهن مهاراج جي خلاف مکيءَ
کي وڏيون دانهون ڏنيون. موتيرام به اُلٽي وڃي مکيءَ کي
چوڻ لڳو ته هيءَ شهر ۾ چڱي ڳالهه نه ڪانه ٿي جو اسانجا
پوڄنيه براهمڻ سنت جي گهر وڃي باسڻ ملين ۽ ٻهاريون پائين
۽ اسانجي شهر جون زالون وڃي جنڊ پيهن ۽ ٻهاريون ڏين.
اها ڳالهه مکي صاحب توهان کي وڻي ٿي؟ ساڌ شهر ۾ هائيتال
مچائي ڏنو آهي، وٺي ٿو چيلا ۽ چيليون ڪندو. يا نه ڪو
بلو ڪريو نه ته سڄو شهر ڦٽي ويندو.

موٽي آيا ته ڀائي ٽهلرام سخت ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو ته تو اڄ صبح جو ڇا ڪيو آهي جو مٺل ڪتو ڪڍي وڃي کڏ ۾ ڇڏيو اٿيئي. ڀنگين جا ولين تو ڪم ڪندو. سڄي شهر ۾ گوڙ ٿي ويو آهي. مڪيءَ موڪلي، ڀائي ويرسي رام ۽ ڀائي هاسارام کي گهرائي چيو ته اڄ شام جو پنچات ڪني ٿا ڪريون. توهان ڀڳت کي پاڻ سان وٺي اچجو.

ستگرو مهاراج جن مشڪڻ لڳا. تنهن تي ڀائي ٽهلرام کيس چيو ته ٿون ته کلين ٿو پر اسان کي ته اڄ روئڻ ۾ ڪانه وٽندي. ايتري ۾ گهر جا سڀيئي ڪٽنبي ۽ ماتا ڪرشنا اچي ڀائي ٽهلرام کان پڇڻ لڳا ته ڇا ٿيو آهي؟ ڀائي ٽهلرام چيو ته توهان کي ڇا ٻڌايان. هاڻي ڀڳت اسان کي هتي وهڻ ڪين ڏيندو. اڄ تمام خراب ڳالهه ڪئي اٿس. مٺل ڪتو گهلي کڏ ۾ اڇلايو اٿس. انهيءَ ڪري ساري شهر ۾ شور مچي ويو آهي. مان تو ڀڳت کان پڇان ته ونئو ڪلهي. اهو بڌي ماتا، مهاراج جن کان پڇڻ لڳي ته ابا سچي ڳالهه ڪر. لائين ڪيو اٿيئي ڇا؟

مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته ماتا، ڳالهه برابر سچي آهي. اڄ صبح جو جڏهن گهران نڪري درياهه تي ٿي ويس ته ٻاهر هڪڙي ٻڍي مائي هٿ جوڙي موڪلي چيو ته ڀڳوان جو نالو اٿيئي هن ڀنگياڻيءَ کي سمجهايو ته هي مٺل پولڪڙو منهنجي در تان ڪڍي. توڙي ٻه پولڪڙي کي ٻڌي اٿم، ٻه آنه ٻه ڏيانس ٿي پر پاڻ ۴ آنه ٿي گهري. سو مان غريب ۴ آنه ڪٿان آڻي ڏيانس. تنهنڪري توهان چئوس. سو ماتا مون کيس گهڻي قدر چيو پر ڀنگياڻي ڀڳوان جي نالي کي ڪين سڃاڻو ۽ چوڻ لڳي ته چئن آنن کان گهٽ اصل نه وٺنديس. تڏهن مون دل ۾ ويچار ڪيو ته هن موڪ کي

صلاح ڪري پنگياڻيءَ کي چيائون ته تون ڪو به خيال نه ڪر. اسان پاڻهي انهيءَ ڳالهه جو بندوبست ڪريون ٿا. تون هينئر اسان سان گڏجي مکيءَ وٽ هل. تنهن ڪاپوءِ سڀ گڏجي پنگياڻيءَ کي وٺي مکيءَ وٽ ويا. ڪيس ساري حقيقت ٻڌائي چوڻ لڳا ته مکي صاحب جي اعتبار نه اچيو ته هن پنگياڻيءَ کان پڇي پڪ ڪريو. مکي صاحب پهرين ته چپ ٿي ويو پوءِ پنگياڻيءَ کي چيائين ته تون وڃي پنهنجو ڪم ڪر. ٺهلئي کي سڏ ڪري چيائين ته وڃي ڀائي ويرسي رام، ڀائي ٺهلرام ۽ ڀائي هاسارام کي سڏ ڪري اچ. ٺهليو وڃي سڀني کي سڏ ڪري آيو. سڀيئي اچي مکيءَ ۽ ٻين سان رام رام ڪري ويٺا. مکي صاحب ٻڌايو ته اڄ صبح جو ڀڳت مٺل ڪتو گهلي کڏ ۾ ڦٽو ڪري آيو آهي. اها ڳالهه سٺي ڪانهي. جيڪڏهن توهان پنگين جا ڪم ڪندا ته پوءِ اوهان جي در جو پاڻي ڪير پيئندو؟

ڀائي ٺهلرام چوڻ لڳو ته مکي صاحب، اسان کي ته انهيءَ ڳالهه بابت ڪانئي خبر ڪانهي. ڀڳت صبح جو سوير درياهه تي اشنان ڪرڻ ويو آهي، اچي ته اسان پڇنداسونس. جي سچ پچ ائين هوندو ته اسين سمجهائينداسونس.

تنهن تي سيٺ موتيرام ۽ ٻيا مکيءَ کي چوڻ لڳا ته ڀائي ٺهلرام ڇا ڀڳت کي سمجهائيندو؟ اڄ رات جوئي پنچايت ڪٺي ڪري فيصلو ڪرايو. مکيءَ ٺهلئي کي آگيا ڪئي ته وڃي ٻنهي شهرن- ڪنڌو ۽ سالاري ۾ سوچنا ڏيئي اچ ته اڄ شام جو پنچايت ڪٺي ٿيندي. ڀائي ٺهلرام کي پڻ چيائين ته توهان ڀڳت صاحب کي پنچايت ۾ وٺي اچجو. تنهن کان پوءِ سڀيئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا.

هوڏانهن ستگرو مهاراج جن درياهه تان اشنان ڪري گهر

ڪيو آهي ۽ ٻين کي ٻه ڪرم ڌرم کان وڃائي ڀرشٽ ڪندو. انهيءَ ڪري ڀڳت تي ڏنب رکجي ۽ کيس پنچات مان لاهي ڇڏجي.

هڪ ڀائي انهيءَ رٿ جي پيرائي ڪئي. انهيءَ تي ڀائي ڇبلداس چيو ته سنت دڻالو ٿيندا آهن. ڀڳت صاحب ته هڪ غريب مائيءَ تي ديا آڻي جي پولنگڙي کي ٻاهر ڇڏي آيو ته ڪوئي دوش ڪونهي. پاپ ٿيندو آهي مارڻ ۾. ڀڳت صاحب ڪتو ماريو ته ڪونهي، تنهن ڪري منهنجو ته ويچار آهي ته انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو.

تنهن کانپوءِ ڀڳت ڏيارام اُٿي چوڻ لڳو ته ڀائرو، ڀائي ڇبلداس جيڪي چيو آهي سو سورهن آنه صحيح آهي. هڪ غريب مائي پنگياٽيءَ کي ٻلڻ پائي، ڀڳوان جو نالو وجهي چيو ته مون کان ٻه آنه وٺ، چار آنه ڪٿان ڏيان پر پنگياٽي نه مڃيس. تنهن کان پوءِ ڀڳت صاحب جن کي ڀڳوان جو نالو وڌائين ته توهان پنگياٽيءَ کي چئو ته ٻه آنه وٺي پولنگڙو ڪڍي وڃي. پر تنهن پنگياٽيءَ ساڻ جو ٻه چيو کين مڃيو ۽ ڇڏي هلي وئي. تنهن تي ٻڍي روئڻ لڳي. جي ڀڳت صاحب مائيءَ تي ديا آڻي اهو ڪم ڪيو ته ڪو پاپ ڪونهي. وڏن وڏن رشين منين ۽ مهاتمائن پرماتما جي لالي تي سر ڏنا آهن. جي سچ پڇو ته سمورو ڏوهه پنگياٽيءَ جو آهي. تنهن ڪري پنگياٽيءَ تي ڏنب وجهو، يا کيس ڪڍي ٻيو هر ڪنهن شهر لاءِ گهرايو. تنهن تي سيٺ موٽيرام چوڻ لڳو ته ڀائي ڇبلداس ۽ ڀڳت ڏيارام ڀڳت جي خوشامد ڪئي آهي. هنن ٻنهي کي ڌرم جي ڪهڙي خبر ته ڀڳت پنج ڪيو آهي يا پاپ. اها خبر ته پنڊتن ۽ برهمڻن کي آهي. تنهن ڪري برهمڻن جي ڳالهه رکي فيصلو ڪريو.

ته ڀڳوان جي نالي جي مهما جي خبر ڪانهي پر مون کي ته رام جي نالي جو قدر آهي. تنهن ڪري غريب مائيءَ جو خيال ڪري ڀڳوان جي نالي کي ڏسي مٺل پونگڙي کي ٽوڙيءَ کان وٺي ٻاهر کڏ ۾ ڇڏي آيس.

ڀائي ٿهلرام مهاراج جن کي چيو ته هاڻي ٻڌاءِ ته پنچن کي ڇا ڀلي چئون؟ تون ساڻ هلندين يا نه؟

مهاراج جن چيو ته توهان پنچن کي چئو ته ڪو ڪتو ماري پاپ ته ڪونه ڪيو آهي؟ مائيءَ کي غريب ڏسي دل ۾ ديا آئي تنهن ڪري اٿين ڪيم، سو ان ۾ ڪهڙو دوش آهي. پر جي پنچ اهيءَ ڳالهه ڪري ڏنڊ رکن ته ڪو نه ڀرينداسون. منهنجي هلڻ جو ضرور ڪونهي. پر جي توهان ناراض ٿيو ته مان توهان سان گڏجي هلان. تنهن تي ڀائي ٿهلرام، ويرسيرام ۽ هاسارام چوڻ لڳا ته جيڪا توهان ڳالهه ڪئي آهي سا ٺيڪ آهي. پر توهان اسان سان گڏجي هلجو. مهاراج جن چيو ته چڱو مان هلندس.

شام جو پنچايت ڪٺي ٿي. مهاراج جن ڀائي ٿهلرام سان گڏجي پنچايت ۾ ويا.

مکي صاحب پنچن کي چيو ته اڄ صبح جو ٻه چار شهر جا سيٺيون، ٻاوا ٻانيڻ ۽ هڪ ڀنگياڻي مون وٽ آيا ۽ چيائون ته ڀڳت صاحب هڪ مٺل ڪتو ڌڪليو آهي. انهيءَ ڪري اسان ڀڳت صاحب کي هتي اچڻ جي تڪليف ڏني آهي. توهان کي جيڪي ڪجهه ان باري ۾ پڇڻو هجي سو ڀڳت صاحب کان پڇو.

هڪ برهمڻ اٿي چوڻ لڳو ته ڀڳت جيڪو ڪم ڪيو آهي سو ڀنگين ۽ شودرن جو آهي. کتري ونش ۽ برهمڻ جو اهو ڪم ناهي. تنهن ڪري ڀڳت پنهنجي ڌرم کي ڀرشٽ

ڏسي اهو ڪم ڪيو، انهيءَ ۾ ڪوئي دوش ناهي. باقي توهان چئو ٿا تہ ڀڳين جو ڪم آهي سو توهان جئن سمجهو تئن سمجهو. مون کي هن باري ۾ جيڪي چوڻو هوندو سو اڄ سانجهيءَ جو ستسنگ ۾ چوندس. ڀلي اچي ٻڌجو. ايترو چئي مهاراج جن بس ڪئي تہ ساري پنچات بہ ڪنڌ هيٺ ڪري چپ ٿي وئي. پنجن منٽن ڪانپوءِ مکي صاحب چوڻ لڳو تہ توهان سڀ شانت ٿي ويا آهيو، سو هاڻي ميڙ سماپت ٿا ڪريون. گهر وڃي ويچار ڪجو. پرينهن رات ٨ بجي پنچات ڪٺي ٿيندي. پوءِ اچي پنهنجا پنهنجا رايا ڏجو. پنچات برخواست ٿي ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويو. رات جو نيم موجب ستسنگ ٿيو جتي مهاراج جن هيٺيون ڀڄن ڳايو.

راڳ ڪوهياري

ٽل- پنهنجي شاهه جي شڪارڻ آهيان مان -
ڀيو سنسو شوڪ نہ ڀايان مان.

١- ڀيد ڀڄڙي آءٌ ڀڳياڻي - در ڏٽيءَ جي وڻان وڪاڻي،
جهاڙو روز لڳايان مان.

٢- لوڪ سڄو ڀل ڪري خواري - نام جو نالو سمجهيم ڀاري،
نام سان نيهه نڀايان مان.

٣- ليڪ لٿائي اصل اڀاڻي - آهيان صاحب کي نہ سڃاڻي،
هرڻن کي پرچايان مان.

٤- ڪهي ٽيڻون سڳورو سمجهايو - هر رنگ ۾ هڪ لال لکايو،
سڀ جي سيوا ڪمايان مان.

اهو ڀڄن ارٿ سميت ڳائي بس ڪيائون تہ ساري سنگت جي اکين مان پاڻي وهڻ لڳو.

ستسنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ گهر جا ڀاتي ۽ ستسنگي

اُتي ڀائي پرمانند ۽ ڀائو رگهورام اُتي چوڻ لڳا ته ڀائرو، ڪنڊوءَ جي پرسان ڪيترا مسلمانن جا ننڍا ڳوٺ آهن، جتي ٻئي گهر هندن جا آهن. ڪٿي ٿورن ٿي هندو رهن ٿا، ٻه يا ٽي دڪان واڻين جا آهن. ٻن چئن ميلن تي باغيچا آهن ۽ هندو ٿورن ٿي رهندا آهن. اُنهن جي گهرن، دڪانن يا اوطاقن يا باغيچن ۾ ڪا ٻلي مري وڃي ته اُهي هندو واڻيا ڀنگي ڪٿان گهرائيندا؟ ضرور پاڻ ٻليءَ کي ٻاهر ڦٽي ڪري اشنان ڪري ايندا هوندا، پر اُنهن تي نه ڪو پاپ ڪين لڳندو آهي. اڪثر ڪري جتي ڀنگي ڪونه آهن اُتي ته اَهڙا ڪم گهٽيئي پيا ٿين. پر تنهن هوندي به ٻاوا ٻانيڻ شاستر مان پرماڻ ڏيئي اسان کي ثابت ڪري ڏيکارين ته انهيءَ ۾ ڪهڙو پاپ آهي ته پوءِ ويچار ڪجي. تنهن تي مهراج گرڌاري رام چوڻ لڳو ته ڀنڊچو، جا ڳالهه ٻڌڙي پئي آهي تنهن کي شاستر جي پرماڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ هيءَ ڳالهه ته ٻار به سمجهندا ته هي ڪم ڀنگين جو آهي. وڌيڪ اسين ڇا چئون. جي انهيءَ ڳالهه جو پورو فيصلو نه ڪندا ته اڄ کان وٺي اسان مان ڪو به توهان کي پاٺ پوڄا جو ڪرم ڪونه ڪرائيندو ۽ نڪي اسين اوهان جي گهر جو پاڻي پيئندا سون.

ڀنڊچن جي اهڙا واد وواد ٻڌي مکي صاحب مهاراج جن کي چيو ته جيڪي ڪجهه ٻاون ٻانيڻن ۽ ڀنڊچن ڳالهايو آهي سو توهان ٻڌو آهي. هاڻي توهان کي ڇا چوڻو آهي؟

ستگرو مهاراج جن چيو ته مونکي نه وڌيڪ ڪجهه چوڻو ڪونهي، پر هڪ ڳالهه اوهان سڀني کان پڇان ٿو ته ڪي جيون تي دَيا ڪرڻ پاپ آهي يا پڃ. سڀني چيو ته پڃ. ستگرو مهاراج جن چيو ته مون هن مائيءَ جي سقيم حالت

پنهنجي گهر پهچان.

سڌانت - ست چت آنند آتما پنهنجي اڀياسي پار برهم گهر ۾ هو. ٻڙوالل اَگني روُپي ڦُولي جي ڪري مايا روُپي بادلن دوارا جيو روُپي برف تي سنسار روُپي هماليہ تي ڪجهہ ڏينهن اچي رهي ٿو. جڏهن ست وچار روُپي سورج اُڀري ٿو تڏهن گيان وئراڳ روُپي گرميءَ ڪري جيو پڻو مٽائي آتما تي پرماتما روُپي مهاساگر سان ملڻ لاءِ پياس رکي رات ڏينهن يتن ڪري ڳوليندو رهي ٿو. جيسين برهم روپي سمنڊ سان نہ ملندو تيسين هن جيو آتما کي ڪٿي بہ آرام ڪونہ ايندو. ستگرو مهاراج جن جا اهي پتارٿ وچن ٻڌي ڀڳت شيوڪرام، سنت آلورام، گوبند رام ۽ سڀني ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا. مهاراج جن سڀني ستسنگين سان گهمندا ڦرندا جاءِ تي آيا ۽ اچي ستسنگ ڪيائون.

رات جو سالاري ۽ ڪنڌوءَ جي ساري پنچات ڪٺي ٿي. اُتي سيٺ گوپالداس چيو تہ پائرو، سنتن جا خيال سنسار کان نرالا ٿيندا آهن. الائي سنت اهو ڪم ڪهڙي خيال کان ڪيو. تنهن ڪري منهنجو وچار آهي تہ انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏي ڇڏيو.

تنهن ڪاپوءِ ڀائي ريجهو رام چيو تہ منهنجي بہ اِهائي مرضي آهي تہ سنتن کي نہ ستائجي. اِها ڳالهہ اُتي ڇڏي ڏجي. مهراج گرڌاري رام چوڻ لڳو تہ ٿورو ٿورو نياءُ ڪريو. باقي پاسخاطري ڪري جي ڳالهہ کي گس مس ڪري ڇڏيندا تہ اسان توهان سان ڪوبہ وهنوار ڪونہ رکنداسون. هڪڙي ڀائي بہ اُتي چيو تہ برهمڻ ديوتا سچ ٿو چوي. سيٺ گوپالداس ۽ ڀائي ريجهو رام جن چيو تہ سنتن جا خيال نرالا ٿيندا آهن ۽ هنن کي گهاٽي واڌي، مان اَپمان جي

ستگرو مهاراج جن کان پڇڻ لڳا ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته ڪائي چنتا نه ڪريو. هن سرشٽيءَ جي آد کان وٺي ڀڳوان نوان نوان رنگ ڏيکاريندو آيو آهي. سو توهان ساکي ٿي ويهي ڀڳوان جو تماشو ڏسو. اسان ته ڀڳوان جا کيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا آهيون. تنهن تي ماتا ڪرشنا چوڻ لڳي ته: ابا تون ته خوش ٿو ٿين پر اسان ته ڊڄيو وڃون. الائي پنهنج هٿان لڏائي نه ڇڏين. اهو ٻڌي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته ماتا! ڀڳوان نه ڪنهن کي لڏائي، باقي ماڻهو ڇا ڪري سگهندا؟ اتي رمضان فقير جو وڏو ڀاءُ اچي ستگرو مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته سائين، اسان کي ڀاءُ رمضان جي موڪل ڏيو ته گهر وٺي وڃونس، جو ماڻس سخت بيمار آهي؛ چوي ٿي رمضان جو منهن ڏسان. ستگرو مهاراج جن چيو ته ابا، ڀلي وٺي وڃوس. اسانجي ڪائي روڪ ڪانهي. رمضان ستگرو مهاراج جن کان موڪلائي ڀاءُ سان گڏجي گهر ويو.

صبح جو ستگرو مهاراج جن ساڌن مهاتمائن سان گڏجي درياهه تي ويا. ڪناري تي گهمندي ڀائي گوبند رام چوڻ لڳو ته اڄ ته درياهه ڏاڍي موج ۾ تيز رفتار سان پيو وهي. تنهن تي ستگرو مهاراج جن فرمايو ته ابا، هن درياهه کي پنهنجي آدي گهر سمنڊ ڇڏئي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. سمنڊ ۾ ٻڙوانل اگنيءَ جي پرڀاو سان سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ ٿي مٿي چڙهي بادل بڻجي هماليه جي مٿان وسي برف ٿي اتي ڄمهه ڏينهن رهي ٿو. تنهن کانپوءِ سورج جي تپت ڪري جڏهن پاڻيءَ جي صورت وٺي ٿو تڏهن پنهنجي آدي گهر کي ياد ڪري تيز رفتار سان ڊوڙي پنهنجي گهر کي ڳوليندو پيو وڃي. ڏاڍي اڪير اٿس ته جيئن جلد وڃي

پنچائت چونڊ لڳي ته فيصلا وڏن ماڻهن جي چونڊ لئي ٿيندا ته پوءِ اسان غريبن جي وهڻ جو ڪو ضرور ئي ڪونه آهي. اِئين چئي ڪاوڙجي اُٿيا ۽ اِئين پنچائت ۾ گوڙ ٿي پيو. تنهن تي مکي صاحب چونڊ لڳو ته پاڻ ئي شانتي ڪري هيءَ ڳالهه ٻڌو. هي فيصلو سڀني جي صلاح سان ڪرڻو آهي. پر هاڻي گوڙ ٿي پيو آهي. تنهن ڪري مان هاڻي پنچائت جو ميڙ برخواست ٿو ڪريان. اهڙي طرح هر روز پنچائت گڏ ٿي ٿي پر ڪو به فيصلو ڪونه ڪري ٿي سگهيا. ٻه ڌرون ٿي پيون. هوڏانهن ستگرو مهاراج جن هر روز درياهه تي اشنان ڪري، پپل جي وڻ جي هيٺان ويهي نام جو جپن ڪندا هئا. ڪنهن مهل ١١ بجي گهر ايندا هئا ته ڪنهن مهل سج لٿي اچي ستسنگ ڪندا هئا. اهڙي طرح پريم ۽ وئراڳ جي مستيءَ ۾ مست ٿيندا ويا. جئن ساوڻ جا بادل مستيءَ ۾ اچي گجندا آهن تئن مهاراج جن رات جو ستسنگ ۾ موج ۾ اچي پڇن اُپديش جي گجڪار ڪندا هئا.

هفتي کن کان پوءِ هڪ رات پنچائت ۾ سيٺ موليرام چونڊ لڳو ته پاڻ ئي وڏي افسوس جي ڳالهه آهي جو اٽڪل ١٠-١٢ ڏينهن پنچائت ڪندي ٿي ويا آهن پر اڃا ڪو به فيصلو ڪري ڪين سگهيا آهيون. جيستائين توهان ساڌن جو طرف نه ڇڏيندا تيستائين فيصلو ٿيڻو ئي ناهي. توهانجي نيت آهي ته هن ڳالهه کي انگهائي لئه مٿي ڪري ڇڏيون. انهيءَ مان ثابت آهي ته اوهان کي ڪو به فيصلو ڪرڻو ناهي ۽ ته هيءَ ڳالهه بلڪل پڌري پئي آهي ته پنگت پنگين جو ڪم ڪري پنهنجو ڌرم بگاڙيو آهي. تنهن ڪري سوا اهڪو نجاهه ويهه ڏنڊ ۽ ادائي مڻ ڪڪڙن جا ڳائين کي کارائي، معافي نئي. اِئين نه ڪري ته پوءِ پنچائت مان لاهي ڇڏجيس ۽

ڪائي خبر نه پوندي آهي. پر هي سنت نه ڇيلا ڇيليون پيو ڪري ۽ ماڻهن کي ڌرم جا اُپديش پيو ڏي. رياءُ ڇڏي ڌرم جو خيال رکي پورو نياءُ ڪريو.

تنهن کان پوءِ سيٺ موٽيرام اُٿي چوڻ لڳو ته ڀائرو، توهان ويچار نه ڪري ڏسو ته جي سنت، برهمڻ، ٻاوا، ٻانيڻ ۽ ڀڳت پنڳين جو ڪم ڪرڻ لڳندا ته سنسار جو چرخو ڪيئن هلندو؟ اهو ڌرم آهي يا اَڌرم؟ توهان سڀ ساڌ ڪُن ڏجو ٿا ڇا؟ پنهنجي ٻٽيا آهيو نه پورو پورو آچار ڪريو، نه نه پنچات ڪٿي ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور پيو آهي؟

ڀائي ڦتومل چيو ته موٽيرام سچ ٿو چوي. جي ڏجو ٿا ته هتي ڪٿي ٿيڻ جو ڪهڙو ضرور؟ جنهن کي جيئن وڻي تيئن وڃي ڪري. ڇا جون پنچائتون ڇا جا آچار. پر جي پنچات قائم رکڻي اٿوَ ته پورو پورو نياءُ ڪريو.

سيٺ ڇبلداس ۽ ڀاڳوارام چوڻ لڳا ته ڀائرو ايترڪا ۽ شدت نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي چون ٿا ته سنت تي ڏنڊ رکي پنچات مان لاهي ڇڏجي سي ٻڌائي ڪين سگهيا آهن ته سنتن پاپ ڪهڙو ڪيو آهي. هينئر ٻه اَهي ٻڌائين ته پوءِ اسين ٻه اُن تي ويچار ڪريون. پر هر ويرو جي هو پنهنجي ضد تان هيٺ نٿا لهن ته اچي وانگر ووٽن جي گهڻائيءَ سان هي فيصلو ڪريو.

مکي صاحب اُنهيءَ رت تي سيٺي جو رايو گهريو. سيٺ پيرومل، موٽيرام ۽ مهراج گرڌاري رام اُٿي چوڻ لڳا ته مکي صاحب توهان ٻه هن ڌر جو ٿا پاسو ڪٺو. ڪي فيصلا ووٽن جي ذريعي ڪيا آهن پر ڪي فيصلا اهڙا ٿيندا آهن جن ۾ ووٽن وٺڻ جي ڪائي ضرورت ڪانه ٿيندي آهي ۽ وڏن جي، راءِ تي، فيصلا ٿيندا آهن. انهيءَ تي ٻي ساري

ڪٽ ڦٽ جي ڪري ڪوبه خيال ڪونه ڪيو آهي. هاڻي ڀڳت جي معاملي جو هڪڙو فيصلو ڪريو ته پوءِ صبح جو ڳڏجي درياهه تي هلي ڏسون ته ڇا آهي. ڀڳت جيٺارام چوڻ لڳو ته پنچن جي گهڻائيءَ جي راءِ اِها ٿي ڏسجي ته ساڌن تي ڏاب نه وجهجي ۽ نه ڪين رنجائجي پر جي ڪن ٿورن ماڻهن جي راءِ تي فيصلو ڪرڻو اٿوَ ته پوءِ سڀني پنچن کي گڏ ڪرڻ جو ڪوبه ضرور ڪونهي. اسان اڄ کان پوءِ اُنهيءَ باري ۾ پنچات ۾ ڪونه ايندا سون.

مکي صاحب اُٿي چوڻ لڳو ته هينئر ميڙ برخواست ٿا ڪريون. وري سڀاڻي شام جو پنچات ڪٺي ٿيندي. صبح جو سوير هتي اچجو ته درياهه شاهه تي هلنداسون.

صبح جو ٨ بجي ڌاري سڀئي پنچ مکيءَ سان گڏجي درياهه تي اچي ڏسن ته مار! درياهه اهڙي زور سان پائي رهيو آهي جو ڪنڌيءَ جو شهر ٿوري وقت ۾ درياهه ڪٽي ويندو. اُتي سيٺ گوپالداس سيٺ موٽيرام کي چوڻ لڳو ته سيٺ، ڪئن ٿا ڀانيو؟ هاڻي مشينون ڪيڏانهن ڪٽي ويندا؟ توهان ته ڀڳت صاحب کي لڏائڻ جي ٿا ڪريو پر هاڻي ته اول اوهان کي پاڻ لڏڻو پوندو. درياهه کي ڀريل اوهان نظر ۾ آهيو. موٽيرام چوڻ لڳو ته ڪهڙي پرواهه آهي، لڏينداسون پر ڀڳت تي ڏنڊ ضرور وجهنداسون.

مکي صاحب کين چيو ته اهي چرچا ڇڏي ڏيو. وڏا ماڻهو ٿيا آهيو ته هينئر شهر جي بچائڻ جو بار توهانجي مٿان آهي، سو وڃي اُپاءُ سوچيو ته ڇا ڪرڻ گهرجي. سيٺ گوپالداس چوڻ لڳو ته چرچا ڪونه ٿا ڪريون پر اسان کي اهو پڪو نشچو آهي ته شهر باقي ٿي ڏهاڙا آهي. سنتن کي ستائڻ جو نتيجو اِجهو اهو اٿوَ، جيڪو سڀ ڏسي رهيا آهيو.

کو به سنڌس در جو پاڻي نه پيئي.

تنهن کانپوءِ ٻانو ناڪرگر اُٿي چوڻ لڳو ته پنڊتو، سيٺ موٽيرام جيڪا ڳالهه ڪئي آهي سا بلڪل نيڪ آهي. پڳت ڏني نه فقط ڏنڊ رکيو وڃي پر سنڌس مٿو به ڪوڙايو وڃي جئن آئينده اهڙا ڪم نه ڪري. توهان ڏٺو ته هميشه بيماري ڪانه اچي پوندي. اڄ اهو هڪو فيصلو ڪري اُٿو. پڳت باسري رام هٿ مٿي ڪڍي چوڻ لڳو ته ڀائرو، گوسوامي ناڪرگر ۽ موٽيرام چون ٿا ته پڳت صاحب کي ڏنڊ وجهو، ڏٺو نه؛ روز روز ڪا بيماري ڪانه پوندي. سو اهڙي طرح اوهان پڳت صاحب کي لڏائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو. پر پنهنجي جهڳي جي ٻي ڪا خبر اٿو. جنهن ڏينهن کان وئي توهان هي گوڙ شروع ڪيو آهي تنهن ڏينهن کان وئي درياهه شاهه سڌو ڪنڊوءَ ڏي رخ رکي تمام زور شور سان پائيندو پيو اچي. شهر کان باقي ٻه اڍائي فرلانگ پري آهي. درياهه شاهه جو جهڙو رخ آهي تنهن مان ائين ٿو سمجهڻ ۾ اچي ته باقي ٻن ٽن ڏينهن جي دير آهي. هاڻي اهو گوڙ ڇڏي صلاح ڪريو ته ڪٿي ٻار ٻچا هلي وهاريون ۽ ڪئن شهر جو بچاءُ ڪريون. سڀني کي چئو ته ٽپڙ ٻڌن.

اها ڳالهه ٻڌي سڀ حيران ٿي ويا. ايتري ۾ پڳت بصر رام چوڻ لڳو ته ڀائرو، جيڪا ڳالهه پڳت باسري رام ڪئي آهي سا بلڪل سچي آهي. مان پاڻ ڪالهه درياهه شاهه ڏسي آيو آهيان. هاڻي اجايو هن فساد ۾ وقت نه وڃايو. پنهنجي شهر جي ڪا ڳڻ ڪريو. تنهن ڪري سڀني جي ڳالهه ڇڏي هاڻي شهر کي بچائڻ جو اُپاءُ ڪريو. بصر پڳت جا اهي اکر ٻڌي مکي صاحب چوڻ لڳو ته پنڊتو، اها خبر مون کي به آهي ته درياهه شاهه تمام زور سان ٿو پائيندو اچي. پر اسان هن

ڪٿي اُگهي تي شهر ڄلائي، ڪٿي درياهه تي مستيءَ ۾ اچي پيو ٻائي. اهي سڀ سندس ليلائون آهن. پاڻ سيٺي کي ساکي تي ڏسڻو آهي. ستسنگ سماپت ٿيو. ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي.

تنهن کانپوءِ ڀڳت شيوڪرام ۽ ڀائي ٺهلرام سيٺي کي چيو ته جڏهن اسان ڏسي آيا آهيون ته درياهه هٽندو ڪونه، ضرور ڪنڌوءَ کي ٻائيندو. پوءِ سائين ٿيڙ ڪڍڻ ۾ تڪليف ٿيندي. انهيءَ ڪري صبح جو سامان ٻڌو ته شام جو هتان نڪرڻي شاهه جي پيت هلجي. ڀائي ٺهلرام چيو ته اها ڏاڍي سٺي صلاح آهي، ٿيڙ ٻڌڻ گهرجن. ڀائي ويرسيرام چيو ته اسان به اڄ ۾ ئي اهو خيال ڪري رهيا آهيون. شهر جا ڪي ماڻهو ٿيڙ پيا ٻڌن، اسين به صبح جو ٿيڙ ٻڌنداسون. سڀ سامان اُماٽي تا چڙهيون، باقي کائڻ پيئڻ لاءِ باسڻ برتڻ رکون ٿا؛ جڏهن پوءِ نڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. اهو ٻڌي ستگرو مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته ايترو گهٻرايو نه. هيءَ به پريوءَ جي ليلا ڏسڻ گهرجي. پنهنجو گهر ته تمام اوچائيءَ ۾ آهي. ٻهراڻ ته پيو سڄو شهر آهي پوءِ به جي هرو ڀرو درياهه شاهه جي اها مرضي ڏٺيسون ته توهان کي ٻڌائينداسون. حال شانت ڪري ويهي رهو، خيال نه ڪريو. ستگرو مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي ڀائي ٺهلرام ۽ پيا چوڻ لڳا ته چڱو ڀلي هڪ اڌ ڏينهن انگهي. ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي. تنهن کان پوءِ سيٺيءَ روٽي کائي آرامي ٿيا ته برسات به زور سان پوڻ شروع ٿي. اڳاڙي برسات وسندي رهي.

ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ وري هڪ ڏينهن پڇڻ پيت ۾ مکي صاحب اُتي چيو ته ڀائو اڄ منجهند جو اسانکي هڪ پريمي اچي ٻڌايو ته درياهه بلڪل زور شور سان ٻائيندو پيو اچي.

ڀائي آئلداس چيو ته اڄ رات درياه شاه جو ڀراٽو ڪڍي اچي پلؤ پايون ته ڪا جهڪار ٿئي. تنهن ڪان پوءِ ٻئي پنچ چوڻ لڳا ته ڀائرو، پاڻ کي هتي آئي اڌ ڪلاڪ مس ٿيو آهي ته ڏسو ته درياه ڪيترو نه ڀائي آيو آهي. جي اهڙي تيز رفتار سان آيو ته سڀاڻي شهر ۾ پهچي ويندو. اهو ڏسي مکي صاحب ٻاٻي ريجهورام کي چيو ته هاڻي هلي ڀراٽي جو بندوبست ڪريو. ٻنهي شهرن ۾ هوڪو ٿا ڏياريون ته شام جو ٥ بجه سڀ ڀراٽي سان گڏجي درياه تي هلن. پنچات سڀاڻي شام جو ٥ بجه ٿا رکون.

ساري شهر ۾ درياه شاه جي پاڻي جو هراس پئجي ويو. شام جو ٻنهي شهرن جا ڪيترا ماڻهو ڀراٽي سان گڏجي ڇيڇون هڻندا نچندا درياه شاه ۾ ڀراٽو پروان ڪري پلؤ پائي موٽي پنهنجي گهر آيا.

ان ڏينهن ستسنگ ۾ پريمي مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته هي پريؤ، توهان ته هر روز درياه تي وڃو پيا. پڇايو ته شهر جو ڪهڙو حال ٿيندو. اسان ته ڏسي گهبرائجي ويا آهيون. سمجهون ٿا ته شهر باقي ڪي ٿي ڏينهن مهمان آهي. هاڻي ڇا ڪريون. ٽپڙ ٽاڙي ۽ ٻار ٻچا ڪٿي ٻئي هنڌ چڙهي اچون، يا شانت ڪري ويهي رهون. جئن آگيا ڪريو، تئن ڪريون.

ستگرو مهاراج جن فرمايو ته ڀڳوان مڙيوئي چڱي ڪندو. توهان گهبرايو نه، شانت ڪري ويٺا رهو. پريمين کي دلداري ڏيئي ستسنگ شروع ڪيائون. چيائون ته ڀڳوان جي ليلا اپرمپار آهي جنهنجو ڪوئي انت ڪونهي. پنهنجا کيل پاڻ ٻڌائي وري پاڻ ڏسي ڪٿي خوش پيو ٿئي ڪٿي روئي پيو، ڪٿي بادل ٿي برسي، ڪٿي هوا ٿي وڻن کي جهولائي

مان اڄ صبح جو ڏسي آيو آهيان ته درياه شاه شهر جي حدن تي پهچي چڪو آهي. ڏسو ته برسات به ڏينهون ڏينهن زور سان پئجي رهي آهي. تنهن ڪري اڄ ئي شام جو پنچائت ڪٺي ڪري ڪا صلاح ڪريو ته ڇا ڪرڻ گهرجي. مکي صاحب ٿهلئي کي آگيا ڪئي. ٿهليو ٻنهي شهرن ۾ ٻڌائي آيو ۽ شام جو ۴ بجي پنچائت گڏ ٿي.

مکي صاحب چوڻ لڳو ته ڀائرو، هڪ پاسي اندر ديوتا ڪوپ ڪري آيو آهي جو هفتي کان لڳاتار برسات پئي پوي. هر روز شهر ۾ ڪچيون جايون ڀيون ڪرن ۽ ڪيترو چوپايو مال به مري رهيو آهي. ٻئي پاسي درياه شاه جي به ڪمڙي تي رهي آهي. هاڻي اهڙي صلاح ڪيو جنهن ۾ شهر جو بچاءُ ٿئي.

سيٺ چيلداس چوڻ لڳو ته ڀڳت صاحب جي شرن وٺو ته جئه جئڪار ٿي وڃي. ٻيو ڪو به بچڻ جو رستو ڪونهي. جي اڃا به نه مڃيندا ته دکي ٿيندا. تنهن تي ڀائي پاڳارو رام، ڀائي ڪيول رام، ٽيڪومل، بصر رام چوڻ لڳا ته اسان سندن ڪيتري شڪتي ۽ گهٽيئي ليلائون ڏٺيون آهن. هن زمان کي طاقت ڪانهي جو اسين ورلن ڪري سگهون. ٿوهان سڀيئي پڌيمان آهيو، ايترو ته ويچار ڪريو به آن ته مائيءَ ڏنا تي باقي به آن ستگرو مهاراج جن وٽ ڪو نه هئا جو پنگياڻيءَ کي ڏين ها؟ جاڻي واڻي پنهنجي ننداڪرائي آڻن ته جنن کين ڪو به ڇاڻي نه سگهي. سو جي پنهنجي شهر ۽ پڇن جو ڀلو چاهيو ته هلي شرن پئي ڪانئن معافي وٺي جئڪار ڪرايو. رڳو ستگورو مهاراج جن جي درياه شاه تي هلڻ جي دير آهي. وڌيڪ توهانجي مرضي.

ڀڳت ڏيارام ۽ سيٺ گوپالداس به پنهنجن کي ڪالرا جي

هاڻي هڪ طرف کان درياهه پائيندو اچي ته ٻئي طرف کان ٻن ٽن ڏينهن کان لڳاتار برسات به زور شور ۾ وسي رهي آهي ۽ بجلي ڪڙڪي رهي آهي. ٻائو ريجهورام چوڻ لڳو ته روزانو ڀهراڻو کڻي هلي درياهه شاهه تي پلءُ پايو ته جئڪار ٿئي. ٻيو ڪو ٻه چارو ڪونهي. تنهن تي سيٺين پڻ چوڻ لڳا ته اها ڳالهه نيڪ آهي. ٻئي شيوادارِي وڃي ڀهراڻو تيار ڪن ته پوءِ ساري پنچات به ڀهراڻي سان گڏجي درياهه شاهه تي پلءُ پائيندي. شيوادارِي وڃي ڪم ۾ لڳا.

تنهن کانپوءِ مکي صاحب چيو ته هاڻي ٻڌايو ته ڀڳت صاحب لاءِ ڪهڙو فيصلو ٿا ڪريو. سيٺ موتيرام چوڻ لڳو ته فيصلو ته ٿيو پيو آهي باقي انهيءَ کي عمل ۾ آڻڻو آهي. مکي پرين مل چيو ته ڪوئي فيصلو ڪونه ٿيو آهي، باقي عمل ڇا جو؟ هينئر منهنجو به اهو رايو آهي ته حال في الحال اها ڳالهه التي ڇڏي ڏيو. ڏسو ته درياهه شاهه ڇا ٿو ڪري. سڀاڻي ٻيو پٽ هالن ۾ جاچي ڪري درخواست ڪري ڇڏيو. پوءِ جئن ايشور ڀڻايو.

تنهن کانپوءِ سيٺين پنهنجي چنيون کڻي ڀهراڻي سان گڏجي درياهه شاهه ۾ ڀهراڻو پروان ڪري، پلءُ پائي پنهنجي گهر موٽي آيا. اهڙي طرح ٻئي ڏينهن سيٺين پنهنج ڀهراڻو ڪيدي پلءُ پائي ايندا هئا.

هڪ ڏينهن ڀڳت باسري رام مکي صاحب کي اچي چوڻ لڳو ته مکي صاحب! ڀڳوان جو هي عجب رنگ ته ڏسو. جئن ڀهراڻا ڪيدي درياهه شاهه کي ارداسون پيا ڪريون ته ڪرپا ڪري پنتي هٽي وڃ لئن پاڻ اڳتي پائيندو پيو اچي. شايد درياهه شاهه اِئين ٿو سمجهي ته پنهنج روز اچي مولڪي اِئين ٿا چون ته درياهه شاهه جلدي اڳتي هليو اَچ. مکي صاحب،

مٿي ڪنيان. ڏنڊ وغيره جي رقم ڪري ڇڏي ۽ بحال ٿيو ته
سنت جي شرن وڃي.

مکي صاحب ٿلهي کي چيو ته سنت وٽ وڃي اَرداس
ڪر ته ڇنڇج اڄ ٿيا. اوهين ڪرپا ڪري جاءِ تي هلجو.
پنيان ساري ڇنڇاٽ پرشاد کڻي ستگرو مهاراج جن وٽ ويٺي.

ستگرو مهاراج جن سڀني کي وڏي آدر ستڪار سان ويهاري
پڇيو ته هيڏي برسات ۾ ڪٿان آيا آهيو؟ تنهن تي مکي،
سيٺ موٽيرام ۽ سيٺ آئلداس، ڀيرومل، گوپالداس، چيلداس،
ٻابو رڇوڙرام اٿي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين خبرون
کهڙيون آهن. ايشور جي مايا اهڙي پربل آهي جو ڪرشن
ڀڳوان ڪيترا دفع مايا کي پنهنجو چترڀج سروپ ڏيکاريو
۽ ٽيئي لوڪ وات ۾ ڏيکاريا ته به مايا ڀڳوان جي مايا ۾
ڀلجي ويئي. ڀڳوان کي سڃاڻي نه سگهي ۽ چوڻ لڳي ته
ڪرشن منهنجو پٽ آهي. تهڙي طرح هي پريو، توهانجي
مايا به اهڙي ته پربل آهي جو اسان کي هر گهڙيءَ ڀلائي
ٿي ڇڏي. اڄ ۾ به توهان پنهنجي شڪتيءَ سان ساري شهر
جي رکيا ڪئي هئي. پر اسان اگيان جي ڪري ڀلجي توهان
کي سڃاڻي نه سگهياسون ۽ وري ٻيا توهان سان جهڳڙا
ڪيوسون. هاڻي اسان سڀيئي توهانجي شرن ۾ آيا آهيون.
اسان کي معافي ڏيو. اسان تي اهڙي ڪرپا ڪريو جو آئينده
توهانجي مايا ڀلائي نه سگهجي ۽ اسانجي شردا، پريم ۽ وشواس
ڏڍو رهي. جئن ڪرشن ڀڳوان دواپر يگ ۾ گووردن
پٽ کڻي پنهنجي برجواسين جي رکيا ڪئي هئي تئن توهان
اُٿي شهر کي تباهيءَ کان بچايو جو هڪ پاسي درياهه شاهه
شهر کي پائي رهيو آهي ٻئي پاسي اندر ديوتا ڪوپ ڪري
رهيو آهي. ڪيترن ڏينهن کان لڳاتار برسات وسي رهي آهي

بيماري ۽ ستگرو مهاراج جن جي ديا ۽ ڪلا جي يادگيري ڏياري چيو ته وري به ونائڻ ئي ڪم ٿيندو تنهن ڪري هلي سندن شرڻ وٺجي. مگر مهراج گرڌاري رام، ڀائي ڪلياڻ داس، ڪرمون مل ۽ ڀائي ستراماداس چوڻ لڳا ته سندن ڪان معافي وٺي شرڻ پئون؟ تنهن ڪان ته ٻڏي وڃي مرڻ چڱو آهي. اسان جو اهو ويچار آهي ته هالن ڏانهن ڪو ماڻهو موڪلي اٽان ويهه پنجويهه بيل گاڏيون گهرائي بار ۽ سامان سڄو روانا ڪريون.

اهو ٻڌي ڀائي آنلداس ۽ بابو ريجهورام اٿي چيو ته هنن سيٺين جو مغز جاء ڪونهي، جو چون ٿا ته بار ٻچا ۽ سامان هالن روانا ڪريو. ٻهرين باهر ته نڪري ڏسو ته برسات پرلئه ڪال ڪري ڇڏيو آهي. بزارن ۽ گهٽين ۾ ڪيڏو پاڻي پيو وهي ۽ ڪئين پيون لڏيون وهن. پڪ ڪري ڄاڻو ته هيڙي برسات ۾ نڪري ڪونه سگهبو. درياه شاه به ڪن ڪلاڪن ۾ شهر ۾ ڪاهي ايندو. تنهن ڪري سڄاڳ ٿيو. سندن جي شرڻ وٺڻ کان سواء ٻيو ڪو حيلو ڪونهي. اهي ڳالهيون پئي ٿيون ته مکيه جي باغ جو ڪمدار ڊوڙندو ڊوڙندو پنچات ۾ اچي مکيه کي چوڻ لڳو ته سائين درياه شاه وڏيري جي باغ جو اڌ پاڻي ويو آهي، هينئر پنهنجي باغ کي پاڻي رهيو آهي. هڪ وڏو ٻڙ جو وڻ ۽ ٻئي ٻيا وڻ به ڪيرايا اٿس. درياه شاه اهڙي ڏجهوڙ سان اڇلون ڏئي رهيو آهي جو پارء ته اڄ رات جو ئي مولچرام جون مشينون ۽ سڄو شهر پاڻي ويندو. مکي صاحب ۽ سيٺي پنچ ڪمدار جي ڳالهه ٻڌي گهٻرائجي ويا. تنهن ڪانپوء مکي صاحب چيو ته جيڪي سندن جي برخلاف هجن سي همت مٿي ڪڻن. صرف سيٺ مولچرام ۽ ٻانيڻن ٻاون همت

برسات بند آهي ۽ آسمان بہ صاف نڪرو پيو آهي.

مکي صاحب صبح جو اُٿي يڳيہ هون جي تياري ڪرائي. بہ چار پنج ساڻ وٺي ستگرو مهاراج جن وٽ آيو ۽ پيرن پئي چوڻ لڳو تہ سائين يڳيہ لاءِ سڀ بندوبست ڪري آيا آهيون. هاڻي ڪرپا ڪري توهان هلو. اهو ٻڌو مهاراج جن سڀني سنتن مهاتمائن ۽ مهمانن کي ساڻ وٺي، مکي پنهنجن سان گڏ جي درياهہ شاهہ تي آيا ۽ هون شروع ڪرايائون. تمام گهڻي خلق اچي وڙي هئي. ستسنگ شروع ڪرايائون. ڦهرين ڪنڊوءَ جي ڀڳتن ملي ستسنگ ڪيو. پوءِ شاهہ جي پٽ مان ڀڳت چيتارام، ڪرشن داس، مهراج ليکراج، ڀڳت روپو ۽ ٻيا ڪيترا پريمي اوچتو اچي نڪتا.

ستگرو مهاراج جن ڀڳت چيتارام کي چيو تہ ڏاڍو چڱو ٿيو جو موقع تي آيا آهيو. هاڻي توهان پنهنجي منڊليءَ سميت ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪريو. آگيا پائي ڀڳت چيتارام، ڪرشن داس ۽ مهراج ليکراج ستسنگ ڪرڻ لڳا. ڀڳت چيتارام پوارتدا جو پڇڻ ڳائي چوڻ لڳو تہ اسان اُٿي گهڻن ڏينهن کان پئي ٻڌو تہ پنهنجن وري مهاراج جن سان جهيڙو شروع ڪيو آهي. اها بہ خبر ملي تہ درياهہ شاهہ ڪنڊوءَ شهر کي ٻائيندو پيو اچي. تڏهن رات سڀني پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هلي ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري اچون. هتي شهر ۾ اچڻ شرط ٻڌوسون تہ سڀئي پنج مهاراج جن کي وٺي درياهہ تي يڳيہ ڪرائين. سو هتي هيءَ موج ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. مهاراج جن سرو شڪتيوان آهن، درياهہ شاهہ کي پري اُماڻي ڇڏيندا، ايترو جو وري ڪنڊوءَ جي شهر ۾ ڪين ايندو. ايترو چئي ٻئي پڇڻ ڳائي بس ڪيائون. تنهن ڪانپوءِ ستگرو مهاراج جن يڪتارو کڻي ستسنگ ڪرڻ

۽ ٻجلي اهڙا ته ڪڙڪاٽ ڪري پئي ڳجي جو پانءِ ته ڪا پرلءِ اچڻ واري آهي. وڌيڪ توهان جاڻي جاڻڻهار آهيو. اسان جي اوگڻن ۽ ڏوهن کي نه ڏسي پنهنجو برد جاڻي لڄ رکو.

برهمڻن جي پرارٿنا ٻڌي ستگرو مهاراج جن چيو ته ڀڳوان جا عجيب رنگ آهن. ڀڳوان جي گت ڪوبه جاڻي نٿو سگهي ته ڇو ائين ڪيو اٿس. پر پنهنجو ڌرم آهي پرارٿنا ۽ پرشارٿ ڪرڻ.

سلوڪ - پرشارٿ پُن پرارٿنا - ڏونهو ساڌن سار،
ڪهي ٽيئُون جن کي ڪيئي -
هووي جئه جئه ڪار.

پرشارٿ ۽ پرارٿنا جئن ويدن، ڇهن شاسترن ۽ سڀني گرنٿن جو سار يعني تت آهي، جن جي ڪرڻ سان ٽنهي لوڪن ۾ جئه جئه ڪار ٿي وڃي ٿي. تنهن ڪري هينئر هتي ايشور کي پرارٿنا ڪريون ٿا ته سڀاڻي صبح جو هاءِ درياه شاه تي يگيه ڪجو، جنهن ۾ هون ۽ ڀنڊارو ڪجو. جئن سڀئي برهمڻ، ساڌ، فقير غريب مسڪين ۽ اناٿ ڪاڻي خوش ٿين. ستسنگ ڪري پلؤ پائي سڀ گڏجي درياه شاه کي پرارٿنا ڪنداسون. مهراج گرڌاري رام کي هون لاءِ چئي ڇڏجو. هي شهرن ۾ سوچنا ڏيئي ڇڏجو ته مائي پائي درياه تي اچي يگيه ۾ ڀاڱو وٺن. ٻيو ڪو به ڏپ نه ڪريو.

صبح جو درياه شاه جي ڪناري تي شاميانو هڻائي يگيه هون جي سامگري ڪٺي ڪجو جئن ٨ بجه صبح جو هون شروع ٿي وڃي. ستگرو مهاراج جن جي آگيا ٻڌي سڀئي پنهنجي جاءِ تي وڃي تياري ڪرڻ لڳا.

پرڀات جو ستگرو مهاراج جن اٿي ٻاهر نڪري ڏسن ته

جئن ڪرشن ڀڳوان جمنا جي ڪناري تي ٻهي مرلي وڄائيندو هو، برجواسي، پسون، پکي، جڙ چيتن سڀ پنهنجي سڌ ٻڌ ڀلائي، مرليءَ تي مست ٿي ويندا هئا، تئين ئي ساري سنگت ستگرو مهاراج جن جي ڀڄن روپي مرلي ٻڌي گهر ٻار، سارو سنسار ڀلجي، موج ۾ اچي، جتي سو لٿي اُئين ئي مست ٿي ويهو جئن مورتون پٽ تي اسٿت هونديون آهن. ڪنهن کي به وقت جي خبر ڪانه پيئي جو ڪٿان اچي شام جا ۴ لڳا. مکي پريتم مل آهستي اُٿي گوال لال کي ڏيري ڇوڻ لڳو ته شام ٿي ويئي آهي، ڀوڄن تيار رکيو آهي. ٿڌين، وڏن، ٻارن کي بک به لڳي آهي. سو توهان مهاراج جن کي اشارو ڪريو. گوال لال موقع ڏسي ستگرو مهاراج جن کي چيو ته سائين مکي صاحب جن چون ٿا ته تمام دير ٿي وئي آهي ۽ ٻارن کي بک لڳي آهي.

ايترو ٻڌي ستگرو مهاراج جن چيو ته برابر دير ٿي وئي آهي. اسان کي ته ڀڄن جي موج ۾ ڪائي خبر ڪانه پيئي پر توهان به ڪونه ٻڌايو. هاڻي نام جي ڌني لڳايو. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن پلئو پائي نام جي ڌني لڳائي.

دولهه تنهنجي در تي سڪ سان ڪريون سوال،
سوال سڀئي سوالين جا - سدا ٿئي رکپال،
ڪر نظر سان نهال - هن ساري سنگت کي.

درياهه شاهه، ڀڳين ۽ ستسنگ جي جس ڳائي ستسنگ سماپت ٿيو. درياهه شاهه کي ڀوڳ لڳائي ڀنڊارو کوليو ويو. ستگرو مهاراج جن، ساڌو، برهمڻ ۽ ساري سنگت پريم سان روٽي کائي خوش ٿيا. ساري سنگت پنهنجي گهر وئي ۽ ستگرو مهاراج جن به سنگين ۽ ساڌن کي ساڻ وٺي درياهه جي ڪناري جو سير ڪندا سالاري ڪان ڦري ۷ بجي پنهنجي

لڳا. مهراج ليکراج رباب وڄايو، واحد بخش ۽ آسو سولاري دلا ۽ مهراج هوندلداس باجو، ڀائي جينارام طبلا وڄايا. ستگرو مهاراج جن پريم جي مستيءَ ۾ اُٿي بيهي ٻانهن مٿي کڻي مڌر سر سان هي ڀڄن آلاپيو. ساري برهمانڊ ۾ هي مڌر آواز ڇانئجي ويو.

ڀڄن ڀيروي

ٿل - سچن جو ڏولهه دريا شاهه آهي -
راجا رانول راءُ ظاهر پير زمين تي سو مالڪ بيپرواهه.

١- ٻار برهم مان جل ٿيو پيدا -
تنهن مان ٿي ڌرتي، ڌرتيءَ مان ٿيا گل ڦل ميوا،
باغ بڻيا بستي، باغ گهمي گلزار ڏنو سين- عجب چڙهي مستي،
چؤراسي لک جوٽين سو سانول ڏي ٿو شاهه.

٢- درياهه شاهه جي در جا آهن- چار ٿي ورڻ پوڄاري -
ديوي ديوا ڪن ٿا شيوا،
شردا سان صد واري -
دنيا جي سڀ ديس جا ٿا پوڄن نر ۽ ناري،
باري جوتيون، گل ڦل چاڙهن- چت ۾ ڌاري چاهه.

٣- سوين هزارين اچن سوالي- سڀ جا ڪارج ڪري -
پلئو پريم سان پائين جيڪي تن جي جهول ڀري،
آس وندن جي آس پڄائي- دکڙا درد هري -
ٻڌلن جا تو بيڙا تاري- هيٺن جو همراهه.

٤- نرمل نام تنهنجو جيڪي چاهه رکي چوندا -
جڳ جڳ جهولي لال اڏيرو،
لات لهالو ٿيندا- ڏولهه جي ڪرپا سان سڀئي پار وڃي پوندا،
کهي ٽيئون سو ڪامل آهي- بي واهن جي واهه.

جا هردا سيتل ڪري رهيا آهن جي مهاتمائون، برهم گياني سنسار ۾ نه هجن نه سارو جڳت بنا اُگنيءَ جي جلي ڀسم ٿي وڃي. جو ست چت آنند، پرپورڻ پرماتما نراڪار آهي سو اننت روپن ۾ اوتار ڌارڻ ڪري اُچي ٿو. اوتار ٽن پرڪارن جا ٿين ٿا. (١) ڪارڪ اوتار (٢) نمت اوتار (٣) نت اوتار. (١) ڪارڪ اوتار. جهڙن سري رامچندر ۽ ڪرشن ڀڳوان جو اوتار ڌاري ليلائون ڪري دئيتن ۽ راڪسن کي ماري ڀوميءَ تان پاپين جو بار لاهي، اُڌرم کي ناس ڪري ڌرم جي استاپنا ڪيائون. (٢) نمت اوتار جهڙن نرسنگهه ۽ وامن ڀڳوان جي اوتار ڌاري ڀڳتن ڀڳتن جا دک ڪشت دور ڪري جلدي اُنترڌان ٿي ٿا وڃن. (٣) نت اوتار. سنت مهاتمائون رشين منين جو اوتار ڌاري جڳياسن ۽ جڳت جي اُڌار واسطي اُچن ٿا. جو اننت جڳياسن کي آتم گيان ڏيئي جنم مرڻ جي چڪر کان ڇڏائي موڪ ڪن ٿا. اهي برهم گيان مهاتمائون ساڪيات برهم جو روپ آهن.

برهم گياني آپ پرميشور-

برهم گيانيءَ ڪو کوجي مهيشور.

گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته برهم گياني مهاتمائون برهم جو روپ آهن جنکي شنڪر ڀڳوان به ڳولي ٿو. برهم گياني مهاتمائن جي درشن ڪرڻ سان مهاآنند جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ ڪيترائي پاپ ڪشت وگهن دور ٿي وڃن ٿا. جهڙي ڪندڙو نگريءَ مٿان آيدا آئي، هڪ پاسي درياه شاه، ٻئي پاسي برسات. اهڙو نه ڪرتار جو ڪوپ ٿيو جو ڪندڙوءَ جي نگري بچي ڪو نه ها پر ستگرو مهاراج جن جي ڪرپا درشٽيءَ سان سڀ جهڙ جنڪار ٿي ويئي. اڄ شام جو اسان ڏسي آيا آهيون ته درياه شاه هڪ فرلانگ پٺتي هٽي ويو

آستان تي آيا.

گوسائين ٺاڪرگر مهراج گرڌاري رام، سيٺ موٽيرام، ڀائي ڦتومل ۽ ٻيا ٻہ ٽي ڄڻا گڏجي ڏسڻ آيا تہ درياهہ لٿو آهي يا نہ. درياهہ کي لٿل ڏسي گوپالداس چوڻ لڳو تہ اها اُتوَ سنتن جي شڪتي جو سڀني جو ڪلياڻ ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو سنتن، مهاتمائن ۽ ستسنگين سان گڏجي ستگرو مهاراج جن درياهہ شاهہ تي گهمڻ ويا. ڏسن تہ درياهہ ٻنتي هٽي رهيو آهي. هڪ رات ۾ هڪ فرلانگ کن ٻنتي هٽي ويو هو. اهو ڏسي سڀئي ستگرو مهاراج جن جي جئہ جئڪار پڪارڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ پريوُ، هيءَ تہ وڏي قدرت ڏيکاري اُتوَ! تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا تہ هيءَ ايشور جي مايا اننت کيل ڪري رهي آهي. هي تہ هڪ عجيب کيل ڪري ڏيکاريو اٿس. توهان سڀ ساکي ٿي ڏسندا رهو. ايترو چئي درياهہ شاهہ جي ڪناري جي سٽر ڪندا جاءِ تي اچي ٨ بجہ ستسنگ شروع ڪيائون. مهراج گرڌاري رام، ڀائو ٺاڪرگر ۽ ٻيا بہ ڪيترا سادو، برهمڻ ٻنهي شهرن مان تمام گهڻي خلق آئي هئي. سارو ٽلهو ۽ ساري بزار پريمين سان ڀرجي وئي. اُتي مهراج ليکراج سنتن جي مهما جو ڀڄن ڳائي چوڻ لڳو تہ سنت مهاتمائون ۽ ستپرش، جي سنسار ۾ نہ هجن تہ سنسار جا جيو جنت دکي ٿي تاپڻ ڪليشن ۾ جلندا رهن.

سلوڪ- آگ لڳي آڪاس ۾- جهر جهر ٻرن انگار،
سنت نہ هوون جڳت ۾- تہ جل مرتا سنسار.

ارٿ- تہ ساري سنسار کي لوڀ ترشنائن، تاپن ۽ ڪرود جي اَگني رات ڏينهن جلائي رهي آهي. سنت مهاتمائون وويڪ جي ورکا ڪري پريم روپي پاڻيءَ سان سيدي جيون

ڏانهن ويا، تنهن ڪانپوء مون کي پتو پيو. اڄ مان انهن کي ياد ڪري روئي رهيو آهيان. اهڙي طرح اهي منش ٻوء ڀڳتائي اوتارن، رشين منين مهاتمائن جي سماڌين ۽ مندرن جي پوڄا ڪري ڦل پائيندا ايترو چئي

تنهن ڪانپوء ستگرو مهاراج جن ستسنگ ڪرڻ لڳا. پرڀو جي مايا جي پرٻل شڪتي جي وارتا هلائي جڳياسن کي اپديش ڪرڻ لڳا.

راڳ جوڳ

راهه- پرٻل هٿ ٻهه هر ڪي مايا - جسني سب جڳ جيو ڀلايا.

١- ڪيتي شبد سپرش ۾ ٻانڌي - ڪيتي روپ رس ۾ ساڌي،
ڪيتي گند ڪي بيچ گلايا.

٢- ڪيتي ڪام ڪروڌ ۾ جاري - ڪيتي لوڀ موهه ۾ ماري،
ڪيتي لوهه ڪي سند ٻهايا.

٣- ڪيتي يوگي پنڊت گياني - ڪيتي تپسي تياڳي ڌياني،
ڪيتي منور خاڪ ملايا.

٤- ڪهي ٽيئون ان سب ڪو لوٽا - ڪوئي ان سي ورلا ڇوٽا،
جس ني گور ڪرپا چرن ڌيايا.

اهو ڀڄن ارٿ سميت ڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. ساري سنگت ۾ پرساد وٺي گهر وئي. اهڙي طرح مهاراج جن لت ليم سان هر روز ستسنگ جي موج لڳائيندا هئا. ٻنهي شهرن جي ڪيترن مائين، ڀائن جو پريم شرڌا وشواس وڌندو ويو. جيڪي ٻاوا ٻانيڻ ۽ شهر جا ماڻهو برخلاف هئا سي به اُنهيءَ پريمي ٿي پيا.

آهي ۽ گهڻو ڪري هفتي ڪن ۾ ساهپ جاءِ تي وڃي وهندو. اهي اوتاري پرش جون شڪتيون آهن. انهن مهاتما پرشن کي وڏ ڀاڳي وويڪي پرش ڏسي شرڌا سان شيوا ڪري پنهنجو اُڌار ڪري مڪتي ڦل پائين ٿا. ڏهٺا نہ اگياني اُونڪي جيو جيڙي، اوتاري رشين منين مهاتمائن مان ڪو بہ لاڀ پراپت نہ ڪري سگهندا آهن. اُلٽو انهن کي گاريون ڏيندا آهن ۽ گلائون ڪندا آهن ۽ اُنيڪ دک ڪشٽ ڏيندا آهن ۽ پوءِ انهن مهاپرشن جي اُنترڌان ٿيڻ وقت کان پوءِ، اُهي موڙهہ اگياني منش پشچاتاپ ڪري روئي پاڻ کي ننديندا آهن.

ساوڪ - پاڙي ويج هڪام - تا مُون مُور نہ پڇيا،
تنهان پوءِ پيام - موري سَر اکين ۾.

ارٿ - پنهنجي پاڙي ۾ وڏا ڊاڪٽر هئا ۽ مان تمام روڳي بيمار هيس پر مان انهن ڊاڪٽرن کي نہ ڏسي سگهيس، جو منهنجي اکين ۾ گرميءَ سبب ڦلا پئجي ويا هئا ۽ مون کو بہ علاج نہ ڪرايو پر جڏهن اُهي ڊاڪٽر مون وٽان لڏي ويا تڏهن مولڪي انهن ڊاڪٽرن جو قدر پيو ۽ تڏهن مان روئڻ لڳس.

سدانت - هي اگياني جيو جوي تو نہ جيسين اوتاري رشي مني، سنت مهاتمائون منهنجي پر ۾ مون وٽ هئا ۽ مان تاپن ڪليشن ۾ ترشنا جي روڳ ۾ روڳي ٿيو پيو هوس تيسين منهنجو چت دکي تي چنتائن ۾ پڪي رهيو هو ۽ رات ڏينهن مون کي آرام ڪونہ هو. پر مان پنهنجي اَلم اَيمان جي ڪري اَنڌو ٿي ڏسي نہ سگهيس. پنهنجي من جي روڳ مٽائڻ لاءِ آتم گيان جي دوا انهن کان ڪين ورتم. جڏهن اُهي سنت پرش اُنترڌان ٿي پنهنجي اَبناسي وطن

جهنگل جي ڀاري ڏسي ڪلاڪ کن اُتين سير ڪري موٽي اچي ڪٿيا ۾ وهي نام جو ڄپ ڪرڻ لڳا. روز صبح جو اشنان ڪري، ڦل کائي پاڻي پي ڪنهن مهل ڄپ تاهي ڏيري ڏيري پيا ڳائيندا هئا ته ڪنهن مهل سماڌي لڳائيندا هئا. شام جو ڪلاڪ کن درياهه جو ڪناري وٽي جهنگل جو سير ڪندا هئا. انهيءَ وقت ستگرو مهاراج جن وئراڳ جي مستيءَ ۾ مست هوندا هئا جو رات جو گدڙ ٻگهڙ، خوفناڪ جانور آواز ڪندا هئا؛ ڪنهن مهل ته مهاراج جن جي ڪٿيا ٻاهران اچي ڪيليندا هئا پر ستگرو مهاراج جن سدائين وئراڳ ۾ لينءَ رهندا هئا.

ڪوت

ڀوڳن ۾ روڳ پيءَ - سکون وشي ڪشٽ پيءَ
ڌن منڌي پيءَ ڀوپ - چور کي رهت هئي
داس ۾ سوامي پيءَ - جسي ۾ ريُو پيءَ
پيءَ ڪل بيچ نيچ - ناري ڪو مهت هئي
مان ۾ هان پيءَ - گڻون ۾ گلان پيءَ
ڪايا ۾ ڪرانت پيءَ - ڀيه سرو گت هئي
نرپيءَ ويراڳ اڪ - ڏرو نروس ووڪ
گايو منن انيڪ - اب تاڪي ميري مت هئي.

ارٿ - دنيا جي وشيءَ ڀوڳن ۾ سرير جي روڳن تيڻ جو ڊپ آهي. واهپي جي دک جو ڊپ آهي. نوڪر کي سيٺ جو ڊپ آهي. جيت ۾ هار ۽ دشمن جو ڀؤ آهي. وڏي ڪل کي نيچ اِستريءَ جو ڊپ آهي ته متان ڪل کي داغ لڳائي ڇڏي. مان ۾ اپمان جو ڊپ آهي. گڻوان کي مورک جو ڊپ آهي. سرير کي موت ۽ بيماريءَ جو ڊپ آهي. اهڙي ريت ساري سنسار جي پدارٿن ۾ ڊپ سمايل آهي پر هڪ

پاڳو ڀيريون - باب ۳

ستگرو مهاراج جن رات ڏينهن ماڻهن جي ڀيڙ ڏسي هڪ ڏينهن پرڀات جو ۴ بجي انگوڇو لوٽو کڻي گهران نڪتا ۽ درياهه تي اشنان ڪري ويهي ويچار ڪيائون ته ڪجهه وقت ڪٿي ايڪانت جو آنند وٺجي. اهو پڪو سنڪلپ ڪري درياهه جو ڪنارو ڏيئي هلندا ويا. ٻه ٽي ميل پنڌ ڪيائون. درياهه جي ڪناري تي هڪ سندر ايڪانت جي جڳهه ڏسي ويهي چوطرف نهارڻ لڳا. ٽن طرفن کان سهڻا انبن، ڄمن، ٻيرن، ليارن، ميون جا وڻ، گلن ڦلن سان ڀريل نظر آيا، چوٿين طرف کان درياهه شاهه پنهنجي گمڀيرتا ۽ شانتيءَ سان وهي رهيو هو. ڏکڻ کان ٿڌي ۽ سڳنڌ واري هير ڌيري ڌيري لڳي رهي هئي. اهو سندر رمڻيڪ نظارو ڏسي، جتي شيشم جا ٻه ٽي وڻ پاڻ ۾ مليل هئا، اتي ڪانيون، ڪک پن گڏ ڪري هڪ جهوپڙي ٺاهيائون. انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ واريءَ جو ٻه سوا ٻه فوٽ ٿلهو ٺاهي، ٿلهي تي ويهي پنهنجي آتم سروپ جو چنتن ڪرڻ لڳا. اهو سارو ڏينهن ورت رکيائون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو درياهه شاهه تان اشنان ڪري وڻن جا ڦل ڦول کائي، درياهه تان پاڻي ڀري جهوپڙيءَ ۾ اچي پدم آسڻ ٻڌي سماڌي لڳائي چت جي ورتي پنهنجي آتم سروپ ۾ استٿت ڪيائون. اهڙي طرح ٽي ڪلاڪ سماڌيءَ ۾ استٿت رهيا. شام جو ڌيري ڌيري سماڌيءَ کولي اٿي جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري درياهه جو ڪنارو وٺي گهمڻ لڳا. هڪ پاسي درياهه، ٻئي پاسي ڪان مهاسندر

جي طرف نهاريئن ته هڪ مهاسندر اَپڇرا اچي رهي آهي؛ جنهنجي سوڀيا ساري بن کي اهڙو ته پرڪاشت ڪري رهي آهي جو ڄڻ پورڻماسيءَ جو چنڊ ڪڙي رهيو آهي. اهو نظارو ڏسي دل ۾ خيال ڪرڻ لڳا ته هن وقت هن جهنگل ۾ هيءَ مهاسندر استري ڪيئن آهي ۽ ڪٿان اچي رهي آهي ۽ ڇو آئي آهي؟ انهيءَ ويچار ۾ هئا ته اُها مهاسندري ڪٽيا اڳيان بيهي ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳي. مهاراج جن ان استريءَ ڏانهن نهاري وري ڪنڌ هيٺ ڪري من کي سمجهايو ته شايد هيءَ مايا آهي جا اننت رنگ روپ ڌاري رشين، منين، مهاتمائن کي ڀلائڻ ايندي آهي. هيءَ ضرور مايا آهي. اهو دل ۾ پڪو نشچو ڪري ڪنڌ مٿي ڪٽي انهيءَ مهاسندريءَ ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳا ته اها سندري مهاراج جن ڏانهن نهاري مشڪي چوڻ لڳي ته کلو ڇو ٿا؟ مونکي سڃاڻو اٿو ڇا؟

تنهن تي مهاراج جن چيو ته توکي چڱيءَ طرح سڃاڻون ٿا. تون مهاموهڻي مايا آهين. پر سچ ٻڌاءِ ته تون شڀ ڪرمي آهين يا ڪپ ڪرمي ۽ هتي ڇو آئي آهين. توکي ڪنهن موڪليو آهي يا پاڻهي آئي آهين؟ کولي ٻڌاءِ، نه ته توکي اڄ ڏنڊ ڏينداسون.

مايا گهبرائجي ڪنبي چوڻ لڳي ته هي پرڀو مان ڪپ ڪرمي مايا آهيان. اندر ديوتا مونکي موڪليو آهي ته سنت جي پريکيا وٺي اچ ته ڇا جي لاءِ تو اهڙي ڪٺن تپسيا ڪري؟ سو مان اندر جي آڳيا پائي آئي آهيان. ٻيو جيڪي پڇڻو هجيو سو جلد پڇو، مان توهانجي ڀڳتي، وئراڳ، تپسيا جي شڪتي اڳيان بيهي نٿي سگهان. تنهن تي مهاراج جن مايا کان هي سوال پڇيا:-

وئراڳُ ۽ وويڪ ئي نروئو آهي. ستگرو مهاراج جن اهڙي طرح نرويُو رهڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن جي ورتي وئراڳ ۾ آتم ڌيان ڪرڻ سان آتم روپ تي ويئي هئي. ڀيانڪ جانور ڏسي دل ۾ چوندا هئا ته هنن ۾ به منهنجو آتمارام آهي. ڪنهن مهل نه جانور راند ڪري هليا ويندا هئا، ته ڪنهن مهل اڳيان چپ ڪري ويهي رهندا هئا. ستگرو مهاراج جن نه پنهنجي موج مستيءَ ۾ هوندا هئا. ڏينهان ڏينهن ستگرو مهاراج جن جي ورتي آتم پد ۾ استت ٿيندي ويئي. اهڙي پرڪار ستگرو مهاراج جن پنهن جو وقت آنند ۾ گذارڻ لڳا.

هوڏانهن جنهن ڏينهن مهاراج جن پرڀات جو گهر مان نڪتا، سو سارو ڏينهن ماتا ڪرشنا ڪين ڏٺو پر هو رات جو به ڪين آيا. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڀائي ٽهلرام ۽ ڪي ستسنگي سندن ڳولا ۾ نڪتا. باغ گهميا، ٻيلا گهميا، رستا ڦريا، نهرون ڦريا، درياه شاه ويا؛ پنج ڏينهن اِئين ڳولها ڦولها ڪيائون پر پتو ڪونه پيو.

ماتا ۽ سڀئي ستسنگي ڏاڍو اُداس ٿي پيا. گهر جو وهنوار ۽ کائڻ پيڻ به ڀلجي ويو، ننڊ ڦٽي پئي. رات ڏينهن اکيون کڻي پيا نهارين ته ڪڏهن ٿا مهاراج جن درشن ڏين. سڀ وياڪل گذارڻ لڳا. هوڏانهن ستگرو مهاراج جن ڪٽيا ۾ يوگ تپ ڪري رهيا هئا. هڪ ڏينهن پرڀات جو ٤ بجي اُٿي ڏندڻ اِشنان ڪري ڪٽيا ۾ پدم آسڻ ٻڌي من کي سوُڪيم ڪري سماڌيءَ ۾ استت ٿيڻ لڳا. اڃا پوري سماڌي ڪانه لڳي هئن ته گهگهٽن جو مڌر آواز ٻڌائون. دل ۾ ويچار ڪيائون ته گهگهٽن جو مهاسندر مڌر آواز هن وقت بن ۾ ڪٿان آيو. سندن سماڌي کلي پيئي. اکيون کولي آواز

كامديو ست سوربير نـي -
مڇندر كـو مڇلايـا هئن .
ناردمن كو موهت كركي -
انـدر آد الـجهايـا هئن ،
كـروڙ پتر دروانـا جنسي -
بهتـي منـي تپايـا هئن .
ائسي آگ لگائي اُس نـي -
خـون اگيانن كايـا هئن ،
لـوپ پتـر دريـوڌن آد -
كورو نـاس كرايا هئن .
بـڙي بـڙي پوجاري پنڊت -
لـوپ بهت لٽكايا هئن ،
موهہ پتـر مهاڀارت مـانهين -
ارجـن آد رئـايـا هئن .
گياني ڌيانـي ويـر وگياني -
ڦـندي مانهہ ڦسايـا هئن ،
مها پتر اهنكار بـاـي نـي -
راوڻ سبس كٽايـا هئن .
تپسي تياگي بهت ويراگي -
اس نـي آن گرايا هئن ،
اس كارڻ مئن اسي جڳت مين -
پاپـن نـام ڌرايـا هئن .
ست جگہ پر هئن سفيہ كا واسا -
پانو وهان نهين پايا هئن ،

چند - ڪهه مايا ڪيِ ڪرمي ڪئسي -
پاپڻ نام ڪهايا هئه،
ڪهان ڪهان تم بچر رهي هو -
ڪؤن مڪان بنايا هئه،
ڪؤن گرو پن پتي تمهارا -
ڪؤن پتر تو جايا هئه،
ڪهتا ٽيئُون ڪس جڳه مانهين -
جنم آپ نـي پايا هئه.

ستگرو مهاراج جن مايا کان پڇيو ته هي مايا، تو پاڻ لئي ڪيئن ڪري پاپڻ، ڏائڻ ڏوٽي نالا ڇو رکايا آهن. تنهي لوڪن ۾ ڪهڙي يگ ۾ تون جائي آهين ۽ ڪهڙي ڪهڙي ملڪ جو سئر ڪندي آهين- ڪهڙو تنهنجو گهر آهي جنهن ۾ تون رهين ٿي. تنهنجو گرو ڪير آهي ۽ پتي ڪير آهي- توکي پٽ ڪهڙا ۽ ڪيترا آهن.

مايا جواب ڏنو:

چند - ترينا يگ ۾ جنم همارا - تين لوڪ پر مايا هئن،
دواپر يـگ ۾ ڦير دوائـي -
جهندا دويت جهلايا هئن.
سات ديپ بچرت هون مئن -
ممتا محـل بنايـا هئن،
گرو همارا ڪاي ڪـال پـن -
پتي ديـو مـن پايا هئن،
پـانچ پتـر بلـوان همـاري -
جن سب کو پٽڪايا هئن،

آھي، جنھن مان مونکي پنج پٽ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ ۽ اھنڪار پيدا ٿيا آھن. اھي منھنجا پنجئي پٽ مھابلوان سوروير ۽ آگياڪاري آھن، جن ساري سنسار جي جيون کي ڏربدر ڪري ڇڏيو آھي. ڪامديو منھنجو پٽ اھڙو ته سورويرُ آھي، جو مڇندر جھڙي جتيءَ کي به موھت ڪري ڇڏيائين. ھڪ ڏينھن، مڇندر جتي گھمندي ھڪ راڄڌاني ۾ نڪتو، جتي صرف راڻيون، راڄڪماريون راڄ ڪنديون ھيون. اتي وڃي اھڙو ته ست سنگ ڪيائين ۽ رڌيون سڌيون ڪراماتون ڏيکاريائين جو ڪيتريون راڄڪماريون مٿس موھت ٿي پيون ۽ پاڻ به راڄڪمارين تي موھت ٿي شادي ڪري راڄائي ڀوڳ ڀوڳي، راڄ ڪرڻ لڳو.

اھڙي طرح نارد کي به موھي ڇڏيو ھئائين، جو ھڪ ڏينھن نارد مني ويٺا، يڪتارو ھٿن ۾ کڻي اترا کنڊ جو سير ڪندي ڪندي اچي سمير جي ڪندرا رمڻيڪ بن ۾ پھتو، جتي ندي وھي رھي ھئي. نديءَ جي ڪناري تي تمال ۽ گندار جا وڻ پنھنجي گلن جي خوشبوء سان ساري بن کي سڳنڌت ڪري رھيا ھئا. ڪير پپيھا، چڪور، ڪوئل، مئنا، مور آد پنھنجون مٺيون ٻوليون ٻولي رھيا ھئا. اھڙي سندر رمڻيڪ جڳھ ڏسي نارد مني ويھي تپ ڪرڻ لڳو. اھڙي ته ڪٺن تپسيا ڪيائين جو اندر ديوتا جو آسڻ لڏڻ لڳو. اندر الترمک ٿي ڏٺو ته: نارد مني ڪٺن تپ ڪري رھيو آھي، تنھن ڪري منھنجو آسڻ لڏيو آھي. اھو ويچار ڪري ھڪ مھا سندر اپسرا کي آگيا ڪيائين ته نارد مني جيڪو نديءَ جي ڪناري تي سمير جي ڪندرا ۾ گھور تپ ڪري رھيو آھي. تنھن جو وڃي تپ ڀنگ ڪري اچ. اپسرا سورھن سينگار ڪري، نارد منيءَ وٽ اچي طرحين طرحين

مايا بولي سنو سوامن -
تم ڪو ساج بنايا هئن.
ڪهي ٽيئون مايا ڪا ڪهنا -
يهه مئن صاف سنايا هئن.

ڀاوارٿ - مايا ستگرو مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته هي پربو اڄ توهان مون کان اهڙا سوال پڇيا آهن جي اڄ تائين ڪنهن به ڪونه پڇيا آهن. مان توهان کي پنهنجي ساري حقيقت ٻڌايان ٿي. ٽريتا يگ ۾ ٽن گڻن مان يعني ستي، رجي ۽ تمي مان، مان ۽ منهنجي پيرڻ ٽئي گڏجي ڄاڙيون پيدا ٿيون آهيون. ايشور اسان جو پتا آهي. مها شڪتي اسان جي ماتا آهي. پاربرهم اسانجو ڏاڏو آهي. برهما اسانجو برهمڻ آهي، جنهن منهنجي پيرڻ جو ناٺو شڀ ڪرمي ۽ منهنجو ناٺو ڪپ ڪرمي رکيو. ٽنهي لوڪن، يعني ديولوڪ، مرت لوڪ ۽ پاتال لوڪ ۾ ٽرٽلو وڃهي چڙهيو اٿئون. دواپر يگ ۾ ويرپاءَ وڌائي ٻيائيءَ جو جهنڊ وڪڙو ڪري مهاڀارت جي لڙائي ڪرايم. ستن ڏيپن ۽ نون کنڊن ۾ منهنجو واسو آهي يعني گهمندي آهيان ۽ ممتا روپي منهنجو محلات آهي.

چند - جو ڪڇهه دک آ لاڳت هئن -
سو ممتا ڪرهي هوئي هئن
ممتا ڪرهي اسي جڳت ۾ -
جيو اگياني روتي هئن.

مطلب ته هن سنسار ۾ ممتا جي ڪري ئي سڀئي جيو دک پائي انت جنمن تائين رئندا رهن ٿا. ته اڪري ممتا يعني ته مما ۽ ٽيون لتو. معنيٰ، مان منهنجو ۽ تنهنجو ڇڏاريم. گرو منهنجو ڪلجگ آهي ۽ پتي ديو منهنجو ملين من

تنهن ڪاڻ وشنو ڀڳوان، جنهن رستي ڪان نارد مني وڃي رهيو هو، اُنهيءَ رستي تي هڪ مهاسندر سري نگر بڻايو، جنهن ۾ راجا سيل نڌي پنهنجي مهاسندر ڪنيا، وشو موهنيءَ جو سويمبر رچي رهيو هو. گهڻائي راجائون، راجڪمار، ديو ديوتائون رشي مني آيل هئا. نارد مني به اچي اُنهيءَ نگر ۾ پهتو. ٻڌايائين ته راجا پنهنجي ڪنيا جو سويمبر ڪري رهيو آهي، جنهن لاءِ ڪيترا راجائون، ديوتائون، رشي مني آيل آهن. نارد سڌو راج سڀا ۾ آيو. راجا نارد مني کي ڏسي نمسڪار ڪري وڏي آدرستڪار سان سوني سنگهاسن تي وهاريو، هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته، هي ڀاڳ مان پنهنجي ڪنيا جو سويمبر ڪري رهيو آهيان ڪرپا ڪري محلات ۾ پيرا گهمائي، گهر پوتر ڪريو، منهنجي پتريءَ جون ريکائون ڏسي ٻڌايو ته سندس ڪهڙو ڀاڳ آهي. ايترو چئي راجا وڏي ستڪار سان نارد کي وٺي، سڀ محلات گهمائي، پنهنجي هيرن جواهرن جڙيل سيجا تي وهاري پنهنجي ڪنيا کي گهرائي. سندس هٿ ڏيکاريو. نارد راجڪماري جي هٿ جون ريکائون ڏسي، سندس مهاسندر تيجسوي روپ ڏسي، دل ۾ ويچارڻ لڳو ته هيءَ راجڪماري جنهن کي پنهنجو پتي بڻائيندي سو ترلوڪيءَ جو ناٿ ٿيندو. هن جي سوڀيا اهڙي آهي ڄڻ ڏسجي جو سيتا، لڇمي ۽ پاربتيءَ جي به جاءِ نه آهي. وري به راجڪماريءَ ڏانهن نهاري اهڙو ته موهت ٿي پيو جو گيان ڌيان جپ تپ سڀ ڀلجي ويس ۽ دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو ته وشنو ڀڳوان وٽ وڃي وينتي ڪريان، اهڙو ته سندر مها تيجسوي روپ وٺي اچي سويمبر ۾ وهان جو ڄڻ راجڪنيا پنهنجي سونهن تي موهت ٿي، مونکي ڄڻ مالا پائي.

اهو سنڪلپ ڪري راجا کي چوڻ لڳو ته هي راجن،

جا ناچ ڳانا ڪري، نارد منيءَ کي رِجهائڻ لڳي. نارد مني اکيون کولي اپڇرا ڏي نهاري، وري پنهنجي سماڌي ۾ اسٿت ٿي ويو. اپڇرا وري به اننت رِجهائڻ جا ڪيل ڪيا، پر نارد اکيون نه کوليون. آخر اپڇرا موٽي اندرلوڪ ۾ واپس آئي. تنهن ڪانپوءِ، نارد منيءَ چوطرف نهاري دل ۾ چوڻ لڳو ته منهنجو تپ پورو ٿيو، جو هيڏي اپڇرا به مونکي موهي نه سگهي. اهو ويچار ڪري ڪرتال، يڪتارو ۽ وڻا کڻي سڌو پنهنجي پتا برهما وٽ آيو ۽ پنهنجي ڪيل تپ ۽ اپڇرا جي ڳالهه ڪري ٻڌايائين، برهما پنهنجي پٽ نارد جي ڳالهه ٻڌي چوڻ لڳو ته پٽ، اها ڳالهه ڪنهن ٻئي سان نه ڪجانءِ. ايترو ٻڌي نارد پتا کي پيري پئي روانو ٿيو.

گهمندي گهمندي ڪيلاش پربت تي اچي شنڪر ڀڳوان کي نمسڪار ڪري، پنهنجي تپ ۽ اپسرا جي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. مهاديو به چيئين ته هي منيشور، تون ڀڳوان جو پيارو سرومڻي ڀڳت آهين سو توکي اندر جي اپڇرا ڇا ڀلائي سگهندي؟ تنهن هوندي به اها ڳالهه وشنو ڀڳوان سان نه ڪجِ. نارد مني سڌو وئڪنٺ پري ۾ ويو ۽ وشنو ڀڳوان کي نمسڪار ڪري پنهنجي ڪيل تپ اپڇرا، برهما ۽ مهاديو جي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. وشنو ڀڳوان دل ۾ سوچيو ته نارد منهنجو پيارن ۾ پيارو ڀڳت آهي هن جي دل ۾ اهمنپڻي جو انگور پيدا ٿيو آهي. سو انهيءَ جو ڪجهه اپاءُ سوچڻ گهرجي، جئن هنجي ڀڳتي سدائين قائم رهي. اهو ويچار ڪرتي، وئڪنٺ ناٿ نارد کي چوڻ لڳو ته هي پٽ، توکي آفرين هجي جو تون منهنجي مايا کي جيتي آيو آهين. هاڻي تنهنجو نالو مايا جيت مني رکون ٿا. نارد منيءَ خوشيءَ ۾ اچي بينا وڄائي، اچندو نچندو ڀڳوان کي نمسڪار ڪري روانو ٿيو.

مشڪي چوڻ لڳو ته هي منهنجا پيارا ڀڳت تو جيڪي اڄ مونکان گهريو آهي سو ڪنهن جڳ ۾ ٻئي ڪنهن مونکان ڪونه گهريو آهي. چڱو ائين ٿيندو.

نارد مني خوشيءَ ۾ ڀڳوان کي نمسڪار ڪري جلدي موٽي اچي انهيءَ راج نگريءَ ۾ سويمبر ۾ اچي ويٺو. اچڻ سان ئي نارد جو منهن سچو لنگور جهڙو ٿي پيو. هڪ سنو آسڻ ڏسي انهيءَ تي پدم آسڻ ٻڌي ٺاٺ باٺ سان سڌو ٿي ويهي، ساريءَ سڀا ڏي نهاري دل ۾ چوڻ لڳو ته ڀڳوان منهنجو سروپ اهڙو ته سندر بڻائي بدلائي ڇڏيو آهي، جو سڀا ۾ ڪير به مونکي نٿو سڃاڻي سگهي. سڀئي مون ڏانهن پيا نهارين. اهو ويچار ڪري خوشيءَ ۾ ائين ته ٽڙي پيو جئن بسنت رت ۾ گلاب جو گل. ايتري ۾ راجڪماري جئه مالا هٿ ۾ کڻي سويمبر سڀا ۾ آئي. اُنجي اهڙو ته پرڪاش ٿيو جو ڄاڻ ته چوڏهين جو چندر ما ڪڙيو آهي. راج ڪنيا جئه مالا هٿ ۾ کڻي گهمندي، راجائون ڏسندي نارد جي ويجهو اچي پهتي. نارد خوش ٿي راج ڪنيا ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳو. راج ڪماري ڪنڌ هيٺ ڪري هلي وئي. وري ٻئي ڦيري ۾ به نارد جي اڳيان ڪنڌ هيٺ ڪري ڪلندي اڳتي هلي وئي. نارد خوش ٿي راج ڪنيا ڏانهن نهارڻ لڳو. وري ٽئين ڦيري راج ڪنيا جڏهن نارد وٽان ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهي وڃي وشنو ڀڳوان کي جئه مالا پهرائي، تڏهن نارد اهو رنگ ڏسي منهن ننڍڙو ڪري، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. پاسي ۾ مهاديوَ جا ڳڻ نارد جي اها حالت ڏسي کلي چوڻ لڳس ته تون ايترو اداس ڇو آهين، پنهنجو منهن وڃي آرسيءَ ۾ ته ڏس. نارد ٽپ ڏيئي پٽ ۾ ٽنگيل وڏيءَ آرسيءَ ۾ وڃي نهاريو. پنهنجي شڪل باندر جهڙي

هن ڪنيا جو ڀاڳ تمام سٺو آهي. هنکي راڄ رشي جهڙي سرومڻي مايا پتي ور ملندو. ايترو چئي نارد ٻاهر نڪري نڪتو نڪتو پنڌ ڪري پنهنجن منٽن ۾ ويڪنٺ پريءِ ۾ وڃي وشنو ڀڳوان کي نمسڪار ڪري ويهي رهيو. ترلوڪي ناٿ نارد کي گهٻرايل ڏسي، چوڻ لڳو تہ هي ڀڳت، ڪيئن جلدي موٽي آيو آهين؟ خبر تہ ٻڌاءِ تہ سنسار ۾ سڀ سک شانتي آهي ۽ ڪنهن ڀڳت کي ڪا پيڙ تہ ڪانہ اچي پئي آهي؟ تون ايترو اداس ڇو؟ نارد مني چوڻ لڳو تہ هي پڀو، اننت جنمن ۾ توهان جي چرنن جو داس ٿي رهيو آهيان ۽ ڀڳتي ڪئي اٿم، پر ڪڏهن بہ ڪو پدارٿ ڪونہ گهريو اٿم. اڄ ڪنهن پدارٿ جي گهرڻ جي اڇا ٿي آهي. وچن ڏيو تہ گهران.

ڀڳوان مشڪي چوڻ لڳو تہ هي مهامني، جيڪا بہ شيءِ ٽنهي لوڪن ۾ اسانجي وس ۾ هوندي سا تنهنجي ڀلي لاءِ توکي ڏيندا سون. اسان تہ سدائين پنهنجي ڀڳت جو ڀلو چاهيندا آهيون ۽ پاڻ وڃي انهن جون گهرجون پوريون ڪندا آهيون تون تہ پاڻ اسان کان گهري تو وٺين، سو اسان ڪئن نہ ڏيندا سون؟

نارد همت جوڙي چوڻ لڳو تہ هي پڀو، توهان برابر سچ ٿا چئو. پر جنهن ۾ منهنجو ڀلو ٿئي ۽ سدائين مان سکي رهان سو اهڙو مونکي وچن ڏيو تہ پوءِ مان توهان کان گهران.

تنهن تي وشنو ڀڳوان چوڻ لڳس تہ جيڪو پدارٿ تنهنجي ڀلي لاءِ سکدائي هوندو، سو اوس توکي ڏيندا سون. اهو اسانجو وچن آهي.

نارد مني خوش ٿي همت جوڙي چوڻ لڳو تہ هي ڀڳوان منهنجو اڄ اهڙو تہ سندر روپ ڪريو جو ٽنهي لوڪن ۾ ڪنهن بہ منش يا ديوتا جو نہ هجي ۽ جنهن جي ملڻ ڪري منهنجو ڪلياڻ ٿئي. اڄ هن داس تي اهڙي ڪرپا ڪريو. ويڪنٺ ناٿ

۾ ڦاسي پنهنجي الست جنمن ۾ ڪيل ڀڳتي، ڀوڳ ۽ تپ ناس ڪرين ها، پر ۽ چوراسيءَ ۾ ڀٽڪي ڏکي ٿين ها، هاڻي جلدي ڀڳوان جي شرڻ پئي معافي وٺ، ته نه تنهنجي ڀڳتي ناس ٿي ويندي جو تو ڀڳوان کي سراپ ڏنو آهي.

نارد مني مهاديو کي نمسڪار ڪري جلدي وئڪنٺ پوري ۾ آيو، وشنو ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري، روئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پرڀو، مون کان وڏو پاپ ٿي ويو آهي، جو توهان کي ڪروڌ ۾ اچي سراپ ڏنو اٿم. هاڻي مونکي معافي ڏيو. ايترو چئي جڏهن تمام گهڻو رئڻ لڳو، تڏهن وشنو ڀڳوان مشڪي چوڻ لڳو ته هي نارد تو اسان کي اچي ٻڌايو ته مان تپ ڪري مايا کي جيتي آيو آهيان، تڏهن اسان ويچار ڪيو ته ڀڳت کي اڀمان پيدا ٿيو آهي. سو اڀمان اسان کان جدا ڪري ڪيل ڀڳتي ناس ڪندس. تنهنڪري اهڙي ڪا ليلا ڪجي جنهن ۾ اسانجي ڀڳت جو اڀمان لهي وڃي ۽ سدائين اسان جي ڀڳتي ڪندو رهي. اهو ويچار ڪري، اسان اهو سارو کيل تنهنجي اڀمان ٽوڙڻ لاءِ رچيو هو. تو به اهو وچن گهريو هو ته جنهن ۾ منهنجو ڀلو ٿئي سو مونکي روپ ڏيو. انهيءَ ڪري اسانکي تنهنجي ڀلي لاءِ لاچار توکي اهڙو روپ ڏيڻو پيو، ته نه تون مايا جي موهه ۾ ڦاسي ايڪ ڏک پائين ها. تو اسان کي جيڪو سراپ ڏنو آهي، سو اسان انگيڪار ڪيو آهي، ڇو جو اسان کي ڀلي ڏک اچي پر اسان جي ڀڳت کي شل ڏک نه اچي. هاڻي تون سدائين اسان جي مايا جو ڀڄن ڪندو رهه ۽ وڃي ڀڳتي ڪر.

ايترو ٻڌي نارد مني ڀڳوان کي نمسڪار ڪري روانو ٿيو.

مايا سنگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته هي پرڀو منهنجي ڪامديو پٽ اهڙيءَ طرح نارد کي به موهي ڇڏيو ۽ اندر

ڪروڌ ڏسي دل ۾ تمام دکي ٿيو. ٻاهر نڪري جهنگل ۾ اچي رُنڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ وئڪنٺ پوريءَ جو رستو وٺي هلڻ لڳو. وات تي چوندو پيو وڃي ته ڀڳوان مون سان دوکو ڪري مونکي بي عزتي ڪرائي آهي، سو اهو حساب ضرور وڃي وٺندو مانس.

هوڏانهن وشنو ڀڳوان ويچار ڪيو ته نارد مني تمام ڪروڌ ۾ ڀريو پيو اچي. متان هتي اچي گوڙ ڪري، تنهنڪري رستي ۾ ملجيس ته ڇڱو. اهو ويچار ڪري وشنو ڀڳوان به ٽڪڙو ٽڪڙو اچي نارد سان رستي ۾ مليو چوڻ لڳو نارد، خوش پرسن آهين؟ نارد مني ڪروڌ ۾ اکيون لعل ڪري چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان، تو مون کي ٻاندر جو روپ ڏيئي بي عزتو ڪيو آهي ۽ استريءَ خاطر جهنگل ۾ رُئاريو آهي. مان اهو توهان کي سراپ ٿو ڏيان ته توهان به استريءَ لاءِ مون وانگر جهنگل ۾ رُئندا ۽ جنهن ٻاندر جو روپ ڏيئي مونکي بي عزتو ڪرايو اٿو، سيئي ٻاندر توهان جي مدد ڪندا. توهان جي به اهڙي بي عزتي ٿيندي. ايترو چئي، نارد وئڪنٺ پوريءَ جو رستو ڇڏي، اُتراکنڊ ڏانهن روانو ٿيو. وشنو ڀڳوان موٽي اچي وئڪنٺ پوريءَ ۾ پنهنجي آسڻ تي براجمان ٿيو. هوڏانهن نارد ڪيلاش ۾ وڃي، شنڪر ڀڳوان کي نمسڪار ڪري روئي چوڻ لڳو ته ڀڳوان منهنجي بي عزتي ڪرائي مون سان جٽ ڪئي آهي. ايترو چئي روئي ڀڳوان جي مايا چت نگريءَ ۽ سراپ جي ساري حقيقت ڪري ٻڌايائين. نارد جي ڳالهه ٻڌي مهاديو چوڻ لڳو ته تو وڏي غلطي ڪئي آهي جو ڀڳوان کي سراپ ڏيئي مهاپاپ ڪيو اٿيئي. هي برهم پٽر، تنهنجي مت ڪيئن ماري؟ ڀڳوان ته سڀ پنهنجي وچن تي قائم رهي تنهنجو ڀلو ڪيو آهي، نه ته تون مايا جي جار

دل ۾ چوڻ لڳو تہ اڄائي سو ٻہ تمام گهڻا ڏيندا. اهي ٻہ پوڄاري کڻي ويندو. مهاديو کي تہ ڪائي اڄا ڪانهي. هوءَ تہ پاڻ سيٺيءَ کي ڏيڻ وارو داتار آهي. اهو ويچار ڪري پوڻا چار سو جدا ٻڌي سوا سو جدا ڇيلهہ سان ڦابو ٻڌي شهر ۾ شنڪر ڀڳوان جي مندر ۾ اچي پهتو. مٿو ٽيڪي ڏسي تہ ڪيترا ماڻهو ناريل پيا رکن. پوڄاريءَ کان پڇيائين تہ هي ماڻهو ناريل ڇو ٿا رکن؟ پوڄاريءَ چيس تہ ڀائي جنهن جون ڀڳوان اڳيان پوريون ڪيون آهن، سي پريمي ناريل پيٽا پيا چاڙهين.

سيٺ دل ۾ چوڻ لڳو تہ مون جهڙو بيوقوف مها مورک ساري سنسار ۾ ٻيو ڪو ڪونہ هوندو، جو پنج سو روپيہ پيٽا لاءِ گهران کڻي نڪتو آهيان. اڃا بہ ڳالهہ وئي ڪانہ آهي. مان بہ بزار مان ناريلن وٺي اچي ڀڳوان کي پيٽا چاڙهي سکا پوري تو ڪريان. بزار ۾ ناريلن جي دڪان تي اچي ناريل جو اگهہ پڇڻ لڳو. دڪان واري چيس تہ ٻي آنہ هڪ ناريل ملندءِ. ٻڌي سيٺ چوڻ لڳو تہ ڀائي هيءُ تہ ناريلن جو ملڪ آهي سو هڪ آني ناريل ڏي. دڪان واري چيس تہ هڪ آني شهر کان ٻاهر باغ ۾ ملندءِ.

سيٺ سڌو باغ ڏانهن ويو. باغائيءَ کان ناريلن جو اگهہ پڇيائين. باغائيءَ چيس تہ هڪ آني هڪ ناريل. سيٺ چيس تہ ٽڪي ڏي. باغائيءَ چيس تہ ٽڪي کپئي تہ وڻ تي چڙهي وڃي پٽ. سيٺ چار پئسا ٻن ناريلن جا باغائيءَ کي ڏيئي وڃي باغ ۾ وڏا وڏا ناريل ڳولڻ لڳو. ناريل هئا تمام گهڻا، سو پسند ئي ڪونہ اچيس. ٻيو وڏا وڏا جاچي. باغ جي وچ ۾ هڪ وڏو کوهہ هو. جنهن جي مٿان هڪ ناريل جو وڻ لمبو بينو هو. اُن ۾ ٻہ وڏا ناريل ڏسي پسند ڪيائين. دل ۾ چوڻ لڳو تہ جيڪو هيٺيون ناريل آهي سو ڀڳوان ڀولاناٿ کي پيٽا

کي به ڀلائي ڇڏيو. اندر به هڪ ڏينهن گوتم رشي جي استريءَ اهليا بائيءَ جو روپ ڏسي موهت ٿي پيو، اهڙيءَ طرح اندر آد ڪيترن وڏن ويرن کي ڀلائي ڇڏيائين.

منهنجو پيو پٽ ڪروڌ، دروواسا رشي آد انيڪ جيون کي ڪروڌ جي آگ ۾ جلائي ڇڏيو. اگياني جيون جو خون پيئندو آهي.

منهنجي ٽئين پٽ لوڀ دريوڌن، ڪورون آد راجائن جي ٻڌي ڀرشٽ ڪري منجهن وير ڀاءُ وجهي لڙائي ڪرائي ڪين ناس ڪيائين. وڏن وڏن مندرن جي پوڄارين، چئني ويدن جي ڄاڻو وارن پنڊتن ۽ ٻين ڪيترن کي لالچ ۾ لٽڪايو اٿس.

جيئن ته :- هڪ لوڀي ڪنجوس لکاپتي سيٺ کي ماٺا چڙهي ويئي. سو هڪ ڏينهن ڏهن ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ وڏي شهر ۾ مهاديو جي مندر ۾ اچي متو نيڪي ڪيائين ته هي ڀڳوان، مان هڪ جهنگل جو ٺيڪو ٿو ڪٽان، انمان جيڪو نفعو ٿيندو، تنهنجو ڏهون حصو اچي توهان تي پيتا چاڙهيندس. اها سکا ڪري وڃي ٺيڪو ڪيائين. سارو جهنگل ڪٽائي، ڪچ ڪوئلا، ڪچ ڪاٺيون ڪري وڪيائين. ڇهن مهنن بعد ٺيڪو پورو ٿيس. حساب ڪيائين ته پنج هزار نفعو نڪتس. ويچار ڪيائين ته پنج سو روپيه ٿي ڀڳوان جي مندر ۾ وڃي پيتا چاڙهي ٿو اچان. اهو ويچار ڪري پنج سو روپيه روڪڙا چانديءَ جا ڪٽي ڇيلهه سان ٻڌي روانو ٿيو. واٽ تي خيال ڪيائين ته اڍائي سو پيتا به گهٽي ٿيندي. باقي اڍائي سو ٻئي ڪنهن ڪم ۾ اچي ويندا. اهو ويچار ڪري، پيسا ڇوڙي، اڍائي سو روپيه جدا ڪري ڇيلهه سان ٻڌائين. باقي ميل ڪن شهر کان اوري هوند وري

سيٺ کي چورڻ لڳو تہ توکي ڪھڙيءَ ڪٽي ڪنيو جو اُتي چڙھيو آھين. توکي ساري باغ ۾ ٻئي ڪنھن بہ وڻ ۾ ھيٺ ناريل پسند ڪين آيا، جو ھتي اچي لٽڪئين. وري پنڊت کان پڇڻ لڳو تہ پنڊت، تون تہ رات جو روز مندر ۾ ڪٿا ڪندو آھين، توکي ڪھڙي موت ڪنيو جو سيٺ سان گڏ لٽڪڻ لڳين؟

پنڊت چورڻ لڳو تہ پائي مونکي سيٺ چيو تہ ھتان مونکي لاھہ تہ توکي ھڪ سو روپيہ ڏيندس. سو لوڀ وس ٿي لٽڪي رھيو آھيان. پر ھاڻي ڪرپا ڪري مونکي بچايو تہ مان توھان کي ھڪ سو روپيہ ڏيندس. سيٺ بہ چيو تہ مان بہ توھانکي ٻہ سو روپيہ ڏيندس. پوڄاريءَ خيال ڪيو تہ مان ڪا ڪوشش ڪريان جو ٽي سو روپيہ تا ملن. پر ڪجھہ وڌائي ڏين تہ پاڻ چڱو. اھو ويچار ڪري ٻنھي کي چورڻ لڳو تہ ھي پاڻرو سر جي سٽ لڳائڻي آھي، ڪجھہ رقم وڌائي ڏيو تہ پوءِ مان توھان جي بچائڻ جي ڪا ڪوشش ڪريان. تنھن تي پنڊت چورڻ لڳو تہ چڱو مان توکي ٻہ سو ڏيندس ۽ سيٺ چيس تہ مان توکي ٽي سو ڏيندس، پر جلدي ڪر جو منھنجون ٻانھون ٿڪجي پيون آھن ۽ وڌيڪ جھلي نٿو سگھان.

ايتري ۾ شھر جو ھڪ ڇوڪرو باغ ۾ گھوڙي تي ناريل پورڻ آيو. پوڄاريءَ کيس چيو تہ ڇوڪرا ڏھن منٽن لاءِ مونکي گھوڙو ڏي تہ ھنن ٻنھي کي لاھي وٺان، توکي ڏھہ روپيہ ڏيندس. ڇوڪري چيس تہ پھرين مونکي ڏھہ روپيہ ڏي. پوڄاريءَ ڇوڪري کي ڏھہ روپيہ ڪڍي ڏنا، پوءِ گھوڙي تي اڪين تي انگوٺو رکي ڪوھہ جي پرسان بيھاري گھوڙي تي بيھي پنڊت جي ٽنگن ۾ ٻئي ھٿ وڌائين. ڇو تہ گھوڙي جي ھڪ اک تان انگوٺو ڪجھہ پاسيرو ٿي ويو. گھوڙو ڪوھہ ڏسي ڇرڪ پري اٿي پڳو. پوڄاري بہ پنڊت

چاڙهيندس ۽ جيڪو مٿيون آهي سو گهر پرساد ڪري ڪٽي ويندس. اهو ويچار ڪري ٻوڇٽي ڪلهي تان لاهي ڇپاهه کي قابو ٻڌي ناريل جي وڻ تي چڙهي هيٺيون ناريل ڇڏي هيٺ ڦٽو ڪيائين. ٻيو ناريل ڪجهه مٿي هو جنهن لائين هٿ پهچي نه سگهيس. ڪڙيون مٿي ڪٽي ٻئي هٿ ناريل ۾ مظبوطي سان وجهي اهڙي ته ڇڪ ڏنائين جو ٻير کسڪي ويس. ڪوهه جي مٿان لٽڪڻ لڳو ۽ ٻاغائيءَ کي سڏ ڪرڻ لڳو. انهيءَ وقت هڪ پنڊت باغيچي ۾ گهمڻ آيو هو. سيٺ جون دانهون ٻڌي کوهه تي اچي پڇڻ لڳس ته ڀائي خبر ڪر ته هتي ڪيئن لٽڪيو آهين. سيٺ چيس ته ناريل پٽيندي ٻير کسڪي ويم، سو هاڻي هتان لاهه ته توکي هڪ سو روپيه ڏيندس.

پنڊت خيال ڪرڻ لڳو ته مهينو راڻين جو ڪٿا ڪريان ته به سو روپيه مشڪل پيٽا ملن. تنهن ڪري هن سيٺ کي لاهي هڪ سو روپيه ڇو نه ڪمايان. باغائيءَ جو اٺ جنهن تي ناريل ڍوئڻ لاءِ پلڻ به پيو هو، گاهه کائي رهيو هو ان کي ڪاهي اکين تي ڪپڙو رکي کوهه جي پرسان ٻهاري اٺ تي چڙهيو. سيٺ جي ٽنگن ۾ ٻئي هٿ مظبوط وجهي چوڻ لڳو ته جڏهن چوانءِ تڏهن هٿ ڇڏجانءِ پر حال بلڪل قابو جهلجانءِ. ايتري ۾ هوا جي زور تي اٺ جي اکين تان ڪپڙو اڏامي ويو. اٺ کوهه ڏسي وٺي ڀڳو ته پنڊت به سيٺ جي ٽنگن کي جهلي لٽڪڻ لڳو. سيٺ چوڻ لڳو پنڊت، تو ته پاڻ مون کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو. مولڪي ڇڏي ڏي. پنڊت چيس ته ڀڳوان جي نالي قابو جهل ته مان ٻئي ڪنهن کي مدد لاءِ سڏي وٺان. جو جو ماڻ به تنهنجي آسري آهيان. ٻنهي جون دانهون ٻڌي پوڄاري کوهه تي اچي ڏسي ته سيٺ ۽ پنڊت لٽڪي رهيا آهن. اهو رنگ ڏسي پوڄاري

جهڙي وڏي ڪي هٿيار ڦٽا ڪرائي ڇڏيا ائين. منهنجو پنجون پٽ اُنائم ايمان آهي. جنهن راوڻ هرڻاڪس آدي سينئي جيون کي مان پٽي جي روڳي ٿي، روڳ ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا ڀيرا، ليائي وڏائي جهڙي آتم پد کي اچي پهتا هئا، تن کي اننت ڪيل ڪري ڦاسائي مها نرڪ ۾ اڇڙو ته زور سان اُڇليو اٿس جو اننت جنمن ۾ به نه نڪري سگهن. رات ڏينهن روئي مون کي پيا پٽيندا آهن. انهيءَ ڪري هن سنسار ۾ منهنجو نالو پاپڻ پيو آهي.

پر جتي سنتن جي من ۾ ست چت آنند پرپورڻ پار برهم پرماتما جو واسو آهي، اُتي مان ڪو نه ويندي آهيان. جي اندر مهاراج زور ڪري موڪليندو آهي ته پوءِ لاچار ويندي آهيان. جي انهن سنتن مون کي سڃاڻي ورتو ته اُتي منهنجو ڇل ول ڪو نه هلي سگهندو آهي ۽ مان انهن ستپرشن کي نمسڪار ڪري هلي ويندي آهيان. توهان ته مون کي اچڻ سان سڃاڻي ورتو. تنهنڪري مون توهان کي پنهنجي سچي وارتا ٻڌائي آهي. ايترو چئي مايا ستگرو مهاراج جن کي ڏنڊوت پرنام ڪري وڃڻ لڳي ته ستگرو مهاراج جن مايا کي چوڻ لڳا ته ڀلي وڃ پر اندر مهاراج کي اسانجو هڪ نياپو ڏج ته توهان ڪو به خيال ڪين ڪريو. توهان جي آسڻ ۽ سورڳ لوڪ ڏي اسان کي اِڇا ڪانهي. اسين اڳئي امر لوڪ ڏانهن وڃڻ وارا آهيون، جنهن ست چت آنند گهن ابناسي گهر مان آيا آهيون، تنهن ابناسي گهر ڏانهن موٽي ويندا سون. ستگرو مهاراج جن ايترو چئي بس ڪئي ته مايا وري به ستگرو مهاراج جن کي نمسڪار ڪري ڏورو اڳتي وڃي انترڌيان ٿي وئي.

تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن آسڻ ٻڌي نرولپ سماڌي ۾

جي ٽنگن ۾ هٿ وجهي لٽڪڻ لڳو. مٿي سيٺ وٽي دانهون ڪرڻ لڳو، پنڊت ۽ پوڄاريءَ کي چوڻ لڳو ته هاڻي مان نٿو جهلي سگهان. توهان ڀلائي ڪري مون کي ڇڏي ڏيو. پنڊت ۽ پوڄاري سيٺ کي چوڻ لڳا ته ڀڳوان جي نالي پنج منٽ ڪن قابو جهلي بيهه. ايترو چئي دانهون ڪرڻ لڳا. باغائي دانهون ٻڌي ڪوهه تي اچي ڏسي ته مار عجيب رنگ لڳو پيو آهي. ٽيئي هڪ ٻئي کي وٽي لٽڪي رهيا آهن. باغائي پوڄاريءَ کي چوڻ لڳو ته تون ڪيئن لٽڪئين؟ پوڄاريءَ چيو ته ٻه سو پنڊت ۽ ٽي سو سيٺ تي ڏيڻا ڪيا، سو انهيءَ مايا جي لوڀ ۾ لٽڪي رهيو آهيان، هاڻي سر تو وٽي، دَيا ڪري مونکي بچاءِ. باغائي پوڄاري کي چوڻ لڳو ته هي مهامورک ويچار ته ڪر جيڪڏهن سيٺ وٽ ٽي سو روپيه هجن ها ته هڪ ٽڪي لاءِ ڇو لٽڪي ها ۽ پنڊت وٽ پئسا هجن ها ته هن موت جي جاءِ ۾ ڦاسي ڇو لٽڪي ها؟ پنڊت ته لوڀ جي ڪري لٽڪيو، پر سيٺ ته تمام ڪُوڙو آهي ۽ وٽس پائي به ڪانه آهي.

باغائيءَ جا اکر ٻڌي سيٺ ڪاوڙجي چوڻ لڳو ته باغائيءَ جا پٽ، ڏس هيءُ پنج سو روپيه ڇيلهه سان ٻڌا پيا اٿم نه؟ ايترو چئي، جئن ئي ناريل کي ڇڏي ڏنائين تئن سڀئي وڃي کوهه ۾ ڪريا ۽ ٻڏي مري ويا.

چند - زياده لوڀ نه ڪيجيئي - زياده لوڀ مابين،
ايڪ ٽڪي کي ڪارڻ، لٽڪ موئي نريتن.

ستگرو مهاراج جن کي مايا چيو ته سائين، اهڙيءَ طرح ڀڄن ڪيترن کي به لوڀ ۾ لٽڪائي ماريو.

وري منهنجي ڀڳت موهه سنسار ۾ اهڙو ته موهه جو جار وڇائي، ماڻهن کي ڦاسايو آهي، جئن مهاڻو مڇين کي. ارجن

ڏور ڪيو. انهن ڇڏي مينگهراج پريم ۾ روئڻ لڳو. ستگرو مهاراج جن چيو ته اَبا، اسان هن لوڪ خواهه پرلوڪ ۾ اوهان سان سنگ آهيون. پر توهان خبر ٻڌايو ته توهان ڪيئن آيا؟ ڀائي مينگهراج ساري حقيقت ٻڌائي چيو ته ڀڳوان، اوهان جو درشن ڪري خوش ٿيو آهيان. جيئن مور بادلن کي، چڪور چندرمان کي، پتنگ جوت کي، ڀنور گلن کي، مڇلي جل کي ۽ ڪنگال ڌن کي پائي خوش ٿيندو آهي، تيئن مان به اڄ تمام خوش ٿيو آهيان. هاڻي ڪرپا ڪري جلدي هلو ته هلون. انهيءَ تي ستگرو مهاراج جن فرمايو ته اَبا، هاڻي توهان وڃو. اسان ڪجهه وقت هتي رهنداسون. ڀائي مينگهراج چيو ته جيڪڏهن توهان نه هلندا ته مان به هتي توهان جي چرنن ۾ وينو هوندس. ستگرو مهاراج جن مشڪي مينگهراج کي چيو ته چڱو، توهان به درياهه جي ڪناري تي وڃي ڀڄن ڪريو. مهاتمائون چون ٿا ته هي مانش چولو ڀڳوان جي ڀڄن لاءِ مليو آهي.

چند - تن ڇبتن هيت پيو -
پو پوڳن هيت نه ديو ديو،
اس هيت جنم نر پوڳ ٿجو -
تن مانش ۾ نج برهم ڀجو.

مطلب ته هيءَ مانش ديهي پنهنجي آتم سروپ کي سڃاڻڻ لاءِ ملي آهي ۽ نه سنسار جي ڀوڳن ڀوڳڻ لاءِ. انهيءَ ڪري توهان سنسار جي پدارٿن جا ڀوڳ ڇڏي هن منش چولي ۾ پنهنجي آتم جي درشن ڪرڻ لاءِ ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو. ڀائي مينگهراج هارين کي چيو ته توهان منهنجون ڪاهي گهر وڃو ۽ بابا کي چئجو ته منهنجو ڪو به خيال نه ڪري مان ستگرو مهاراج جن سان گڏجي ايندس. هاري منهنجون ڪاهي ڪنڌ ۽

۾ استت ٿي ويا. ڏيري ڏيري سماڌيءَ کولي درياهه شاهه تان اشنان ڪري ٿورا ڦل کائي پاڻي پي ڪٽيا ۾ ويهي، ڪڏهين سماڌيءَ لڳائيندا هئا ته ڪڏهن ڏيري ڏيري مڌر سر سان ڀڄن ڳائيندا هئا. هر روز پنهنجي مَن روُپي ٻالڪ کي رهائي، پنهنجي آتم سروپ ۾ لڳائي، استت ڪندا هئا.

مهني ڪن ڪانپوءِ پرڀوءَ جي اهڙي اڇي قدرت ٿي جو هڪ ڏينهن ڪنڌوءَ ۾ ڀائي چيلداس جون مينهون چور ڪاهي ويا. سو ڀائي مينگهراج ڀائي چيلداس جو پٽ پيريءَ ۽ صوبيدار ساڻ وٽي چورن جا پيرا کڻندي، اچي جهنگل ۾ نڪتا. ڏسن ته هڪ وڏيءَ کڏ ۾ مينهون ڪِلن سان ٻڌيون بيٺيون آهن. مينهون ڇوڙي خوش ٿي درياهه شاهه جو ڪنارو وٺي پنهنجي ڳوٺ ڏاهن موٽيا. پڌ ڪندي قدرت سان اُتي اچي نڪتا جتي ستگرو مهاراج جن جي ڪٽيا ٺهيل هئي. ڀائي مينگهراج پري کان ستگرو مهاراج جن کي ڪٽيا ۾ ڏسي حيران ٿي ويو. ٻئي وري ڇتائي ڏنائين. دل ۾ ڇرڪ لڳو ته آهن ته ستگرو. اهو خيال ڪري ڪٽيا ۾ ويو. ڏنڊوت پرنام ڪري اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳو ته هي ترلوڪي ناٿ اڄ اننت جنمن جو ڀاڳ جاڳيو آهي، جو اوچتو توهان جو هن جهنگل ۾ درياهه جي ڪناري تي درشن ٿيو آهي. هي پڀو، توهان کي ڀائي ٽهلرام ۽ اسان سڀني ڳوليو آهي ۽ اڃا به پيا ڳولهين. ماتا ڪرشنا کي توهان جو ڏاڍو خيال ٿي پيو آهي. سڀئي تمام اُداس ٿي پيا آهن. ڪن پريمين ته ورت رکيو آهي ته ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري پوءِ روٽي کائيندا سون. سو هي پڀو، ڪرپا ڪري اسان سان گڏجي هلو. سڀني داسن کي درشن ڏيئي دک

وينا هئا. اُتي ڀائي چيلداس، ڀائي ٺهلرام، ماتا ڪرشنا ۽ ٻيئي ستسنگين کي ساري ڳالهه ٻڌائي ۽ چيو ته ستگرو مهاراج جن هڪ ڪکن جي جهوپڙي ناهي، اهڙي ته گهوٽ جهنگل ۾ لڪي وينا آهن جتي ڪو به ماڻهو وڃي نه سگهي. مينگهي جي به الاجي ڪيئن وڃي مٿن نظر پيئي. هاڻي صلاح ڪريو ته هلي ستگرو مهاراج جن کي وٺي اچون. ڀائي چيلداس جي ڳالهه ٻڌي سڀئي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ صلاح ڪيائون ته سڀاڻي صبوح جو ستگرو مهاراج جن کي وٺي اچون. ڀائي چيلداس کي چيائون ته هڪ هاري وٺي اچجو، جيڪو هلي ستگرو مهاراج جن جي ڪتيا ڏيکاري. ساري شهر ۾ خبر پئجي ويئي. جڳياسن ۽ اننت پريمين کي ساري رات خوشيءَ وچان، ننڊ ڪين آئي. انهن ائين محسوس ڪيائون ته جڻ رات وڏي پيئي آهي. چون ته ڪڏهين ٿو صبوح ٿئي جو وڃي ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري اکين کي پوتر ڪريون ۽ پنهنجي تپندڙ دل کي ٺاريون. اهڙيءَ طرح ساري رات ستگرو مهاراج جن کي ياد ڪندي ڪندي، سڪ ۾ سندن رات گذري ويئي.

صبوح جو سوير، ڪيترا پريمي ستسنگي اچي ستگرو مهاراج جن جي استان تي ڪٺا ٿيا. ماتا ڪرشنا اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳي ته مونکي ضرور وٺي هلو، مٿان توهان سان نه اچي. سڀئي ماتا کي ساڻ ڪري درياهه جو ڪنارو ڏيئي ستگرو جي سڪ جا ڀڄن ڳائيندا ۽ رام نام جي ڌني لڳائيندا، پنڌ ڪندا هليا. ستگرو مهاراج جن جي ڪتيا باقي اڌ ميل کن پري هئي ته چيلداس جو هاري ٻيهي اشارو ڪري چوڻ لڳو ته پريان جيڪي شيشم جا وڻ ٿا ڏسو، انهن جي هيٺان فقير صاحب جن جهوپڙيءَ ۾ وينا

روانا ٿيا. ٽنهن ڪانپوءِ ڀائي مينگهو ستگرو مهاراج جن کان موڪلائي درياهه جي ڪناري تي ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳو.

ستگرو مهاراج جن به ڀڄن ناهي ڏيري ڏيري مٿڙ سر سان ڳائڻ لڳا. رات جو ٨ بجه اُتي ڀائي مينگهي کي ڪتيا ۾ سڏي چيائون ته اُبا هاڻي توهان به ڪتيا ۾ اندر ويهي ڀڄن ڪريو، ڇو جو رات جو ڀيانڪ جانور اچي رانديون ڪندا آهن. پر توهان ڪو به ڊپ نه ڪجو. ڀائي مينگهراج ڪتيا ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳو. ستگرو مهاراج جن پدم آسڻ ٻڌي سماڌي لڳائي، پنهنجي ورتيءَ کي آتم پد ۾ استٿت ڪيو. پرڀات جو ڀائي مينگهراج کي اُٿاري پڇڻ لڳا ته ابا رات ڊپ ته ڪو نه ٿيو هوءِ؟ ڀائي مينگهراج چيو ته پريو، ١٠-١١ بجه خوفناڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ٽنهن تي منهنجو ڌيان ٽٽي پيو ۽ ٻاهر ڏٺم ته ٻگهڙ وغيره ٻاڻ ۾ رانديون پيا ڪن. ٿورو ڊپ ٿيم. وري توهان ڏي نهاريم ته سارو ڊپ لهي ويو. ٽنهن ڪانپوءِ سمهي رهيس.

هوڏانهن هاري مينهون ڪاهي وڃي ڪنڊوءَ پهتا. ڀائي چيلداس کي چيائون ته واڌايون هڻو مينهون ڪاهي باغ ۾ ڇڏي آيا آهيون. توهان به اسان کي واڌايون ڏيو جو سوامي جن جو درشن ڪري آيا آهيون. اِهو ٻڌي ڀائي چيلداس خوش ٿي چيو ته ڏاڍو چڱو ٿيو. پر مينگهو ڪٿي آهي؟ هارين ساري حقيقت ڀائي چيلداس کي ڪري ٻڌائي ۽ چيو ته مينگهراج اُتي ستگرو مهاراج جن وٽ ويهي رهيو، چيو اٿس ته منهنجو ڪو به خيال نه ڪريو، مان پاڻهي ستگرو مهاراج جن سان گڏجي ايندس. هاري پوءِ پنهنجي جاءِ تي ويا. ڀائي چيلداس ستگرو مهاراج جن جي استان تي ويو. ڏنائين ته ستسنگ سمابت ٿي ويو هو. باقي ستسنگي اچا

ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا تہ هاڻي توهان وڃو، اسان پوءِ پاڻهي ايندا سون. ستسنگي چوڻ لڳا تہ هي پريو هلو تہ گڏجي هلون، نہ تہ اسان بہ گهر ڪونہ ويندا سون. جنتي توهين، اتي اسين. هتي بہ درياهہ شاهہ ۾ ٻن جي ٻهاري لڳي پيئي آهي. جي چئو تہ اسان بہ هتي ڪٽيائون ٺاهي، ڀڄن ڪريون. ستگرو مهاراج جن فرمايو تہ اڇا، ڏاڍو سٺو. درياهہ تان اشنان ڪري، ڦل ڪائي پوءِ ويهي ڀڄن ڪريو. اهو ٻڌي سيئي پريمي درياهہ تان اشنان ڪري اچي ويٺا. ستگرو مهاراج جن آتمانند، اوم پرڪاش ۽ ڀائي ميگهراج کي آگيا ڪئي تہ وڻن مان ڦل ڇني اچو.

آگيا پائي، وڃي ڦل ڇني جهوليون ڀري، آڻي ستگرو مهاراج جن جي اڳيان رکيائون. مهاراج جن آگيا ڪئي تہ ساري سنگت کي ورهائي ڏيو. ڦل ڪائي خوش ٿي چوڻ لڳا تہ هي پريو، هيڏا مٺا سڳنڌ وارا ڦل اسان جنم ڀر ۾ ڪونہ کاڌا آهن. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا تہ، اڳ جيڪي جهنگلن ۾ ويهي ڀڳوان جو ڀڄن ڪندا، انهن پيارن جي لاءِ ڀڳوان ٻنن ۾ خاص ڦل پيدا ٿو ڪري تہ هو ڪائي نس ڦرلي ڀڄن ڪن. سو توهان بہ ڦل ڪائي ويهي ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو.

سيئي ڦل ڪائي جدا جدا وڻن جي هيٺان ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن وڃي ڪٽيا ۾ ويٺا. شام جو ٥ بجہ ڪٽيا کان ٻاهر نڪري، ستگرو مهاراج جن درياهہ تان پاڻي پي اچي ڪٽيا جي اڳيان هڪ ٽاريءَ جي وڻ هيٺ ويٺا. ايتري ۾ پريمي بہ ستگرو مهاراج جن کي پيرين پئي ويهندا ويا. تمام وڏي سڀا لڳي ويئي. اتي گوال لعل جن ستگرو مهاراج جن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ هي پريو، توهان جي مايا پربل آهي. سڀني جيون کي موهي پنهنجي وس ۾ ڪيو اٿو. اُنهيءَ

آهن. سڀئي ٻراهمڻ نمسڪار ڪري، تڪڙو هلڻ لڳا. ستگرو مهاراج جن جي جئڪار بولائيندا اچي ڪٽيا تي پهتا. ستگرو مهاراج جن جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪتا ته سڀئي ٻراهمڻ ستگرو مهاراج جن کي پيري پئي وهندا ويا. ستگرو مهاراج جن ماتا ڪرشنا کي پيري پئي اچي وينا. ماتا ڪرشنا اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳي ته پٽ، ڪٿي اچي هن ٻن ۾ ويٺو آهين! هتي ڇا کائيندو هوندين! شرير کي ڪشٽ ڏيئي ڪيترو دٻل ڪيو اٿئي! هلي پنهنجي گهر ۾ پريوءَ جو ڀڄن ڪر. ماتا جا اِهي پريم ڀريا وچن ٻڌي ستگرو مهاراج جن هيءُ ڀڄن ڳاهي ماتا کي ٻڌايو.

سر ڪنسو ڀڄن

ٿل- مٺان ماتا جهلين مونکي - پريو لئه مان پڪاريان ٿو.

١- ملڻ لئه مون گرو ڍونڍيو - مليو ستگر چڱو چونڊيو،
جنهين مستان من موهيو - برهه جي باهه ٻاريان ٿو.

٢- اچي سڌ ٿي ڪري سوري - ٻري دل ۾ درد ڪوري،
رکي دل پرين سان ڀوري - لکئي جو ليک ٻاريان ٿو.

٣- برهه جي باهه گهر ٻاري - گلا ٿڌهين سهان ساري،
اُتم تن ۾ طلب تاري - اکين مان آب هاريان ٿو.

٤- کهي ٽيئون ٽگا ٽوڙي - ٻنڌن سنسار جو ڇوڙي،
وشئه کان پاڻ کي موڙي - گرن سان گڏ گذاريان ٿو.

جڏهن ستگرو مهاراج جن ڳائي رهيا هئا تڏهن ماتا ۽ سڀني ٻراهمڻن جي اکين مان جل جون ڌارائون پريم ۾ وهي رهيون هيون. تنهن کانپوءِ ماتا چوڻ لڳي، چڱو اَبا، جتي وڻيئي اُتي ڀڄن ڪر، پر هاڻي گهر هل. سترسنگين به ستگرو مهاراج جن کي هلڻ لاءِ گهڻو زور ڀريو.

لڙائي ڪري من کي جيتي، نرڀئه ٿي، سنسار جي وهنوار ۾ رهي، پنهنجي ڪري جند ڇڏائي. اِئين گرمکداس هٿ جوڙي پڇيو ته هي ٻڌايو، پارهن الله دين کي ڪيئن جيتي سگهبو؟

ستگرو مهاراج جن فرمايو ته ابا، وويڪ، ويراڳ ۽ ستگرن جو آڌار وٺي.

ڀهرين ست اَست جو ويچار ڪري، آتما کي ست چت آنند ڄاڻي، ٻيو ساري سنسار کي ناسونت، جڙ ۽ دک روپ ڄاڻي، پنهنجي ڪي اپرام ڪري، ويراڳ ڌاري. ٽيون، ستگرن ۾ وشواس، پريم ۽ اٽل شرڌا رکي ابياس ڪري. جتي اٽڪ ٿئين اُتي ستگرن کان پرارٿنا ڪري آسيس گهري.

اِهي وچن ٻڌي آتمانند چيو ته جيڪي سنسار کان ڀڄي، وڃي جهنگل ۽ پهاڙن جي ڪندرائن ۾ لڪا آهن ۽ اُتي ڀڄن ڪندا، سي مايا کان ڪيئن بچيا آهن. ستگرو مهاراج جن فرمايو ته هي ٻي سنسار جي وهنوار جي ڪٽڪي کان ڇٽي، ايڪانت ۾ وڃي سکي ٿيا آهن. سنسار جو وهنوار ٻه هڪ وڏو ڪٽڪو آهي. جيترو پتر ڌن ۽ ڪٽنب پروار گهڻو، اوترو ڪٽڪو، اَشانتي وڌي ٿي. اُنهن هو مايا جي ڪٽڪي کان ڇٽي، جند ڇڏائين ٿا.

اوم پرڪاش هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ترلوڪي ناٿ مون کي ٻه شنڪا آهي. مايا کان ڪيئن ٿا جند ڇڏائين؟ ستگرو مهاراج جن چيو ته هي پتر جيڪي پرم ويراڳي جگياسو آهن، سي سنسار ۾ انام ايمان ڇڏي، لنڊڙا ٿي رهن ٿا. ڪو گاريون ڏين ته ڇا، جي ڪو گلائون ڪري ته ٻه ڪنهن کي ڪجهه ڪين چون. سدائين سنساري وشين ڀوڳن کان ٻه چندا رهندا آهن ۽ هردم اهو خيال رکندا آهن ته متان ڪنهن مايا جي پدارٿ ۾ ڦاسي نه پئون. سدائين اهو يتن ڪري ڀڳوان جو ڀڄن ڪري، مايا کان ڇڙهي ويندا آهن. اِهي ڪري جگياسن کي سدائين هن مايا جو خيال رکڻ گهرجي ڇو جو هي ۽

مايا ڪان هيءُ جيوُ ڪيئن ڇٽي سگهندو؟

ستگرو مهاراج جن مشڪي ڇوڙ لڳا ته اَبا، مايا ڇا کي ٿو چئجي؟

نام روپ سڀ مٿيا مايا - نا ڪب اِستر هوئي هئي،
ٻيڙا گهڻا عادت اُسکي - چلتي هئي ڪب رولي هئي،
اننت اُڌ پت کيل ڪري ٿي- هستي هئي ڪب رولي هئي،
کهي ڏيئون ٻه موهني مايا - پاربرهم ڪي جولي هئي.

ڀهرين اِلهيءَ مايا کي جڻن جو لڪڻ سمجهائي، پوءِ جيتڻ جو رستو ڏيکاري، جيڪي توهان اکين سان ڏسو ٿا، سو سڀ مايا آهي. اهڙي ته هن مايا ۾ شڪتي آهي، جو ايشور جي آسري رهي، پيدا ٿي، خود ايشور کي به ڪي ڇڏيو اٿس. جڻن پاڻي مان وليون ۽ جارو پيدا ٿي پاڻيءَ کي به ڪي ڇڏيندو آهي، تيئن هيءَ موهني مايا ٽنهي لوڪن کي موهي، پنهنجي چنبي ۾ آڻي، دٻائي، پنهنجي پيرن هيٺان ڪيو آهي ۽ ڪنهنکي به ڇڏي ڪٿي. جن ست پرشن هن مايا مان جند ڇڏائي آهي، تن مان ڪن ڀڄي، ڪن همٿ جوڙي ۽ ڪن لڙائي ڪري جند ڇڏائي آهي.

ڀهرين ڪن وئراڳي جگياسين پنهنجا گهر ٻار، سنسار جا وهنوار ۽ پدارٿ ڇڏي جهنگل ۾ وڃي پهاڙن جي ڪندرائن ۾ ڀڳوان جو ڀڄن ڪري جند ڇڏائي.

ٻين جگياسين ڀڳوان، ديو ديوتائن ۽ ستگرن کي پرارٿنا ڪري، پاڻ کي نربل ۽ داس بڻائي، ڀڄن ڪري جند ڇڏائي.

ٽين وئراڳي جگياسين پنج گيان اندريون، ڪن، اکيون، نڪ، جڀ، چمڙي ۽ پنج ڪرم اندريون، مک، همٿ، پير، اُپست اندري ۽ گدا ۽ يارهون من، انهن يارهن ئي اندرين کي شبد، سپرش، روپ، رس، گند رُوپي وشين کان روڪي،

جڏهن تو اچي پريم سان پڇيو، تڏهن مون سمجھيو تہ هاڻي مايا هلي ويئي آهي. مونکي ڪنھن بہ ڏکايو ڪونھي. وئراڳہ آنند اهو ٻڌي، ويھي روئڻ لڳو. تنھن تي وويڪانند حيران ٿي پريم سان پڇڻ لڳس تہ ڀائي، تون وري ڇو ٿو روئين؟ توکي ڪنھن شهر ۾ يا واٽ تي ڏکايو تہ ڪونھي؟ پر جئن پيو وويڪانند پڇيس، تئن پيو وئراڳہ آنند وڌيڪ روئي. آخر گھڻي پڇڻ بعد وئراڳہ آنند ٿڌا ساھہ کڻي، چوڻ لڳو تہ ڀائي، توکي تہ روئڻ جي اٽڪل اچي ويئي جو روئي مايا کان جند ڇڏائي. پر جي مونکي مايا ڇلڻ اچي تہ مونکي تہ اهڙي اٽڪل ايندي ڪانہ. تنھن ڪري ٿو روئان. ايترو ٻڌي، وويڪانند چوڻ لڳس تہ تون تہ مون کان وڌيڪ سياڻو ۽ عقلمند آهين، جو اجا تو وٽ مايا آئي ئي ڪانھي، تہ اڳ ۾ ئي وٺي روئڻ شروع ڪيو اٿئي. سو توکي ڌنيواد هجي. تنھنجو تہ مايا منھن ئي ڪونہ ڏسندي. اهو درشٽانت ٻڌائي، مايا سان جيڪو اُتر پرش بن ۾ ٿيو هون، سو ساريءَ سنگت کي ٻڌايائون ۽ چيائون تہ هميشہ مايا کان سجاڳہ رهجو. ستگرو مهاراج جن پوءِ پريمين کي چيو تہ هاڻي ڏرياھہ ۽ جھنگل جو سير ڪريو، پوءِ اچي آسڻ ٻڌي نام جو اڀياس ڪجو. شيواڌارين کي چيائون تہ ڪاٺيون گڏ ڪري اچو ۽ پنجن ستن جاين تي ڌُوڻيون ٻاري ڇڏيو، ڇو جو هڪ تہ ٿڌ کان بچاءُ ٿيندو ۽ ٻيو جتي اڳني ٻرندي آهي، اُتي ڪوبہ جھنگلي جانور نہ اچي سگھندو آهي. تنھن کانپوءِ، ساري سنگت ۽ ستگرو مهاراج جن جھنگل جو سير ڪري، سڀ اٿي موٽي پنھنجي جاءِ تي آيا. سڀئي پريمي ڀاهيون ٻاري، ڀڄن ڪرڻ ويٺا. ستگرو مهاراج جن بہ ڪٽيا ۾ پدم آسڻ لڳائي، نروڪلپ سماڌي لڳائي. صبح جو ۴ بجي سماڌي کولي، ڪٽيا کان ٻاهر نڪري ڏسن

مايا اننت اسٿول ۽ سوکشم روُپ ڌاري، اچي جگياسن جي ڀڳتيءَ مارگ ۾ وگهن وجهي ٿي. تنهن ڪري، سدائين جگياسن کي هوشيار رهڻ گهرجي.

۲ شٽانت - هڪڙي مهاتما جا ٻه شش ونراڳ آنند ۽ وويڪانند، هڪڙي ڏينهن ستگروءَ کان موڪلائي، تيرٿ ڪرڻ ويا. پنڌ ڪندي هڪ راجائي شهر ٻاهران اَڌ ميل کن تي هڪ سندر نهر تي اچي پهتا. اُتي اشنان ڪري هڪ ٻڙ جي وڻ هيٺان آسڻ وڇائي، پاٺ پوُڄا ڪيائون. تنهن کانپوءِ وويڪانند ونراڳ آنند کي چوڻ لڳو ته ڀائي، تون شهر مان مڌوڪري ڪري اچ ته کائون. ونراڳ آنند شهر ۾ ويو. پٺيان مايا هڪ مها سندر اَپسرا جو روپ ڌاري، وويڪانند وٽ آئي ۽ کيس رجهائڻ لڳي. وويڪانند اَپسرا ڏي نهاري، ڪنڌ هيٺ ڪري روئڻ لڳو. مايا رجهائڻ لاءِ گهڻيئي اَٽڪلون ڪيون، ول ڇل ڪيا، پر وويڪانند ڪنڌ مٿي ڪو نه ڪيو ۽ روئندو ئي رهيو. ٿوري دير بعد، ونراڳ آنند شهر مان مڌوُڪري ڪري موٽيو. پري کان ونراڳ آنند کي ڏسي مايا اَنترڌيان ٿي ويئي. ونراڳ آنند وويڪانند کي روئندو ڏسي کانئس پڇڻ لڳو ته ڀائي، ڇو ٿو روئين؟ ڪنهن ماريو اٿيئي ڇا؟ شرير ۾ ڪا تڪليف اَٿيئي ڇا؟ وويڪانند وڌيڪ روئڻ لڳو. ونراڳ آنند پريم سان پڇڻ لڳس ته توکي ڪنهن ڏکايو آهي ڇا؟ وري به تون ڇا جي لاءِ ٿو ايترو روئين؟ وويڪانند روئي، سڏڪا ڀري، چوڻ لڳس ته اَدا، مونکي ڪنهن به ڪو نه ماريو آهي. تون شهر ڏانهن وئين ته پنجن منٽن بعد، مايا، هڪ مها سندر اَپسرا جو روُپ ڌاري، مونکي موهڻ آئي. مان کيس ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري روئڻ لڳس. پوءِ جي خبر ڪانهي. هينئر

تي آيا. ھريان ستگرو مهاراج جن ۽ ساريءَ سنگت کي ايندو ڏسي تمام خوش ٿيا. اڳتي وڌي ستگرو مهاراج جن کي هٿ جوڙي، پيرين پئي مليا ۽ ستگرو مهاراج جن جي جئه جئه ڪار مچايائون. [جئين ايوڌيا واسي سري رامچندر ڀڳوان کي بن مان واپس ايندو ڏسي خوش ٿي ٻٽنب باجا، ڍھل شرنايون، وڄائي ڀڳوان کي گلن جا هار پائي جئه جئه ڪار ٻولائي وڏي ڌام ڌوم سان ايوڌيا پوريءَ ۾ وٺي اچي سنگاسن تي ويهاري آرتي ڪري سڀ اتي خوش ٿيا هئا تئين ڪنڊوءَ واسي به گلن جا هار پائي، ڍھل شرنائون وڄائي، گيت ڳائيندا، رام نام جي ڌني لڳائيندا، جئه جئه ڪار ٻولائيندا ستگرو مهاراج جن کي وڏي پريم ۽ اُتساھ سان وٺي آيا. پوءِ سيٺين ستسنگين پيرين پئي، هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو، توهان اسان کي ڇڏي پنهنجيءَ موج ۾ ڪيترا ڪيترا ڏينهن هليا ٿا وڃو. پنهنجي ٻچن جي ڪا ياد گيري به ڪندا آهيو ته ڪهڙي حال ۾ هوندا؟ ستگرو مهاراج جن ڪين چيو ته ٻچا، ساريءَ سرشٽيءَ جا جيوَ ٽن پرڪارن سان پلجي وڏا ٿيندا آهن.

(١) هڪڙا گود ۾ - جئين منش، ڳائيون، ميڍهن، آد پسن جا ٻچا ماتا جي گود ۾ پلجي وڏا ٿيندا آهن.

(٢) ٻيا نظر سان - جئين مڇيون، ڪمڙون، ڪڇئون آد، پنهنجي ٻچن کي درشن ڪرائي، هليا ويندا آهن. پوءِ اُهي درشن ڪري وڏا ٿيندا آهن.

(٣) سارڻي - جئين سارس ڪونج، پکي، آدي، پنهنجن ٻچن کي ٻهاڙن تي ڇڏي، تمام پري هليون وينديون آهن ۽ اُتي پنهنجن ٻچن کي ياد ڪنديون آهن. اُنهن جا ٻچا به ماتا کي ياد ڪندا آهن. ان نموني، پنهان ٿي وڏا ٿيندا آهن.

ته ٻاهيون پيئون ٻرن. ڪي وينا ڀڄن ڪن ته ڪي سمهيا پيا آهن. ڏنڊ پاٽيءَ ۾ درياهه تان اشنان ڪري، سڀني پريمين کي اُٿاري، چيائون ته توهان به هاڻي ڏنڊ پاٽيءَ ۾ اشنان ڪريو ۽ پوءِ وڃي ڀڄن ڪريو. ايترو چئي، ستگرو مهاراج جن اُني ٻاهه جي ڀرسان ويهي رهيا. سنگت ۾ ماتا ڪرشنا به سندن ڀرسان اچي وينا. خوشيءَ مان اِتي ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته اَبا، ٿَل کي اَڪيلو ڇڏي آيا آهيون، ساٿ ۾ مهمان به روز پيا اچن، سو اُنهن جي سيوا ڪير ڪندو؟ هتي به ساري رات ٿڌ جي ڪري ڪيترا پريمي، سمهيا ڪين آهن. تنهن ڪري، اسانجو ويچار آهي ته توهان هاڻي گهر هلو. ساري سنگت به چوڻ لڳي ته هتي آنند ته ڏاڍو آهي، پر اسان مان ڪيترا مائٽن کان موڪلائي ڪونه آيا آهن جي توهان ڳوٺ نه هلندا ته سڀئي توهان جي درشن لاءِ هتي ايندا. تنهن ڪري، اسان جي نماڻي اَرداس آهي ته ڪرپا ڪري هينئر گهر هلو.

ستگرو مهاراج جن دل ۾ ويچار ڪيو ته هينئر نه وينداسون ته هتي گهڻو گوڙ ٿي پوندو. تنهن ڪري، هاڻي وڃڻ گهرجي. اِهو ويچار ڪري چيائون ته چڱو اَبا، اوهان اِشنان پاڻي ڪري اَچي ڦل کائو ۽ ڪجهه گهر لاءِ پرساد ڪري کڻو، ته هلون.

اِهو ٻڌي، ماتا ڪرشنا ۽ ساري سنگت ڏاڍو خوش ٿي. اوم پرڪاش کي ڪندوءَ موڪليائون ته وڃي پاڻي ٿهرام کي ٻڌاءِ ته ستگرو مهاراج جن کي وٺي ٿا اچون، انهيءَ لاءِ ته مٿان پيا پريمي درشن لاءِ هتي نه هليا اچن. اوم پرڪاش ڪندوءَ ۾ وڃي سڀني کي خبر ٻڌائي. خبر ٻڌي، سڀئي پريمي ستسنگي شاهي جلوس ٺاهي، گلن جا هار کڻي، درياهه جي ڪناري

هينئر ڪٿان پيا اچو؟ تنهن تي سرو آنند جن هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ هي پريو، ڪالهہ ڪنڀوءَ جو ڀائي ٺاڪورام شاهہ جي پٽ ۾ آيو هو. اسانکي رات جو بزار ۾ گڏيو. تنهن کان توهان جو پڇيوسون. هن ڳالهہ ڪئي تہ ستگورو مهاراج جن درياهہ جي ڪناري تي جهنگل ۾ وڃي ويٺا هئا. چوٿون ڏينهن ڪنڀوءَ جا ڪيترا پريمي وڃي رات ٽڪي، ڪالهہ وڏي ڌام ڌوم سان ڪنڀوءَ وٽي آيا آهن. اسان ڏاڍو خوش ٿياسون. اَڄ صبح جو سويل بنا موڪلائي، اچي توهان جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿياسون. ستگرو مهاراج جن چيو چڱو، اَيا، ڀلي آيا. سڀني سان ملي اِشنان ڪري، روٽي کائي، آرام ڪيو. تنهن کانپوءِ، سرو آنند ۽ گرمکداس اِشنان ڪري، پرشاد ۽ پوڄا جي سامگري ڪٺي، ستگرو مهاراج جن اڳيان رکي، هٿ جوڙي، اَرداس ڪرڻ لڳا تہ هي پريو، اسان کي هاڻي نام جو اپديش ڪري، پنهنجي چرڻن جو داس بڻايو، تہ سدائين توهان جي چرن ڪملن جي شيوا ڪندا رهون. ستگرو مهاراج جن مشڪي چيو، جيڪا توهان جي مرضي. سرو آنند ۽ گرمکداس ستگرو مهاراج جن جي چرڻن جي پوڄا ڪري، گر منتر وٺي شش بڻيا. رات جو ستسنگ ٿيو. اهڙيءَ طرح ڪجهہ ڏينهن گذريا.

سڌانت - ٽئين هن سنسار ۾ ستگرو جگياسن کي ٽن پرڪارن سان پاليندا آهن.

(١) ستگرن جي گود ۾ - يعني گرو بہ اُنهيءَ شهر ۾ تہ جگياسو بہ اُنهيءَ شهر ۾ رهن. ڪڏهن بہ ڪو دک يا شنڪا پوين تہ اچي ستگرن کان پڇندا آهن. ستگرو اُنهن کي گرُ گيان ڏيئي، سنسا مٽائي، آسيس سان دک دور ڪندا آهن.

(٢) بنواري - يعني ستگرو سڀلاني ٿيندا آهن. بارهين مهيني، ٻن سال وچي جگياسين کي درشن ڏيندا آهن. پوءِ جگياسو پنهنجا دک، سنسا، ڀرم، شنڪائون گروءَ کي ٻڌائيندا آهن ۽ ستگرو اُنهن کي گرُ گيان ڏيئي سڀ سنسا ڀرم مٽائي، هر پرڪار رکيا ڪري، آشيرواد ڏيئي، هليا ويندا آهن.

(٣) سارني - يعني چٺي ٿي. جگياسوءَ کي ڪو بہ دک، سنسو، ڀرم يا ڪائي شنڪا هوندي آهي، تہ ستگرن کي چٺيءَ رستي لکي موڪليندا آهن. ستگرو وري انهن کي چٺيءَ رستي گرُ گيان ڏيئي، آشيرواد ڪري، گهر ويٺي سنسا، ڀرم، دک، شنڪائون نورت ڪري، هر پرڪار رکيا ڪندا آهن. سو توهان ڪو بہ خيال ڪين ڪريو. توهان تہ سدائين اسان جي گود ۾ ويٺا آهيو.

ستگرو مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي، سڀ پريمي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪيس پيرين پئي، پنهنجي پنهنجي گهر ويا. ايتري ۾ سرو آنند جن مٿي ۽ پيرين اُگهاڙا، شاهہ جي پٽ مان اچي نڪتا ۽ ستگرو مهاراج جن کي ڏنڊوت پرنام ڪري اُڀيان لڳي ويا. ستگرو مهاراج جن ڏانهن نهاري اکين ۾ پاڻي آنداٿون. ستگرو مهاراج جن وڏي پيار مان ڪانئس پڇيو تہ ٻابا، ٿڪل خوش ويٺا آهيو؟ مٿي ۽ پيرين اُگهاڙا

کيائون. پوءِ سنت هڪ ڀيري ۽ دنبوري تي سنتن جي مهما ۽ ويدانت جي اُپديش جي وارتا هلائي ڇيائين ته سنت، مهاتمائون سنسار جي جيون جي سڌار لاءِ جگياسين کي آتم گيان ڏيئي، کين موکيه ڪرڻ لاءِ اوتار ڌاري اچن ٿا. اڄ سوامي جن وڏي ڪرپا ڪئي آهي جو اسانجي ڳوٺ ٽنڊي باگي هاڻ لاءِ ارداس قبول ڪئي اٿن. سنت سدائين ديالو ٿيندا آهن. اڄ داس تي وڏي ڪرپا ڪئي اٿن.

اَت ڪرپال نه دروهه چت، سهن شيلتا سار
سم دم آد اَڪام مت، مردل سرو اپڪار

سنت وڏي ڪرپا ڪندا آهن. هيءُ جيوُ پنهنجي اِبناسي گهر کان وڇڙي جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي دکي ٿيو آهي. تنهن کي ست آتم جو گيان ڏيئي، جيوُ پڻو مٽائي، پنهنجي آدي اَبناسي گهر ۾ وري پهچائي، جنم مرڻ جي دک کان ڇڏائين ٿا. جن جي چت ۾ ڪوهه دروهه ڪونه آهي، تن کي سنساري جيوَ ڪيترا به دک ڏين تڏهن به اُنهن مان ڀوري ۽ ماکيءَ جي مک سمان سارگڙهي سنتوش ۾ رهن ٿا. جن پنهنجي من کي وس ڪري ۽ اِندرين کي پنهنجي وس ۾ آڻي، وئراڳ ڌارڻ ڪيو آهي، سي پنهنجو اُڌار ڪري، نشڪامي ٿي، مٺو بولي، سڀ جو اُپديش ڪري، انيڪ جيون جو ڪلياڻ ڪن ٿا. سنت هڪ ڀيري اِتري ڇئي بس ڪئي. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن يڪتاري تي ستسنگ ڪرڻ لڳا. ويدانت جي وارتا هلائي ڇيائون ته هيءُ جيو آد ۾ خوشيءَ سان سنسار جي باغيچي جو اِلهيءَ ويچار کان سير ڪرڻ آيو ته ٿورو وقت سير ڪري، وري موٽي پنهنجي اَبناسي گهر ۾ ويندس پر هن سنسار روپي سندر باغيچي ۾ انيڪ پرڪارن جا رنگا رنگي گل ڦل ۽ سندر چت ڏسي، مٺا ميوا کائي، پنهنجو

پاڃو ڀيريون - باب ۴

هڪ ڏينهن ١١ بجي صبح جو، سنت ٻڌ پوري ٽنڊي باگي مان ستگرو مهاراج جن وٽ آيو. ستگرو مهاراج جن اُتي پريم مان گڏجي، وڏي آدر سان کين وهاري خوش ٿي خبرون چارون پڇڻ لڳا. سنت ٻڌ پوريءَ جن چيو ته، هي پريو توهان جي ڪرپا سان سڀ آنند منگل آهي مان توهان کي ٽنڊي باگي وٺي هلڻ لاءِ سوال وجهڻ آيو آهيان. ڪرپا ڪري هلي، پيرا پائي، هس داس جي ڪٽيا پوتر ڪريو. مان هاڻي بڍڙو ٿي ويو آهيان. شرير جي ٻچاڙي اچي ٿي آهي، خبر نه آهي ته ڪيترو وقت پرالبڌ آهي. تنهن ڪري ويچار ڪيم ته، سنتن کي وٺي، جيڪري پنهنجو ٻارهو ڪري ڇڏيان. سو ڪرپا ڪري هلي پنهنجي هٿ سان ڪارج ڪريو. لاڙ جو سفر به ضرور ڪريو، جو لاڙ جا ماڻهو شراب، مڇي، ماس ڏاڍو ورتائين ٿا. پنهنجي ڪرم ڌرم کان ڀلجي ويا آهن ۽ بين ڌرمن ۾ ڪاهي پيا آهن. سو اُنهن کي هلي پنهنجي ست ڪرم، ڌرم جي رستي تي لڳايو. هاڻي هلڻ جو جيڪو پروگرام ناهيو، سو مان پنهنجيءَ سنگت کي لکي ڇڏيان.

ستگرو مهاراج جن چيو ته چڱو، ٻن ڇئن ڏينهن ۾ توهان سان هلنداسون. توهان پلي احوال ڏيئي ڇڏيو. سنت ٻڌ پوري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سارو احوال پنهنجيءَ سنگت کي لکي موڪليائين.

شام جو سنت ٻڌ پوري ۽ ستگرو مهاراج جن سفر لئي ويا. باغ ۽ دربار جو سفر ڪري، سڀ لٿي اچي ستسنگ شروع

شراب جي سڄي بوتل ڏيئي، هٿ ۾ ڪري لڳس. پوءِ جي مونکي خبر ڪانہ آهي تہ ڪيترو پيتائين. وزير راجا جي ڪمري ۾ ويو. ڏٺائين تہ بوتل خالي پيئي آهي. دل ۾ ويچار ڪيائين تہ راجا رات تمام گهڻو شراب پيتو آهي، جنهنڪري نشي ۾ مست ٿي پاڻ کي پلائي پهرو ٻہ ڏنو اٿس ۽ هيٺ ٻهاري ٻہ پيو ڏي. سو جيستائين هنکي شراب جو نشو آهي، تيستائين ڪنهنجي بہ ڳالهہ ڪانہ ٻڌندو. تنهنڪري هنکي ڪٽائي ڪارائجي تہ نشو لهيس، پوءِ پاڻ کي سڄاڻي لڀي ٿيندو. اهو ويچار ڪري، وزير راجا کي ڪٽاڻ وڃي ڪارايائين. راجا ڪٽائي کائي، وري ٻہ ٻهارو ڪڻي صفائي ڪرڻ لڳو. ڏهن پندرهن منٽن بعد، جڏهن ٢-٣ الٽيون ڪيائين، تڏهن سمورو نشو لهي ويس، پاڻ کي سڄاڻي چوڻ لڳو تہ مان راجا ٿي شهر پيو ٻهاريان! سو هٿ مان ٻهارو ڦٽي ڪري، شرم ۾ ٻڏي، وزير سان گڏجي پنهنجي محلات ۾ آيو. اشنان ڪري، سنگهاسن تي ويهي وزير کي چوڻ لڳو تہ وزير، اڄ ڏينهن کان وٺي مان شراب ڪونہ پيئندس.

ٽئين هي جيو ست چت آنند راجا آهي. موهہ روپي مدرا پي مٿان ڪسنگ روپي مٺائي کاڌي اٿس. اهڙو تہ اناتم اَڀمان روپي نشو چڙهيو اٿس جو پنهنجي ست چت آنند روپ کان ڀلجي ويٺو تہ مان شرير آهيان. ترشنا ۽ چاهنا هن جيوَ کي چوڪيدار بڻائي، رات ڏينهن مايائي، پهرو ڏياري رهيون آهن. وري اناتم اَڀمان ڪري ڀنگي بڻجي اگيان جو ٻهارو ڪڻي، وشين ڀوڳن روپي گندگي ٻهاري، پاپن روپي ٽوڪرو ڪڻي رهيو آهي.

ست پرش، مهاتمائون ستگرو وزير سمان آهن. اهي هن جيوَ روپي راجا کي ويراڳ روپي ڪٽائي، گيان روپ گهہ ڪارائي

اباڻو وطن وساري موج مستيءَ ۾ مست ٿي، پنھنجو
اصلوڪو سروپ ۽ ذات ڀلائي ويٺو آهي. جيئن ته، هڪڙو
راجا ڪڏهن ڪڏهن شراب پيئندو هو. هڪ ڏينھن رات
جو شراب پيئندي پيئندي، سڀ ٻولا ٻي ويو. متان
وري مٿائڻ ڪاڏائين. سو اهڙو ته اچي نشو ٿيس جو محلات
کان ٻاهر نڪري ٻزار ۾ وڃي پوليس پهريدارن کي
چيائين ته مونکي ڪهڙي ڊيوٽي ڏني اٿو ته مان ٻه وڃي
پهرو ڏيان. اهو ٻڌي سڀ پهريدار گهٻرائجي ويا ۽ ويچار
ڪرڻ لڳا ته شايد راجا اڄ گهڻو شراب پيتو آهي. راجا کي
چوڻ لڳا ته جيئن توهان جي مرضي هجي اُئين ڀيھو. راجا
هڪڙو وڏو رستو ڏسي اُتي ئي پهرو ڏيڻ لڳو. پنجين ڇهين
پرڀات جو ڀنگي آهيءَ رستي تي اچي ٻزار جي صفائي ڪرڻ
لڳو. راجا ڀنگيءَ کان ٻهارو وٺي چيو ته تون هٽي پاسي وڃي
صفائي ڪر. مان تو هتي صفائي ڪريان. راجا ٻزار کي ٻهاري
ڏيڻ لڳو. پوليس وارن راجا جو اهو حال ڏسي اچي وڏي
وزير کي سموري ڳالهه ٻڌائي. وزير سڌو ٻزار آيو. ڏسي
ته برابر راجا ٻهاري پيو ڏي. اهو ڏسي وزير راجا کي چوڻ
لڳو ته هي پرتوي ناٿ، هيءُ توهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟
ماڻهو ڇا چوندا؟ راجا چوڻ لڳو ته پري ٿيءُ. مان ڀنگي
آهيان. وزير وري ٻانهن کان وٺي چوڻ لڳس ته هي حضور،
توهين راجا آهيو. هيءُ ڀنگين جو ڪم ڇو ٿا ڪريو؟ هلو
پنھنجي محلات ۾. تنهن تي راجا وري ٻه ڪنڌ مٿي ڪڍي
چوڻ لڳو تون سڃاڻين ڪين ٿو ته مان هن شهر جو ڀنگي آهيان؟
مونکان پري ٿيءُ. وزير سڌو راجا جي محلات ۾ اچي، نوڪر
کان پڇڻ لڳو ته راجا رات شراب پيتو هو ڇا؟ تو گهڻو شراب
ڏنو هوس؟ تنهن تي نوڪر چيو ته سائين، مان راجا کي

باجا وڄائيندا، ساري شهر مان جلوس ڪڍي ٻائي ٻڌ پوريءَ جي استان تي اچي، وڏي آدرستڪار سان ستگرو مهاراج جن کي آسڻ تي وهارايائون.

شام جو ۴ بجي ننديءَ باگي جي پنچائت پرساد ڪٺي ستگرو مهاراج جن وٽ پيرين پئي، وينتي ءِ حال احوال ڏنائون ءِ ورتائون. لڇمن ڪاڪيءِ سنت ٻڌ پوري پنچن کي چيو ته ستن وڏي ڪرپا ڪري، پيرا پائي نگري پوتر ڪئي آهي. رات جو سيٺ ستسنگ ۾ اچجو ءِ پين کي به ٻڌائجو. ستسنگ لاءِ بندوبست پنچائت ڪيو. رات جو ستسنگ شروع ٿيو. ستگرو مهاراج جن جو ٻڌي ڏاڍي گهڻي خلق آئي. ڀڄن شروعات گوال لعل، سروآنند، گرمکداس ءِ پرهمين ڪئي. ننديءَ باگي جا ستسنگي ڍڪڙ، ڍولڪون، باجا، ڪنجهيون، دلا، ڪرتال وڄائڻ لڳا. ڪلاڪ ڪن اهڙي ته موج مچايائون جو سڀئي پريم ۾ مست ٿي ويا. لڇمن ڪاڪيءِ ستگرو مهاراج جن ستسنگ شروع ڪيو. "سچو سک پائيندس" جي وشيه تي ٻوليائون. ڀڄن پائين ستسنگ جي مهما تي به ٽي ڀڄن ڳايائون. چيائون ته هن جيو جي سک، شانتي ءِ پرمانند جي پراپتيءَ لاءِ ستسنگ جي سمان ٻيو ڪوبه سادن ڪونهي.

راهون رام ملڻ جون، آهن اپر اپار
تن سڀني مان هڪڙي، آهي ساڌ سنگت نروار
ساڌي مل تون تن سان، رکي پريم پيار
ته پهچندين دوار، ڏسين پيڊ پرم ريءَ.

پرم پد جي پراپتيءَ لاءِ جپ تپ ورت نيم، سندڻا گائتري هگيه، تيرٿ، دان، آد الت سادن آهن. پر وڏي ۾ وڏو سادن ستسنگ آهي. ستسنگ جي رستي ۾ هن جيوکي ڪا به رڪاوٽ ڪانه ٿي پوي. جڳياسو سولائيءَ سان ستسنگ وسيلي

اَنان اُونداھا رُوپي نشو دور ڪري پنھنجو آتم سروپ لکائي
اَبناسي ديس ۾ پهچائي برهم آنند جي تخت تي وهاريندا.
اهڙيءَ وشيه تي ٻولي ستگرو مهاراج جن ستسنگ سماپت ڪيو
۽ ساري سنگت پاؤ پرساد وٺي گهر ويئي. اهڙيءَ طرح ٻه ٽي
ڏينهن ستسنگ جي موج لڳايائون. هڪ ڏينهن ستسنگ
سماپت ٿيڻ کانپوءِ ستگرو مهاراج جن سڀني ستسنگين، پريمين
جگياسين کي چيو ته ابا، سڀاڻي اسان سنت ٻڌپوريءَ سان
گڏجي ٽنڊي باگي وينداسون. پٺيان توهان سڀ ستسنگي
ملي نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهجو ۽ سنت مهاتمائن ۽
مسافرن جي به پريم سان سيوا ڪندا رهجو. ستسنگين چيو سائين
اوهين خيال نه ڪريو. پر ڪرپا ڪري جلد موٽي اچجو،
جو توهان کانسواءِ اسانجو چت تمام اُداس ٿي پوندو. پوءِ سڀئي
پريمي پنهنجي پنهنجي گهر روانا ٿيا.

ڀائي ٿهلرام کي به ٻڌايائون ته سڀاڻي گوال لعل، سروآنند ۽
گرمکداس کي وٺي سنت ٻڌپوري سان ٽنڊي باگي وينداسون.
ٻئي ڏينهن صبح جو ۴ بجي اُٿي تياري ڪري سٽر تان
روانا ٿيا. ان وقت سوامي جن جي اوستا ٽيهه ورهيه هئي.
پهريون ئي پيرو منڊلي ناهي ٻاهر سٽر تي لڪعا. ۱۲ بجه
منجهند جو اڏيري لعل اسٽيشن تي پهتا، جتان ريل تي چڙهي
حيدرآباد اسٽيشن تي اچي لٿا. ۵ بجه بدين لائين واري
گاڏيءَ ۾ چڙهي رات جو ٽلهار اِسٽيشن تي اچي لٿا. ساري
رات ٽلهار رهي، صبح جو اتان اُٺن تي روانا ٿيا. منجهند
جو ۲-۳ بجه اچي ٽنڊي باگي شهر جي ٻاهران هڪ سندر باغ
۾ لٿا، جتي شهر جي ساري پنچايت ۽ ستسنگي ٻئنڊ باجا،
ڍول شرنايون ۽ گلن جا هار کڻي اڳ ئي بيٺا هئا. ستگرو
مهاراج جن کي پيرين پئي گلن جا هار پائي، خوش ٿي، ٻئنڊ

(٣) سُنتوکھ: ويدانت شروَن ڪرڻ ۽ آتم سروپ جو چنتن ڪرڻ.

(٤) تپ: ٻاهرين اندرين کي وس ۾ رکڻ.

(٥) ايشور پرڻيڌان: جيڪي به شڀ ڪرم ڪجن تپ دان آدِ ڪجن سي سڀ نشڪام ٿي ايشور گروءَ کي ارپڻ ڪرڻ.

(٣) آسڻ: سنڌيا، گايتري پاٺ، پوڄا ڪجي ته آسڻ ٻڌي ڪرڻ گهرجي. سهج آسڻ، پنگهه آسڻ، پدم آسڻ، انهن ٽنهي مان جيڪو آسڻ سولو لڳي سو ڪجي.

(٤) پراڻايام: پران، اپان سان ستگرن جي ٻرگڻ اُپاسنا جو منتر، ايڪانت ۾ ويهي ريچڪ، ڪنڀڪ، پورڪ سان جپجي. پهرين ٿورو روڪي پوءِ ڍيري ڍيري وڌائجي.

(٥) پرتيهار: من کي اندرين جي ٻاهرمکتا کان هٽائي، انترمکه ڪرڻ.

(٦) ڌارنا: ڪمل ورتيءَ کي آتما ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

(٧) ڌيان: آتما جو ڌيان ڪرڻ.

(٨) سماڌي: سماڌي ٻن پرڪارن جي آهي. پهرين سو ڪلپ ٻي نروڪلپ.

(١) سو ڪلپ: ترپٽيءَ سهت.

(٢) نروڪلپ سماڌي: ترپٽيءَ رهت.

انهيءَ وشيہ ۾ چئي، ست نام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. تنهن کانپوءِ سنت ٻڌپوري، سنتن، برهمڻن ۽ ساري سنگت کي چوڻ لڳو ته مان پڇنهنجي جيڏي ئي ٻاهر ٿو ڪريان انهيءَ ڪري سنتن کي وٺي آيو آهيان. پيا به ڪيترا سنت اچ ايندا. تنهنڪري سڀاڻي کان وٺي ٣ ڏينهن شرڌ ڀڳونت ڏيتا جو پاٺ، ٻہ وقت

وڃي اُمرڌام پهچي ٿو. تنهنڪري سڀني کي ستسنگ سان پيار ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اپديش ڪري، ستسنگ سماپت ڪيائون. وري صبح جو پهرين سنت ٻه پوريءَ ڪلاڪ کن ستسنگ ڪيو. تنهن کانپوءِ ڪلاڪ کن ستگرو مهاراج جن يوگ مارگ جي وارتا هلائي. يوگ جي اٺن انگن جو ورنن ڪيائون.

يوگ جا اٺ انگ آهن: (١) يم (٢) نيم (٣) آسڻ (٤) پراڻاياما (٥) پرتياهار (٦) ڌارڻا (٧) ڌيان (٨) سماڌي.

(١) يم جا لڇڻ آهن (١) اهنسا (٢) ستيه (٣) استيه (٤) برهمچريه (٥) اپريگره.

(١) اهنسا: ڪنهن به جيو کي بنا ڪارڻ دک نه ڏيڻ.

(٢) ستيه: سچ سان پريت رکي، سدائين سچ ٻولڻ پنهنجي سوارٿ ۽ سک لاءِ به ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهائڻ.

(٣) استيه: ڪنهن به شيءِ جي چوري نه ڪجي. بنا موڪلائي ڪنهن جي به چيز نه کڻجي.

(٤) برهمچريه: سنسار اندر سڀني استرين کي مائٽون، ڀينر ۽ پٽريون سمجهي گرهستي کي به ايڪادشيون، چوڏس، اماوس ۽ چنڊ، انهن پنجن ڏينهن کي ڪڏهن به گرهست مارگ نه ڪرڻ گهرجي. اهڙو گرهستي سنسار ۾ به برهمچاري آهي.

(٥) اپريگره: گهرج کان وڌيڪ گڏ نه ڪرڻ.

(٢) نيم: نيم جا پنج لڇڻ آهن. (١) شؤچ (٢) سنتوش (٣) سواڌيايه (٤) تپ (٥) ايشور پرڻڌان.

(١) شؤچ: اندر باهر پوتر رهڻ.

(٢) سنتوش: جيڪي پرڀو ڏني، انهيءَ تي راضي رهڻ.

ڏکو ڏين، سک ڏين، راڄ ڏين، هور رنڪ ڪي ڏين،
جب مليا سنتوش ڌن، سب ڌن ڌور سمان.

جوپ سنگ ٽي ڌرم ڏات، دئي ٻهتر سهي ٻن،
ماس سنگ اڪ ڀوپ ڀئيو، ٻڪ ديو سراپ من،
يادؤ نندن ناس ڀئي، مدؤ پان ڪريو جب،
ڪريچڪ ٽي شت ٻرات، ڪام ڪر ناس ڀئي سب.
مرگيا ڪر ٻريڪت هيتو؛ چوري ڪري شو ڀوپ هت،
ٻن ٻر ناري ڪي ٻريت ڪر،
سيس ديئي دس لنڪ ٻت.

يعني: جوئا کيڏڻ ڪري، پنجئي پانڊو ۽ دروپدي، ١٢ ورهيه ٻل قول ڪاٽي، ٻيري اگهاڙي ٻن جا ڏک ڀوڳيا. ٽيرهون سال راجا وراٽ وٽ لڪي، مزوري ڪيائون. ماس جي کائڻ ڪري، هڪ راجا ڏک پاتو.

هڪڙو راجا تمام گهڻو ماس کائيندو هو. ماس سان تمام گهڻي پريت هوندي هئس. هڪڙي ڏينهن وٽس هڪ مهاتما آيو. راجا مهاتما کي به ماس جو ڀوڄن آڻي ڏنو. مهاتما ماس ڏسي، ٻري ويهي چوڻ لڳو ته هي راڄن، تو وڏو پاپ ڪيو آهي، جو منهنجي لاءِ ماس جو ڀوڄن آندو اٿيئي. هاڻي جي تون ماس کائڻ ڇڏي ڏين ته توکي معافي ڏيان، نه ته ڏاڍو ڏنڊ ڏيندو سانءِ. راجا چيو ته مان ماس کائڻ ڪين ڇڏيندس. تنهن تي مهاتما سراپ ڏنس ته پاپي، تون ٻئي جنم ۾ ٻگلو ٿيندين. سو انهيءَ سراپ ڪري راجا ٻئي جنم ۾ ٻگلو ٿيو ۽ تلاءَ ۾ مڇيون کائڻ لڳو. شراب جي پيئڻ سان يادون جو سڄو ڪل ناس ٿيو. ڪام جي اڇا رکي، بدنيت ڪرڻ ڪري، راجا ڪريچڪ آدي وراٽ جا هڪ سو سالا ناس ٿي ويا. هنسا ۽ ڪروڌ جي ڪري، راجا پريڇت کي نانگ ڏنگيو.

هڪ ڏينهن راجا پريڇت هرڻ ۽ شينهن جو شڪار ڪري

ستسنگ ۾ پنڊارو چالو ٿيندو. ساري سنگت اچي پريم سان پوڄن به ڪري، شيوا به ڪري ۽ سنتن جو ستسنگ به سڻي، پنهنجو جنم سڦلو ڪري. تنهن بعد ساري سنگت خوش ٿي ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي.

شام جو ٣ بجي ستگرو مهاراج جن اُٿي جل پان ڪري ويٺا ته غلام علي ٽنڊي ڳوٺ جو مهراج منگهرام هڪ وڏو ويدانتي گيان وان ۽ ڪوي اچي سنت بڏپوريءَ جي استان تي لٿو. ٻيا به ڪيترا سنت، ماتلي بديسن، سجاول، ڏلهار ۽ ٽنڊي محمد خان جا پڻ آيا. ستگرو مهاراج جن ۽ ٻيا سنت هڪ ٻئي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. شام جو باغيچن مان گهمي، رات جو اچي ستسنگ شروع ڪيائون. پهرين ٻين سنتن ڪلاڪ ڪن ستسنگ شروع ڪيو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن ڪرم تي اُپديش شروع ڪيو. چيائون ته ڪرم ڪرڻ هيءُ جيو سک ڪي پائي ٿو. جئن وڻ گلن ڦلن جي ڪرڻي وڌندو آهي، تئن هيءُ جيو به ست ڪرم ڪرڻ ڪرڻي وڌي ٿو. سو ڪرم ٻن پرڪارن جا ٿيندا آهن. (١) ويد رهت (٢) ويد نشڌ. ويد نشڌ ڪرم ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. سيني سنتن، مهاتمائن، ويدن شاسترن، چوريءَ، هنسا، جوئا، ڪوڙ ڳالهائڻ، شراب، مڇي، ماس کائڻ جهڙا ٻيا به جيترا پاپ ڪرم آهن تن جي منع ڪئي آهي. اُهي بلڪل نه ڪرڻ گهرجن. شراب پيئڻ، مڇي ماس کائڻ سان، انتهه ڪرڻ ملين ٿئي ٿو. انتهه ڪرڻ ملين ٿيڻ ڪري، هيءُ جيوُ ڪيترا پاپ ڪري ٿو. جهڙو اَن تهڙو من. اِنهيءَ ڪري شڌ آهار ۽ شڌ وهنوار ڪرڻ گهرجي. اسان ٻڌو آهي ته لاڙ جا ماڻهو شراب، مڇي، ماس، گهڻو ورتائيندا آهن. سو اِهو ڪاڌ ويئو سنو ڪونه آهي. ليڪي شاستر به چوي ٿو ته:

يم جنهن ڪرم جي آگيا سنت، شاستر ڏين ٿا اهو ڪرم ڪرڻ گهرجي. يگيه، هون، تپ دان، ورت نيم، تيرٿ، سنڌيا، گايتري پاٺ، پوڄا ۽ ٻيا شڀ ڪرم نرمان، نشڪام ٿي ڪرڻ گهرجن. انهيءَ وشيه تي ستگرو مهاراج جن اپديش ڪري، ستسنگ سماپت ڪيو. ڪيترن مائهن ڪان مڇي ماس ڇڏايائون تنهن ڪانپوءِ سنت ٻڌپوريءَ اُتي چيو ته اڄ اسانجي نگريءَ جا ڀڳيه جاڳيا آهن، جو ڪيترا سنت مهاتمائون پڌاريا آهن. سوامي ٽيئون رام صاحب جن جيڪو شڀ ڪرم ڪرڻ جو اُپديش ڪيو آهي، سو ٻڌي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. ڀرين هن جيو کي پنهنجي اُنته ڪرڻ جي پورتائي لاءِ، ست ڪرم ڪرڻ گهرجن. توهان هيءُ ٿي ڏينهن ڏنڌي وهنوار کي هٽائي، سنتن جو سنگ ڪري، پنهنجي منش چولي جو اُڌار ڪريو.

صبوح جو مهراج ٻڌپوريءَ شريمد ڀڳونت گيتا جو پاٺ آرنڀ ڪرائي ستسنگ شروع ڪرايو. ستسنگ جو پرسنگ هو ڪرم ۽ اُپاسنا ڀريائين مهراج منگهرام پوءِ ٻين سنتن ۽ آخر ۾ ستگرو مهاراج جن اُپديش ڪيو. چيائون ته جئن ڪو برتڻ قلعي ڪرائيندو هجي ته ڀرين اُنکي ڌوئي صاف ڪري، پوءِ قلعي گر کي ڏيو آهي. قلعي گر اُن کي ڪڪري ۽ لوهه جي پٽيءَ سان خوب مهٽي ڪٽ لاهي، پوءِ قلعي لڳائيندو آهي ته يڪدم قلعي چڙهي ويندي آهي ۽ برتڻ به تمام سندر ٿي پوندو آهي. تهڙيءَ طرح جگياسوءَ کي به ڪرم ڪري پنهنجي انته ڪرڻ مان پاپن روپي ڪچرو ڪڍي پورن ستگرو روپي قلعي گر جي کوج ڪرڻ گهرجي. پورڻ ستگرو ڇا کي ٿو چئجي؟ جو برهم نيشٽي ۽ برهم سروتري سداچاري هجي. يعني آتم سروپ ۾ نشٺا هجيس ۽ ويد شاستر جو به ڄاڻو هجي. جيڪو جگياسوءَ جون شنڪائون، سپنا،

جھنگل کان موٽي شهر ڏانهن اچي رهيو هو ته واٽ تي پياس لڳس. انهيءَ رستي تي رشي رهندا هئا. سو پاڻي پيئڻ جي اِڇا سان هڪ رشيءَ جي ڪُٽيا ۾ گھڙي پاڻي گهرڻ لڳو. پر رشي جو پنهنجي نروڪلپ سماڌيءَ ۾ ويٺو هو، تنهن راجا کي ڪو به جواب ڪونه ڏنو. راجا ٢-٣ دفعا وري به پاڻيءَ لاءِ چيس، پر رشيءَ ڪو به جواب ڪونه ڏنس. تنهن تي راجا ڪروڌ ۾ اچي ويو. گهوڙي تان لٿو. اُتي هڪ مئل نانگ ڏٺائين. ڌنش جي نوڪ سان نانگ کڻي رشيءَ جي ڳچي ۾ پاتائين، گھوڙي تي چڙهي روانو ٿيو. اِيتري ۾ پرنگي رشيءَ کي خبر پئي ته راجا پريڇت منهنجي پتا کي ڳچي ۾ نانگ وجهي ٿو وڃي. سو جل هٿ ۾ کڻي راجا پريڇت کي سراپ ڏنائين ته ستين ڏينهن توکي ٽيڪڪ نانگ کائي ماريندو.

پر ناريءَ سان پريت ڪرڻ ڪري لنڪا جو راجا راوڻ ساري لنڪا سميت ناس ٿي ويو. سوالب، جوئا، ماس، شراب، چوري جيو هتيا، پر استريءَ جي سنگ ۽ ڪروڌ سبب انيڪ جيو ناس ٿي وڃن ٿا. سو اهي نشد ڪرم ڪڏهين به ڪرڻ نه گهرجن. مڇي کائڻ وڏو پاپ آهي.

ڪبير صاحب جن چيو آهي ته:

تل ڀر مڇلي کات هئه، ڪوٽ ڳئو ڪري دان،
ڪاشي ڪروٽ جا مري، تو ڀي نرڪ ندان.

يعني جو ٿورڙي به مڇي کائيندو، سو پاپ جو ڀاڳي ٿيندو. انهيءَ پاپ لاهڻ لاءِ ڳئون، پرٿوي، اَن، سون آد، ڪيترو به کڻي دان ڪري ۽ ڪاشيءَ ڪروٽ ۾ وڃي، سيس ڪٽائي، ته به اهو پاپ لاهي ڪونه سگهندو ۽ سڌو نرڪ ۾ ويندو. انهيءَ ڪري، مڇي ماس نه کائڻ گهرجي ۽ نڪي ديوتائن تي ٻليون چاڙهڻ گهرجن. ڪو به اهڙو نشد ڪرم نه ڪرڻ گهرجي.

اسان جي لاڙ ملڪ جا وڏا ڀاڳ جاڳيا آهن، جو توهان پيرا گھمائي پوتر ڪيو آهي. هاڻي ڪرپا ڪري ننڍي غلام عليءَ هلي، اسان جي ڪٽيا کي به پوتر ڪيو ۽ ساري شهر کي نام ڄپائي نهال ڪريو. بدين، ماتلي ۽ تلهار جي ستسنگين پڻ ستگرو مهاراج جن کي وينتي ڪئي ته اسانکي رستي ۾ اوراڻگهي نه وڃجو. اسانجي نگرن ۾ به پنهنجا چرن ڪمل گھمائي پوتر ڪجو. ستگرو مهاراج جن ڪين چيو ته توهان اسان سان گڏجي هلو، يا ننڍي غلام عليءَ اچجو، ته نه چنيءَ رستي اوهان کي احوال ڏيندا سون. اهو ٻڌي، ننڍي باگي جي ستسنگين چيو ڪرپا ڪري، اسان وٽ مهينو ڪن رهو. هيءَ ٽي چار ڏينهن ته توهان سنت ٻڌ پوريءَ وٽ رهيا آهيو. هاڻي اڄ ڪان وٺي اسان وٽ ڀوڄن ڪريو اسان پريمين جا سوال پورا ٿين. تنهن کانپوءِ ننڍي غلام عليءَ ۽ ٻين پاسن وڃجو. ستگرو مهاراج جن مشڪي ڪين چيو ته توهان جو پريم ۽ شرڌا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. پر ايترا ڏينهن ڪو نه رهي سگهبو، ڇو جو هت سيڌي پريمين وٽ به ٻه، ٽي ڏينهن وڃڻو آهي. تنهن ڪري، ٻه چار، ڏينهن ڀيا به رهون ٿا. پوءِ مهراج منگهر رام کي چيائون ته اسانکي ٻه چار ڏينهن هتي لڳندا. پوءِ ڦيرين توهان وٽ هلنداسون. تنهن تي مهراج منگهر رام خوش ٿي، چيو ڏاڍو سٺو! اسان وڃي ٿا اڳي بندوبست ڪريون. هڪڙو ستسنگي هتي ڇڏي ٿا وڃون جو توهان سڀني کي وٺي ايندو. اهڙيءَ طرح، هفتو ڪن ٻيو به ننڍي باگي ۾ لڳي ويو. ڀائي ٽيرٿداس، جهامنداس ۽ ڀائي لعل جو ٽچندو هو ۽ ٻيا به ڪيترا ستگرو مهاراج جن جا جگياسو ٿيا. ان بعد ستگرو مهاراج جن پنهنجي منڊليءَ سميت سنت ٻڌ پوريءَ سان گڏجي، ننڍي غلام عليءَ روانا

پرم ڀڳتيءَ سان دور ڪري، اهڙي ستگروءَ جي شرڻ ۾ وڃيءَ سان وڃي، يعني پرساد ڦل ڦول، چندن، اگربتيون کڻي، ستگروءَ جي پوڄا ڪري، ٿرگڻ اُپاسنا جو گرمنتر وٺي اڀياس ڪري. اُپاسنا ۾ ستگرن جي مورتيءَ جي اُپاسنا شامل ڪري. وڪيپ روپي ڪت لاهي، انتهڪرڻ روپي برتن اُجل ڪري مان ۽ مهنجو، ٿرن کي اُپڻ ڪري ته ستگرو پنهنجي آشيرواد ۽ شڪتيءَ سان جگياسوءَ جي انتهڪرڻ کي آتم گيان جي قلعي لڳائي، اهڙو ته سندر بڻائين ٿا، جو ساري سنسار جا جيو هن جي درشن لاءِ اچن ٿا. ستگرو مهاراج جن 'هي سنساري چت اُداري' ڀڄن جئي ستسنگ سماپت ڪيو.

راڳ وهاڳ

ٿل- هي سنساري چت اُداري- پاونا تون ڪر پلي،
ڪر هوشياري ڀڻ وچاري- غير واري ڇڏ ڳلي.
١. سنت ڪرم صابط ڪٽي تون- صاف دل کي ڪر سدا،
ميل پاپن جي مٽائي- واسنا جي پت ولي.
٢. شبد سان سر لسي ملائي- ڀڄن ڪر ايڪانت ۾،
جگت جا ڦرلا هٽائي- گر مورت ۾ رهي رلي.
٣. گيان جو پرڪاش پائي- ميٽ ڀرم اوديا سندي،
پرهم جو سک اچل پائي- ٻڌ ووڪ ڪر پلي.
٤. ڪهت ٽيئون سمر سوهم- سر ڪري وچار کي،
برهم ساکي جاڻ هڪ تون- لهي جيئن ساگر پلي.

اهڙيءَ طرح ٻه، ٽي ڏهاڙا وڏي ڌام ڌوم سان اُتسو ٿيو. جولاءِ ڏينهن صبح جو، ستسنگ ڪانوءِ، مهراج منگهرام ستگرو مهاراج جن اُپان هٿ جوڙي جوڙڻ لڳو ته هي ٻرپو،

ڪوئي هرگنگا جمنا - ڪوئي گوداوري،
ڪوئي پرياگ ماڌهين -
ڪوئي برج ۾ هري،
ڪوئي هري دوارڪا ۾ - ڪوئي گرنار ۾،
ڪوئي ڪاشي گيا ۾ - ڪوئي ڪيدار ۾،
ڪوئي بدريءَ ۾ ڀڳوان - ڪوئي ڪيلاش ۾،
ڪٿ تيرٿون مٿن سڀ ديکا - هر بسي وشواس ۾.

اهڙيءَ طرح پريمي چوڻ لڳو ته ڀڳوان جو وشواس ۾ درشن ڪري، شانتيءَ کي ڳولڻ لڳس. تمام گهڻن ڏينهن کانپوءِ هڪ شهر ۾ آيس، جتي ستسنگ ٿي رهيو هو. اتي شانتيءَ کي ڏٺم. وري ڪٿي ڏسان ته بي پرواهي، ڪيرتي، ڀڳوان ۽ چوٿين شانتي، اهي چارئي گڏ ستسنگ ۾ موجود آهن. اهو درشتانت ڏيئي چيائون ساڌن جي سنگ ۾ هلڻ روز گهرجي. اِهي گرمکو، هي چارئي پدارٿ ستسنگ ۾ پراپت ٿيندا. تنهن ڪري سدائين سنتن مهاتمائن جو ستسنگ ڪرڻ گهرجي. رام نام جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

هڪ ڏينهن شام جو، سنت ڀڏپوري مهراج چاندورام کي چوڻ لڳو ته سنتن سان ڪجهه رس رهاڻ ڪريو ته اسان سان سڀ ٻڌون. تڏهن مهراج منگهرام چيو ته سائين، جيو ۽ برهم ۾ ڪهڙو ڀيد آهي؟ ستگرو مهاراج جن چيو ته شري ڪرشن ڀڳوان گيتا جي پندرهين اڌياءِ ۾ چيو آهي ته ممي وشو جيو لوڪي - جيو ڀوته سناتنه. يعني جيو جو روپ منهنجو ئي انادي انس آهي.

ساکي برهم سروپ اِڪ نهين ڀيد ڪو ڳنڌ،
راگ دويش مت کي ڌرم - ناتئه مانت آنڌ.

تيا ۽ شام جو وچي ٻهنا ستسنگ جي وشئہ لي اُپديش ڪيائون. چيائون ته جيترا به سنسار جي ڪرم ڌرم جا ساڌن آهن. سي سڀ ستسنگ جي انترگت آهن.

جتي سک سنسار ۾ - سي سڀ ستسنگ مانهہ،
اننت پاپي تر گئي - جن ڪي گنتي نانهہ.

مطلب - هن سنسار جي اندر سڀئي جيو چار ڳالهيون چاهين ٿا:

بي پرواهي ڪيرتي، شانتي ۽ يگوان،
کهي تيئون سنسار ۾ چاهت سڀ انسان.

هڪ ٻراهمڻ سيٺي مترن ۽ گهر جي ڀاتين کان موڪلائي ١٢ مهينا گهمي اهي چار ڳالهيون پراپت ڪري موٽي آيو. مترن ۽ ساري شهر جي ٻراهمڻن کي خبر پيئي. سيئي ملڻ ۽ خبر چار وٺڻ لاءِ وٽس آيا. چيائونس ته ادا ٻڌاءِ ته تو اهي چار ئي پدارٿ ڪئان پراپت ڪيا، ڇو جو اسان سڀني کي به اهي چار ئي پدارٿ گهرجن.

ٻراهمڻ چيو ته ادا، پهرين مون بي پرواهيءَ کي ڳوليو. مهيني ڪن جي ڳولا ڪانپوءِ اندر ۾ خواهش ۽ ڪامنا ڪان بي پرواهي ڏٺم. وري ڪيرتيءَ کي ڳولڻ لڳس: ڳولهيندي ڳولهيندي، نياز نمرتا ۽ نمرتا ئي اندر ۾ ڏٺم. انهنڪانپوءِ، يگوان کي ڳولڻ لڳس. ڍونڍن کان ئي پڇم ته يگوان ڪٿي تو رهي.

چند - ڪو ڪهي هـر ڪير ساگـر ۾ -
ڪوئي وئڪنٺ ڌام ۾،
ڪو ڪهي هر اوڌپر ۾ - ڪوئي گوڪل گام ۾،
ڪو ڪهي پورب پڇم - دکن اُترا کنڊ ۾،
ڪو ڪهي ارڌ ارڌ ماهين - ڪو ڪهي برهمنڊ ۾،

سنسار ڇا آهي؟ ڀڳوان ڪنهن کي ٿو چئجي؟ ۽ هوُ ڪٿي ٿو رهي؟ من ڪهڙي وستو آهي؟ ڪال ڪهڙي چيز آهي؟ جمي ڪير ٿو ۽ مري ڪير ٿو؟ انهن ڏهن ڳالهين جي ستگر جي دوارا ڄاڻ وٺجي ۽ پنهنجو پاڻ پورن ريت سڃاڻجي. ٻيو سدائين پر اُپڪار يعني ٻئي جي ڀلي ۽ سک لاءِ رات ڏينهن لڳو رهجي. جنهن جيوَ ۾ اهي ٻه ڳالهيون ڪونهن، سو سنسار ۾ بيڪار مردي سمان آهي.

آتما روئي جيو لوڪي - آسهن ڪونه جيوتي مانوا،
پرم پر اُپڪارا ارٿايه - يو جيوي سجيوي.

جيڪو ٻئي جي سک ۽ ڀلي لاءِ جيئي ٿو، سو سنسار ۾ جيئرو آهي. تنهنڪري سدائين پنهنجي سوارٿ ۽ سک کي تياڳي، ٻين جو ڀلو ڪجي ۽ سڀني جيون کي سک ڏجي. ستسنگ سماپت ٿيو. اُلي ٻه ڏينهن رهي، سڀني پريمين کان موڪلائي ماتليءَ پهتا.

ماتليءَ ۾ ٻه سٽ ڪرم جو اُپديش ڪيائون، چيائون ته هي جيو ڪرمن جي ڪري ئي سک، دک ڀوڳيندو. ڪرم ٻج سمان آهي. زمين ۾ جهڙو ٻج پوکبو، تهڙوئي ڦل ملندو. تئين ئي هي جيو به جهڙو ڪرم ڪندو، تهڙوئي ڦل ڀوڳيندو. تنهن ڪري، سدائين يگيه، دان، تپ، ورت، نيم، پراپڪار آد شڀ ڪرم روپي ٻج پوکڻ گهرجن ته ڪو نه ڪو انگور پيدا ٿي پوندو، جو جڳان جڳه پيو کائبو. پرلوڪ لاءِ به شڀ ڪرمن کي مٽر بڻائڻ گهرجي.

ديس انتي ڪرذالي سيوا - ڳڏين ڪو سنڪار.
شيل سنتوش، پر سوارٿ رت -
ڪرم يوگ اُرذار،

جيو آتما، ساکي ۽ برهم، هڪڙو ئي روپ آهن. انهن ۾ ٿوري ماتر به ڀيد ڪونهي راڳ، دويش آدي وڪار، بڌيءَ جو ڌرم آهن. جيڪي، جيوَ آتما ۽ برهم ۾ ڀيد سمجهن ٿا، تن جي مت اَندي آهي. جيوُ، برهم جو سو روپ آهي.

ستگرو مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي مهراج منگهورام ڏاڍو خوش ٿيو. رات جو ستسنگ ۾ ٻين ڪيترن لنڊن ڳوٺن جا پريمي به آيا. اهڙيءَ طرح، ستگرو مهاراج جن ١٢-١٣ ڏينهن اُتي رهي، ستسنگ ۾ ڌرم ۽ ويدانت جو پرچار ڪيو ۽ ڪيترن ماڻهن کان شراب، مڇي ماس ڇڏايو. ڪيترائي ستگرو مهاراج جن جا جگياسوُ ٿيا. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن بدين روانا ٿيا. اُتي راڌي شيام منڊليءَ ۽ ڀڳتن سندن ڏاڍي پريم سان سواگت ڪيو. چار ڏينهن رهي، ست ڪرم ۽ ڌرم جو پرچار ڪري، تلهار روانا ٿيا. تلهار ۾ شام جو سنتن سان گڏجي قليليءَ جو سير ڪري آيا رات جو ستسنگ ڪيائون. پهرين ٻين سادن ۽ پوءِ ستگرو مهاراج جن اُپديش شروع ڪيو ۽ ست اُپديش جي وارتا هلايائون. چيائون ته هي منش چولو التريامي ڀڄن ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي، ڇو جو ڀڄن ڪري ڀڳوان سان ملڻو آهي. هيءُ جيوُ چوراسي لک جوڻين ۾ ڀڄن ڪري ڪين سگهيو ۽ نڪو ڀڳوان سان ملي سگهيو. منش چولي ڪانسواءِ هي جيوُ ڪنهن به جنم ۾ پنهنجو اُڌار ڪري نٿو سگهي. منش جنم ۾ ٻه ڪم ڪرڻ گهرجن.

يا نج آتم گيان هو- يا هو پر اُپڪار،
تيڏون جس ۾ يهه نهين- مانش سو بيڪار.

پهرين آتما جو گيان هجي، يعني پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي، ته مان ڪير آهيان ۽ ڪٿان آيو آهيان؟ ڪيڏانهن ويندس؟

ڪري اوڏانهن وڃڻو پيو ۽ ائين مهينو سوا لڳي ويو. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن ستسنگ شروع ڪرايو. پهرين سنت ٻڌ پوريءَ ۽ تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن ستسنگ ڪيو. پرالبڌ بابت وارتا هلي. نسوارٿ ڀاوي پريل ڇپائون. سنسار ۾ ڇهه ڳالهيون پرالبڌ جي وس آهن.

(١) گهاٽو واڌو (٢) جس اپجس (٣) جيئڻ مرڻ. انهن ڇهن ئي کي ڪوئي به هٽائي نٿو سگهي. مطلب ته شرير جي پرالبڌ اوس هن جيو کي ڀوڳڻي آهي ۽ ان کي ڪير به هٽائي نٿو سگهي. ڪرم ٽن پرڪارن جا آهن:

(١) سنچت (٢) ڪريمان (٣) پرالبڌ.

(١) سنچت يعني اننت جنمن جا ڪٺا ڪيل ڪرم،

(٢) ڪريمان يعني جيڪي ڪرم ڪري رهيا آهن.

(٣) پرالبڌ يعني جن ڪرمن تي هي شرير هليو آهي.

ڪريمان ۽ پرالبڌ ستگرن جي ڪرپا سان آتم گيان حاصل ڪرڻ سان ناس ٿي وڃن ٿا. باقي سنچت پرالبڌ ڪرم، جن شرير پيدا ڪيو آهي، سي ڀوڳي پورا ڪري ڪرمن جو بنڌن ڪاٽي، جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽي سنسار ۾ جيون مڪت ٿي وڃڻ گهرجي. ان وشيه تي اپديش ڪري، ستسنگ سماپت ڪيائون ۽ پريمي ڀاو پرساد وٺي گهر ويا.

هڪ ڏينهن سنت منگهورام ٻيرانيءَ وارو، پنهنجي منڊليءَ سميت اچي ستگرو مهاراج جن وٽ لٿو. ستگرو مهاراج جن وڏي آدرستڪار سان کين آسڻ تي وهاري خبر چار پڇڻ لڳا. سنت منگهورام چيو اسان مهڙن ۾ هڪ پريميءَ وٽ سندس سوال تي آيل هئاسون. اتي ويچار ڪيوسون ته ڪنڊو ويجهو آهي. سو سنتن جو درشن ميلو ڪندا وڃون ۽ ڦڳڻ جي ميلي لاءِ به سنتن کي وٺي ڪندا وڃون. انهيءَ ڪري

بوکي کو ٽکرا، پياسي کو پاڻي-
ديجي ٻنا اُٽڪار،
کنهن سمي ۾ هونگا سنگي-
يي ٽيرا سرشٽ آچار.

مطلب ته پنهنجي ديس جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سڀني جيون کي ڀڳوان جو روپ ڄاڻي، سيوا ڪرڻ گهرجي. پر مکيه پنهنجي ذاتيءَ جي سيوا ڪرڻ گهرجي. گيان وان گڏي مهاتمائن جو تن، من ۽ ڌن، واڻيءَ سان ستڪار ۽ سيوا ڪجي. سيل معنيٰ سڀني سان پريم ڪجي. جيڪي پريو ٻڌائي، تنهن تي راضي رهجي. ٻين کي سکي ڏسي خوش ٿيڻ گهرجي. بکئي کي روٽي، ننگي کي ڪپڙو، شکتي آهر لائقي ڏسي ڏيڻ گهرجي. انت ڪال ۽ پرلوڪ جي رستي ۾ هن جيو جا اهي شبه ڪرم سنگي ٿي ڪين سکه ڏيندا. اهڙي نموني چار ڏينهن ماتيليءَ ۾ رهي ڌرم ڪرم جو پرچار ڪري، پنهنجي ڳوٺ ڪنبوءَ ۾ پهتا. ستگرو مهاراج جن ماتا ڪرشنا ۽ ڀائي ٺهلرام سان ملي اچي وينا ته اتري ۾ شهر جا ڪيترا ستسنگي پريمي اچڻ لڳا، ڇو جو ستسنگ جو وقت به اچي ٿيو هو. ستگرو مهاراج جن جي اچڻ جي خبر سازي شهر ۾ پکڙجي وئي هئي. مکي پرين مل به پنج وني پرساد کڻي، ملڻ آيو. درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا. چوڻ لڳا ته هي پريو، توهان ڪانسواءِ اسان ڏاڍو اُداس ٿي پئون تا. اڳتي ڪرپا ڪري، پنهنجي نگريءَ کان ٻاهر نه وڃو. ستگرو مهاراج جن فرمايو ته ٻاهر وڃڻ جي ڀاڻ ڪي ڪانئي اچا ڪانهي، پر جتي پرالبڌ داڻو پاڻي لکيو آهي اُتي ضرور وڃڻو پوندو. اسان خيال ڪيو هو ته ٿدي باڻي مان ٿي موٽي ايندا سون. پر اُتي ٻين شهرن جي پريمين نه ڇڏيو، جنهن

سترهن تتن - پنج گيان اندريون، پنج ڪرم اندريون، پنج پران، من ۽ بڌي جو ٺهيل آهي. اُنهيءَ سان ملي جيو سڀني اوستائن ۾ ڪائي پئي، سمهي وهي، ڦري ٿو، يعني اننت پرڪارن جو وهنوار ڪري ٿو. تنهن جيو سوڪيم سرير سان ملي پرلوڪ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ چوراسي يوڳي اننت جوڻين ۾ ڦري ٿو.

سنت بڌپوري: جيو سوڪيم شرير جي اڌين ٿي يا ڪرمن جي اڌين ٿي يا پنهنجي خوشيءَ سان اچي وڃي ٿو؟

سنت ميگهو رام: هي جيو ڪرمن جي ڪري سوڪيم شرير سان ملي اچي وڃي ٿو. جڏهن ڪرم سهت سوڪيم شرير آتما جي گيان سان ناس ٿي ويندو تڏهن جيو آتما اچڻ وڃڻ جي بندن کان ڇٽي مڪت ٿي ويندو.

سنت بڌپوري: تنهنجي معنيٰ ته هي جيو ست چت آنند مڪت روپ نه ٿيو. پر شاستر چون ٿا ته: جيو ڪو سروپ ست آنند ڪهت ويد يعني جيو جو سروپ ست چت آنند آهي، جنهن جيو آتما ۾ ڪو به اچڻ وڃڻ ڪونهي سدا مڪت روپ آهي. اِهي سنت ميگهو رام سوامي ٽيئون رام مهاراج جن کي چيو ته هاڻي توهان به ڪجهه ٻڌايو.

تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته توهان ٻئي سچا آهيو.

هيءُ جيو ست چت آنند گهن، اَبناسي آهي. واستو ۾ هيءُ جيو آتما نه اچي ٿو، نه وڃي ٿو. اَوديا جي ڪري آلم ٿي جيو ٿالو پيو آهي. اُها اَوديا به ڪا شيءِ ڪانه آهي. صرف ڀرم ماتر آهي. سو اَچڻ وڃڻ، جنم مرڻ به خالي ڀرم ماتر آهي. اگيان ڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جئن ڪو سيٺ جاءِ لاءِ سرون، چونو، لوهه، ڪاٺ، سارو سامان ٻاهران گهرائي، جڳهه ٺهرائي ٿو. جڳهه ٺهي وڃڻ کانپوءِ، آڪاس به ٺهي وڃي ٿو. وري جاءِ جي ڊهي پوڻ ڪري اهو آڪاس ڊهي

سوير صبح جو مهڙين مان نڪري توهان وٽ آيا آهيون. سو توهان ڪرپا ڪري ضرور درشن ڏيندا. ستگرو مهاراج جن چيو ته اسان به رات لاڙ ملڪ جو سفر ڪري، موٽيا آهيون. جي اَن جل هوندو ۽ هتي هونداسون ته توهانجي ڦڳڻ جي ميلي تي ضرور ايندا سون. شاهه جي سمت پارٽ ۾ گيان چرچا ۽ رهاڻ ڪرڻ لڳا.

سنت ٻڌپوري: هي جيو آتما ست چت آنند سروپ اَبناسي آهي، اُن ۾ ڏک سک، اچڻ وڃڻ، جنم مرڻ ڪونهي ته پرلوڪ ۾ ڪير ٿو وڃي، ڪير ٿو حساب ڏئي ۽ ڪير ٿو چوراسيءَ ۾ اچي ڏک سک ڀوڳي ۽ نرڪ سرڳ ڀوڳي؟

سنت ميگهو رام اتر ڏنو: هيءُ جيو برابر اَبناسي آهي جنهن ۾ اچڻ وڃڻ برابر ڪونهي، پر پنهنجي واسنا ۽ ڪرمن ڪري ٿي چوراسيءَ ۾ اچي نرڪ سرڳ ۽ ڏک سک ڀوڳيندو.

سنت ٻڌپوري: جي هن ابناسي جيو ۾ ڪرم ۽ واسنا آهي ته پوءِ ابناسي ۽ نهه ڪرمي ڪيئن چئبو؟

سنت ميگهو رام: جيو ٻهرين برابر نهه ڪرمي هو پر پوءِ شپ اَشپ ڪرمن جي ڪري، ڏک سک، جنم مرڻ جو ڀاڳي ٿيو آهي.

سنت ٻڌپوري: جيڪا شيءِ اچي وڃي ٿي ۽ گهٽجي وڌي ٿي ۽ بدلجي ٿي، سا ته مٿيا آهي. پر هي جيو آتما جو ابناسي آهي، تنهن ۾ اچڻ وڃڻ ڪونهي! اهو ويدانت جو سڌانت آهي. پر جي اچي وڃي ۽ ڪرمن جي ڪري بدلجي ۽ جمي مري ته پوءِ ابناسي ڪيئن چئبو؟

سنت ميگهو رام: سرير پنجن تتن، آڪاس، وايو، اگني، جل ۽ پرٿويءَ جو ٺهيل آهي ۽ شمشان ۾ جلي ڀسم ٿي ويندو. تت تتن سان ملي وڃن ٿا. ٻيو سرير آهي سوکيم سرير جو

تيندي، پر ڏسان ٿي ته به ايائي سو ماڻهو ويٺا آهن. سو هاڻي ڪيئن ڪريون؟ اٽو ۽ چانور به گهر ۾ ڪولهن جو ڪٽي رڌي ونون. هاڻي ڇئن ڇئو ڏئن ڪريون. ستگرو مهاراج جن چيو ماتا، توهان ڪائي چنتا نه ڪريو. کارائڻ وارو پريو پاڻهي سڀني کي کارائيندو. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن پاڻيءَ جو لوٽو ڀري ست نام ساکي چئي، ڀنڊاري لئي ڇنڊو هنيو. چادر ڀنڊاري جي مٿان وجهي، منگهن ڀڳت کي چيائون ته تون سيواداريڻ کي ڀائي ڏيندو وڃ. سيواداري ڀڳت ۾ وينل سادن، مهمانن کي کارائڻ لڳا. جڏهن سڀني مهمانن جي ساري ڀڳت ڀوڄن ڪري آئي تڏهن ستگرو مهاراج جن سيواداريڻ کي فرمايو ته ٻاهر در تي ١٥-٢٠ فقير ويٺا اٿو. انهن سڀني کي به اني وهاري ٿالهون ڏهي ڀڄو ڪرايو. سيواداريڻ فقيرن کي ٻزار ۾ ويهاري کارايو. ستگرو مهاراج جن ۽ سيواداريڻ ۽ ستسنگين رسوئي کاڌي. پوءِ پريمي چادر لاهي ڏسن ته اڃا ڀڄن، ستن ڄڻن جو کاڌو بچيو پيو آهي. اهو ٻاهر ڪڍي جيون کي ڏناڻون. تنهن کانپوءِ ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته آبا، هيءَ ته ڀڳوان جي وڏي قدرت ڏٺي آٿڻون جو چاليهه، پنجاهه ماڻهن جي کاڌي مان به، ٿي سو ڄڻا کائي ويا، ته به بچي پيو. ستگرو مهاراج جن چيو ماتا، اهڙي نسمي ۽ موقع تي ڀڳوان پاڻ اچي کارائيندو آهي. اهو ٻڌي، ماتا چوڻ لڳي ته اڄ ته ڀڳوان پنهنجي ڪرپا ڪري کارايو، پر سڀاڻي لاءِ گهر ۾ ڪجهه به سيڌو ڪونهي. ستگرو مهاراج جن مشڪي چوڻ لڳا ته اما، تون ويچار نه ڪر. جنهن اڄ کارايو آهي، سو سڀاڻي نه کارائيندو ڇا؟ صبوح ٿئي، پوءِ ڀڳوان ٻڙهوئي چڱي ڪندو. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن وڃي آرامي ٿيا.

صبوح جو ٤ بجه آٿي، ستگرو مهاراج جن ڏلدڻ پاڻي

ڪونه ٿو، جنهن جو ٺهڻ آهي، ڇو جو آڪاس ۾ اچڻ وڃڻ ڪونهي، پر جڳهه جي اُپاڌيءَ ڪري ڏسڻ ۾ آيو ته آڪاس اچي وڃيٿو. جنهن ڪو گهاگهر ڪڍي ڪوهه. تان پاڻي ڀري اچيٿو ته انهي گهاگهر ۾ پولار يعني آڪاس پاڻيءَ سان ڀرجي اچيٿو. اُهو به گهاگهر جي اُپاڌيءَ ڪري اِي ڏسڻ ۾ آيو ته آڪاس ڪوهه ٿي ويو ۽ وري ڀرجي آيو. پر واستو ۾ آڪاس ۾ اچڻ وڃڻ ڪونهي. خالي اُپاڌي ڪري ڏسڻ ۾ اچيٿو، تئين هن جيو آتما ۾ به، اچڻ وڃڻ يا مٽجڻ ڪونهي، پر ٽنهي سريرن اَسٿول، سوکيم ۽ ڪارڻ جي اُپاڌين ڪري ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته جيو اچي وڃي ٿو، باقي واستو ڪو آيو آهي ۽ ڪو وڃي ٿو.

تنهن تي سنت ٻڌپوري چيو ته پوءِ ڪو پڄ ڪو پاپ ڪو پرلوڪ، ڪو ڌرمراڄ، ڪو ليکو، ڪو چوڪو، جهڙو پاپي تهڙو پڇي، پر شاستر جو چوڻ ٿا مڃي ڪانپوءِ، توهان ڪي پاپ پڄ جو حساب، پرلوڪ ۾ ڏيڻو آهي، پوءِ تڏهن اُهو ڪير ڏيندو؟ جي حساب ڪتاب ڪونهي ته شاستر ڪوڙا ٿيا. سنت مينگهورام جن وراڻيو ته هيئر دير ٿي وئي آهي. هلو ته باغن ۽ درياهه تان سير ڪري اچون. اُنهيءَ ڳالهه جو وري سڀاڻي فيصلو ڪنداسون.

اُترو ڇڏي سڀئي گهمي ڦري اچي ستسنگ ڪيائون. رات جو ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ستگرو مهاراج جن چيو ته جيڪي به ٻاهر جا مهمان ستسنگ ۾ آيل آهن، سي سڀ هٽي پنڊاري ۾ روٽي کائين. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن سڀني سنتن مهمانن کي روٽي کارائڻ لاءِ پنگت ۾ ويهاريو ته ايتري ۾ ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراج جن کي ٻاڻ وقت سڏ ڪري چوڻ لڳي ته ابا، رسوئي ته صرف ٤٠-٥٠ ماڻهن لاءِ مس

ڳهرجي ۽ ٻئي هنڌ، جهنگل ۾ ڏيرو ڪرڻ ڳهرجي. هتي هاڻي شهر جي ماڻهن جو پريم ۽ شرڌا تمام گهڻي ٿي آهي. تنهن ڪري هنن کي پريم ۾ ڦاسي ڇڏڻ ڳهرجي نه. سندن پريم وڌندو رهندو ۽ ساريءَ نگريءَ جو ڀلو ٿيندو. دل ۾ اهو ڪو ويچار ڪري، ڀائي ٽهلرام کي چيائون ته توهان ڪائي چنتا نه ڪريو، ايشور مڙيوئي ڀلي ڪندو. اسان قرض لاهي پوءِ ڪنهن ٻئي پاسي وينداسون. هاڻي هنن ٽنهي گوال، سروآنند ۽ گرمک کي ٻنهين جي سنڀال تي رکيو. اسان به سياڻي وڃي ٻنهين ٿان گهمي اينداسون ۽ پوءِ به پيا سنڀال ڪنداسون. ڀائي ٽهلرام خوش ٿيو ۽ گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس کي سمجهائي، ٻنهين ٿي روانو ڪري، پاڻ وڃي دڪان تي ويٺو. ٣ بجه ستگرو مهاراج جن اچي ويٺا. شهر جا ڪيترا ستسنگي پريمي به آيا. سنت ٻڌپوري چوڻ لڳو ته ڪالهوڪي شنڪا اڃا اڌ ۾ بيٺي آهي. سو اهائي رهاڻ شروع ڪرڻ ڳهرجي. مهاراج جن فرمايو ته ڀلي.

سنت ٻڌپوري: جي سڀ پرم ماتر آهي ته پوءِ يم لوڪ ۾ پاپ پنج جو جيڪو حساب ڏٺو آهي، سو ڪير ڏيندو؟

سنت ميگهورام ۽ ستگرو مهاراج: انهيءَ ڳالهه جو اوهان فيصلو ڪريو ته هي پريمي به ٻڌن.

سنت ٻڌپوري: جيو آتما اَبناسي آهي، اُن ۾ اُچڻ وڃڻ ڪونهي. پر اَوديا اُپاڌيءَ ڪري اِئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تنهن هوندي به، پرلوڪ ۾ حساب ڪتاب ڏٺو آهي. شاستر چون ٿا ته:-

> ٻڌي ۾ آڀاس جو- ڀڙيه پاپ ڦل ڀوڳ،
>
> گمن آگمن سو ڪري - نهين چيتن ۾ يوگ.

مطلب - ٻُڌِيءَ جو عڪس يعني ڀاڇو آهي جو پرلوڪ ۾

ڪري، پنهنجي لڄ سروپ سماڌي ۾ استٿ ٿيا. ٦ بجه سيٺي سنتن مهاتمائن، مهمانن کي وٺي، درياهه تان اشنان ڪري ٧ بجه گهر موٽي آيا ته ڀائي ميٺگهارام، سيٺ ڇبلداس جو پٽ، چانور، اٽو، گيهه، کنڊ ۽ ٻيو پنساري جو سامان ڪٽائي آيو ۽ ستگرو مهاراج جن کي وينتي ڪيائين ته اڄ، ڏينهن رات اسان جي ڀنڊارو هلائجو. جي ٻيو به کپي ته شيوادارن کي موڪلي گهرائي وٺجو. ستگرو مهاراج جن چيو چڱو، ڀلا. ڀائي ميٺگهو خوش ٿي گهر ويو. ستگرو مهاراج جن ماتا ڪرشنا کي چوڻ لڳا ته اُمان، ڏس، ڀڳوان هيءَ سيڌو ڏياري موڪليو آهي. توهان ڀوڄن تيار ڪريو. مائي ڀوڄيءَ ڀوڄن تيار ڪيو ۽ ١١ بجي ستگرو مهاراج جن سمت مهمان روٽي کائي آرامي ٿيا.

رسوئيءَ بعد، ڀائي ٽهلرام اچي چوڻ لڳو ته هن سال به نقصان پيو آهي. باغيچو به ڇڏيوسون. ٻنين جو حال به ڪونهي. ونجٽ ته ڏسڻ ۾ ڏاڍا سٺا ٿيا آهن، پر منجهن مال ڪونهي. ٻاجهريءَ مان پل به ڪين لهندي. دڪان جو به حال ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ٻه هزار روپيه اڳ ۾ قرض ڪنيو اٿئون. هڪ هزار ڪن هن سال به ڪنيو اٿئون. سو هاڻي ٣ هزار روپيه ته ڏيڻا آهن. توهان ٻڌي سمجهايا ڪريو، قرض ڪيئن ڏيو؟ ٻنيون ڇڏيون، ڇا ڪريون؟ مان هڪ ڄٽو ڇا ڪندس؟ ڪجهه مدد ڪري هيءَ قرض ته لاهيو. اڳتي جيئن توهان جي مرضي. ستگرو مهاراج جن پنج منٽ شانت ڪري، دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳا ته ڀائي ٽهلرام جيڪي چوي ٿو، سو ٺيڪ آهي. جي هينئر اسان هليا وينداسون ته ماڻهو چوندا ته قرض کان ڀڄي ويا. ڀائي ٽهلرام کي به چنتا ٿيندي. تنهنڪري قرض لاهي پاڻ کي آجو ڪري، پوءِ هن نگريءَ کي ڇڏڻ

اهڙيءَ طرح، ٻئون ٻه گهڻيون ئي شيون آهن، جنهن جو رنگ، روپ، آڪار ڪونه آهي، پر سندن ڀاڳو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تهڙيءَ طرح، نراڪار برهم جو ڪو به رنگ، روپ ڪونهي، پر انتهه ڪرڻ، جو شڌ، ستي گڻ جو ٺهيل آهي، ان ۾ آرسيءَ وانگر عڪس پوي ٿيو.

•

ستگرو مهاراج جن: برابر ڀاڳو پوي ٿو، جنهن کي توهان ست به چئو ٿا ته اَست به. اُهو ڀاڳو چئو ٿا ته برهم جو آهي، سو برهم، ست آهي يا اَست؟ جي ست آهي، ته ڀاڳو به ست ٿيڻ گهرجي. جي ڀاڳو اَست چئو ته برهم کي به اَست ٺهرايو. اٿي، سنت ٻڌ پوريءَ جي ڇوڙ تي اُٺهيءَ وشڻ تي وڏيڪ گيان گوشٽ سڀاڻي لاءِ رکي ويٺي. پوءِ سيٺي دريا جي سير تي ويا. شام جو موٽي اچي ستسنگ ڪيائون. ستسنگ کان پوءِ، ڀائي رامچند، سيٺ گوپالداس جي پٽ ستگرو مهاراج جن کي عرض ڪيو ته سڀاڻي اسانجي ڀاران ڏينهن رات ڀڪو ڀنڊارو ڪجو. سيڌو سامان صبح جو سوير موڪلي ڏيندس. ستگرو مهاراج جن چيو ته ڀلا، جيڪا اوهان جي اِڇا. اِها سڌ ماتا ڪرشنا کي ڪانه رهي.

صبح جو ماتا ڪرشنا اچي ڇوڙ لڳي ته ڀلا، توهان ته هيئر ٻنهين تي ٿا وڃو. پر اسان رسوئي ڪئن ڪريون جو گهر ۾ سيڌو ڪونه آهي. جئن چئو تئن ڪريون. مهاراج جن چيو ڀلا، تون ڪائي چنتا نه ڪر. اڄ ڀائي گوپالداس جو ڀڪو ڀنڊارو آهي پوءِ گوال لعل کي چيائون ته ڀاڻي ڀري، ڍهر جي سيوا لاهي، گرمک کي وٺي، ٻنهين تي اچجو. اسان هيئر اوڏانهن وڃون ٿا. توهان جي اچڻ تي موٽي گهر ايندا سون. سرو آنند کي سنتن جي سيوا لاءِ ڇڏي اچجو. ٻنهين تي اچي، کوهه تان اشنان ڪيائون، ساري ٻني ڏسي،

اچي وڃي ٿو ۽ ڌرمراڄ کي پاپ پنج جو ليکو چوکو ڏئي ٿو. پنهنجي ڪرم انوسار، پاپ پنج جي حساب، سرڳ، نرڪ ڀوڳي ٿو. ستگرو مهاراج جن: ٻڌيءَ ۾ جيڪو پاڇو آهي، سوئي پرلوڪ ۾ حساب ڪتاب ڏئي ٿو.

هاڻي ٻڌايو ته اهو پاڇو ڪنهن جو آهي؛ ۽ اهو ست يا اُست؟

ايترو ٻڌي سنت ٻڌپوريءَ ٻه- چار منٽ ته چپ ٿي ويو. تنهن کانپوءِ چوڻ لڳو ته سپني جا پدارٿ سچا به آهن ۽ ڪُوڙا به آهن؛ پر تيسٽائين، سچا آهن جيسٽائين جاڳرت نه آئي آهي.

جئن سپني سر ڪاتن ڪوئي -

بن جاڳي دک دور نه هوئي.

جئن سپني ۾ ڪو چور اچي ڪنهن جو سر ڪاٽي، ته اهو ماڻهو وٺي دانهون ڪري رئندو آهي؛ يعني اُنهيءَ ماڻهوءَ لاءِ اهو چور سچو آهي، پر جڏهن جاڳي ٿو تڏهن سندس دک دُور ٿي وڃي ٿو. پوءِ هو اُن چور کي ڪُوڙو ٿو سمجهي. تهڙيءَ طرح، هي پاڇو برهم جو آهي؛ نڪي ست آهي، نڪي اُست. جيسٽائين اگيان جي ننڊ ۾ آهي، تيسٽائين سچو آهي. پر آتم گيان جي جاڳرت ۾ اچڻ کانپوءِ اهو عڪس مٿيا جاڻي ٿو.

سنت مينگهو رام: پاڇو ٿيندو آهي ڪنهن رنگ، رُوپ، آڪار واريءَ وستوءَ جو، پر برهم ته نراڪار آهي، جنهن جو ڪو به رنگ رُوپ ڪونهي. تنهن نراڪار وستوءَ جو پاڇو ڪيئن ٿيندو؟

سنت ٻڌپوري: نراڪار ۽ رنگ، رُوپ رهت وستوءَ جو به پاڇو ٿيندو آهي. آڪاس نراڪار آهي ۽ ڪو رنگ، روپ ڪونهيس؛ پر آرسيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

سندس آپاس ست پاسڻ ۾ اچن ٿا.

سنت مينگهورام: توهان چئو ٿا ته آپاس ست به آهي، ته اَست به آهي. پر ويدانت جو سڌانت آهي ته جا وستو اَست آهي سا ڪڏهن به ست ٿي نه سگهندي. وري ست وستو ڪڏهن به اَست ٿي نٿي سگهي.

انهيءَ ۾ ڀڳت آئل لعل ۽ سنت گهنبو رام سالاري جي پرپٺ نگر جا اچي لٿا. ستگرو مهاراج جن ۽ سڀني سنتن سندن آدرستڪار ڪيو ۽ ويچاري ڇپائون ته اڄ وڏي ڪرپا ڪئي آٿو جو اچي درشن ڪرايو اٿو. توهان کي ڀڳت آئل لعل جن چيو ته اڄ هتي ڪنبوءَ ۾ هڪ پريميءَ وٽ روٽي هئي. ڀوڄن ڪرڻ کانپوءِ پريمين چيو ته هتي ئي آرام ڪري وڃو. آرام ڪري نڪتاسون ته واٽ تي خيال آيو ته سنت آيل آهن؛ انهن جو درشن ڪري وڃون. سو هتي اچي توهان جو، سنت مينگهورام ۽ سنت بڌپوريءَ جو درشن ڪري، تمام خوش ٿيا آهيون. هاڻي توهان جيڪا پاڻ ۾ گيان چرچا ويٺي ڪئي، سا ڪريو ته اسين به ٻڌون. تنهن تي سنت مينگهورام چيو ته سائين، سنت بڌپوريءَ شنڪا وڌي آهي ته هي جيو آتما ابناسي آهي؛ نه ڄمي، نه مري، نه اچي، نه وڃي. شرير هتي ئي ناس ٿي وڃي ٿو. پوءِ پرلوڪ ۾ پاپ پڃ جو حساب ڪير ٿو ڏي؟ انهيءَ وشيه تي ٽيون ڏينهن آهي، پر اڃا ڪو فيصلو ڪونه ٿيو آهي. هيئنر ويچار ڪندي اڄ سنت بڌپوري چوي ٿو ته برهم جو آپاس وڃي، پرلوڪ ۾ حساب ڪتاب، ڏئي ٿو. اهو آپاس ست به آهي ته اَست به آهي. تنهن تي اسان جي شنڪا آهي ته جا وستو ست آهي، سا ڪڏهن به ناس نٿي ٿئي ۽ جا اَست آهي، سا ڪڏهن به ست نه ٿيندي. هاڻي ڪرپا ڪري توهان به

دل ۾ چوڻ لڳا ته فصل ته ڏاڍو ڀلو آهي، پر سنگن ۾ اَن
ڏسڻ ۾ ئي ڪين ٿو اچي. وڻن ۾ به مال ڪونهي. سڀ
ڇٽيو وڃي. اِهو خيال ڪري، دل ۾ پڇڻ ڳالهائيندا، سڄيءَ
ٻنيءَ کي پرڪرما ڏيئي وڃي پيهي ٿي چڙهي ويٺا. پوک
ڏي نهاري، ڏيري ڏيري، مڏر سر سان ڳالهائڻ لڳا. ايتري
۾ سيٺيءَ هاري اچي، مهاراج جن کي نمسڪار ڪري، چوڻ
لڳا ته فقير سائين، اڄ تمام گهڻن ڏينهن کانپوءِ درشن ڪرايو
اَٿوَ. هاڻي ڪا دعا ڪريو ته ٻنيءَ ۾ نوُر پوي ته اسان تان
قرض به لهي ۽ ٻچا به سکيا پاليون. مهاراج جن فرمايو ته ڌڻي
چڱي ڪندو. توهان ٻنيءَ جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪندا
رهجو. ايتري ۾ گوال لعل ۽ گرمکداس به اچي ويا. ڪين
چيائون ته اَبا، هتي ويهي چڱيءَ طرح سنڀال ڪريو. پر چت
سدائين نام ۾ لڳو رهي. اسين به ٻئي، ٽئين ڏينهن نظر ڪرڻ
ايندا سون. گوال لعل چوڻ لڳو ته پوک ڏسڻ ۾ تمام ڀلي ٿي
اچي، پر مال ڪونهيس. ڀل به پوري ڪانه لهندي.
مهاراج جن چيو ته پريم سان سنڀال ڪريو. ڀڳوان چڱي ڪندو.
ڪيڏانهن پڇي نه وڃجو. ڀائي ٿهلرام جو قرض لاهي، پوءِ
سيٺيءَ گڏجي ڀڳوان جي باغيچي جو سير ڪنداسون. گهر اچي
ڀائي ٿهلرام کي چيائون ته پوک تمام ڀلي ٿي آهي. قرض
لهي ويندو.

شام جو ٣ بجي جل پان ڪري، سنتن سان اچي ويٺا. شهر
جا ڪيترا پريمي به اچي ويا. مهاراج جن سنت ٻڌپوريءَ
کي چوڻ لڳا ته اسان جي ڪالهوڪي شنڪا اڃا اڌ ۾ پيئي
آهي. برهم ست آهي يا اَست، تنهن جو اڄ فيصلو ڪريو.

ٻڌپوري: هي ڀڳوان، برهم ست آهي ۽ اُنجو ڀاڃو به
ست آهي. پر جيستائين برهم جو گيان نه ٿيو آهي، تيستائين،
ڀاڃو اَست ڏسڻ ۾ اچي ٿو. برهم گيان ٿيڻ کانپوءِ به برهم ۽

وٺيو، سو رڪوس جي نه رڪوس نه به مالڪ آهيو. اهو ٻڌي، سنت ٻڌپوري ۽ ٻيا سنت ڪلڻ لڳا.

مهاراج جن سنگت کي چوڻ لڳا ته هي جو سنتن ڪليو، سو ڏيکاري ٿو ته ڳالهه دل ۾ سان لڳي اٿن ۽ ڳالهه آهي به ڪلڻ جهڙي، جنهن کي مهاتمائون گيانوان جاڻن ٿا، پر ڪي لڄ ڪان ان تي ٽالو نٿا ڪن. سنت ٻڌپوري مشڪي چوڻ لڳو ته سوامي جي توهان جا وچن ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. مان لچارو آهيان نه ڪوڙو، پر اڄ توهان مونکي لچارو ٺهرايو آهي. جئن توهان کي ٽالي ڪڻ ۾ لڄ ٿي ٿئي، تئن مونکي ٻڻ ٽالي ڪڻ ۾ لڄ ٿي ٿئي. باقي سنت ميگهورام، ڀڳت آئل رام جن وڻنا آهن، سي ٽالو ڪن نه ٻلي ڪن.

تنهن تي سنت ميگهورام ۽ آئل رام جن چوڻ لڳا ته جي توهان کي لڄ ٿي ٿئي ته اسين وري ٻي لڄا ڪيئن ٿيون؟ سڀئي سنت کلي خوش ٿيا، گهمڻ نڪري ويا.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته ابا به ڏينهن نه ڀڳوان سنا گذاريا پر اڄ ڇا ڪبو؟ الي مهاراج جن جي ياڄائي مائي يو جي، پنهنجا ڳهڻا لاهي ستگرو مهاراج جن جي اڳيان رکي، همت جوڙي چوڻ لڳي ته هي پريو، هي ڳهه اٿو ٻلي وڪڻي سيڌو وٺي اچو ته سنتن جو ڀنڊارو هلايون. مهاراج جن گوال لعل کي آگيا ڪئي ته ڳهڻا وڪڻي ڪجهه گهر جو سامان نه ڪجهه دڪان جو سامان وٺي اچ. گوال لعل ڳهڻا وڪڻي سامان وٺي آيو. روٽي تيار ٿي. سڀني کاڌي. سنت موڪلائي پنهنجي پنهنجي آستان ڏانهن ويا. ڪڏهن ڪڏهن ۽ سنتن کي اماڻي پائي ٺهلرام کي چپائون ته ڪو ساڌ، سنت، مهمان اچي ته انهيءَ جي شيوا ڪجو. اسين هيمئر ٻنين ٿي ٿا وڃون شام جو موٽي اينداسون. ايترو چئي سرو آنند ۽

اُنهيءَ باري ۾ پنهنجا ويچار ٻڌايو. هيءَ گيان چرچا خاص جگياسين جي ٻڌڻ ڪولڻ لاءِ ڪئي اٿئون. واه واه، هار جيت ڪانهي. ڀڳت آتل لعل چهو ته ڏاڍو چڱو، پر توهان جي شڪا جو اُتر ٻهرين ٻڌپوري ڏي، ته پوءِ اسين ٻه ٻه- چار وچن چونداسون.

ٻڌپوري: توهان جي ڳالهه ڪي قدر سچي آهي ته اَست وستُو ست ڪانه ٿيندي، ۽ نه ست وستُو اَست. پر اَگيان ۽ ڀرم ڪري ڀاسڻ ۾ اچي ٿي، جئن لوڙهيءَ ۾ نانگ ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

ڀڳت آتل لعل: جيڪا شيءِ ڀرم ماتر ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا مٿيا آهي. جئن نوڙيءَ ۾ نانگ، سپيءَ ۾ چاندي، ۽ رڃ ۾ پاڻي، ٽنهي ڪالن ۾ ڪونهي. تنهنڪري، توهان جي چوڻ مان اهو ثابت ٿيو ته جنم مرڻ، حساب ڪتاب، ڪجهه به ڪين آهي. پرلوڪ به ڀرم ماتر آهي. جي ائين آهي، ته مُڪتي به ڀرم ماتر آهي. پوءِ اُن لاءِ ساڌن ڇو ڪجن؟

ٻڌپوري: هي نام، روپ، سڀ ڀرم ماتر آهي، پر پڃ پاپ جو حساب ڪتاب، پرلوڪ ۾ ڪير وچي ڏيندو. مان اهو پڇڻ ٿو چاهيان.

ستگرو مهاراج جن: هيئنر توهان چيو ته 'مان اهو پڇڻ ٿو چاهيان'، سو جيڪو پڇي ٿو ۽ 'مان' چوي ٿو، سو اَنتهڪرڻ ۽ سوکيم شرير سان ملي، پرلوڪ ۾ پاپ پڃ جو حساب ڪتاب ڏيئي، جنم مرڻ جي چڪر ۾ ايندو.

سنت ٻڌپوري: سوامي جي، اهو پڇڻ وارو 'مان' ڪير آهي؟ نالو ڇا اُٿس؟

ستگرو مهاراج جن: اهو توهان پاڻ ڄاڻي، جيڪو نالو

سان پريم جو ورتاءُ ڪر. مسلمان سان ملڻ تي چئو الله، الله ۽ هندن ڪي چئو رام رام. پنهنجي پنهنجي ڌرم ۾ رهي بندگي ڪر. سو مان ڪو هندو ڪونه ٿو ٿيان جو توهان مونکي مارڪٽ ٿا ڪريو. پر ڪيتريون به ڪون ڏيئي ماريندا ڪٽيندا ته به انهيءَ ڳالهه تان ڪين هٽندس. ان ڪانپوءِ مونکي ١٠-١٥ ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري مارڪٽ ڪري، ڪڍي ڇڏيائون. هاڻي مان هالن جي رستي تي مڪان ٺاهي ويٺو آهيان. هي قادربخش به مون وٽ رهندو آهي. گهڻن ڏينهن کان پيو سڏائي ته سوامي جن کان اُپديش وٺي ڏي. سو سائين هاڻي هن تي به ڪرپا ڪريو. اهڙو ٻڌي، ستگرو مهاراج جن چيو ته اَبا، هيءَ ڳالهه ڏاڍي ڏکي آهي.

سر دنيا تو سهج هئي، آڌ گهڙي پل جام،
نيهه نباهڻ ڪٺن هئي، آيو پير ڪا ڪام.

سر ڏيڻ تمام سولو آهي جو گهڙي اڌ ۾ ڏيئي سگهجي ٿو. پر انت تائين نباهڻ تمام ڪٺن آهي. تنهن لـي قادربخش چوڻ لڳو ته هي درويش سائين، مان اهو سخن ٿو ڪريان ته توهان جي ٻاجهه سان منهنجو به سدائين توهان جي چرنن ۾ ڌيان رهندو ۽ نڀي ايندي. مهاراج جن قادربخش کي اُپديش ڏنو ۽ هو خوش ٿيو.

هڪ ڏينهن ڀائي ٿهلرام مهاراج جن کي چيو توهان ڪلاڪ ڪن دڪان تي ويهو ته مان ٻنين تان گهمي اچان. مهاراج جن چيو ته ڀلي وڃو.

ستگرو مهاراج جن دڪان کولي ويٺا. ڀائي ٿهلرام ٻنين ڏي ويو. ڏسي ته وڻڊڻ مال جهلي نه ٿا سگهن ۽ نميا پيا آهن. ٻاجهريءَ جي اڳين سنگن ۾ اهڙو مال ڪونهي، پر پرسان ٻيا سنگ ۾ لڪنا پيا آهن ۽ اهي ڀرپور آهن. حيران ٿي ويو. اکين

گرمکداس کي ساڻ ڪري ٻنيءَ تي ويا. ٻنيءَ تي ڏٺائون ته والڻ جي ڳلن جو چٽڻ هيٺ ڪجهه گهٽ آهي. ٻوءِ ڳوال لعل کي ڪم ڪار سمجهائي پاڻ وڃي ويهي تي ويٺا. ايتري ۾ رمضان فقير هڪ مسلمان سان گڏجي اُتي آيو. مهاراج جن کي پيرين پئي اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳو ته سائين، ڪيترن ڏينهن کانپوءِ توهانجو درشن ٿيو آهي.

مهاراج جن چيو: ابا خير ٻڌاءِ ته هاڻي ڪئين ٿا رهو؟

رمضان فقير چيو ته سائين توهان وٽان مون کي وٺي ويا ته ماتا بيمار آهي. پر ماءُ ته بلڪل چڱي ڀلي هئي. اُتي وٺي وڃي مونکي ڏاڍي مار ڪٽ ڪري ڪوٺيءَ ۾ پوري ڇڏيائون. ٽي ڏينهن ته روٽي به کاڌي ڏنائون. پوءِ ڪيترا ملان اچي چوڻ لڳا ته ٻاهران بادشاه پير جو مريد سڏائين ۽ اندران جئن تنهنجي مرضي. هرو ڀرو اسان جي پت نه وڃاءِ. تنهن تي مون چيو مان ته منهنجو مرشد ته سوامي ٽيئون رام آهي. فقيري ذات ئي ڪانهي. شاه لطيف جن به چيو آهي ته:

نئون نياپو آيو - وٽان راڻي رات
لڌي مون لطيف چوي - ڪنا ڏاتر ڏات
ڪانه پڇيائون ذات - آيا سي اگهيا

فقيري ذات ئي ڪانهي. تنهن کانسواءِ سوامي جن مونکي ڪو ائين ڪونه تو چوي ته تون ڪو هندو ٿيءُ. اسانجي مرشد جي ته اها هدايت آهي ته:

حافظا گر وصل خواهي، صلح ڪن با خاص و عام
با مسلمان، الله، الله، با برهمڻ، رام رام.

جي ايشور جو ميلاپ تو چاهين ته سڀني، خاص ۽ عام

هاڻي جوڀن اوستا ۾ ڪري، ڇو جو ٻڍاپي ۾ ڀڳتي ڪانه
ٿي سگهندي.

جرا اُپاءُ نہ هو سکي جرا آيُو ڪي مانهہ،
ڀو ساگر ڪي ترن ۾ يـوا اوستا آنهہ.

مطلب ٻڍاپي ۾ توري ڀڳتي ڀي نہ ٿي سگهندي. جوڀن اوستا ۾ ٿي هن سنسار ساگر مان تري سگهجي ٿو ۽ ٻڍاپي ۾ ڀي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي يعني ڀڳتيءَ ڪري تري پار پهچي سگهي ٿو. ڀڳتي ڪري انسان اُبناسي ديس ۾ وڃي سگهي ٿو. آخر ۾ ستسنگ سماپت ٿيو. اُنهن ڪندي ڪجهہ وقت گذري ويو. هڪ ڏينهن، سنت بالو گوپالو، ورڪت سادو، رشيڪيش اُتراکنڊ جي پاسي جو، ستگرو مهاراج جن جي آستان تي آيو. مهاراج جن آدرستڪار سان وهاري. ڪالهن خبر چار پڇڻ لڳا. بالو گوپالو چيو تہ منهنجو جنم پنجاب ديس ۾ ٿيو. رشيڪيش اُتراکنڊ ۾ رهندو آهيان. سنڌ ديش جو سير ڪندي شڪارپور ۽ سکر گهمي، شهدادپور پهتس تہ اُتي هڪڙي استان تي پريم ۽ وڙاڳ سان ڀريل سندر واڻي ٻڌي ڇيائون. پڇڻ تي خبر پيم تہ اُها واڻي توهان جي ٺهيل آهي. وڌيڪ احوال وٺندي، هڪ پريميءَ ٻڌايو تہ هالن جي پرسان ڪنڊڙيءَ ۾ هڪ اوتاري مهاتما جڳت جي اُڌار واسطي جنم ڌارڻ ڪيو آهي. ڌاڻيون ڪراماتون ڏيکاريون اٿس. اها ڳالهہ ٻڌي، پڪو خيال ڪيم تہ اهڙي سنت پرش جو درشن ڪري، پوءِ ٻئي پاسي وينداس. سو ڪالهہ شهدادپور مان صبح جو نڪري، جهنگل جو سير ڪندو اُچي، اڄ توهان جو درشن ڪري تمام خوش ٿيو آهيان. ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا تہ اڄ اسان جا ڀاڳ جاڳيا آهن، جو گهر ويٺي درشن ڪيو اٿئون. اُنهن بالي گوپالي سان ڳالهہ ٻولهہ پئي هلي تہ آسورام جن

۾ آپ اچي ويس. دل ۾ چوڻ لڳو ته ترلوڪي ناٿ پاڻ ڀڳت جي روپ ۾ اسانجي گهر ۾ آيو آهي پر مون اڳيان جي ڪري ڪين نه سڃاتي، ننڍي هوندي کان وٺي ڪيترو گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. اهو مون وڏو پاپ ڪيو آهي. تنهنڪري اڄ گهر وڃي ساڌ کان معافي گهري نام جو اُپديش وٺندس. اهو سوچي ڪري گهر موٽيو. ڏٺائين ته ساڌ پاڻ دڪان تي اڪيلو ويٺو ڌيري ڌيري ڀڄن ڳائي. اکين ۾ پاڻي آڻي نماڻو ٿي پيرين پوڻ جي ڪيائين ته مهاراج جن اُٿي سندس هٿ جهلي ورتا ۽ چوڻ لڳا ته توهان پتا جي سمان آهيو ۽ هي ڇا ٿا ڪريو؟ ڀائي ٽهلرام روئي چوڻ لڳو ته هي پربو توهان جي مايا اهڙي پربل آهي جو هيترا ڏينهن توهان کي سڃاڻي نه سگهيس. ننڍي هوندي کان وٺي تمام گهڻو گهٽ وڌ پئي ڳالهايو اٿم. ڪرپا ڪري ديا جي درشٽي ڌاري مونکي معافي ڏيو ۽ نام جو اُپديش ڏيئي منهنجو اُڌار ڪريو.

ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته توهان جيڪي چيو هو، سو سڀ منهنجي ڀلي لاءِ. تنهنڪري توهان ڪوبه خيال نه ڪريو. اڄ توهان جي چت ۾ نام جي ڀڳتيءَ جي چاهنا جاڳي آهي. اهو ڏسي مان تمام خوش ٿيو آهيان. منش چولو ڀڳوان جي ڀڄن ڪرڻ لاءِ مليو آهي. ڀلي ڀڄن ڪري جنم سڦلو ڪريو. نام جو اُپديش توهانکي پوءِ ڏينداسين. ٥ بجي شام جو سنتن، مهاتمائن ۽ ستسنگين سان گڏجي باغ جو سفر ڪري آيا. پوءِ ستسنگ شروع ڪيائون. ڀائي ٽهلرام به اچي ستسنگ ۾ ويٺو. منش ڌرم جي وارتا هلي. چيائون ته منش جو ڌرم آهي ڀڄن ۽ ست ڪرم ڪرڻ. سو سدائين پربوءَ جو ڀڄن ۽ ست ڪرم ڪندو رهجي. ڀڄن ڪرڻ جي پهرين اوستا ٻالپڻ ۽ جواني آهي. پر جي پهرين ٻالاپڻي ۾ نه ڪري سگهي ته

ڪيترو نہ ڪٺي ماڻهو سياڻو هجي، شاسترن جو ڄاڻو هجي، تہ بہ، آتم گيان پراپت ڪري نہ سگهندو؛ ڇو جو ايشور کان ستگرن جو درجو مٿي آهي.

گوبند ڪي ڪيئي جيو جات هئہ، رساتل ڪو،
گرو اُپديش سو تؤ ڇوٽي جنم ڦند تي.
گوبند ڪي ڪيئي جيو وس پري ڪرمن ڪي،
گرو ڪي نواري س ڦرين هئن سو ڇند تي.
گوبند ڪي ڪيئي جيو ٻوٻت ڀوساگر ۾،
سندر ڪهت گرو ڪاڍي دک دوند تي.
اؤرون ڪهان لؤن ڪڇون مکتي کهو جاي،
گرو ڪي تو مهما أڌڪ هئہ گوبند تي.

هڪڙو جاٽ ٻڪرار هو، جنهن شادي ڪئي. سندس زال گيالوان، ستسنگياڻي هئي. شاديءَ کانپوءِ هڪ ڏينهن سندس اِستريءَ کانئس پڇيو تہ توهان ستگرو ڪيو آهي؟ ٻڪرار چيو تہ نہ. سندس ڌرم پتني اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳي تہ، هي ڀڳون ستگرو ڪريو جو ستگرو کانسواءِ مڪتي نہ ٿيندي. ٻڪرار چيو تہ مونکي تہ اِنهيءَ ڳالهہ جي ڪائي خبر ڪانہ آهي. مونکي ٻڌاءِ تہ گرو ڪيئن ڪبو آهي، گرو ڪٿي رهندو آهي ۽ ڪهڙو ٿيندو آهي.

اِستريءَ چيس تہ سوامي، توهان شرڌا رکي گرو ڪرڻ جو پڪو سنڪلپ ڪري، ٻڪريون ڪاهي وڃو، تہ ڀڳوان توهان کي پاڻهي گرو ملائيندو. پوءِ جئن گروءَ چيو تئن ڪجو. گروءَ کي چئجو تہ مونکي ڀڳوان جو درشن ڪراءِ. جاٽ پڪو سنڪلپ ڪري، ٻڪريون ڪاهي شهر کان ميل ڪن پري رستي جي ڪناري تي وڃي، ٻڪريون چارڻ لڳو. اُتي

اچي نڪتا. ستگرو مهاراج جن سندن آدرستڪار سان سواگت ڪيو. رات جو سوامي جن آسورام جن يڪتاري ۾ پنهنجي منڊليءَ سميت ستسنگ ڪيو ۽ پنهنجي ناهيل واڻي ونراڳ ڀري آواز سان ڳايائون. هي هيٺيون پارسي بيت به چيائون:-

جانبا جانا به هه - ورن سبتا نند ازل،
خود تو منصف باش حافظ اين که يا آن کؤ.

مطلب - پنهنجا پران پڳوان جي پچن ۾ ۽ سرير پراپڪار ڏرم ۾ لڳائي، سڦل ڪر؛ نه ته هونئن ئي ڪال هڪ ڏينهن ماري ويندءِ. تنهن ڪري تون پاڻ نياءُ ڪري ڏس ته سرير پراپڪار ۾ ڪم اچي، اهو چڱو يا ڪال اچي پران وٺي اهو چڱو. هي مطلب، جيڪڏهن تون چاهين تو نه مهنجو جنم سڦلو ٿئي، ته هيٺيون چار ڳالهيون ڌارڻ ڪر:-

جي چاهين مڪت ملان - ته ڳالهيون چوانءَ چار،
هڪ عهد جو اُست جو - سو پريٽءَ سان پار؛
سو موت کي ياد ڪر - منهؤن ڪين وسار،
ٽيون اوگڻ ڏسج پنهنجا - ٻين جا ڪيم ويچار؛
چوٿون جيڪي چڱايون ڪرين - سي دل تان ڇڏي ڍار،
ته آسو آخر ڪار - جنم تو سڦلو ٿئي.

سوامي آسورام ڪانپوءِ ستگرو مهاراج جن ۽ سوامي گوال لعل جن گڏجي ستسنگ ڪيو. ستگور مهما ۾ لي وارتا هلي. چيائون:

ايشوري گر ۾ اڌڪ - ڌاري ڀڳت سڄان،
بن گر ڀڳت پربين هو - لهي نه آتم گيان.

مطلب - جگياسوءَ کي ڀڳوان کان وڌيڪ گروءَ ۾ ڀاونا، شرڌا، پريم ۽ وشواس هئڻ گهرجي. اهڙي گر ڀڳتيءَ کانسواءِ،

ڇڏيائين. توڙيءَ دير کانپوءِ اُڃ لڳس. ڪڏ تي پاڻي ڀرڻ
ويو. اُتي ويچار ڪيائين ته اِهو به نه من تو ڇوي ته پاڻي
ڀريءُ. سو من جو ڇوڻ نه ڪو نه مڃيو. اُتيئي ڪڏ تي ويهي
رام نام جپڻ لڳو. ڪجهه دير بعد خيال ڪيائين ته وڃي
ٻڪرين جي سنڀال ڪري اچان. پر دل ۾ ڇوڻ لڳو ته اِهو
به نه من تو ڇوي، تنهنڪري من جو چيو اصل نه ڪبو.
ويهي رام نام جپڻ لڳو. سج لٿو ۽ ٻڪريون پاڻهي گهر
هليون ويون. جاٽ دل ۾ خيال ڪيو ته سج لٿو آهي ۽ گهر
هلجي. پر وري به دل ۾ ڇوڻ لڳو ته اِهو به من تو ڇوي.
تنهنڪري، جئن من چوي، تئن نه ڪرڻوئي نه آهي. اُنهن
خيالن ۾ اُتيئي ويٺي ساري رات گذري ويس. مٿان ٻئي
ڏينهن جي شام جا پنج اچي لڳا، ته اِندر ديوتا جو آسڻ
ڪنبڻ لڳو. اِندر ديوتا اُنترمک ٿي ڏٺو ته هڪڙو جاٽ
ٻڪرار ڪڏ ۾ اهڙو گر پڄتي ۽ تپ ڪري. ڏهه پهر گذري
ويا اُٿس نه پاڻيءَ ڍڪ به ڪين پيتو اُٿس. اگر هو پاڻي نه
پيئندو، ته مري ويندو ۽ اچي منهنجي آسڻ تي وهندو.
تنهنڪري ڪنهن اٽڪل سان هنکي پاڻي ضرور پيارجي.
اِهو خيال ڪري، ميگهه ديوتا کي گهرائي، آگيا ڪيائين
ته اهڙي برسات وساءِ جو هو جاٽ پاڻي پيئي. ميگهه ديوتا
برسات وسائي. اُنهيءَ ڪڏ ۾ گوڏي جيترو پاڻي ٿي ويو.
جاٽ سوچڻ لڳو ته هينئر ته اُڃ سخت لڳي آهي؛ تنهن
ڪري ٻه چار ڍڪ پاڻيءَ جا پِي وٺان وري خيال آيس ته
اِهو به نه من تو ڇوي. گروءَ چيو آهي ته من جو چيو اصل نه
ڪجِ. تنهنڪري پاڻي اصل نه پيئبو، چاهي پران نڪري
وڃن. اِندر ديوتا ٻڪرار جو درڍ سنڪلپ ڏسي، ميگهه
ديوتا کي چيو ته هڪ ٻي برسات وساءِ، جئن هن جاٽ جي

پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو، ته هي پريو، مونکي ڪو گرو ملائيو ته ته مان روٽي ڪونه کائيندس. هڪڙو مهاتما اُتان رستو وٺي پئي لنگهيو ته، اُن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڏنڊوت پرنام ڪري، همت جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو، توهان منهنجا گرو ٿيو. مونکي گرمنتر ڏيئي پنهنجو شش بڻايو. مهاتما دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته هيءُ جهنگلي، ٿوري مت وارو آهي. پر هن جي ڀاونا ۽ شردا سٺي آهي. سو ڀاونا هنکي ضرور ڦل ڏيندي. اهو ويچار ڪري، مهاتما پڇڻ لڳس ته ڀائي، مان تنهنجو گرو ٿيان، پر مونکي هڪ وچن ڏي ته جئن مان توکي چوندس تئن ڪندين. جاٽ چوڻ لڳو ته سائين منهنجي استريءَ ته مونکي اِئين چيو آهي ته جئن گرو چوئي، تئن ڪج. تنهنڪري مان توهان کي وچن ٿو ڏيان ته جئن توهان چوندا تئن ڪندس. دکڻا ۾ هيءَ ٻلي ٻڪري اوهان کي ڏيندس. پر توهان مونکي ضرور ڀڳوان جو درشن ڪرائجو. مهاتما کي ٻڪ ٿي ته هن جاٽ جي ٻنهي ٻديوان ۾ ستسنگڻ آهي. مهاتما کيس چيو ته هڪ ته رام نام جو منتر جپيندو رهه ۽ ٻيو جئن توکي من چوي تئن اصل نه ڪج. جاٽ چوڻ لڳو ته هي پريو، جئن توهان آگيا ڪئي آهي، تئن ڪندو رهندس. هيءَ ٻڪري توهان کي ڏيان ٿو. سنت چيو ته اِها ٻڪري ڀلي تو وٽ هجي. جڏهن ضرورت پئي، تڏهن ڪاهي ويندس.

اُن ڪانپوءِ، جاٽ رام نام جپيندو رهيو. جڏهن منجهند جو ٻارهن ڪن لڳا ته ٻک لڳس. خيال ڪيائين ته روٽي جوڙي کان. اُئين ئي ويچار آيس ته من ٿو چوي ته روٽي کاءُ. پر گروءَ جو چوڻ آهي ته جئن من چوئي، تئن اصل نه ڪج. سو روٽي ڪانه کائيندي. روٽي جوڙي ٻڪين کي کارائي

ڪانپوءِ سنت کي ٻاهر ايڪانت ۾ وٺي ٻڪرار جي ٻاري ۾ ساري ڳالهه ٻڌايائين ته مون وٽي درشن ڏنوماس ته به مونتي اعتبار نٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته مان توکي سڃاڻان ئي ڪونه ٿو. گرو اچي چويم ته هي ڀڳوان آهي ته پوءِ توتي اعتبار ڪندس. سو هاڻي توهان دير نه ڪريو. جلدي هلو نه ته ڪلاڪ ڪن ۾ هن جا پران نڪري ويندا.

مهاتما چيو ته چڱو، پر ڀرين مون کي پنهنجو سرڳڻ روپ ڏيکاريو ته پوءِ توهان سان گڏجي هلان. ڀڳوان پنهنجو چترڀڄ روپ ڌاري، مهاتما کي درشن ڏنو. تنهن ڪانپوءِ، ٻئي گڏجي اُن ڪڏ تي آيا. ڀڳوان جاٽ کي چيو ته ڀڳت، هاڻي ته اکيون کول. تنهنجو گرو به وٺي آيو آهيان. تنهن تي جاٽ اکيون کولي هٿ جوڙي، گروءَ کي چوڻ لڳو ته هي پريو، برابر هيءُ ڀڳوان آهي؟

مهاتما چيس ته ٻچا، هي برابر پاڻ وشنو ڀڳوان آهي. جاٽ چوڻ لڳو ته توهان جو چوڻ سچو آهي. پر مون ٻڌو آهي ته ڀڳوان چترڀڄ روپ ڌاريندو آهي، سو هاڻي پريو چترڀڄ روپ ڌاري ته مان نڪري اچان. ڀڳوان چترڀڄ روپ ڌارڻ ڪيو. جاٽ به ڌيري ڌيري اچي ڪناري تي بيهي وچار ڪرڻ لڳو ته ڀرين پيرين ڪنهن کي پوان. پر اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچيس. هو اُٿي بيهي رهيو. تنهن تي وشنو ڀڳوان مشڪي چوڻ لڳس ته ڀڳت اڃا به توکي اعتبار ڪونه ٿو اچي ڇا، جو اٿي بيهي رهيو آهين؟ جاٽ چيو ڀڳوان، مان منجهي پيو آهيان ته ڀرين ڪنهن کي پيرين پوان، توهان کي يا گروءَ کي. تنهن تي ڀڳوان چيو ته اها تنهنجي مرضي. پر جلدي ڪر جو دير ٿي ٿئي. جاٽ چيو ته مونکي سمجهه ڏيو ته پوءِ اچان. اهڙا پريم ڀريا وچن ٻڌي ڀڳوان چوڻ لڳو ته اُئين ئي

ڳچيءَ تائين پاڻي پهچي وڃي. مينگهه ديوتا اِئين ئي ڪيو ۽ هن جي ڳچيءَ تائين پاڻي پهچي ويو. جاٽ خيال ڪيو ته هاڻي پاڻيءَ جي ٻڪ ڀرڻ جي به ضرورت ڪانه آهي. فقط ڪنڌ ڪسي لمائي ٢-٣ ڍڪ ڀرڻا آهن پر ويچار ڪيائين ته اِهو به ته من ٿو چوي. اِهو حال ڏسي اِندر ديوتا وري مينگهه ديوتا کي چيو ته برسات وسائي، پاڻي هنجي وات تائين پهچاءِ. مينگهه ديوتا برسات وسائي. جاٽ جي وات تائين پاڻي آيو. اِهو ڏسي جاٽ خيال ڪيو ته هاڻي پاڻي پي وٺان. پر وري به ساڳيو خيال آيس ته اِهو به من ٿو چوي. وات کڻي بند ڪيائين ته متان پاڻي اندر وڃي. اِندر ديوتا گهبرائجي ويچار ڪرڻ لڳو ته جي هاڻي وڌيڪ برسات وسائبي ته پاڻي نڪ ۾ وڃي پوندس ۽ ٻڏي مري ويندو. اِهو خيال ڪري، اِندر ديوتا وئڪنٺ ڌام ۾ ويو ۽ وشنو ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري ساري ڳالهه ٻڌايائين ۽ وينتي ڪيائين ته هاڻي ڪرپا ڪري توهان وڃي درشن ڏيوس نه ته پران نڪري ويندس ۽ سرڳ لوڪ ۾ ايندو. وشنو ڀڳوان ڪڏ ٿي آيو اچي ٻڪرار کي چيائين ته هي منهنجا ڀڳت تون منهنجي درشن لاءِ تپ ڪري رهيو آهين. مان تنهنجي گر ڀڳتيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻي اکيون کولي ٻاهر نڪري اچي منهنجو درشن ڪر. جاٽ اکيون کوليون، ڀڳوان ڏي نهاري چوڻ لڳو ته مان ڪيئن ڄاڻان ته تون ڀڳوان آهين، ڇو جو مون توکي اڳ ڏٺوئي ڪونه آهي. تڏهنڪري جڏهن گرو مونکي اچي چوندو ته هيءُ ڀڳوان آهي تہ پوءِ مان ٻاهر نڪري ايندس. ائين مونکي توتي وشواس ڪونهي. اِئين چئي اَکيون بند ڪري، رام نام جي ڌن ۾ لڳي ويو. ڀڳوان ساڌوءَ جو ويس ڪري، جنهن شهر ۾ هن جاٽ جو گرو ڪٿا ڪري رهيو هو، اُتي ستسنگ ۾ وڃي ويٺو. ستسنگ جي سماپتيءَ

ساري سنگت کي ٻڌائي سواءِ جن چوڻ لڳا ته ستگرن جو درجو ڀڳوان کان گھڻو اوچو آهي. هو ڄاڻ پهرين ستگرن کي اُنهيءَ ڪري پيرين پيو جو ستگروءَ جي ئي ڪرپا سان ڀڳوان جو درشن ٿيو هوس. ستگرن جي مهما جيتري ڪجهي اوتري ٿوري آهي.

بلهاري گـر آپڻـي، ڏئهاڙي صـد وار
جن مانش تي ديوتي ڪيئي، ڪرت نه لاگي بار.

مطلب: هزار وار ستگرن تان ٻلهار وڃڻ گهرجي، جو جگياسوءَ کي منش مان ديوتا ۽ ديوتا مان ڀڳوان بڻائين ٿا. ستسنگ سماپت ٿيو ۽ ساري سنگت پاو پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي. ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته اَبا، گهر ۾ اٽو چانور ۽ ٻيو سيڌو ڪونهي. پئسا به ڪونهن. هر روز ٢٥-٣٠ ڄڻن جو ڀنڊارو ٿئي ٿو. ڪيئن ڪريون. مهاراج جن چيو ته ماتا، توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. صبوح ٿئي ته ڀڳوان پاڻهي چڱي ڪندو.

صبوح جو ستگرو مهاراج جن درياهه تان اشنان ڪري ٨ بجي گهر موٽي آيا ته ماتا ڪرشنا چيائين ته هاڻي ڇا چاڙهيون؟ ٻاڙي مان به ٽي ڏينهن اُڌارو وٺي پئي رڌوسون. اها ڳالهه توهان سان ڪانه ڪئي اٿئون. هيئنر ڄڻن جو لنگر ڪريون. مهاراج جن چيو ڪائي چنتا نه ڪريو. ايشور سڀ ڀلي ڪندو. خالي پاڻ ڀڄائي مهمانن کي پاڻي پياريو. اڃان ئي ڪيو ويو. نيڪ ١١ بجي چار ڄڻا پڪو پڪايو ڀوڄن، چانور، سيرو، ڦلڪا، ڀاڄي ٢٥-٣٠ ڄڻن جي ڪاڻ جيترو کڻي آيا. چيائون ته سالاري مان ڀائي ايسرداس هي ڀوڄن اوهان لاءِ موڪليو آهي. مهاراج جن ماتا کي چيو ته، ڀوڄن لاهي، ٻاسڻ خالي ڪري ڏيون، ماتا ڀوڄن لاهي ٻاسڻ ڏنا.

ٿيندو. پوءِ يڪدم جاٽ هيٺيون سلوڪ چوڻ لڳو:

گرو گوبند دونو کڙي - ڪس کي لاگون پانو
بلهاري گر پنهنجي سدا - جن گوبند ديو دکاءِ

ائين چئي ستگرن کي ڏنڊوت پرنام ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. ڀڳوان چيو پيارا، توکي ڌنيواد هجي. جو ستگروءَ جي وچن لي اهڙو اٽل وشواس رکي، جلدئي منهنجو درشن ڪيو اٿيئي. هاڻ توکي جيڪي گهرڻو هجي، سو گهري وٺ تہ پوءِ مان وڃان. جاٽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ هي پڀو هڪ اها آشيرواد ڏيو تہ چت سدائين گر ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي. بيو گهر هلي منهنجي استريءَ کي بہ چترڀڄ روپ جو درشن ڪرايو ۽ ڀوڄن ڪري پوءِ وڃو. ڀڳوان تٿاستو چئي، دل ۾ ويچار ڪيو تہ پيو تہ وڏي خفي ۾ آهيان. پر ضرور وڃڻو پوندو. ڀڳوان چيو تہ چڱو هل. جاٽ ڀڳوان ۽ پنهنجي گروءَ کي گهر وٺي ويو ۽ پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي چيو تہ هي ديوي تون ڌن آهين، جو مونکي گرو ڪرائي ڀڳوان جو درشن ڪرايو اٿيئي. شل سڀ استريون تو جهڙيون ٿين جو پنهنجي ڪل کي تارين. هاڻي جلدي ڀوڄن تيار ڪر تہ ستگرن ۽ ڀڳوان کي کارايون. اهو ٻڌي، سندس استري خوش ٿي پنهنجي پتي ديو، ستگرو ۽ ڀڳوان کي نمسڪار ڪري جهٽ روٽي ٺاهي سڀني کي پريم سان کارايائين. تنهن کانپوءِ ڀڳوان انهيءَ ماتا کي چترڀڄ روپ ڏيکاريو ۽ چيو تہ پتري تون ڌن آهين، جو پتيءَ جو اُڌار ڪيو اٿيئي! پوءِ ڀڳوان ٻڪرار کي چيو تہ هي ڀڳت بيو بہ جيڪي گهرجيئي سو گهر. جاٽ وري بہ هٿ جوڙي چيو تہ هي ڀڳوان، سدائين ست پرشن جو سنگ ڏجو ۽ چت سدائين گر ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي. ڀڳوان تٿاستو ڪري ٻاهر نڪري انتردڌان ٿي ويو. اها ڪٿا

هو؟ ستگرو مشڪي ماتا کي چوڻ لڳا ته ايسرداس نه موڪليو ته ايشور نه موڪليو، تون ائين ڪري سمجھه ته ڀڳوان موڪليو. ايترو چئي مهاراج جن وڃي آرامي ٿيا. اهڙيءَ طرح سنتن جي شيوا ۽ ستسنگ نت نيم سان ٿيندو رهيو. سوامي آسورام صاحب جن به ٢-٣ ڏينهن رهي پنهنجي استان ڏي روانا ٿي ويا. هفتي کن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن سنت ٻالو گوپالو ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته پنچاڻي کوهه پرسان ڪجڙ آهي، جنهن ۾ اندر تمام سٺي ايڪانت واري جڳهه ويهڻ لاءِ ڏسي صفا ڪري آيو آهيان. سو ڪجهه وقت اُتي ايڪانت ۾ رهڻ جو خيال ڪيو ائون. ستگرن چيو ته ڀلي رهو. جڳهه تمام سٺي آهي. اسان به پاڻ ڪجهه وقت اُنهيءَ جڳهه تي رهيا آهيون. سنت ٻالو گوپالو وڃي اُتي رهڻ لڳو. ستگرو مهاراج جن به هر روز وڃي وٽس رهاڻ ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گذري ويا. اُنهيءَ وچ ۾ اَن ۽ ڦٽين جو فصل به لٿو. قدرت سان اُنهيءَ سال ڦٽين جو اگهه جو اڳ ۾ ٥ روپيه مڻ هو سو ٢٥ روپيه مڻ اچي لڳو. ڀائي ٽهلرام سڀ ڦٽيون وڪڻي ڇڏيون. اناج به ٥٠-٦٠ مڻ پنهنجي کائڻ لاءِ گهر ۾ رکي، باقي وڪڻي ڇڏيائين. ڦٽين ۽ ٻاجهريءَ جي وڪري مان ڪل ڏهه هزار روپيه مليس. خرچ لٿي باقي ست هزار روپيه بچن، جنهن تي ٽي هزار روپيه قرض لاٿائون، باقي چار هزار روپيه بچايائون. تنهن کانپوءِ هڪڙي ڏينهن ستگرو مهاراج جن ڀائي ٽهلرام کي چوڻ لڳا ته هاڻي توهان جو قرض لٿو ۽ چار هزار روپيه به بچايا اٿو، سو اسانجي مرضي آهي ته هاڻي ٻنيون ڇڏي ڏيو. جيترو ٿي سگهيو، اوترو دڪان جو ڪم ڪريو ۽ گهر جي سنڀال ڪيو. اسان کي هاڻي خوشيءَ سان موڪل ڏيو ته ڪجهه وقت سفر ڪري اچون.

ڀائي ٽهلرام چيو جئن توهانجي مرضي هجي تئن ڪريو.

رسوئي کائي سمهي وڃي آرامي ٿيا. شام جو ٣ بجي اٿيا
ته ماتا ڪرشنا اچي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳي ته ابا،
اڄ ڀڳوان ڏاڍو سٺو ڪيو جو رڌڻ کان به ڇڏائي ڇڏيا اٿين. پر
رات جو ويچار ڪرڻو آهي. سنتن جي منڊلي به لٿل آهي،
تنهنڪري منهنجي مرضي آهي ته ٽهلرام کي چئجي ته باسڻ
گروي رکي سيڌو وٺي اچي. مهاراج جن چيو جيڪا توهان
جي مرضي ائين چئي مهاراج جن وڃي سنتن سان وهاڻ ۾
ويٺا. پوءِ ٽهلرام جن به ٻنهين کان ٿي گهر آيا. ماتا چيس ته
پٽ هيءُ باسڻ کڻي گروي رکي سيڌو سامان وٺي اچ.
پوءِ ٽهلرام باسڻ کڻي گروي رکي سيڌو ۽ ٻيو سامان وٺي
گهر ۾ ڏيئي آيو. پوءِ اچي مهاراج جن کي چيائين ته مان هينئر
وري ٻنهين تي ٿو وڃان جو اَن اچي تيار ٿيو آهي ۽ ڦٽيون
به ڇڳيون ٽڙيون آهن ۽ هاڻي جلد ٺي چونڊائبيون. مان پندرهن
سورهن ڏينهن گهر ڪونه ايندس. توهين سياڻي يا پرهين اسان
وٽان ٻنهين کان گهمي وڃجو. ائين چئي، پوءِ ٽهلرام ٻنهين تي
روانو ٿيو. ستگرو مهاراج جن شام جو سنتن کي باغ گهمائڻ ويا.
پنهنجي سالارن جو پوءِ آلورام آيو اچي ماتا کان پڇيائين ته مهاراج جن
ڪيڏانهن ويا آهن. ماتا کيس ٻڌايو ته سنتن کي وٺي گهمڻ
ويا آهن. ماتا کانئس پڇيو ته اڄ سالاري ۾ ايسرداس جي
گهر ڇا جو اٽو هو، جو اسانکي ٻجهو پيهن ٽيهن جڻن جو ڪاڌو
ڏياري موڪليو هئائين؟ پوءِ آلورام ٻڌس ۾ ٻڌجي ويو ۽
چيائين ايسرداس جي گهر ته ڪوئي اٽو ڪونه هو. ايسرداس
ته ٻن ٽن ڏينهن کان هتي آهي ئي ڪونه. هن پوڄن ڪونه
موڪليو هوندو. اهو ٻڌي ماتا چپ ٿي ويئي.

رات جو ستسنگ کانپوءِ ماتا ستگرو مهاراج جن کي آلورام
واري ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين ابا، اهو کاڌو ڪنهن موڪليو

اسان کان بي خبريءَ ۾ ڪائي ڀُل چُڪ ٿي ويئي هجي ته اُها معاف ڪجو، اهڙي آسيس ڪجو جئن چوراسي ۾ نه وڃون. ستگرو مهاراج جن ڀائي لکميچند جي پريم ڀريل پرارٿنا ٻڌي چوڻ لڳا ته اُهو نسچو ڪريو ته هيءُ شرير پنجن تتن جو پتلو ناسونت جڙ وستو آهي. جيو آتما ابناسي آهي، جنهن ۾ جنم مرڻ ڪين آهي.. اُهو منهنجو آتم سروپ آهي. بس اِهو ئي نسچو ڌاري دل ۾ سمرڻ ڪندا رهو. ايتري ۾ ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس، ڀڳت روپو ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ستگرو مهاراج جن جي اچڻ جو ٻڌي آيا. رات جو ستسنگ ٿيو ۽ پر ڀات جو لکميچند پرلوڪ پڌاريو. رات جو ستسنگ ۾ ستگرو مهاراج جن چيو ته شرير پنجن تتن ۽ ٢٥ پرڪرتين جو پيدا ٿيل آهي. ڀڳوان انترياميءَ اهڙيءَ ته ڪاريگريءَ سان هن شرير کي سندر چٽ ڪري سينگاريو آهي جو انمت جيو هن سندر روپ کي ڏسي موهت ٿي پيا آهن. پر اهو نسچو طلسمي ناٽ آهي جنهن کي مهاتمائون، گيانوان به ڏسي حيران ٿين ٿا.

عجب عجائب کيل تمهارا، ديک عجب مجھ آيا،
سندر نانا روپ بنا ڪر، مٽي نالا ملايا،
بازيگر جيون بازي لائي، لوڪ سڀو هرشايا،
کهي ٽيئُون يهه ديک تماشا، سڀن ني وسمھ پايا.

مطلب: پريو، تو اهڙو وچتر طلسمي کيل رچيو آهي، جو نانا پرڪارن جا سندر روپ ڏسندي، ڏسندي من اَنترڌيان ٿي وڃي ٿو. جئن بازيگر اَنمت کيل رچيندو آهي، جو ڏسي ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. پر انهيءَ بازيگر جي کيل پدارٿ مان ڪنهن کي ڪجهه ملندو ڪين آهي. صرف ڏسي خوش ٿيندا آهن. سو هيءُ عجيب کيل ڏسي اَچرج

ڪالهہ بزار ۾ ڀائي ٺاڪورام چيو تہ هڪ گڏرن جي واڙي ٻوڪيل ٺهيل، تمام سٺي ڀاڙهن سون روپين ۾ وڪامي ٿي جي ڪيهو تہ هلي ڏسو. اُها ڏسي وٺي آيو آهيان. واڙيءَ ۾ اُڀا ٻہ مهينا ديرِ آهي. تنهنڪري توهان هاڻي ڀلي سٽ ڪري اچو. پر اُنهيءَ ڪم جي وقت ۾ ٢-٣ مهينا ضرور مدد ڪرائجو. اڳتي اهڙو ڪوبہ ڏاڍو ڪولہ ڪنداسون. اسان ڀاڳ گوبند جو ڀڄن ڪنداسون. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چيو تہ چڱو، توهان ڪوئي خيال نہ ڪريو. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن وڃي سنتن جي سيوا ۾ لڳا تہ شاهہ جي پٽ مان ڀائي بصر رام ڀڳت لکميچند جو ڀاءُ اچي نڪتو. ٻڌايائين تہ ڀائو لکميچند تمام بي چاڪ آهي سو مونکي گهران موڪليو اٿن تہ گياني ٻائي ۽ چوڪرن کي وٺي اچ، سوامي جن کي بہ اچڻ لاءِ چئجو. سو توهان ماتا گياني ۽ چوڪرن کي سمجهائجو. رسوئي ڪري، ڀائي بصر رام، ماتا گياني ٻائي، سروآنند ۽ گرمکداس جن، سڀئي ڪان موڪلاڻي شاهہ جي پٽ روانا ٿيا.

ٻن چئن ڏينهن بعد شام جو شاهہ جي پٽ مان قاصد اچي ستگرو مهاراج جن کي چيو تہ لکميچند جن تمام سخت بيمار آهن، چيو اٿن تہ ٻچاڙيءَ جو اچي درشن ڪرايو. ستگرو مهاراج جن سوامي گوال لعل کي چيو تہ اسان شاهہ جي پٽ وڃون ٿا، توهان پنهنجان نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهجو. ستگرو مهاراج جن قاصد سان گڏجي شاهہ جي پٽ روانا ٿيا.

ڀڳت لکميچند ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ توهان وڏي ڪرپا ڪري اچ اچي ٻچاڙي جو درشن ڏنو آهي. توهان جڳت جي اُڌار لاءِ اوتار وٺي آيا آهيو. هاڻي منهنجو اُڌار ڪريو جئن ٻچاڙيءَ ۾ ڪابہ دنيوي اِڇا نہ رهي ۽ چت سدائين نام ۾ لڳو رهي.

مهاتمائن جو ستسنگ ڪري، انهيءَ وستوءَ کي ڏسي، جڳت ۾ جيون مڪت ٿي وڃڻ گهرجي.

راڳ پيلو

ٽل- جڏهن پکي وڃي پرديس- ڇڏي هي ديش پران آڌارو،
تڏهن. پڃرو ٿئي بيڪارو.

١- جڏهن پڃري مان ٿو پکي وڃي،
تڏهن پڃري کي ڪوئي نه مڃي،
جڏهن پنڇي هن پڃري کان ڪري ڪنارو.

٢- هيءَ پڃرو پکي جو مندر آ،
هيءَ سدا انهيءَ سان سندر آ،
جڏهن پنڇي ڪري وڃي تو سارو.

٣- لون جاڻ پکي پرڏيهي آ،
تيو ڪنهنجو ڪين سنيهي آ،
جڏهن پکي وڃي هن پڃري کان ٿئي نيارو.

٤- ڪهي ڏينهن پکي اَبناسي آ،
آيو سفر ڪرڻ سک راسي آ،
جڏهن سفر ڪري پڃري مان وڃي پيارو.

ستسنگ سماپت ٿيو. اهڙيءَ طرح ١١ ڏينهن، لت ليم سان صبح شام، ستسنگ ڪندا رهيا ۽ سنتن، مهاتمائن، مهمانن، غريبن، اناٿن ۽ شهر جي پريمين، ستسنگين کي ڀوڄن ڪارائيندا هئا. ٻارهين ڏينهن شريمد ڀڳوت گيتا جو ڀوڳ پائي، سڀني برهمڻ، سادن، فقيرن ۽ غريبن کي کارايائون. تنهن ڪانپوءِ، ستگرو مهاراج جن ماتا ڪرشنا ۽ سوامي گوال لعل ٻئي ڏينهن صبح جو، ڀائي شيوڪرام ٻين سڀني کان موڪلائي ڪنڊوءَ پهتا.

هوليءَ جي موقع تي، هڪڙي ڏينهن ڪنڊوءَ جي پنچات

لڳي ٿو ته مرتيو جي وقت، هن شرير مان ڪهڙي شيءِ نڪري وڃي ٿي؟ جنهن جي نڪرڻ ڪانپوءِ هيءُ شرير تمام ڀيانڪ ۽ ڪروپ پيو لڳي، جنهن کي ڪير به ڏسڻ نٿو چاهي. انهيءَ وستوءَ جي کوج ڪري ڏسڻ گهرجي.

هڪ ڏپٽي ڪليڪٽر اُن تي چڙهي، گشت، ڪرڻ ويو. گهمندي، گهمندي هالن شهر جي ويجهو آيو، ته اُن کي اچي ڪارو واءُ لڳو ۽ اُن هڪدم دانهن ڪري ويهي رهيو. ڏپٽي ڪليڪٽر ۽ جت اُن تان لٿا مس، ته اُن مري ويو. جت ڳاشو لاهي، پاڪڙو لاهڻ لڳو ته، تنگ جو اُن جي پيٽ هيٺان اُچي ويو هو، سو نڪرئي نه. پئي ڄڻا گڏجي ڇڪڻ لڳا ته به نه نڪتو، تڏهن جت اُن کي چاقوءَ سان ڪٽي پاڪڙو اُن تان لاٿو. ڏپٽي ڪليڪٽر جت کان پڇيو ته، جت اها ڪهڙي شيءِ هئي جا اسانکي، سامان کي ۽ اُن کي ڪٽي پئي هلي؟ جت چيو ته سائين، مونکي ته خبر ڪانه آهي. ڏپٽي ڪليڪٽر جت کي چيو ته مان ان شيءِ کي ڳولهڻ لاءِ وڃان ٿو. تون منهنجا ڪاغذ ۽ ليٽر آفيس ۾ پهچائي، چئجان ته مون سرڪاري نوڪري ڇڏي، جو مونکي ڪنهن شيءِ جي کوج ڪرڻي آهي. ائين چئي، سوئي ڪاغذ پٽ جت کي ڏيئي، پاڻ سڌو رشي ڪيش روانو ٿي سنتن مهاتمائن دواران انهيءَ شيءِ جي تلاش کي لڳو ۽ اها حاصل ڪيائين. اها ڪٿا سڻائي، ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته هي گرمکو، کوج ڪرڻ گهرجي، ته اها ڪهڙي وستو آهي، جا هن شرير ۾ پرڪاش ڪري، ان کي سندر بڻائي هلائي رهي آهي ۽ انهيءَ جي نڪرڻ ڪانپوءِ هن شرير کي هڪ پل به گهر ۾ نٿا رکن. مهاتمائون ۽ گيانوان انهيءَ وستوءَ جي کوج ڪري، پنهنجي مستيءَ ۾ مست ٿي سنسار ۾ جيون مڪت ٿي وچرڻ ٿا. سو توهان کي به انهن گيانوان،

ڪڏهن وشواس رُوپي ٽنڊي مان آتمارام رُوپي ڀڳوان پرگهٽ ٿئي، من رُوپي هرناڪس کي ماري، ساڪيات درشن ڏيئي، سڀ ڏک دور ڪري، جيون مڪت بڻائي، ٽنهي لوڪن ۾ جئڪار ڪري ٿو. سو سَت وشواس جي سدائين جئہ آهي. تنهنڪري هن منش کي سمجهڻ، مهاتمائن ۽ سَت شاسترن ۾ وشواس رکي، پنهنجو اُڌار ڪرڻ گهرجي. منش وري ٽن پرڪارن جا آهن. اُتم، مڌيم، ڪنشٽ.

(۱) اُتم منش: پهرين ستگرن ۽ ڀڳوان ۾ پورڻ وشواس رکندو آهي ۽ ڦل پائيندو آهي.

(۲) مڌيم منش: پهرين ڦل پائيندو آهي ۽ پوءِ وشواس رکي، سيوا ڪندو آهي.

(۳) ڪنشٽ منش: ڦل ملڻ کانپوءِ بہ ڏاڍو ڏکيو وشواس رکندو آهي.

اُتم منش کي پهرين وشواس رکڻ ڪري انهن ڦل مليو تہ اُهي لوڪ، پرلوڪ ۾ سدائين سکي رهن ٿا. مهاراج جن اهڙا ڪٿا ٻڌائي چوڻ لڳا تہ توهان ڏسو تہ هرناڪس جي پاسي ٿيندا يا پرهلاد ڀڳت جي؟ سنگت چيو تہ پرهلاد جي. ستگرن چيو تہ چڱو، جي توهان پرهلاد ڀڳت جي پاسي آهيو، تہ سڀاڻي پنهنجي شهرن ۾ پنڇالي هوڪو ڏيارجو تہ هي هوليءَ جا ڏينهن، شراب ۽ مڇي ماس ڪير بہ نہ کائي. انهيءَ واسطي، پهرين سنگت هٿ مٿي کڻي، پرڻ ڪيا ڪري. ساريءَ سنگت هٿ مٿي کنيا. مکي پرڀن مل اٿي چيو، اوهان جي آگيا اوسار، اهو هوڪو صبح جو ڏيارينداسون. اسان ڏاڍو خوش ٿيا آهيون، جو ڪيترن جيون جي رکيا ڪري، اسان کي پاپ کان ڇڏايو اٿو. رات جو ١١ بجي ستسنگ سماپت ٿيو. تنهن کانپوءِ ڀڳت ٿرائي سنگهہ پنهنجي ٽوليءَ

ستگرو مهاراج جن وٽ آئي ۽ عرض ڪيائون ته سڀاڻي کان وٺي هوليءَ جا پنج ڏينهن ڪرپا ڪري رات جو ٨ کان ١١ تائين پنچائتي آکاڙي ۾ ستسنگ ڪريو. توهان سڀني سنتن ۽ مهمانن سميت اهي پنج ڏينهن پنچائتي ڀنڊاري ۾ ڀوڄن ڪريو. ٻيا به جيڪي ٻاهر جا سنت، مهمان، ساڌو اچن، تنکي به ستسنگ ۾ ڇڏيو ته ڀوڄن پنچائتي ڀنڊاري ۾ ڪن. پنچن جي ارداس ستگرو مهاراج جن قبول ڪئي.

ٻئي ڏينهن، سنت مينگهو رام جو چيلو، ڀائي لڇمڻداس، هيراٽيءَ مان چٺي ۽ پرساد کڻي آيو. چيائين سائين، مونکي سوامي مينگهو رام جن اوهان کي اچڻ لاءِ موڪليو آهي، جو ١٧ تاريخ ميلو آهي. جيڪا تاريخ ڏيو ته اها هيراٽيءَ لکي موڪليون. مهاراج جن چيو ته لکون ته ١٦ تاريخ ايندا سون. لڇمڻداس هيراٽيءَ لکي موڪليو.

رات جو بزار ۾، آکاڙي اڳيان ستسنگ ٿيو. سوامي جن پرهلاد ڀڳت ۽ سندس پتا هرناڪس جي وارتا ٻڌائي، ته ڪئن هرناڪس پرهلاد کي طرحين طرحين جا ڪشٽ ڏنا ته جئن رام نام جو جاپ ڇڏي، سندس نام جو سمرڻ ڪري؛ ڪئن باهه جي مچ ۾ هولڪا پرهلاد کي جلائڻ جي ڪئي، هولڪا جلي وئي ۽ پرهلاد جو وار به ونگو نه ٿيو. تنهن کان پوءِ ڪئن تتل ٿنڀ سان پرهلاد کي ڀاڪر پارايائين. ٿنڀ ڦاٽو، ڀڳوان نرسنگهه روپ ڌاري پرهلاد جي رکشا ڪئي ۽ هرناڪس جو پيٽ ڦاڙي، سندس انت آندائين.

اهو درشٽانت ڏئي چيائون ته جهڙيءَ طرح پرهلاد رام نام ۾ اهڙي اٽل شرڌا ۽ وشواس رکيو جو ڀڳوان ٿنڀ مان پرگهٽ ٿيو، سندس جئڪار ڪئي، تهڙيءَ طرح جڏهن جيو کي به ستگرن ۽ سنت شاسترن ۾ اهڙو وشواس ٿيندو،

۾ اچي مدسبير ٿئي ٿي. وري ڪنن ۾ ويچار
ڪجي ته جيڪي ڳالهائڻو اٿم، سو سچ آهي يا ڪوڙ
مٺو آهي يا ڪڙو، جنهنکي چوندس، اُن جي دل
خوش ٿيندي يا نه؟ اهو ويچار ڪري پوءِ ٻولجي.

ايِ ٻول ئِي انمول هئُه، جو ڪوئِي ڄاڻي ٻول،
ڪنن تارازي تولڪي، تب مک باهر ڪول.

مطلب: واڻي امولڪ آهي. سا ڀرئين ڪنن ۾ ويچار جي ۽ پوءِ رسنا تي آڻجي ۽ وکري يعني ٻاهر ٻولجي.

(٢) پڌارت ٻولڻ: هري اوم "تت ست"، ساکي شووهم، شووهم، سو اهو پڌارت پلي ٻولجي. وڏڪ فرمايائون ته جگياسوءَ کي پوجن ۽ پاٺيءَ سان پيسن ته پرڻ گهرجي. ڪيس ايڪانت ۾ ويهي، اکيون ۽ ڪن بند ڪري، ستگرن جي نام جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. جڏهن اِئين ڪندو تڏهن جگياسوءَ کي آتما جو ساکياتڪار ٿيندو. جيستائين جگياسوءَ آتما جو درشن نه ڪيو آهي تيستائين رات ڏينهن، لڳاتار ڪوشش ڪري اڀياس ڪري. اُپيدي مهاتمائن جو سنگ ۽ ويدانت شاسترن جو چنتن ڪندو رهي ۽ وار وار، من کي سمجهائيندو رهي.

چند - ري من ميرا مان وچن پيھ -
اکيارٿ مت بول ري،
ڀلي اپني هرديه اندر -
سوچ تارازي تولو ري،
ستيه وچن پن مذر هويه جو -
تانکو مک سي کولو ري،
ڪهنا تيئون تب هي تيرا -
هووي بول امولو ري.

سميت ويٺو. ستگرو مهاراج جن ڪلاڪ کن ڀڳت ۾ ويهي ۽ اچي جاءِ تي آرامي ٿيا.

هوليءَ جو اُتسو پورو ڪري، هوليءَ کانپوءِ، ٣ بجه پرڀات جو ستسنگين ۽ برهمڻ سميت، ڀيرڻ پنڊ، سنت ميڱهو رام جي ميلي لاءِ ڀيراڻيءَ روانا ٿيا ۽ سنت ميڱهو رام وٽ رام نگر آشرم ۾ پهتا. سنت ميڱهو رام ۽ ٻيا پريمي ستگرو مهاراج جن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ وڏيءَ سڪ پريم سان آدرستڪار ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو، ستسنگ ۾ ست ڪرم جي مهتو تي وچن ولاس ڪيائون، چيائون ته هن جيو جو ڌرم آهي ته سدائين من ۾ وئراڳ ڌاري، ڀوڳن جو تياڳ ڪري ۽ شراب، مڇي ماس، جوئا، چوري آدي نشد ڪرم من کان پاسو ڪري. جگياسوءَ کي گهرجي ته اُٺڻ ويهڻ ۾ هڪ ويلو يوڄن ڪري نند ٿوري ڪري ۽ ٿورو ڳالهائي.

چُپ ڪر چُپ نه چور، ٻوٽ اکيون، ڍڪ ڪن،
پاڻي پي پيٽ نه پُر، رهه اڌورو اَن،
هوءَ جا مورت منجهان من، تنهنجو مشاهد ماڻين.

مطلب: جگياسوءَ کي بلڪل ٿورو ٻولڻ گهرجي. ٻولڻ ٻه چئن پرڪارن جو آهي. انهن ۾ اُڪيارت ۽ لوڀارت ڪڏهين ٻولڻ نه گهرجي. پرمارت پتارت ٻولڻ گهرجي. وري پتارت ٻه ٻن پرڪارن جو تيعدو آهي. ٻهريون سچ ۽ مٺو ٻولڻ، ڪوڙ ۽ ڪڙي واڻي ڪڏهن ٻه ٻولڻ نه گهرجي. واڻي ٻه چئن پرڪارن جي آهي. (١) پرا (٢) پشنتي (٣) مڌما (٤) ويکري.

(١) پرا جو مؤل واهه ڪمول ۾ آهي، جتان واڻ پيدا ٿي هردي ۾ اچيتي ته پشنتي ٿئي ٿي. اوڏيءَ مهل ويچار ڪجي ته ڳالهايان يا نه. تنهن کانپوءِ واڻي ڪنٺ

ڪنهن به ڌرم جي نندا يا کنڊن نه ڪرڻ گهرجي. اهوئي سناتن ڌرم جو مکيه اصول آهي. تنهن کانپوءِ سنت مينگهورام چيو ته جيئن پاڻي مڇليءَ جو جيون آهي، تيئن هن منش جو جيون ڌرم آهي. ڌرم کانسواءِ جيءُ سنسار ۾ ڪڏهن به رهي نه سگهندو. تنهنڪري پنهنجي ڌرم ۾ رهڻ گهرجي. ڌرم به ٻن پرڪارن جو آهي: هڪڙو ٻاهريون ذاتي ڌرم، ٻيو اندريون آتمڪ ڌرم، جنهن وسيلي ئي سياڻي سڀئي سنت ڳالهائيندا. تنهن کانپوءِ ڀوڄن ڪري سڀئي وڃي آرامي ٿيا. صبح جو ستسنگ سڀا لڳي. وشيه هئي آتما. سڀني سنتن کي ڳالهائڻ لاءِ پندرهن پندرهن منٽ ڏنا ويا. تنهن تي ڀهراين سنت چرن داس ڀاشڻ ڪيو. چيائين هيءَ جيو آتما سناتن ۽ سڀني گهٽن ۾ وياپڪ آهي. اننت شرير ڌاري ٿو، پر ڪڏهن به بدلجي نٿو. انهيءَ آدي اَبناسي آتما کي سڃاڻڻ گهرجي. تنهن کانپوءِ سنت ٻيڪارام چيو ته انهيءَ آدي ابناسي آتما کي ستگرن جي دواران سڃاڻي سگهبو. سڃاڻڻ کانپوءِ، هن جيوَ کي ڪوبه سنسار جو پدارٿ دکي ڪري نٿو سگهي ۽ اهو پنهنجي وهنوار ڪري نرليپ ۽ اسنگ رهي ٿو، جيئن جل ۾ ڪنول جو گل. بعد ۾ ستگرو مهاراج جن چيو ته انهيءَ آتما جو درشن ڪرڻ کانپوءِ آتم گياني مهاتما سنسار ۾ جيون مڪت ٿي رهي ٿو.

ڪمل سپ جل جدا ٿي، مڻ هرن اُهه مک مانهين،
ٻــڙوا آنــل پــن بيج، وار منــڌ پيــجي نانهين.
درپڻ مانهه پرتبب، ننڀن سپ هين گهٽ نياري،
لوئي رنگي نــه سوت، ديــک اڇرج هئه پاري،
انارهن پــار اگن اِڪ، سور سالــل لي دي جدا،
تيون رجب ســاڌو سڪٽ، ماي آمــل پايا مدا.

سنسنگ سماپت ٿيو.

صبح جو ستگرو مهاراج جن اِشنان پاڻي ڪري، جل پان ڪري اچي سنتن سان گيان چرچا ڪرڻ لڳا. سنت مينگهو رام چيو ته هيءُ ميلو سنتن جي سماگم لاءِ ڪيو ويو آهي ته جئين سنت پاڻ ۾ ڪٺا ٿي، گيان چرچا ڪن. تنهنڪري اڄ سڀئي سنت هندو سناتن ڌرم جي وشه تي پنهنجي پنهنجي اليئه شاسترن انوسار ظاهر ڪن. پوءِ سنت بيڪارام چيو ته اسانجو هندو سناتن ڌرم هڪ ساگر جي سمان آهي. سنسار جا نديون ۽ نالا آخر وڃي ساگر سان ملن ٿا، ڇو جو اهي سڀ ساگر جو پاڻي آهن. دنيا جا سڀئي ڌرم هندو سناتن ڌرم مان نڪتا آهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ وري هندو سناتن ڌرم ۾ لين ٿيندا. سنت چرن داس به ١٥ منٽ کن ڌرم جي وشه تي ڳالهايو ۽ ١٥ منٽ کن مهاتما هنس نرواڻ ڳالهايو.

تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن چيو ته پياري ۾ پيارو پنهنجو ڌرم ئي آهي، جنهن ڌرم واسطي ڪيترن سنتن، رشين منين سر ڪٽايا آهن. ڌرم جي رکيا واسطي ست چت آنند گهن پرپورڻ پرماتما، پاڻ نراڪار مان ساڪار روپ ۾ اوتار ڌارڻ ڪريٿو. انهيءَ ڪري ڪيترين به تڪليفن ۽ ڪشٽ اچڻ ته به پنهنجي ڌرم تي قائم رهجي. ڌرم کانسواءِ هن جيو جو جيئڻ بيڪار آهي. اگنيءَ جو ڌرم آهي گرمائش ڏيڻ ۽ جلائڻ. جي اگني پنهنجي گرمائش ڇڏي ڏي ته پوءِ رهي نه سگهندي. تلوار جو ڌرم آهي ڪاٽڻ، پر جي تلوار ڪاٽڻ جو ليج ڇڏي ڏي ته اها تلوار بيڪار آهي. بتيءَ جو ڌرم آهي پرڪاش. پر جي بتي پرڪاش نه ڪري ته بيڪار چئبي. تئين ئي جيو جو پنهنجي ڌرم ۾ رهڻ کانسواءِ جيئڻ بيڪار آهي. پنهنجي ڌرم جي جيتري به مهما ڪجي ته اها ٿوري آهي. پوءِ ٻئي

مهاراج جن کي شهر جي ڪيترن برهمڻن جا رسوئي جا سوال ڏنا، سي پورا ڪري، سڀني سنتن ۽ برهمڻن کان موڪلائي ڪنڊو ۽ پنهنجي آستان تي پهتا. صبح جو ڀائي ٿهلرام سان گڏجي، واڙي گهمڻ ويا. سڄي واڙي گهمي، ڏسي چوڻ لڳا ته واڙي تمام سٺي ٺهي آهي. ايشور مڙئي چڱي ڪندو. اتان چئي سوامي جن، گوال لعل ۽ گرمکداس کي اُتي ڇڏي پاڻ موٽي جاءِ تي آيا.

ٻاهر جا ڪيترا ساڌو سنت، مهمان ۽ پريمي ايندا ويندا هئا ۽ مهاراج جن سڀني جي شيوا ڪندا هئا. اُتي ٣-٤ مهينا گذري ويا اُنهيءَ وچ ۾ گڏرن جو فصل به لهي پورو ٿيو. ڀائي ٿهلرام حساب ڪري ڏٺو ته خرچ لٿي ادائي هزار روپيه بچيا آهن.

سعد اڄڻ شاهه جي ڳوٺ مان ڀائي ڀڳوانداس صاحب جي پريرڻا تي آکاڙ جي ١٢ تاريخ، ڀائي ٻالڪداس جي ميلي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ روانا ٿيا. گوال لعل، گرمکداس ۽ ١٥-٢٠ شهر جا ستسنگي به ساڻن ساڻ ٿيا. رستي ۾ شاهه جي پٽ ۾ جل پان ڪري، سروآنند، ڪرشنداس ۽ چيتارام کي وٺي سعد اڄڻ شاهه جي ڳوٺ اچي پهتا. ڀائو ڀڳوانداس ڏاڍو خوش ٿيو. ڀاڪر پائي مهاراج جن کي چوڻ لڳو ته هي پريو، اڄ داس لئي وڏي ڪرپا ڪئي اٿو. شام جو ڀائي ڀڳوانداس گرو گرنٿ صاحب جو جلوس ڪڍيو شهر جي ساري پنچايت سنت، مهاتمائون ۽ مهمان جلوس ۾ شامل ٿي، ڀائي ٻالڪداس جي سماڌيءَ تي آيا. سماڌي شهر کان ميل ڪن پنڌ تي هئي. اتي ستسنگ جو منڊپ ۽ ڀنڊاري جو هر قسم جو پورو بندوبست رکيل هو. شاهه جي پٽ، شهدادپور ۽ ٻين ويجهن ڳوٺن جي ڪيتري خلق اچي ڪٺي ٿي هئي. ڀيرون ڀائي ڀڳوانداس، پريم ۽

ارٿ: جئين ڪمل گل جل ۾ ٿيندو آهي، جيترو جل
چڙهندو آهي، اوترو پاڻ به مٿي چڙهندو آهي، پر ڪڏهن
به ٻڏندو ڪونهي. جئين سپي کاري سمنڊ ۾ رهندي هوندي
به، برسات جو منو پاڻي پيئندي آهي. جئين نانگ جي مک
۾ مڻ رهندي آهي، پر زهر اُن مڻ تي ڪوبه اثر ڪونه
ڪندو آهي. پاڻ جڏهن کي نانگ کائي، اُنهيءَ تي مڻ رکڻ
سان زهر جو اثر ناس ٿي ويندو آهي. جئين ٻڙو آنل اگني
سمنڊ ۾ رهندي آهي، پر پاڻي اُن کي وسائي نٿو سگهي،
پاڻ پاڻيءَ کي گرم ڪري ٻاڦ ڪندي آهي، جنهن مان بادل
ٺهندا آهن. جئين ڪنوڻ بادلن ۾ رهندي آهي پر برسات اُنکي
وسائي نٿي سگهي. پاڻ برسات پوڻ ڪري وڌيڪ چمڪو
ڪندي آهي. جئين آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڇو ڏسجي ٿو پر اُهو
پاڇو آرسيءَ ۾ قائل ڪونهي. جئين آڪاس، جڳهه، دلي ۽
انت برتنن ۾ وياپڪ آهي، پر اُنهن سان بڌل ڪونهي، سدا
نرليپ ۽ نيارو رهيٿو. جئين اُن جي لوڙهي رنگڻ ڪري،
جيڪو اُن ۾ ست جو ڌاڳو هوندو آهي، اُن تي رنگ نه
چڙهندو آهي ۽ ظاهر ٿي پوندو آهي، جئين سيئي وڻن ۾
اگني رهيٿي ۽ سيئي قُلن قُلن ۽ پن ٽارين کي پاڻي پهچائي
ٿي پر ساڙي نٿي. جئين سورج ليٽ ڪري پاڻيءَ کي مٿي
کڻي، وري گرميءَ ڪري وسائي ٿو. پر سورج اُنهن سيئي
کان نيارو آهي. رجب مهاراج جن چون ٿا ته تئين گيانوان مهاتما،
هن مايا ۾ وهنوار ڪندا ڏسڻ ۾ اچنتا پر سدائين سنگ
نرليپ ٿي جيون گذارين ٿا. تنهن ڪانپوءِ پگت چيتارام ستسنگ
ڪيو. اهڙيءَ طرح ٣ ڏينهن ميلي جا، صبح شام، ستسنگ
۽ سنتن جي رهاڻ ٿيندي رهي. چئين ڏينهن بعد ميلي جي
سماپتيءَ جو ستگرو مهاراج جن پلئه پاتو. تنهن ڪانپوءِ ستگرو

جهنگل مان گهمي پيو اچي ته ڪنهن مهل ويٺو رهي ته ڪنهن مهل سمهيو رهي. شايد رات جو ڪو سخت ڪم ٿو ڪري جو ٿڪاوٽ سبب چوي ٿو ته مان واندو ڪونه آهيان. سو گهران روٽي کائي اچي ساري رات جاڳي ڏسان ته مهاتما ڇا ٿو ڪري. دل ۾ اهو ويچار ڪري، گهران روٽي کائي اچي کٽيا جي پرسان لڪي ويهي ڏسڻ لڳو.

ساري رات جاڳي ڏٺائين ته مهاتما ته ڪو ڪم ڪونه ٿو ڪري، فقط ويٺو آهي. اِهو ڏسي صبوح جو مهاتما وٽ اچي چوڻ لڳو ته هي پريو، مون چڱيءَ طرح سان جاچي ڏٺو آهي ته توهان ته ڪوبه ڪم ڪونه ٿا ڪريو. نڪو پوڄن ٿا ڪريو، نڪو ڪنهن کي ڪٿا ٿا ڪري ٻڌايو. سنت ۽ سمت شاستر چون ٿا ته اڌڪار موجب سڀ ڪنهن کي ڪم ڪرڻ گهرجي. ڀڳوان جي روٽي ائين کائڻ نه گهرجي. پرلوڪ ۾ ڀڳوان اِها ڳالهه سيني کان پڇندو ته کهڙا ڌرم جا ڪم ڪيءَ؟ شايد سنتن کان ڪين پڇندو. تڏهن تي سنت چيو ته سنتن کان ڇو ڪونه پڇندو؟ پريميءَ چيو ته توهان کان جي ڀڳوان پڇي ته ڪهڙو جواب ڏيندا؟ مهاتما چيو ته اِهائي ڳالهه چوندس ته هي ڀڳوان، مونکي هڪ منٽ به فرصت ڪانه ملي جو مان ماڻهن کي ڪٿا ٻڌايان يا پوڄن ڪريان يا يگيه هون ڪريان يا ڪنهنجي شيوا ڪري اُنجا دک دور ڪريان. اهو ٻڌي پريمي چوڻ لڳو ته سائين توهان کان ڀڳوان جي وري پڇي ته اهڙو ڪهڙو ٿي ضروري ڪم ڪيو جو اوهان کي هڪ منٽ به واندڪائي ڪانه ملي ته پوءِ توهان ڪهڙو جواب ڏيندا؟ سنت چيو پريمي جي ڀڳوان مونکان اهو سوال پڇيو ته چوندس ته توهان مونکي سنسار ۾ پيدا ڪري منهنجي ڪيرائڻ واسطي من روپي دشمن ڇڏيو. سو رات

وڏاڳه پري واٽيءَ سان ٻائي ٻالڪداس جي جيون چرتري
ستسنگ ڪيو. ٻئي ڏينهن رات جو ستگرو مهاراج جن من
جي ٻَر تي اُپديش ڪيو. چيائون ته پراچين ڪال کان جيڪي
ٻه رشي منيءَ، مهاتمائون ٿيا آهن، تن پنهنجي من کي ايڪانت
۾ وهي اُپديش ڪيو آهي. جنهن کي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪرڻي
آهي، سو وار وار پنهنجي من کي سمجھائي. درشٽانت ڏنائون
ته هڪڙو مهاتما شهر جي ٻاهران، جهنگل ۾ ڪٽيا ٺاهي رهڻ
لڳو. هڪڙي ڏينهن اُنهيءَ شهر جو هڪ پريمي مهاتما وٽ
آيو. هٿ جوڙي چيائين ته سائين اسان سڀاڻي گهر ۾ پاٺ
رکائيندا سون. ڪرپا ڪري هفتو ڪن اسانجي گهر ۾
ستسنگ ڪريو. جيڪو وقت ڏيو ته شام جو توهان کي موٽر
۾ وٺڻ اچون. ستسنگ ۽ رسوئيءَ کانپوءِ توهانکي موٽر ۾
ڇڏي وينداسون. مهاتما چوڻ لڳو ته پيارا، مونکي ته فرصت
ئي ڪانهي جو مان توهان وٽ هلي ستسنگ ڪريان. پريميءَ
چيو ته سائين توهان جو جيڪو ڪم هجي، سو اسانکي ٻڌايو
ته اسان ڪريون. پر توهان ضرور اسانجي وينتي قبول ڪريو.
مهاتما چوڻ لڳو ته ابا، جيڪو ڪم اسانکي ڪرڻو آهي،
سو توهان کان ڪين ٿي سگهندو. اُهو اسانکي ئي ڪرڻو
آهي. سو اسانکي هڪ منٽ به واندڪائي ڪانهي جو توهان
وٽ هلي سگهون. تنهن تي اُهو پريمي ويچار ڪرڻ لڳو ته
ظاهري ته مهاتما ڪو ڪم ڪونه ٿو ڪري، پر ڪيس الائي
اهڙو ڪهڙو سخت ڪم اچي پيو آهي جو ڪيس واندڪائي
ڪانه آهي. تنهنڪري ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙو ٿو ڪم ڪري.
اهو ويچار ڪري ڪٽيا کان ٻاهر نڪري لڪي ٻهي جاچ
ڪرڻ لڳو. جاچيندي جاچيندي سج لٿي ٽائين ڏٺائين ته
مهاتما ساري ڏينهن ۾ ڪوبه ڪم ڪين ڪيو. ڪنهن مهل

وار وار سمجھائڻ گھرجي ته ھي مَنُ، ھن لوڪ جو رستو تمام ڏکيو آھي. تنھنڪري نام جپي پنھنجي آتم سروپ جو درشن ڪري ۽ جنم مرڻ جي دک کان ڇُٽي سگھي ٿي. جن پنھنجي مَن کي ماري پنھنجي آتم سروپ اسٿر ڪيو آھي، انھن مُنشن جي استان تي ميلا لڳن ٿا ۽ آھي ٻين به انت جيون کي اُنھيءَ آتم گھر ۾ آرام ڪرائي سگھي ڪن ٿا. اھين ڇهين پنھنجو پرسنگ سماپت ڪيائون. تنھن ڪانپوءِ ٻائي ڀڳوانداس چيو ته جيڪي سنت، مھاتمائون، سنسار جي اُڌار لاءِ اوتار وٺي اچن ٿا، سي تمام ٿورا آھن.

شئلي شئلي نه ماڻڪيم – مُوڪتڪم نه گجي گجي،
سڄنا نهين سروَتر – چندنم نه ونِي ونِي.

مطلب: سڀني ڀھاڙن ۾ ماڻڪ ڪونه ٿيندا آھن، پر ڪنھن ڪنھن پھاڙ ۾ ماڻڪ ٿيندو آھي. موتي سڀني ھاٿين جي مستڪ ۾ ڪونھن، پر ڪنھن ورلي ھاٿيءَ جي مستڪ ۾ موتي ٿئي ٿو. چندن جا وڻ سڀني جھنگلن ۾ نه، پر ڪنھن ڪنھن ۾ ڪو ٿئي. سڀني شھرن ۾ لڌو وڃنا مھاتمائون ڪونه ٿا ٿين، پر ڪنھن ڪنھن شھر ۾ ڪي گياني مھاتمائون اوتار ڌاري اچن ٿا، جئن ھن سمي ۾، سنت ٽيئون رام صاحب جن ڪمبوُنگري ۾ جڳت جي اُڌار لاءِ آيا آھن ۽ انت جيون کي شُڌ ڪرمن کان روڪي، شڀ ڪرمن ۾ لڳائي رھيا آھن.

اھڙيءَ طرح ستسنگ ٿيندو رھيو ۽ سماپتيءَ جو ٻاڪ ٻائي، سڀئي شھر ۾ آيا. شھر جي ڪيترن برھمڻ سوامي جن کي چيو ته سائين ڏوھان ھتي ڪڏھن به ڪونه آيا آھيو، ڪرپا ڪري اچا ھفتو ڪن ھتي رھي امرت رُوپي وچن جي ورکا ڪري، اسان جي جيون جي مثل دل کي جيئرو ڪريو،

ڏينهن، اُن جي هٿان ٻر رڌل رهيس ته مٿان مونکي ڪنهن مهل ماري نه وجهي. تنهنڪري مونکي ڪابه واندڪائي ڪانه ٿي ٿئي جو ڀڳوان جو ڀڄن ڪريان. ڀڳوان ڪلي خوش ٿي چوندو ته پُٽر، توکي شاباس هجي. تون سنسار ۾ رهي وڏي ۾ وڏو ڪم ڪري آيو آهين. اهوئي منهنجو ڀڄن آهي. ائترو ٻڌي پريمي مهاتما کي ڀيري ٺٺي چوڻ لڳو ته توهان ڌن، ڌن آهيو. ڪرپا ڪري مونکي من جي مارڻ جي يُڪتي ٻڌايو ته مان به من کي مٽائي منش چولو سڦلو ڪريان. ائترو چئي مهاتما کان سکيا وٺي، شش ٿي گهر وڃي من کي سمجهائڻ لڳو.

ستگرو مهاراج جن سنگت کي سمجهايو ته اهوئي ڀڳوان جو ڀڄن آهي، جو رات ڏينهن پنهنجي من کي سمجهائجي.

ري من ميرا سمجهه سويرا-
سمجهڻ ڪا يهه ويلا هئه،
بهت جنم کي بڇڙي هو تم-
اُجهون ڦرت اڪيلا هئه.
منش جنم ۾ پاربرهم سي-
ڪرنا تجهه ڪو ميلا هئه،
ڪهي ٽيئُون جي اب نهين مايا-
ڦر تو مان ڍهيلا هئه.

مطلب: هي منهنجا من، هيءُ ئي سار، اَسار جي سمجهڻ جو وقت آهي جو ڀڳوان هن منش کي ٻين سڀني جيون کان وڌيڪ ٻڌي ڏني آهي. پاپ ڇا، ڌرم اَڌرم کي من جاڻي ٿو. اننت جنمن جو هيءُ وڇڙيل جيو، اڃا تائين ڀٽڪي رهيو آهي. هن منش چولي ۾ ئي ڀڳوان سان ملي سگهندو. چوراسي لک جوٽين ۾ ڀڳوان سان ملي ڪين سگهندو. تنهنڪري من کي

۴- پينت سداما کيا لي آيا -
کاٽ ڪنگالي محل بنايا ۔
۵- آدِ جڳا جڳ آکر سوامي -
تاري پاپي ڪروڙي ڪامي ۔
٦- ميري لئي هري ولا سنيجي -
کهي ٽيئون لج درشن ديجي ۔

پرارٿنا جا پڇن ڳائي، رات جو ستسنگ سماپت ڪيائون . پئي ڏينهن، ڪيترن پريمين رسوائي جا سوال وڌا . شام جو ڀائي شامداس سوامي جن کي چيو ته سوائي صاحب جو وڏو آشرم آهي . ڪرپا ڪري هلو ته گهمي اچون . سيئي ڀائي شامداس سان سوائي صاحب جي دربار ڏي ويا . بائو ڪلياڻ گر ستگرو مهاراج جن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وڏي آدرستڪار سان کين آسڻ تي وهاريائين . ڀائي شامداس بائي ڪلياڻ گر کي سوامي جن جي واقفيت ڏني . بائو ڪلياڻ گر تمام خوش ٿيو ۽ چيائين ته اوهان وڏي ڪرپا ڪري اچي اسان کي درشن ڪرايو آهي . اسان وٽ آرتوار ڏينهن، ڪرپا ڪري پوڄن ۽ ستسنگ ڪريو، ڇو جو آرتوار ڏينهن موڪل سبب شهر جا گهڻا پريمي ايندا آهن . سوامي جن سندن پرارٿنا سويڪار ڪئي . ٿڌهن ڪانپور موٽي شهر ۾ آيا .

رات جو ستسنگ ڪيائون . چيائون ته هيءُ منش چولو وار وار نه ملندو .

چند - ڦر نه آوسين جنم مانش -
يه ويلا هٿ دي پريو پاوڻي دا .
ٿوُٽا ڦل نا ڊال دي نال لڳي -
پنا موتي نا ڦير ڳنڍاوڻي دا .

جو سنسار جي وشين ڀوڳن ۽ ڪوڙن ڪرمن ۾ رات ڏينهن اسانجو جنم سڀني وانگر برباد ٿي رهيو آهي. برهمڻ جو برهم ڏسي، ستگرو مهاراج جن هفتو ڪن رهيا. ڌرم، ست ڪرم ۽ ويدانت جو اپديش ڪري، ڪيترن ماڻهن کان مڇي ماس ڇڏايائون. ڪيترن کي ست ڪرم ۽ ڌرم جي رستي ۾ لڳايائون. ويرو رام ۽ ڪيترن کي نام جو اپديش ڏنائون. آخر ڀائي شامداس سان گڏجي منڊلي ۽ سميت شهداد پور پهتا. ڀائي شامداس جي وڏي اوطاق ۾ ڪين رهايو ويو. برهم ۽ شرڌا سان ستگرو مهاراج جن جي شيوا ٽيڪ لڳي. شام جو شهر جي پنچات پرساد کڻي سوامي جن سان ملڻ آئي، رات جو پرارٿنا جي وشين تي ستسنگ ٿيو. سوامي جن چيو ته هن جيو کي سدائين پرشارٿ ۽ پرارٿنا ڪرڻ گهرجي.

توهان به پرشارٿ ڪري، ستسنگ ۾ آيا آهيو. سو اڄ اهڙي پرارٿنا ڪريو ته ”هي انترجامي ست چت آنند پرپورن پرماتما، اسانکي سڀي سمت ڏيو ته چت سدائين شبه ڪرمن ۾ لڳو رهي. اسانجو من پاپي به وشين ڀوڳن ۽ پاپ ڪرمن ڏانهن نه وڃي.

راڳ تلنگ

ٽل - تم هو پڀون دين ديالا - ڪاٽ ڪرم اب ڪرو نهالا.

١- سائينا تارا سڌنا ڪاسائي -

نامي ڪي تم ڌين جوائي.

٢- دان دروپتي کيا تم دينا -

شرم سڀا ۾ تم رک لينا.

٣- گنڪا اجاميل پاپ ڪمايا -

ڪرم ڪٽي تن من مڪت ڪرايا.

واٽان ٻڌو ته شهر جي ٻاهران تمام سنڌر باغيچا آهن ۽ هوا پاڻي به تمام سٺو آهي. ڌرمشالائون ۽ سداورت کليل رهندا. اها ڳالهه ٻڌي ٻزار ۾ ٻيهي پڪارڻ لڳو ته آهي ڪو پرپوءِ جو پيارو جو مونکي هن شهر کان ٻاهر ڌرمشالا ۾ ڇڏي اچي، جو مان تمام ڏکي آهيان؟ هن جي درد ڀري دانهن ٻڌي هڪ پرماتما جي پياري ڪيس چيو ته هي پائي هن شهر کان ٻاهر نڪرڻ جو دروازو ته تمام پري آهي. تنهن هوندي به مان توکي هڪ رستو ٻڌايان ٿو. جنهن تان تون بنا تڪليف جي، بنا پڇڻ جي، دروازي کان ٻاهر نڪري ويندين. هيءَ ٻزار وٺي سڌو هلندو وڃ. ڪجهه پنڌ بعد قلع وٽ پهچندين. قلعي جي ڀت جو سهارو وٺي هلندين ته پاڻهي توکي دروازو هٿ ايندو. دروازي کي هٿ لڳيئي ته دروازي کان ٻاهر نڪري وڃ. ٻاهر ڪيترائي شيوادار ويٺل هوندا جي توکي ڌرمشالا ۾ پهچائيندا.

اهو ٻڌي سورداس هلڻ لڳو. هلندي هلندي ڪيترن ڏينهن کانپوءِ اچي قلع وٽ پهتو. ڏاڍو خوش ٿيو. تنهن کانپوءِ قلعي جي ڀت جو آڌار وٺي هلڻ لڳو. پر کجلي خارش سبب قلعي جي ڀت تان هٿ کڻي ٻنهي هٿن سان سرير کي کنهندو به پيو وڃي ته هلندو به پيو وڃي. قلعي جي پاڙ ۾ پٿر نڪري، ڪن ڪڇرو، ڪڏون کوپا تمام گهڻا هئا. ويچارو سورداس ٿاٻڙندو ۽ ٺڪا کائيندو، ڪيترن ڏينهن کانپوءِ ڪوٽ جي دروازي جي ويجهو وڃي پهتو. پر خارش جو ستايل ويچارو هٿ ڇڏي کنهڻ لڳو ۽ کنهندو رهيو، تان جو اهو ٻاهر نڪرڻ وارو دروازو ٽپي پٺتي ڇڏي آيو. ائين سندس لاءِ لکون چوراسيءَ جو چڪر تيار ٿي ويو. سمجهڻ لڳو ته دروازو اڃا پري آهي. پيو چڪر هڻي دروازي ويجهو آيو ته وري کنهڻ لڳو ۽ وري به دروازو ٽپي ويو. ائين ڪيترا چڪر هنيائين، پر ڪرم هيڻ ٻاهر

پنا شيشا نا ڪاريگر ڦير جوڙي -
ڦٽا دود نه ڦير جماوڻي دا.
سپ سنت پڪاريندي سائين لوڪو -
يهه ويلا هٿ نه ڦير پاوڻ دا.

مطلب: جڏهن ڪو ڦل وڻ مان ڪري اچي پٽ پوي، ته اهو وري وڻ ۾ نه لڳندو. موتي ڀڄي پوي ته سڄو ڪين ٿيندو. شيشو ڀڄي پوي، ته وري ڳنڍجي ڪونه سگهندو. کير ڦٽي پوي ته وري ڄمي نه سگهندو. تئين ئي، هيءُ منش چولو ويو، ته وري ڪين ملي سگهندو. سڀئي مهاتمائون ست شاستر چون ٿا ته چوراسيءَ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هي منش چولو ئي موڪش جو دروازو آهي. پر هيءُ جيو اگيان جي غفلت ڪري ٻاهر نڪري نٿو سگهي. اِن تي هڪ درشٽانت ڏنائون. هڪ راجا ۸۴ ميلن ۾ پنهنجو شهر ٺهرايو. شهر جي چوگرد هڪ وڏو عاليشان ۽ پڪو قلعو ٺهرايائين. ٻاهر نڪرڻ لاءِ فقط هڪ وڏو دروازو رکايائين. دروازو ۲۴ ڪلاڪ ئي کليل رهندو هو. شهر ۾ هڪ سورداس رهندو هو، جنهن کي خارش جي بيماريءَ سبب مائٽن گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو. ڪوبه شهرواسي هن کي پنهنجي گهر ۾ يا ڀرسان وهڻ به ڪونه ڏيندو هو. تنهنڪري هو ويچارو گهٽين ۾ رهندو هو ۽ گهٽين ۾ ئي سمهندو هو. بک لڳندي هئس ته پڇي، روٽي کائيندو هو. شهر جي بازارن ۾ وڏيون ناليون هيون. جي ڪن ڪچري سان ڀريل ۽ گنديون هونديون هيون. انهن جي بدبوءِ ڪري کجليءَ جي بيماري وڌڻ لڳس. سورداس بازار مان لنگهندو هو ته نالين ۾ ڪري پوندو هو. رات ڏينهن ڏاڍو دکي ٿيو پيو ڪنجهندو هو.

هڪڙي ڏينهن بازار ۾ گهمندي، سورداس ماڻهن جي

اِنهيءَ وشيه تي ستسنگ ڪري رام نام جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

سياڻي تي پائي ڪشوري، پائي ڏيوارام، ڪيولرام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي، چونورام ۽ مائي پوڄي پڻ نام جو اُپديش وٺي شش ٿيا.

ٻئي ڏينهن رات جو ستسنگ ۾ ستگرو مهاراج جن چيو ته ڏيهه ڌاري ستگروءَ کانسواءِ آتما جو درشن نه ٿيندو. ويدانت شاسترن جي پڙهڻ سان گيان ٿئي ٿو، پر اُهو خالي مک جو گيان آهي، قلدائڪ نه آهي.

(١) جي سؤ چند اوگهه، سورج چڙهن هزار،
ايتي چانڻ هونديان، گر بن گهور انڌار،
(٢) تين سو سٺ ويدانت مت، سٺ سني بهه پرڪار،
گر بن نر جاني نهين، سوکيم برهم وچار.

مطلب: اننت شاسترن جا اننت مت آهن. اُهي پڙهي اُن مان ڄڻن جو ڄڻن ڪٽي واقف ٿي وڃي ته ڏهن بہ سندس منو شنڪا دور نه ٿيندي ڇو جو برهم جو گيان سوکيم کان سوکيم آهي، جو ستگرن کانسواءِ سمجهه ۾ ڪين اچڻ و.

ڪبت - پيدي ڪي نه بڌني پاس، اکر نه باچ سڪي
بنان هين پنڊت ڪئسي آوت هئن، پارسي
جواهري ڪي ماي بن، پرک نه جان سڪي
هاٿ نگ ليئو رهي، سنائي نه تارسي
وئديه هون نه مليا ڪوئي، بوٽي ڪو بتاءِ ديٽ
بنا وئديه پائي وانکو، اوشڌ هئه خارسي
سندر ڪهت مک رنچڪ نه ديکيو جاءِ
گر بن گيان جئسي انڌيري ۾ آرسي.

نڪري نه سگهيو ۽ اندر ئي ڦرندو رهيو.

اهو هڪ درشتانت آهي. انهيءَ جو سدانت سار هيءُ آهي ته ست چت آنند ايشور، راجا آهي. هيءُ سنسار هن جو سندر ۽ عاليشان شهر آهي. ان شهر کي ٨٤ لک جوڻين جو تمام مظبوط ڪوٽ لڳايو اٿس. هن قلعي کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ مانش چولي رُوپي هڪ دروازو آهي. ڪوٽ جي ٻاهران گيان، وئراڳ ۽ ڀڳتي روپي باغيچي جو مڪتيءَ روپي ڌرمشالائون آهن. هيءُ جيو سورداس جي مثل آهي، جنهن کي آتم گيان روپي اکيون ڪونهن ۽ وشين، ڀوڳن ۽ موھ آشا، ترشنا، ممتا روپي کيس خارش جي بيماري لڳل آهي. سنت، ستگرو ست پرش، مهاتما کيس مڪت تيرٿ جي مُڪتي ٻڌائين ٿا پر وشين ۽ واسنائن روپي خارس ڪري ڪنهڻ ۾ سندس سرير ڇٽيو وڃي ۽ چوراسي لک جوڻين ۾ ڀٽڪندو رهيتو. انهي ڪري سيئي سنت مهاتمائون رات ڏينهن مٿي ٻانهن ڪري پڪاري رهيا آهن ته هيءُ اَمولڪ منش چولو وشين ۽ ڀوڳن ۾ نه وڃايو. پرڀوءَ جو ڀڄن ڪري جنم سڦلو ڪريو.

راڳ پيلو

ٽل - دل کو ملائو دين ديال سي،
دين ديال سي گوبند گوپال سي،

١- سنک نه ڪرنا ڪب ڀوڳ ڪلال سي،
پريت لڳائو سنت مرال سي.

٢- جيتي جدائي ڪرو جڳت جنجال سي،
نينهه نڀائو هري پرتپال سي.

٣- جيت ڪرو جن من وڪرال سي،
سهج سمائو نج سروپ وشال سي.

٤- ڪهتا ڏيئون توڙو ليکا يم ڪال سي،
ورلي لڳائو نم برهم اڪال سي.

چوٽيو ته نارد جو گرو ڪير ڪونه آهي. تنهنڪري جتي وڃي ٿو اُها پوڄي اُپوتر ٿي پوي ٿي. انهي ڪري اُها مٽي ڪڍي ٻي وڃهي ليپڻ پائيندا ڪريو. اِها ڳالهه ٻڌي نارد دل ۾ ڏاڍو دکي ٿيو. ڀڳوان وٽ وڃي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته توهان منهنجي ڀڳت منهنجي بي عزتي ٿا ڪريو. اڄ مونکي خبر پيئي آهي. هيترا ڏينهن اڄ اوهان مونکي ڪونه چيو ته گرو ڪر، سو ڇا جي ڪري؟

تنهن تي ڀڳوان چيو نارد هڪ ته تون چئني ويدن جو ڄاڻو ودوان آهين. ٻيو تون سڀني سنتن جو سرومڻي آهين. ٽيون تون برهما جو پٽ ذات جو وڏو آهين. توکي ڪوبه گرو پسند ڪونه ايندو. تنهنڪري مون توکي ڪونه چيو ته تون ڪو گرو ڪر. ايترو ٻڌي نارد هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو، توهان جي ڳالهه برابر آهي. سو هاڻي جنهنکي توهان چئو تنهنکي سياڻي وڃي گرو ڪري اچان. ڀڳوان چيس ته مان توکي ٻڌايان پر توکي پسند نه ايندو. تنهنڪري صبح جو ۵ بجه نڪري، شهر کان ٻاهر، اُيرندي پاسي وڃج ۽ اُن مهل جيڪو پهريون ماڻهو منهن سامهون گڏجيئي، تنهن کي گرو ڪج. نارد، ست وچن چئي ڀڳوان کي نمسڪار ڪري وڃي پنهنجي ڪٽيا ۾ آرام ڪيو.

صبوح جو ۵ بجه نارد مني شهر کان ٻاهر نڪتو. اوڀرندي پاسي ٿورو پنڌ ڪري ڏسي ته هڪڙو ماڇي نديءَ جي ڪناري تي ويٺو مڇين کي ڦاسائڻ لاءِ ڄار وجهائي. نارد اُچي ماڇيءَ کي پيرن پوڻ لڳو ته ماڇي چوڻ لڳس ته هيءَ ڇا ٿا ڪريو. توهان مهيشور، مونکي ڪئن ٿا پيري پئو؟ تنهنتي نارد هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان توهان منهنجا ستگرو ٿيو. ڪرپا ڪري مونکي گر منتر ڏيو. ماڇي چوڻ لڳو ته

مطلب: جيئن ڪوبہ منش ماستر کانسواءِ پنھنجي منھن ڪابہ ودیا پڙھي نہ سگھندو. پر جي پڙھي بہ ويو تہ مطلب نہ سمجھندو. جيئن ڪنھن کي هٿ ۾ لعل هجي، پر جواهريءَ کانسواءِ ملھہ جي خبر هنکي نہ پوندي. جيئن ڪو بيمار حڪيم جي پڇي کانسواءِ پاٺي پنھنجي دک جي دوا ڪندو تہ اُلٽندو وڌيڪ بيمار ٿي پوندو.

سندر مهاراج جن چون ٿا تہ گروءَ جي گيان کانسواءِ آتما جو گيان ائين آهي، جيئن اوندھہ ۾ آرسي؟ جنھن ۾ پنھنجو منھن ڏسي نہ سگھبو. ستگرن کانسواءِ چوراسي ڪانہ ڇٽندي.

درشٽانت: وئڪنٺ پوريءَ ۾ وشنو ڀڳوان جي دربار ۾ هر روز ستسنگ ٿيندو هو، جتي نارد مني بہ ايندو هو. ستسنگ جي سماپتيءَ کانپوءِ جڏھن نارد مني اٿي پنھنجي ڪٽيا ڏانھن ويندو هو، تڏھن وشنو ڀڳوان پنھنجي پارشدن کي چوندو هو تہ جنھن پوميءَ تي نارد مني ويٺو، سا اُپوتر ٿي پوندي، ڇاڪاڻ جو نارد گرو ڪونہ ڪيو آهي. تنھنڪري اُنھيءَ جاءِ تان اڌ فوٽ کن مٽي کوٽي ٻاھر ڇڏي، نئين مٽي وجھي ڇڏيو. روز ائين ڪري مٿان ليپڻ ڏيندا ڪريو. ڀڳوان جي آگيا پڌي پارشد هر روز ائين ڪندا هئا. هڪ ڏينھن نارد ستسنگ کانپوءِ نڪتو اُٿي ويو ۽ ڪرمنڊل اُتي ڇڏي ويو. رستي تي ياد آيس تہ ڪرمنڊل وساري آيو آهيان سو موٽي ويو ڪرمنڊل کڻڻ. وشنو ڀڳوان جا پارشد مٽيءَ جون ٽوڪريون ڀري ٻاھر نڪتا تہ نارد مني کين منھن ۾ گڏيو. نارد پارشدن کان پڇيو تہ ٽوڪرين ۾ ڇا کنيو اٿو. پارشدن نارد کي ڪونہ سچالو ۽ چوڻ لڳا تہ ڀلو ٿئي نارد منيءَ جو اسانکي روز روز هن تڪليف ۾ وڌو اٿس. وشنو ڀڳوان

کوڙا خيال اچي ڦاسندا آهن. پر مان برهما جو پٽر ۽ گرو ڪيو اٿم ماري. سو جيڪو ٻڌندو سو مون تي کلندو. سنسار ۾ عزت ٻه ڪانه رهندي. اهو ويچار ڪري سڌو وئڪنٺ پريءَ ۾ آيو. وشنو ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري اچي ويٺو. وشنو ڀڳوان پڇڻ لڳس ته ڪيئن نارد گرو ڪري آئين. نارد هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو، گرو ته ڪري آيس پر آهي ذات جو ماري.

وشنو ڀڳوان چيس ته تو گروءَ جي نندا ڪئي آهي تنهن ڪري چوراسي ڀوڳيندين، ڇو جو شاستر چون ٿا ته جيڪو گروءَ جي نندا ڪري ٿو سو اننت جنمن ۾ چوراسي ڀوڳي دک پائي ٿو. ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي نارد کي اکين ۾ جل اچي ويو ۽ چوڻ لڳو ته مون کان ڀل ٿي ويئي. توهان سمرٿ آهيو. ڪرپا ڪري منهنجي چوراسي ڪٽيو. ڀڳوان چيس ته مان چوراسي مٽائڻ ۾ سمرٿ ڪونه آهيان. وري ٻه ستگرن جي شرن وٺ ۽ ونتي ڪر ته چوراسيءَ کان ڇڏائيندءِ. نارد ٻيهر ٻئي، سڌو گروءَ وٽ آيو. ڏنڊوت پرنام ڪري روئي چوڻ لڳو ته هي پريو مون توهان جي نندا ڪئي آهي. وشنو ڀڳوان چيو ٿو ته گروءَ ۾ ترڪ درشٽي آندي اٿيئي. تنهن ڪري چوراسي ڀوڳيندين. ڪرپا ڪري مونکي معاف ڪري چوراسيءَ کان ڇڏايو. گروءَ چيس تو چيو آهي ته منهنجو گرو ماري آهي. مان ماري ته برابر آهيان پر هاڻي ٿيو. جيڪي گذريو تنهنکي ياد نه ڪر. هيئنر ڀڳوان کي وڃي چئو ته چوراسي ڪهڙي ٿيندي آهي. مونکي اُنجو زمين تي نقشو ڪڍي ڏيکاريو ته اُنهيءَ جي مٽائڻ جو ڪو اُپاءُ ڪريان. جڏهن ڀڳوان توکي زمين تي چوراسي لک جوڻين جو نقشو ڪڍي ڏيکاري تڏهن تون وري پڇانس ته پريو، هن ۾ ٻي ڪا جوڻ رهي ته

هي مهامنتر، توهان نه ديو رشي آهيو. سو مان توهان جهڙو ڪئين ستگرو ٿي سگهندس؟ نارد چوڻ لڳس ته اِها توهان جي سچي ڳالهه آهي. پر مون ستگرو ڪيو ئي ڪونهي. تنهنڪري ڀڳوان مونکي آگيا ڪئي آهي ته جيڪو ماڻهو صبح جو پهرين گڏجيئي تنهنکي وڃي گرو ڪر. سو پريو، توهان منهنجا ستگرو ٿي گرمنتر ڏيو. ماريءَ چيس ته نارد مان توکي جيڪو اُپديش ڪريان، تنهنکان وڌيڪ تون اڳي ئي ڄاڻين ٿو. مان نه ايترو شاسترن جو ڄاڻو ڪين آهيان. تڏهن وري نارد چوڻ لڳو ته برابر توهان جي ڳالهه سچي آهي. پر جيڪا ڳالهه توهان کي چڱي لڳي، سائي ڪٿي مونکي ٻڌايو. اُنهيءَ مان منهنجو ڀلو ٿيندو.

ماريءَ چيو چڱو. ايترو ٻڌي نارد خوش ٿي پرساد اڳيان رکي ماريءَ جي چرڻن جي پوڄا ڪئي. پوءِ ماريءَ چيس ته هي نارد چڱي آهي چپ. سو اُنهيءَ چپ جو وڃي سادن ڪر. نارد پيرين پئي روانو ٿيو. اڃا ٿورو پنڌ ڪيائين ته دل ۾ چوڻ لڳو ته مونکي گروءَ چپ جو منتر ڏنو آهي پر اُنهيءَ جو مطلب نه ڪونه ٻڌايائين. سو وري موٽي اچي گروءَ کي چيائين ته توهان جو مونکي چپ رهڻ جو منتر ڏنو آهي، پر ڪرپا ڪري اُنهيءَ جو ارٿ نه سمجهايو.

تنهنتي ماريءَ چيس ته مان اڄ توکي پنهنجي سچي ڳالهه ٻڌايان ٿو، جنهن مان تون چپ جو ارٿ سمجهي ويندين. مان ذات جو ماري آهيان ۽ پکي ڦاسائيندو آهيان. جڏهن جار پکيڙي بلڪل چپ ڪري ويهندو آهيان، تڏهن پکي اچي جار ۾ ڦاسندا آهن. تنهنڪري مونکي چپ پياري لڳندي آهي. ستگروءَ جا وچن ٻڌي نارد دل ۾ چوڻ لڳو ته گروءَ واهه جو منتر ڏنو آهي. چپ سان من جا ڦرڙا، سنڪلپ ۽

اهو ٻڌي ڀڳوان خوش ٿي چيس ته نارد، اِها ڪٿي شايد لوڪي ستگرن ٻڌائي چوراسيءَ کان ڇڏايو آهي.

اِها وارتا ٻڌائي، ستگرو مهاراج جن چيو ته ستگرو ئي چوراسيءَ جي مٽائڻ ۾ سمرٿ آهن. تنهن ڪري، منش کي ستسنگ ڪري، ستگرن جي شرڻ ۾ وڃي، جنم مرڻ جو ڦيرو مٽائڻ گهرجي. انهيءَ وشئه تي ستسنگ ڪري، "ستنام" ساکيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو، ڀڳت منگهر رام ملوسيءَ جي ڳوٺ وارو پرساد کڻي آيو. مٿو ٽيڪي، هٿ جوڙي ويٺو ته ستگرو مهاراج جن پڇيس ته اُبا، ڪٿي ويٺا آهيو؟ ڀڳت منگهر رام چيو مان ملوسيءَ جي ڳوٺ جو ويٺل آهيان. توهان کي هيءُ داس وينتي ڪرڻ آيو آهي ته ڪرپا ڪري اسان جي ڳوٺ ۾ پيرا پائي اسانکي پوتر ڪريو. ڳوٺ جا سڀئي ماڻهو اوهان جي درشن جا پياسي آهن. ستگرو مهاراج جن چيو ته اُبا، شايد ڪجھ ڏينهن هتي لڳي ويندا. سو توهان هتي رهي پئو. پوءِ پروگرام ٺاهي توهان کي ڏينداسون. ٻئي ڏينهن صبح جو، ستگرو مهاراج جن ساري منڊليءَ سميت، بگين ۾ چڙهي، سوائي صاحب جي مڙهيءَ تي اچي پهتا. ڀائو ڪليانڻ گر کين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. شام جو ٣ ٻجي ستگرو مهاراج جن آٿي جل پان ڪري، ٤ ٻجي ستسنگ شروع ڪرايو. پرسنگ هو ڀڳتي. چيائون ته، ڀڳتي ٽن پرڪارن جي آهي.

سرون پريتڻ پوپ - شبد سڪديوس گاوهه،
پون پيڄن پهلاد - منشا شري پدم ڏياوهه،
پوڄ، اَرچ، پرٿو راج - پريم اڪرورس وندن،

ڪانهي. جڏهن ڀڳوان چوڻي ته نارد، سڀئي جوٽيون هنن ليکي ڇڏيون اٿم، تڏهن تون انهيءَ نقشي جي مٿان ليٽيون کائي اها چوراسي ڏاهي ڇڏ. ڀڳوان توکي چوندو ته ڇاتو ڪرين، ٻارن وانگر مٽيءَ ۾ پيو ليٽين؟ تون ڇئج ته مان چوراسي ٿو ڀوڳيان. جي ڀڳوان چوڻي ته نارد اها چوراسي ٻي آهي ته ڇئجانس ته پريو، اها به توهان جي ٺاهيل آهي ۽ هيءَ به توهانجي ٺاهيل آهي. سو مان هيءَ ئي ٿو ڀوڳيان. ايترو ٻڌي ڀڳوان خوش ٿي چولدءِ ته چڱي اٽڪل ڪيئه جو پنهنجي چوراسي مٽائي ڇڏيئه.

نارد خوش ٿي ستگرن کي پيري پئي ونڪنٺ پريءَ ۾ اچي، وشنو ڀڳوان جي اڳيان چپ ڪري ويهي رهيو. وشنو ڀڳوان پڇيس، نارد، اداس ڇو آهين؟ نارد چيو توهان جو چيو آهي ته چوراسي ڀوڳيندين، سا ڳالهه مونکي سمجهه ۾ نٿي اچي ته ڪهڙي چوراسي ڀوڳيندس. توهين ڀرتويءَ تي چوراسيءَ جو نقشو ڪڍي ڏيکاريو ته ڀوءِ مان انهيءَ کي مٽائڻ جو پرشارٿ ڪريان. ڀڳوان مشڪي زمين تي چوراسي لک جوٽين جو نقشو ليکي چيو ته هي نارد، هيءَ جوٽيون آهن. نارد وري ڀڳوان کان پڇيو ته، هي پريو، هن ۾ ٻي ڪا جوڻ رهائي ته ڪانه اٿو؟ ڀڳوان چيو نه.

نارد انهيءَ چوراسيءَ جي نقشي مٿان سمهي ليٽڻ لڳو ته ڀڳوان چوڻ لڳس ته نارد، هيءَ ڇا ڪري رهيو آهين؟ نارد چيو پريو، چوراسي ٿو ڀوڳيان. ڀڳوان کلي چيو، توکي ته ڪوئي عقل ڪونهي. توکي چوراسي ڇئن ڪاٽين جي ڀوڳڻي آهي. نارد چيو ته اها به توهان جي ٺاهيل آهي ۽ هيءَ به توهان پنهنجي هٿن سان هينئر ٺاهي آهي. سو مان هيءَ ئي ٿو ڀوڳيان.

تن ڇڏڻ گهرن مان پريمي روئي ڪٽي ٻاهر نڪري آيا. صرف ٻن پريمين کان ٻوجن وٺي آيو.

اهڙيءَ طرح آنند پرڪاش، ڪڏهن ڪٿان، ته ڪڏهن ڪٿان، بندي ڇوڙ مهراج جي جئه بولي روئي وٺي ايندو هو. هڪڙي ڏينهن بزار ۾ اچي، هڪ در تي وڏي آواز چوڻ لڳو، بندي ڇوڙ مهراج ڪي جئه! اندران آواز آيو ته هي ٻڌون، منهنجي آزاد ڪرڻ وارا اهي سک دائي وچن ڪرپا ڪري وري چئجو. آنند پرڪاش وري وڏي آواز چيو، بندي ڇوڙ مهراج ڪي جئه! تنهن تي اندران آواز آيو ته مهراج ڪرپا ڪري، اندر اچي، مونکي درشن ڏيئي، منهنجو دک دور ڪريو.

آنند پرڪاش اندر ويو. ڏٺائين ته ٻيو ته ڪير ڪونهي، باقي هڪ طوطو پڃري ۾ ويٺو آهي. طوطي ڏانهن نهارڻ لڳو ته طوطو، اکين ۾ جل آڻي، روئي چوڻ لڳو، ته هي پريو، اهو بندي ڇوڙ نالو ڪنهن جو آهي ۽ اهو ڪٿي ويٺو آهي؟ آنند پرڪاش چيو ته هي طوطا، اهو نالو منهنجي ستگروءَ جو آهي. هو شهر جي ٻاهران، نهر جي ڪناري تي براجمان آهي. طوطي چيو ته، جيڪڏهن تنهنجو ستگرو سچ پچ بندي ڇوڙڻ وارو آهي ته منهنجو هڪ نياپو وٺي ڏجانس. پر پهريائين وچن ڏي، ته پوءِ مان توکي نياپو ڏيان. آنند پرڪاش چيو، "وچن" طوطي چيو: مهراج پنهنجي گروءَ کي چئج ته مان هن پڃري ۾ ڏاڍو دکي آهيان. ڪئن ٻاهر نڪري آزاد ٿي، آڪاس منڊل ۾ سير ڪريان؟ هتي ڪئن اچي ڦاٿس؟ اهو سنديش پنهنجي گروءَ کي سڻائج.

طوطي جو نياپو ٻڌي، در کان ٻاهر نڪتو. اچي ٻئي هڪ گهر جي دروازي وٽ چوڻ لڳو: بندي ڇوڙ مهراج ڪي جئه!

هيت داس هنمنت -

پريت پارٿ جيون پرٿپن،
ٻل جيون ٻل ٻل هارڪر- رجب رامه دي جي،
يه پرڪار نوڌا ڀڳت- آتم انتر ڪيجئي.

(١) سروڻ ڀڳتي راجا پريڇت ڪئي، جو گنگا جي ڪناري تي شريمد ڀاڳوت، شري سکديو مهراج کان ٻڌي مڪت ٿيو. اهڙيءَ طرح سروڻ ڪجي، جئن هڪڙي طوطي ڪيو.

درشٽانت - هڪ مهاتما ٻندي ڇوڙ، پنهنجي چيلي آنند پرڪاش کي وٺي، سير ڪندي ڪندي، هڪ راڄاڻي شهر جي ٻاهران، نهر جي ڪناري تي پپل جي وڻ هيٺان اچي ويٺو. صبح جو ١٠ بجي، ٻندي ڇوڙ آنند پرڪاش کي چيو ته بابا، هري نارائڻ ڪري، شهر مان روٽي وٺي اچ. گروءَ جي آگيا پائي، شهر ۾ ويو. هڪڙي دروازي تي ٿي، وڏي آواز ڇوڙڻ لڳو ته ٻندي ڇوڙ مهراج کي جئه! آواز ٻڌي، ڪيترن گهرن مان پريمي روٽي کڻي آيا. پر هن فقط ٻن گهرن کان روٽي ورتي. موٽي اچي گروءَ کي کارائي، پاڻ به کائي آرام ڪيائين. شام جو گروءَ کي چوڻ لڳو ته هي پريو، هن شهر ۾ پرڀر تمام گهڻو آهي، جو توهان جي ٽالي وڻ سان، ماڻهو خوش ٿي، گهڻو سنو ڀوڄن ڏين ٿا. تنهن ڪري، منهنجي مرضي آهي ته ٻه- چار ڏينهن هتي رهون ته چڱو.

ٻندي ڇوڙ مهراج چيو چڱو ابا، هفتو کن هتي رهون ٿا. ٻئي ڏينهن ١٠ بجي، آنند پرڪاش شهر جي ٻيءَ بزار ۾ اچي وڏي واڪي چوڻ لڳو ”ٻندي ڇوڙ مهراج کي جئه! ائين ئي

ڳالهه شروع ڪرڻ سان گروءَ جو اجهو اهو حال ٿيو آهي. جي سچي ڳالهه ٻڌندو ته متان مري وڃي. انهيءَ ڪري مون تنهنجو وڌيڪ احوال ڪونه ٻڌايومانس.

طوطي چيس جڳو توهان هاڻي ڀلي وڃو. آنند پرڪاش ٻاهر نڪري آيو. اچي ٻئي دروازي تي ٻندي ڇوڙ مهاراج جي جئه ٻوليائين ته طوطي جو مالڪ گهر آيو. طوطو پنهنجي مالڪ کي ڏسي جيت ڪري ڀچري ۾ ڪري پيو. طوطي جي مالڪ يڪدم ڀچرو لاهي، ٽاڪي کولي طوطي کي ٻاهر ڪڍيو. طوطي کي سڌ ڪرڻ لڳو، پر طوطو ڪنڌ ۾ پران روڪي، اکيون ٻوري ڇڏيون. طوطي جو نازڪ حال ڏسي، سندس مالڪ پاڻي کڻي آيو. ٻه ٽي ڇنڊا هڻي پنهنجي استري کي چوڻ لڳو ته، اڄ طوطي کي گرمي لڳي وئي آهي جو تو ڇانو ۾ ڪونه وهاريو اٿس. هاڻي مري ٿو. ايترو چئي وڃڻو کڻي اچي طوطي کي هڻڻ لڳو. طوطي ٿورڙيون اکيون کوليون. مالڪ ڏي نهاري وري اکيون ٻوري ڇڏيائين. طوطي جي مالڪ ويچار ڪيو ته متان بک لڳي هجيس سو اندران ميوو کڻڻ ويو. طوطي اکيون پٽيون. پاڻ کي چئني طرفن کان آزاد ڏسي اڏاري ڪاني وڃي ڏي آواز سان آڪاس منڊل ۾ چوندو ويو ته ٻندي ڇوڙ مهاراج کي جئه، ٻندي ڇوڙ مهاراج کي جئه! طوطي جو آواز ٻڌي مالڪ پنهنجي استريءَ کي چوڻ لڳو ته استري طوطو ته ڇٽي ويو. پر هيءَ ڇا پيو چوندو وڃي؟ تنهن تي سندس استري چوڻ لڳي ته سوامي، هو جو ٻاهر سنت ٻندي ڇوڙ مهاراج کي جئه پيو ٻولي تنهن سو ڪالهه کان وٺي طوطي سان ڳالهيون پئي ڪيون. انهيءَ سنت ئي طوطي کي ڇڏايو اٿيئي. مالڪ ٻاهر نڪري آنند پرڪاش کي ٻانهن کان پڪڙي چوڻ لڳو ته تو منهنجي طوطي کي ڇڏايو آهي. سو مونکي ٢٥ روپيه ڀري ڏي.

ٻن ٽن گهرن مان ٻرهمڻ روٽي آڻي کيس ڏني. روٽي وٺي، گروءَ وٽ آيو.

طوطي جي ڳالهه گروءَ سان ڪيائين ۽ نياپو ڏنائين. ٻڌنديئي، سندس گرو مُورڇا ٿي ڪري پيو. پراڻ ڪنٺ ۾ رڪجي ويس ۽ اکيون بند ٿي ريس. آنند پرڪاش گروءَ جو اهڙو حال ڏسي دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته طوطي جي نياپي ۾ اهڙو ڪو خراب اثر آهي، جو منهنجي گروءَ جا پراڻ ٿا وڃن. گهٻرائجي، پاڻيءَ لوٽو کڻي، گروءَ کي ڇنڊا هڻي پنکو لوڏڻ لڳو. ٿوريءَ دير بعد سندس گروءَ ٿوريون اکيون پٽيون، پر وري بند ڪري ڇڏيائين. گهڻي وقت ڪانپوءِ سجاڳ ٿي، پنهنجي چيلي کي چوڻ لڳو ته اٻا، پوءِ طوطي ڇا چيو. آنند پرڪاش چيو ته سائين، انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. توهان اُٿي روٽي کائو. روٽي کائي، بندي ڇوڙ مهراج وري چيلي کي چيو ته اٻا، طوطي جي ڳالهه ٻڌاءِ. آنند پرڪاش چيو ته سائين، مون چوڻ کان ٿي بس ڪئي، ڇو جو اڃا توهان کي ٿوري ڳالهه ٻڌايم ته توهان مورڇا ٿي ويا. تنهن ڪري انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. مان طوطي کي پاڻهي وڃي جواب ڏيندس. ٻئي ڏينهن آنند پرڪاش ١١ بجي صبح جو اچي انهيءَ دروازي تي وڏي آواز چوڻ لڳو بندي ڇوڙ مهراج ڪي جئه! آواز ٻڌي، طوطي اندر سان ڪري پڇيس ته منهنجو نياپو پنهنجي گروءَ کي ڏنئه يا نه؟ منهنجي ڇوٽڪاري لاءِ ڇا چيو اٿس؟ آنند پرڪاش چيو، هي طوطا، تنهنجي نياپي ۾ الائجي ڪهڙو اثر هو، جو مون اڃا تنهنجي دک جي وارتا پنهنجي ستگروءَ کي ٻڌائڻ لڳس ته منهنجو ستگرو مورڇا ٿي ڪري پيو. پراڻ ڪنٺ ۾ اچي رڪجيس. اکيون بند ٿي ويس. مان گهٻرائجي ويس.

من کي چورڻ لڳو ته طوطو گروءَ جي ڀڳتي ياد ڪري ڀڄڻ منتن ۾ ٻڌڻ کان ڇُٽي ويو پر لوڪي سنتن ۽ ستگرن هيترا سال ڪٿائون ٻڌايون آهن، ڪيترئي ڀڳتيون ۽ گيان ڏنو آهي، پر تون اڃا وشين ڀوڳن ۽ سنسار جي موهه روپي ڦندي ۾ ڦاٿو پيو آهين. ڌڪار هجي توکي! لائين پنهنجي من کي سمجهائيندو سمجهائيندو اچي گروءَ کي روئي ڪارائي وڃي ايڪانت ۾ وينو ۽ من کي سمجهائيندي سمجهائيندي پرم پد کي پراپت ٿيو. اهو درشٽانت ٻڌائي ستگرو مهاراج جن جيو ته اها سرورڻ ڀڳتي آهي. جئن راجا پريڪشت ۽ طوطو سرورڻ، منن ۽ نديڌياسن ڪري مڪت ٿي ويا، تئن هر جيو کي سرورڻ، منن ۽ نديڌياسن ڪري پنهنجو اُڌار ڪرڻ گهرجي.

(٢) سکديو مهاراج راجا پريڪشت کي ڪٿا ٻڌائي.

(٣) ڀون ۽ ڀڳت پرهلاد وڃي رام جي نام جو سواس سواس سان سمرڻ ڪيو.

(٤) لڇميءَ وشنو ڀڳوان جي چرن ڪملن جو ڌيان ڌري شيوا ڪئي.

(٥) راجا پرٿو ناڪرن جي پوڄا ڪري پنهنجو اُڌار ڪيو.

(٦) اَڪرُور وندنا ڀڳتي ڪئي جو مٿرا کان بندرابن تائين ڏنڊوت پرنام ڪندو ڪرشن ڀڳوان کي وٽ آيو.

(٧) هنومان داس ڀڳتي ڪئي جو سري رامچندر جي چرنن جو داس ٿي رهيو.

(٨) ارجن سکا ڀڳتي ڪري ڪرشن ڀڳوان سان مترتا رکي، پنهنجو اُڌار ڪيو.

(٩) راجا ٻلي سرو سمرپڻ ڀڳتي ڪئي ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه سرٻسو ڀڳوان کي دان ڪيو.

آنند پرڪاش چيو، ڀائي مون تہ تنھنجي طوطي کي ڪونہ ڀڄايو آهي. پر مالڪ چوي تہ نہ، توئي طوطي کي ڀڄايو آهي. ڪيترا ڀاڙيوارا اچي ڪنا ٿيا. پڇڻ لڳا تہ ڇا آهي؟ تنھن تي طوطي جو مالڪ چوڻ لڳو تہ منھنجي اِستري چوڻي تہ هن سنت ڪالھہ ڪانوڻي طوطي سان الائي ڪهڙيون ڳالھيون ڪيون جو طوطو ڀڄي ويو. ماڻھو آنند پرڪاش کان پڇڻ لڳا تہ طوطي سان ڪهڙيون ڳالھيون ڪيون هيون؟ آنند پرڪاش ساري ڳالھہ ڪري ٻڌائي، تہ ڇا چيو ۽ ڪئن سندس گرو مورڇا ٿي ويو وغيره. طوطي جي مالڪ چيو تہ جئن تون پنھنجي گروءَ جي ڳالھہ ڪري رهيو آهين، تئن تنھنجي طوطي بہ ڪيو ۽ جئن تون پنھنجي گروءَ جي جڳہ تو بولائين، تئن منھنجو طوطو بہ بندي ڇوڙ مهاراج جي جڳہ بولائي اُڏامي ويو. سو هاڻ وٺي تو منھنجو طوطو ڀڄايو آهي. تنھنڪري ٢٥ روپيہ ڀري ڏي. آنند پرڪاش چيو مون تنھنجو طوطو ڪونہ ڀڄايو آهي. طوطي جي مالڪ پڇيو تہ تو طوطي کي پنھنجي گروءَ واري ڳالھہ ٻڌائي هئي يا نہ؟ آنند پرڪاش چيو تہ برابر مون ٻڌائي هئي مانس. طوطي جو مالڪ سيٺي ماڻھن کي چوڻ لڳو تہ ڀائرو توهان نياءُ ڪريو تہ هن سنت منھنجو طوطو ڀڄايو آهي يا نہ. سيٺي چيو تہ ڀائي هن سنت تہ تنھنجي طوطي کي جاٽي واٽي ڪونہ ڀڄايو آهي. پر اِها حقيقت آهي تہ هن سنت جي گروءَ جي ڀڪتي ٻڌي طوطو ڀڳو آهي. تنھنڪري سنت کي ڇڏي ڏي. طوطي جو مالڪ چوڻ لڳو تہ توهان جي چوڻ تي سنت کي ڇڏي ٿو ڏيان. باقي بـڪ اثر لـ طوطي کي هن سنت ئي ڀڄايو آهي. آنند پرڪاش جند ڇڏائي پنھنجي گروءَ ڏانھن موٽيو. واٽ تي طوطي جي جڳياسا ۽ سياڻپ تي ويچار ڪندي اکين ۾ جل اچي ويس ۽ پنھنجي

وچ ۾ هڪ ڀيانڪ ٻيٽ تي گهرو ڀيانڪ جهنگل هوندو هو، جنهن ۾ ٻگهڙ ۽ شينهن جهڙا تمام گهڻا خوفناڪ جانور رهندا هئا. ٽن سالن بعد اُنهيءَ راجا کي جهاز ۾ چاڙهي اُتي ڇڏي ايندا هئا، جتي ڪيس جانور ماري کائي ڇڏيندا هئا. اُنهيءَ ديس جي راڄائي اهڙيءَ طرح هلندي هئي. هڪ وقت هڪ وويڪي ستسنگي پرش کي چونڊي راڄ گديءَ تي ويهاريائون. رات جو راجا سيج تي ويهي ويچار ڪرڻ لڳو ته ٽن سالن کانپوءِ مونکي به اُنهيءَ ٻيٽ تي ڇڏي ايندا، تنهنڪري صبح جو جهاز ۾ چڙهي اُنهيءَ ٻيٽ کي ڏسڻ گهرجي. اِهو ويچار ڪري صبح جو وزير کي گهرائي چوڻ لڳو ته جلدي هڪ جهاز تيار ڪريو ۽ جتي ٽن سالن کانپوءِ مونکي وڃڻو آهي، اُهو ٻيٽ هلي مونکي ڏيکاريو. جهاز تيار ٿي ويو. راجا ۽ وزير ٻيٽ تي ويا، راجا ٻيٽ گهمي ڏٺو. ڀيانڪ بن ڏسي راجا ڪنبڻ لڳو. منترين کي چيائين ته هاڻي جلدي موٽي هلو. جهاز ۾ چڙهي سيئي اچي راڄڌانيءَ ۾ پهتا. وزير راجا کي محلات ۾ ڇڏي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويا.

راجا ايڪانت ۾ ويهي ويچار ڪرڻ لڳو ته اهڙي ڪا يڪتي ڪجي جنهن ۾ پنهنجو بچاءُ ٿئي ۽ مان اُنهيءَ دک کان ڇٽي وڃان. صبوح جو وزيرن کي گهرائي چيائين ته ٻيٽ تي ٢٥ ميلن ۾ جهنگل ڪٽائي صاف ميدان ڪرايو ۽ هڪ سندر راڄائي شهر جو نقشو تيار ڪري مونکي ڏيکاري پوءِ ميدان تي ١٢ مهينن جي اندر، هڪ سندر شهر ٺهرائي تيار ڪرايو.

راجا جي آگيا انوسار نقشو تيار ڪرايو ويو. لشڪر جا جهاز ٻيٽ تي روانا ڪيا ويا. تنهن کانپوءِ ٺيڪيدارن ۽ مزورن جا جهاز ڀرائي وزيرن وڃي جهنگل ڪٽايو ۽ ١٢ مهينن ۾ شهر تيار ڪرايو ۽ پوءِ اچي راجا کي حقيقت ٻڌائي عرض ڪيائون ته

ستسنگ سماپت ٿيو. اهڙيءَ طرح پريمين جي اننيہ پريم ۽ شرڌا ڪري ستگرو مهاراج جن مهيني ڪان ٻه مٿي شهدادپور ۾ رهيا. ڌرم، ڪرم ڀڳتي ڀاءُ ۽ ويدانت جو اُپديش ڪري ڪيترن مائهن کي ست مارڳ ۾ لڳايائون. ڪيترا پريمي ستگرو مهاراج جن جا جگياسو ٿيا. ان بعد ڀڳت منگهورام سان گڏجي ستگرو مهاراج جن ۽ ٻيا پريمي، مردسي ڳوٺ ۾ ويا اُتي ڀڳتين ستگرو مهاراج جن جو گهڻي آدرستڪار سان سواگت ڪيو. رات جو ستسنگ ڪيائون. پريم جي وارتا هلي چيائون تہ سنسار ۾ جنهن منش جي هردي ۾ ڀڳوان جو پريم ڪونهي، سو منش پسوءَ سمان آهي.

ڪبير پريم وڻج نا ڪر سڪي-
چلي نہ نام ڪي گيل،
مانش ڪيري ڪالڙي اوڙھ ڦري جيون بيل.

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ هن سنسار جي اندر جنهن پريم جو واپار نہ ڪيو آهي ۽ رام نام جو رستو نہ ورتو آهي، سو منش پسن وانگر سنسار جي گهر روپي گهاڻي ۾ بيل وانگر وهي رهيو آهي. جنهن کي ڀڳوان جي ملڻ جي پياس ڪانهي سو رات ڏينهن سنسار جي پدارٿن تي موهت ٿي پنهنجو اَموالڪ مانش جنم ڀڳوان جي ڀڄن سواءِ، وئرٿ وڃائي رهيو آهي. تنهنڪري سنت مهاتمائون، رات ڏينهن اهائي پڪار ڪري رهيا آهن تہ سنسار جي پدارٿن جو جونو پريم ڇڏي پرڀوءَ سان سچو پريم رکو ۽ سک کي پايو. منش شرير تمام دُرلڀ آهي اُن جو اُڌار ڪرڻ گهرجي، جئن جيئن جيو جو هيءُ لوڪ ۽ پرلوڪ سڪي ٿئي. اِتي هڪ درشتانت ڏنائون. چيائون تہ: هڪ ديس ۾ ٻنڪي راڄ هوندو هو، جنهن ۾ ٽئين ٽئين سال چوندون ڪري راجا مقرر ڪيو ويندو هو. سمنڊ جي

ووڏيڪي اُتم پُرش، ٻال اوستا کان وٺي دان پُڃ، پرُاُپڪار ڀڪتي ڪري پرلوڪ کي ٻڌائي ٿو. مرڻ کانپوءِ اُن کي ڌرمراءِ چوڻيتو تہ ٻاٻا، تو ٻئي لوڪ ٻڌايا آهن، تنهنڪري سرڳہ لوڪ ۽ مرت لوڪ ٻئي تنهنجا آهن، جتي ڪٿي ئي اُتي رهي آنند وٺ. اهو درشٽانت ۽ سڌانت ٻڌائي، سوامي جن چيو تہ ٻڌيوان پرش راڄا وانگر ٻنهي لوڪن کي ٻڌائي سدائين سکي رهندا. اگياني جيوَ هن لوڪ جا سکہ ڀوڳي دکي ٿين ٿا. ستسنگ سماپت ٿيو. ٢-٤ ڏينهن ست اُپديش ڪيائون. ڀڳت منگهرام، ڀڳت گنومل، مکي ڪلياڻداس ۽ ٻيا ڪيترا نام جو اُپديش وٺي شش ٿيا.

تنهن کانپوءِ ڀائي ٿهلرام ستگرو مهاراج جن کي وٺي ٻاڪر جي ڳوٺ ويو. ٻاڪر جي ڳوٺ ۾ رات جو ستسنگ ڪيائون. چيائون تہ هيءُ منش چولو وڏي ڀاڳہ سان پراپت ٿيو آهي. ٻڙي ڀاڳہ مانش تن پاوا، سُرَ درلڀ سد گرنٿن گاوا.

مطلب: تلسيداس مهاراج جن چونٿا تہ هيءُ منش چولو، پورب جي ڀڄن ڪري وڏي ڀاڳہ سان مليو آهي، جنهن کي ٣٣ ڪروڙ ديوتائون چاهين ٿا پر اُنهن کي نٿو ملي. ڀڳوان جو درشن ۽ موکيہ، منش چولي ۾ ئي ٿيندو، تنهنڪري ديوتائون منش چولو چاهين ٿا. منش چولو ڀڳوان جي پراپت ڪرڻ لاءِ مليو آهي.

ڀئي پراپت مانش ديهريا،
گوبند ملن کي ايهہ تيري برياٽا،
اَورڪاج تيري ڪتئہ نہ عام،
مل ساڌ سنگت ڀڄ ڪيول نام.

گرو نانڪ مهاراج جن فرمائين ٿا تہ هيءُ منش چولو وڏي ڀاڳہ سان مليو آهي، ڀڳوان جي ملڻ واسطي. ٻيا جيڪي دنيا

ڪرپا ڪري هلي شهر گهمي ڏسو. راڻين کي وٺي ٻيٽ ٽپي
ويو ۽ سارو شهر گهمي منترين کي ڌنيواد ٻه ڏنائين. حڪم
ڪيائين اڌ خزانو، اڌ فوج ۽ اڌ آفيسون ڪڍي اچي هتي رکو
۽ اخبارن ۾ اشتهار وجهايو ته راجا هڪ نئون ڌرمپور شهر اڏايو
آهي جنهن کي آئي رهڻو هجي تنهن کي ٢٥-٣٠ هزارن روپين
وارو مڪان مفت ۾ ملندو ۽ اچڻ لاءِ جهاز به، مفت ملندو.
وڃو وڃي اهو بندوبست ڪريو. مان ڪجهه وقت هتي آرام
ڪندس. شهر جو نالو ڌرمپور رکيو ويو. راجا جي حڪم جي
پوئواري ڪئي وئي. اخبار ۾ اشتهار پڙهي ڪئين ماڻهن
اچي نئين راجڌاني وسائي. هڪ مهيني اندر سارو شهر وسي
ويو. راجا ٦ مهينا ڌرمپور ۾ رهي راڻين کي وٺي موٽي اچي
پنهنجي پراڻيءَ راجڌانيءَ ۾ رهڻ لڳو. ڇهه مهينا نئين راجڌانيءَ
۾ ۽ ڇهه مهينا پراڻي راجڌانيءَ ۾ رهڻ رڳو. ائين چار سال گذري
ويا. هڪ ڏينهن راجا سڀني وزيرن ۽ اميرن کي گهرائي عام
سڀا ڪئي. سڀا کي چيائين ته منهنجي راڄائي جو ٣ سال مدو
هو. پر چار سال گذري ويا آهن ته توهان ڪا به ڳالهه انهيءَ باري
۾ ڪانه ڪئي آهي تنهنڪري هينئر لئون راجا چولڊي
مونکي جتي وٺيو اتي ڇڏي اچو. ساري سڀا هٿ جوڙي
چوڻ لڳي ته هي پرٿوي ناٿ جتي توهان کي ڇڏي اچڻو هو
اتي ته توهان پُرشارٿ ڪري هڪڙي ٻه وڏيڪ سندر راجڌاني
ٺهائي آهي، سو توهان ڌن، ڌن آهيو. هاڻي توهان ٻنهي راجڌانين
۾ راڄ ڪندا رهو. تنهن ڪانپوءِ راجا نريش تي راڄ ڪندو رهيو.

سڌانت: هيءَ سنسار ٻڌنڪي راڄ آهي. جنهن ۾ هيءَ
جيوُ ٣ سال راڄائي ڪريٿو. يعني ٻال اوستا، جوڀن اوستا ۽
ٻيايو ماڻيٿو. تنهن کانپوءِ ڌرم راءِ هنکي پرلوڪ جي ڏک روپي
ٻيٽ تي موڪلي ٿو ۽ اننت جوڻين ۾ ڏک ڀوڳيٿو. پر ڪو

٤- منش تن ۾ آپ ڇڏائو - ٿيئون ڀيد ڀرم کو ھاتو،
گيان ڏيان گلزار منش چولا ھئہ.

انهيءَ وشئہ تي ستگرو مهاراج جن ڪيترا پنهنجا ناهيل ڀڄن اوت سان ڳائي، ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيو.

ٻئي ڏينهن شام جو، ڀائي ڀاڳچند جو هڪ سنت سيوي، ڀڳت جن جو پراُپڪاري هو، سو ستگرو مهاراج جن کي پرارٿنا ڪري، ٻنين تي گهمائڻ وٺي ويو. ٻنين تي کين ڇپائين ته سائين، اسانجا ووڻ هر سال ڏاڍا ڀلا ٿيندا آهن، پر هن سال ڪيڙو اچي لڳو اٿن، جنهن ڪري مال ڇٽيو ٿو وڃي. ڪرپا ڪري ٻاڻيءَ يڪ پڙهي ڏيو ته ڇٽڪارو ٿئون. ستگرو مهاراج جن چيو ته اَٻا، اهو ته ٺيڪ، پر هن چت رُوپي ووڻ کي جيڪو ترشنا رُوپي ڪيڙو لڳو آهي، جنهن رات ڏينهن کائي، اُنکي ناس ڪري ڇڏيو آهي، تنهن جو به ڪو اُپاءُ ڪرڻ گهرجي. ايترو چئي، ٻاڻي پڙهي، سيٺ ڀاڳچند کي ڏنائون. جنهن ٻاڻي ساريءَ ٻنيءَ ۾ ڇڻڪاريو.

تنهن کانپوءِ، ٻنگ جي جاءِ تي اچي وينا ته ڀڳت منگهورام چيو ته هي ڀڳون، اهو ترشنا رُوپي ڪيڙو، جو چت رُوپي ووڻ کي کائي رهيو آهي، سو ڪيئن مرندو؟

گرو مهراج چيو: اَٻا، ترشنا رُوپي ڪيڙو تمام ڏکيو مرندو. اهو ڪيڙو جوانيءَ ۾ اچي ٿو. راجا ڀرتري وئراڳ ۾ پنهنجو راج تياڳيو؛ ٻن ۾ ويو، پر اُتي به ترشنا اُچي ستايس. تڏهن اکين ۾ ٻاڻي آڻي چوڻ لڳو:

ڀوڳا نہ ڀُڳتا - ويہ ميو ڀڳہ سٽ،
تپو نہ تپتہ - ويہ ميو تپتہ،
ڪالو نہ ياتو - ويہ ميو ياتس،
ترشنا نہ جيرڻ - ويہ ميو جيرڻہ.

جا ڪم ڪاريون آهن سي سڀ توکي انت ڪال ۾ هرگز ڪم نه ايندا. اِنهيءَ ڪري سنتن جو سنگ ڪري ڀڳوان جو ڀڄن ڪر. منشي چولي جو رستو تمام وڏو ۽ ڪليل آهي. چوراسي لک جوڻين ۾ لنديا لنديا لنگ ٽيڙا رستا آهن، جن تان هلي ڀڳوان سان ملي ڪين سگهنديون. منش چولو ويو ته وري تمام ڏکيو ملندو.

مثال: جيئن ڏهه هزار فوٽ اوچو ڪو پهاڙ هجي جنهن تي چڙهڻ لاءِ ڪوبه رستو نه هجي. اُن پهاڙ جي چوٽيءَ تان ٢٥ مڻن جو پٿر ڪري ته ڪن سيڪنڊن ۾ اچي هيٺ پٽ تي پوندو. پر اُنهيءَ ساڳي پٿر کي ساڳيءَ جاءِ تي ڪٿي رکڻ تمام ڪٺن آهي ڇو جو پٿر کي ساڳيءَ جاءِ تي رکڻ لاءِ مشينون گهرائي ڏاڪڻ ٺاهي، ڏيري ڏيري وڏن ساڌن سان رکي سگهبو. تهڙيءَ طرح هيءُ منش چولو هڪ پهاڙ جي چوٽيءَ سمان اوچي ۾ اوچو آهي. منش چولي کان اڳتي پرماتما جي ملڻ لاءِ ٻي ڪا جوڻ ڪانه آهي، ڇو جو ڀڳوان پنهنجو سروپ ڏنو آهي. هاڻي جي هن منش چولي ۾ موکيه نه ٿيو ۽ جيو چوراسيءَ ۾ ڪري پيو ته وري منش چولو تمام ڪٺن ملندو. تنهنڪري هن منش چولي ۾ آتما جو گيان پائي مڪت ٿيڻو آهي.

راڳ پهاڙي

ٽل - موکيه مندر ڪا دوار مانش چولا هئ.

١- يو نه چوراسي سي اڌ ڪائي، منش ديهه ڀڳونت ڪو پائي،
سڀ ڪا يهه سردار، مانش چولا هئ.

٢- منش تن ڪو سڀ جن چاهت، سنت گرامت پي مهما گاوت،
آنند ڪا آڳار، منش چولا هئ.

٣- منش ڪرم ڌرم ڪو ڪرتا- سڀ ساڌن ڪو هردي ڌرتا،
ڀڳتي ڪا ڀنڊار، منش چولا هئ.

رهـــا وچ وصـــول دي دک پـــاري،
هور لـک اُپـاءَ نـا سک ڏيوي -
پيچ ويک سياڻڙي جڳہ ساري،
سک رُوپ اکنڊ چيتن هئہ تون -
بـالشاهہ پکارندي ويد چاري.

مطلب: ڀهرين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ تہ ڪير آهيان ۽ پنهنجو سروپ ڪهڙو آهي. جيستائين جيوُ پاڻ کي نٿو سڃاڻي، تيستائين سنسار ۾ ٻاري دک ٿو ڀوڳي. جيوُ لکين ساڌن، جپ، تپ، ورت نيم، سنڌيا گايتري، پاٺ پوڄائون، اِشنان دان ڪندو، تہ بہ سکہ جي پراپتي ڪانہ ٿيندس. جي اعتبار نہ اچي تہ ڀلي سنتن کان پڇي ڏسو. چارئي ويد، ڪُت شاستر، سمرتي گرنٿ، رشي مني چون ٿا تہ جنهن ڀڳوان کي تون چاهين ٿو، سو تنهن جو ست چت آنند سروپ آهي. انهيءَ وشيہ تي ڪيترا ڀڄن ارٿ سهت ٻڌايا ٿون.

راڳہ ڀهاڙي

ٽال- تون ساڪي چيتن آهين
او سڀ کان نيارو تون- تون ڪنهن سان شامل ناهين.
١- هن تن سان تنهنجو ڇاهي- تن ماس هڏن جو آهي،
پل ڪهڙا روپ مٽائي- تون ڪون ٿو روپ مٽائين.
٢- هن من سان تنهنجو ڇا- من مايا جي وٿ آهي،
پل ڪيڏانهن پيي ڀڄو ڪاهي- تون ڪون ٿو ڪيڏانهن ڪاهين.
٣- هن ٻڌ سان تنهنجو ڇاهي- ٻڌ ڀولن مان ٺهي آهي،
پل ڪهڙا رنگ رچائي- تون ڪونہ ٿو رنگ رچائين.
٤- تون پراڻن کي ٿو چاڙهين- ۽ اندرين کار سڃاڻين،
ڪهہ ٽيئون پاڻ پڇاڻين- ڇونہ سوهم صاف سڏائين.

ويدانت، ست ڪرم ۽ ڌرم جو اُپديش ڪري، ساري سنگت

ارٿ: ڇوٿ لڳو ته مون دل ۾ خيال ڪيو هو ته پوئين کي ڀوڳي پورو ڪندس، پر پوئين مونکي ڀوڳي ڇڏيو. سو چيم ته تپ ڪري، اندرين کي جيتي، وس ۾ ڪندس، پر اندريون مونکي جيتي ويون. وري چيم ته ڪال کي کپائي پورو ڪندس، پر وقت مونکي کپائي پورو ڪري ڇڏيو. خيال ڪيم ته شرير پڊو ٿيندو ته ترشنا به پڊي ٿي ڇڏي ويندي. پر شرير پڊو ٿي ويو، ته به ترشنا روپي ڪيڙو بلوان ٿيندو پيو وڃي. سو هي بابا، هيءَ ترشنا روپي ڪيڙو، ڪو وير ويراڳي ستگرن کان آتم گيان روپي خنجر وٺي، جاچي، جاچي، ويچار سان هن جا سر ڪاٽيندو، ته مرندو، پر جي ڪن، پير ۽ پڇ ڪاٽيندس ته ڪونه مرندو، پر پاڻ لڙائي ڪري، نقصان پهچائيندو. تنهن تي گرمکداس ڇوٽ لڳو ته اهيءَ ترشنا روپي ڪيڙي جا ڪن، پير ۽ پڇ ڪهڙا آهن؟

ستگرو مهاراج جن چيو: ڪوڙ روپي ڪن، پاپ روپي پير، چل ڪپٽ روپي پر ۽ هرش روپي پڇ آٿس. لوڀ روپي سر آٿس. سو سر، تنهن گيان روپي تلوار ڪٽي هڪ ئي ڌڪ سان ڪاٽي، سنسار ۾ نرڀئه ٿي جيون مڪتيءَ جو سک ماڻجي.

ايتري رهاڻ ڪري، سڀئي سڀ لٿي جاءِ تي موٽي آيا. رات جي ستسنگ ۾ ويدانت تي اپديش ڪيائون. چيائون ته جنهن کي ڀڳوان جي درشن جي اڇا هجي، سو پهريائين پنهنجي پاڻ جو درشن ڪري.

ڇند- الف آپڻي آپ ڪو-

سمجهه ڀائي- ڪيا وسٽ هئه تيڏڙا روپ پياري،

باجهون آپڻي آپ دي، سهي ڪيتي-

درشٽانت: هڪ راجا پنهنجي وزير کي گهرائي چيو ته اسان کي هڪ سندر محلات ٺهرائڻو آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين جي چترڪاري رکائڻي آهي. دنيا ڀر جي ڪاريگرن مان چونڊ ڪري، سڀني ۾ سٺي ڪاريگر کي ڪم ٺيڪي تي ڏيڻي چڏيو. وزير، وڏن انجنيرن کي گهرائي چيو ته هڪ راجائي محلات ٺهرائڻو آهي، جنهن ۾ سرڳ لوڪ، اندر جو نندن بن، ڪيلاش پربت جو نظارو ۽ اندرا ڪنڊ جي سينري جي سندر چترڪاري رکائڻي آهي. سو توهان اهڙو هڪ سندر نقشو جلدي تيار ڪريو. انجنيرن گڏجي هڪ مهيني جي اندر، تمام سٺو نقشو تيار ڪري، راجا کي ڏيکاريو. راجا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انجنيرن کي وڏو انعام ڏنائين. تنهن کانپوءِ وزيرن ڪاريگرن لاءِ اخبارن ۾ اشتهار وجهايو. هڪ مهيني ۾ ساري ديش جا ڪاريگر اچي ڪٺا ٿيا.

راجا اميرن، وزيرن، انجنيرن ۽ ڪاريگرن جي سڀا لڳائي، نقشو ڪاريگرن کي ڏنو. انجنيرن امتحان وٺي، صرف ٻه ڪاريگر پاس ڪيا ۽ راجا کي ٻڌايو. راجا حڪم ڪيو ته وچ ۾ پڙدو هڻي، ٻنهي کي اڌو اڌ ڪري ڪم ڏيو. وزيرن ٻنهي ڪاريگرن کان لکپڙهه ڪرائي. چيو ويو ته سمورو مال راجا ڏيندو. اوهان کي ٻه من گهري محنت ملندي. هڪ انجنير توهان جي مٿان بيهاريو ويندو. ٻيو شرط آهي ته توهان ٻئي هڪ ٻئي جو ڪم نه ڏسندا. وچ ۾ پڙدو لڳايو ويندو. صرف انجنير کي ٻني ڏسڻ جو اڌڪار رهندو هو توهان جو ڪم ڏسندو. ٻارهن مهنن جي اندر سڀو ڪم پورو ڪري ڏيندا. محل جي تيار ٿيڻ کان پوءِ، راجا ۽ سڀئي وزير گڏجي، پڙدو هٽائيندا. جنهن جا چتر سٺا هوندا، تنهن کي محنت ۽ راجائي انعام ملندو. اها

کي چيائون ته جيڪي چار وچن توهان کي ٻڌايا اٿئون، انهن جو ويچار ڪندا رهجو. سدائين چت، نام، پريم، پرأپڪار ۾ لڳائيندا رهجو. اسان سياڻي شاهه جي پٽ وينداسون. ايترو چئي، پلنگ پائي، ستسنگ سماپت ڪري، جاءِ تي آيا. اُتي ڀائي ٽهلرام، ڀائي هاسارام، ڀائي ٻالورام ۽ ٻيا ٻرهمي، گرمنتر وٺي شش ٿيا. ستگرو مهاراج جن سيٺي کان موڪلائي شاهه جي پٽ پهتا. ڪرشنداس ۽ ٻيا ٻرهمي، گرمنتر وٺي شش ٿيا تنهن کانپوءِ ڏهه ٻارهن ڏينهن رهي سيٺي ٻرهمڻ جو ٻرهم ڀورو ڪري، ڪنڌوءِ پنهنجي استان تي اچي براجمان ٿيا. رات جو ستسنگ شروع ٿيو. سوامي جن جي اچڻ جو ٻڌي، ڏاڍي سنگت آئي هئي. جگياسئن جي پد تي اُپديش ڪليو. چيائون ته جگياسوءَ کي نرمان ۽ نشڪام ٿي شڀ ڪرم ۽ ستگرن جي ڏنل نام جو ابياس ۽ انتهه ڪرڻ کي شڌ ڪرڻ گهرجي، ڇو جو انتهه ڪرڻ جي شڌ ڪرڻ کانسواءِ آتما جو درشن نه ٿيندو ۽ نڪي آتما جو گيان ٿيندو.

اَنتهه ڪرڻ ملين جسڪا،
تس ڪو گيان نه راڳت هئه،
رشي مني اج دي اُپديشا،
ڪهي نه وهه جن جاڳت هئه.
چند - جئسي صفيد وسترا وپر - رنگ شگهر چڙهه جاتا هئه،
تئسي انتهه اُوجل والا - پربهو جلد پاتا هئه.

مطلب: جنهن جو انتش ڪرڻ ميرو آهي، تنهن کي ستگرو خواهه سنتن جو اُپديش پرويش نه ڪندو. اُوجل انتهه ڪرڻ ۾ ئي ساکيات آتما جو درشن ٿيندو. تنهنڪري جگياسوءَ کي گهرجي پنهنجي انتهه ڪرڻ اُوجل ڪرڻ لاءِ لڳاتار ساڌن ڪرڻ گهرجن. جئن ته:

ٿيا. راجا وزيرن ۽ عملدارن کي حڪم ڪيو ته يڪدم پڙدو هٽايو وڃي. پڙدو هٽايو ويو. پڙدي کڄڻ سان جيڪي چتر ٻئي پاسي ڪاريگر ڪيا هئا سي هن پاسي واري آئني شيشي جي ڪري وڌيڪ سندر ۽ چمڪندڙ ڏسڻ ۾ آيا. ڪنهن ڪونه سمجهيو ته هن پاسي چترڪاري نقل ڪا هئي. هُن پاسي کان هي پاسو وڌيڪ سوڀيڪ ۽ سندر ڏسڻ ۾ آيو، پاڪاڻ جو سڀ کان پرتيبُ وڌيڪ سندر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جيڪو انجنير ڪاريگرن جي مٿان هو، تنهن چيو ته هي راجن، هن ڪاريگر ته هڪ به چتر ڪونه ڪيو آهي. سڀ چتر هن ٻئي ڪاريگر جا ڪيل آهن. راجا چيو ته هن ڪاريگر ڪٽي هڪ به چتر نه ڪيو آهي پر هن پنهنجي ٻُڌيءَ جي ڪاريگريءَ سان اهڙيءَ طرح چتر ديوار تي چٽيا آهن جو هنن چترن کان به وڌيڪ سهڻا ۽ چمڪندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تنهنڪري هيءُ ئي ڪاريگر انعام جي لائق آهي. هن ڪاريگر کي به شاباس هجي. جيڪا محنت گهري سا ڏجوس.

وزير پالش واري ڪاريگر کي محنت ۽ انعام ڏئي خوش ڪيو ۽ ٻئي ڪاريگر کي فقط محنت ڏئي روانو ڪيو.

سڌانت: جگياسوءَ کي پنهنجو هردي روپي محلات تمام سندر بڻائڻو آهي. تنهن لاءِ انتهڪرڻ کي ڪرم ۽ اُپاسنا سان اوجل ڪري جتن جو لڳن آئني شيشي وانگر بڻائيندو ته سيل سنتوش، ديا ڌرم ۽ نمرتا آد، ديوي سمپدا جا گڻ روپي چتر پاڻهي اچي انتهڪرڻ ۾ چمڪندا. اُتي پوءِ آتمارام رُوپي راجا اچي ويهندو ۽ جگياسوءَ کي ساکيات درشن ڏيندو. تنهنڪري جگياسوءَ کي جيڪا محنت ڪرڻي آهي سا فقط انتهڪرڻ جي شُڌيءَ لاءِ ئي ڪرڻي آهي. ستنام ساکيءَ جي ڌليءَ ڪالپوءِ ستسنگ سماپت ٿيو.

ٻالهه منظور ڪري ڪاريگر وڃي ڪم کي لڳا.

اٺن مهينن ۾، هڪ ڪاريگر پنهنجي پاسي، اننت پرڪارن جا رنگ ڏيئي، مصالحن سان پالش ڪري، تمام سندر چترڪاري ڪئي. ٻئي ڪاريگر ولائت مان مصالح گهرائي صرف ديوار تي پالش ڪئي. اهڙيءَ طرح ٻئي ڪاريگر ڪم ڪندا رهيا. ٻارهن مهينن جي مدي ۾ باقي هڪ مهينو رهيو ته هڪ ڏينهن انجنير پالش واري ڪاريگر کي چيو ته مدو ته اچي پورو ٿيڻ تي آهي، تو اڃا هڪ به چتر ڪونه ڪيو آهي. پر هن ڪاريگر اهڙا ته سندر چتر ڪيا آهن جو نهارڻ سان دل خوش ٿي ٿئي. هن جي ڀيٽ ۾ تو ته ڪجهه به نه ڪيو آهي. راجا ناراض ٿي توتي ڏنڊ وجهندو، ڇو جو راجا جو چترڪاريءَ سان پريم آهي. ڪاريگر چيو انجنير صاحب مان هن ڪاريگر کان به وڌيڪ سٺا چتر ڪيندس. اوهان ڪوئي خيال نه ڪريو. انجنير ڪاوڙجي چيو، پر مون توکي تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ چيو آهي. وڌيڪ تنهنجي مرضي. ڪاريگر چوڻ لڳو ته ناراض ڇو ٿا ٿيو. هڪڙو مصالحو ٿوري وقت ۾ لڳائي، چتر ڪيندس. اُن ڪاڻ، چترڪاري سندر ڏسڻ ۾ ايندي. انجنير چيس ته تون ڪيترا به ڪٽي مصالح لڳائين، ته به توکي مزوري نه ملندي. ايترو چئي، انجنير هليو ويو. ڪاريگر آلشي شيشي جو مصالح ڀت تي لڳائڻ شروع ڪيو. اُن کي اهڙو ته پالش ڪيائين جو ٻهليءَ وانگر چمڪڻ لڳو. اهڙو جو اک کٽي اُن ڏانهن نهاري به نه سگهجي. مدو پورو ٿيو. راجا وزيرن کي چيو ته سڀاڻي عام سڀا ڪوٺايو، جو محلات ڏسندا سون. وزيرن سڀني انجنيرن کي ڪوٺ ڏني. ٻئي ڏينهن صبح جو راجا وزير، عملدار، انجنير ۽ شهر جا ڪيترا ماڻهو اچي محلات ۾ ڪٺا

ڪروکيتر جي رڻ ڀُومِيءَ ۾ ٻاڻن جي سيڄا تي سمهيو پيو هو، تنهن وقت سري ڪرشن ڀڳوان، دروپدي ۽ پانڊون سميت ڀيشم پتامه وٽ اچي نمسڪار ڪري بيٺو. ڀيشم پتامه ڪرشن ڀڳوان کي ڏسي پريم سان اکين ۾ جل آڻي، هٿ جوڙي نمڻي پرنام ڪري چوڻ لڳو ته هي پريو، اڄ توهان پنهنجي اپار ڪرپا ڪري مونکي پڇاڙي جو اچي درشن ڏنو آهي. ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ڀيشم پتامه، اوهان جي پريم ڪري آيا آهيون. هنن پانڊون کي ست ڌرم نيتيءَ جو اُپديش ڪريو ته ڌرم جو راڄ ڪري ساري پرجا کي سک ڏين، جئن هنن جي راڄ ۾ ڪير به دک نه پائي.

چوپائي: جاس راج پريه پرجا دکاري،

سو نرپ اوس نرک اڌڪاري.

ارٿ: جنهن راجا جي راڄ ۾ ساڌو، برهمڻ ۽ پرجا دکي ٿئي ٿي، سو راجا اميرن، وزيرن ۽ ڪٽنب سميت نرڪ ۾ وڃي ٿو. تنهن ڪري پانڊون کي ست ڌرم نيتيءَ جو اُپديش ڪريو.

ڀڳوان جا وچن ٻڌي ڀيشم پتامه هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي انترجامي اوهين جاڻي جاڻڻ هار آهيو. پانڊون کي اُپديش ڪرڻ لاءِ به هر پرڪار سمرٿ آهيو. تنهن هوندي به توهانجي وچن جو ستڪار ڪري ٻه چار وچن ٻڌايان ٿو.

ايترو چئي ڀيشم پتامه چيو ته راجا جو پهريون ڌرم آهي ته ساڌو، برهمڻ پرجا ۽ گئو ماتا جي تن، من، ڌن ۽ واڻيءَ سان هر پرڪار رکيا ڪري. ٻيو غريب ۽ شاهوڪار جو پورو پورو نياءُ ڪري. پاپي، ڪڪرمي کي ڏنڊ ڏئي. ٽيون پاڻ به ست ڪرم ڪري ۽ پرجا کان به ست ڪرم ڪرائي. پاڻ به ڌرماتما بڻجي ۽ پرجا کي به ڌرماتما ۽ ستيوادي بڻائي.

صبوح جو ڀڳت منگهررام موڪلاڻي پنهنجي ڳوٺ ملوسي ويو. ستگرو مهاراج جن ڪنبوء ۾ ڪجهه وقت رهيا. روزانو نيم سان ستسنگ ڪندا رهيا. ڀڳتي ۽ ويراڳ ۾ سندن چت وڌندو رهيو. هڪ ڏينهن صبح جو مکي پريتمل، ڀائي آسورام بابو ريجهورام، ڀڳت بصررام، ڀائي چيلداس، ڀائي ڀالورام ۽ ٻيا ڪيترا شهر جا پريمي پرساد کڻي ستگرو مهاراج جن وٽ آيا. پيري پئي وينتي ڪيائون ته سائين هولي اچي ٿي. هميشه جيان پنچائت جو عرض آهي ته هولي ڪنبوء ۾ ئي ملهائيندا. ڀڳت قرائي سنگهه کي به چيو اٿئون ته جيسين جيئرو آهين، تيسين هولي ڪنبوء ۾ اچي ڪج. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته وچن ڪونه ٿا ڏيون، ڇو جو اسان هينئر سيلاني آهيون. ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. باقي جي ڪنبوء ۾ هونداسون ته هولي توهان وٽ ڪنداسون. پر هڪڙي ڳالهه اٿو ته اهي هوليء جا پنج ڏينهن پنچائتي هوڪو ڏياري، شراب ۽ ماس وڪري بند ڪندا. مکيء چيو ته سائين منظور آهي. اوهين به انهيء بابت ستسنگ ۾ ڪج چئجو.

هوليء جي موقع تي پٽ شاهه مان سروآنند، ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس آيا ۽ هوليء جو ميلو شروع ٿيو. ڏينهن جو پنج ڇهه ڪنبوء جا ڀڳت ستسنگ ڪندا هئا. رات جو ستگرو مهاراج جن پنهنجي منڊليء سان ستسنگ ڪندا هئا. هوليء ڏينهن ستگرو مهاراج جن رات ڏينهن ست ڪرم جي وشيه تي اُپديش ڪيو. چيائون ته سڀني منشن کي شڌ آهار ۽ شڌ وهنوار ڪرڻ گهرجي، ڇو جو اشڌ آهار سان ٻڌي ملين ٿي وڃي ٿي. جهڙو اَن تهڙو من. اِني هڪ درشٽانت ڏنائون.

درشٽانت: هڪ سمي ڀيشم پتامه ٻاڻن سان گهايل ٿي

۽ مڇي ماس جو اُشد آهار نه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو پاپ ڪرم جو ڦل اَننت جنمن تائين ڀوڳڻو پوي ٿو. پر شڀ موقع تي جو منش پاپ ڪري ٿو، سو اِئين ٿو وڌي، جئين ڌروپدا جا سيءِ ۾ چير وڌيا. تنهن ڪانسواءِ دسهڙي، ڏياريءَ، ڪارتڪ شراڌ، شوراتريءَ، هوليءَ ستڻين، جنم اشٽمي، گيارس، پورنماسي اُماوس، چنڊ ۽ سج ديوتائن جي شڀ ڏينهن تي پڻجي به پاپ نه ڪرڻ گهرجي. هن وقت هوليءَ جي شڀ موقعي تي به پنج ڏهاڙا ڪوئي به ماس مڇي نه کائي. پنچات به هوڪو گهمايو آهي. اسان به توهان کي هيٺئين چئون ٿا. تنهن تي ساري سنگت همت مٿي ڪٽي چوڻ لڳي ته هي پريو اسان شراب، مڇي ماس نه ورتائيندا سون. انهيءَ وشٽ تي ستگرو مهاراج جن ڪيترا پنهنجا ناهيل ڀڄن اُلي وئراڳ وريءَ سان ڳايا. ١٢ بجه رات جو ستسنگ سماپت ٿيو. تنهن کانپوءِ ڀوڄن کائي، ڪلاڪ کن ڀڳت ڦرائي سنگهه، جو ستسنگ ۾ ڌي سوامي جن وٽي پنهنجي جاءِ تي آرامي ٿيا.

اهڙيءَ طرح هوليءَ جا ٥ ڏينهن سنالن ڌرم ۽ ست ڪرم جو اُپديش ڏيئي هوليءَ جي آخرين ڏينهن تي صبح جو ٤ بجه پلڪ ڀائي ميلو سماپت ڪيائون. تنهن کانپوءِ پنڇڻ پرساد ۽ پيتا ڪٽي اچي ستگرو مهاراج جن اڳيان رکي. ستگرو مهاراج جن، آنند ۽ ڀائي پرمانند کي چيو ته پئسا ۽ ڪپڙو وغيره غريبن، اناٿن ۽ ودوائن ۾ وراهي ڇڏيو. پوءِ سڀئي سنت ستگرو مهاراج جن سان گڏجي باغيچا گهمڻ ويا. گهمندي گهمندي هڪ سندر باغيچي ۾ وڃي ويٺا جتي سدا گلاب، چمبيلي، رابيل ۽ موتيئي جا گل ڪڙيل هئا. ڀنورا اوم جي شبد جي مڌر گنجار ڪري رهيا هئا. بسنت رت ڪري ڦلواڙيءَ مان سڳنڌ جي ڀبڪار اچي رهي هئي. ڏکڻ جي

چوٿون جتي ٻه اوتار، رشين منين ۽ مهاتمائن جي سڀا ۾ اڌرم ۽
ڪنيتي ٿيندي هجي اُتي راجا ۽ ست پرشن جو ڌرم آهي ته
پنهنجي وويڪ ۽ شريرڪ ٻل سان اُنهيءَ اڌرم ۽ ڪنيتي کي
هٽائين. پر جي لاچار اسمرٿ هجن ته انهيءَ سڀا مان ڪين اُٿي
وڃڻ گهرجي نه ته پاپ جا ڀاڱي ٿيندا. پرجا جي رهڻي ڪهڻيءَ
جو دارو مدار، راجا ۽ ست پرشن تي ٿيندو آهي. جي اُهي
ڌرماتما آهن ته سارو ديش ڌرماتما ٿي ويندو. پر جي راجا
پاپي آهي ته ساري پرجا ڪڪرم ڪرڻ لڳندي. جي راجا
ستيوادي ۽ گياڻوان هجي ته ساري پرجا ستوگڻ گيان کي
ڌاري مڪت ٿي ويندي. وڌيڪ راجا يڌشٽر پاڻ ڌرم پتر
آهي، جنهنکي ساري ڌرم جي ڄاڻ آهي. ايترو چئي ڀيشم
پتامهه بس ڪئي ته دروپدي اُٿي هٿ جوڙي نيترن ۾ آنسون
آڻي چوڻ لڳي ته هي پتامهه مونکي دل ۾ هڪ شنڪا پيدا
ٿي آهي. ڪرپا ڪري دور ڪريو. توهانجو چوڻ ته جنهن
سڀا ۾ اَڌرم ڪنيتي ٿيندي هجي اُتي وويڪي ست پرش
جو ڌرم آهي ته پنهنجي سر جي سٽ ڏئي به اَڌرم ۽
ڪنيتيءَ کي هٽائي. جي اَسمرٿ هجي ته اُٿي هليو وڃي.
سو هي ٻڌايو جنهن سمي دريوڌن جي سڀا ۾ مون اَٻلا کي ننگ
ٿي ڪيو ويو تنهن وقت توهان سڀئي ويٺا هئا. توهان ٻڌايو
ته اُهو ڌرم هو يا اَڌرم. نيتي هئي يا ڪنيتي؟ ڀيشم پتامهه
اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته پتري، اُهو اَڌرم ۽ اُنيتي هئي؛
پر مون دشٽ دريوڌن جو اَن کاڌو هو، جنهنڪري منهنجو
من مليڻ ٿي ويو هو ۽ ڪجهه ڪڇي ڪين سگهيس ۽ نڪي
اُٿي سگهيس. اُنهيءَ پاپ جو ڦل تون اکين سان ڏسي رهي
آهين ته هينئر مان ڀوڳي رهيو آهيان.

اها وارتا ٻڌائي سوامي جن ساري سنگت کي چيو ته شراب

روُپي ڦل لڳندا آهن. جنهن ڦلواڙي ٽڙندي آهي تنهن جڳياسوءَ جون اندريون شيءِ گهڻن ۾ ٽڙي پونديون آهن. جنهن بسنت رت جو سندر نظارو ڏسي، ڀنورا مٺو سريلو شبد اُچارين ٿا، تنهن جڳياسو وئراڳ جي نظاري ۾ رام نام جا مٺا وچن اُچار ڪري ساري سنسار مان سار روُپي سڳند ڪڍندا آهن. جنهن بسنت رت سيني رشين منين ۽ ديو ديوتائن کي پياري لڳندي آهي، تنهن وئراڳ جي رت سيني جڳياسين، مموکين کي وڻندي آهي. باقي پنج رتيون ڦڪيون لڳنديون آهن. سنت مهاتمائون انهيءَ وئراڳ کي پائي سدائين سکي ٿيندا آهن ۽ سدائين وئراڳ تان ٻلهاري ويندا آهن. پر اُهو وئراڳ ڪنهن وڏ ڀاڳيءَ کي پراپت ٿيندو آهي.

آئي رت بسنت ڪي ڀنورا ڀئي سڄاڳ
ڪهي تيئون ڪس پٽيه تي، جاڳي تن کي ڀاڳ

مطلب: جڏهن بسنت جي رت ايندي آهي تڏهن سڀ ڀنورا اکيون کولي ساوڌان ٿيندا آهن. تنهن ڀنورن روپي جڳياسين جو انت جنمن جي شڀ ڪرمن جي پرتاپ سان ڀاڳ جاڳي ٿو ۽ اُهي وئراڳ روپي بسنت رت ۾ وشين ۽ ڀوڳين کي تياڳي مرلهه روپي ننڊرا مان جاڳي ڀڳوان جو ڀڄن ڪندا. اِنهيءَ وشيه تي اُپديش ڪري ستگرو مهاراج جن ستسنگ سماپت ڪيو.

هوليءَ گذرڻ بعد ڀڳت ڪيدارام ونيه ڪري، ستگرو مهاراج جن ۽ سنتن پريمين کي پاڻ سان گڏ وٺي هالين ويو. يڪتارن ۽ ڏنڊن سان ڀڄن ڪندا ڪيدارام جي جاءِ تي پهتا. جنهن به شهر ۾ ويندا هئا ته بزار مان ڏنڊن يڪتارن تي ڀڄن ڪندا ويندا هئا. پنهنجي به گلن جا هار ۽ پرساد کڻي ستگرو مهاراج جن سان ملڻ آيا. رات جو ستسنگ منڊپ ۾ ستسنگ ڪيائون.

منهي، ٿڌي سيتل هوا لڳي رهي هئي. دل ٻهار ٻهار ٿي ٿئي. ستگرو مهاراج جن ٽيئورن کي ڏسي ڏيري ڏيري دل ۾ ڀڄن ٺاهڻ لڳا. ڀڄن ٺاهيندا گهمندا ڦرندا رات جو ٧ بجي آستان تي آيا. ستسنگ شروع ٿيو. تمام گهڻي خلق آيل هئي. پهرين ٻين سنتن ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪيو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن ستسنگ ڪيو. وشش هئي جگياسن جي پرڪرمي ٻاغيچي ۾ ٺاهيل ڀڄن بسنت جي راڳڻيءَ ۾ ڳايائون.

سر بسنت

رت رت ۾ هئه رنگ صاحب ڪا،
بسنت رت رنگ واري ري.
١- سڌ ڪي لهر پئي، پتر اپار، بن بن ڦولي باغ ڦلار،
ڦول رهي ڦلواڙي ري.
٢- رت بسنت ڪا ديک نظارا، رل مل ڀنوري ڪرت گنجارا،
سگند لي سڪاري ري.
٣- بسنت رت ڪو سب جن گاوت، سر ۾ منهي جن ڪي من ڀاوت،
مجهڪو لاڳت پياري ري.
٤- رت بسنت ڪي هئه بهت رسالي، ڪهي ٽيئون ڀئي سنت سڪال،
بل بل جائون بلهارا ري.

ٽانيرج: ڇهن ئي رتين ۾ پرماتما پنهنجو رس آنند رکيو آهي پر بسنت جي رت تمام وڻندڙ ۽ سکدائي آهي. تهن ئي ڇهه رتيون آهن. شبد، سپرش، روپ، رس، گند ۽ وئراڳ. پنهن وشين روپي رتين ۾ اهڙو نه رس ۽ آنند رکيل آهي جو ساري دنيا انهن تي موهت آهي. پر وئراڳ روپي رت ۾ مها آنند رکيل آهي. ٽيورن روپي جگياسو انهيءَ وئراڳ روپي رت جي سنڀڙي وٽي مها آنند ۾ ٻڏي رهين ٿا. جئن بسنت رت ۾ سڀئي وڻ ٽڻ ڦلن سان ڀرجي ساوا ٿين ٿا، تئين جگياسوءَ ۾ ديوي سمپدا جا گڻ روپي گل ۽ ساٿ ٿن

ٽي ڄل سان، ڇو جو مڇي ڄل کان سواءِ هڪ پل به جيئري
رهي نه سگهندي آهي. جئن پتنگ جوت کي ڏسي جان
قربان ڪندو آهي، جئن ڀنورو گلن جي پريت ۾ سوير اُٿي
گلستان ۾ وڃي، گلن کي ڏسي، سارو سنسار ڀلائي ڇڏيندو
آهي؛ جئن پپيهي ٿي رات ڏينهن، برسات جي بوند جي
پياس ٿيندي آهي، درياهه، نديءَ ۽ سمنڊ جو پاڻي زهر
سمان ڄاڻي، صرف سواتي بوند پاڻي پيئڻ لاءِ تڙپندو آهي.
جئن مور بادلن کي ڏسي، خوش ٿي نچندو آهي؛ جئن نانگ
جوڳيءَ جي مرلي ٻڌي، خوشيءَ کان جهوليندو آهي؛ جئن
چڪوي چڪوئي جي پاڻ ۾ اهڙي پريت ٿيندي آهي، جو
ساري رات هڪ ٻئي کي سڏ ڪندي جاڳي گذاريندا آهن؛
جئن چڪور کي چندرما جي پياس ٿيندي آهي ۽ ڏينهن
جو چهنب سان ڪانئن جو ڀؤ ڪري رات جو اُنهن مٿان
چڙهي ويهندو آهي ۽ چندرما جي اُپرڻ سان چنب ڏي
نهاري، پريم ۾ شرير ڀلجي ويندو آهي؛ ۽ جڏهن چنب لهي
ويندو آهي، تڏهن چندرما جي وڇوڙي ۾ پنهنجي چهنب
زور سان ڪانئن سان گسائي اگني پيدا ڪري، پر پل اُلا
سڪ ۾ کائيندو ويندو آهي، اِنهيءَ لاءِ ته جلد ئي وڃي
چندرما سان ملان ۽ چوندو آهي:

ٻيسي هوڪي پيه ملون- نشي شو ڪي گات،
يُوں ويچار اَگن ڪر- چهت چڪور جو کات.

مطلب: مان جلي خاڪ ٿي، پنهنجي پريتم چندرما سان
ملان، جو شنڪر ڀڳوان جي مستڪ ۾ آهي. مهاديو سدائين
سنلاني آهي ۽ ڀڀوت لڳائيندو آهي. ڪنهن مهل هتان
اچي لڳهي ۽ منهنجي رک کڻي مٺ ڀري، جڏهن پنهنجي
مستڪ کي لائي ته چندرما سان ملي ويندس. چترداس

نيم ۽ ورتنا جي مهما ورنن ڪيائون. ڇيائون ته ڀڳوان، سنت ۽ ڀڳتن سڀ ۾ دل جي پريم لئي پرسن ٿيندا آهن. سچي پريم جي وس ٿي نراڪار پرماتما ساڪار روپ ڌاري پريمين کي درشن ڏيندو آهي.

چوپائي - پربهو وياپڪ سرو ترسمانا،
پريم ٿي هوءِ، مرگهٽ مٿن جانا.

ارٿ: پرپورڻ پرماتما پتي پتي ۾، ڏالي ڏالي ۾، قول قول ۾، مطلب ته هر جڳهه سمايل آهي ۽ پريم جي ڪري پرگهٽ ٿي درشن ڏئي ٿو.

اس پريم سي نراڪار پيي، ديندا آن دکالي جي
پريم پربهو کو کينچ لي آوي، ديندا جدي اُچالي جي
مڇي پريت پاڻي سي ڪئسي، جندا ڪيسي نڪالي جي
روپ شمع ڪا ديک پتنگا، جان اپني جالي جي
ڦولون نال محبت پونگري، ڦرندا ڏالي ڏالي جي
ديک پريت پپيهي والي، ڏاڍي عجب نرالي جي
ساگر نديان ڇوڙکي چاهي، بوند سنوائي والي جي
مور پايل پايا ٽکي، چڙي گهٽا جد ڪالي جي
شبد ٻين ڪا سن ڪي جڏهين، گهرچڏ آوي ديالي جي
چڪوا چڪوي پريت ڪارڻ، اُڏهين رات اُتالي جي
پيا چڪور اُڏي ڪا ڪرندا، چڙهين رات دا والي جي
چترو درس ذک هئه تس مانش،
جس ني پريت نه پالي جي.

مطلب: سچي پريم جي ڪري نراڪار ڀڳوان ساڪار روپ ڌاري اچي ٿو. پر اهو پريم اهڙو هجي، جهڙو سڀني

هٿن سان عريبن، اناٿن ۽ ودوائن کي وڙهائي ڏيو ۽ داس کي ڪرپا ڪري، نام جو دان ڏيو ته سدائين توهان جي چرن ڪملن جي شيوا ڪري، پنهنجو جنم سڦلو ڪريان، تنهن تي ستگرو مهاراج جن ڪيس ڇيو ته بابا، ڀڳتي ڪرڻ تمام ڪٺن آهي.

ڀڳت ڏهيلي گرو ڪي - جيون کانڊي ڪي ڌار،
ڊگ مگ تو گر پڙهي - نسچل اُتري پار.

ڀڳوان جي ڀڳتي ڪرڻ معنيٰ تلوار جي تيز ڌار مٿان هلڻ. جي شرڌا، پريم ۽ پورڻ وشواس رکندو، ته ڀڳوان سان وڃي ملندو؛ نه ته ڪري پنهنجي جهانن کان ويندو. تنهن ڪري حال نيڙ پيا هجن. باقي توهان کي نام جو اُپديش ڏيون ٿا. پلي اسان سان گڏ هلو. ستگرن جي آگيا پائي، ڀائي ڪيارام پرساد ڪٺي، ستگرو مهاراج جن کان گرمنتر وٺي شش ٿيو.

ٻئي ڏينهن ڀائي نيڪورام، ستگرو مهاراج جن جو مامو، ستگرو مهاراج جن ۽ ساري منڊليءَ کي پنهنجي ورن وٺي ويو. اُتي اٽڪل ڏهاڪو ڏينهن رهيا. ست ڌرم جو اُپديش ڪري، ڪيترن گهرن کان مڇي ماس، شراب ڇڏائي کين ست ڪرم ۽ ايشور ڀڳتي ۾ لڳايو، پوءِ ڀائي نيڪورام ۽ سندس سارو پريوار گرمنتر وٺي شش ٿيا. تنهن کانپوءِ ڀائي راڇورام کين پنهنجي جي ڳوٺ وٺي ويو. اُتي ستسنگ ۾ موج ۾ اچي چوڻ لڳا ته جنهن هيءَ منش چولو پائي، ڀڳوان جو درشن نه ڪيو آهي، تنهن ايترو ڏوهه ڪيو آهي، جيترو خولي خون ڪرڻ سان. يعني اهو ڦاسيءَ جي لائق آهي. اُتي هڪ درشٽانت ڏنائون ته هڪ ڪروڙپتي سيٺ کي هڪ ئي پٽ هو، جنهن سان هنجو گهڻو پيار هو. هڪ ڏينهن وچار ڪيائين ته ڪجهه ڌن پٽ لاءِ لڪائي رکان ته جئن اوکيءَ ويل ڪم اچيس. اهو وچار ڪري، هڪ هيرو لکن روپين ۾ خريد ڪري آيو. هيرو سون جي ڊٻليءَ

ڇوي ٿو ته اُنهن منش ڪي وار وار ڏڪار آهي، جنڪي پرماتما جي ملڻ جو پريم ڪونهي. ڀڳوان جي پريم ڪانسواءِ هيءُ جيو سڃو آهي.

جئن ندي سڃي نير بنا - ءِ گئو سڃي ڪير بنا،
اِستري سڃي چريتر بنا - ڪمان سڃي تير بنا،
راجا سڃو وزير بنا - لشڪر سڃو وير بنا.
شهر سڃو فقير بنا - ساڌو سڃو ڌير بنا،
قبعو سڃو پير بنا - ءِ ٻيرو سڃو ڪير بنا،
شرير سڃو ٿمير بنا - تئن هردو سڃو رگهوير بنا.

ڀڄن ڀيروي

ٽل - ميري دل ديواني، درشن ڪر پياسي،
بنا ديڪ ديپڪ، پتنگ جيون اُداسي.
١- جيون وام ڪامي، ڇهت دام دامي،
اُنل گگن گامي، مڇي نير واسي.
٢- سنسار پتر ڪر، ڪري آش در در،
پنور قوُل اوُپر، گئو ٻچڙي چاسي.
٣- جيون ڪنت ناري، ششتر سوُر ڌاري،
دوا دوک پياري، چندن اهه نواسي.
٤- چڪوي پيوُ پاوي، سپي سوانتي ڌاوي،
متا هنس کاوي، جوڳي جن اپياسي.
٥- جيون ڌهن ڪو مورا، پريم چند چڪورا،
ٽيئن ڌهر ڪي لورا، ٽيئون گهر ۾ آسي.

ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيائون. سنگت ڀاؤ پرساد وٺي گهر ويئي.

چنڊ جي ڏينهن، صبح جو ٻائي ڪيارام ستگرو مهاراج جن کي ڇوڪ لڳو ته هن داس جي گهر جا سڀ ٽبر ٽاڙي ٻنهنجي

دبلي ڪڍي کولي ڏسي ته برابر هيرو پيو آهي. سو هيرو ڪڍي اچي مالا کي ڏيکاري ساري حقيقت ٻڌايائين. چيائين ته پنهنجي شهر ۾ اهڙو ڪو شاهوڪار ڪونهي، جو هيءُ لک روپين جو هيرو مٽي ڏي. تنهن ڪري مالا ڇا ڪرڻ گهرجي؟

مالا خوش ٿي چوڻ لڳس ته پٽ، هتان ويهن - پنجويهن ميلن تي هڪ رياست جو راجا اٿئي، جو تنهنجي پتا جو ڏهرو متر اٿئي. هن وٽ اهو هيرو کڻي وڃ ۽ مٽائي پئسا وٺي اچ. ڇوڪرو هيرو کڻي روانو ٿيو. شهر ۾ اچي، پڇائي راجا جي محلات ۾ آيو. ڏسي ته راج سڀا لڳي پئي آهي. هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. ڪلاڪ کن ڪانپوءِ سڀا سماپت ٿي. راجا وزير کي چيو ته اهو غريب ڪير ويٺو آهي؟ ڇوڪرو پرڻام ڪري چوڻ لڳو ته، هي راجن، پتا جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ، مايا به موڪلائي وئي. هي هڪ لک روپين جو هيرو پتا جو وڪيل موڪلي هٿ آيو آهي، سو مٽائڻ لاءِ توهان وٽ کڻي آيو آهيان. ايترو چئي، هيرو ڪڍي، راجا کي هٿ ۾ ڏنائين. راجا وزير کي چيو ته پنهنجي شهر ۾ جيڪو وڏو صراف آهي، تنهن کي وٺي اچ ته هيري جو ملهه ڪٿائي هن ڇوڪر کي پئسا ڏيون. وزير وڃي صرف کي چيو ته توهان ۾ راجا جو بلڪل ضروري ڪم آهي. سو جلدي هلو. صراف چيس ته مون وٽ ڪي ٻري کان مهمان آيل آهن، انهن جي بندوبست ۾ لڳل آهيان. موڪلي ٻڌايو ته ڪهڙو ضروري ڪم آهي. وزير چيس ته هڪ سيٺ جو پٽ هڪ هيرو کڻي آيو آهي، جنهن جو ملهه توهان کان ڪٿائڻو آهي. صراف چيو ته وزير صاحب هيرو توهان به ڏٺو هوندو. سو انهيءَ جا سڀ نشان ۽ بيهڪ موڪلي ٻڌايو. وزير ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌايو. صراف چيو وزير صاحب، اهو هيرو نوي هزار

۾ وڃي، ڍٻلي چانديءَ جي گهاگهر ۾ وڌائين. پنهنجي مڪان جي اوڀر ڪنڊ ۾ اڍائي فوٽ زمين کوٽي، اُن ۾ گهاگهر پوري ڇڏيائين. پٽ کي ڪين ٻڌايائين، پر هڪ بنديءَ ۾ لکي ڇڏيائين ته پٽ توکي جڏهن ڌن جي ضرورت پوي، تڏهن مڪان جي اوڀر واري ڪنڊ ۾ اڍائي فوٽ زمين کوٽڻ سان هڪ چانديءَ جي گهاگهر هٿ ايندي. انهيءَ ۾ سوني ڍٻلي پيئي آهي جنهن ۾ هڪ لک روپين وارو هڪ هيرو پيو آهي. هيرو مٿائي پنهنجي ڪرت ڪار ۽ وهنوار ڪجانءِ. ويهن - پنجويهن سالن کانپوءِ سيٺ ديولوڪ پڌاريو. مايا ته پٽني وڃڻ لڳي. چئن - پنجن سالن ۾ سڀ مايا موڪلائي وئي. سيٺ جو پٽ جيڪو ڌنڌو وهنوار ڪري، تنهن مان گهاٽو ئي گهاٽو پويس. روپيه ڏهه - ويهه هزار قرض به چڙهي ويس. آخر اهڙو اچي حال ٿيس جو مزوري ڪري، ته به ڏينهن کائي ته رات ڪونه کائي. لهڻيدارن به ڏاڍو تنگ ڪيس. ڏاڍو اچي دکي ٿيو. هڪ ڏينهن ويچار ڪيائين ته منهنجو پتا ڪروڙپتي هو؛ سو بنديون کولي ڏسان ته متان ڪنهن ڏي رقم رهيل هجي ته اُها وٺي اچان. سو بنديون کولي پڙهڻ لڳو. ٽن ڏينهن کانپوءِ، اُها وڏي بندي کولي پڙهڻ لڳو، ڏٺائين ته هڪڙي بندي ۾ لکيو پيو آهي ته، هي پتر، توکي ڌن جي ضرورت پوي ته پنهنجي مڪان جي اوڀر واري ڪنڊ ۾ اڍائي فوٽ زمين کوٽڻ سان چانديءَ جي گهاگهر نڪرندي. گهاگهر ۾ هڪ سونيءَ ڍٻليءَ ۾ هڪ لک روپين جو هڪ هيرو پيل آهي. اُهو کڻي، پنهنجو وهنوار ڪج. اهو پڙهڻ سان، جيئن مرڻدي ۾ اچي پران پون، يا جيئن ڪنهنجو پيارو پٽ ڊگهن سالن کانپوءِ اچي ملي ۽ هو خوش ٿئي، تهڙيءَ طرح هن کي به خوشي ٿي. مڪان جي ڪنڊ کوٽي، چانديءَ جي گهاگهر مان سون جي

ٽورو پاٽي ڇڏي ويو آهي. تنهن ڪري، ڏهه هزار روپيه مون گهٽ ڪٽيا آهن. ايترو ٻڌي، راجا ڏاڍو خوش ٿيو. گلن جو هار صراف کي پائي چوڻ لڳو ته، هي صراف، تنهنجي ٻڌي ڌن، ڌن آهي، جو پرک ڪئي اٿيئي. مان توتي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. توکي انعام ڏيڻ چاهيان ٿو. جيڪي گهرين، سو توکي ڏيان. صراف چيو مونکي ٻيو ڪجهه ڪونه گهرجي. صرف توهان جي آسيس ۽ دَيا گهرجي. راجا وري به چيس ته صراف، ڪجهه گهر. صراف وري به نانڪار ڪئي. تنهن تي راجا وزير کي چيو ته توُن ٻڌاءِ ته هنکي ڪهڙو انعام ڏيون. منتري ستسنگي ۽ گياني هو. تنهن چيو ته هي راجن، مان چوان ۽ توهان نه ڏيو ته. توهان مالڪ هيو. جيڪي وڻيو سو ڏيوس.

تنهن تي راجا چيو ته هي منتري، منهنجو وچن آهي، جي توهان ڪٿي چئو ته هنکي سڄو راج ڏي، ته مان راج ڏيڻ لاءِ به تيار آهيان. باقي توهان سنڪوچ ڇو ٿا ڪريو. جيڪي چئو، سو ڏيوانس. وزير چيو ته چڱو، هن صراف کي جلد اُي ڦاسي ڏيو. راجا ٻڌي، وزير کي چيو ته اڄ تو ڀنگ يا شراب ته ڪونه پيتو آهي؟ مغز ته جاءِ اٿيئي؟ هيءُ ڇا ٿيو چوين؟ صراف ته انعام جي لائق آهي! تنهن کي ڦاسي ڇو ڏيون؟ وزير چيو ته صراف سچ پچ ڦاسيءَ جي لائق آهي. پرماتما اهڙي تيز ٻڌي ڏني اٿس، سا پٿرن جي پرک واسطي ڪانه ڏني اٿس. پر پنهنجي آتمڪ هيري جي سڃاڻڻ لاءِ ڏني اٿس. پر صراف اڃا تائين پنهنجي آتم روُپي هيري جي پرک ڪانه ڪئي آهي. انهيءَ ڪري هو ڦاسيءَ جي لائق آهي. راجا چپ ٿي ويو. صراف کي اچي وراڳ لڳو ۽ چيائين توهان منهنجا گرو آهيو. مان برابر

روپيہ لهي. پلي وٺوس. انهن پيسن ۾ نه لوهان کي ڪس آهي ۽ نه هنڪي.

وزير اچي راجا سان ڳالهه ڪئي. راجا چيو ته پارٽ کي هيرو هٿ ۾ آهي، لڏهن به خبر نٿي پوي. پر هن صراف هيرو ڏٺو به ڪونهي، سو گهر ويٺي هيري جي پرک ڪري، ڪئن ٿو ملهه ٻڌائي؟ تنهن ڪري لون وڃي پارٽ سان وٺي اچينس. وزير صراف کي وٺي آيو. صراف راجا کي نمسڪار ڪري چوڻ لڳو ته، هي پرٿوي ناٿ، انهيءَ هيري جو ملهه مون لوهان کي ڪٽي موڪليو ته اهو هيرو نوي هزار روپين جو آهي. هڪ پائي به وڌيڪ نه لهي.

تنهن تي راجا صراف کي هيرو ڏئي چيو ته منهنجو مٺو ستيوادي هو. هو لک روپيہ لکي ويو آهي، سو توهان نوي هزار ڪئن ٿا چئو؟ وري جاچي ڏسو. صراف هيرو ڏسي چيو ته نوي هزارن کان وڌيڪ ڪونه لهي. لوهان کي جي هيري جي پرک ڪرڻي هجي ته هڪ چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ ڏهه لعلڙيون گهرايو. راجا يڪدم چانديءَ جي ٿالهي ۽ لعلڙيون گهرائي صراف کي ڏنيون. صراف هيرو چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ رکي، چوڌاري لعلڙيون رکيون، ته انهن جو پاڇو وڃي هيري ۾ پيو. تنهن کانپوءِ راجا کي چيائين ته، حضور، هاڻي چوڌاري ڏسو ته هيري ۾ لعلڙين جو پاڇو هڪ جهڙو آهي يا گهٽ وڌ. راجا ڏسي چيو ته لعلائي ته هڪ جهڙي ٿي ڏسڻ ۾ اچي. صراف چيو ته، هي راجن، وري جاچي ڏسو. راجا وري به جاچي، جاچي ڏسي چوڻ لڳو ته هن هڪ پاسي کان هيري ۾ هڪ لعلڙيءَ جي ڏمڪ ٿوري گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. صراف چيو ته هيرو برابر لک روپين جو هو، پر ۲۵-۳۰ سال زمين ۾ پيو رهيل ٿو ڏسجي، جنهن ڪري

مطلب: نه گھٽي پڙھڻ ۾ سک آھي ۽ نڪي گھٽي ڌن، دولت، اڊمبر ۾. نڪو سک گرھست ۾ ئي آھي. پر جيڪو سنسار کي تياڳي، ورڪت ٿي پھاڙ جي ڪندرا ۾ وھي ٿو، سو به سکي ڪونه آھي. وشيه ڀوڳي، رات ڏينھن ڀوڳيندو رھي ته به سک ڪونه ملندس. تلسي مھراج فرمائين ٿا ته سچو سک وچار ۾ آھي ۽ سو وچار مھاتمائن جي سنگ ڪانسواءِ پراپت نٿو ٿئي.

ديپڪ تيل بنا نه جلي -
اور جلي نه ڪوءِ پتنگ بنا،
جل پان اِشنان ڪھين ڪرلو -
پر پاپ نه اُترس گنگ بنا،
سب جيوسي جيوملي ھنسون -
پر سئان ملي نھين جنگ بنا،
لاکو يتن ڪرو جڳ ۾ -
پر گيان نه ھو ستسنگ بنا.

مطلب: تيل ڪانسواءِ ڏيئو ڪين ٻرندو، جي ٻاريو ته وسامي ويندو. پتنگ ڪانسواءِ ٻيو ڪير به خوشيءَ سان ڪونه جلندو، پتنگ ئي خوشيءَ سان جلندو. ڪيترن ندين نالن تان وڃي اِشنان ڪريو پر پاپ گنگا جي اِشنان ڪانسواءِ ڪين لھندا. پاپن جي دور ڪرڻ واسطي گنگا جو اِشنان ئي آھي. سڀ جيو پاڻ ۾ ئي ڏکيا سکيا ملي ويندا پر ٻه ڪتا پاڻ ۾ ڪونه ملي سگھندا. تيئن ڪيترا به ساڌن، يتن وويڪ لاءِ ڪجن پر سار اَسار جو وچار ستسنگ بنا ڪين ٿيندو. جيئن ست اَست کي جنن جو تيئن نه چالو ويو آھي، تيئين موھ دور نه ٿيندو. اھا وويڪ شڪتي ڏھن ورھين جي اوستا کان وٺي چاليھن

قاسيءَ جي لائق آهيان. ٻه هٿي اُٿيءَ آئم روُپي هيري کي ضرور سڃاڻندس. ڪرپا ڪري، هيري کي سڃاڻڻ جو رستو ٻڌايو. اڄ ڪانپوءِ مون کي اهو ڪم ڪرڻو آهي. تنهن ڪانپوءِ، صراف وڙهه کان گرمنتر وٺي اُتراکنڊ ڏانهن هليو ويو. راجا چوڪري کي لوي هزار روپيه ڏيئي روانو ڪيو.

اِهو دِرشٽانت ٻڌائي، ستگرو مهاراج جن چيو ته پرماتما هن منش چولي ۾ سيني جيون کان وڌيڪ اُتم ٻڌي، آتما روُپي هيري جي پرکڻ لاءِ رکي آهي. سو جنهن پرماتما جو درشن نه ڪيو آهي، سو قاسيءَ جي لائق آهي.

تنهن بعد ستنام ساکيءَ جي ڏنيءَ سان ستسنگ سماپت ٿيو. پوءِ چيائون ته جيڪي ٻه ٻاهر جا مهمان، مسافر هجن، سي ڀنڊاري مان روٽي کائين. ستسنگ جي سماپتيءَ بعد سدائين سادن مسافرن لاءِ چوندا هئا. سندن ڀڳت ۾ ٻه - ٽي سو مهمان، مسافر کائيندا هئا.

ستگرو مهاراج جن بدن جي جوت ۾ ١٠-١٢ ڏينهن رهي، ويدانت ۽ ست ڪرم جو پرچار ڪيائون. پائي راڇورام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي، ستگرو مهاراج جن کان گرمنتر وٺي شش ٿيا. تنهن ڪانپوءِ، پائي ناڪورام ساري منڊليءَ سميت ستگرو مهاراج جن کي جتن جي جوت وٺي ويو، جتي پنڊتاس ۽ شهرواسين ستگرو مهاراج جن جو ڏاڍو آدرستڪار ڪيو. رات جو ستسنگ ٿيو. چيائون ته هن منش کي وويڪ شڪتي وڌائڻ گهرجي، چو ته وويڪ ۾ ئي سک آهي.

نا سک پڙهيان پنڊتان - نا سک ڀوُپ ڀيان،
نا سک وچ گرهست دي - نا سک چڏ گيان،
نا سک ٻانيچ وشيه ۾ - نس دن ڀوگ رهيا،
ٽلسي سک ويچار ٻيچ - سنتان شرن پيان.

ٻوڙي، سوامي آسورام صاحب جن کي چيو ته هي ٻڌايو جيڪي ماڻهو مري ٿا وڃن، سي وري ساڳيا جنم وٺي ٿا اچن يا نوان نوان؟ سوامي آسورام صاحب جن مشڪي چيو ابا، اڄ ڳالهه نه ڏاڍي سٺي پڇي اٿيئي. هاڻي ڌيان ڏئي ٻڌ:

جيڪي منش مري وڃن ٿا سي ساڳيا اچن ڦري ڀيا؛ ساڳين رستن کان. جيڪي منش پاپ ڪن ٿا سي چوراسيءَ جون اننت جوڻيون ڀوڳي، گهڻي وقت کانپوءِ منش ٿي اچن ٿا. جيڪي ڌرماتما ست پرش نشڪام شڀ ڪرم ڪري مري وڃن ٿا، سي سورڳ لوڪ ۾ وڃي ديوتائون ٿين ٿا. ديوتائون ٿي گهڻو وقت ڀوڳ ڀوڳي وري منش ٿي اچن ٿا. جيڪي نشڪام شڀ ڪرم ڪندا سي پرلوڪ ۾ وڃي وري وڏن سڀنين شاهوڪارن جي گهرن ۾ جنم وٺي، موٽي منش ٿي اچن ٿا. جيڪي منش سرگڻ ڀڳتيءَ وارا آهن، سي جنهن جنهن ديوتا جي اُپاسنا ڪن ٿا اُنهيءَ ديوتا جي لوڪ ۾ وڃي، ڪجهه وقت رهي منش ٿي اچن ٿا. نرگڻ اُپاسنا وارا نشڪامي منش برهم لوڪ ۾ وڃي مَن اِڇڪت ڀوڳ ڀوڳي وري رشين منين يوگين ۽ ڀڳتن جي گهرن ۾ جنم وٺي اچن ٿا. باقي صرف برهم گياني، برهم ۾ لين ٿي وڃن ٿا ۽ وري واپس ڪونه ايندا آهن. اِنهيءَ ڪري ڀڳوان سرشٽي هڪ ڦيري ٿي ناهي ڇڏي آهي. سڀئي ڀيا ڦرن گهرن.

سڀ اُٿي آسڻن تي ستسنگ شروع ڪيائون. پهرين ڀڄن ستسنگ شروع ڪيو. بعد ۾ ستگرو مهاراج جن ستگورو مهما تي اُپديش ڪيو. چيائون ته ستگرو وڏي ڪرپا ڪري جگياسوءَ کي اِئين پالين ٿا، جئين ماتا پتا پنهنجي ٻچي کي پاليندا آهن. پهرين ماتا پنهنجي ٻچي جا سڀ انگ ٻڌڻ سان ٻڌي سدا ڪندي آهي. تنهن کانپوءِ ڪيس ٻالڪن کان وٺي ويهڻ سيکاريندي آهي ۽ پوءِ پنڌ ڪرڻ سيکاريندي

ورهين جي عمر تائين وڌندي رهندي. اُن کانپوءِ وويڪ شڪتي گهٽجي ويندي آهي جيڪي چاليهن ورهين تائين وويڪ شڪتيءَ کي وڌائڻ جا ساڌن ڪندا رهندا، تن جي چاليهن ورهين کانپوءِ به وويڪ شڪتي وڌندي ويندي آهي. وويڪ شڪتيءَ جي وڌائڻ جو پهريون ساڌن آهي ستسنگ، ٻيو ست شاسترن جو اڀياس ۽ وچار. ٽيون پريت سان ايشور جي نام جو اڀياس ڪرڻ. سوير اُٿڻ مان به ڪيترا فائدا آهن. هڪ ته گهر ۾ لڇميءَ جو واسو ٿيندو. ٻيو نيترن جي روشني وڌندي. ٽيون شرير ارو ڳي رهندو ۽ بُڌيءَ ۾ وچار شڪتي وڌندي. چوٿون ساڌن وويڪ شڪتيءَ جو آهي. ٿورو ڳالهائجي، ٿورو کائجي ۽ ٿوري ننڊ ڪجي. پنجون شُڌ آهار ڪجي. ڇهون برهمچريه پالن ڪجي. ستون سادگي ڪجي ڇو جو سادگيءَ سان ستوگڻ هردي ۾ وڌي ٿو ۽ ستوگڻ سان وويڪ شڪتي وڌي ٿي. اهي ستئي ساڌن بُڌيءَ کي پوتر ڪن ٿا ۽ وويڪ شڪتي وڌائين ٿا. پوتر بُڌيءَ دوارا آتما جو درشن ٿيندو آهي. آتما جي درشن سان جيو موکيه کي پراپت ٿيندو آهي. اهيءَ وشيه تي اپديش ڪري ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

جتن جي ڳوٺ ۾ ٧-٨ ڏينهن رهيا ۽ اُتي ڀائي ٺاڪورام سامت رام، ڀائي لهالچند، ڀلاجراءِ، ڌرمداس، واڌو رام، لکو رام، تلسيداس ۽ ٻيا ڪيترا ستگرو مهاراج جن جا شش ٿيا.

پوءِ ٢٥ وساک جي منڊليءَ سميت پراڻن هالن ۾ سوامي آسورام جنجي آستان تي ويا. سوامي آسورام جن کي پيرين پئي وينا. سوامي آسورام جن چيو ڀلي آيا. تنهن کانپوءِ سوامي آسورام صاحب ۽ ٻين سنتن سان گڏجي درياهه تي گهمڻ ويا ۽ هڪ پپل جي وڻ هيٺان وڃي ويٺا. اُتي ڳرمکداس هت

رکندي آهي. پوءِ سوراخ مان ڪئين ڏي نهاري ڪج وقت ٻونءِ ٻونءِ جو شبد ٻڌائي سوراخ منهنءَ سان بند ڪري ڇڏيندي آهي. ڪج ڏينهن ڪانپوءِ سوراخ کوليندي آهي ۽ ڪئين گهرتڙي تي ٻولندو آهي ۽ ٻاهر نڪري اُڏامي آڪاس منڊل جو سير ڪندو آهي. تهڙيءَ طرح ستگرو جگياسوءَ کي جو هن سنسار روپي جهنگل ۾ وشين روپي ٻوٽن ۾ ڦاٿو پيو آهي، پيار ۽ پريم سان ڪٺي ايڪانت روپي گهر ۾ واهري، مورليءَ جو ساڌن ڪرائي، اوم جو شبد ٻڌائي، ڪجهه وقت ايڪانت روپي گهر ۾ بند ڪندا. ڏينهن اُنهيءَ جگياسوءَ کي وويڪ ۽ ويراڳ روپي پکه ڏين ٿا. جگياسو پوءِ مهاتما گروءَ جو روپ ٿي ايڪانت ڪان ٻاهر نڪري، جيون مڪت ٿي سنسار جو سير ڪري ٿو. جئن چندن جي سڳند سان ويجها وڻ چندن ٿي پون ٿا، تئن جيڪي جگياسو پريم ۽ شرڌا رکي سنتن ستگرن جي چرن ڪملن جي ويجهو رهندا، سي سنتن ۽ ستگروءَ جو روپ ٿي وڃن ٿا. جئن هردوار شهر جون گنديون ناليون ۽ نالا، گنگا سان ملي گنگا روپ ٿي وڃن ٿا، تئن هيءَ منش ڪيترو به ڇونه چور، جواري، پاپي گندو هجي، ته به سنتن جي سنگ ۾ پوتر ۽ پوڄنيه يوگيه ٿي پوندو. سندر مهاراج جن چون ٿا ته اهڙي منش جي ذات، سڀاءُ، سڀ سنتن، ستگرن جي سنگ سان مٽي وڃن ٿا. اهو منش پاڻ ستگرو ٿي پوندو.

راڳ ڪنيات

ٿل- ٻوڙو گرو پرما ڀڳتيءَ جو- ڀري پيالو پياري ٿو،
ڏيئي لج گيان آتم جو- ڀرم سنسا نواري ٿو.

ا- جيئن ڌوٻي لٽا ڌوئي- ڪرم شڀ پاپ ڪي کوئي،
ڪري پارس ڪندن لوهي- ليئن ستگر سينگاري ٿو.

آهي. تنهن کانپوءِ ڳالهائڻ سيکاريندي آهي. اُن کانپوءِ راند سيکاريندي آهي. جڏهن وڏو ٿيندو آهي تڏهن ڪيس ڪارائڻ سيکاريندي آهي ۽ پوءِ ڌرمي وديا سيکاري راڄ وديا پاڙهيندي آهي. راڄ وديا پڙهائي وڏي درجي تي رسائيندي آهي. پوءِ اُنجو اولاد پاڻ به سکي ٿي، ٻين کي سڌاري سگهي ڪندو آهي.

تهڙيءَ طرح ستگرو جگياسوءَ جا پير ستسنگ ۽ تيرٿ ياترا ڏانهن هلائين ٿا. هٿن سان دان پنج، شيوا، هٿ جوڙڻ ۽ نمرتا ڀاو سيکارين ٿا. ڪنن کي ست وارتا ۾ لڳائين ٿا. اکين سان گرن، سنتن، ديوتائن جو درشن ڪرائين ٿا. ناسڪا سان نرگڻ منتر جو جاپ جپائين ٿا. رسنا سان رام نام جپائي سچ ۽ مٺو ٻولڻ سيکارين ٿا. شبد گڏن سان سينگاري کيس آتم برهم وديا پڙهائي، وڏي درجي تي پهچائي پوڄنيه يوگيه بڻائين ٿا. جگياسو پوءِ آتم سک کي پائي جيون مڪت ٿي جيون جو اُڌار ڪري ٿو.

سويو- جيون لٽ پرنگ ڪري اپني سم
 تانسون پن کهي نهين ڪوئي
جيون درم اور انيڪ پيانت س
 چندن کي ٻگ چندن هوئي
جيون ٻيءَ چڙ رهي جب گنگم
 اهي پويتر وهي جل سوئي
سندر ذات سياءُ مٿي سپ
 ساڌو کي سنگ ٻي ساڌو هي هوئي.

ارٿ: جئن ڌرتي تي پنهنجو ٻجو ڪونه جٽيندي آهي، ته جهنگل مان ڪيئو نه ڪٽي اچي، پنهنجي ماٽيءَ جي ڌرم

سيون ڪاٿو. سوامي جن چيو تہ اُٺا، هالن مان سڌو ڪنڊوءَ جو رستو وٺي ٿي وياسون. ميل کن پنڌ ڪيوسون تہ توهان جي چڪ ٿي. ٿنهنڪري خيال ڪيوسون تہ پٺ ٽان ٿيندا وڃون. اِهو خيال ڪري هتي آيا آهيون. پوءِ اِشنان ڪري، سڀني سيون ۽ ڪچريون ڪاڍيون. ماتا گياني ٻائي ۽ ماتا ايشوري ٻائي ستگرو مهاراج جن کان نام جو اُپديش ورتو.

شام جو مکي ٽلورام جي گهران جڏن ڀڄن ڳائيندا ڀڳت روچي رام جي گهر وٽان لنگهيا تہ روچو ڀڳت بہ اچي ستگرو مهاراج جن سان شامل ٿيو. سڀئي جل پان ڪري اچي ستسنگ ۾ ويٺا. ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس ۽ مهراج ليکراج جڏهن ستسنگ ڪري بس ڪيو تہ ڀڳت روچي جو پٽ ڀائي ڪيمون ستسنگ ۾ اچي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳو تہ هي ٻڌو، ٻابي کي سمجهايو. اسان چيوس تہ ڳانءِ ڏهي اچ. ڳانءِ کي ٻہ لڪ وجهي، ٻاٽ کن کير جو ڏهي، چولٽري آڻي رکي ڳانءِ ٻہ لڱيل ٿي ڇڏي پاڻ اچي ستسنگ ۾ ويٺو آهي.

ستگرو مهاراج جن روچي ڀڳت کي چيو تہ ڀڳت صاحب اوهانجو ڇوڪرو چوڻو تہ ٻابا ڳانءِ ٻہ لڱيل اڌ ۾ ٿي ڇڏي آيو آهي.

روچي ڀڳت چيو تہ سائين، هن سنسار ۾ سڀئي ٻہ لڱيل ڳايون اڌ ۾ ٿي ڇڏي هليا ويندا. ڪوبہ ڏهي، ڪم پورو ڪري ڪونہ ويندو. سنسار جا ڪم اڌ ۾ ٿي رهجي ويندا. توهان ڀڄن ڪندا اسان جي گهر وٽان اچي لنگهيا. توهان جو ڀڄن ٻڌي برابر مان ٻہ لڱيل ڳانءِ اڌ ۾ ٿي ڇڏي توهان سان هليو آيس. ٿنهن ۾ مون ڪهڙي غلطي ڪئي؟ اِهو ٻڌي ستگرو مهاراج جن روچي ڀڳت جي پٽ کي چوڻ لڳا تہ ٻابا پٺهي جيڪا ڳالهہ ڪئي آهي، سا بلڪل ٺيڪ آهي. سڀئي

٢- جيئن مائٽ ٻچا ٻاري - ڪيئين ڪئي ٻرنگ نوڙاري،
جوهاري پرک ڏيکاري - ارٿ ائين گر سيکاري ٿو.
٣- دوا جئين درد کي لاهي - پون ٿو مينگهه کي ڊاهي،
گرو ٽئين گيان سمجهائي - ڪنڌو ڄم جو ٽواري ٿو.
٤- سچي گر جي سندر چالي - ڏني گر گيان جي مالي،
ڪهي ٽيئون ڪٿي ڄالي - مٺل دل کي ڄياري ٿو.

اهڙيءَ وشئه تي اُپديش ڪري چيائون ته ستگرن جي پيتري مهما ڪجهي اوتري ٿوري آهي. آخر ستنام ساکيءَ جي ڌنيءَ سان ستسنگ سماپت ٿيو، سنگت ڀاو پرساد وٺي گهر ويئي.

ٻئي ڏينهن پرڀاتن هالن ۾ رهي، سوامي آسورام صاحب جن کان موڪلائي روانا ٿيا. ٽوان هالا لنگهي اڃا ميل ڪن پنڌ جو مس ڪيائون ته ستگرو مهاراج جن رستي ۾ ويهي رهيا. ٻچن منٽن کانپوءِ گوال لعل جن کان ٽئين پڇيو ته هتي ويهي رهيا آهيو؟ چيائون ته اڄ اسان کي شاهه جي ٽت ۾ ڀڳت شيوڪرام، گيالي ٻائي ۽ ايشوري ٻائي ياد ڪري رهيون آهن. سو هلو ته ٽت ٽان ٿيندا هلون. اتڙو چئي جهنگل مان اٽڪل ميل ڦيرو کائي شاهه جي ٽت جو رستو ورتائون.

وات تي رهاڻ ڪندا شاهه جي ٽت تي اچي پهتا. ڀڳت شيوڪرام، ماتا گيالي ٻائي ۽ ماتا ايشوري ٻائي مهاراج جن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. چيائون ته سائين، اڄ صبح جو لنڊ ٻان اٿي، توهان کي تمام گهڻو ياد ڪري چيوسون ته ستگرو مهاراج جن چئي ويا هئا ته جڏهن اسان کي دل سان ياد ڪندا، تڏهن پاڻهي توهان وٽ ايندا سون. اڄ اسان کي پڪ هئي ته اوهان اسان وٽ ايندا. پاڻهيءَ ڪري سيون ٻه رڌي ٽيون سون ته اچي کائون. سو هاڻي اشنان ڪري ڀُنجون

ڌلهي لئي وهاڻيو. ٽنهن ڪانپوءِ، فقير آدم شاهه، محمد فقير سبن شاهه جي فقيرن ۽ رمضان فقير راڳ ڇيڙيو. ستگرو ٻڌي، ڏاڍو خوش ٿيا. پوءِ رمضان فقير چيو ته سائين، هاڻي توهان ڇارو چڻ ٻڌايو. ستگرن ڀڄن شروع ڪيو. وهدانت جي پرڪريا هلائي هيٺيون ڀڄن ڇپائون.

راڳ آسا

راهه - ڏسان ساڪي سڀ ۾ - سچو مان نور نوراڻي،
ڪيان ٽنهن جي مٿان پنهنجو سر ساهه قرباني.
١- پاڻي مان پاڻ ۾ جهاتي - ڏٺو روشن ڏيهان راڻي،
ڪيم هڪ پاڻ اَشناڻي - جدا سو ناهي دم جاني.
٢- منجهان ناسوت جي ٽڪري - ملڪ ملڪوت ماڻيومون،
جلائي جوش جبروتي - ڪيو مون نفس ڪي فاني.
٣- لکن لاهوت سان لائي - برهه جي باهه پڙڪائي،
پتنگ جيئن پاڻ پچائي - سڃاتم شاهه سلطاني.
٤- ڪر جوڙي ڪهي نيڻون لڳي حيرت پسي هاهو،
ڏسي يڪرنگ ٿيا ٻاهو - ماڻيم ٻي جون ٻرقاني.

ڀاوارٿ: طالب جگياسو چوي ٿو ته مان سڀ ۾ پنهنجو خدا، پرميشور ڏسان ٿو. هيءَ ساري جان پرماتما، خدا جي حسن تان قربان ڪريان. پاڻ ۾ جهاتي پائي اُنهيءَ شدّ آتما کي ڏٺو سين ۽ اُنهيءَ پريم، عشق ظاهر ڪيو ته اهو پرماتما ڏٺي اسان کان جدا ڪونهي. هيءَ ست منزلون يعني ڀومڪائون جگياسوءَ يعني طالب کي طيءِ ڪرڻيون آهن. (١) ناسوت (٢) ملڪوت (٣) جبروت (٤) لاهوت (٥) هاهوت (٦) ياهوت (٧) هي ڇون.

(١) ناسوت معنيٰ شب اڇا (٢) ملڪوت معنيٰ سِ وچارڻي (٣) جبروت معنيٰ تن مانسا (٤) لاهوت

جيڪو ڪم اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏنو ويندو. ڪير به پورو ڪري ڪون سگهندو. جنهن کي پورو ڪرڻو هجي، سو ڀلي پرمارٿ جو ڪم پورو ڪري نه وهنوار جا ڪم پاڻيهي پورا ٿي ويندا. تنهنڪري سڀني مشن کي ڀرپائين پرمارٿ جو ڪم پورو ڪرڻ گهرجي. هيءُ مشن چولو خاص پڄڻ واسطي مليو آهي. پنهنجا ڏاهيل ڪيترا پڄڻ اُرٿ سهڻ ٻڌائي رات جو ستسنگ سماپت ڪري چيائون نه سڀاڻي صبح جو اسان ڪنڌڪوٽ روانا ٿينداسون. چت نام ۽ پريم ڀڳتي ۾ سدائين وڌائيندا رهندا. تنهن ڪانپوءِ ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي ۽ ستگرو مهاراج جن ڀوڄن ڪري آرامي ٿيا.

صبح جو وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳا ته شهر جا ڪيترا پريمي به اچي نڪتا. ڪرشنداس روئي ڪٽي آيو. هٿ جوڙي چيائين ته هي پريو، ٽڪري ڪاٽي وڃو. مهاراج جن چيو ته اَبا، هيئنر ڪپ ڪونهي ۽ دير به ٿيئي. تنهنڪري ڪنهن وقت ۽ واقف تي ڪائيندا سون. سڀني کي آشيرواد ڪري، آلمانند، ڪيڻارام، ڀائي منگهن رام ۽ ٻيا ڪيترا ڪنڌڪوٽ جا ستسنگي روانا ٿيا.

اَڌ پنڌ ڪيائون ته رستي تي آلمانند چوڻ لڳو ته سائين شاهه جي پٽ تي ٻارهين مهيني وارو ميلو هوندو. اسان ٿيندا هلون.

ستگورن فرمايو ته ڀلي هلو. ائين چئي، شاهه جي پٽ تي آيا، جتي سڀئي مسلمان ۽ هندو ڪين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. رمضان فقير، مهاراج جن کي پيرين پئي چوڻ لڳو ته سائين، ڏاڍي سٺي موقع تي آيا آهيو. هاڻي اسان کي ڪجهه رهاڻ ٻڌايو. ستگرن چيو ته ڀلين فقير ۽ اوهان ڪجهه ٻڌايو پوءِ اسان ٻڌائينداسون. رمضان فقير مهاراج جن ۽ ٻين کي وٺي

پدارٿن سميت ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي اچي. اهڙي منزل
تي پهچي، جگياسو

(٧) ٻي چوٿين پعنهِ تريا جي منزل تي اچي ٿو، جتي
نہ 'مان' آهيان، نہ 'تون' آهين. پعنهِ واٽ ملي ٿي
سگهي، پعنهِ تريا، اڀياسي پد ۾ لين ٿي وڃي ٿو،
۽ وري سنساري موهہ جي چڪر ۾ نٿو اچي.

اهو پڌائي پڇن ڳائي بس ڪيائون تہ، محمد فقير چيو
تہ سائين، اڄ تہ طالبن جي واسطي، سچي قرآن جو مطلب
هڪ ڪلام ۾ ئي پڌايو اٿوَ، جو پڌي اسين ڏاڍو خوش ٿيا
آهيون. تنهن تي ستگرو مهاراج جن چيو تہ اسان بہ اوچتو
اچي اوهان فقيرن جو درشن ڪري، رهاڻ ٻڌي، خوش
ٿيا آهيون.

ستگرو مهاراج جن اشنان ڪري، اُنهن جي وڻ هيٺان
اچي ويٺا ۽ جيڪا روٽي پٽ شاهہ تان آندي هيائون، سا ٿي
کائي، آرام ڪري ٥ بجي شام جو ڪنڊوءَ روانا ٿيا.

سڙ ڪنڊا ٧ بجي سج لٿي پنهنجي آستان تي اچي،
بالا ڪرشنا کي پيرين پئي مليا. پيا ستسنگي ۽ پريمي پڻ
ستگرو مهاراج جن سان ملي خوش ٿيا. تنهن کانپوءِ ستسنگ
شروع ٿيو جنهن ۾ اُپديش ڪيائون تہ هن منش اکي سارو
سنسار ڌرمشالا ڪري جاڻڻ گهرجي، جتي ڪي پيا اچن تہ
ڪي پيا وڃن. ڪي ڪٿيو پيا وڃن، تہ ڪي هارايو پيا وڃن،
ڪٿيو اهي وڃن ٿا جيڪي پاڻ کي سچائي سيڌي ۾ لڳوان
جاڻي، ڪنهن جي بہ دل نہ رنجائي چڱا ڪم ڪن ٿا.

درشٽانت: هڪڙي ڪروڙپتي سيٺ کي چار پٽ هئا.
پيرسيءَ جي وقت، ويچار ڪيائين تہ هنن چوڪرا پاڻ ۾
وڙهن، تنهن ڪري، هرڪي ملڪيت ورهائي ڏجي. اهو

معنيٰ ستوا پت (٥) هاهوت معنيٰ اُسن سڪتي
(٦) ياهوت معنيٰ پدارٿ اڀاوني (٧) ٻي ڇوٽ
معنيٰ ڪُرپا.

(١) ناسوت معنيٰ سنسار کي ناس جاڻي، جگياسو ساري سنسار جون وشيون، ڀوڳ، خواهشون، اڇائون تياڳي، هڪ پرماتما ذاتي جي ملڻ جي اڇا ڪري.

(٢) ملڪوت معنيٰ اَنتر، وويڪ جي ديس ۾ پهچي، ويچار ڪري تہ مان ڪير آهيان، ڀڳوان، ذاتي ڪهڙي شيء آهي.

(٣) جبروت جي منزل ۾ يعني لنو مانسا ۾، من، نفس کي روڪي پنهنجي شد سروپ ۾ وار، وار لڳائي پنهنجي آتما ۾ استٿ ڪري.

(٤) لاهوت معنيٰ ستوا پتي يعني پاڻ کي انهن جاڻي تہ مان ڀڳوان، خدا آهيان. هيءُ سارو جڳت مون پيدا ڪيو آهي. جيئن سمند ۾ لهرون، ترنگ، حباب، بد بدا، پيدا ٿين ٿا، تيئن مون برهم روپي ساگر ۾ هيءُ چوراسي لک جوٽيون، سڀ لهرون آهن. اهڙي ورتيءَ ۾ جگياسو طالب کي، عشق جا اڌما اچن ٿا، جنهن ۾ جيو پڻو جلي وڃي ٿو. جو 'مان' آهيان، سو 'تون' آهين ۽ ڪابہ جدائي ڪانهي.

(٥) هاهوت يعني جڏهن جگياسو اُسن شڪتيءَ جي منزل تي پهچي ٿو، تڏهن سندس سرير جو اڀمان نڪري وڃي ٿو، پاڻ کي هن سرير کان جدا جاڻي ٿو ۽ اهو پڪو نشچو ڪري ٿو تہ مان سرير نہ آهيان.

(٦) ياهوت يعني پدارٿ اڀاوني- جا بدي ساري سنسار جي پدارٿن کي ست سمجهي رهي هئي، سا سڀني

ٻيا ٻہ ٻڌائين، مٿان اِلهيءَ کان ٻہ ڪو سٺو ڪم ڪيو هجين. اِنسي نيون نمبر ڇوڪرو چوڻ لڳو تہ بابا مان ٻہ هڪ چڱو ڪم ڪري آيو آهيان، اڄ گهوڙي تي چڙهي اوڳر اڳاڙڻ تي ويس تہ شهر کان ٻہ ميل پري جهنگل ۾ ڏٺم تہ هڪ ڪتي وهامي آهي جا پاڻيءَ جي پياس ۾ دانهون پيئي ڪري، مون ويچار ڪيو تہ هتي ويجهو پاڻي ڪونهي. ڪتي ٻچن جي موهہ ۾ پونگڙن سوڌي مري ويندي. اڌ ميل ڪن تي هڪ کوهہ هو. اُتي ويس، پاڻيءَ جو دلو ۽ ٽالهيءَ ۾ روٽي مزور کان ڪٽائي آيس ۽ ڪتيءَ کي روٽي کارائي پاڻي پيارئم. پوءِ ڪتيءَ کي پونگڙن سوڌو گاڏيءَ ۾ کڻائي گوٺ ۾ ڇڏي آيس. تنهن کانپوءِ اوڳر اُگاڙي آيس. سيٺ چيو تہ پٽ، توکي ٻہ ڌنيواد هجي، جو جيو ديا ڪري تمام سٺو ڪم ڪري آيو آهين؛ پر ڇوٿون ٻہ پلي ٻڌائي. ڇوٿون ڇوڪرو همت جوڙي چوڻ لڳو تہ بابا اڄ مان ٻہ سٺو ڪم ڪري آيو آهيان. هڪ شهر ۾ منهنجو هڪ جاني دشمن رهندو آهي. پاڻ ۾ اهڙو تہ وير اٿئون جو جيڪر ڪٿي ٻہ هڪ ٻئي کي جيئرو نہ ڇڏيون. اڄ پرڀات جو مان جهنگل ڪرڻ ويس تہ ڏٺم تہ اُهو کوهہ جي ڪناري تي سمهيو پيو هو. توڙڙو ڌڪو ڏيانس ها تہ کوهہ ۾ وڃي ڪري ها پر مونکي دل ۾ ديا آئي ۽ ويچار ڪيم تہ متان کوهہ ۾ ڪري ۽ مري وڃي، سو پاسي کان پٿر ڏيئي بچاءُ ڪري آيو آهيانس. سيٺ چيو تہ پٽ تون ڌن، ڌن آهين جو دشمن کي ٻہ پنهنجو سروپ جاڻي هنجي رکيا ڪري آيو آهين. سو هن هيري جو تون لائق آهين. ايترو چئي لعل چوٿين پٽ کي ڏنائين. اِهو درشٽانت ٻڌائي ستگرو مهاراج جن چيو تہ هر منش کي سڀني کي پنهنجو سروپ جاڻي سڀني جيون جي شيوا ڪري جس کٽي وڃي پرلوڪ ۾ سکي

ويچار ڪري ڇڏن ٿي ڇوڪرن کي سڄي ساري ملڪيت وراهي ڏنائين. باقي هڪڙو سوا لک جو هيرو بچائي، کين چيائين ته مان باقي ٢-٣ مهينا آهيان. جيڪو سڀني کان وڌيڪ چڱو ڪم ڪري اچي مونکي ٻڌائيندو، تنهن کي هي هيرو ڏيندس. اهو ٻڌي، چار ئي وڃي ڪنهن چڱي ڪم جي ڳولا ۾ لڳا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ، چار ئي گڏجي پيءُ وٽ آيا.

پهرين نمبر ڇوڪرو هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته بابا، مان اڄ چڱو ڪم ڪري آيو آهيان. هنڊيون کولي ڏٺم ته هڪ ڪرار جا هڪ سو روپيه هنڊيءَ ۾ لکيا پيا آهن. چار سال ٿي ويا هئا، پر ڪرار گهر ئي ڪانه ڪئي هئي. شايد ڪيس وسري ويو هو. سو سؤ روپيه وياج سميت هن کي گهر ڏيئي آيس. ڪرار روپيه وٺي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته مان پٽي ماڪ ويو هوس. مونکان پيسا وسري ويا هئا، پر توهان ڌن، ڌن، سڀاڳا آهيو جو پيسا مونکي گهر وٺي اچي ڏنا اٿو. اهو ٻڌي سيٺ چيو ته پٽ، توکي ڌنيواد هجي جو غريب کي سندس حق موٽائي ڏنو اٿيئي. ڪم سٺو ڪري آيو آهين، پر مٿان ڪو توکان به وڌيڪ سٺو ڪم ڪري آيو هجي.

وري ٻيو نمبر ڇوڪرو چوڻ لڳو ته بابا، مان به چڱو ڪم ڪري آيو آهيان. شهر ۾ هڪ مائي هئي، جنهن لاءِ گهڻي وقت کان وٺي منهنجي من ۾ بري نظر هئي، وجهه پئي ڳوليم. اڄ اوچتو اها مائي مونکي اهڙي اڪائت واريءَ جاءِ تي ملي، جتي ٻيو به ڪو نه هو. آئي مون من کي ڦٽڪار ڏني ۽ ڪيس ٻولي وجهي، ڀيڻ ڪري، ڌرم جي مائا ڪري آيو آهيان. سيٺ چيو ته توکي به ڌنيواد هجي، جو من کي جيتي، پاپ کان بچي آيو آهين. سٺو ڪم ڪيو اٿيئي، پر

شيوڪرام ڇڏيس نٿو. اِهو ٻڌي گوال لعل چيو ته منهنجي مرضي آهي ته پاڻ ٻه ٽيئي ڄڻا گڏجي ڪجهه وقت سير ڪريون. ستگرو مهاراج جن ڀلي هتي هجن. پاڻ ٻئي ڄڻا اڄ رات جو ١-٢ بجي چوريءَ گهران نڪري نوڙهن جي ڳوٺ هلي هڪ ڏينهن اُتي ترسي رات جو اُتان سروآنند کي ساڻ ڪري چوريءَ نڪري هلون. اِها صلاح ڪري ٨ بجي ڇيڙن جون ڳوٺيون ڀري گهر کڻي آيا. پوءِ اِشنان ڪري ويا ته ستگرو مهاراج جن ٻه درياهه تان اِشنان ڪري آيا. ڀائي ٺهلرام ماتا گياني ٻائيءَ کي نوڙهن مان وٺي آيو هو.

شام جو باغيچن مان گهمي اچي ستسنگ ڪيائون. پهريائين ٻين سنتن ستسنگ ڪيو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن ستسنگ ڪري ١٠ بجي سماپت ڪيو. ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر وئي. ستگرو مهاراج جن روٽي کائي آرامي ٿيا.

رات جو گوال لعل ۽ گرمکداس آهستي آهستي اُٿي اَنگوڇا ڏلبن کي ويڙهيا ته جئن کڙڪن نه. پوءِ يڪتارا کڻي ڏيڍي ڏيڍي دروازو کولي، آهستي پيڪڙي نهر جو ڪنارو وٺي نوڙهن جي ڳوٺ روانا ٿيا. پرڀات جو ٤ بجي نوڙهن جي ڳوٺ اچي پهتا ۽ اچي ڀڳت شيوڪرام کي سڏ ڪيائون. سروآنند اُٿي در لاهي ڏسي ته سوامي گوال لعل ۽ گرمکداس، مٿي اگهاڙا، پيرين اُگهاڙا يڪتارا کڻي آيا آهن. پوءِ اندر اچي سڀني سان ملي ويا ته ماتا ايشوري ٻائي پڇڻ لڳن ته اَبا، ٻڌايو ته ستگرو مهاراج جن ڪٿي آهن ۽ اوهان هيڏي مهل ڪٿان آيا آهيو؟ سوامي گوال لعل جن چيو ته گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا، سو خيال ڪيوسون ته ٢-٣ ڏينهن نوڙهن مان گهمي اچون ڏينهن ٽڪا ٿا ٿين، تنهن ڪري چانڊوڪيءَ ۾ نڪري هتي آيا آهيون. ستگرو مهاراج جن ڪنڊوءَ ۾ آهن. سڀني چيو ڀلي

نيڻ ڳهرجي. سنسنگ سماپت ٿيو.

اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن هر روز سنتن مهاتمائن جي ست نيم سان شيوا ڪندا هئا. ٻاهر جي ڪيتري خلق ستگرو مهاراج جن جي درشن لاءِ ايندي هئي. شهر ۾ به برهمڻن جي شرڌا ۽ پريم وڌڻ لڳو.

سندن چت به ڀڳتي ۽ وئراڳ ۾ وڌندو رهيو. انهن ڪجهه وقت ڪنڀوءَ ۾ گذري ويو. هڪڙي ڏينهن گرمکداس صبح جو سوير ٽوڙهي مان آيو. ستگرو مهاراج جن کي ڏنڊوت پرنام ڪري اچي ويٺو. مهاراج جن پڇڻ لڳس ته بابا، خبر ڀلاءِ ته ڪئن سڀئي خوش پرسن هئا؟ توهان خوش آهيو.

گرمکداس اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳو ته هتان ته ٻڌين مان ڇڏايو، پر اتي ڪاڪو شيوڪرام ڇڏي نٿو. تنهنڪري اڄ پرڀات جو اٿي، چوريءَ هليو آيو آهيان. ماتا چيو آهي ته هاڻي ماڻهو موڪلي موڪلي پاڻ وٽ گهرايو.

مهاراج جن چيو ڀلي آيا. سرو آنند جو ڪهڙو حال آهي؟

گرمکداس چيو ته سائين هن جو چت موڪلان به گهڻو اداس آهي. موڪلي چوندو آهي ته هتان ڪڏهن جند ڇڏائجي. ڪڏهن ستگرو مهاراج جن ڪرپا ڪندا جو هتان جند ڇٽندي. تنهن تي ستگرو مهاراج جن فرمايو ته بابا خيال نه ڪريو. ايشور مڙئي چڱي ڪندو.

ٻئي ڏينهن گوال لعل ۽ گرمکداس کي چيٽ چوڻ لاءِ موڪلي پاڻ گروجن دڙاهه تي اشنان ڪرڻ ويا. اشنان ڪري هڪ شيشم جي وڻ هيٺان ويهي رهيا.

هوڏانهن جهنگل ۾ گوال لعل گرمکداس کان پڇيو ته سرو آنند جو ڪهڙو حال آهي. تنهن تي گرمکداس چيو ته انهيءَ جو چت به سنسار جي وهنوارن کان اپرام آهي. پر ڪاڪو

ڪيدارام ۾ موڪلي سيٺ کي گهرائي ورتو ۽ اچي ستسنگ ۾ ويٺا.

انهيءَ ۾ ستگرو مهاراج جن ستسنگ شروع ڪيو. اُپديش جي وشيه هنئي ڀڳتي ۽ وئراڳ. چيائون ته جن جگياسين کي موکش جي اڇا آهي، سي سنسار جا وشئي ڀوڳ ڇڏي اُبناسي سک کي چاهين ٿا. ڪي پهاڙن جي ڪندرائن ۾، ڪي واريءَ جي ڍڳن تي، ڪي گنگا جي ڪناري تي، ڪي تيرٿ آستانن تي، ڪي جهنگلن ۾، پنهنجي تن جو آرام ڦٽائي، انيڪ قسمن جا ڏک ڪشٽ سهي، انهيءَ سک جي تلاش ڪري رهيا آهن. پر اهو سک، ڪنهن وڏ ڀاڳيءَ کي ويراڳ ۽ گرو ڀڳتيءَ سان ملي ٿو. گرو ڀڳتي ته اهڙي هجي، جهڙي هڪ چيلي جي، جنهنجو ورتانت ڪريون ٿا.

درشٽانت: هڪڙو مهاتما پنهنجي چيلي کي وٺي سفر تي نڪتو. سفر ڪندي هڪ اُجاڙ جهنگل ۾ اچي رات پين. مهاتما شش کي چيو ته ابا ڪاٺيون گڏ ڪري ڌوڻي ٻار. شش ڪاٺيون گڏ ڪري ڌوڻي ٻاري. مهاتما چيو ته سارو ڏينهن پنڌ ڪري ٿڪجي پيا آهيون. پر جهنگل آهي ڏاڍو ڀيانڪ. سو واري تي آرام ڪرڻ گهرجي. ننڊ ڪري پهرين تون سمهه ته پوءِ مان سمهندس. شش سمهي پيو. رات جو ١١ بجي کن جو شمار هو. مهاتما هڪ ڪاريهر نانگ پري کان ايندو ڏٺو. هٿ مٿي کڻي نانگ کي چيائين ته خبردار مٿان هيڏانهن آيو آهين. نانگ چيو ته هي مهاتما هتان پري ٿيءُ، مان پنهنجي چيلي جو رت پي ڪيس ماريندس، ڇو جو هن اڳلي جنم ۾ مونکي ماريو هو. سو اج هن جو خون پي پنهنجو بدلو چڪائيندس.

مهاتما چيو ته هي پيارا، هو منهنجي شيوا ڪندو آهي.

آيا. تنهن کانپوءِ ڏنڊ پاڻي ۾ اشنان ڪري ٿورو آرام ڪري پاڻ ۾ رهاڻ ڪرڻ لڳا.

شام جو سوامي گوال لعل، سرو آنند، گرمکداس ۽ ٺانورداس پورل ڀڳت موليءَ جو پٽ چارئي ڳڌ جي شهر کان ٻاهر نڪري جهنگل ۾ وڃي ويٺا. اُتي سوامي گوال لعل سرو آنند کي چوڻ لڳو ته اسان رات چوريءَ گهران اُٿيءَ ڪري ڀڄي آيا آهيون جو اسان جي مرضي آهي ته توهان به اسان سان هلو ته ڪجهه وقت سير ڪريون نه ته مائٽ ڪنهن نه ڪنهن سنساري جهنجهٽ ۾ ڦاسائي ڇڏيندا. اڄ رات جو هڪ بجي هتان ڀڄي هلجي.

تنهن تي سرو آنند چيو ته اسان پاڻ خيال ڪيو هو ته سياڻي چوريءَ ڪنڌوءِ ڀڄي وڃجي. سو هاڻي توهان آيا آهيو سو ڏاڍو سٺو. اسان جي پاڻ وهنوار ۾ دل نٿي لڳي. تنهنتي ٺانورداس چيو ته مان به توهان سان گڏ هلندس. رات جو هڪ بجي هلنداسون. اِها صلاح ڪري سڀ لٿي گهر موٽي اچي ستسنگ ڪيائون. مکي بصر رام، ڀائي ٽوپڻداس، پولڻداس، ايسرداس سونارو ۽ شهر جي ڪيتري خلق آئي هئي. رات جو ١١ بجي ستسنگ سماپت ڪيائون. تنهن ڪانپوءِ روٽي کائي سڀئي آرامي ٿيا. جڏهن سڀني کي ننڊ اچي ويئي تڏهن ڌيري ڌيري دروازو کولي، ٻاهر نڪري دروازو بند ڪري، شهداد پور جو رستو ورتائون. صبح جو سج اُڀرئي شهداد پور ۾ ڀائي سوائي صاحب جي کوهه تي اچي ڏنڊ اِشنان ڪري ٽڪاڻي ۾ وڃي سنتن سان مليا. مهينو سوا سير ڪري اچي ٽنڊي آدم جي اُتر طرف واريءَ جي ڍٻن ۾ ١٥ ڏينهن ڪن ويٺا. آس پاس جي ٻنين وارن سنڌن شيوا پئي ڪئي. هڪ ڏينهن ستگرو مهاراج جن کي ڪنهن ڳرٻيءَ ڌاران خبر پوڻ لڳي ڀڳت

سمجھ ديک دل بيچ پياري -
عاشق هوکر سونا کيا!
جن نئنن کي نيند گوائي -
تکيا ليف بڇونا کيا!
روکا سوکا رام کا ٽکڙا -
چکنا اور سلونا کيا!
کهي کمال پريم کي مارگ -
سيس ديا ڦر رونا کيا!

سو وچار ڪيم ته سر ته اڳ ئي ستگرن کي ڀيٽا چاڙهي ڇڏيو اٿم، سو داڻهن ڇا جي ڪريان ۽ رونان ڇو؟ تنهنڪري ڪيون بند ڪري ڇڏيم.

پنهنجي چيلي جي اهڙي گرڀڳتي ۽ اهڙو نشچو ۽ وشواس ڏسي مهاتما ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ڪيس جهنگل واري ڳالهه ٻڌائي ٻڌائين ته هي پتر، تون ڌن آهين! مان توتي پرسن ٿيو آهيان. جيڪي ڪهين سو گهري وٺ.

شش چيو: هي پرڀو، مونکي پورن وشواس آهي ته توهان سدائين منهنجي هٿ ۾ ئي آهيو. ٻيو مان توهان کان ڇا گهران؟ اهائي آشيرواد ڪريو ته منهنجو چت سدائين توهانجي چرن ڪنول، گرڀڳتي ۽ ويراڳ ۾ وڌندو رهي.

اهو درشٽانت ٻڌائي ستگرو مهاراج جن چيو ته جن کي اهڙي گرڀڳتي ۽ ويراڳ آهي، سي ئي سچي آتم سک کي جلدي پراپت ڪندا. ٢-٣ ڏينهن ڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

ستگرو مهاراج جن گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس ڏي نهاري مشڪي چوڻ لڳا ته ابا، هاڻي ته وڃي ڪيڏانهن ڇوري ۽ ٻچي کون ويندا؟ اوهانجي دل ۾ جيڪا ڳالهه آهي

مان هن وقت هن جي رکيا ڪري رهيو آهيان، سو توکي مارڻ ڪو نه ڏيندس. ڪرپا ڪري هليو وڃ. نانگ چيو ته مون پرتگيا ڪئي آهي ته هن جو ضرور خون پيئندس. مهاتما چيس چڱو، تون اڄ بيهه ته مان توکي خون پياري تنهنجي پرتگيا پوري ٿو ڪريان. ايترو چئي مهاتما اٿيو. وڻ مان هڪ پن پٽيائين، پوءِ کيسي مان چاقو ڪڍي، چيلي جي ڇاتيءَ تي آهستي آهستي لت رکيائين، اچا هنجي گردن تي چاقو رکيائين مس ته شش جاڳي پيو. ڏسي ته ستگرو سندس ڇاتيءَ تي لت رکي کيس کهڻ لاءِ سندس ڪنڌ تي چاقو رکيو آهي. شش پنهنجا نيڻ بند ڪري ڇڏيا. مهاتما هنجي ڪنڌ کي ٿورو چير ڏيئي رت جا ٢-٣ ڦڙا ڪڍي پن تي رکيا ۽ هنجي زخم تي دوا لڳائي، خون بند ڪري اچي نانگ کي ڏنائين. نانگ رت پي ويندو رهيو. هڪ ٻجي ڌاري مهاتما چيلي کي اٿاري چيو ته بابا هاڻي تون اٿي وڃ ته مان آرام ڪريان. چيلو اٿي ويو ۽ مهاتما سمهي پيو. صبح جو ٥ بجي اٿي ڏنڊڻ پاڻي ڪري روانا ٿيا.

٢-٣ مهينا سفر ڪري واپس پنهنجي آستان تي آيا. تن چئن ڏينهن ڪانپوءِ جهنگل واري ڳالهه ياد ڏياري، مهاتما شش کان پڇيو ته جڏهن مون تنهنجي ڪنڌ تي ڪاتي ٿي وهائي تڏهن تو ڏسي به اکيون بند ڪري ڇڏيون، وري چاقو هڻي تنهنجو رت ڪڍيم ته به نڪا ڪئي دانهن نڪا ڪوڪ. ائين ڇو؟

شش چيو: هي ٻريون، ويچار ڪيم ته ستگرو ضرور منهنجي ڀلي ۾ ئي هوندا. انهيءَ ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيم ۽ وري جنهن مهل چاقو ڪنڌ تي هڻي رت ڪڍيو انهيءَ مهل دل ۾ ويچار ڪري من کي چيم:

جي ڀرسان هڪ وڏي سندر باغيچي ۾ اچي، کوهه تان اشنان ڪري، انهن جي وڻ هيٺان آسڻ لڳائي ويٺا. ايتري ۾ باغيچي جو مالڪ ساڌن جي منڊلي ڏسي اچي ستگرو مهاراج جن کي پيرين پيو. هٿ جوڙي چيائين ته رسوئي جي آگيا ڏيو ته مان جلدي ڏهران تهرائي ڪٽي اچان. ستگرو مهاراج جن چيو جئن اوهان جي اڇا. رسوئي تيار ٿي آئي. رسوئي کائي، ۴ بجه اُتان روانا ٿيا ۽ ۸ بجه رات جو، پلڊيءَ جي ڳوٺ ۾ پهتا. اُتي هڪ واڻئي جي دڪان اڳيان وڏو ٿلهو ڏسي، اُنهيءَ تي چادرون وڇائي سمهي پيا. صبح جو ۴ بجه روانا ٿيا. ڳائيندا وڄائيندا ٿورو آرام ڪندا، ۴ بجه شام جو اچي ميران پور جهوڪ جي شهر ۾ پهتا. بزار مان ڀڄن ڳائيندا، فقيرن جي ڏيري تي، ميلي واري ميدان تي اچي ويٺا.

ستگرو مهاراج جن جو سندر آواز ٻڌي، هندو، مسلمان ۽ ساري ميلي جي خلق اچي ڪٺي ٿي. يڪتارن ۽ ڍولڪن، ڏندن ۽ ساڌن جي آواز پاڻ ۾ ملي اهڙي ته گونج مچائي، جهڙي ساوڻ جي بادلن جي. ساري خلق حيران ٿي وئي ۽ سيئي ستگرو مهاراج جن ڏي نهارڻ لڳا، نهاريندي پريم جي مستيءَ ۾ اهڙو مگن ٿي ويا، جو سرير جي سڌ ٻڌ نه ڪانه رهين. اُتيئي پٽ تي منهيءَ ۾ وهي رهيا.

ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ جڏهن ڀڄن بند ڪيائون، تڏهن ڪيترا پريمي اچي مهاراج جن کي پيرين پيا. درگاهه جا فقير به وڏي قرب سان اچي ڪين مليا. ڳاهه جو هڪ وڏو ڇپر رهڻ لاءِ ڏنائون. اُنهيءَ رات ڀڳت مولي جي پيٽا واري روني ساريءَ منڊليءَ کي کارائي.

صبح جو اشنان ڪري درگاهه تان گهمي، فقيرن سان ملي، موني پنهنجي جاءِ تي آيا. ڪيترا هندو، مسلمان،

سا جلدئي پوري ڪنداسون. توهان تڪجي آيا هوندا سو هاڻي وڃي آرام ڪريو.

٢-٣ ڏينهن لنگهيا ته هڪ ڏينهن صبح جو ١٠ بجه ڀائي لالورام جن اچي ستگرو مهاراج جن کي چوڻ لڳا ته سائين، مون ٻڌو آهي ته ميرانپور جهوڪ ۾ مسلمان صوفي فقيرن جو ميلو لڳندو آهي، جتي ڪيترا هندو، ماتائون ۽ مرد ويندا آهن. ٻچاڙيءَ جو مسلمان هر ٻرڪاو جي ماس جي مجلس ڪندا آهن. ٻه جيڪي ڪافيون ڳائين ٿي وڄائين، سي ٿي ڪافيون چيلن تي وڄائيندا آهن. چيلن جو ماس هندو کائيندا آهن. اها اڌرم جي ڳالهه ٻڌي، ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. سو هي پڇون، منهنجي ارداس آهي ته توهان ڪرپا ڪري، اُنهيءَ ميلي تي هلي، ڌرم جو پرچار ڪريو ۽ سيني جيون کي ڌرم جي مارگ ۾ لڳايو. ميلو اُسوءَ جي ١٧ تاريخ آهي ۽ ٤ ڏينهن لڳندو. منهنجي مرضي آهي ته سڀاڻي ئي سنهري منڊلي ناهي هلجي.

ستگرو مهاراج جن چيو ته چڱو هلنداسون. توهان سانجهيءَ ستسنگ ۾ ٻڌائي ڇڏجو. اُن بعد مهاراج جن ڪلاڪ ڏيڍ، سنتن ساڻ رهاڻ ڪري آرامي ٿيا. رات جو ستسنگ ڪانپوءِ ڀائي لالورام سيٺي ستسنگين کي ٻڌايو ته سڀاڻي مهراج ميران پور جهوڪ جي ميلي تي هلندا. جيڪو به پريمي هلي سو ڀلي هلي ۽ سنيري رات جو هتي اچي ٽڪي، ڇو صبح جو ٤ بجه هتان هلڻ ۾ سولائي ٿيندي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽيهن پنجيهن جي منڊلي، يڪتارا ڍولڪيون، ڏندا، ڪنجهون، ڪرتالون وڄائيندا بزار مان ڀڄن ڳائيندا، رستو وٺي ٻنڌ ڪندا، اُڏيري لعل اسٽيشن تي اچي ڳاڏيءَ ۾ چڙهيا. حيدرآباد تي لهي بدين واريءَ ڳاڏيءَ ۾ چڙهي، ٽنڊي محمد خان جي اسٽيشن تي اچي لٿا. اسٽيشن

راڳ تلنگ لهرو

ٽل- سي سڀ اسٿل تيرٿ جانو- سنت جهان پڳ ڌرلي هئہ.
١- جس ڀُومي پر سنت مڌي ور- ٻهن هري کا کرلي هئہ.
٢- ديس انگر سي پاون هولي- جنون پر سنت وچرلي هئہ.
٣- سنت ديا کر ديں جنون کا- ايہ ڀنڊارا ڀرلي هئہ.
٤- کهي ٽيڻُون سي کرتا ساگر- دکيون کا دک هرلي هئہ.

سرو شهود پڙهن ذکر جو ورلن کري چوڻ لڳا.

ساري رات سبحان- جاڳي جن ياد ڪيو،
تن جي عبدالطيف چوي- مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙيــن ڪن سلام- آڇيو اڳهہ پر اُن.

مطلب: جن جاين تي وڏي فقيرن ويهي عبادت ڪئي آهي، تن جي مٽي به پوڄڻ جوڳي آهي. هتي به وڏا بزرگ فقير ٿي ويا آهن، جن جا ميلا لڳن ٿا. پر اسان هندو آهيون ته هتي مڙاي جي پهاڙيءَ واري ڏيهن هر پرڪار جي ماس جي مجلس ڪندا آهن. هاٿي گهوڙن استانن تي جيون کي مارڻ، ڪيڏو نہ گناهہ آهي! هندو هجي خواهہ مسلمان، سڀني لاءِ خدا جو قانون هڪ ئي آهي. پيغمبر حديث ۾ چيو آهي ته:

قاتـلـل بقر، ساقـلـل سقر.

مطلب: جو ڳانءِ جو قتل ڪري ٿو، سو سدائين دوزخ ۾ رهندو. سڀني اوتارن، پيغمبرن جو اهوئي فرمان آهي ته ڪنهن به جيو جي دل نہ دکايو.

ڇند- مندر توڙي مسجد کو توڙي،
تو مجهي نهين مجا کا هئہ،
دل مت کسي کي توڙ، يهہ تو گهر خاص خدا کا هئہ.
مندر ۾ تو بت ڌري هئہ، مسجد ۾ صفن صفائي هئہ،

ستگرو مهاراج جن وقت اچي روح رهاڻ ڪرڻ ويٺا. ١١ بجي تائين رهاڻ هلي. وري شام جو ٤ بجي ستسنگ شروع ڪيائون. گوال لعل، سرو آنند ۽ گرمکداس کان پوءِ مهاراج جن ستسنگ ڪيو، پنهنجا ٺاهيل پريم ۽ ويراڳ جا ٻچن اهڙي درد مان ڳاهائون، جو سيپٽي ساڌ فقير، ميلي جي خلق اچي ٻچن ٻڌڻ لڳي. ٧ بجي ٻچن سماپت ٿيو. ساري خلق خوش ٿي، پنهنجي جاءِ تي وئي.

اهڙيءَ طرح ٻه ڏينهن پنهنجي جاءِ تي ٻچن ڪيرتن ڪيائون. ٽئين ڏينهن صبح جو سوالي ڀڳت شامداس، جو فقيرن جو وڏو شيواداري هو، تنهن اچي مهاراج جن کي چيو ته لوهان جو راڳ ٻڌي، ساري ميلي جي سنگت ڏاڍو خوش ٿي آهي. درگاهه جي فقيرن چيو آهي ته ميلو باقي ٢ ڏينهن آهي. سو لوهان ڪرپا ڪري، درگاهه تي اچي راڳ ڪريو. مهاراج جن ڪيس شام جو ٥ کان ٧ تائين وقت ڏنو. شام جو سيپٽي ساڌ، ڀڳت. شامداس سان گڏجي، درگاهه تي آيا. درگاهه جي اڳيان هڪ وڏو مانڊو ٺهيل هو، جتي اڳ ۾ ٽي فقير رکيل شاهه ويٺي راڳ ڪيو. ستگرو مهاراج جن به اچي ويٺا.

٥ بجي ستگرو مهاراج جن ٻچن شروع ڪيو. ٻچن جي مستيءَ ۾ اچي سنتن ۽ فقيرن جي مهما سندن رهڻي ۽ ڌرم باٻت اچي پلٽ ۾ پيا. چيائون ته سنت، فقير سنسار ۾ سڀني جيون جي ڪلياڻ ۽ سک لاءِ اوتار ڌاري اچن ٿا. جپ، تپ، ڀوڳ ڪري، پنهنجي سرير کي ڪشٽ ڏيئي، پرماتما يا ڌڻيءَ جي واٽ کان ڀليل جيون کي سنت جي واٽ ۾ لڳائين ٿا. اهي سنت، مهاتمائون، فقير، درويش جتي ويهي ڀڳتي ۽ بندگي ڪن ٿا، سي جايون به پوڄڻ جوڳيون آهن.

ٿئي ٿو. جنهن جي دل ۾ دَيا ۽ رحم ڪونهي، سو ڪاسائي آهي. انسان جي پاپ ڪرم ڪندو، نه نرڪ، دوزخ ۾ ويندو. جي چڱا ڪم ڪندو، نه سرڳ، بهشت ۾ ويندو، ڇو جو ڀڳوان سڀني ۾ وياپڪ آهي.

دوهرو- خالق جاٽي خلق ۾- ڪسي دکايو نانهن،
خلق دکي ڪلتار ڪي- ڪرتا ڪوپي تانهن.

هيءُ جايون نه خاص فقيرن جي پوڄن، عبادت لاءِ آهن، تنهنڪري اسان جي اُرداس آهي ته ميلي ۾ ماس بند ڪرڻ ته چڱو آهي.

انهيءَ تي سيٺين فقير هڪ ٻئي ڏي نهارڻ لڳا. اِتي فقير خير محمد اُٿي، هٿ جوڙي، درگاه جي گادي نشين فقير عبدالستار کي چيو ته هي مرشد سائين، فقيرن جيڪي ماس بابت چيو آهي، سو بلڪل ٺيڪ آهي. وڌيڪ توهان مالڪ آهيو. تنهن تي فقير عبدالستار چيو ته چڱو، هن سال بند ٿا ڪريون. آئينده لاءِ، انهيءَ بابت پاڻ ۾ ملي، چڱيءَ طرح ويچار ڪنداسون.

اهو ٻڌي، ستگرو مهاراج جن چيو ته، اسين ڏاڍو خوش ٿيا آهيون، جو فقيرن اسان جي اُرداس قبول ڪئي آهي. تنهن کان پوءِ، سنتن جي مهما جو هڪ ڀڄن ڳائي، ٧ بجي ستسنگ سماپت ڪيائون.

ٻئي ڏينهن ۾ شام جو ٥ کان ٧ تائين ستسنگ ڪري، سڀني سنتن ۽ فقيرن کان موڪلائي، پنهنجي جاءِ تي آيا. صبح جو منڊلي هلڻ لاءِ تيار ٿي. سوامي جن چيو ته پنڌ اُٺن ته درياه لنگهي، جهرڪن کان هلي، گاڏيءَ ۾ چڙهبو ته پنڌ ٿورو ٿيندو. تنهنڪري اهو رستو وٺي هلجي، اُٺين چڙهي روانا ٿيا.

دل درگــاه ۾ جهلڪتــا، بلڪل نــوُر خدائي هئہ .
ڪيا هئہ اِنسان ڪي اَندر، ايڪ روشني ڇائي هئہ ،
ڪمتي بڙهتي نهين نظر ۾، آٿــي ايڪ لائي هئہ .
جوڙ ظلمت ڪي نيمت ڪو، بهتر سڀ سي خاڦا هئہ ،
دل مت ڪسي ڪي توڙ، يهہ گهر خاص خدا ڪا هئہ .
جئسا درد برا اَپني ڪو، تئسا درد برا سڀ ڪو،
جان ستانا نهين ڪسي ڪي، بهت برا لڳتا هئہ رب ڪو.
خدا ترازي بيچ تــولتا، واجب اور نــاواجب ڪو،
ظاهر باطني جانــتا هئہ وو، سڀ ڪي قلب ڪو.
معاف ڪريگا وان ڪيا، ڪوئي تيرا بابا ڪاڪا هئہ ،
دل مت ڪسي ڪي توڙ، يهہ گهر خاص خدا ڪا هئہ .
هئہ پيرون ڪا پير وهي، جو جاني پيڙ پرائي هئہ ،
رحم نهين هئہ جسڪي دل مين، خوني وهي ڪسائي هئہ .
بي دردي ڪو درد نهين، جو ماري جان خدائي هئہ ،
ٻال ٻال ۾ جنون ڪي آگ، دوزڪي ڇــائي هئہ .
نيڪي ڪرلي نابدي، يهي بهشت ڪا ناڪا هئہ ،
دل مت ڪسي ڪي توڙ، يهہ گهر خاص خدا ڪا هئہ .

مطلب: سڀني جي دل ۾ مهنجو سائين سمايل آهي. بنا ڪارڻ ڪنهن جيوَ جي دل کي ڏکائڻ نه گهرجي. جهڙو ٻئي جي ڏک ڏيڻ سان جهڙو ڏک پاڻ کي ٿئي ٿو، اهڙو سڀني کي ٿئي ٿو. پرماتما سڀني جي هردي کي ڄاڻي ٿو. سڀني کي حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. ڀڳوان ڪنهن جو به مت مائٽ ڪونهي، جو انهيءَ کي معافي ڏيندو. اهوئي ڏيهن جو ڏيهه، نيڪين جو ڦل آهي، جو ٻئي جو ڏک ڏسي، پاڻ ڏکي

چڱائي ڇاڪاڻ ته جلدي اُٿي ويو. خوشيءَ سان اُٿندا ۽ واھ، نه ته زوريءَ به توهان کي اُٿاريو ويندو. اهو ٻڌي، سڀئي ستگرو مهاراج جن ڏي ڊوڙڻ لڳا، مهاراج جن مشڪي، گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس کي چيو ته بابا، هاڻي يڪتارا چاڙهي، بيهي ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو. آگيا جي دير هئي سا ته اڳ ۾ ئي تيار هئا. سو يڪتارا ۽ ڍولڪون چاڙهي، گهنگهرن جا ڇنڊا هڻي ڪٽي، اهڙو ته وٺي ڀڄن ڪيائون، جو ساري شهر جا هندو، مسلمان، مرد، ماڻهون، ٻار ٻچا، پنهنجا گهر دڪان ڇڏي، اچي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. ساري بزار خلق سان ڀرجي ويئي. ستگرو مهاراج جن به موج ۾ اچي، ساڌن سان ڀڄن ۾ شامل ٿي ويا.

پوءِ ته اُنهن ئي ڏينهن ساوڻ جي برسات. برسات اڳئي هجي اُن ۾ اُٿي بادلن جي گرجنا ۽ بجليءَ جي چمڪ! ٺهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن جهڪار ڪري چمڪڻ لڳا. اُتوا جڏهن ساوڻ جي برسات زور شور سان وسي رهي هجي ۽ شهر ۾ اڳيئي پاڻيءَ جي ٻوڙ ٻوڙان هجي، مٿان اچي ٽٽي ڏ رياه جو بند. بس، ٽڏهن ئي مهاراج جن جي پريم روپي نديءَ جي پرواھ ۾ ساري سنگت ٻڏي ويئي. رات جو هڪ اچي ٿيو. ٽنهن کان پوءِ، مهاراج جن رام نام جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيو.

انهيءَ وچ ۾ گولا ٻري ويا ۽ ڏينهون چڙهي ويهون. مختيارڪار ٻه ڏلا ڪير جا ڀرائي کڻي آيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته، هي فقير سائين، هيءَ ڪير جا ٻه ڏلا غلام جا قبول ڪرين؛ خبر پئي ته ڪي هندو فقير اڄ سڄ لٿي هتي شهر ۾ آيا آهن، جن کي شهر جا واڻيا ٿلهي ٿي ٻه وقت اُتا ڏين. سو ٻڌي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو، پر هاڻي ڏٺي ساڌو ڏينهن

واٽ تي ڳائيندا رهاڻيون ڪندا، سج لٿي اچي ٻنهي جي ڳوٺ ۾ پهتا. اچي هڪ دوڪاندار جي دڪان اڳيان ٽلهي تي اچي ويٺا ته دوڪاندار دڪان تان لهي اچي چوڻ لڳو ته توهان ڪير آهيو؟ هتي ڇو ويٺا آهيو؟ جلدي هتان اٿي وڃو. تنهن تي ڪيارام اٿي چيس ته ڀائي، ڏيان نه ڪر، آهيون ته هندو. سڀني کي تون چوين ته هتان اٿي وڃو. اسين ڪو نه اٿنداسون؛ واڻئي ڪاوڙجي چيو، ڇو ڪين اٿندا؟ توهان جو ٽلهو آهي ڇا؟ جلد ڪريو اٿو. مهاراج جن ڪيارام کي چيو ته ڀائا، جهيڙو نه ڪريو. توهان آلمانند سان گڏجي، شهر ۾ ڪو ٺڪاڻو يا ڪا ٻي جاءِ ڏسي اچو، ته اتي هلون. آلمانند ۽ ڪيارام شهر ۾ ويا. ٻه ڏر رهن، ويهن منٽن ۾ موٽي اچي چيائون ته، توهان جي ليلا عجيب آهي. ٺڪاڻو ته ڏاڍو سٺو ڏسي آيا آهيون، پر ٻاٻو چوي ٿو ته هتي رهڻ جي جاءِ ڪانهي. جنهن کان ٻه پڇيوسون، تنهن چيو ته هتي سڀني، مسافرن جي رهڻ لاءِ جاءِ ڪانه آهي؛ باقي شهر جي وچ ۾ ڪنهن سيٺ جي اوطاق ڏسڻ ۾ آئي؛ اُنهيءَ جي اڳيان، هڪ وڏو ورانڊو آهي. اُهو رهڻ لاءِ جاچي آيا آهيون.

مهاراج جن چيو سامان کڻو ته هلي اُتي ٽڪا رهون. سڀئي اچي اُنهيءَ ورانڊي ۾ چادرون وڇائي ويٺا. اچي ٿي ٿوري ويٺا ته جاءِ جي مالڪ جو نوڪر اچي چوڻ لڳو ته سيٺ چيو آهي ته هتان اٿو، توهان ڪير آهيو؟ هتي ڇو اچي ويٺا آهيو؟ هيءَ جاءِ مسافرن جي رهڻ جي ڪانهي. مهاراج جن نوڪر کي چيو ته، پيارا، توهان وڃي سيٺ کي هيڏانهن موڪليو. چئوس ته ساڌ توهان کي سڏين ٿا.

نوڪر ويو ۽ ٻئي منٽن ۾ موٽي اچي چيائين ته سيٺ چيو آهي ته ايڏانهن اچڻ لاءِ اسان کي فرصت ڪانه آهي؛

اڇي، ۽ خوشيءَ سان ڪيس رسوئي ڪارائيندا ڪرهو. داڻو پاڻي داتار جو آهي. هر ڪو جيوُ ديس يا پرديس پنهنجي پرالبد ڪٽي تو وڃي. شيوا آهي پاڻ وارن جو ڏاج جنهن جو پاڻ جاڳي تو، سوئي اُتي، مسافر جي شيوا ڪرڻو. اُتيءَ جي شيوا ڀڳوان جي شيوا کان به وڌيڪ ڦل ڏيڻ واري آهي. ست شاستر چون ٿا ته جنهن گرهستيءَ جي دروازي تان ساڌو برهمڻ، اُتي، مسافر نراس ٿي موٽي وڃي ٿو، اُنهيءَ گرهستيءَ جا ورت نيم، دان، تيرٿ اشنان، سيئي ناس ٿي وڃن ٿا.

سلوڪ- سنساري تو ڪر ديا- نا تو ڪر ويراڳ،
ويراڳي بندن پري- نانڪي جان اُپايگ.

مطلب: گرهست ۾ رهي ته سدائين دل ۾ ديا هجيس؛ نه ته ويراڳ ڌاري وڃي جهنگل ۾ گوبند جو ڀڄن ڪري. پر جي اهو ويراڳي سنسار جي ڀوڳن ۽ مايا جي موهه ۾ ڦاسي پوي، ته اُپاءُ آهي. ڀڳوان جي ڀڄن ڪرڻ جا ٻه رستا آهن. هڪ گرهست جو، ٻيو تياڳ جو. گرهست ۾ رهي ڀڳتي ڪري ته ڪئن ڪري جئن ته:

درشٽانت: هڪڙي شهر ۾ هڪ نيپالي هوندو هو، جو ٢٥ ميلن تي نيپال پهچائيندو هو. هڪ ڏينهن صبوح جو نيپال ڪٽي روانو ٿيو. سارو ڏينهن پنڌ ڪيائين. شام جو سج لٿي اچي برسات پيئي. هڪ وڏو وڻ ڏسي، اُهي هيٺان اچي وڻ کي پاسو ڏيئي ٻيهي رهيو. دل ۾ ويچار ڪيائين ته برسات بند ٿئي ته پوءِ وڃان. پر برسات وسندي رهي. رات پئجي ويس. ساري رات اُتيئي ويٺو رهيو. صبوح جو ٥ بجه برسات بند ٿي. هاڻ جو ويچار ڪيائين. پر هڪ ته ساري رات برسات ۾ ويٺو رهيو. ٻيو ڪپڙا سارا پاڻيءَ ۾

جو توهان جي شيوا ڪندا. مختيارڪار پوءِ موڪلائي ويو. تنهن کان پوءِ، مکيءَ ستگرو مهاراج جن کي چيو ته سائين، توهان جي رهڻ واسطي ٽڪاڻي ۾ سارو بندوبست ڪري آيا آهيون. ڪرپا ڪري رسوئي کائي، هلي آرام ڪريو. تنهن تي کيارام چوڻ لڳو ته اُلهي تي به وهڻ نٿا ڏين، سو هنن جي روٽي ڪين کائيندا سون.

مکيءَ جاءِ جي سيٺ ۽ ٻين ڪن پنچن چيو اسان کان اوڳيا ٿي آهي، ڪرپا ڪري اسان کي معافي ڏيو. مهاراج جن چيو پيارا، توهان جو ڪو به قصور ڪونهي. سڀ ڀڳوان جي ليلا آهي. جيئن ڪري، تيئن مالڪ آهي. اسان سڀ ۾ خوش آهيون. توهان ڪو به خيال نه ڪريو، اسان رسوئي کائون ٿا.

پوءِ جن کائي، سڀئي اچي ٽڪاڻي ۾ ويٺا. مکي ۽ ڪي پنچ به ٽڪاڻي ۾ آيا. باٻو صاحب به اچي سوامي جن وٽ ويٺو. مکيءَ هٿ جوڙي پرارٿنا ڪئي ته اسين سڀئي سوالي آهيون ته ڪرپا ڪري واري وٽيءَ سان اسان جي غريب گهرن ۾ چرن گهمائي رسوئي انگيڪار ڪريو. اسان کي ڌرم، ڪرم جي ڪائي خبر ڪانهي. پسن وانگر هن جهنگل ۾ پيا آهيون. توهان اسان پاپي جيون جي عيبن ڏي نه ڏسي، ٻنهڄي ڪرپا ڪري ٻه چار ڏينهن رهي، ستسنگ ڪري اسان کي ڌرم جي رستي ۾ لڳائي وڃو. پنچن جي ارداس تي مهاراج جن چار ڏينهن ٻني جي شهر ۾ رهيا. رات جو ستسنگ ٿيندو هو. جنهن ۾ پريم ۽ ڪرم، ڌرم جو اپديش ڪيائون. ڏهاڙيءَ جي رات چيائون ته جيڪي ٻڌو اٿو تنهن تي ويچار ڪندا رهندا ڪريو. اتٿي، ساڌو، مهمان، مسافرن جي شيوا، پريم ۽ شردا سان ڪندا رهو. ڪو به سمت مهدان شهر ۾

چڱو. جهرڪ چيو ڳالهه تمام چڱي ڪئي اٿيئي. پر تون ويچار نه ڪر. ٻاڻ ٻڪي، اُجاڙ جهنگل ۾ رهڻ وارا، ڪو به ڪاڻ جو پدارٿ گڏ ڪري ڪونه رکون. جيڪو داڻو ملي، سو کائي اُچون. تنهن ڪالسواءِ، هن منش کي ڇا کارائي سگهنداسون؟ تنهن تي جهرڪيءَ چيو جي توهان ناراض نه ٿيو ۽ مونکي خوشيءَ سان آگيا ڏيو، ته مان هن مچ ۾ ٽپ ڏيان. هو مونکي ڀڃائي کائي، مينهن جو پاڻي جو گهڻو ئي بينو آهي، سو ڀڃي، توهان کي آسيس ڪندو ويندو ۽ منهنجو به جنم سڦلو ٿيندو. جهرڪ چيو، تون ڪي ڏيوواد هجي! تمام سٺو ڌرم جو رستو ٻڌايو اٿيئي. پر سر مڙد ڏيندا آهن. تنهن ڪري تون مونکي خوشيءَ سان موڪل ڏي، ته مان سر ڏيان. جهرڪيءَ چيو، پراڻ ناٿ، جي توهان سر ڏيندا، ته منهنجو سارو جنم دکي ۽ بيڪار ٿي پوندو. تنهن ڪري مان سر ڏينديس.

اهڙيءَ طرح، جهرڪ چوي ته مان سر ڏيان ۽ جهرڪي چوي ته مان سر ڏيان. آخر اڳ ۾ جهرڪ ٽپو ڏنو ۽ پٺيان جهرڪيءَ. ٻئي وڃي مچ ۾ پيا. ٽپالي کائي خوش ٿي، برسات جو پاڻي پي روانو ٿيو.

مطلب: گرهست مارگ ۾ رهي ڀڳتي ڪجي، ته جهرڪ ۽ جهرڪيءَ جهڙي ڪجي. ڪو به سوالي در تان خالي نه وڃي ۽ ڪنهنکي به بکيو نه ڇڏجي. پوءِ چيائون ته جيڪي چار وچن توهان کي ٻڌايا اٿئون، تن تي ويچار ڪندا رهجو. اسان پرڀات جو ۴ بجه، ڪنڌ ڌوءِ ويندا سون. ايترو چئي، ستنام سائيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيائون. سنگت ڀاو پرساد وٺي گهر وئي. تنهن ڪاپوءِ ڀائي ايسرداس هٿ جوڙي چيو سائين، منهنجو دوڪان جهرڪن ۾ آهي. هڪ رات اتي رهي، ستسنگ ڪري، اتي ڏينهن گاڏيءَ تي

پڇي پيا هئس. ٿيون سياري جي موسم ۾ سارو سرير سڪي
پيو هوس، هلي نه سگهيس. چئني طرفن ڏي ٺاري آليءَ
وهي رهيو. مٿي وڻ ۾ هڪڙو جهرڪ ۽ جهرڪي آکيري
۾ ويٺا هئا. مسافر کي ڏکي ڏسي، جهرڪ چوڻ لڳو ته،
هي استري، پنهنجي وڻ هيٺان مهمان ويٺو آهي، جو سيءَ
۾ ڏکي پيو. ڏاڍو ڏکي آهي. پاڻ گرهستي آهيون. پنهنجو
ڌرم آهي ته جو گهر ۾ اچي، تنهنجي پتا شڪتي، دل سان
سيوا ڪري کيس خوش ڪريون. جهرڪيءَ چيو، اسين پاڻ
پکي، هن منش جي ڪهڙي سيوا ڪري سگهنداسون؟
جهرڪ چيو منهنجي دل چوي ٿي ته هن وقت، هن مسافر
کي اگنيءَ جي ضرورت آهي. هتان شهر تمام ويجهو آهي.
آئون اگني کڻي اچي پنهنجي آکيري کي ڏيون. آکيرو اندران
سڪل آهي ۽ جهٽ ٻري اچي هيٺ پوندو. مهمان اُنهيءَ
تي سيءَ لاهي، خوش ٿي ويندو. پاڻ وري پيو نئون گهر
ڪري ناهينداسون. اهو ويچار ڪري پکي اڏامي، اڌ ميل
پنڌ تي هڪ ڪمار جي واڙي ۾ ويو. اُتي باھ پئي ٻري.
اُتان ڏکيل سنهڙيون ڪاٺيون چهنب ۾ کڻي، اچي پنهنجي
آکيري کي باھ ڏنائون. آکيرو ٻري اچي ٽپاليءَ جي پرسان
ڪريو. ٽپاليءَ هيٺ سيڪيا. ڪاٺيون ۽ ڪک پن ميڙي، اچي باھ
جي مٿان رکيائين. اگني ڏيري ڏيري مچندي وئي. سيءَ
لاهي، ڪپڙا باھ تي سڪائي پائائين. ڪپڙا پائي اچا هلڻ
جو ويچار ڪيائين ته جهرڪيءَ جهرڪ کي چوڻ لڳي ته هي
پتي ڏيو، مهمان جي سرديءَ ته دور ٿي، پر ويچارو سڄي
رات ڌڪ ۾ ڏکيو آهي، هن کي بک به ڏاڍي لڳي هوندي.
پنهنجي گهر مان مهمان بکيو هليو وڃي، اها ڪيتري نه ڏک
جي ڳالھ آهي. منهنجو خيال آهي ته ڪجھ کائي وڃي ته

کي بند ڪيو اُٽس ۽ ڪيترن کي بند ڪري رهي آهي. ڪوئي ڪوئي ويراڳي هن کان ٻچي، ڀڳوان جو ڀڄن ڪري پنهنجو اُڌار ڪري ٿو. ستسنگ سماپت ٿيو.

ستگرو مهاراج جن ۵ مهينا ڪنڊوءِ ۾ لت ليم سان ستسنگ ۽ سنتن مهمانن جي شيوا ڪندا رهيا. هڪ ڏينهن، تاريخ ۲۰ چيٽ سنبت ۱۹۷۷، صبح جو ۱۰ بجي ڀائي گوبندرام ٺيڪيدار، سکر ضلع جي عظمت جي ڳوٺ وارو، پراڻن حالن سان اچي نڪتو. هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته سائين، مان ۲-۳ مهينا سيٺ کان موڪل وٺي، ڳوٺ ويو هوس. پنهنجي ڀائرن کي مڱائي، شاديءَ جو مهورت تاريخ ۱۲ آکاڙ چوڏس ٿي ڪڍائي آيو آهيان؛ ڪرپا ڪري، پنهنجي هٿن سان هلي، پنهنجي ٻچن جو ڪارج ڪرايو ۽ اسان داسن جي گهر چرن گهمائي، پوتر ڪريو. منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو توهان جي درشن جا پياسي آهن ۽ چئي ڇڏيو اٿن ته ڪيئن به ڪري، ستگرو مهاراج جن کي وٺي اچج. سو پريو، اُرداس قبول ڪريو ۽ پروگرام ڏيو ته ڳوٺ لکي ڇڏيان.

ستگرو مهاراج جن سندس سوال مڃيو. ڏهن، پندرهن ڏينهن کان پوءِ، ڀائي گوبندرام مهاراج جن کي وٺڻ آيو. اُن رات جو ستگرو مهاراج جن ستسنگ ۾ پريم جو پرسنگ هلايو. چيائون ته سچو پريم اُهو آهي، جو سدائين چندرما جي شڪل پکش وانگر وڌندو رهي.

سلوڪ - ساچا پريم سو جانئي - بيج چند جيون هوءِ،
کهي تيئون کب نا گهٽي - دن دن بڙهتا سوءِ.

اهڙو سچو پريم ڇپي ڪونه سگهندو.

سلوڪ - پريم ڇپايا نا ڇپي - جا گهٽ پرگهٽ هوءِ،
جي پي مک نا بوليئي - نين ديت هي روءِ.

وڃجو. مولڪي ٻنهي نڪيتن لاءِ پيسا به ڏنا آهن. سواميءَ جن هنجي ڳالهه قبول ڪئي. سڀاڻي تي صبوح جو روانا ٿيا. سنگت کي ملول ڏسي، چيائون ته سنت، ڀڳوان، گرو، سدائين پريمين سان گڏ آهن. توهان ڪوبه خيال نه ڪريو. اسان جو داڻو پاڻي هوندو ته وري به ايندا سون. پنڊ تي اچي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا. درياهه ٽپي، جهرڪن ۾ آيا. رات جو ٨ کان ١١ بجي تائين ستسنگ ڪيائون.

صبوح جو ريل ۾ چڙهي آڏيري لعل جي اسٽيشن تي اچي لٿا ۽ سج لٿي ڪنبوءَ پهتا.

ماتا ڪرشنا، ڀائي ٽهلرام ۽ ٻين پريمين سان ڀيٽا پوک ملي وينا. ساري شهر ۾ ستگرو مهاراج جن جي اچڻ جي خبر پئجي ويئي. سڀني پريمي ستسنگي پرساد ڪٺي اچي ستگرو مهاراج جن جو درشن ڪري خوش ٿيا. ڀائي لالوُرام ۽ ڀائي ڪيارام، ميلي جي ساري خبر پريمين کي ٻڌائي.

ٻئي ڏينهن شام جو ٤ بجي، سالاري جو ڀڳت گهنڊو رام سوامي جن سان ملڻ آيو. مهاراج جن کان ميلي جون خبرون ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، جي وري ڪيڏانهن سفر تي وڃو، ته ڪرپا ڪري، مون کي به ساڻ وٺي هلجو. مهاراج جن چيو، توهان پڪا آهيو. ڪنهن خاص پريميءَ جو سڏ ٿيو ته ويچار ڪنداسون. پوءِ پاڻ ۾ رس رهاڻ ڪيائون. ڪجهه وقت بعد سنت گهنڊو رام موڪلائي سالاري ويو. رات جو ستسنگ ۾ مهاراج جن پنهنجا ٺاهيل نوان نوان ڀڄن پريم ۽ ويراڳ مان ڳايا. ڀڳوان جي مايا جو ورڻن ڪري چوڻ لڳا ته: ڀڳوان جي مايا اننت قسمن جا کيل ڪري رهي آهي. جيڪو سنڌس ويجهو ٿو وڃي تنهن کي ٻڪڙي، موهه روپي مڪان ۾ بند ڪندي ٿي وڃي. اننت جيون

ڀاڱو پهريون - باب ٥

ٻئي ڏينهن صبح جو گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس،
کيارام، ٺاڪورداس ۽ سنت گهنبورام کي ساڻ ڪري،
گوبندرام سان روانا ٿيا. ڇهئي آدم اسٽيشن تي پهچي،
١٠ بجي گاڏيءَ ۾ وڃي چڙهيا. گاڏيءَ ۾ کيارام چوڻ لڳو
ته روٽي نه ڪنهن ڪانه اٿئون؛ مونکي ته بک لڳي آهي
۽ اسٽيشن جو کاڌو نه ڪونه کائيندا سون.

سوامي جن چيو ابا، پرڀوءُ پاڻيهي کارائيندو. توهان وينا
ڀڳوان جا رنگ ڏسو. گاڏي اچي شهدادپور بيٺي ته ڀائي
ڏيوارام، شامداس، چوٿورام، مائي ڀوڄي، ڀائي آسنداس،
ڪشوري رام، ڀائي ڪيولرام ۽ ٻيا ڪيترا شهدادپور جا
پريمي، گلن جا هار، ميوو ۽ ڀوڄن کنيو، اڳ ۾ ئي اسٽيشن
تي بيٺا هئا. گلن جا هار پائي، جئه جئه ڪار ٻولائي، ميوو
۽ ڀوڄن ڏنائين، چوڻ لڳا ته سائين، هينئر اسان توهانکي هتي
لهڻ لاءِ ڪونه ٿا زور ڀريون. باقي موٽندي، ڪرپا ڪري
ضرور اسان وٽ لهجو. هفتو کن اڳواٽ احوال ڏجو ته اسان
بندوبست ڪنداسون. ستگرو مهاراج جن ڪين چيو، ته ڀيرين ته
ٻڌايو ته توهان کي اسان جي وڃڻ جي ڳالهه ڪنهن ڪئي.
ڀڳت ڏيوارام چيو ته سائين، ڪالهه ڪنڊيءَ جو هڪ ماڻهو
هتي گذرا ڪٽي آيو هو، تنهن ٻڌايو. مون رات ئي وڃي،
پريمين کي ٻڌايو ۽ صبح جو گڏجي اسٽيشن تي توهان جي
درشن لاءِ آيا آهيون. هاڻي اسان جي ارداس قبول پوي
ته موٽندي اسان وٽ ضرور لهندا.

مطلب: ڀڳوان جي سچي پريت ڪيترو به ڪٿي ڪو لڪائي، نه به لڪي ڪانه سگهندي.

ڪبير صاحب جن چون ٿا پريم جي مستيءَ ۾ جي ڪير ڪڇي نه سگهندو، نه به پريم جي وارتا ٻڌي، روئڻ ضرور اچي ويندس. اهو پريم به تمام چڱو آهي، پر وچولي درجي جو آهي. اتم پريم اهو آهي، جو ڀڳوان پريتم جي وڇوڙي ۾ لڙهندو رهي.

سلوڪ- پيارا بڇڙي روءَ هين- ساچا پريم نه جان،
ساچا پريم سو جانئي- بڇڙت جاوي پران.

مطلب: پرماتما پريتم جي وڇوڙي ۾ روئڻ به ڪچو پريم آهي. پر سچو پريم اهو آهي، جو پريتم، پرماتما جي وڇوڙي ۾ پران تياڳي. جيئن راجا دسرٿ- سري رام جي وڇوڙي ۾ پران تياڳيا.

سلوڪ- سارس ڪيه پريتي سچي- يگل ڦرت جگ مانهه،
کهي تيئون جو اِڪ مري- دوُجا جيوت ناهه.

مطلب: سارس پکين جي پاڻ ۾ اهڙي پريت ٿيندي آهي، جو سدائين به گڏ گهمندا آهن. جي هڪڙو مري وڃي ته ٻيو انهيءَ جي پريم وڇوڙي ۾ پنهنجا پران تياڳيندو آهي؛ تنهن جن جي هردي ۾ اهڙو پريم آهي، تن سان ڀڳوان، سنت، گرو، لوڪ پرلوڪ ۾ سدائين گڏ آهن. ٢-٣ ڏينهن پريم سان ڳائي، سنگت کي چيائون ته اسان صبح جو سويل سکر ضلع جي عظمت شهر ڏانهن وينداسون، جو ڀائي گوبند رام ٺيڪيدار وٺڻ آيو آهي. توهان سڀئي ستسنگي، ڀائي ٺهلرام سان گڏ جي، نت نيم سان ستسنگ ۽ سنتن، مهمانن، مسافرن جي پريم سان سيوا ڪندا رهجو. پنهنجو چت نام ۽ گرو ڀڳتيءَ ۾ وڌائيندا رهجو. ستنام ساکيءَ جي ڌنيءَ سان ستسنگ سماپت ٿيو.

پرسن ٿيندو آهي.

سلوڪ - جوڳي جهنگم سيوڙا، سنياسي درويش،
بنا پريم ڀڄي نهين، درلڀ ستگر ديش.

مطلب: جوڳي جهنگم، سنياسي، بيراڳي آد کهڙي به ذات، ورڻ، پنٿ، ڀيک جا هجن، سي پريم سان ئي ڀڳوان سان ملي سگهندا. اها سچي ڀڳتي ۽ پريم سنتن جي سنگ مان پراپت ٿيندو. ستسنگ پريم ۽ ڀڳتيءَ جو گهر آهي. انتريامي ڀڳوان ستسنگ روپي گهر ۾ رهيتو.

درشٽانت: هڪ ڏينهن نارد منيءَ کي ڀڳوان جي درشن جي ڏاڍي پياس ٿي. سو وئڪنٺ پريءَ ۾ ويو. ڏسي ته ڀڳوان آهيئي ڪونه. پڇيائين ته ڀڳوان ڪٿي آهي؟ پارشدن چيس ته الائي ڪيڏانهن نڪري ويو آهي. هڪڙو گهر هجيس ته توهانکي ڏسيون. نارد وئڪنٺ پريءَ ۾ ڀڳوان جي رهڻ جا آستان، مندر ڳولهي، رستو وٺي روانو ٿيو. جهنگل، ٻن، پربت، ندين جا ڪنارا ڳولهيندي ڳولهيندي هڪ شهر ۾ اچي نڪتو. ڏسي ته ستسنگ ٿي رهيو آهي ۽ ڀڳوان براجمان آهي. ڀڳوان کي ندوميئي پرڻام ڪري، هڪڙيءَ ڪنڊ کان ويهي رهيو. جڏهن ستسنگ سماپت ٿيو، تڏهن ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري چوڻ لڳو ته هي وئڪنٺ ناٿ، اڄ توهان کي ڏاڍو ڳولهيو اٿم. الاجي ڪٿي ٿا رهو. مونکي ڪا مٿر جاءِ ڏسي ڇڏيو ته جنهن مهل توهانجي درشن جي پياس لڳيم، تنهن مهل سڌو وٺي اچي توهانجو درشن ڪريان.

ڀڳوان چيو:

سلوڪ - نا هم وسامي وئڪنٺي يوگينام هردي نه په
مد ڀڳتايتر گاينتي، تتر تشٽامي نارد

مطلب: هي نارد مونکي نه وئڪنٺ ۾، نه يوگين جي هردي

مهاراج جن فرمايو ته وچن ڪوٺ ته ڏيون، پر جي هن ٻاسي کان آياسين ته ويچار ڪنداسون. گاڏي چُرڻ لڳي، سڀئي پريمي موڪلائي روانا ٿيا ۽ گاڏي به تيز هلڻ لڳي. شام جو اچي سکر اسٽيشن تي لٿا ۽ سڌو سنت بلورام، سنت گنگارام جي شش جي آستان تي آيا. ڀائي گوبندرام اڳ ئي بندوبست ڪرائي ڇڏيو هو. سنت بلورام ساڻن پريم ۽ آدر سٽڪار سان مليو ۽ سڀني کي آسڻ تي وهاري، چوڻ لڳو ته وڏي ڪرپا ڪئي اٿوَ جو سکر ۾ پڌار جي درشن ڏنو اٿوَ. ڀائي گوبندرام توهان جي ڳالهه ڪندو هو، اسان کي به گهڻن ڏينهن کان پياس هئي، ته ڪڏهن اوهان جو درشن ٿيندو. سڀني جل پان ڪيو. پوءِ سنت کيارام چيو، سائين ٿڪل به هوندا، پر هتي به سڀئي پريمي توهان جي ستسنگ ۽ درشن جا پياسي آهن. سو ڪرپا ڪري ڪلاڪ کن ڏيو. مهاراج جن چيو ته سنتن جي درشن سان سڀ ٿڪاوٽ دور ٿي وڃي ٿي. رات جو پلي پريمين کي ستسنگ جو پروگرام ٻڌايو. پوءِ سنت بلورام ۽ ڀائي گوبندرام سان گڏجي، درياه جي هن رستي گهمڻ ويا. ڪيترن گردوارن ۽ مندرن ۾ ڀڄن ٿي رهيو هو؛ تمام سندر نظارو هو. سنت بلورام کي چيائون، هتي ته سرڳ پري لڳي پيئي آهي. ائين گهمندا ڦرندا، رهاڻ ڪندا اچي ستسنگ جي جاءِ تي پهتا. هزارن جي تعداد ۾ خلق آيل هئي. سنگت ڀاؤ پرشاد رکي، پيرين پئي وهندي ويئي. ستسنگ شروع ٿيو، سروانند، گرمکداس ۽ ٿانور داس موج ۽ مستيءَ ۾ اچي خوب ڳايو. تنهن کانپوءِ، ستگرو مهاراج جن ۽ سوامي ٽوال لعل جن ستسنگ شروع ڪيو. پريم، ستسنگ ۽ سنتن جي مهما جا ڀڄن ڳائي چيائون ته جن سچو پريم ڪيو آهي، تن ئي پريوءَ کي پاتو آهي، ڇو جو ڀڳوان پريم تي

ٻلهاري وڃان جو مونکي سچائي سچي سمجهائي ڏني اٿيئي. اهو رنگ ڏسي ٻاڙي وارا مهاتما کي چوڻ لڳا تہ هن توهان کي تمام خراب وچن چيا آهن ۽ توهان وري هن مورک کي پيا همٿ ڏيو! تنهن تي مهاتما چيو تہ اَٻا هيءُ مورک ڪونهي، تمام ٻڌيوان آهي، مونکي هيل تائين ڪنهن بہ ڪونہ سچائو هو. هن ئي سچائي مونکي اُپديش ڪيو آهي. چوي ٿو تہ تون ڪريل آهين. سو برابر مان اڳير نرگڻ، نراڪار هوس ۽ هاڻي ڪرجي، سرگڻ ساڪار ٿي پيو آهيان. ٻيو ڪپتي يعني ڪايا روپي پتي ڀري آيو آهيان. ٽيون چوي ٿو تہ ڍونگي آهين. برابر ڍونگ ڪري وهنوار جي ڪم ڪار ۾ متن ماڻهن کان ڇتو آهيان. اهڙيءَ طرح مونکي سچائي هن اُپديش ڪيو آهي تہ پاپي يعني پيءُ، جو پرماتما آهي، تنهن کي جلدي پاءِ. بدمعاش يعني سرير جو ماس تمام خراب آهي، جو مٽي ڪاپوءِ ڪنهن بہ ڪم جو ڪونہ ٿيندو. تنهن ڪري سرير جو ايمان ڇڏي ڏي. نامراد يعني نام جو آراڌن ۽ ڀڄن ڪر. ڀياڳا يعني نانا سنسار جي روپ ڀياڳي، وڃ حرامي يعني الترمک ٿي وڃي هريءَ ۾ آرامي ٿيءُ، پنهنجي آتم ابناسي گهر ۾ سکي ٿيءُ. مهاتما جا وچن ٻڌي اهو ماڻهو مهاتما جي پيرن تي ڪري پيو. اکين ۾ جل آڻي، روئي چوڻ لڳو تہ هي پرڀو مونکي معافي ڏيو. سنت ڪيس آشيرواد ڏيئي روانو ٿيو. اهو دِرشٽانت ٻڌائي سوامي جن چيو هي گرمکو، جئن ڀورو ڪنڊن کي ڇڏي سيني گلن مان سڳنڌي وٺي ايندو آهي، جئن ماکيءَ جي مک نم جي ڪڙي وڻ مان بہ مٺاڻ ڪڍي ايندي آهي. تئن گرمک وويڪي مهاتمائون سڀني مان سار ڪڍندا آهن. سم معنيٰ من کي روڪين ٿا. دم معنيٰ پنهنجي اندرين کي وشين ڀوڳن کان روڪين ٿا. تنهن

۾، نه تيرٿ نه مندر، نه نديون، نه پهاڙن ۽ نه جهنگلن ۾ گولهڻ. باقي جيڪي ست پرش مهاتمائون، نشڪامي، نرماني، اُدار چت منهنجي ڪيرتي ۽ جس ڳائيندا هجن، اُتي اچي منهنجو درشن ڪبو، ڇو جو ستسنگ ئي منهنجي رهڻ جو خاص استان آهي. پوءِ ڇيائون ته ڀڳوان ستسنگ روپي گهر ۾ رهي ٿو. اهو ستسنگ روپي گهر، خاص ڀڳوان جي رهڻ لاءِ ڪيترين تڪليفون وٺي، سنتن ئي ٺاهيو آهي انهيءَ لاءِ ته جگياسين، مموڪشن ۽ ڀڳوان جي ڀڳتن کي، ڀڳوان جي درشن ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. سنت سدائين پراپڪاري، سداسُ ويچاري پرم اُداري ٿيندا آهن.

سلوڪ - انت ڪرپال نهه دروهه، چت سهن شيلتا سار،
سم دم آد اَڪام مت، مِردل سرو اُپڪار.

مطلب: سنت مهاتمائون وڏي ڪرپا ڪري انيڪ جنمن ۾ ڀڳوان کان وڇڙيل جيو کي پريوءَ سان ملائي ابداسي گهر ۾ پهچائي اُن جو آواگون جو ڦيرو مٽائين ٿا. جن مهاتمائن جي چت ۾ ڪو بدوه، ٺڳي يا پاکنڊ ڪونهي ۽ چت سدائين پوتر اٿن. ڪنهي جي ڪو ڪٿي نندا، گلا يا اپمان ڪري ته به اُنکي ڪو پِت پاراتو ڪونه ڏيندا آهن ۽ نه ئي چت ۾ دکي ٿيندا آهن. پر اُنکي پنهنجو متر ڄاڻي اُن مان به سار ڪڍي پنهنجي چت ۾ خوش ٿيندا آهن.

هڪ اوقوت آتم گياني مهاتما هڪڙي گرهستيءَ جي در تي اچي پوڄن لاءِ هري نارائڻ ڇيو. گهر مان هڪڙو ٻارو ٻاهر نڪري مهاتما کي ڇوڙ لڳو ته هي ڪريل، ڪپٽي، ٻونگي، پاپي، بدمعاش، نامراد، ليپاڳا، وڃ بدنام، حرامي. مهاتما هٿ جوڙي ڇوڙ لڳس ته پيارا تون ڏنءِ، ڏن آهين. جو سڄي شهر ۾ لوئي ٻونگي سڃاتو آهي. مان توکان

شرڻايون ونيون، گلن جا هار ڪٺيءَ، شهر جي ٻاهران بيٺا هئا. ستگرو مهاراج جن کي گلن جا هار پائي دهلن دمامن سان ڀائي گوبندرام جي اوطاق تي وٺي اچي هڪ سينگاريل آسڻ تي وهارايائون. پرساد پيٽا رکي هٿ جوڙي، خبرون چارون وٺڻ لڳا. سوامي جن چيو خبرون سڀ سک جون آهن. انترجامي ڀڳوان جتي ڪٿي آنند منگل ڪيا آهن. سيٺئي هڪ ابناسي گهر جا آهيون. پنهنجي اڳيان ۽ ڪرمن جي ڪري توهان هتي سکر ضلع ۾ ۽ اسان حيدرآباد ضلع جي ڪنڊوءَ ۾ جنم ورتو. هتي ڀائي گوبندرام پنهنجن ڀائرن جي شاديءَ تي وٺي آيو آهي. رات سکر ۾ هئاسون هينئر هتي اوهان پريمين کي ڏسي خوش ٿيا آهيون. پر وڌيڪ خوش تڏهن ٿينداسون، جڏهن اصلي گهر ۾ هلي هڪ ٻئي کي گڏجون. وڌيڪ خبرون توهان کي ستسنگ ۾ ئي ٻڌائينداسون. هاڻي توهان پنهنجون خبرون ٻڌايو.

ٺٽ نهڻتي مکي راجلداس هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو توهان جي ڪرپا سان وقت چڱو پيو گذري. هرڪو پنهنجي ڪار وهنوار ۾ لڳو پيو آهي. توهان جي مهما ڀائي گوبندرام ڪندو هو. اسان کي اوهانجي درشن جي اڪير هئي اوهانجي واٽ نهاري رهيا هئاسون. توهانجو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. ڪجھ وقت ويهي سيٺئي ڀاو پرساد وٺي، پنهنجي جاءِ تي ويا.

ستگرو مهاراج جن ڀوڄن ڪائي آرامي ٿيا. شام جو ۴ بجي اٿي جل پان ڪري سيٺي سڄڻن کي وٺي سير تي ويا. ۷ بجي ڏاري موٽي جاءِ تي آيا. ۸ بجي ستسنگ سڀا ۾ اچي براجمان ٿيا. سڀا ڀرپور هئي. پرارٿنا جي مهما تي پروچن ڪيائون. چيائون ته جيو کي سدائين ست چت آنند پريپورڻ پرماتما اڳيان پرارٿنا

ڪالسواءِ ٻيا ٻه ڪيترائي منجهن گڻ آهن. سندن دل ۾ ڪنهن
به پدارٿ جي ڪامنا ڪانه رهندي آهي. مِڙدل معنيٰ سدائين
مٺي ستيه ٻولي ٻولڻ وارا آهن. سيني جيون جي اُڌار واسطي
نت اوتار ڌاري سنسار ۾ ايندا آهن؛ ستسنگ جو ڏيهاڙ
لڳائي، سيني جيون کي پريم جي سرڪي پياري سندن هردا
سيتل ڪري پريوءَ سان ملائين ٿا.

راڳ ڪوهياري

ٿل - ڏيکا جڳ ۾ سنت اُداري، سار گراهي ست وچارِي

١- سڀ هي ڏيوي سڀ هي ليوي،
سڀ هي ڏکي سڀ هي سيوي
سر دم آدِي ڪت گڻ ڌارِي

٢- اپني شرڻ پر دوک سهارنھ،
سڀ جيوون ڪي ڪشت نوارنھ
سوارٿ بن سي پراُپڪارِي

٣- اس ڪرپالُو ڪرپا ڪرهئن،
جنم مرن دک کووي هر هئن
مات پتا سي اِت هتڪارِي

٤- ڪهي ٽيئون سي برهم گياني،
رهتي آتم انتر ڌياني
جائون تن پر مئن بلهارِي.

آخر ستسنگ سماپت ٿيو ته سنگت مهاراج جن کي چوڻ
لڳي ته ڪرپا ڪري ڪجهه وقت رهي نام جي ورکا ڪريو.
مهاراج جن ڪين چيو ته اسان کي عظمت جي ڳوٺ ۾ شادي ءَ
تي وڃڻو آهي. موٽندي ڏاڍو ٿاڪ هوندو ته اچي رهنداسون.
تاريخ ٦ ويساک، سمبت ١٩٧٧ صبوح جو ١١ بجه
عظمت جي ڳوٺ ۾ پهتا. شهر جا پنچ پرهمي اڳ ئي ڏهل

ٽيڏانهن دک جو آواز ٿو ٻڌجي. سو ٻراس ٿي توهان جي چرن ڪنول ۾ آيو آهيان ته منهنجو اُڌار ڪريو. چوراسي لک جوڻين ۾ ڦرندي ڦرندي مون تمام گهڻو دک پاتو آهي. هاڻي ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. مونکي آتم گيان جي جهاز ۾ چاڙهي، هن ڀيانڪ ساگر کان پار ڪري پنهنجي اعليٰ اَبناسي ديس ۾ پهچايو.

اِنهيءَ وقت تي ڪيترا پرارٿنا جا پد ڳائي بس ڪيائون ته ڀائي گوبندرام چوڻ لڳو ته هي پريو، شاديءَ ۾ ڪجهه رڪاوٽ ۽ ڪٽ ڦٽ ٿي پيئي آهي. ڪرپا ڪري پلئه پايو ته سک سان ڪارج راس ٿئي. اِها ارداس ٻڌي فرمايائون ته بابا ڪائي چنتا نه ڪريو. انترجامي پريو سڀني کي سمت ڏيندو ۽ توهانجو ڪارج نرو گهنتا سان سمپورڻ ٿيندو. سنگت کي چيائون ته پلئه پائي پريوءَ کي پرارٿنا ڪريو. پلئه پائي، پرارٿنا ڪرائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

اهڙيءَ طرح هر روز رات جو ستسنگ ڪندا هوا. ڳڙهي عادوشاهه، چڪ، ڪاهي ۽ ٻين ڪيترن ڳوٺن جي خلق مهاراج جن جو جس ۽ ڪيرتي ٻڌي، درشن لاءِ ايندي هئي. ماستر ڪيشوداس ۽ ڪي ٻيا شش ٿيا. آخر ڀائي گوبندرام جي پٽن جي شادي ٿي ويئي. ڳڙهي عادوشاهه جي مکي آنندرام ۽ چڪ جي ڀائي جشن مل ڀائي چوئٿ رام ستگرو مهاراج جن کي پنهنجي ڳوٺ چرڻ گهمائڻ لاءِ وينتي ڪئي جا سوامي جن سوڪار ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ستگرو مهاراج جن سڀني کان موڪلائي عادوشاهه جي ڳڙهين ويا. اُتي شام جو درياهه جي ڪناري گهمڻ ويا ۽ هڪ پپر جي وڻ هيٺان وڃي ويٺا. اُتي ڀائي گوبندرام هٿ جوڙي سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! هن سنسار

ڪرڻ گهر جي نه هي پريو، هن سنسار ساگر کان تاري، مونکي پار ڪريو!

سلوڪ - هئُن اناٿ آٿي دکي، ٻريو ديک سنسار،
ٻوٻت هوُن پيو سنڌ مين، موه ڪرو پرڀو پار.

مطلب: پريو، مان اناٿ، منهنجو سنسار ۾ ڪوئي رکيڪ مددگار، ساٿي ڪونهي. مان تمام ڏکي آهيان. هيءَ ڀيانڪ سنسار ڏسي ڊڄي رهيو آهيان ۽ هن سنسار ساگر جي آٿاه روپي جل ۾ غوطا کائي رهيو آهيان. مونکي ترڻ ابداسي گهر ۾ پهچايو. توهان کانسواءِ ٻيو ڪوئي آسرو ڪونهي.

سوَيو - سرو اور ستي هوئه نراسا-

چـرن آپڪـي آن گـهـي،
لاک چوراسي جون چڪر۾-
ڦـر ڦـر هم بهه دوک سهي،
ڪرپا ڪر گر اپنا ڪيجي-
طـرف تمهاري ديکهه رهي،
ڪهي تيئُون گرپار ڪرواب-
ڀـو سنڌ ۾، مئن جات بهي.

مطلب: جئن ڪانگ جهاز تي اچي ويٺو آهي ۽ جڏهن جهاز سمنڊ ۾ ٻه چار ميل پري هليو ويندو آهي، تڏهن خيال ڪندو آهي ته هاڻي جهاز کي ڇڏي ٻئي هنڌ وڃي ويهان. اهو خيال ڪري جڏهن چئني طرفن کان ڦري ڏسندو آهي ته وهڻ جي جاءِ ڪاٿي ۽ چوڌاري پاڻي ئي پاڻي آهي، تڏهن جهاز کي ئي پنهنجو آسرو سمجهندو آهي. تئين ستگرو مهاراج جن انترجامي، مون هن سنسار ساگر ۾ چئني طرفن کان ڦري ڏٺو آهي ته ڪٿي به سک ڪونهي. جيڏانهن ڪن ٿو ڏجي

چند - ري من سڀ ڪا موه ڏيا گو، موه مها وڪرالا هئه،
موه ڪٽنب سي ڪيتا جسني، موه ٽسڪو گهالا هئه،
أرجن جهڙسي وير بهادر، تهسي موه کي جالا هئه،
کهي ٽيئُون جو موه ڏيا گي، سو جن رهت سڪالا هئه.

أنهيءَ موهه روپي اونده کي ناس ڪرڻ واسطي هڪ آتم گيان روپي هي ٻتيءَ جو پرڪاش کپي. سو آتم گيان برهم ليشني، برهم سروتري، ديهه ڌاري پورن ستگروءَ جي دواران ئي ملندو آهي. أنهيءَ گيان جي پرڪاش ڪري موه روپي اونده دور ٿي ويندي. ٿنهن ڪانپوءِ جگياسو نريئه ٿي آتم سک کي پائيندو. انهيءَ موه روپي اونده جي ڪڍڻ واسطي بس اهو ئي ساڌن آهي. شام جو منڊليءَ سميت موٽي جاءِ تي آيا. رات جو ستسنگ ۾ هيٺيون ٻچن چيائون.

راڳ ٽوڙي

ٿل - ڪتا سن ڪوله ڪيئه ويچار
اوجل ديهي انيس گنوائه - بنا ٻچن ڪرتار
١- ڪتا هريءَ جي آهي جڳ ۾ - سڀ ڪرمن ڪان سار
سٺي سٺي لسا سمجهه پرائه - جنم ڪيئه بيڪار
٢- موهه ممت متسر نا ڇڏيئه - ڪام ڪروڌ اهنڪار
ڪرڻ لڳين لت پڇر پرائي - ڪانهي لوهه ڏڪار
٣- وڏڙو تي جنهن لئه آئين - سو نه ڪيئه واپار
ڌرماءُ أت ڪين ڇڏيندءِ - پورو ڪندءِ آچار
٤- من جي مس ڪر سرلي ليڪرڻ - ٿيءَ تون لکٽي هار
کهي ٽيئُون لک رام نام أر - پائين موکيه دئار

ان ٻچن جي ارٿ ڪندي ٽن پرڪارن جي ٻڌڻ جو بيان ڪيائون. چيائون ته ستسنگ ۾ جيڪي ماڻهو اچن ٿا، تن جي

۾ رهندي پنهنجن وڪارن کان ڪيئن رهائي پائجي تنهنجو سولو اُپاءُ ڪرپا ڪري ٻڌايو؟

تنهنتي مهاراج جن هيءُ هيٺيون شبد ڏاهي سيٺي کي ٻڌايو.

راڳ جوڳ

ٽل - ڪر ڪو ديهہ سدار پيارا، پاڻ وڪارن کان تہ ٻچائي.

١- ڪام جڏهن تو زور لڳائي، شرم مرم سڀ شان وڃائي
هردم ٿيءُ هوشيار پيارا، جت ست سان تون پريتي پائي.

٢- ڪرودہ جڏهن تو جوش جڳائي، جان جگر ۽ جسم جلائي
دل کي ڏي تون ٺار پيارا، ڪميا شانتي صبر پرائي.

٣- لوڀ جڏهن تو لائي لوري، ڌن ميڙڻ جي ٿي جيءُ جهوري
سچ جو ڪر وهنوار پيارا، هردي ۾ سنتوش وڌائي.

٤- موهہ جڏهن تو من کي منجهائي، ڌيرج ٻل ۽ ٻڌي گنوائي
من مان ڪڍ اندڪار پيارا، برهم گيان جي جوت جڳائي.

٥- گرب جڏهن من واس ڪريٿو، ڌرم ڪرم کي ناس ڪريٿو
پاءِ حليمت هار پيارا، ڪهي ٽيئون ايمان مٽائي.

اِهو ٻچن ٻڌائي ڇيائون تہ هي پيارا، هن ٻچن جي ويچار ڪرڻ ۽ رهڻي رهڻ سان منش جنم جلدي سڌري پوي ٿو ۽ هيءُ جيو وڪارن کان رهائي پائي سگهي ٿو.

سلوڪ - موهہ مهادوک روپ هئہ، ٽانڪو ديو نکار،
پريت جڳت کي ڇاڏ کي، اپنا ڪرو اُڌار.

مطلب: سنساري پدارٿن جي پريت وڏي دک ڏيڻواري آهي. تنهنکي ڇڏي پنهنجو اُڌار ڪريو. پر جيئن سنت سمجهائين ٿا تيئن اگياني پاڻ وڌيڪ موهہ روپي گهري اُنڌيري ۾ اُٿي وڃي رهيا آهن.

پريو. سوامي جن ستسنگ ۾ پلئه پاتو. سيٺ ڪـي ١٢ مهني پٽ ڄائو جنهن جو نالو ٽوٽلداس رکيو ويو. اُتان پائي چوئٿرام پائي لهرومل مکي، پائي جشن رام آدي ستسنگي ستگرو مهاراج جن کي پرارٿنا ڪري چڪ وٺي ويا.

رات جو ستسنگ ٿيو. ست ڪرم جي وارتا هلي، چيائون ته هيءُ منش چولو پريوءِ جي پڄن لاءِ ئي مليو آهي. ڀڳوان جي پڄن ۽ ست ڪرم ڪانسواءِ هن جيو جو ڪو ٻه سنگي ڪونهي. ڪٽنب پريوار سڀ جيو کي وچ ۾ ڇڏي ويندا. ائين چئي هينيون پڄن شروع ڪيائون.

راڳ تلنگ

ٽل - ديس ڇوڙ پرديس ۾ آئي - ساچا وڻج وهانا ري

١ - اُوٿ مسافر جاڳو جلدي - نيند نه ڪرنا دانا ري

٢ - اس جڳ ڪي بازار منجهاري - ستسنگ ڪلا دڪانا ري

٣ - سنت جنان ڪي سيوا ڪرڪي - هر ڪا درشن پانا ري

٤ - ڪهي ٽيئُون ستگر پرسادي - پائو پـل نـر پانا ري

راڳ ڪامول

ٽل - منشيه ڪاهي ڪو ٽون آيا ري

جڳ ۾ جنمي جنم دنيا هئه - تسڪو نانهه ڏيايا ري

١ - مات ڳرڀ ۾ اُلٽي ٽـي جب - هرسي ٻول ٻنڌايا ري

٢ - ٻاهر نڪسي لـالهه ٻسارا - موهه ليٽا تجهه مـايا ري

٣ - پانچ لٽو ڪي ديهه ديڪڪي - نج سوروُپ ڀلايا ري

٤ - ڪهي ٽيئُون هر پڄن بنا ٽون - يم ڪي هاٿ ٻڪايا ري

سلوڪ - گانٺ هوءِ سو هاٿ ڪر، هاٿ هوءِ سو دي،
آگي هاٿ نه ٻاڏيان، ليڊنا هئه سو سي لي.

مطلب: لوڪي اُنڌ ۾ جيڪو پيسو هجي، سو ڪڍي همٿ ۾

ٻڌي ٽن پرڪارن جي آهي. (١) لوڌي (٢) مولي (٣) ليلي.

(١) لوڌي ٻڌي: گهوڙي جي لل کي لوڌ چئبو آهي، جنهن ۾ سئيءَ سان سوراخ ڪبو ته يڪدم پورجي ويندو. تئين ڪنشٽبن جي لوڌي ٻڌي آهي. هڪ ڪن کان ٻڌن ۽ ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏين. لوڌ وانگر هنن کي ڪو به اثر ڪونه ٿيندو آهي.

(٢) مولي ٻڌي: ڪن جي ٻڌي موليءَ وانگر ٿيندي آهي يعني جئين موليءَ ۾ جيترو سوراخ ڪبو اوترو ئي سوراخ ظاهر ٿي بيهندو. تئين جيترو سنت مهاتمائن اپديش ڪندا، اوترو ئي ڪين ياد بيهندو.

(٣) ٽين منش جي ٻڌي ليل وانگر آهي. جئين ليل جو ڦڙو پاڻيءَ ۾ ڇڏبو آهي ته پکڙجي رنگ رنگ ٿي چمڪندو آهي تئين اهي سار اپديش ياد ڪري انهيءَ ويچار سان وستار ڪري وڌائي وڃي آتما جو ساکيات ڪار ڪندا آهن.

وهنوار خواه پرمارٿ جو گيان ٻڌيءَ جي ڪري ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سدائين ٻڌيءَ کي آتم ۽ پوتر ڪندو رهجي. ٻڌي آتم ۽ پوتر ڪيئن ٿيندي، تنهن لاءِ هي چار اپاءَ آهن. ١- شڌ ساتوڪي آهار ٢- ستسنگ ٣- ست شاستر چنتن ۽ ٤- نام جي اڀياس ڪرڻ سان ٻڌي آتم ۽ شڌ ٿئي ٿي. اهڙي طرح جي وياکيان ڪندي مٿيون ڀڄن ارٿ سهت چئي ستسنگ سماپت ڪيائون.

اتان ڏهرن جي ٻوٽ ۾ سيٺ پرچومل وٽي آين. اُتي ٥ ڏينهن رهي ڀڄن ڪيرتن جو ڏاڍو آنند ڪيائون. هڪ ڏينهن ستسنگ وچ ۾ سيٺ پرچومل اُٿي ستگرو مهاراج جن کي پرارٿنا ڪئي ته ڀڳوان! توهان هرتا ڪرتا جاڻي جاڻڻهار آهيو. هن داس کي سنتان ڪانهي. سو ديا ڪري منهنجي جهول

باغيچو (٣) سرسبز پهاڙ (٤) ستسنگ.

(١) درياه جي ڪناري تي اچي ويهبو يا گهمبو ته به چت پرسن ٿيندو.

(٢) سندر باغيچي ۾ وڃي گهمبو ته به چت قلواڙيءَ کي ڏسي خوش ٿيندو آهي.

(٣) پهاڙ تي چڙهي هيٺيون نظارو يا مٿيون نظارو ڏسي چت خوش ٿيندو آهي.

(٤) ست پرشن ۽ مهاتمائن جي ستسنگ ٻڌڻ سان به چت پرسن ٿيندو آهي.

پرنتو جيستائين درياه جي ڪنارو يا باغيچي يا پهاڙ تي پيو گهمبو، تيستائين چت خوش رهندو. پر جيڪي سنتن مهاتمائن جي ستسنگ ۾ وڃي پريم رُوپي پينگهي ۾ چت رُوپي بالڪ کي وهاري لوڏين ٿا ۽ رام نام رُوپي کير پياري، چت رُوپي بالڪ کي ويدانت جي وچنن رُوپي لالڊين سان شانت ڪرائين ٿا، تن جو چت، آتم گيان پائي پنهنجي سروپ ۾ لنولين ٿي سدائين آنند جي هندوري ۾ لڏندو رهي ٿو. جهنگل مان موٽي آيا. ٨ بجي رات جو ستسنگ شروع ٿيو. پهرين ڀڳت وانورام پنهنجي ڀڄن سان سنگت کي موهي وڌو. ستگرو مهاراج جن پوءِ ستسنگ ڪيو. هي جيو ست چت آنند سروپ آهي. اهي ٽيئي سروپ هن جيو آتما ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پهرين ست آهي. ست اهيءَ وستوءَ کي چئجي ٿو جو ٽنهي ڪالن ۾ ڪنهن سان به ناس نه ٿئي. ٽي ڪال: پهريون ڀوت، ٻيو ڀوشيه، ٽيون ورتمان. پهريون ڀوت، جو وقت گذري ويو. ٻيو ڀوشيه، جو وقت سڀاڻي ايندو. ٽيون ورتمان جو هينئر هلي پيو. انهن ٽنهي ڪالن ۾ جنهن جو ناس نه ٿو ٿئي، سو ست آهي. ٻيو

ڪر، جي هٿ ۾ هجي ته اوڏيءَ مهل پرپوءَ جي ناليءَ ۾ دان ڪر، ڇو جو پرلوڪ جي مارگ ۾ ٻيو ڪوبه سهائتا ڪرڻ وارو ڪونه آهي ۽ نڪو ڪو دوڪان آهي، جتان تون خريداري ڪندين. انهيءَ ڪري سڀني جيون کي پرلوڪ جو سمر ناهڻ گهرجي.

سلوڪ - وڪر سو وهاءِ، جو پُٺي پراڻو نه ٿئي
ويچبيندي ولايت ۾، ذرو ٿئي نه ذايع
ساڪا هر هلاءِ اڳهن، اڳهه جنهن جي اُبهين.

مطلب: اهڙو ڪو گيان ڀڳتيءَ جو وڻج ڪر، جو نه پراڻو ٿئي ۽ نه ٿي جنهن مان گهاٽو به نه پوي يعني ڏيندي ونندي جنهن مان ڪوبه نقصان نه پوي ۽ جنهن جي آسري تون پرلوڪ ۾ وڃي سک پائين. هيءَ مانش چولو پرلوڪ جي ناهڻ واسطي ئي مليو آهي، نه ٻگاڙڻ واسطي. چوراسي لک جوڻين ۾ هيءَ جيو ڪجهه به ڀلائي نه سگهندو. انهيءَ واسطي ڪيترا پڇن ارٿ سهت ٻڌائي ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو ڪاهيءَ جي ڳوٺ جو ڀائي وانورام ڪاهيءَ جي پنچن طرفان سوامي جن کي ڪاهيءَ ۾ چرڻن گهمائڻ واسطي اچي نڪتو. سوامي جن کي وينتي ڪيائين. سوامي جن کيس چيو ته پيارا اسان کي هتي اڃا شايد هفتو کن لڳي ويندو. اِلي ڀائي جشن رام چيو ته سائين، پندرهن ڏينهن نه اوهان جي رسوئي برهمڻن وٽ آهي. سو ڀڳت وانورام کي اڃا ڪو ڏينهن مقرر ڪري نه ڏجو. ٻه، ٽي ڏينهن پليءِ هتي ترسي، هن جو پڇن به ٻڌو. ناڻو سريلو ڳائيندڙ آهي.

مهاراج جن چيو ته چٽ روئي ٻالڪ کي خوش ڪرڻ لاءِ سنسار ۾ چار جڳهيون آهن: (١) درياه جو ڪنارو (٢) سمندر

وٺي اچو. تنهن لاءِ سيٺ چويس ته ڇوڪري کي اسٽيشن تان
وٺي اچان، ته پوءِ گڏجي پٽ سان کائيندس. اڃا مونکي
بک ڪانه لڳي آهي. تون پاڻ کاءُ. استريءَ چيو، مونکي
به بک ڪانه لڳي آهي. سڀئي گڏجي کائينداسون. ڇو بک
ڪانه لڳي اٿن، جو پٽ جي پياس ۾ پيٽ ڀرجي ويو اٿن.
بک، هڪڙي پٽ جي درشن جي اٿن. آخر ١١ بجي موٽر
ڪاهي سيٺ اسٽيشن تي ويو. پليٽفارم تي، واچ هٿ
۾ جهلي، وقت ۽ گاڏيءَ کي ڏسي رهيو آهي. انهيءَ وقت
هڪ منٽ به مهيني سمان پيو سمجهي. گاڏيءَ جي اچڻ جي
گهنٽي لڳي ٿي، سگنل لهي ٿو، پر سيٺ کي سڌ سار ڏسڻ
۾ ڪونه ٿو اچي؛ هڪ گاڏي ڏسڻ ۾ اچيس ٿي، دل ۾ آنند
جي لهر اٿيس ٿي. گاڏي اچي اسٽيشن تي بيهي ٿي. پٽ
کي گاڏيءَ مان لهندو ڏسي، پٽ ڏي وڃي ٿو. دل آنند
سان ڀرپور ٿي وڃيس ٿي. وري جنهن وقت پٽ کي ڳراٽڙي
پائي ملي ٿو، تنهن وقت دل ۾ آنند ماپي نٿو سگهيس. اُٿل
کائي، پاڻيءَ جي روپ ۾ اکين مان ٻاهر نڪري ٿو، ڪنٺ
روڪجي وڃيس ٿو ۽ وار ڪانڊار جي وڃنس ٿا. بس، اُنهيءَ
وقت جي آنند کي، فقط سيٺ ئي ڄاڻي ٿو. پٽ کي پاڻ
سان موٽر ۾ چاڙهي گهر وٺي اچي ٿو. رسوئي کائي سمهي
پون ٿا. صبح جو اُهو آنند گهٽجڻ لڳو. اُنن ڏينهن کانپوءِ،
سيٺ کي پٽ مان اُهو آنند نٿو اچي. آخر مهيني کن کانپوءِ،
هنجو پٽ اهڙو ڪو ڪم ٿو ڪري جو سيٺ ڪاوڙ ۾ اچي
پٽ کي چوي ٿو ته، هي مورک، تو هيءُ ڇا ڪيو. اهڙيءَ
طرح گهٽ وڌ ڪڙا وچن پٽ کي ڳالهائي ٿو. جي پٽ ۾
آنند هجيس ها، ته سدائين اسٽيشن وارو آنند اچڻ گهرجيس ها.

انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته پٽ ۾ آنند ڪونهي. اهو

آتما چت سروپ آهي. يعني پرڪاش روپ آهي، اُنهيءَ ست ۽ پرڪاش روپ جي آڌار تي ئي سڀ، اُسٿول، سوکيم ۽ ڪارڻ، اسٿت تي اندر باهر، سارو وهنوار ڪري رهيا آهن. ست ۽ پرڪاش جي ڪري سارو برهمنڊ، چند رما، سورج، آد، چمڪي، سوڀيا پائي رهيا آهن. جنهن اَمر آنند جي ڪري سڀني پدارٿن مان آنند اچي ٿو. هڪ انهيءَ ست وستوءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به پدارٿ ۾ آنند ڪونهي. سنسار ۾ پت جهڙو پيو ڪو به پدارٿ پيارو ڪونهي. پت مان ڏاڍو آنند اچي ٿو، پر پت ۾ آنند اصل ڪونهي. اُتي هڪ درشٽانت ڏيان ٿو.

درشٽانت: ڪنهن سيٺ جو پت ولايت ۾ وڃي پڙهي ٿو. ڏهه سال پڙهي وڏو امتحان پاس ڪري پنهنجي ماتا پتا کي چٺي لکي ٿو ته مان هاڻي پڙهي پاس ٿيو آهيان. فلاڻي تاريخ ٦ بجه صبح جو، هوائي جهاز ۾ هتان روانو ٿيندس. واٽ تي ڏهه ڏينهن لڳندا، فلاڻي تاريخ رات جو ١٢ بجه واريءَ گاڏيءَ ۾ پهچندس. پت جي اچڻ جو پڙهي، سيٺ خوش ٿي پنهنجي استريءَ کي وڃي ٻڌايو. هو هو چٺي پڙهي، خوشيءَ ۾ نه پيا ماپن. مٺن مائٽن کي پيا ٻڌائين. هڪ هڪ ڏينهن پيا ڳڻين. پر هنن واسطي اُهي ڏينهن به سال ٿي پيون ٿا. آخر اُهو ڀاڳ وارو ڏينهن به اچي ٿو. انهن به پت جي خوشيءَ ۾، اهو ڏينهن به سندن لاءِ وڏو ٿي پيو ٿو. سنسار جو ڪم ڪار ڀانءِ ٿي وڃي ٿو. ڪنهن به پدارٿ مان آنند نٿو اچين؛ سڀو چت پت ۾ لڳي ويو اٿن. ڏهه ڏيهاڙا پيا ڳڻين، ڪلاڪ پيا ڳڻين. ڳڻيندي ڳڻيندي، رات جا ڏهه اچي ٿيا لڳن، استري سيٺ کي چوي ٿي، رسوئي کائي، سنهري، موٽرڪاهي اسٽيشن تي وڃي، ڇوڪري کي

پوءِ سنت گنگارام ٻه ڀڄن ڳايا ۽ اڌ ڪلاڪ کن ستسنگ ڪيائين. سوامي جن ٻه ستسنگ ڪيو ۽ پنهنجا سڌر گيت ٻڌايائون. سنت گنگارام کان موڪلائي، پاڻي چاندورام جي آستان تي آيا. سنت چاندورام، مهاراج جن کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو. اُتي ٻه سنت چاندورام جي پرڀرنا تي، سيني ساڌن سان ملي، هڪڙو ڀڄن ڳاياءون. اُتان موڪلائي آيا، چوئٿ ڀال جي آستان تي. چوئٿ ڀال ستگرو مهاراج جن کي آسڻ تي وهاري، جامو پائي، چير ٻڌي وڏي پريم منجهان، سنتن جي مهما جا ٻه ڀڄن ڳايا. تنهن کان پوءِ چوئٿ ڀال کي وٺي، سڌو ستسنگ جي ماڻدي ۾ اچي، ستسنگ شروع ڪرايائون. ست ڪرم جي وارتا هلي چيائون منش کي سدائين ست ڪرم ڪرڻ گهرجن، جي ڪرم ٻن پرڪارن جا آهن:

١- سڪام ٢- نشڪام- پهريون سڪام ڪرم، يعني ڦل جي اِڇا رکي ڪرم ڪرڻ. ٻيو نشڪام ڪرم، اُن جو ڦل آهي، اُنتش ڪرڻ جي شڌي. سيني جيون کي پنهنجي اُنتهڪرڻ جي شڌيءَ واسطي نشڪام ڪرم ڪرڻ گهرجن.

آهار ۽ وهنوار شڌ ڪرڻ گهرجي. تمي گڻ آهار يعني مڇي ماس آدي کائڻ ڪري اُنتش ڪرڻ ملين ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري شڌ آهار ڪرڻ گهرجي. ڪنهن ٻه جيو کي بنا ڪارڻ دک نه ڏجي. سنگت کي پرڀرٿا ڪيائون ته ماس مڇيءَ کان ڪنارو ڪندا ته ڀڳوان اوهان کي اوهان جا اڳيان پاپ ٻه بخشيندو. ڪن تورن ماڻهن همت، مٿي ڪٺي وچن ڏنو ته ماس مڇي نه ورتائينداسون. سوامي جن اُنهن کي ڌيواد ڏني. وري سنگت کي چيائون ته جي سدائين لاءِ مڇي ماس نٿا ڇڏي سگهو ته جيستائين توهان جي نگريءَ ۾ آهيون، ايستائين پاسو ڪريو ۽ پوءِ ٿي، ستسنگ ۾ اچي پوءِ ڀڳوان

آنند ھن جيو جو سروپ آھي، پر پنھنجي ست چت آنند سروپ کان ڀلجي پيو آھي. وري مهاتمائن جي ستسنگ ۾، ست شاسترن جا ويدانت وچن سڻي، ستگرن جي ڪرپا سان، آتم گيان پائي، پنھنجي سروپ کي سڃاڻي سنسار ۾ جيون مڪت ٿي رھي ٿو. اِنھيءَ وشيہ تي ڀجن ڳائي سنگت جي اندر مها آنند ڇانئي ڇڏيائون. ستسنگ جي سماپتيءَ وقت ڀائي جشن رام عرض ڪيو تہ سنگت جي مرضي آھي تہ صبح جو ۷ کان ۹ بجي تائين بہ ستسنگ ٿئي. ستگرو مهاراج جن منظور ڪئي.

صبح جو ۷ بجي ستسنگ شروع ٿيو. پوءِ ڀائين ڀڳت واڌورام ۽ ڀڳت چوٿرام گڏجي موج مچائي، جنھن کانپوءِ ساڍي ۹ بجي تائين سوامي جن ستسنگ ڪيو.

ڀڳت واڌورام جو ڪاھيءَ واپس ڪوڙ ويو، سو اُتان جا ڀائي گوبند رام ۽ ڀائي موھن رام اچي اٽڪا ۽ سوامي جن کي ڪاھيءَ ۾ چرڻ گھمائڻ لاءِ پنڇاٽ طرفان ٻلاءَ وڌائون. چڪ جي پريمين سوامي جن کي ڇڏڻ جي لاءِ ڪئي ۽ چيائون تہ اڃا مھينو ڪن نہ وڃو. پر ستگرو مهاراج جن چڪ جي پريمين کي چيو تہ اُٻا، پليءِ ڪاھيءَ جي پريمين جو چت بہ خوش ڪريو. تو ھان وٽ ١٥ ڏينھن ڪن رھنداسون. ڪاھيءَ جي پريمين چيو جڳو سائين اسين وچون ٿا. ڀڳت واڌورام اِتي آھي. اُنھيءَ کي پروگرام ناھي ڏجو تہ پوءِ اسان وٽ ايندا سون. شام جو ۴ بجي سڀئي سياڻ ۽ ڪيترا ٻاھر جا مھمان ستگرو مهاراج جن سان گڏجي سنت ڏنگارام جي آستان تي ويا. سنت ڏنگارام سڀني جو برھم سھت آدرستڪار ڪيو ۽ چيائين تہ، اوھان جو درشن پائي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آھي. دستور انوسار، ھڪ ٻئي کي حال احوال ڏنائون ورتائون.

جي پٺيان هلڻ لڳي. چوٿت ٻال ڇير جاهو پائي اڳيان نچندو هليو. سيٺ نولنداس رستم واري جي ڀائٽي، ڀائي آولرام کي نه اهڙو اڇي ٻره لڳو جو بازار مان ڪانيون، ڪانا، پکين جا کنڀ پٽڪي ۾ وجهي، چوٿت ٻال سان گڏ نچڻ لڳو. سيٺ آولرام کي نچندو ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا نه سيٺ آولرام کي ڇا ٿي ويو آهي، جو پنهنجو سڀ شان مان ڀلائي، ساڌن جي اڳيان نچندو پيو هلي. خبر ناهي نه ساڌن جي پچن ۽ ڏنڊن جي گهنگهرن ۾ اهڙو ڪهڙو پريم جو جادو ڀريل آهي جو اسانجي دل ۾ ائين پئي چاهي نه جيڪر سنتن جي پٺيان هليا وڃون.

اهڙيءَ طرح چڪ جا پريمي، پريم ۾ گڏ گڏ ٿيندا مهاراج جن سان گڏ شهر کان چڱو ٻاهر ٽائين ويا.

مهاراج جن پوءِ سڀني کي چيو هاڻي توهان موٽي وڃو. اسين پنڌ سفر ڪندا، ڪاهيءَ ويندا سون. توهان سانجهيءَ جو ستسنگ ۾ اچجو. پريمين مهاراج جن کان موڪلايو.

آولرام ۽ ڪيترا چوڪرا مهاراج جن جي پٺيان هلڻ لڳا، آولرام جي ڪاڪي نولنداس رستم واري مهاراج جن کي چيو نه آولرام توهان جي پريم ۾ مست ٿي ويو آهي. سو ڀلي توهان سان گڏ جي ڪاهيءَ تائين هلي - پر ٻري نه وٺي وڃجوس. هن ٻچي تي ڪرپا ڪري ڪيس سمت ڏجوس. ٻيا ڪي ٿورا چوڪرا به مهاراج جن سان ويا.

سوامي جن جي سواگت لاءِ ڪاهيءَ جا پنج اڳيئي ٻاهر بيٺا هئا. سوامي جن کي دهلن، شرنائين سان وٺي ويا. پچن پاءِ ڪندا بزار مان لنگهيا. چوٿت ٻال ۽ آولرام به نچندا هليا. شهر جي وچ آيا نه آولرام کي نچندو ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا. چوڻ لڳا تـه ههڙو سيٺ جو ڪنهن ساڌ کي پيري

سان مليو. اِها ڳالهہ سڀني قبول ڪئي. ستگرو مهاراج جن هي ڀڄن چيو.

راڳہ پهاڙي

ٽل- منش ڪي ڪڏهن ماس کائڻ نہ گهرجي،
اَشد ڪاج ۾ دل، لڳائڻ نہ گهرجي.
١- ڪرڻ جيو هنسا، آهي پاپ ڀاري،
گلي ڪنهن جي ڪاٽي، وهائڻ نہ گهرجي.
٢- کائڻ ماس وارو، وڃي ٿو نرڪ ۾،
نرڪ ڀاڻ پنهنجو، رلائڻ نہ گهرجي.
٣- کائي ماس جوئي، منش ناهہ سوئي،
پشن جيئن جيون، ٻڌائڻ نہ گهرجي.
٤- کهي **ٽيئون** شاستر، چون سنت سڀ ٿا،
ڪڏهن جيو ڪنهن ڪي، ستائڻ نہ گهرجي.

مکي ڀرومل اُٿي چيو تہ صبح جو پنچائي هوڪو ساري شهر ۾ ڏياريو تہ جيسين سنت نگريءَ ۾ آهن، ليسين ڪو بہ مڇي ماس نہ کائي. تنهن کان پوءِ، ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، هڪ ٻجي ستسنگ سماپت ڪيائون.

اهڙيءَ طرح هر روز صبوح جو ٧ کان ٩ بجہ تائين ۽ رات جو ٨ کان ١٢ بجہ تائين ستسنگ ٿيندو رهيو. ڏينهان ڏينهن شهر جو پريم وڌندو ويو ۽ ٻاهران بہ ڏهن ٻارهن ميلن جي مفاصلي تان خلق ايندي هئي. شهر جا ڪيترا پريمي ستگرو مهاراج جن جا شش ٿيا جن ۾ ڀائي ٽانوڙداس، ڀائي جشنرام ڀائي ڀولو رام، ڀائي پرٿمداس، موهنداس بہ هئا. شهر وارن جي اَلي پرنام ڪري مهاراج جن ٢٠-٢١ ڏينهن چڪ ۾ رهيا. تنهن کانپوءِ ڏاهيءَ جا پنچہ ڪين وٺڻ آيا. شام جو ٤ بجہ پڄڻ آئيندا شهر مان روانا ٿيا. ساري شهر جي خلق مهاراج جن

وڃي آرامي ٿيا.

صبوح جو ٧ بجي ستسنگ منڊپ ۾ آيا. مکي ڀيرومل سوامي جن کي وينتي ڪئي ته ٻن سلوڪن جو ارٿ ورڻن ڪري ٻڌايو. سوامي جن سنڌس وينتي سويڪار ڪري، سلوڪن پڙهڻ لاءِ چيو. مکي ڀيرومل هيٺيان ٻه سلوڪ پڙهيا.

سلوڪ - ٻانڀڻ ڄائو ٻار، نپونسڪ جي نار کي،
جنهنجو رنگ نه روپ ڪو، نڪو انگ آڪار،
ڏسي جيو ٺري پيو، تنهنجو دب ديدار،
از غئبي اسرار، اچي نه واڻيءَ واچ ۾.

ارٿ: ستگرو مهاراج جن چيو ته سوامي صاحب جن فرمائين ٿا ته نپونسڪ آهي برهم، جو برهم نه پرش آهي ۽ نه استري. تنهن برهم جي استري آهي برهم آڪار ورتي. تنهن برهم آڪار ورتيءَ کي گيان روپي ٻار ڄائو آهي، جنهن جو رنگ روپ، آڪار ڪونهي. اچرج روپ ديدار ڏسي، هي جيو جو تاپن ۽ ڪليشن ۾ تتو پيو آهي سو ٺري سيتل ٿي پيو. اهو اهڙو عجيب نرباڻ پد آهي جنهن کي واڻي ڪٿن نٿي ڪري سگهي.

سلوڪ - گهڙو ڀڳو منڊ مئي، وسيلا ويا،
تنهان پوءِ سڌا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

ارٿ: گهڙو آهي سرير جو ايمان. منڊ آهي ممتا، اتوا استول آڪار ورتي. ايمان جي ناس ٿيڻ سان ممتا مري وڃي ٿي ۽ استول ورتي جا ٻاهر مکي آهي سا سوکيم ٿي وڃي ٿي. وسيلا يعني دنيا جا لاڳاپا، آسرا سڀئي وڃن ٿا. تنهن کان پوءِ سهڻي يعني جگياسو ميهر يعني ستگرو جا هدايل ويدانت جا مهاواڪيه، يٿارٿ واڻي سڻي ٿو، يعني سمجهي سگهي ٿو.

نه پوي. سو ڪيئن پنهنجي ساهراڻي ڳوٺ ۾ پيو لڳي! آوترام جي ساهرن کيس لڳندو ڏسي شرم کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. اهڙيءَ طرح ٻنهي جي موج ڪندا دربار ۾ آيا جتي سندن رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو. رات جو نيم انوسار ستسنگ ڪيائون جو رات جو هڪ بجي پورو ٿيو. پوءِ ستگرو مهاراج ساڻ ۽ مهمان رسوئيءَ لاءِ پنڌاري جي جاءِ تي ويا. اُتي پائي وانورام ۽ پائي سوڀن رام گهٻرائجي مهاراج جن کي آهستي چوڻ لڳا ته سائين رسوئي ته ١٠٠-١٢٥ ڪن جڻن لاءِ تيار ڪئي اٿئون. پر مهمان ته ۴٠٠-٥٠٠ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن وقت ٻي رسوئي به مشڪل تيار ٿي سگهندي. تنهن ڪري جيئن آڳيا ڏيو تيئن ڪريون. اهو ٻڌي مهاراج جن اُٿي پنڌاري جي جاءِ تي آيا. شيواڌارين کي چيائون ته اُٻا، جلدي لوٽو ملي پاڻيءَ جو ڀري اچو. ٻئي ديگيون ڇنڊائي ٿڌن تي ليٽايو ۽ هڪ نئين يا ڌوتل چادر ڪڍي اچو.

شيواڌارين حڪم جي پيروي ڪئي. مهاراج جن ستنام ساکي چئي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي چانورن مٿان چادر وڌي ڇاڻو هٿ ۾ کڻي، ستنام ساکي چئي، چانورن جي پالٽي پريائون. ڇاڻو سوڀن رام کي ڏيئي چيائون ته اُٻا، توهان هاڻي دل ۾ ستنام ساکي چوندا ڪڍندا وڃو ۽ شيواڌاري ڪارائيندا وڃن. ايترو چئي ستگرو مهاراج جن اچي سنگت ۾ ويٺا. پورجن ورتائڻ شروع ٿيو. سڀئي ساڻ مهمان رسوئي کائي اُٿيا. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن پنڌاري واريءَ جاءِ تي اچي پائي سوڀن رام کان پڇڻ لڳا ته اُٻا، پنڌارو ڪيئن آهي؟ پائي سوڀن رام هٿ جوڙي چيو ته پريو اجا گهڻو ئي پيو آهي. مهاراج جن چيس ته توهان ۽ سڀئي شيواڌاري کائين پوءِ جيڪي بچيو سو ٻاهر فقيرن ۾ ورهائي ڇڏجو. ستگرو مهاراج جن پوءِ

پنڊ برهمنڊ ۾ نرنتر - براجي برهم،
سندر اکنڊ جئسي - وياپڪ آڪاس هيءُ.

مطلب: ڪي چون ٿا تہ برهم لائيءَ ۾ رهي ٿو. ڪي چون ٿا تہ ڀڳوان هردي ۾ براجمان آهي؛ ڪي چون ٿا ڀڳوان ڪنٺ ۾ ويهي بولي رهيو آهي. ڪي چون ٿا تہ پربو ناسڪا جي چوٽيءَ ۾ وٺو آهي؛ اُتي درشن ٿيندو. ڪي چون ٿا تہ ڀڳوان ترڪٽيءَ ۾ پرڪاش ڪري رهيو آهي، ڪي چون ٿا تہ ڀڳوان دسمي دوار رهي ٿو، ڪي چون ٿا تہ ڀڳوان ڀنور غفا ۾ رهي ٿو، پر سندر مهاراج جن فرمائين ٿا تہ جيئن آڪاس سڀ هنڌ وياپڪ آهي. تيئن ڀڳوان بہ هر هنڌ وياپڪ آهي. تنهن هوندي بہ ڀڳوان هردي روپي غفا ۾ رهي ٿو. باقي اُنهيءَ جو درشن ڪيئن ٿيندو، سو ستگرن جي دواران نام جي ابياس ڪرڻ ڪري انتش ڪرڻ نرمل يعني اوجل ٿئي ٿو. اُنهيءَ نرمل بڌيءَ ۾ جگياسوءَ کي انيڪ سان ساکيات درشن ٿيندو. مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي مهراج ڄيرامداس ڏاڍو خوش ٿيو. تنهن کان پوءِ سيئي موٽي پنهنجي جاءِ تي آيا.

رات جو ٨ بجي ستسنگ جي منڊپ ۾ مکي ڀيرو مل اُتي چيو تہ سوامي، اسان جي ڳوٺ جا ڇوڪرا ڀسمت، پرمانند، مرليڌر گليشانند، سنتداس ۽ گوئندرام هر رات ٽڪاڻي ۾ ڪٿا ڪانپوءِ ڏاڍا سٺا ڀڄن ڳائيندا آهن، سو اڄ ڀلي اُنهن ڇوڪرن کان ٢-٣ ڀڄن چوارايو. ستگرو مهاراج جن جي آگيا پائي سيئي ڇوڪرن گڏجي اڌ ڪلاڪ کن ڏاڍي پريم سان ڀڄن ڳايا. تنهن ڪانپوءِ سوامي گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس جن ڀڄن جي موج لڳائي ۽ ساري سنگت پريم ۾ جهولڻ لڳي. بعد ۾ مهاراج جن ستسنگ شروع ڪيو. جڏهن ڀڄن جي موج ۾ آيا هن ست اُپديش جي وارتا هلائي چيائون تہ:

سلوڪن جو ارٿ ٻڌي مکي ڀيرومل ۽ سڀئي ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا.

ستسنگ سماپت ٿيو. مهاراج جن جاءِ تي آيا. شيوادارين کين ٻڌايو ته سڀني فقيرن کي ڀڄ ڪرائي ڪارايو ويو ۽ گهر لاءِ به کين ڏنو ويو.

ڀنڊاري واري ڳالهه ساري شهر ۾ بجليءَ وانگر ڦهلجي ويئي. شام جو سادن ۽ پريمين سان گڏجي، جهنگل جو سئر ڪندي ڀائي هرڀارام جي کوهه تي آيا ۽ ٽاري جي وڻ جي سنڌر ڇايا هيٺ اچي ويٺا. ڀائي هرڀارام ڪٽ وڇائي مهاراج جن کي واريو. ٻيا ساڌ ۽ پريمي لڏن تي ويٺا. اُتي مهاراج ڄيرامداس پرشن ڪيو ته ست شاستر چون ٿا ته ڀڳوان هر منش جي اندر آهي. سو ڪهڙيءَ جاءِ تي براجمان آهي ۽ اُن جو درشن ڪيئن ٿئي؟

مهاراج جن اُتر ڏنو:-

ڪوت - ڪوئو تو ڪهت برهم -
نابي ڪي ڪنول مڌ يه،
ڪوئو تو ڪهت برهم -
هردي ۾ پرڪاش هيءِ،
ڪوئو تو ڪهت ڪنٺ -
ناسڪا ڪي اگر ڀاڳ،
ڪوئو تو ڪهت برهم -
ترڪٽي ۾ واس هيءِ،
ڪوئو تو ڪهت برهم -
دسمي دوار بيچ،
ڪوئو تو ڪهت پورن - غفا ۾ نواس هيءِ،

منش ڪي ٽو ڪال -
ڪسي ڪام نهي آئي هئن.

مطلب: هاٿين جي هڏن ۽ ڏندن مان چوڙا ۽ ڪيترن قسمن جا رانديڪا ٺهندا آهن. شينهن جي کل شنڪر ڀڳوان، رشي منـي وچاني وهندا آهن. هرڻن جون کلون ورڪت يوڳي، جتي، بدن تي پائيندا آهن. ٻڪريءَ جي کل مان پکال ٺهندي آهي. سانڍ جي کل مان لشڪر لاءِ پٽا ٺهندا آهن ۽ گينڊي جي کل جا ڪوٽ، وڏا وڏا آفيسر، امير، وزير، راجائون پائيندا آهن. ڪوي ديارام جن چون ٿا ته پرڀوءَ جي ڀڄن کانسواءِ منش جي کل ڪنهن به ڪم ۾ نه ٿي اچي انڪري بيڪار آهي، جو جيئري اتوا مئي کان پوءِ ڪنهن به ڪم نٿي اچي. انهيڪري هن منش کي پرم اداري، پر اپڪاري ٿيڻ گهرجي. پرم اداري ڇا کي چئبو آهي؟

پرم اداري اُن کي ٿو چئجي جو مايا آدي پدارٿن مان پاڻ به سک وٺي ۽ ٻين کي به سک ڏي. پرم اداري اهو آهي جو پاڻ کي دک ڏئي به ٻين کي سک ڏي. اُن بابت ڪي درشٽانت ڏيئي ۽ ڀڄن چئي ستسنگ سماپت ڪيائون. ايتري ۾ هونئن جي پنچات جي پاران پائي ٽاراچند هٿ جوڙي پرارٿنا ڪئي ته پرڀو ڪرپا ڪري اسانجي ڳوٺ پيرا پائي نگريءَ کي پوتر ڪريو. ستگرن فرمايو ته ابا چڱو. تنهن کانپوءِ سڀئي روٽي کائي آرامي ٿيا. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن صبوح ۽ رات جو ستسنگ ڪندا هئا، ڏينهان ڏينهن شهر جو پريم وڌڻ لڳو. مهراج جيرامداس ۽ سندس ڀيڻ جمنا ٻائي هر روز ستگرن واسطي مکڻ، ڏڌ ۽ جونر جي روٽي پچائي کڻي ايندا هوا، جي ستگرو مهاراج جن پريم سان انگيڪار ڪندا هئا ۽ پريمين کي ورهائي ڏيندا هئا. ڪيترا پريمي ستگرو مهاراج جن

سلوڪ - ننڊ را، پوڄن، پوڳ پئُ، يهه پسون پروش سمان،
نر نه گيان نج اڌڪتا، گيان بنا پشون جان.

مطلب: کائڻ پيئڻ، ننڊ ڪرڻ، ڊپ ڪرڻ ۽ ٻار ٻچا پيدا ڪرڻ، اهي چار ئي سڀاءَ، پسن ۽ منشن ۾ هڪجهڙا آهن. منش کي ست اُست جو ويچار ۽ آتما جو گيان آهي ته اُتم آهي، نه ته پسن جي سمان آهي. پر اِئين پيو ڏسڻ ۾ اچي ته گهڻن ماڻهن کان وري به پسون چڱا آهن، جئن چيل آهي ته:

پسون مري دس ڪاج سنواري،
نــر مري نو ڪام نـه آوي.

مطلب: پسون جيڏري به منش جي ڪم اچن ٿا ۽ مُئي کان پوءِ به ڪم اچن ٿا جيئن:

ڪوت - هاٿِي ڪي ٿو دانت سي -
کلونا بئي پانت پانت،
شيرن ڪي کال شـو لپي -
مــن پـائـي هـئـن،
مرگهه ڪي کال ڪو تــو -
اوپت هئن يوگي جتي،
بڪري ڪي کـال ٿـورا -
پاني پـر لائـي هئن،
سانبو ڪي کـال ڪو تــو -
باندت سپاهي لـوڪ،
گيـنـڊن ڪـــي کـــال -
راجا راڻي ڪوسهائي هئن،
ڪهي ڪـــوي ڊيـــارام -
رام ڪـــي ڀڄن بـــن؛

لوهاڻا اچي، تنهن مان ڄاڻائي سڃاڻ ڪيو آهي. لوهاڻن جي شڪتيءَ جي خبر ئي هاڻي پيئي آئن. ڪي ٻيا چون ٿا سنت ورائي آهن، جنهن جي واڻيءَ ۾ شڪتي آهي. ڪي ٻيا چون ٿا ته وسي ڪرڻ منتر پڙهي، ماڻهن کي وس پيا ڪن. وري ڪي ٻيا چون ٿا ته جادوگر آهن، جن جي ڏاڍن جي گهنگهرن ۾ جادو ڀريل آهي. جيڪو سندن پٺيان سٽي ٿو، سو پنهنجو گهر ڇڏي، پٺيان ڪاهي ٿو پوي. هي ڀڳون! هتي سنت مهاتمائون ته گهڻيئي ٻيا اچن! پر لوهاڻن جهڙا اپيدي، نرماڻي ۽ نشڪامي سادو، هن ڪڏهن ڏٺائي ڪونه آهن. انڪري داس جي ارداس آهي ته جيڪي پريمي، وات اي سوال وجهن، تن سڀني جي آس پورن ڪندا هلو. مهاراج جن پريمين کي چيو "چڱو، اوهان جو ماڻهو، هونءَن جي گوٺ ۾ سادن کي وٺڻ اچي."

اهو ٻڌي سڀئي پريمي خوش ٿيا. تنهن کانپوءِ ساري سنگت ڀاو پرشاد وٺي گهر رواني ٿي. صبح جو ستگرن ٧ کان ٩ وڳي ستسنگ ڪيو. مکي ۽ شهر جا پنچ ۽ پريمي پيتانون ۽ ڪپڙو کڻي اچي ستگرن جي اڳيان رکيو. ستگرن اهي پيسا ۽ ڪپڙو، ڀائي گوبندرام ۽ ڀائي سومن داس کي ڏيئي چوڻ لڳا ته ابا! هي پيسا ۽ ڪپڙو شهر ۾ غريب اناٿن ۽ وڌوائن کي وراهي ڏجو. ستگرن کي جيڪي ملندو هو، سو غريبن، اناٿن، وڌوائن ۾ وراهي ڇڏيندا هئا. تنهن کان پوءِ آرام ڪري شام جو ۴ بجي شهر مان پڌرن ڪندا، شهر کان ٻاهر نڪري، سڀني پريمين کي چوڻ لڳا ته جيڪي اسان سان گڏجي هلڻ سي ڀلي هلن، باقي ٻيا پنهنجي گهر موٽي وڃن، پنڌ وانجهو آهي.

رات جو سڀئي ستسنگ ۾ اچجو. مرليڌر کان پڇائون

جا جگياسو ٿيا جن مان ڪن مکيه جگياسن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

مهراج ڇيرامداس، ماتا جمنا ٻائي، ڀائي گوبندرام ۽ سندس سارو ڪٽنب، ڀائي سومن رام، ڀائي هرڀارام ۽ سندس سارو ڪٽنب ڀائي لوٽارام ۽ ٻيا به ڪيترا شش ٿيا. شهر جو آئي ٻه ٽي ڏسي، ستگرو مهاراج جن ٨-٩ ڏينهن ڪاهيءَ ۾ رهيا. هڪ ڏينهن گرو مهاراج جن صبح جو اٿي جهنگل ڏانهن پئي ويا ته هڪ غريب مائي ڇيرامداس جي ڳالهه دربار جي پرسان جنب وٺي بيٺو. اهو حال ڏسي سوامي جن دل ۾ ديا آڻي مائيءَ کي ٥ روپيه ڏيئي پاڻ جهنگل هليا ويا. رات جو ستسنگ سماپت ڪري ستگرن سنگت کي چيو ته "سڀاڻي شام جو اسان هوتن جي ڳوٺ ويندا سون." ائين ٻڌي ڪڻ ۽ عبدوءَ جي پريمين ويتي ڪئي ته اسين پنهنجن جي ڀاران اوهان کي منائڻ آيا آهيون. ڪرپا ڪري پنهنجي هلڻ جو پروگرام ڏاهي ڏيو ته وڃي بندوبست ڪريون. جيڪو ڏينهن ڏيو ته أن ڏينهن اوهان صاحبن کي وٺڻ اچون. پريمين جي ارداس ٻڌي، مهاراج جن سائين کان پڇڻ لڳا ته "بابا! توهانجي ڪهڙي مرضي آهي؟"

سائين چيو ته سائين هتان وارن جو پريم ته ڏاڍو سٺو آهي؛ وڌيڪ جيئن اوهان جي مرضي مهاراج جن فيصلو ڏين انهن کان اڳ ڀائي گوبندرام چيو، داس جي ارداس آهي ته، سکر ضلع ۾، توهان پهريون پيرو آيا آهيو؛ واٽ تي سکر ڏانئين سڀني ڳوٺن جا پريمي توهان جي درشن لاءِ پياسي وينا آهن. مولڪي چٺيون ۽ نياپا پيا موڪلين ته سوامي جن هيڏهن ڪڏهن آهن؛ ويجها اچن ته اسانکي ٻڌائجو ته اسان منائڻ ايندا سون؛ سو هي ترلوڪي ناٿ! توهان جلدي وڃڻ جي نه ڪريو. اسان جي ملڪ جا مالڪ، جي موهه روپي اگيان جي ننڊ ۾ ستل هئا ۽ سڀني ڀرمن ۾ ٻليل هئا، تنکي

سندر ڪوئو اِڪ ڄان سڪي ڀيھ -

گوڪل گام ڪو پنڌئي نيارو .

مطلب: جنکي ڀڳوءَ جو سچو پريم لڳو آهي، اُنهنکي پنهنجي ذات، ورڻ، آشرم ۽ بندڻ لٿو ڀڙِي سگهي؛ لوڪ لڄا، ڪل لڄا، ويد لڄا تنهي کي ٽوڙي اڳتي وڌن ٿا. سنسار جا ماڻهو کين نندا ڪن، کي ساراهه ڪن، پرنتو اُنهيءَ تي ڪو ڌيان نه ڏيندا آهن. نام جي مستيءَ ۾ اُنهن جي ورتي لولين هوندي آهي. سندر مهراج جي چوڻ ٿا ته پريم جو رستو سنسار کان بلڪل نيارو آهي. جيڪي سنسار جا ماڻهو وشين جي ڀوڳن ۽ مايا ۾ موهيا پيا آهن، سي اُنهيءَ پريم جي رستي کي ڄاڻي نٿا سگهن. اِنترو پڇي ستگرو مهاراج جن هي ڀڄن شروع ڪيو.

راڳ آسا

ٽُل- جنکي ليهن نسنگ کيو نيهي -

تنجي لوڪن کي ڪل ڪيهي .

١- موڪ ڀوُند دڙگند چاهن- عاشق ڀُوڙا سڳند اُناڻن ،

پاڻ ڏنو جن ڀيهي .

٢- موڪ ڀگهه جٽن مڇي چڳن ٿا -

عاشق آهار ڪن مولين جا ،

سج کي ڪري سنيهي .

٣- باڪري لعلن مان چا چاٽن -

ستت جواهري صاف سڃاڻن ،

ٿيا سهاڳ سهجيي .

٤- ڪهي ٽيڏون ٿن لوڪن ۾ جي -

سورج والڳي ڪين ڇپن سي ،

آهن پرگهٽ جي ڏي .

اَبا! توهان هلندا؟ مرليڌر چيو ته "هي ٻرپو! مون رات سپني ۾ ڏٺو ته ستگرو مهاراج جن مونکي هلڻ لاءِ چون ٿا. سو مون صبح جو اُٿي پڪو پڻ ڪيو ته جيتوڻيڪ مان انگريزي ٻيو پڙهان، تڏهن به جي مهاراج جن هلڻ لاءِ چيو ته مان پڙهڻ ڇڏي، ساڻن هميشه لاءِ وينديس ۽ اِئين سمجهنديس ته منهنجو سپنو سچو ٿيو آهي؛ سو مان هلان ٿو. بسنترام، پريمانند، گٽيشانند ۽ سنتداس بيٺا هئا؛ تن به چيو "سائين! اسان به هلنداسون. ٻيا ڪيترا ڇوڪرا پڻ مهاراج جن سان گڏ هلڻ لڳا. ايتري ۾ ڪنهن پريميءَ وڃي ڇوڪرن جي مائٽن کي ٻڌايو ته توهان جا ڇوڪرا، ساڌن سان گڏجي پيا وڃن، ڇوڪرن جي مائٽن اچي ٻارن کي پڪڙي، ڇماٽون هڻي، ڪين موٽائي پنهنجي گهر وٺي ويا. ستگرو مهاراج جن ۽ سيئي ساڌ، پيرين ڪندا هوٿن جي ڳوٺن ۾ اچي، ڀائي ٽاراچند جي اوطاق ۾ براجمان ٿيا. رات جو ستسنگ شروع ڪيائون. ٻاهر جي خلق تمام گهڻي آيل هئي. مهاراج جن پريم جي وارتا هلائي، چيائون ته ڀڳوان جي ملڻ جو رستو تمام ڏکيو آهي. هڪڙو پريم ئي آهي جو جلدي پريوءَ سان ملائي ٿو. پريميءَ ۽ ويراڳيءَ کي ڪوبه سنسار جي الڊر مت مائٽ يا پدارٿ روڪي نٿو سگهي. ڪوبه سنسار جو بنڌن ان کي ٻڌي نٿو سگهي.

ڇند- پريم کي ريت ڪاهون نهين ديسٽ-
ذات نه پات نهين ڪل ڪارو،
پريم نه نيم ڪاهون نهين ديسٽ-
لاج نه ڪان لگو سڀ ڪارو،
لين ڀيو هرسون اُر انتر-
آنو يام رهي متوارو،

آهين ڇا؟ مرليڌر هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته، ڀڳوان! ٽيون ڏينهن شام جو اسان سيٺي کي مائٽ وامت لي ماريندا ڪٽيندا گهر وٺي آئي ٻڌي ڇڏيائون. بسنترام کي ته مائٽن ڪوٺيءَ ۾ پوري ڇڏيو آهي. اڄ منهنجو ٻاءُ روئي ڪائي، ڇڪ جي شهر ۾ ويو. تنهنکانپوءِ مون چاچيءَ کي چيو ته ڀڳوان جي نالي موڪلي ڇوڙي ڇڏيو. هاڻي مان سائين ڏي ڪونه ويندس. چاچيءَ موڪلي ڇوڙي ڇڏيو. مان لونو ڪٽي، سڌو هيڏانهن ڇوريءَ هليو آيو آهيان ۽ هاڻي مان گهر ڪونه ويندس. ستگرن چيس ته ٻابا! وڏن جي آگيا ۾ رهو ۽ پنهنجي گهر ۾ ويهي ڀڳتي ڪيو. ڀائي گوبندرام مهاراج جن کي ٻڌايو ته، شهر جي ڀرسان، هڪ مائي ليسوڙيءَ جو آستان آهي، اُتي ٻه - ٽي سنت رهندا آهن. هلو ته جهنگل جو سير به ڪري اچون ۽ سنتن وٽان به گهمي اچون. ستگرن چيو ته چڱو، سيرو ته هلون. سيٺي ساڻ، مهمان ۽ شهر جا ڪيترا پريمي، ستگرن سان گڏجي، مائي ليسوڙيءَ جي آستان لي آيا. دربار جي سائين، ستگرو مهاراج جن ۽ سيٺي سائين ۽ پريمين کي پريم سان وهاري، خبرون چارون ورتيون. جڏهن بس ڪيائون ته ستگرن چيو بي ته خبر ٻڌايو ته هيءَ مائي ليسوڙي ڪير هئي. جنهن جو هيءُ آستان آهي؟ آستان جي سائين ٻڌايو ته هڪ وئراڳي مهاتما پنهنجي موج مستيءَ ۾ گهمندي ڦرندي، هيءُ جيڪو گيدوڙيءَ جو وڻ اندر ڏسو ٿا، اُنهيءَ ليسوڙي جي وڻ هيٺان، ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳو.

ڀڄن جي پرتاپ سان هن آستان جو نالو مائي ليسوڙي پئجي ويو آهي. پريو! سڀ توهان سنتن جي ڀڄن جو پرتاب آهي، ڇو جو جن جاين لي سدت مهاتمائون ويهي ڀڄن تپسيا ڪن ٿا، سي جايون پوتر ۽ پوڄڻ جوڳ ٿي پون ٿيون. اُن

انهيءَ وشئه تي ڪيترا ڀڄن ارٿ سهت ڳائي، ستگرن رات جو ١٢ بجي ستسنگ سماپت ڪيو. ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي گهر رواني ٿي. ٻئي ڏينهن صبوح جو ڀائي ٽاراچند ۽ سندس سارو ڪٽنب ستگرو مهاراج جن کان نام جو اُپديش وٺي شش ٿيا.

رات جو ست اُپديش جي سوار ٽا هلايائون، چيائون ته هيءَ منش چولو ڀڳوان جي پراپت ڪرڻ لاءِ مليو آهي. ميلاپ ٻه ٿي سگهه آهي. سو ميلاپ ٻن پرڪارن جو آهي. هڪڙو ٻاهر جو ميلاپ، ٻيو اَندر جو ميلاپ، ٻاهر جو ميلاپ هي اٿو. اَندريون ميلاپ سڀئي جيو چاهين ٿا پر اُهو ڪري نٿا سگهن، ڇو جو ميلاپ رستي ڪانسواءِ ٿي نه سگهندو. ٻهريون، ٻاهريون ميلاپ جو رستو هي آهي ته، جيڪو ميلاپ ڪرڻ چاهي سو اول پنهنجو سوارٿ ڇڏي، مان اَپمان کي نه ڏسي. پاڻ کي ڀڳوان جو فرض سمجهي، سڀني جيون جي سک لاءِ دل ۾ سچو ڀاءُ ڌاري. سڀني سان ميلاپ ڪري هلي. ٻيو اندريون ميلاپ يعني جيو برهم جو ميلاپ جو ست شاسترن، سنتن جي سنگ ۽ پورن ستگرو جي ملڻ سان ٿيندو آهي. اِهي ٻئي ميلاپ هن جيو کي سک ڏيڻ وارا آهن. اِنهيءَ وشئه تي ڪيترا ڀڄن ڳايائون. ستسنگ سماپت ٿيو. رواني ڪائي سمهي پيا. صبوح جو ڀائي جوڌارام جي گهر ستسنگ ڪري ليڪن ڪاڌائون اُتي به جيڪو ڌن ۽ وستر مليا سو سڀ غريبن ۽ فقيرن کي ورهائي ڏنائون. لڳهن ڪانئوءِ سنهري ٻڪتارا چاڙهي، ڀڄن ڪندا، شهر کان ٻاهر نڪري، سڀني پريمين کي آشيرواد ڏيئي پرڪرڻ جي ٻوٽ ۾ آيا.

شام جو ٣ بجي مرليڌر اچي، پيرين پئي ويٺو. مهاراج جن نهاري چوڻ لڳس ته "ڪيئن بابا! خير هڏاءِ ته جو ڇيءَ ٻجي آيو

ڏُومراءِ غريب کهي - تنجو ويروال سِپ،
چتَ سري اَمبرتا - سر ۾ لڳائيئي .

هن چند ۾ شهرن جا نالا آهن، پر ارٿ سان ڀريل آهن. جيئن ته ٻاهران پورب يعني ولايت جي ڪمائي، هن پڇم يعني اَلهندي ديش ۾ وِئو ڪائين. آگري مان تون واپار ڪري، ڪمائي ڪانه آئين. ڇا جي ڪري، جو واٽ تي دهليءَ جي شهر ۾، دلالن آگري جو سودو بگاڙي ڇڏيو. تنهن تي لوڪي اچا تي نه هاٿي تيرٿ ڪري، پوءِ موٽي پنهنجي گهر وڃان. پٽيالا شهر جي پرسان ڄڳادري تيرٿ آهي، سو ڪري اَچان، پر پٽيالا رياست ۾ راڄائي لشڪر رهي ٿو، اُن ڪان ڊڄي تون تيرٿ ڪونه ڪري سگهئين. وري تو خيال ڪيو ته سهارنپور ڪان وڃي، هردوار ۾ ماتا گنگا جي ٽٻي ڏيئي اَچان. اِلهيءَ وچ ۾ جيڪي سنگي ميلي ۾ توسان اچي مليا، سي لوڪي روز چون ته، هلو ته لاهور گهمي اَچون. اُنهن جي لٽ پٽ ڪري، تون هردوار جو تيرٿ به ڪري ڪونه سگهئين. تڏهن تو ڪي سنڪلپ ٿيو ته سري امرتسر ۾ گرو نانڪ صاحب جي دربار جو درشن ڪري اَچان. سو جڏهن ويروال جي اسٽيشن لنگهي ويندين، تڏهن وڃي سري امرتسر جو تيرٿ ڪري ايندين. اهو تيرٿ به تون ڪونه ڪري سگهئين. خالي ٿڪي، موٽي پنهنجي گهر آئين. هيءَ درشٽانت آهي. هن جو سدانت: هيءَ جي پورب جي ڪمائي، يعني اڳلي جنمن جي شڀ ڪرمن جو ڦل، هن جنم ۾ وِئو ڪائي. آگري کي ڪيپ، سو تو ڪجهي نا چلائي. آگرو يعني اڳتي پرلوڪ جي واسطي ڪجهه به ساڌن نٿو ڪري. وري هن کي خيال ٿيو ته پرلوڪ جو توشو بنايان، پر دلي کي دلالون ني سودا نه بگاڙ ديئا، يعني هنن دل جي

کانپوءِ، چٽي ۽ ٽکري ساڌن کي کارائي ويئي. آستان جي ساڌن جي وينتيءَ تي ستگرن گوال لعل، سرو آنند ۽ گرمکداس جن کي ڇهه نه هڪڙو ڀڄن اوهان گڏجي ڇئو. اها آڳيا پائي، سنتن جي مهما جا به ڀڄن اهڙي نه پريم سان ڳايا جو آسپاس جا کيترا هاري، کيتيءَ جو ڪم به ڇڏي، اچي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. ڪلاڪ کن ستسنگ ٿيو. سنگت ڏاڍو خوش ٿي. پوءِ دربار جي ساڌن کان موڪلائي، جهنگل جو سئر ڪندا، پنهنجي جاءِ تي آيا. رات جو ستسنگ شروع ڪيائون. ستسنگ جي منڊپ ۾ هزار کن شهر ۽ ٻين ڳوٺن جا ماڻهو ويٺا هئا.

پهرين ڀڳت وانو رام ۽ پائي چونڊ بال، ڇهه ٻڌي ڀڄن ڳايا. اُن کانپوءِ گوال لعل، سرو آنند ۽ گرمکداس گڏجي ڏلبن يڪتارن تي ڀڄن جي موج مچائي. ساري ڳوٺ جا ماڻهو، هندو مسلمان گهر ڇڏي، اچي ستسنگ ٻڌڻ ويٺا. ڪلاڪ کن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن به پنهنجي موج ۾ اچي، ساڌن سان گڏ ڀڄن ۾ شامل ٿيا، پوءِ ته ڀڄن جي اهڙي موج مچي ويئي جو ساري سنگت ستگرو مهاراج جن ڏي نهارڻ لڳي. جيئن چڪور جي نظر چندرما ۾ لڳي ويندي آهي، تيئن ساري سنگت جي درشٽي ستگرو مهاراج جن ۾ لڳي ويئي. مهاراج جن ست اُپديش جي وارتا هلائي، چوڻ لڳا ته:

ڇند- پورب کي ڪمائي ڪئني- پشچم ۾ ٻڌنت ڪائي،

آگري کي کيپ سونو- ڪبي نان چلائيگي،

داي کي دلالون نـي- سودا تو بگاڙ ديتا،

پنڌيائي کي لوٽني سي- جڳادري نه پائيگي،

سنگي اور ساٿي تيري- نت هي الهورڪئي،

مهارڻ کي رستي سي- تو هردوار جائيگي،

۾ رهو. اسين ڇڏيندس ڪونه ٿا، ڀلي وٺي وڃوس. قيمت رام مرليڌر کي ٻانهن کان وٺي ڌڙڪا ڏيندو گهر وٺي ويو.

ستگرو مهاراج جن پُرڪڙ ۾ ٧-٨ ڏينهن رهي، عبدوءَ روانا ٿيا. صبوح جو يڪتارا چاڙهي پنهنجن ڪندا شهر کان ٻاهر نڪتا، ۽ ڳائيندا وڄائيندا اچي عبدوءَ ۾ پهتا.

شام جو باغن جي سئر ڪي ويا، رات جو اچي ستسنگ جي منڊپ ۾ ستسنگ شروع ڪرايائون. ست اُپديش جو ورلن ڪيائون. چيائون ته: هيءُ منش جنم پربوءَ جي پائڻ واسطي مليو آهي.

سويو - سنتن ڪو ستسنگ ٻرو مل -

سنتن سي پُوسنڌ ترو ري،

جي سنگت نانهه بني تو -

نام جپو ڪڇهه دان ڪرو ري،

جي يهه دونون ڪر نه سڪو تو -

نا سر پاپن پوٽ ڌرو ري،

گو پاپن تي تم نانهه ڊرو تو -

اِس جيون تي ڊُوب مرو ري.

مطلب: سنتن مهاتمائن ۽ لتو گيانين جو سنگ وڏي ۾ وڏو ساڌن يعني ڪرم آهي، سو ڪري آتم گيان پائي سنسار ساگر مان پار لنگهي، پنهنجي آدي اَمر گهر ۾ آرامي ٿئي. پر جي سنتن جو سنگ نه ڪري سگهين ته ڀڳوان جو ڀڄن ۽ دان اشنان آدي شڀ ڪرم ڪري سرڳ لوڪ جا وڏي سک ماڻ. جي اهي ٻئي ڪم به تو کان نه ٿي سگهن ته ڪڏهن ڀلجي به پاپ ڪري پاڻ کي نرڪ جو گامي نه ڪجانءِ. سدائين پاپ ڪرم کان ڊڄندو رهجانءِ. جي تون پاپن کان ڊڄي به ٻڏي

دليلون، سنسا، ڀرمن ڀرلوڪ جو شڪ ڪرمن روپي سودو ٻگاڙي ڇڏيو. ٽيالي ڪي لوئي سي ڄڳادري نه پائيئي. پت معني لڄ ۽ آلو معني آسٽانو. يعني اُتش ڪرڻ، جنهن ۾ من راجا جو لشڪر رهي ٿو. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار آدي وڪار، تن ڦاسائي ڇڏيو. تنهن ڪري ڄڳادري نه پائيئي. يعني ڄڳترت ۾ آدر ڪونه پاتو. سنگي اؤر ساٿي ٽيري ست هي سدائين، لاهور ڪهي. سنگي معني پت، استري ۽ ڪٽنبي، سدائين ڇون نه لاهور يعني لي آئو. هؤر معني ٻيو به ڪمائي اڄ. سهارن ڪي رستي سي تو هردوار جائيئي، يعني سهاري ڪرڻ سان ڀڳوان جي درٻار ۾ وڃي سگهبو، سو به ڪٽنب جو سهارو ڪونه ڪري سگهيو. يعني جيئن ڪٽنب ڇوي ليئن ٿي ڪري ٿو. ڏؤمراء سنت ڇوي تو نه لڳ سپ وپروال. يعني وڏا ڀاڳ ڀائيءَ ڪي ڇڏ. چت سري امرتسر ۾ لڳاءِ، يعني پنهنجو چت امرتسر معني امرت تلاو يعني پرهم آنند ۾ لڳاءِ. پر تون ڪجهه به ڪونه ڪري سگهئين. پنهنجو سارو جنم بيڪار ڪري ڇڏيئه. جهڙو جائين تهڙو نه جائين ۽ پرلوڪ يعني پنهنجي گهر ۾ خالي موٽي وئين. ان وشيہ تي ستگرن ڪيترا شبد ڳايا. پريم جي حد نه رهي. وقت جي سرت نه رهي. رات جو هڪ وڄي ويو. پوءِ ستنام ساکيءَ جي ڌنيءَ سان ستسنگ سماپت ڪيائون.

ٻئي ڏينهن سويل صبوح جو مرليڌر جو ڀاءُ قيمت رام اچي نڪتو. سوامي جن کي ٻڌايائين ته مرليڌر ٻيا موڪلائي گهران پيچي نڪتو آهي ۽ سوامي جن کي درشن سان وڃتي ڪيائين ته ڪيس سمجهائين ته موٽي گهر هلي. ستگرو مهاراج جن چيو ته بابا! اسان ٻارڻ کيس سمجهايو آهي ته مائٽن جي آگيا

اندر ٻاهر هڪ جهڙا پرڪاري، سچ ۽ مٺي ٻولڻ وارا، پرم اُداري سيني جيون جا سڪاري ٿيندا آهن. جيڪي ڪشمش وانگي آهن، سي ڀڳوان جو روُپ آهي.

انهيءَ وقت تي ڪيترا ڀڄن ڳايائون ۽ ارٿ سمجهايائون. رات جو هڪ بجي پرارٿنا ڪرائي ستسنگ سماپت ڪيائون. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن هر روز ست اُپديش ۽ ڌرم جو پرچار ڪري، ست ڏينهن عبدوءَ ۾ رهي ناپرن ويا. ناپرن جا پريمي ستگرن ڏي وٺڻ لاءِ آيا هئا. صبح جو پريمين کان موڪلائي بازار مان ڀڄن ڪندا، شهر کان ٻاهر نڪتا. پريمين کي آشيرواد ڪري روانا ٿيا. واٽ تي ڳائيندا، وڄائيندا، رهاڻيون ڪندا، ناپرن جي ڳوٺ ۾ آيا. شام جو سنڌ ڪري جاءِ تي آيا. ڏٺائون ته باگڙجيءَ جي شهر جو ڀڳت موٽڻ رام اڳيئي آئي ويٺو آهي. موٽڻ رام پرشاد پيٽا رکي هٿ ٻڌي چيو ته ”هي ڀڳوان! مونکي پائي ڪلومل موڪليو آهي هيءُ پرشاد ڏنو اٿن ۽ چيو اٿن ته تاريخ ١١ اسوءَ جي سيسا ڪريون ٿا. پائي ڪنوررام صاحب جن به ايندا توهان به ڪرپا ڪري، انهيءَ شڀ موقعي تي درشن ڏيو. پر ٻه چار ڏينهن اڳ اچجو. اها ڪرپا ضرور ڪندا. اسان توهانکي ٥ تاريخ وٺڻ ايندا سون.“ اهو ٻڌي ستگرن چيو ته چڱو، هينئر هلو ستسنگ ۾. سيئي ساڌ ستسنگ جي منڊپ ۾ آيا. آئي پائي آوترام مهاراج جن کي ٻڌايو ته ”سائين، ڀڳت موٽڻ رام تمام چڱو ڀڄن ڪندو آهي. ڀهرين هن کان ڀڄن ڪرايو.“ مهاراج جن جي آگيا پائي ڀڳت موٽڻ رام چيو ٻڌي، ڪلاڪ کن ڀڄن ڪيو. تنهن کان پوءِ ستگرن ستسنگ ڪيو. چيائون ته هن جيو کي سنگ ني ٻوڙي ٿو ۽ سنگ ني تاري ٿو.

نہ سگھئين نہ پوءِ ھن جيئڻ کان مرڻ بھتر اٿيئي. سنت مھاتمائون
رات ڏينھن پڪاري رھيا آھن تہ ھي منش جنم مليو آھي
پڇ ڪرڻ لاءِ. پر جي پڇ نہ ڪري سگھين تہ پاپ تہ نہ ڪر.
منش جو ڌرم آھي دان ڪرڻ. جي پاڻ دان نٿو ڪري تہ
ٻين کي دان ڪرڻ کان نہ روڪي. منش جو ڌرم آھي سڀني
جيون کي سک ڏيڻ، پر جي ڪنھن کي سک نٿو ڏئي سگھي
تہ ڪنھن جيو کي ڏکائي نہ نہ. ٻيا ڪارڻ ڪنھن جيو کي ڏکائڻ
وڏو پاپ آھي. ھن سنسار ۾ چئن پرڪارن جا منش ٿيندا آھن:
ھڪڙا ٻير جھڙا، ٻيا سوپاريءَ جھڙا، ٽيان بادام جھڙا ۽ چوٿان
ڪشمش جھڙا:

(١) ٻير جھڙا: يعني جئن ٻير ٻاھرين ڪل ڪري تمام سندر
ٿيندو آھي پر اندر ڪڪڙيءَ سان ڀريل آھي، تئن
گھڻا منش ٻاھران تمام غريبڙا، منڙو ڳالھائيندڙ، ڏاڍا
سھڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر انھن جي دل ڪپٽ، ٺڳيءَ
۽ پاپ سان ڀري پيئي ھوندي آھي. پنھنجو سوارٿ
ڪڍي، اڳلي کي ڌڪو ڏيئي ڇڏيندا آھن.

(٢) سوپاريءَ جھڙا: يعني جيئن سوپاري اندر ٻاھر ڪنور
(ٿوڪ) ٿيندي آھي، تيئن ڪيترا منش اندر ٻاھر
ڪنور، ڪرڙا ۽ ڪوڙي سڀاءَ وارا ٿيندا آھن.

(٣) بادام جھڙا: يعني جيئن بادام ٻاھران سخت ٿيندو
آھي پر اُن جي اندر گورو، يعني مني گري ٿيندي
آھي، تيئن ڪي منش ٻاھران ڳالھائڻ جا شوخ ۽ ڪڙا
ٿيندا آھن، پر اندر ۾ نرم ۽ دل ۾ دَيا وارا، پراپڪاري
ٿيندا آھن.

(٤) ڪشمش جھڙا: يعني جيئن ڪشمش اندر ٻاھر ھڪ
جھڙي نرم ۽ مني ٿيندي آھي، تيئن اُھي منش

دوهرو - اَب ڪا ٻيڇڙيڏا نا ملي، ڪري يتن ٻهه ڪوءِ،
ڪهه ٽيڏهون من سمجهه لي، جوءِ هويا سو هوءِ.

ارٿ: هي جيو هن وقت جي وڇڙيو تہ پوءِ ڪيترا ٻہ يتن ڪندو تہ ٻہ ملي ڪونہ سگهندو. هي من! وچار ڪر، ڀڳوان جي ملڻ جو ساڌن هي منش چولو ئي آهي. هن جنم جو وڇڙيو، ڪيترن جڳن جو وڇڙيو ۽ هن جنم جو مليو ڪيترن جڳن جو مليو.

دوهرو - اَب ڪا ملا نہ بڇڙي - رهي جڳان جڳ ميل
ڪهه ٽيڏهون من سمجهه ڪي- چلو ملن ڪي گيل

مطلب: هن وقت جي پرماتما سان ملي ويو تہ سدائين مليو ئي رهندو. هي من! وچار ڪري ملڻ جو رستو وٺي ڀڳوان سان مل. ٻنا رستي نہ ملي سگهبو. سو ڀڳوان سان ملڻ جون تہ گهڻيئي واٽون آهن، پر ڪي تمام ننڍڙيون آهن ۽ ڪي وري ڏنگيون، ورن وڪڙن واريون آهن، جن مان وڏو چڪر ڪاٽڻو پوي ٿو. پر هڪڙو ئي وڏي ۾ وڏو رستو سڌو ۽ ويڪرو آهي، جنهن مان هي جيو جلدي لنگهي پنهنجي مقصد تي پهچي سگهي ٿو.

ڦاڦرج: (١) ڀڳوان جي ملڻ واسطي ورت، نيم، ڌوپ، جپ، تپ، پاٺ پوڄائون، سنڌيا گائتري جهڙا گهڻائي ساڌن روپي ننڍا ۽ سوڙها رستا آهن، جن مان هي جيو بلڪل ڏيري وڃي ڀڳوان سان ملي ٿو.

(٢) ڀڳوان جي ملڻ واسطي تيرٿ، دان، اشنان ۽ يگين روپي ور وڪڙ ۽ ڏنگا رستا آهن، جن مان لنگهي سڙئي لوڪ آدي گهمندو گهمندو، جيو، ڪن جنمن کان پوءِ وڃي ڀڳوان سان ملندو.

(٣) بلڪل سڌو رستو آهي نتو ويتائن سنتن، مهاتمائن

دوهرو- هوت سن سنگت سهج سک -
دک کُ سنگت جان،
گانڌي اور لوهار کي -
ديکو بئٺ دوکان.

مطلب: چڱيءَ سنگت مان هن ڄيو کي سهڄيئي سک جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ خراب سنگت مان دک ٿي ملي ٿو جيئن عطر واري جي دکان تي وڃي ويهبو ۽ کجهه خريد به نه کبو ته به سڳنڌ ته ضرور ايندي. عطر وارو شيشين کي ڍڪڻا هوچ ڏئي کپت پر بند ڪري، ڪيترو به لڪائي رکي ته به خوشبوءِ ضرور ايندي. پر جي لوهار جي دوڪان تي وڃي ويهبو ته باهه جي گرمي، دونهون، چڻگون ضرور لڳنديون.

دوهرو- نيچ نرن کي سنگ کر- پوگي دوک اپار،
نسچي جاوي نرک يا- پوگي دوک هزار.

ارٿ: هيءُ جيو ڪڪرمي، پاپين ۽ مورکن جي سنگ ڪرڻ سان وڏو دک پائي ٿو ۽ گهڻو ڪري وڃدو نه نرک ۾، نه ته به هتي ڪافي دک پوڳيندو.

دوهرو- سريشٽ جنون کا سنگ کر-
کهه نيئون کر پيار،
باوينگي پد پرم کو- ناٿو سرگه دوار.

ارٿ- آتم گياني، پرم ووڪي پرشن جي سنگ ڪرڻ ڪري ابناسي پد کي پائي، جنم مرڻ جي دک کان ڇٽي مکت ٿي وڃندا آهن. پر جي لوڪ ڪا ڪسر رهجي وڃي ته به سرڳ لوڪ ۾ ته ضرور وڃي سک پائيندا آهن. هن جيو کي هيءُ مانش چولو پرماتما ڏنو آهي پنهنجي ملڻ واسطي.

شهر مان ڀڄن ڪندا شهر کان ٻاهر نڪري، سڀني برهمڻن کي آشيرواد ڏيئي، پنڊ ڀاڳڙ جيءَ روانا ٿيا. ستگرو مهاراج جن سدائين چت جا پرم اداري هوندا هئا. پاڻ کي دک تڪليفون ڏيئي به ٻين کي سک ڏيندا هئا. سائين ايڏواڻيءَ مان سڀ جو اُپديش ڪندا هئا. ڪپٽ، پاکنڊ آديءَ جو کنڊن ڪري، سڀني ڀرم دور ڪري، سڀني کي ترڻ ڪري سچ جي مارگ ۾ لڳائيندا هئا. جڏهن شهر ۾ ايندا هئا ته بازار مان ڀڄن ڪندا ويندا هئا. شهر کان ٻاهر نڪرندا هئا ته ڀڄن ڪندا ويندا هئا. تنهنڪري ستگرو مهاراج جن پنڊ ٿي پنڊ اچي ڀاڳڙ جيءَ پهتا، جتي سيٺ کلورام ۽ شهر جا ڪيترا پريمي اڳيئي دهل شرناين وٺيو ۽ گلن جا هار کڻيو ستگرو مهاراج جن جي سواگت لاءِ انتظار ۾ بيٺا هئا. ستگرو مهاراج جن ۽ سادن کي ڏسي تمام خوش ٿيا ۽ کين گلن جا هار پائي پيرين پيا. تنهن کانپوءِ اڳيان دهل شرناين وڄڻ لڳيون ۽ پٺيان ساڌ ڀڄن ڪندا، ساري شهر مان گهمندا اچي سيٺ جڙيارام جي اوطاق تي لٿا، جتي اڳ ۾ آسڻ وڇائي سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو هئائون. ستگرو مهاراج جن کي هڪ سنگاريل آسڻ تي وهاري، سڀني پريمي پرشاد رکي، پيرين پئي، خبرون چارون ڏيئي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويا.

شام جو ليبر الوسار سفر ڪري آيا ۽ رات جو ستسنگ ڪيائون. ستسنگ جي وشه هئي شب ڪرم. چيائون ته شب ڪرم ئي جيو کي، لوڪ اتوا پرلوڪ ۾ سهائتا ڪن ٿا تنهن لاءِ هڪ درشٽانت ڏنائون.

درشٽانت: هڪڙو سيٺ ڪمائڻ لاءِ ولايت ويو. اُتي ٽي سال رهيو. چئن سيٺين سان ڀائيواري ڪيائين. ٽئين سال

جي سنگ جو. سو سنگ جو رستو وڏي ڀر وڏو آهي، جنهن ڀر ڪو ڀؤ، ڪنڪو، ڪانٽي رڪاوٽ نٿي ٿيوي ۽ سڌو جلدي ڀڳوان سان وڃي ملائي ٿو. تنهن ڪانپوءِ هيءُ جيو جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي، سدائين ڀڳوان سان ڄڳان جڳ ملیوئي رهي ٿو. تنهنڪري مهاتمائن جو سنگ ڪري ڀڳوان سان ملڻ گهرجي. هڪ واري ملڻ کان پوءِ هيءُ جيو پلڪ جدائيءَ جي اِڇا سون ڪري، باقي ڀڳوان هن کي ڪڏهن به جدا نه ڪندو.

سلوڪ - ملا پيارا النثي دلگيري- من وچ پئي خوشحالي،
جت ول ويکان تس ول دسندا-

اُس ٻاجهون جاءِ نه خالي،

آپي خاوند آپي بردا- آپي جڳ دا والي،

سنت رئڻ وو مليو سان نون جنهن دي-

وچـــڙڻ دي نهين چالي.

مطلب: جڏهن هيءُ جيوُ پرماتما سان ملي ٿو، تڏهن جتي ڪٿي ڀڳوان کي ڏسي تمام خوش ٿئي ٿو ۽ ڀڳوان به خوش ٿئي ٿـو. پوءِ ٻئي پـاڻ ۾ ملي هـڪ روپ ٿـي وڃن ٿا. سمت رئڻ جن فرمائين ٿا ته اسان کي اهڙو ڀڳوان مليو آهي جو سدا ديالو آهي ۽ جنهنجي اهڙي ريت ئي ڪانهي جو هڪ واري ملائي جدا ڪري ڇڏي. سو اهڙي پرم ديالو ڀڳوان سان سڀني جيون کي ملڻ گهرجي. اِنهيءَ وشئه تي مهاراج جن ڪيترا ڀڄن ارٿ سهت چئي، رات جو هڪ ٻجه ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو.

اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن ڳوٺن جي ٽوڪ ۾ رهي ست اُپديش ۽ ڌرم جو پرچار ڪندا رهيا. تاريخ ۵ اَسوءَ جي، ڀڳت مونڻ رام ٻاگڙجيءَ مان ستگرو مهاراج جن کي وٺڻ لاءِ آيو. تاريخ ۶ اَسوءَ جي صبح جو ستگرو پنهنجي منڊليءَ سميت

وطن يعني پرلوڪ کان ھن ولائت يعني مرت لوڪ ۾ منش چولو ڀري، گڻ گيان ڀڳتيءَ روپي ڌن ڪمائڻ آيو آھي. ھتي مرت لوڪ ۾ ٽي سال رھي ٿو يعني ٽن اوستائن مان گذري ٿو. (١) ٻالاپڻ (٢) جواني (٣) ٻڍاپو.

(١) ٻالاپڻي ۾ اگيان جي وس ٿي، اھا اوستا کيل ڪوڏ ۾ وڃائي ٿو. جڏھن جوانيءَ جي اوستا ۾ اچي ٿو تڏھن چئن سينڌن يعني (١) ڌن (٢) استري (٣) ڪٽنب (٤) سنتن سان پريت رکيٿو. تنھن ۾ ڌن سان روپئي جو روپيو، استريءَ سان ٻارھن آنا، ڪٽنب سان اٺ آنا، ستگرو، سنتن ۽ ست ڪرمن سان چار آنا پريت رکيٿو.

جڏھن ٻڍاپي جي ڀڃاڙيءَ ۾ جيو کي پنھنجي وطن يعني پرلوڪ مان چٺي اچي ٿي يعني ڪال روپي سڏ ٿئي ٿو، تڏھن جن سان پريت رکي اٿس، تن ۾ اميد رکي گھبرائجي نھاري ٿو ته ھن وقت منھنجي اھي سھايتا ڪندا. پر جڏھين ڌن ڏي نھاري چويس ٿو ته مونسان ساڻ ھلندين؟ ڌن رکو جواب ڏئيس ٿو ته "مان توسان ھڪ قدم به ساڻ نه ھلندس." تڏھن وڃان ڌن کي چويٿو ته مون توکي ڪوڙ، پاپ، ٺڳيون ڪري ڏک ڪٺو ڪيو، مگر تون ھڪ پير به ساڻ ٿو ھلين. ڌن چويس ٿو ته مون توکي منٿ نه ڪاڻ ڪئي ھئي ته مونسان اھتري پريت رک. ھي مورک! توکي شايد اھا خبر ڪانھي ته جيڪو مونسان گھڻي پريت رکندو آھي، تنھن کي مان نرڪ جا دروازا ڏيکاريندو آھيان. جواب ٻڌي نپ ٿي ٿري ويس. وري استري، جنھن سان ٻارھن آنا پريت اٿس، تنھن ڏي نھاري، ڏاڍي اڪير مان چويس ٿو ته مان ھاڻي پنھنجي وطن پرلوڪ وڃانٿو، تون نه سھايتا ڪندينءَ ڇا؟ استري چويس ٿي ته ھي ڀتار! مان ڀي نه توھانجي سھايتا ڪري ڪانه

جي پڇاڙيءَ ۾ وطن کان چٺي آيس ته هڪدم هليو اچ. ويچار ڪيائين ته وڃڻ کان اڳ جن سيٺين سان ڀائيواري ڪئي اٿم تن کان موڪلائي وڃان.

پهريائين أنهيءَ سيٺ وٽ ويو جنهن سان روپيو پرهت رکي هئائين. أن کي ٻڌايائين ته وطن کان چٺي آئي آهي ته جلدي اچ. سو مان وڃان ٿو ۽ موڪلائڻ آيو آهيان. توهان مونکي هن وقت ڪهڙي مدد ڪندا؟ سيٺ چيس ته مان توکي ڪا به سهايتا ڪري نٿو سگهان. تو أي مون سان پرهت رکي آهي ۽ مان توسان پرهت ڪانه رکي آهي. رکو جواب ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ نراس ٿي ويو ٻئي سيٺ وٽ، جنهن سان سندس ٻارهن آنا پرهت هئي. هن به جواب ڏنس ته ٻي ڪا مدد ڪري نٿو سگهان. البت دروازي تائين ساڻ هلندس. أتان به خالي هٿين موٽي ويو ٽئين سيٺ وٽ، جنهن سان سندس أٺ آنه پرهت هئي. سهايتا جي باري ۾ هن به ٽي ڏاٽيون پاتس. رڳو اهڙو چيائينس ته ڀائي، أسين توسان گڏ جي استيشن تائين هلنداسين. دل ۾ چيائين ته ٻين ٻن کان ته وري به چڱو نڪتو جو استيشن تي اُپرائڻ ته هلندو. هاڻي هليو چوٿين سيٺ کان موڪلائڻ، جنهن سان چار آنا پرهت هئس. أن کان به پڇيائين ته ڪهڙي مدد ڪندا. سيٺ پيار مان چيس ته هي پيارا! مان توهان لاءِ ٽڪيٽ وٺي رستي لاءِ ضروري سامان پاڻ سان کڻي توهان کي وطن پهچائيندس. توهان ڪو به خيال نه ڪريو. سيٺ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هيءَ سيٺ ته سڀني کان سٺو نڪتو. هن سان ئي رپيو پرهت رکان ها ته چڱو ٿئي ها.

سدانت: سوامي جن چيو ته اِهو آهي درشٽانت. أنجو سدانت آهي ته هيءَ جيو هڪڙو سيٺ آهي جو پنهنجي

٢- جنھن ڌاريءَ سان پريت رکي تو، ساري عمر گذاري آ
ساڻ ھلي ٿي در ڌاڻين سان، خود مطلب جي ڌاري آ
٣- ڪٽنب ڪبيلو ڪم نه ايندءِ، جنھن سان دل تو ڌاري آ
مرڻ پڄاڻان گھڙي نه رکندءِ، جُھٽي تن جي ياري آ
٤- مانس هڏن جي ديھي جا تو، شوق رکي سنگاري آ
ساھي توسان ساڻ نه ھلندي، ٿيندي خاڪ جي ڪاري آ
٥- جوڳي جڳ سان پريت رکي جن،
تن جي هِمت هُٽ خواري آ
ڪھي ٽيئون ڪر پريت پريوءَ سان،
جنھن ۾ جڳ جڳ ڪاري آ.

راڳ ڀيروي

ٿل- ڌيان پريوءَ جو ڌاري، سچو سک ماڻ سدا
١- ڌيان ٻنا سک ڪين ملي تو، ٿاڪ الڪ جو ڪين ڪلي تو
وچن اھو وڃاري، سچو سک ماڻ سدا
٢- ڌيان ٻنا نه شانت اچي ٿي،
ھر رنگ ۾ دل ڪين رچي ٿي
ڌيان سان من کي ماري، سچو سک ماڻ سدا
٣- ڪھي ٽيئون ھر ڌيان ڌري تون،
ڌيان سان پراپت گيان ڪري تون
ليکو جنم جو واري، سچو سک ماڻ سدا.

شھر جي پريمين ۾ جنن پريوءَ لاءِ پريم، شردا وڌڻ لڳي ۽ سکر ۽ ٻين ڪيترن وڏين ڳوٺن مان گھڻي انداز ۾ پريمي اچڻ لڳا. جنن پڌجن ڏينھن ڪان پوءِ ڀائي ڪنور رام صاحب جن ۾ آيا. شام جو ٣ بجي سيٺ جڳنارام ستگرن کي اچي ٻڌايو ته ڀائي ڪنوررام صاحب جن ۽ ساڻن ٻيا ڪيترا ڀڳت آيا آھن. ساڻن ستسنگ جو پروگرام ٻڌي آيا آھيون.

سگهندءِس، باقي دروازي لاءِ ساڻ هلندي ساٿو. تنهن ڪالهوءَ ڪٽنب کان پڇي ٿو ته هن انت ويلي سهائي ٿيندا ته؟ ته جواب مليس ٿو ته اسان اسٽيشن يعني شمشان ڀوميءَ لاءِ ساڻ هلنداسون. اڳتي تنهنجا ڌرم، تنهنجا ڪرم. جيو ڏاڍو دکي ٿئي ٿو ۽ ويچار ڪري ٿو ته ڌن، استري ۽ ڪٽنب سان هيتري پريت رکيم، پر پڇاڙيءَ جو پرلوڪ لاءِ ڪوبه سنگي ڪونه ٿو ٿئي. باقي چار آنا پريت سنتن ۽ ست ڪرمن سان رکي هيم. سو هاڻي انهن کان موڪلائڻ گهرجي. تڏهن ستگرن جو ڌيان ڌري روئي چوي ٿو ته ”هي ڀڳوان! پنهنجي وطن يعني پرلوڪ مان جلدي اچڻ لاءِ چٺي آئي آهي سو هاڻي مان وڃان ٿو. توهان سنگي ٿيندا؟ هن وقت ٻيو ته ڪوبه سنگي ڪونه ٿيو. جن سان هيتري پريت ڪيم تن دوکو ڏنو.“

تڏهن ستگرو پرم ديالو دلداري ڏئي چوانس ٿا ته ”ٻچا! تون ڪوبه خيال نه ڪر. اسان توکي ڪڻ گيان، ڀڳتيءَ روپي نڪيت ڏني، آتم گيان روپي هوائي جهاز ۾ چاڙهي، پنهنجي آدي گهر ۽ امرلوڪ ۾ پهچائينداسون.“

ستگرن جي دلداري ٻڌي، دل ۾ پڇتائڻ لڳو ته جي مان ٻهراڻين ستگرن سان ئي رهيو پريت رکان ها ته ڏاڍو چڱو ٿئي ها، پر وري به چڱو ٿيو جو سنتن سان چار آنا پريت رکيم، جا هن وقت ڪم آيم. اهو سڌالت سڻائي ستگرن فرمايو ته ”سڀني جيون کي کپي ته شڀ ڪرمن کي ئي پرلوڪ جا سنگي بڻائين. ٻيو ڪوبه سنگي ڪونهي.“ انت ۾ هيٺيون هي ڀڄن ڳائي رات جو هڪ ٻجي پرارٿنا ڪرائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

راڳ ضلع

ٽڪ - پرميشور جي پريم ٻنا ٻي جوڻي ناليداري آ
۱ - موه ڪـ مايا کي تون ڇاڏي، دم پل جي دلداري آ
ماءِ ڀيڻا، سنڌر ماڙيون، جوڻي دنيا ساري آ

درشن ڪري اچون. توهانجو درشن ڪري تمام خوش ٿيا آهيون. هاڻي توهان پنهنجون خبرون چارون ٻڌايو. ستگرون چيو ته اصلي پاڻ سيٺيئي هڪڙي ملڪ جا آهيون، پوءِ پنهنجي خوشيءَ سان پيا ايشور اڳيان سان توهان ڄڙوارن جي ڳوٺ آيا ۽ اسين حيدرآباد ضلعي ڪنڊوءَ جي شهر ۾ آياسين. اسان ٻه دڪان ۽ ٻنهين جو ڪم ڪندا آهيون. هيءُ سيٺيئي سنت پڻ دڪان ۽ ٻنهين جو ڪم ڪندا آهن. پوءِ هينئيون سلوڪ اچارياؤن:

سلوڪ – هر جن ڪيڏي هٽ – وينا سؤدي سار جو،
سم رکيائون ٽڪڙي – سم رکيائون وٽ،
جيڪو جڳياسو اچي – ڇڏي ڪوڙ ڪپٽ،
سامي سر سان مٽ – توري ڏين ٿا تنکي.

مطلب: سنت سيٺيئي دڪاندار آهن ۽ ڀڳتيءَ روپي ٻوڪ ٻوڪي اٿن، سا پيا سنڀالين ته متان آشا، ترشنا روپي آدي جهرڪيون نه کائي وڃن. سو اسان ٻه انهيءَ ڪم ۾ لڳا پيا آهيون.

ڀائي گوبندرام جن پنهنجي ڀائرن جي شاديءَ تي عظمت جي شهر ۾ وڃي آيا هئا. واٽ تي پريمين جا سوال پورا ڪري ڀائرن جي ڳوٺ ۾ آياسون جتي ڀڳت موٽڻرام جن اچي چيو ته مونکي سيٺ ڪلومل موڪليو آهي جو هو ١١ تاريخ يگيه ڪرائي ٿو. ٻڌايائين ته ڀائي ڪنوررام صاحب جن به ايندا سو توهان به ڪرپا ڪري ٢-٣ ڏينهن اڳواٽ هلو. انهيءَ ڪري اسان هتي تاريخ ٦ اسوءَ جي آيا آهيون. اڄ توهان جو درشن ڪري تمام خوش ٿيا آهيون. اهو ٻڌي ڀائي ڪنوررام صاحب جن خوش ٿي چوڻ لڳا ته اڄ توهان خبرون ته سٺيون ٻڌايون آهن. ايترو چئي ڀڳت ڪنوررام جن موڪلائي پنهنجي جاءِ تي ويا.

توهانجو ساڳيو وقت آهي. توهان کان پوءِ ٻيون ٽوليون وهنديون. پرڀات جو ۴ بجه کان وٺي ڀڳت کنور رام صاحب جن ڀاڻ ٻيهندا. هينئر ساڍي ۴ بجه ڌاري کنور رام صاحب جن توهان سان ملڻ ايندا. جڙيارام اهو پروگرام وٺي ٻڌايو ته بسنترام، پريمانند، ستڌاس، گٽيشانند، مرليڌر، ڀائي گوئندرام، ڀائي سومنداس، ڀائي پرچارام ڪاسيءَ وارا، ڀائي ٺاڪريو رام رستم وارو، ڀائي ٽيڪارام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ڀاڳڙجيءَ ۾ اچي لٿا. مهاراج جن مشڪي چيو آها! اوهين ڪٿان اوچتو اچي لٿا. ڀائي گوئندرام چيو ته سوامي هي سڀ ڇوڪرا مائٽن کان چوريءَ ڀڄي آيا اٿو. شايد اڄ سياڻي مائٽ ڪين وٺڻ اچن. سيٺ ٽولنداس به سياڻي ڀائي آوترام کي وٺڻ ايندو. اِتي ڀائي کنور رام صاحب جن پنهنجي منڊليءَ سميت پرشاد ڪٺي ملڻ آيا. مهاراج جن اُٿي ڀائي کنور رام صاحب جن ۽ ٻين سيٺين ڀڳتن سان ڀڃا ڀوڪ مليا ۽ ڀائي کنور رام صاحب جن کي ڀاڻ سان گڏ آسڻ تي وهاريائون. ٻيا ڀڳت ساڌن سان گڏجي وينا. تنهن کانپوءِ مهاراج جن سيٺي کي پاو پرشاد ڏيئي چل پياري، ڀائي کنور رام جن کي چوڻ لڳا ته هاڻي پنهنجون خبرون چارون سڻايو. ڀائي کنور رام صاحب جن چيو ته ڀڳوان جي ڪرپا سان آنند منگل آهي. اسان پنهنجي ڳوٺ جڙوارن ۾ رهندا آهيون. دڪان ۽ ٻنين جو ڪم ڪندا آهيون. ڪو سوال وجهندو آهي ته اوڏاهين به ويندا آهيون. هڪ ڀيري توهانجي پاسي اَڌيري لال تي به آيا هئاسون. اڄ ۱۰ بجه هتي آيا آهيون. هتان ۱۴ تاريخ مانجهند ۾ ڀائي گوبند داس صاحب جي ورسيءَ تي ويندا سون. ڪن پريمين اچي ٻڌايو ته حيدرآباد ضلع جي پاسي جا ڪي سنت ٽام وهرائي پڇيڪ، چڪ جي پاسي کان هتي آيل آهن، خيال ڪيو سين ته سنتن جو



ستسنگ ۾ مستا

ستگرو مهاراج جن ۽ سيڻيءَ ساڌ سنگ لئي اکري ويا. رات جو ليمَ ٽائيم کان ستسنگ شروع ٿيو. ڀڳت ٻالين سروانند ۽ گرمکداس گڏجي ڀڄن جي خوب موج مچائي. پريم ۾ اچي ڀائي گوبند رام ڀائي آوترام، ڀائي سومنداس، ڀائي چوئٿ ٻال، ڀسنت رام، مرليڌر، پرمانند، سنتداس ۽ ٻيا نه ڪيترا پريمي اٿي، ڪي ٽنيان ڳائڻ لڳا ته ڪي نچڻ لڳا. پوءِ ته اهڙي اچي موج لڳي جو ساري سنگت پريم ۾ اچي جهولڻ لڳي. ڪلاڪ ڪن ڀڄن ڪيائون. ان کان پوءِ ستگرو مهاراج جن ۽ سوامي گوال لعل جن ڳايو. جڏهن ستگرو ڀڄن جي سماپتيءَ تي آيا تڏهن اپديش ڪيائون ته "ڀڳوان جي پراپتيءَ جي رستي ۾ ڌرم جي مارگ ۾ سمجهي ٻجهي، ڌيري ڌيري پير وجهڻ گهرجي، پر پير وجهي وري پوئتي هٽائڻ نه گهرجي. ڀڳتيءَ ڌرم جو پاڪو به سانگ پهري، الٽ ڪائين نباهڻ گهرجي. انهيءَ سانگ کي هرگز لاهڻ نه گهرجي. سانگ ٻڌائڻ سوکو آهي پر رکڻ ڏکي آهي. انهيءَ لئي هڪ ڀڄن ٻڌائي ان جو ارٿ ڪندي هڪ درشٽانت ڏنائون.

راڳ ڪوهياري

ٽل- سانگ ٻڌاوڻ آهي سوکو، آهي ٿو جاڻان اوکي نڀيري
١- بالپڻ تي جي ويهه وڪاڻن، جيڪو ايش جي سڌ نه پڇاڻن
گرهه پريم جي ڪس ٻڌيري
٢- باوا تي اڄ بوڌ نه ٻڌائن، چڏي چيتن ڪي پتر ٻجائن
جوڳ نه ساڌن ڪرن امري
٣- ڪوڪ ملان ڪر لوڪ سڻائن، الله اڪبر سڀ ۾ نه ڀائن
عالم سان سي ڪرن گڏيري
٤- سانگ ٻڌائي شاهه سڏائن، ڏاڍا ڦيٽا ڪاوڙ هلائن
ڪري پاکنڊ ڏيکارن پيري

٥ - ٽيئون اُل جي عاشق آهن، پڳهه ترليءَ تي ڪڏهن نه لائن
گهمن گڏجن سي گهٽي گنڀيرِي.

درشٽانت: هڪڙي راجا وٽ هڪ سانگي رهندو هو. هفتي هفتي جيڪو سانگ راجا چوندو هوس، سو سانگ ڀري اچي راج دربار ۾ کيل ڪندو هو. راجا امير ۽ وزير ڏسي تمام خوش ٿيندا هئا. راجا هنکي ١٠ روپيا هڪ سانگ جا انعام ڏيندو هو. راجا کي ٢٥ ورهين جي اوسٽا جو هڪ نوجوان پٽ هو. هڪ ڏينهن راجا ويچار ڪيو ته پٽ جي شادي ڪرائي، ڪيس راج گديءَ تي ويهاري مان وڃي گوبند جو ڀڄن ڪريان، ڇو ته سنتن چيو آهي:

"اهي راج سڀ ڀوڳن راسي، ڇوٿين پهر نرپ بنواسي."

سو هاڻي مونکي گوبند جو ڀڄن ڪرڻ گهرجي، اهو پڪو سنڪلپ ڪري وڏي وزير کي گهرائي چوڻ لڳو ته هي وزير! منهنجو ويچار آهي ته هڪ مهيني جي اندر پٽ جي شادي ڪرائي، ڪيس راج گديءَ ويهاري مان وڃي گوبند جو ڀڄن ڪريان. تنهن ڪري توهان جلدي وڃي راجڪمار جي شاديءَ جي تياري ڪرايو. آگيا پائي وزير هڪ وڏي راجا جي ڪنيا سان راجڪمار کي منگائي شاديءَ لاءِ انهن ڏينهن جو مهورت ڪڍائي آيو. شاديءَ لاءِ خوب تياريون ٿيڻ لڳيون. نوبتون نغارا، ڍول شرنايون خوب وڄڻ لڳون. شاديءَ جي ڏينهن وڏي راج سڀا لڳي، جنهن ۾ ڪيترين رياستن جا راجائون اچي براجمان ٿيا. هڪ پاسي ڀٽ اُستتي ڪري رهيا هئا ته ٻئي پاسي کان نوبتون، نغارا وڄي رهيا هئا، ٽئين پاسي کان آتشبازي ٻري رهي هئي ته چوٿين پاسي کان ناچ گانا ٿي رهيا هئا. راجڪمار وچ سڀا ۾ مور مڪٽ پهري سيجا تي ويٺو هو. راڻيون ۽ پنڊت سانت سڳن ڪري رهيا هئا. راجا

سان چيو ته راجن! توهان مونکي حڪم ڪيو ته ٻبر شينهن
جو سانگ ڌاري اچي کيل ڪر. سو مان شينهن جو سانگ
ٻڌائي سڀا ۾ گهمڻ لڳس. گهمندي گهمندي راجڪمار جي
آسڻ پر سان بيهي اچڻ لڳس، ته توهان جي پٽ مونکي ڏڪ
هڻي پوندو ڏنو. توهان نياءُ ڪريو ته ڪنهن به ٻبر شينهن
ڪڏهن ڏڪون ۽ پوندا کاڌا آهن جو مان پوندا ۽ ڏڪون
کائي شينهن جي سانگ کي لڄايان؟ هاڻي توهان انصاف
ڪريو ته مون ڪهڙو قصور ڪيو؟ اهو ٻڌي سڀيئي راجائون،
وزير، امير، ساري سڀا چپ ٿي ويئي. ٻنهي منتن کان پوءِ
راجائن چيو ته هن جو ڪوئي قصور ڪونهي تنهن ڪري هن
سان قاسيءَ جي سزا لاڳو ٿي نٿي سگهي. راجائن جي راءِ
ٻڌي وڏي وزير سانگ واري کي چيو ته هاڻي تون پنهنجي
جاءِ تي وڃ. سانگ وارو هليو ويو. تڏهن راجا روئي وزير
کي چيو ته وزير، هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ وزير چيو ته راجن!
توهان ڪائي چنتا نه ڪريو. مان هڪ انڪل ڪريان ٿو. جي اُنهيءَ
حساب ۾ اچي ويو ته پوءِ سانگ واري کي ٻنهي منتن جي
اندر توهانجي اڳيان ئي قاسيءَ تي چاڙهبو. ايترو چئي وزير
سانگ واري کي اچي چوڻ لڳو ته هي نٽوَر! راجائون ۽
راڻيون ۽ ساري سڀا شوڪ ۾ ويٺي آهي. تنهنڪري توهان
هينئر سواءِ شڪديو مهاراج جو سانگ ڌاري اچي اُپديش ڪريو
ته جئن سڀني جو شوڪ دور ٿئي ۽ چت شانت ٿئي. ايترو چئي وزير
سڀا ۾ آيو. هڪ سندر آسڻ وڇارايائين. ننڍي وزير کي موڪلي
هڪ ٿالهه سونين مهرن جو ۽ هڪ ٿالهه سچن موتين جو گهرائي
رکيائين. ايتري ۾ سانگ وارو به شڪديو مهاراج جو سانگ
ڌاري اچي سڀا ۾ پڌاريو. سڀني اُٿي کيس نمسڪار ڪيو.
وڏي وزير گهڻي آدرستڪار سان کيس سڀا ۾ وهاريو.

وزير کي چيو تہ سانگ واري کي چئو تہ ٻہ شينهن جو سانگ ڀري اچي سڀا ۾ کيل ڪري. وزير وڃي سانگ واري کي چيو. سانگ وارو خوش ٿي، شينهن جو سانگ ڀري ٺٺوءَ ۾ اچي گجڪار ڪري، ٺٺوءَ کان ٻاهر نڪري راج سڀا ۾ اچي ڦرڻ لڳو. ڪڏهن ٽپا پيو ڏيئي تہ ڪڏهن گجگوڙ پيو ڪري، راجائون، امير وزير، ساري سڀا ڏاڍيءَ خوش ٿيڻ لڳي. اهڙيءَ طرح اهو شينهن گهمندو ڦرندو جتي راجا جو پٽ مور مڪٽ ٻڌيو سيجا تي ويٺو هو، اُتي اچي ٽپ ڏيڻ لڳو. راجڪمار تڪ هڻي پونبو ڏنس. سانگ واري شينهن گجگوڙ ڪري راجڪمار کي اهڙو تہ زور سان چنبو هنيو، جو هو سيجا تان ڪري پيو ۽ مري ويو. اهو حال ڏسي ساري سڀا ۾ هاهاڪار مچي ويئي ۽ سانگ وارو شينهن ٺٺوءَ ۾ هليو ويو. راڻيون رُئڻ پٽڻ لڳيون. راجا حڪم ڏنو تہ جلدي سانگ واري کي پڪڙي وٺي اچو. وزير سانگ واري کي پڪڙائي ڪيس راجا وٽ وٺي آيو. راجا وزير کي حڪم ڪيو تہ هن دشٽ کي جلدي ڦاسيءَ تي چاڙهيو. راجائي حڪم ٻڌي سانگ وارو همت جوڙي چوڻ لڳو تہ هي پرڀو ناٿ! توهان راجائون آهيو، نياءُ ڪريو. جي مونتي ڦاسيءَ جي سزا لاڳو ٿئي تہ پوءِ پهلي مونکي ڦاسي ڏجو.

راجا غصي ۾ لعل ٿي ويو ۽ چيائين تہ مها مورک! نياءُ وري ڪهڙو ڪبو؟ تو اڄ وڏو ڏوهہ ڪيو آهي. سانگ وارو وري بہ همت ٻڌي چوڻ لڳو تہ هي راجن! منهنجي ڳالهہ ٻڌي اِنصاف ڪريو. راجا رُوئي چيو تہ نالائق! اِنصاف ڪهڙو ڪريون؟ اتي وزير ۽ ٻيا راجائون چوڻ لڳا تہ سانگ واري جي ڳالهہ ٻڌڻ گهرجي. تنهن تي راجا سانگ واري کي چيو چڱو، ٻڌاءِ تہ تو منهنجي پٽ کي ڇو ماريو؟ سانگ واري نمرتا

وڏي ڇيو نہ هيءَ لکن جي پيتا راجا ٻنهان کي وڏي خوشيءَ سان ڏيئي رهيو آهي. انگيڪار ڇو نہ ٿا ڪريو. تڏهن شڪديو وراڻيو تہ هن وقت مان شڪديو مهاراج جي سانگ ۾ آهيان. شڪديو مهاراج مها تياڳي هو ۽ پيسي کي هٿ بہ نہ لائيندو هو. مان اِها پيتا وٺي ڪئن شڪديو مهاراج جي سانگ کي ڪلنڪ لڳايان؟ جنهن مون شينهن جي سانگ کي نہ لڄايو هو، تنهن هاڻي شڪديو مهاراج جي سانگ کي ڪين لڄائيندس. دليا ۾ گهٽيءَ سانگ ڀري مؤجون ڪيون اٿم. پراج جو سانگ ڪونہ لاهيندس. اُتراکنڊ وڃي گوبند جو ڀڄن ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪندس. انهن چئي اُتراکنڊ هليو ويو. وزير راجا کي هٿ جوڙي چيو تہ، هي راجن! مون گهٽي انڪل ڪئي تہ پيتا وٺي تہ اوڏيءَ مهل ئي ڦاسيءَ تي چاڙهيونس، پر هن شڪديو مهاراج جو بہ سانگ نہ لڄايو. اهو درشتانت ڏيئي مهاراج جن چوڻ لڳا تہ هي پريميو! جيڪو سانگ ڀرجي، تنهنجي رکيا پوريءَ طرح ڪجي.

جنسا ترهئي سانگ، چال پڻي تنسي چاليئي،
کهي ٽيڻون سنسار ۾، پرڻ اپنا پاليئي.

اُن بعد پرارٿنا ڪرائي، ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو ويو.

صبوح جو سوامي جن ۽ سيٺئي ساڌ سوير اُٿي اشنان پاڻي ڪري ڀائي ڪنور رام صاحب جي ڀڳت ۾ ويا. ڪنور رام صاحب جن ڪين پري کان ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ڪين وهاريو. ڀڳت صاحب جن وينتي ڪئي تہ سوامي ڪرپا ڪري هڪڙو هڪڙو سلوڪ سڀئي ساڌ ٻڌايو.

تنهن تي ستگرن ۽ سيني ساڌن واري واري تي سلوڪ ڏنا. ڀائي ڪنور رام صاحب جن ۽ ساري سنگت ٻڌي پرسن

ساري سڀا ۾ شانتي ڇانئجي وئي. وزير هٿ جوڙي شڪديو مهاراج کي چيو ته هي پڀو! اڄ ڀاڳ وڏا قدرت سان راڄ پتر ديولوڪ پڌاريو آهي. تنهنڪري اسان سڀني جو چت تمام اُداس ٿي پيو آهي. توهان ڪرپا ڪري پنهنجي مکارونند مان ڪجهه چار وچن ٻڌايو، جنهن چت ۾ شانتي اچي. اِهو ٻڌي، شڪديو مهاراج ويدانت مت جو اُپديش ڪرڻ لڳو. چيائين ته سنسار اَسار ۽ جُهُوٺو آهي ۽ سڀئي سرير انتيه آهن. هن سرير ۾ جيوآتما اَبناسي آهي، جنهنجو ٽنهي ڪالن ۾ ناس نٿو ٿئي. پوءِ هيٺيون سلوڪ اُچاريائون:

سلوڪ - نئنم ڇندنتي شستراڻي -

نئنم دهتي پاوڪه،

نه چئنم ڪليد ينتياپو- نه شوشيتي مارُته.

مطلب: هن جيوآتما کي ڪو به شستر ڪٽي نٿو سگهي. نڪي باھ ساڙي ٿي سگهي ۽ نه ئي پاڻي ٻوڙي ٿو سگهي ۽ نه ئي هوا سڪائي ٿي سگهي. آتما سدائين پنهنجي پاڻ ۾ اِستٿت آهي.

ايشور اَنس جيو ابناسي، چيتن امل سهج سک راسي.

اِن ڪلاڪ ڪن ڪٿا ڪري بس ڪيائون. تڏهن وزير سونين مهرن ۽ سچن موتين جا ڀريل ٻه ٿالهه ڪڍي سندس اڳيان رکيا ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي پڀو! اسان جي هيءَ تڇ ڀيٽا سويڪار ڪريو." تڏهن شڪديو سونين مهرن ۽ موتين جي ٿالهن ڏانهن نهاريو به ڪين ۽ سڀا مان اُٿي هلڻ لڳو. وڏو وزير وري به ٿالهه کڻائي اڳيان اچي هٿ جوڙي چوڻ لڳس ته هي پڀو! توهانجو اُپديش ٻڌي راجا ڏاڍو خوش ٿيو آهي. ڪرپا ڪري هيءَ ڀيٽا اَنگيڪار ڪريو. تڏهن به تڏهن شڪديو منهن ڦيرائي ڪڏي ٻئي پاسي ڪيو. وڏي وزير

ڇوڙڻ لڳا تہ اسان هلنداسون. مهاراج جن چيو تہ بابا ساڌ ٽيڙڻ ڪنن آهي توهان اسان وٽ رهي نہ سگهندا. اسان اُتي سيٺي کان ٻنهين جو ڪم ۽ ٻي شيوا وٺندا آهيون. تنهن تي ٻنهي چيو تہ ”اسان سڀ ڪم ڪرڻ ۽ آگيا مڃڻ لاءِ تيار آهيون پر اسان کي ساڻ وٺي هلو. اُئين چئي روئي ڏنائون. مهاراج جن چيو تہ اَبا روئو نہ ڀلي ساڻ هلو. اِترو ٻڌي واڌومل مرليڌر کي ۽ ليکراج ٻسنترام ۽ گرڌاري کي، هاسارام سنتداس کي وٺي گهر روانا ٿيا ۽ باقي پرمانند گوئندرام آوترام سنتن سان گڏجي مانجهند هليا. ڀڳت وانورام، پرمانند، گٽيشانند ۽ سنتداس بہ چيو تہ اسان بہ توهان سان گڏ هلنداسون. مهاراج جن چيو تہ اَبا! جيڪا توهان جي مرضي. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن پنهنجي منڊليءَ سميت سنيري، سيٺي پرڀين، سيٺ ڪلومل ۽ جڙيارام کي آشيرواد ڏئي، ڀائي ڪنوررام صاحب جن سان گڏجي تاريخ ١٣ اَسوءَ جي مانجهند روانا ٿيا.

تاريخ ١٤ مانجهند اِسٽيشن تي اچي لٿا. جتي ڀائو ترمداس صاحب ۽ ٻيا ڪيترا گرهستي پريمي، ڍول شرنايون وٺيو، گلن جا هار کڻي اُڀا بيٺا هئا. ڀڳت صاحب ۽ سنتن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ڪين گلن جا هار پائي ڍول شرنايون وڄائيندا سيٺي کي پنهنجي آستان تي وٺي ويا. سڀئي سنت اِشنان پاڻي ڪري رسوئي کائي آرامي ٿيا. شام جو ٥ بجي ستگرو مهاراج جن ڀڳت ڪنوررام صاحب جن ۽ ساڌ درياهہ جي ڪناري تي گهمڻ ويا. ٿورو گهمي، درياهہ جي ڪناري تي، هڪ سندر جڳهہ تي اچي ويٺا. اُتي ڪنهن پريميءَ شنڪا ڪئي تہ شاستر چون ٿا تہ پرڪرتي مايا جڙ آهي ۽ پرهم ۾ ڪاٻہ ڪرِيا ڪانہ آهي، اُنهي گڻن کان پري آهي. پوءِ هن پرهمنڊ جو ڪاروبار ڪيئن ٿو هلي؟ تنهن تي ڀڳت صاحب

ٿي. ڏهين بجي صبوح جو ڀڳت سماپت ٿي. تڏهن ڪانپوءِ ڀڳت صاحب جن ستگرو مهاراج جن ۽ سڀني ساڌن کي وٺي پنهنجي جاءِ تي ويا. جڏهن پياري چيائون ته اسانجي مرضي آهي ته سڀاڻي اسان سان گڏجي مانجهند هلو. دربار جو پريمي جو اسانکي وٺڻ آيو آهي. سو به تمام گهڻو پيو چوي ته منهنجي ٻاران توهان سڀني کي چئو ته ميلي تي هلن.

مهاراج جن ڀائي ڪنور رام صاحب جن جو اُن تي پريم ڏسي هٺ سويڪار ڪيو. مهاراج جن منڊليءَ سميت موڪلائي پنهنجي جاءِ تي آيا. شام جو ڇهين بجي ڀائي آوترام، ڀائي ٺاڪريو رام، ڀائي پرچارام ستگرن جي اڳيان پرشاد رکي، گرمنتر وٺي شش ٿيا. مهاراج جن شام جو سير ڪري جاءِ تي آيا ته سيٺ ٽوٽنداس، ڀائي ليکراج مل، ڀائي هاسارام، ڀائي واڌومل ۽ ٻيا به ڪيترا ڇوڪرن جا مائٽ ۽ پريمي ستگرن جي اڳيان پرشاد رکي اچي ويٺا. مهاراج جن سڀني کان خبرچار ورتي.

سيٺ ٽوٽنداس چيو ته هي پڀو! اوهان جي ڪرپا سان آنند منگل آهي. اسان خيال ڪيو ته آوترام کي وٺي اچون ۽ اوهان جو درشن به ڪري اچون. هي ڪاهيءَ جا پريمي آهن، جن مان ڪي پنهنجي ڇوڪرن کي وٺڻ آيا آهن ۽ ڪي اوهان جو درشن ڪرڻ آيا آهن. وينتي آهي ته آوترام ۽ ٺاڪريو رام کي خوشيءَ سان موڪل ڏيو ته سڀاڻي اسان سان گڏجي ڳوٺ هلن، جو سندن مائٽ تمام اُداس ٿي پيا آهن. ستگرن چيو ته اسان ٻارڙ کين چيو آهي ته مائٽن جي آگيا ۾ رهي، وڏن جي سيوا ڪريو. سو ڀلي صبوح جو وٺي وڃو. اسين به سڀاڻي ڀائي ڪنور رام صاحب جن سان گڏجي مانجهند ويندا سون. جڏهن ٻيا ڪانپوءِ چوٿت ٻال چيو ته سائين! موکي موڪل ڏيو ته پنهنجي آستان ڏي وڃان. بسنترام ۽ مرليڌر

ڪير بہ نہ کائي سگهي. وزير چيو تہ حضور مان اهڙو تہ بندوبست ڪريان جو خود پهريدار بہ ڦل کائي نہ سگهندا. وزير هڪ سورداس ۽ هڪ لنگڙي کي باغيچي ۾ پهري لاءِ رکيو. ڦل پچڻ تي آيا تہ وزير راجا کي وٺي اچي باغيچو گهمايو. راجا ڦل ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وزير کي چيائين تہ ڦل هڪ ٻن ڏينهن ۾ پچي راس ٿيندا جيڪي ڦل هر روز پچن سي اسان کي پهچائجو.

ٻن ٽن ڏينهن بعد، ڦل پڪا. لنگڙي سورداس کي چيو، تہ هي ادا، ٢-٣ ڦل اڄ پڪا آهن ۽ ڏاڍا سندر آهن. منهنجي دل پيئي چوي تہ پاڻ ٻئي کائي مزو وٺون. جو رات ڏينهن بنا عيش جي هتي جهنگل ۾ پيا آهيون. سورداس وراڻيو تہ، پيارا مان سورداس اکين کان ڪجهہ بہ ڏسي نٿو سگهان، تون لنگڙو هڪ قدم بہ هلي نہ ٿو سگهين؛ سو پاڻ اهي ڦل ڪيئن کائي سگهنداسون. تنهن تي لنگڙو چوڻ لڳس تہ، ادا تون جي مون سان شامل ٿئين ۽ جيئن مان چوانءِ تيئن ڪرين، تہ پوءِ مان رستي ٻڌايانءِ. سورداس چيو، مان توسان هر طرح ٻڌل آهيان، جيئن چوندين تيئن ڪندس. لنگڙي چيس تہ چڱو، تون بلوان آهين. مونکي کڻي پنهنجي ڪلهن تي چاڙهہ. سورداس کڻي ڪلهن تي وهاريس. لنگڙي چيس تہ هاڻي پنهنجي ساڄي پاسي هل. سورداس ساڄي طرف هلڻ لڳو؛ جڏهن جتي پڪل ڦل لٽڪي رهيا هئا، اتي آيو، تڏهن لنگڙي چيس تہ ادا هاڻي اتي بيهہ. سورداس اتي بيٺو. لنگڙي ٻانهون ڊگهيون ڪري، ٢-٣ ڦل پٽيا. پوءِ سورداس کي چيائين تہ هاڻي منهن ڦيرائي پنهنجي ڏائي پاسي هل تہ پنهنجي جاءِ تي هلي، ويهي ڦل کائون. سورداس خوشيءَ ۾ لنگڙو لڪڙو پنهنجي ٻنهي واريءَ جاءِ تي اچي پهتو، لنگڙي کي ڪلهن تان لاهي هيٺ وهاريائين. تنهن

ستگرو مهاراج جن کي چيو ته توهان ان جو نرڻو ڪريو. ستگرو مهاراج جن ڀائي صاحب جن کي چيو ته توهان چئو. تڏهن ٿي سوامي جن چيو ته هي پريمي! برابر پرڪرتي جڙ آهي ۽ برهم پرماتما اُڪريه آهي جدا جدا هڪ ڪان سنسار جو وهنوار نه هلي سگهندو پر ٻنهي جي ميلاپ سان سنسار جو ڪاريه هلي ٿو جيئن سورج به ڪپڙي کي نٿو ساڙي ۽ آتشي شيشو به ڪپڙي کي جلائي نٿو سگهي، پر سوريه ۽ آتشي شيشي جي ميلاپ سان ڪپڙو سڙي ٿو. ٻيو جيئن انڌو به ڪم ڪري نٿو سگهي ۽ منڊو به ڪم ڪري نٿو سگهي، پر ٻنهي جي ميلاپ سان ڪاريه ٿي سگهي ٿو. تيئن پرڪرتي جڙ سوروپ يعني انڌي آهي ۽ برهم چيتن منڊو معنيٰ انگن رهت اُڪريه آهي، الڳ الڳ ٻنهي کان سنسار جي اُتپتي اسٿتي ۽ سنگهار روپ ڪاريه نٿو ٿي سگهي پر برهم چيتن ۽ پرڪرتي جي سنبنڌ سان سنسار جو وهنوار هليٿو. جيئن ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشن چندر چيو آهي ته منهنجي سهاري سان پرڪرتي چراچر سنسار کي پيدا ڪري ٿي. اُتي درشٽانت ڏنائون:

درشٽانت- هڪڙو راجا پنهنجي وزير سان گڏجي ولايت گهمڻ ويو. اُتي هڪ باغيچي ۾ گهمڻ ويا، جتي تمام سندر ڦل ڪاڻائون. راجا وزير کي چيو ته اهي ڦل پنهنجي باغيچي ۾ لڳائجن. تنهنڪري هتان هنن ڦلن جو ٻج وٺي هلو. تنهن ڪان پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد ڦلن جو ٻج وٺي پنهنجي ملڪ واپس آيا. هڪڙي ڏينهن راجا وزير ٿي گهرائي چيو ته ولايت مان آندل ٻج شهر جي ٻاهران ٻاسي، هڪ نئون باغيچو لڳائي، اُن ۾ پوکائي ڇڏ. باغ جي چوڌاري هڪ مضبوط قلعو پڻ ڏيارج. وزير يڪدم آڳيا پالن ڪئي. وڻ ساماڻا ۽ ڦل جهلياڻون، راجا وزير کي چيو ته هاڻي پهرو رکو، جيئن ٻاهر ڪالسواءِ اِهي ڦل

هڪ پير ٻه اڳتي هلي ڪونه سگهان ۽ هي ويچارو سورداس
ڏسي ئي ڪونه. پوءِ اسين ڦل ڪيئن پٽي ڪاڻي سگهنداسين؟
وزير چپ ڪري سڌو راجا وٽ آيو ۽ اچي سڄي حقيقت
ٻڌايائين. چيائين ته دروازو بند ڪري تالو به لڳارايو اٿم،
سورداس ۽ لنگڙو ٻه پٽي ڪونه سگهندا، پر ڳالهه سمجھ ۾
نٿي ڪانه ٿي اچي، ته ڪير ڦل پٽي وڃي. هيترا ڏينهن
مون ڊپ کان توهان سان ڳالهه نه ٿي ڪئي. پر هاڻي ڪنهن
ڏينهن مان پاڻ ئي ڪي، جاچ ڪندس. راجا چيو، "وزير!
ڳالهه ته ڏري ٻڌائي اٿيئي. هاڻي باغيچي جي ٻاهران چوطرف
پهرو رک، متان ڪو رات جو پٽ نپي نه ويندو هجي.
وزير باغ جي ٻاهران ٻه زبردست پهرو بيهاريو. جيڪي ڦل
پچڻ تي هئا، تن تي نشان ڪري، پنهنجي جاءِ تي آيو.
ٻن ڏينهن کانپوءِ، شام جو وري باغيچي ۾ ويو. ڇا ڏسي
ته ڦل آهن ئي ڪونه. اهو حال ڏسي ويچار ڪيائين ته
باغيچي جي ڪنڊ ۾ اڪي رات جاڳي ڏسان، ته ڪير ٿو
ڦل پٽي وڃي. اهو ويچار ڪري ٻاهران زبردست تالو
ڏياري، پاڻ ڏيري ڏيري، وڻن جي پٺن ۾ اڪي ويهي
رهيو. ساري رات جاڳي، چڱيءَ طرح جاچ ڪيائين، پر
ڪوبه آدمي نظر ڪونه آيس. صبح جو ٧ بجه ڪن خيال
ڪيائين ته جاءِ تي وڃي اشنان پاڻي ڪري روٽي کائي،
پوءِ اچي جاچ ڪيان، ته ايتري ۾ ڏسي ته سورداس لنگڙي
کي ڪلهن تي چاڙهي، پڪل ڦلن وٽ اچي بيٺو. لنگڙي
هڪڙو ڦل مس پٽيو، ته وزير، جو اتي لڪو ويٺو هو ۽ سارو
رنگ پئي ڏٺائين، سو هڪل ڪري چوڻ لڳس ته خبردار!
متان ٻيو ڦل پٽيو اٿو. وزير جي رڙ ٻڌي، سورداس ته ڊپ
وچان اُليٽي ڪري پيو. وزير ڪروڌ ۾ اچي، لنگڙي ۽
سورداس کي چيو ته "توهان ٿي ڦل چٽي کائيندا آهيو."

ڪاٻوءِ ٻنهي ڄڻن ڦل ورتي کاڌا. ڦل کائي، سورداس چوڻ لڳس ته اڄ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي جو امبرت جي سمان مٺا ڦل کارايا اٿئي. اڳتي به روز اهڙا ڦل ٻيئي کارائج. مان روني به ڪوڙ کائيندس. لنگڙي چيس ته، ڦل ته ٽوڪي ڏل کارائيندس، پر هڪڙي ڳالهه آهي، جو اڄ نه سڀاڻي، اِهيءَ ڳالهه جي خبر ضرور راجا ۽ وزير ٻنهي ويندي ۽ پوءِ اسان ٻنهي ڪان پڇندا. تون اصل نه ڪڇج. مان پاڻيهي جواب ڏيندو سان. سورداس چيو ادا، ڪهي وڃندا ته به مان ڪوڙ ڪڇندس. اِها صلاح ڪري، هر روز ٻڪل ڦل کائي ڇڏيندا هئا. ڪجهه ڏينهن ڪاٻوءِ، وزير باغيچي ۾ گهمي ڏسي ته، جيڪي ڦل ٻچڙ لي هئا، سي آهن ئي ڪوڙ. سو لنگڙي ۽ سورداس ڪان پڇڻ لڳو ته هتان ڦل ڪنهن ٻتيا آهن. لنگڙو همت جوڙي چوڻ لڳو ته، حضور! اسان کي ڪائي خبر ڪانهي. رات ڏينهن ويٺا آهيون. وزير ويچار ڪيو ته باغ جو دروازو کليل آهي؛ شايد ٻاهران ڪي ماڻهو اچي ڦل چوريءَ ٻني وڃن ٿا. اِهو خيال ڪري دروازو بند ڪرائي، مضبوط تالو ڏيئي، چاٻي پاڻ سان کڻي هليو ويو. روني به وقت سر لنگڙي ۽ سورداس کي ٻنهجي خاص ماڻهوءَ هٿان ڏياري موڪليندو هو.

هوڏانهن لنگڙو ۽ سورداس به اچي هريا. سو جيڪي ٻه ٻه چار ڦل ٻچن، سي صبح جو سوير ٻني، کائو ڇڏين. ٻن ٽن ڏينهن ڪاٻوءِ وري وزير باغيچي ۾ اچي ڏسي ته جيڪي ڦل ٻچڙ لي هئا سي آهن ئي ڪوڙ. اِهو حال ڏسي، ڪروڌ ۾ ڀرجي، لنگڙي ۽ سورداس کي گهٽ وڌ ڳالهائي چوڻ لڳو، ته ڦل ڪير ٿو ٻني وڃي؟ يا ته توهان ٿا ٻني کائو. لنگڙي همت جوڙي چيو ته حضور! اسان ته ڪنهن کي ڪونه ٿا ڏسون. توهان ويچار ڪري ڏسو مان لنگڙو،

پرم ويراڳي هر انراڳي -
تياڳي رهت وڪارا جي ،
آپڻي سر پر ڏوک سهاري -
ڪرتي پر اپڪارا جي ،
نيت ڌرم ڪي مارگ چل ڪر -
اور چلاوَن هارا جي ،
جو مُکهي موکيه اِڇا سي -
آوت تانهن دوارا جي ،
تانڪي سنسي سرو نواري -
ڪرهين ڀؤ سي پارا جي ،
ڪهي ٽيئڻون تن سنتن اوپر -
جائون مٽن ٻلهارا جي .

مطلب: سنت مهاتمائون امرلوڪ مان جيون جي اڌار واسطي اوتار ڌاري سنسار ۾ آيا آهن. سدائين نشڪامي يعني نراڇا، مان پوڄا ڪي نه چاهيندڙ؛ مذهب کان پري، ايڪي تي رهندا آهن. تتووينتا سدبوڌي ويراڳي، آتم گيان جي اپيه دان ڏيڻ وارا آهن. پنهنجي سر تي نندائون گلائون، جنيون ڦٽيون ۽ مذهب جا مهڻا طعنا ۽ ڪڙا وچن سهي، سچ جي رستي هلڻ وارا آهن. انهن جي مٿان هزار وار ٻلهار وڃان. تن سنتن جي مهما جي انت نه آهي. پوءِ هينيون پڇن ڇيائون:

راڳ پهلا

ٽل- امراپور کي ڀوڳي آيا - جڳ - ڀڳ جيو اڀارا .
ا- ڪميا سر سنتوش ويچاري - پرمارٿ سي پر اپڪاري ،
پرهمين ڪيا پڪارا - لب ڌار ليا اوتارا .

ٻنهي چيو تہ ”حضور! برابر اسان ئي ڪائيندا آهيون، پر اڄ کان وٺي ڪونہ ڪائيندا سون. هينئر اسان کي معافي ڏيو.“ ائين چئي، روئي وزير جي پيرن تي ڪري پيا. وزير چين تہ آهيو تہ ڦاسيءَ جي لائق، پر توهان جي حرفت بازي ڏسي، توهان کي معافي تہ ڏيان. جي آئينده ڦل پٽيندا تہ، توهانکي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو. ائين چئي وزير راجا وٽ آيو. راجا چيو، وزير! ٻڌاءِ تہ ڪهڙو حال آهي؛ ڦلن جو ڪو پتو پيو؟ وزير مشڪي ساري حقيقت راجا کي ٻڌائي. راجا ٻڌي کلڻ لڳو. چيائين تہ اڄ تمام نئين ۽ عجيب ڳالهہ ٻڌائي اٿيئي. چڱو، هاڻي جيڪي ڦل پڻن سي ڪٽي اچجو. ستگرن پوءِ انهيءَ درشٽانت جو سدانت هن ريت ورڻن ڪيو.

ستگرن چيو تہ، پرڪرتي، مايا جڙ، سورداس جي سمان آهي. ساڪي چيتن جيواتما لنگڙو آهي، جنهن ۾ ڪائي ڪريا ڪانهي، پر ٻنهي جي ميلاپ ڪري، هن ساري سنسار جو ڪاروبار هلي رهيو آهي. اِهي وچن ٻڌي، پاڻي ڪنور رام صاحب جن ۽ سڀ پريمي تمام خوش ٿي چوڻ لڳا تہ اڄ تہ ڏاڍي نئين ڪٿا ٻڌائي اٿوَ. اِنهن پاڻ ۾ رس رهاڻ ڪري، موٽي پنهنجي جاءِ تي آيا. ٨ بجہ ستسنگ شروع ڪيو ويو. سنتن جي مهما جي وارتا هلايائون. چيائون تہ ”سنت، مهاتمائون ساري سنسار جو جيون آهن. هنن پرأپڪار واسطي اوتار ڌارڻ ڪيو آهي.“ پوءِ هينيون ڇند چيائون:

ڪونترا ڇند- أمر لوڪ سي سنت پڌاري-
ڌرکي نت اوتارا جي،
نشڪامي نرماني نسنگي-
نرڀکيہ نپ جيوَن ڌيارا جي،
برهم گياني انتر ڌياني-
داني پرم اُدارا جي،

ستسنگي ۽ جگياسو ڪم ڪار ڇڏي درشن لاءِ اچي مڙيا. پيرن پئي اکين ۾ جل آڻي، چوڻ لڳا، "هي ترلوڪي ناٿ! توهان تمام گهڻو وقت سفر تي ٿا لڳايو. توهان کانسواءِ اسان تمام اُداس ٿي ٿا پئون. سنسار جو ڪو به پدارٿ مٺو نٿو لڳي. هاڻي ڪرپا ڪري ڪيڏانهن به نه وڃجو. ستگرن مشڪي چيو اَبا! اِها ڳالهه اِسان جي وس ڪانهي. جيڏانهن داتو پاڻي ڪڍي ٿو وڃي، اوڏانهن هليا ٿا وڃون. رات جو ستسنگ شروع ٿيو. ڪنڊو سالاري شهر مان گهڻي انداز ۾ خلق اچي ڪٺي ٿي. ڪلاڪ کن بين ساڌن سنگت کي گدگد ڪيو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج جن ۽ سيٺي ساڌ گڏجي ستسنگ ڪرڻ لڳا. ڀڳوان جي پريم جي وارتا هلي. مهاراج جن چيو ته هي جيوُ ڀڳوان جي پريم کانسواءِ سڃو آهي.

دوهرو- جان گهٽ پريم نه سنچري -
سو گهٽ جان مساڻ،
جئسي کال لوهار کي - سواس ليت بن پراڻ.

مطلب: جنهن جيوَ جي هردي ۾ ڀڳونت جي ملڻ جو پريم پيدا نه ٿيو آهي، اُنهيءَ جو هردو شمشان جي برابر آهي. جئن مساڻن ۾ اُلوُ، چبرا، ڏائڻيون ۽ پشاچڻيون اچي واسو ڪنديون آهن، تئن اُنهن جي هردي ۾ به ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اَهنڪار، آشا ترشنا، چنتا، آدي وڪار اچي گهر ڪندا آهن. اُهو منش مڙدي جي سمان آهي. جئن لوهار جي کل، ڌوڻي خالي پراڻ ڇڏيندي ۽ ڪڍندي آهي. تئن اُهو منش به اَجايا پراڻ پيو ڪڍي. اُنهيءَ لوهار جي ڌوڻيءَ جا پراڻ ڪنهن ڪم ۾ نه اچن ٿا، پر اُنهيءَ منش جا پراڻ گوبند جي ڀڄن کان سواءِ وِرٿ آهن. جن جي هردي ۾ ڀڳوان، سنتن ۽ گرن جي لاءِ پريم آهي، تن جو جنم سنسار ۾ سڦل آهي.

٢- داني جت سنت ڏيرج ڌاري - ٻاهر ڀيتر ٻئي ڀنڊاري،
گيان امر ڦل سارا - نت ڪرني سنت اُهارا،
٣- ٻن ڀُومي جن ٻاغ لڳايا - چارون سا ڌن چمن ٻڻايا،
پشپ ڳڻن گلزارا - اُپديش هوُئا هب ڪارا.
٤- اشٽ ڪمل پر آسڻ ڪييا - اَمر ديش کو ديکهه ليا،
پايا دوي ديدارا - ٻن ديکا اڳم اَپارا.
٥- ڪهي ٽيئُون ڪر جوڙ پڪاري -
ڀاڳ جڳي گهر آئي هماري،
ليکا جم نوارا - تب هويا جئه جئه ڪارا.
"سنت ڪي مهما ويد نه جاڻي - جتا سني تتا وکاڻي."

اِنهيءَ وشيه تي ٻيا به ڪيترا ئي پرماڻ ڏئي ارٿ سهت چئي، رات جو ١٢ ٻجي پرارٿنا ڪرائي، ستسنگ سماپت ڪيائون. اُهڙيءَ طرح، ستگرو مهاراج جن مالجهند ۾ ٻي ڏينهن سنتن جي ميلي تي رهي، سنتن جي مهما، ڌرم ۽ ست اُپديش جو پرچار ڪيو.

تنهن کانپوءِ ڀائي ڪنور رام صاحب جن کي چيائون ته هاڻي ڪرپا ڪري، اسان سان گڏجي اسان جي به ڪندوءَ شهر ۾ هلو. ڀائي ڪنور رام صاحب جن چيو ته هن وقت اسان ٻين ڀاسي وچن ڏنا آهن. تنهنڪري وري ڪنهن وقت اهڙو ڪو موقعو ٺهيو ته ضرور ايندا سون. ستگرو مهاراج جن سڀني سنتن کان موڪلائي پنهنجيءَ منڊليءَ سميت ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياهه پار ڪري ڳوٺ خانوٽ پهتا.

خانوٽ جي ڳوٺ ۾ جل پان ڪري پنڌ روانا ٿيا. شام جو ٥ ٻجي پنهنجي شهر ڪندو نگريءَ ۾ پنهنجي آستان تي پهتا. ماتا ڪرشنا ۽ سڀني سان مليا. ستگرو مهاراج جن جي اچڻ جي خبر ساري شهر ۾ ٻکڙجي وئي. ڪيترا نرمي،

اُلٽي پرڻائيندا سون. لاچار اها ڳالهه پرڳٽي جي پنچات ۾ هلي، پر پنچ به انهيءَ ڳالهه جو فيصلو نه ڪري سگهيا، ڇو جو مائيءَ جا ڏير تمام هلنديءَ وارا آهن ۽ ڪنهن جي به نٿا مڃين. ڪنهن ڪري هيءَ داس پيو ڪو رستو نه ڏسي، توهان جي در تي سوالي ٿي آيو آهي. هاڻي ڌرم جي رکيا ڪري اسانجو بيڙو تاريو.

• •

اِني سنت گهنبورام جن پريم لنگر سالاري وارا، ستگرو مهاراج جن سان ملڻ آيا. ستگرو مهاراج جن ڪين پريم ستڪار سان وهاري، خبرچار ڏئي وٺي ڪين چيو ته ڀائي بخشارام جن عادو شاه ڳڙهيءَ وارا سوالي ٿي آيا آهن. توهان به اسان سان گڏجي هلو. سنت گهنبورام چيو ته جئن توهان جي مرضي. جيتو ٽيڪ ڇهن مهينن ڪانپوءِ مس ڪنبوءَ ۾ آيا هئا، ۽ شهر جي پريمين ۽ ستسنگين به ستگرو مهاراج جن کي نه پئي ڇڏيو، ته به ستگرن پريميءَ جي اُرداس سويڪار ڪئي ۽ پنهنجي منڊليءَ سميت، سنت گهنبورام کي وٺي روانا ٿيا. وامن تي ڪٽي به ڪوله ٿرسيا. سڌو مونٽائن جي ڳوٺ ۾ پهتا، جو مسلمانن جو هڪ ننڍو ڳوٺ، درياه جي ڪناري تي هو. اُتي صرف ٻه ٽي گهر ۽ دوڪان هندن جا هئا. مهاراج جن ڀائي بخشارام جي ڪچن ڪکن جي ڪنيائن ۾ ٻراڇي لٿا. ٻئي ڏينهن صبوح جو مائيءَ کي گهرائي ساري حقيقت پڇيائون. مائيءَ چيو ته مون برابر خوشيءَ سان چوڪري مڱائي آهي ۽ پنهنجي ڌرم تي قائم آهيان. توهان سنت آهيو ۽ هيءُ ڌرم جو بيڙو تاريو. مهورت ڪڍائي ڀاڳٽي همت سان پرڻائي وڃو. ستگرن ڪٽيءَ جي سٽ تارائڻ جو مهورت ڪڍائي پاڻ پيسو، تاريل، انگوڇو ۽ ٻه روپيا مائيءَ کان وٺي، ڀائي بخشارام کي ڏنا. هفتي کن ڪانپوءِ، جڏهن اها خبر مائيءَ جي ڏيرن کي پئي ته ساڻن مهورت

راڳ حسيني

تل- اڪ هي پريم پرڀو ڪو پايا-

جات ورڻ ڪل ڪرم نه ديکا پريم ڪي هاٿ بڪايا ۔

١- پريم انل جب ڪيوٽ ڪينا - رام ديک مسڪايا ۔

جن چرڻون ڪو ڀوڳي چاهت - سي نج چرڻ ڌلايا ۔

٢- پريم ڀيلڻي ڪا جب ديکا - رگهور تب ڌهر آيا ۔

پريم جٽائو ڪا لک هرلي - اپني ڌام پٺايا ۔

٣- پريم ديک سگريوَ ڪا هرني - اپنا متر بڻايا ۔

پريم ڀون تمت ائسا ڪينا - رگهپت ڪنٺ لڳايا ۔

٤- پريم وڀيشڻ ڪا جب ديکا - تب هر راج ڏلايا ۔

ڪهي ٽيئُون يهه پريم هري ڪا - ڀاڳيه بڙي ڪس پايا ۔

اهو ڀڄن ارٿ ۽ پرماڻن سهت ڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. ساري سنگت خوش ٿي ڀاؤ پرشاد وٺي، پنهنجي گهر وئي. اهڙيءَ طرح نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهيا. هڪڙي ڪن ڪانپوءِ، هڪ ڏينهن، ڀائي بخشارام، عادوشاهه ڳڙهي سکر ضلع جو سٽگرو مهاراج جن وٽ سوالي آيو. پرشاد رکي، بيريون پئي، هٿ جوڙي چرڻ لڳو ته هي گرديو! اسان سان اڄ رم ۽ ڪنياءُ تي رهيو آهي. منهنجي لنڍي ڀاءُ پيوندمل جو مڱڻو، موزائن جي ڳوٺ ۾ ٿيل آهي. ڇوڪريءَ جو پتا گذاري ويو آهي. اها مائٽي ڇوڪريءَ جي ماءُ رضا خوشيءَ ڪئي آهي. پر مائيءَ جي ڏيرن اها ڇوڪري ميائيءَ جي ڳوٺ جي مکي ٻولڻداس جي پٽ صوڀراج سان مڱائي ڇڏي آهي. انهيءَ ڳالهه تي ڪورٽ ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي. مائي پنهنجي ڌرم تي قائم آهي ۽ چوي ٿي ته جتي مون اهڙي ڇوڪري مڱائي آهي، تتي ڏينديس. اها ڳالهه مائيءَ جا ڏير ڪٿا مڃين ۽ چون ٿا ته جتي اسان مائٽي ڪئي آهي

جي شهر هلي، مکي آنندرام کي گهرايون. توهان انهيءَ ٻاري ۾ اُن تي ڪجهه زور رکو. مهاراج جن فرمايو ته اَبا! چڱو، ڀلي تياري ڪريو ته هلون.

مهاراج جن منڊليءَ سميت عظمت ۾ آيا. ٻئي ڏينهن جڏهن مکي آنندرام کي ٻڙهي عادو شاه مان گهرائي، ساري حقيقت هن سان ڪيائون ۽ چيائون ته توهان هن ڳالهه جو فيصلو ڪريو. مکي آنندرام چيو ته هي ٻڌو! اسان تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، پر مائيءَ جا ڏير نٿا مڃين. وري ٻه توهان جي آگيا پائي، پرڳڻي جي پنچات ڪٺي ٿا ڪريون ۽ مائيءَ جي ڏيرن کي ٻه ٿا گهرايون. ٻئي - ٽن ڏينهن بعد پرڳڻي جا مکي، جهڙوڪ عظمت جو مکي راجل مل، آباد جي ڳوٺ جو مکي جيوترام، محمد آباد جو مکي راموءَ مل ٻڙهياسين جو مکي تيرٿ مل، صرفوءَ جي ڳوٺ جو مکي هاسومل، چڪ جي شهر جو مکي لهرومل رستم جي ڳوٺ جو مکي نوتنداس، مياڻيءَ جي ڳوٺ جو مکي ديولڏاس، جنهن جي ڇوڪري سان مائيءَ جي ڏيرن ڇوڪري مڱائي هئي ۽ ٻين ڳوٺن جا مکي اچي گڏ ٿيا. مائيءَ جي ڏيرن کي گهرايائون.

آچار هليو. ڪي پنج مائيءَ جي پاسي ۽ ڪي مائيءَ جي ڏيرن پاسي ٿيا. ٧-٨ ڏينهن ڏاڍو بحث هليو، پر ڪو به فيصلو نٿي سگهيو. تنهن تي مکي آنندرام ۽ عظمت جو مکي راجلداس مهاراج جن ڏي نهاري چوڻ لڳا ته سائين هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هيءَ فيصلو پنچات کان زور آهي. ستگرن پنچات کي چيو ته جي توهان هي فيصلو نٿا ڪري سگهو ته ساڌ هيءُ فيصلو ڪري ٿا وڃن ته هيءَ ڇوڪري اڳي ٻوءِ ڀيوندرام کي ملندي. تنهن کانپوءِ ڀائي بخشارام کي دلداري ڏيئي آشيرواد ڪري ڳاڏيءَ ۾ چڙهي شهداد پور ڪان لهي

ڪيائو آهي ۽ ستارائڻ تي شادي ٿيندي، انهن مائيءَ جا ڏير ٣٠-٤٠ ڄڻا پاڻ سان وٺي، جهيڙي لاءِ موٽائڻ ۾ آيا.

ستگرن سڀني کي منع ڪئي ۽ چيائون ته وڙهڻ چڱو ناهي ۽ جهيڙو ڪرڻ ڌرم به ناهي. ڳوٺ جا مسلمان، وڏيرو غلام نبي، وڏيرو محمد پناهه، سيد مجيد شاهه، سيد بچل شاهه جي ستگرو مهاراج جن جو ڀڳن سٺي پريمي ٿي پيا هئا، تنهنڪري جڏهن خبر پيئي ته هنن هندن کي چيو ته خبردار، جي درويشن سان جهيڙو ڪيو اٿو. مسلمانن جي دٻائڻ تي اهي چپ ٿي ويا.

مائيءَ جي ڏيرن جي پاسي وارن مان، ڀائي جهنگل مل، سنتو مل ۽ ٻيا به ڪي ٻه-ٽي ڄڻا ساڌن جي پاسي هئا. انهن به ڪين سمجهايو. پر ڪين سمجهائون. راتو رات مائيءَ جي ڏيرن، ڇوڪريءَ جي مامي ٽلو مل کي چيو ته هتي مسلمانن جو زور آهي. هتان سنتن سان ملي، ڇوڪري زوريءَ پرڻائي ڇڏيندا؛ تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته عظمت جي ڳوٺ ڇوڪري وٺي هلجي. اها صلاح ڪري، ڇوڪريءَ کي رات جو هڪ بجي چوريءَ عظمت وٺي ويا. صبوح جو اها خبر ساڌن ۽ ساري ڳوٺ کي پئجي وئي. وڏيري ۽ سيدن کي جڏهن اها خبر پئي، ته مهاراج جن وٽ آيا ۽ چيائون ته هي فقير سائين! توهان حڪم ڏيو ته عظمت مان ڇوڪري ڪڍي اچي توهان جي اڳيان حاضر ڪريون. ستگرن چيو ته زوري ڪرڻ نيڪ ناهي، ڌڻي سڀ ڪنهن کي پنهنجو حق ڏيندو.

ستگرو مهاراج جن ٻه-ٽي ڏينهن موٽائڻ ۾ رهيا. هڪ ڏينهن ڀائي لڇمڻ رام ۽ ڀائي گوبند رام، مهاراج جن کي چيو ته هي ڀڳوان! هاڻي هتي وڌيڪ رهڻ مان ته ڪو به فائدو ڪونه نڪرندو. تنهنڪري اسانجو وچار آهي ته پاڻ سڀئي عظمت

وٽن کي پاسو ڏئي آرام ڪندي. شڪاري جهنگل جي ٻرسان ميدان تي اچي زمير ڪاڻي ڪوڙي، اُن ۾ لوڙي ٻڌي، لوڙيءَ کي وٽي ٻرٽي وڃي ناد وڄائيندو آهي. هرڻ اچي اُنهيءَ ڪاڻيءَ کي ٻڌي ناد ٻڌندو آهي. انهيءَ آواز جي رس ۾ اچي سرٻر سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي اٿس. اُن مهل شڪاري اوچتو لوڙ کي وٽي ڇڪيندو آهي. ڇڪڻ سان لڪڙي ۽ هرڻ ٻڌڙي پوندا آهن. پوءِ شڪاري وڃي هرڻ کي ماريندو آهي

4- مڇيءَ جو ناس ڪنڍيءَ ۾ ٿيندو آهي. ماري ماس پا اٽي جون گوڙهيون ناهي ڪنڍيءَ ۾ وجهي، پاڻيءَ ۾ اڇليندو آهي ۽ مڇي اُن ڪنڍيءَ ۾ ڦاسي پوندي آهي.

5- هاٿيءَ جو ناس ڪامي وشيه ۾ ٿيندو آهي. جنهن ٻن ۾ هاٿي رهندا آهن، تنهن ۾ ماري وڏي کڏ کوٽي اُن جي مٿان سنهڙيون ڪاٺيون وجهي رکي مٿان ٿوري مٽي وجهي ٻڪي ڇڏيندا آهي. ڪاغذ جي هاٿڻ ناهي، کڏ جي مٿان پيهاري ٻاڻ وي وڻ تي چڙهي ويهي رهندو آهي. جنهن مهل هاٿي پريان هاٿڻ کي ڏسندو آهي، تنهن مهل مستيءَ ۾ اچي گجگار ڏي وٽي ڊوڙندو آهي. ڊوڙندو ڊوڙندو وڃي کڏ ۾ ڪرندو آهي. اهڙيءَ طرح ڀورو، پتنگ، هرڻ، مڇي ۽ هاٿي اِهي پنج جيو هڪ هڪ وشيه جي ڪري ناس ٿيندا آهن. تلسيداس مهاراج جن فرمائين ٿا ته اُنهيءَ منش جي ڪهڙي حالت ٿيندي جنهن ۾ اهي پنجئي وشيون موجود آهن؟ پر تنهن منش جي ڇڙڻ لاءِ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي سواءِ هڪ جي.

دوهرو- پانچه هووين نو ڪيا- ٿوڙي هون پچيس،
ٿاسي رج لاڳي نهين- جان گرچرني سيس.

شاهه پت، سو ڪنڌر ۽ شهڪ جي ڳوٺ مان ٿيندا پرچار ڪندا ستگرو ڪنڌڪوٽ ۾ پنهنجي استان تي آيا.

ستگرن جي اوچتي اچڻ جو ٻڌي، ساري شهر جا پريمي مهاراج جن وٽ آيا. پيرين پئي چوڻ لڳا ته ترلوڪي ناٿ! هينئر ته وڏي ڪرپا ڪيئي اٿو، جو جلدي سڌ ڪري موٽي آيا آهيو. پريو! جنهن ڪارج لاءِ ويا هئا تنهن جو ڇا ٿيو؟ وري ته ڪونه ويندا؟ ستگرن چيو ته اَبا! جنهن ڪارج لاءِ ويا هئاسون، سو ڪارج ڀڳوان جي ڪرپا سان پورو ٿيندو. هاڻي ڪجهه وقت ٻاهر ڪونه ويندا سون. اهو ٻڌي سڀئي پريمي خوش ٿيا.

رات جو ٨ بجه ستسنگ شروع ٿيو. ستگرو مهاراج جن پڇن ڪيو. وشيه ڀوڳ جي اثر جي وارتا ڪيائون.

دوهرو- اَل پتنگ مرگهه مين گجه -
اِڪ اِڪ رس ڪي آنچ،
تاسي وان ڪي ڪؤن گت -
جامي وياپت پانچ.

ارٿ: اَل معنيٰ ڀنورو، جو ڪنول گل ۾ سر ڏيندو آهي. ڀنورو ڪنول گل ۾ وڃي ويهندو آهي، اُن گل جي سڳند رَتا، ڪوملتا ۽ سڳنڌيءَ ۾ لولين ٿي، پنهنجي سرير جي سڌ ٻڌ ڀلائي ڇڏيندو آهي. جڏهن رات جو گل بوٽجي ويندو آهي، تڏهن ڀنورو اُنهيءَ ڪنول جي گل ۾ مري ويندو آهي.

٢- پتنگ ٻتيءَ جي پرڪاش تي اڱنيءَ ۾ جلي خاڪ ٿي ويندو آهي.

٣- هرڻ ناد جي آواز تي ناس ٿيندو آهي. جنهن هرڻ جي ڏن ۾ ڪستوري ٿيندي آهي تنهن کي گوڏو ڪونه ٿيندو آهي. سو جي ڪري پوي ته اُتي ڪونه سگهندو آهي.

مطلب : پنج وشيون هجن يا پنجويهه، پر جنهن جگياسوءَ جو ستگرن جي چرن ڪملن ۾ اتئي پهر ڌيان لڳو رهي ٿو، تنهن کي سنسار جون اهي وشيون رنچڪ ماتر به دک ڏئي نٿيون سگهن. تنهن ڪري جيڪي سدائين ستگرن جي اوٽ آڌار وٺي ڪوبه ڪم ڪندا، تنجو پرشارٿ سڦل ٿئي ٿو. انهيءَ وشيءَ تي ستگرو مهاراج جن هيءُ شبد ارٿ سهت ڳائي ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، سٽسنگ سماپت ڪيو.

راڳ ڪنسو

ٿل - جڳت جا پوڄ پڳوت ڪان بندا توکي پلائن ٿا

١- ڏسڻ ۾ ٿي منهي ماکي، دکي ٿيندين چکي چاکي
سمجهه رک تون بڻي ساکي، جگر کي سي جلائن ٿا

٢- ڪتنب ڪلست بندوڻ ناري، تني سان تون نرک ياري
وجهي تو پيار جي جاري، ڦندڪ وانگي ڦسائن ٿا

٣- اڄها تو انت سر آئي، ڌرم دل سان نه ڪيئه پائي
ڪٽي هلندءِ هتان ڪائي، لنبن جي لات لائن ٿا

٤- گرن جي ڏنار ٿي گولي، ڪهي ٽيئون جهلي جهولي
منهي تن جي هدج ٻولي، پرم پولا مٽائن ٿا

اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج جن هر روز نت نيم سان سٽسنگ ڪندا رهندا هئا.

هو ڏانهن ستگرو مهاراج جن جي وچڙ جي خبر هڏي هفتي کن ڪانپوءِ مائيءَ جي ڏيرن اٿي مهورت ڪيائي وهانو جي پڪ ڪئي ۽ جتي چوڪري مگائي هئائون، انهن کي چوائي موڪليائون ته فلاڻيءَ تاريخ عظمت ۾ اچي گهوٽ پرڻائي وڃو. پائي بخشارام پنهنجي پاڻ کي منڪ هڏائي انهيءَ تاريخ تي عظمت ۾ جنج وٺي آيو. هاڻي ڪنوار هڪڙي گهوٽ ٻه. اهو حال ڏسي ساري شهر جا ماڻهو عجب ڪائي پائي گوبند رام